
خدا،
مذهب
۽ سماج
الطاف جاويد
سنڌيڪار
احمد الدين شر بلوچ
Sindhica
سنڌيڪا
sindhica.org

# خدا، مذهب ۽ سماج

بني آدم جي ترقي لاءِ خدا جو ڏنل پيغام
(طبقاتي نقطي نظر کان سورة الفاتحہ جو مطالعو)


**الطاف جاويد**

سنڌيڪار
**احمدالدين شر بلوچ**
(ليڪچرار گورنمينٽ مهراڻ ڊگري ڪاليج مورو)



Sindhica
سنڌيڪا

ڊجيٽل ايڊيشن
2022ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# انتساب

**هارين،**
**مزدورن،**
**شاگردن**
**۽ سپاهين**
**جي نالي**

امام شاهه ولي الله دهلويءَ پنهنجي قرآن جي ترجمي ”فتح الرحمان“ جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي تہ:
”هي ترجمون هارين، هنرمندن ۽ سپاهين جي لاءِ ڪيو ويو آهي.“

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران **الطاف جاويد** جي ڪتاب جو سنڌي ترجمو **”خدا، مذهب ۽ سماج“** اوهان اڳيان پيش آهي، جنهن جو سنڌيڪار **احمد الدين شر** آهي.

هي ڪتابُ ”خدا، مذهب ۽ سماج“ بني آدم جي ترقي لاءِ خدا جي ڏنل پيغام (طبقاتي نقطي نظر کان سورة الفاتحه جو مطالعو) آهي. سورة الفاتحه جي حيثيت قرآن پاڪ جي پيش لفظ (يا مهاڳ) جي آهي. سمورا مسلمان هن سورة سڳوريءَ کي نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهندا آهن. سڀ کان پهريان هن سورة ۾ بيان ڪيل اصطلاحن جي معنى تي غور ڪيو ويجي ٿو ۽ پوءِ ان معنى جي روشنيءَ ۾ انهيءَ جي ترجمي ۽ مطلب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هي ڪتاب 2018ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ پاران ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون سنڌيڪا اڪيڊمي جي سرواڻ نور احمد ميمڻ ۽ فضل الرحمان ميمڻ جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست

**پيش لفظ**........................................................**15**
**حقيقت جو اعتراف**............................................**19**
**قرآن جو مهاڳ**...................................................**25**
پهرين ڳالھ:.................................................26
ٻي ڳالھ: ....................................................27
ٽين ڳالھ: ...................................................27
چوٿين ڳالھ:................................................28
**سورة الفاتحہ جي نزولي زماني جو پس منظر**..........................**32**
سورة الحمد:.................................................32
نالا: ...........................................................32
ام القرآن:.....................................................32
سبع مثاني:.....................................................32
سورة الحمد جو نزول:.......................................33
سورة الحمد ۽ سورة يوسف: ...............................33
سورت الجن ۽ سورت الحمد: ..............................34
سورة الحمد جي باقي لفظن جي تحقيق.......................35
سورة الحمد جي لفظن جو مختصر مطلب:.....................36
سورة ۴۵، حم، الجاثيہ.......................................37
**بسم الله الرحمٰن الرحيم**..............................**39**
**الحمد**...........................................................**43**
مادي ۽ خدا ۾ فرق:..........................................43
ساراهہ ۽ واکاڻ جي نفسياتي شکل:............................44
ساراهہ ۽ واکاڻ جي معاشرتي صورت:..........................44
**الله**...........................................................**46**
وجود باري تعاليٰ جي ثابتي بابت بحث..........................50
خدائي صفتن تي بحث ..........................................56
اولھ جي ڏاهن جو مذهب ڏانهن لاڙو............................62
تجرباتي تائيد: ................................................62
زندگيءَ جو اصل: ..............................................62
تجربن جا نتيجا:.................................................63
مشين ۽ حيواني جسم ۾ فرق:...................................63
برگسان جي تائيد: ..............................................64
لامارڪ جي وضاحت: ..........................................64
لامارڪ جي خلاف برگسان جو جواب ۽ دليل:....................64
نيگلي جي تائيد:.................................................65

ڊي وري جي تائيد:..... 65
آئيمر جي تائيد..... 66
لامارڪ جي نظريي ۾ سچائيءَ جي جهلڪ..... 66
گرامو فون جي رڪارڊ جو مثال..... 67
ارتقا جي مقصديت جا نتيجا..... 67
ڪائنات جي حقيقت مادو آهي يا شعور؟..... 68
اڻويهين صديءَ جا سائنسدان..... 68
بائل جو خيال..... 68
ڪيلون جي تائيد..... 69
برڪلي جي تائيد..... 69
ڪروچي جنتيلي جي تائيد..... 70
اڻويهين صديءَ جي مدي خارج سائنس..... 70
سائنس پنهنجي بت کي پاڻ ئي ٽوڙي ٿي..... 70
اضافيت واري نظريي جا نتيجا..... 70
هيري شمت جو تبصرو..... 71
شعور ڪائنات جي حقيقت آهي..... 71
حقيقت جي ڳولا ۾ طبيعياتي ماهرن جون ڪوششون..... 71
پروفيسر پلينڪ جو تبصرو..... 72
آئن اسٽائن جو تبصرو..... 72
جينز جو استدلال..... 72
جينز جو حوالو..... 72
دنياوي شعور جا ڳڻ..... 73
مقصديت ارتقا جو ڪارڻ آهي..... 73

**مادو ۽ ماديت جو فلسفو..... 75**

مادي جي حقيقت ۽ مذهب سان ان جو لاڳاپو..... 75
حقيقي مذهب ۽ مادو..... 75
مذهب ڇا آهي ۽ ڇا نہ آهي؟..... 76
مذهب جي نئين سر مطالعي جي ضرورت..... 77
مارڪسزم ۾ تضاد..... 78
آئيڊيلزم جو صحيح مطلب..... 79
فلسفياڻي تصور ۽ مذهبي تصور ۾ فرق..... 80
ماديت واري فلسفي جي تدوين جو ڪارڻ..... 80
مادي عالمي نقطہ نظر (از: علي شريعتي)..... 81

**(ب) الله..... 84**

شرڪ..... 84
مهاتما ٻڌ جي تعليم..... 92
ورڌن مهابيرا..... 94
رامچندر:..... 94

**رب..... 95**

ربا (وياج) ۽ محنت جو استحصال..... 100

محنت جو استحصال ٻه گناهه آهي.............................101
ڊاڪٽر رفيع الدين جو استدلال.............................102
اسلامي رياست جو آخري اقتصادي نظام.............................103
اشتراڪي نظام جو الزام.............................103
اهڙي معاشي نظام جي حق ۾ رسول اللهﷺ جي تائيد.............................104

**العالمين.............................107**

ميڪياولي جو قوميت وارو نظريو.............................108
قوميت مذهب جي حيثيت ۾.............................109
قوم پرستيءَ جون خوبيون.............................110
قبائلي اخلاقي ۽ قوميت.............................110
مذهب ۽ قوميت جو نظريو.............................110

**الرحمٰن.............................112**

الغيب.............................114

**الرحيم.............................119**

تاريخ تي ڇا وهيو واپريو؟.............................121
ٻه مذهب.............................122
تهذيب جي شروعات.............................122
آڳاٽو پٿر جو زمانو ۽ زراعت وارو دؤر.............................123
پٿر جو جديد زمانو آدم صفي الله جو دؤر.............................124
پٿر جو جديد زمانو، ترقي وارو دؤر، نوحؑ وارو دؤر.............................125
بادشاهت وارو دؤر حضرت ابراهيم جو دؤر.............................126
غلامن سان ڇا وهيو واپريو؟.............................130

**مالڪ يوم الدين.............................139**

مالڪ.............................139
يهودين ۽ عيسائين جو خدا بابت تصور.............................139
قرآن پاڪ جو خدا بابت تصور.............................140
ڪسب.............................140
مهاتما ٻڌ جو مڪافات عمل بابت تصور.............................141
"دين" جي ٻئي معنيٰ:.............................141
دين جي ٽئين معنيٰ:.............................141
دين جي چوٿين معنيٰ.............................142
يوم الدين ۽ اخلاق جو پاڻ ۾ لاڳاپو.............................143
اهو مقصد ڪيئن حاصل ٿيندو؟.............................146
انقلاب جي ضرورت.............................147
تصوف ۽ يوم الدين.............................148
شڪل متائڻ وارو تصور.............................150
نفسيات ۽ آخرت واري زندگي.............................151
اشتراڪي نظام جي ناڪامي.............................151
ميڪ ڊوگل.............................152

لفظ خدا جي معنيٰ.......... 155
عبادت جو مطلب.......... 155
فرائڊ جو نظريو.......... 157
خواهش جو طوفان.......... 159
اميد ۽ خوف.......... 160
پيءُ ماءُ جي نائبي.......... 160
فوق الشعور جا گڻ.......... 161
فوق الشعور جو سبب.......... 161
لاشعور جا گڻ.......... 161
شعور جا گڻ.......... 162
شعور ۽ لاشعور جو لاڳاپو.......... 162
شعور لاءِ ڏکيائيون.......... 162
شعور جي بيوسي.......... 163
سماج جون نڳيون.......... 163
انسان جو پيدائشي نياڳ.......... 163
فرائڊ جي مقبوليت.......... 164
فحاشي.......... 164
اسان جي نقالي.......... 164
مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جي ثابتي.......... 164
هيگل جي خدا لاءِ واکاڻ.......... 165
ڏکيائڻ جو حل.......... 165
مرڻ کان پوءِ جي زندگي.......... 166
دوزخ.......... 167
جنت.......... 167
موت کان پوءِ ذهني ڪيفيتن جي حالت.......... 167
خواب واري جهان جو مثال.......... 167
اڳئين دنيا جون شيون.......... 168
جنت ۽ دوزخ جا مختلف درجا.......... 168
اعمال نامو.......... 168
حساب جي نوعيت.......... 169
فرد جا عمل ۽ انسانذات.......... 169
صالح ۽ غير صالح عمل.......... 169
قيامت کان پوءِ وارن عملن جو آخري جائزو.......... 169
انسانذات جي عملن جو حساب.......... 169
فرد ۽ انسانذات ۾ هڪجهڙائي.......... 170
فرد ۽ ڪائنات جي زندگيءَ جا مرحلا.......... 170
جنت ۽ خدا.......... 171
قيامت جا سائنسي دليل.......... 171

**اياڪ نعبد.......... 172**

عبادت جي معنيٰ جي وڌيڪ وضاحت.......... 177

**اياڪ نستعين............................................................179**

مولانا ابولڪلام آزاد جي تفسير تي تبصرو.........................183

فقہ خلافت......................................................187

فقہ ملوڪيت......................................................187

فقہ جمهوريت......................................................187

**ابدنا..................................................................190**

"اِهدِنَا" (هدايت)..................................................198

وجود جي تڪوين جا چار مرتبا.....................................198

هدايت جا شروعاتي ٽي درجا.......................................200

هدايت جو هر درجو هڪ خاص حد تائين ڪارگر آهي...........200

هدايت جو هر درجو پاڻ کان مٿين هدايت وٽان سڌاري ۽ نگراني جو متحاج آهي...........................................................201

فطرت جي هدايت جو چوٿون درجو.................................201

الهديٰ..............................................................203

ديني هيڪڙائي جو عظيم اصل ۽ قرآن ڪريم.....................203

دين جي حقيقت ۽ قرآن جي چٽائي..............................204

عام هدايت.......................................................205

انساني نسل جو شروعاتي دؤر ۽ الله جا رسول....................205

خدائي عدل ۽ رسولن جو موڪلڻ.................................205

ڪن رسولن جو ذڪر ڪيو ويو ۽ ڪن جو نہ........................205

بيشمار قومون ۽ بيشمار رسول......................................206

سڀني نبين جي تعليم انساني هيڪڙائي جي هئي....................206

سمورن پاڪ ڪتابن جي هڪجهڙي جي تصديق مان قرآن جو استدلال208

**"الدين" ۽ "الشرع"................................................208**

دينن جو اختلاف..................................................208

اختلاف دين ۾ نہ، پر شرع ۾ ٿيو...................................208

قبلي جي تبديلي ۽ قرآني حقيقت جو اعلان.........................209

قرآن جي نظر ۾ عقيدي ۽ عمل جون اصلي ڳالهيون...............210

شريعتن جو اختلاف خدائي حڪمت هيٺ آهي.......................210

مذهب جي پيروڪارن جي اختلاف جو بنياد..........................210

**"تشيع" ۽ "تخرب" جي گمراهي ۽ تجديد دعوت جي ضرورت.........212**

"تشيع" ۽ "تخرب" جي حقيقت.....................................213

انهيءَ باري ۾ قراني دعوت جا ٽي وڏا ڪم..........................213

يهوديت ۽ عيسائيت جي گروهہ بندي ۽ ان جو رد...................213

عملي طرح وچايل بنيادي سچائي.....................................215

عبادتگاهن ۾ گروهہ بندي..........................................215

ڇوٽڪاري واري قانون جو عام اعلان................................216

يهودين جي غير مذهب وارن سان بد دیانتي ۽ قراني رد.............216

حضرت ابراهيمؑ جي شخصيت مان شاهدي...........................217

اصل دين انساني هيڪڙائي ۽ يائپي آهي ....................... 218
بپتسما جي رسم ........................................................... 219
عمل جو قانون ........................................................... 220
قرآن جي دعوت ........................................................... 220
سيني دينن جي تصديق ۽ ان جي بنيادي تعليم جي پيروي دعوت جو
اصل آهي ........................................................... 221
رسولن وچ ۾ فرق ........................................................... 221
خدا جي سچائي ان جي عالمگير بخشش آهي ........................... 221
واٽون رڳو ٻه آهن ........................................................... 222
قرآن پاڪ جو مذهب جي پيروڪارن کان مطالبو ........................... 223
قرآني اصطلاح ۾ المعروف ۽ المنڪر ........................... 224
"الدين القيم" ۽ "فطرت الله" ........................................ 225
"الاسلام" ........................................................... 225
قرآن ۽ ان جي مخالفن جي جهيڙي جو ڪارڻ ........................... 227
ڇگو ته پوءِ جهيڙي جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟ ........................... 227
قرآن ۽ ان جي مخالفن طرفان جيڙي جا ٽي ڪارڻ ........................... 228
بحث جو تت ........................................................... 229
**صراط مستقم ........................................................... 232**
صراط ........................................................... 232
مستقيم ........................................................... 232
**صراط الذين انعمت عليهم ........................................... 235**
نبي سڳورا ........................................................... 235
صديق ........................................................... 235
شهيد ........................................................... 236
صالح ........................................................... 236
امام ولي الله جو "نظريو مفهمين" ........................... 236
سامي نسل جا نبي سڳورا ........................................... 240
سامي نسل جا نبي سڳورا ........................................... 241
آدم صفي الله ........................................................... 241
حضرت نوحؑ جو زمانو ........................................... 242
حضرت هود ۽ عاد جي قوم ........................................... 243
حضرت صالحؑ ........................................................... 243
حضرت شعيبؑ (مدائن جي ماڻهن ڏانهن ........................... 243
حضرت ابراهيمؑ ........................................................... 243
حضرت يوسفؑ ........................................................... 245
حضرت موسيٰؑ ۽ بني اسرائيل ........................................... 245
حضرت عيسيٰؑ ........................................................... 247
آريائي نسل جا نبي ........................................................... 248
حضرت شري ڪرشن ........................................................... 248
حضرت مهاتما ٻڌ ........................................................... 251

هڪ غلط فهميءَ جو ازالو........................................252
مهاتما ٻڌ بابت مولانا ابو الڪلام آزاد جي راءِ .................254
حضرت رام چندر..................................................256
حضرت مهاوير ....................................................256
حضرت زرتشت ....................................................257
يونان جو الله تعاليٰ طرفان موڪليل سقراط.....................258
خدا طرفان مصر ڏانهن موڪليل بادشاهه آخن اتون ............260
زرد نسل جا عظيم سڌارڪ......................................261
چين ۾ خدا جو موڪليل ڪنفوشس.............................261
**غير المغضوب..........................................................263**
هڪ غلط فهمي جو ازالو.........................................264
**ولا الضالين..............................................................271**
سورت الفاتحہ جو تعليمي ۽ انقلابي روح.........................274

# عهد نامو

## (إِيَّاكَ نَعْبُدُ)

اي الله! اسان واعدو ٿا ڪريون تہ تنھنجي ربوبيت جي وسيلن ۽ ٻاجھہ جھڙوڪ زمين، ٻيلن، ڪارخانن، خام مال جي ذخيرن، قيمتي ڌاتن، پٿرن ۽ ڪوئلي وغيره جي کاڻين ۽ تيل جي چشمن تي ذاتي قبضو ڪري، نوي سيڪڙو انسانن کي انهن وسيلن ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم ڪندڙ واڳ ڌڻين، مالدار طبقي ۽ ان جي جوڙيل معاشي نظام، سياست ۽ تهذيب کي رد ڪريون ٿا. انهيءَ نظام ۽ طبقي جي خلاف بغاوت ڪريون ٿا. اسان رڳو تنهنجي ئي ربوبيت واري نظام کي پنهنجايون ٿا. اهڙو نظام جنهن ۾ سمورا پيداواري وسيلا عوام جي لاءِ وقف هوندا آهن. جنهن ۾ هر فرد انهن وسيلن مان بنا ڪنهن رڪاوٽ جي لاڀ حاصل ڪري سگهندو آهي ۽ پنهنجي ڪمائيءَ جو پاڻ ئي مالڪ هوندو آهي. تنهن ڪري اسان لوٽي ۽ استحصال پسند معاشي، سياسي ۽ تهذيبي نظامن ۽ هر قسم جي بت پرستي، مادي پرستي، شخصيت پرستي ۽ نفساني خواهشن کان منهن موڙي رڳو تنهنجي ئي فرمانبرداري ڪنداسين.

## (إِيَّاكَ نَسْتَعِينُ)

اي الله! اسان واعدو ڪريون ٿا تہ تنهنجي پيدا ڪيل ربوبيت جي وسيلن تي ذاتي ملڪيت قائم ڪندڙ نظام، جنهن ۾ اسان پنهنجي پورهئي کي وڪڻي رڳو پنهنجي ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ تي مجبور ڪيا ويا آهيون. اسان جي پورهئي جو اجورو بہ اسان جو واڳ ڌڻي مقرر ڪري ٿو ۽ رڳو ايترو ڏئي ٿو جو اسان جيئرا رهي پنهنجي انهن ڪوڙن خدائن جي دولت ۾ پنهنجي پورهئي سان واڌارو ڪرڻ لائق ٿي سگهون. اهڙي معاشي نظام ۽ اهڙي طبقي خلاف، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندي، صبر ۽ نماز (ثابت قدمي ۽ ذميوارين

جي پورائي) وسيلي رڳو تنهنجي مدد جا طلبگار رهنداسين.

اسان بابل جي بادشاه ’موربي‘ کان وٺي اڄ تائين جي جوڙيل دستورن جي مجموعن کي رد ڪريون ٿا جيڪي اصل ۾ رعايت ڏنل طبقن پنهنجي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ جوڙيا آهن. ڇو جو اهي قانون ۽ دستور (constitutions) غلاميءَ جي آڳاٽي شڪل کي ختم نه ڪري سگهيا آهن ۽ نه ئي ربوبيت جي وسيلن ۽ رحمت مان عام ماڻهو کي فائدو ماڻڻ جو موقعو ڏئي سگهيا آهن.

تنهنجي جوڙيل ربوبيت واري نظام جي ڀيٽ ۾، انسان جي جوڙيل ربوبيت واري نظام ۾ هيءَ خرابي آهي جو انهيءَ ۾ هڪ عام ماڻهو پنهنجي جسماني، گهريلو توڙي مادي ضرورتن کي پورو نٿو ڪري سگهي، جنهن ڪري ڪيس دلي اطمينان حاصل ٿي نٿو سگهي. انهيءَ بي اطمينانيءَ جي ڪري هو هڪ منو ٿي تنهنجي عبادت به نٿو ڪري سگهي. نه ئي جبلتن جي حيواني گهرجن تي ضابطو آڻڻ لاءِ پنهنجي عبادت کان مدد وٺي سگهي ٿو. اهڙي طرح ان جي فطرت ۾ تنهنجي روح ڦوڪڻ سان جيڪا خدائي نورانيت (Divine energy) پيدا ٿي آهي، تنهن ۾ نفس تي ضابطي جي وسيلي ترقي ۽ بهتري آڻي نٿو سگهي. ڇو جو تو انسان کي چيڪي مٽي (mud) ۽ پنهنجي روحاني ڦوڪ جي مرڪب مان جوڙيو آهي. تنهن ڪري ظاهر آهي ته جيستائين چيڪي مٽي، يعني جسم جون گهرجون پوريون نه ٿينديون، جن جو زندگيءَ جي بقا لاءِ فوري پورائو ضروري آهي، ان وقت تائين تنهنجي خدائي نورانيت يا قوت جي گهرجن ڏانهن ڪو به ماڻهو ڌيان ڏئي نٿو سگهي.

## (اهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ)

اي الله! اسان انهن مذهبي اڳواڻن جي گروهه بندين کي رد ڪريون ٿا ۽ تنهنجي پيغام ۽ تنهنجي مقدس وحي جي وسعت ۽ عالمگيريت توڙي تنهنجي سمورن پيغمبرن جيڪي سامي، آريائي، ۽ زرد نسلن ۾ موڪليا ويندا رهيا، تن تي ايمان آڻيون ٿا. انهن جي پاڪ ڪتابن ۾ موجود گڏيل اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن کي رواج ۾ آڻڻ ۽ ڪائنات ۽ انساني فطرت جي روحاني تصور واري اصول تي انساني اتحاد ۽ عالمگير روحاني اشتراڪي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ جاکوڙ ڪريون ٿا.

# پيش لفظ

منهنجي تازي لکيل ڪتاب ”انقلابِ مڪہ اور فهم قرآن ڪي نئي مناهج“ ڇاپجڻ کان پوءِ منهنجي ڪيترن ئي دوستن تاڪيد سان اها ڳالهہ چئي تہ قرآن پاڪ جي نزولي ترتيب ۽ طبقاتي نقطي نگاهہ کان هن وقت تائين سموري تفسيري ادب ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي وئي آهي. ان جو دليل هي آهي تہ انهيءَ تفسيري ادب جي باوجود، جنهن ۾ مسلمانن جو هر فرقو هر دؤر ۾ واڌارو ڪندو رهيو آهي، بادشاهيت، جاگيرداري نظام، غلاميءَ جي اداري، عورت جي مٿان مرد جي حاڪميت ۽ علم بالقلم جي بدران يوناني استخراجي عقليت جو خاتمو نہ ٿي سگهيو. ايتري تائين جو يورپ جي ٻيهر ترقي وٺڻ کان پوءِ اڀرندڙ سرمائيداراڻي معاشي نظام، وياج جي بنياد تي ڪاروبار ڪندڙ بئنڪن جو واپاري نظام، مذهب جي مڪمل شڪست جي شهري ۽ معاشي سببن ۽ اولهائين تهذيب جي سائنسي ۽ علمي ترقي باوجود ان جي سامراجي ڪردار ۽ اخلاقي ڇڙواڳي ۽ انهن جي سببن تي ڪوبہ تفسير روشني نٿو وجهي. ان ڪري وقت جي اشد ضرورت آهي تہ مسلمان امت جي بيٺل زندگيءَ ۾ نئين جنبش ۽ چرپر پيدا ڪرڻ لاءِ ذڪر ڪيل انهن ٻنهي اصولن جي روشنيءَ ۾ هڪ تفسير لکيو وڃي. آيتن جي نزولي ترتيب سورتن جي تاريخي حيثيت کي چٽو ڪري ٿي جنهن سان معنيٰ ڪيڻ وقت مفسر جي ذاتي راءِ جو دخل ختم ٿي وڃي ٿو ۽ تاريخي حوالا ئي ان جي معنيٰ کي چٽو ڪن ٿا. جڏهن تہ طبقاتي نقطي نگاهہ ٻڌائي ٿي تہ اها معنيٰ رڳو عياشيءَ ۾ پليلن (مترفين) يعني رعايتون ڏنل طبقي جي حق ۾ وڃن ٿيون يا وري هيٺن (مستضعفين) يعني پورهيتن ۽ ڏتڙيل طبقن جي مفادن خلاف وڃن ٿيون.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ باري ۾ پرفيسر محمد اجمل خان جي ”سيرتِ قرآنيہ“ ۽ جناب غلام احمد پرويز جون ڪوششون موجود آهن. پر انهن ٻنهي جي تفسيرن ۾ هڪ بنيادي عيب هي آهي تہ انهن جيڪو انداز اختيار ڪيو آهي، سو پورهيت بابت سڌي طرح ڳالهہ نٿو ڪري. انهيءَ مان وچولو طبقو تہ ڪجهہ فائدو حاصل ڪري سگهي ٿو، پر هاري، پورهيت ۽ وچولي طبقي ۾ هيٺيون حصو انهيءَ مان محروم ٿي رهي ٿو. جڏهن تہ اِها ئي اُها سگهہ آهي، جنهن جو طبقاتي شعور معاشري ۾ بنيادي تبديلي آڻي سگهي ٿو. سوويت يونين ڪان وٺي نڪارا گوا تائين، انهيءَ طبقي پورهيت ۽ ڏتڙيل ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪري، انقلاب جي وڪ وڌائي آهي. اِهو ئي اُهو طبقو آهي، جنهن جي شعور کي قرآن پاڪ ۽ دنيا جي مذهبي ڪتابن مخاطب ڪيو آهي. جيڪڏهن انهن مذهبي ڪتابن جي طبقاتي ۽ انقلابي تعليم ۽ انهن جي پاڪ بانين طرفان معاشري کي تبديل ڪرڻ جي اڻتڪ جاکوڙي علم سان مسلح ڪيو وڃي تہ معاشري ۾ انقلاب اچي سگهي ٿو. امام شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ پنهنجي ترجمي بابت لکيو آهي تہ اهو ترجمو هارين، ڪاريگرن ۽ سپاهين جي لاءِ ڪيو ويو آهي. موجوده دؤر ۾ اهي ئي پورهيت سڏيا وڃن ٿا. امام صاحب جون سموريون ڪوششون انهيءَ ئي ڏس ۾ آهن.

پورهيت ۽ ڏتڙيل عوام جي جاکوڙ جو هڪ دؤر سوويت يونين ۽ ان جي اشتراڪي (گڏيل) معاشري جي خاني، جيڪو نظرياتي بہ آهي ۽ عملي بہ آهي، تي آڌاريل هو سو ختم ٿي چڪو آهي. هن دؤر ۾ مذهب کي رد ڪري، جدلياتي ماديت جي فلسفي کي گڏيل (اشتراڪي) معيشت جو نظرياتي بنياد بڻايو ويو. جنهن جي منطقي نتيجن ٻين عاملن سان گڏجي اجتماعي معيشت کي سرمائيداراڻي معيشت جي مقابلي ۾ شڪست جي منهن ۾ ڌڪي ڇڏيو. جيئن تہ مذهب پنهنجي بگڙيل شڪل ۾ بہ ڪروڙين ماڻهن جي دل ۽ دماغ سان وابستگي رکي ٿو. تنهن ڪري ضروري ٿي پيو تہ اشتراڪيت جي هڪ دؤر جي خاتمي کان پوءِ ۽ ان جي شڪست وارن سببن جي اونهي مطالعي مان مليل نتيجن جي روشنيءَ ۾، ٻيهر مذهب کي رد ڪرڻ ۽ فرد جي ذهني ۽ سماجي آزادي تي رڪاوٽ وجهڻ کان پاسو ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ ڪيترائي اشتراڪيت نواز دانشور ٻيهر پنهنجي ساڳي ئي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، جهڙي طرح مسلمان ۽ ٻين مذهبن جا دانشور

نئين حالتن کي پنهنجائڻ بدران ماضي ڏانهن موٽي وڃڻ کي مذهب جي دائميت جو بنيادي شرط سڏي رهيا آهن.

انهن حالتن کي سامهون رکندي ضروري ٿي پيو آهي ته قرآن پاڪ جو جيڪو دنيا جي مذهبي تعليمن کي هڪ هنڌ گڏ ڪندڙ آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري ڪتاب آهي، نزولي ترتيب کي ڌيان ۾ رکندي مطالعو ڪيو وڃي. جيئن ان پنهنجو پاڻ ئي عيش عشرت ۾ پليلن، وڏائي ڪندڙن جي مقابلي ۾ ڪمزورن ۽ عام ماڻهن جي طبقن کي متعارف ڪرايو آهي تيئن گڏيل معيشت، جيڪا نبين جي ڏنل تاڪيدي معيشت آهي، سا نظرياتي بنياد ۽ جدلياتيماديت جي ڄجهي ۽ ناڪاري ڳڻن واري فلسفي بدران نبين جي ڏنل تعليم تي قائم ڪئي وڃي.

سموري انساني تاريخ ۾ جڏهن به ڪا انقلابي چرپر پيدا ٿي ته اها مذهب جي بنياد تي ظاهر ٿي آهي. ماديت جي فلسفي جي بنياد تي ڪا به انقلابي هلچل پيدا ٿي نه سگهي آهي. مارڪس جدليات کي مادي سان متعارف ڪري هڪ حرڪي فلسفي جي تدوين جي ڪوشش ڪئي هئي. پر ان جي باوجود، جيئن ته ماديت پنهنجو پاڻ هڪ ڄجهو ۽ قدرن کان خالي نظريو آهي، تنهن ڪري جدليات جو تعارف ان کي ڪائنات ۾ زندگيءَ جو سگهارو ۽ لڳاتار عطائن وارو نظريو نه بڻائي سگهيو. ان جي پيٽ ۾ نبين جي تعليم، جنهن جو بنياد سمجهه پري، سڀ ڪجهه ڪري سگهڻ، هميشه زنده ۽ موجود رهندڙ ۽ اڻ کٽ تخليقي صلاحيت واري ذات آهي، ماديت جي فلسفي يا جدلياتي ماديت جي پيٽ ۾ انقلاب لاءِ هڪ مضبوط ۽ مستحڪم بنياد مهيا ڪري ٿي. جدلياتي ماديت ۾ تڪليف ڏيندڙ رخ هي آهي ته جدلياتي ماديت جتي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل طبقن جي خلاف جاڪوڙ لاءِ اڀاري ٿي- اتي اها مذهبي پيشوائيت سان مقابلو ڪرڻ بدران، انهن کي نظر انداز ڪري، اڳتي وڌي وڃي ٿي. جڏهن ته صورتحال اها آهي ته طبقاتي معاشي نظام، پوءِ پلي اهو قديم هجي توڙي جديد، پنهنجي وجود جي ضرورت لاءِ سند (سرٽيفڪيٽ) به مذهبي پيشوائيت کان ئي حاصل ڪندو آهي ۽ ڪندو رهيو آهي ۽ اڄ تائين ڪري به رهيو آهي. تنهن ڪري جيستائين مذهب کي طبقاتي نقطي نگاهه کان ۽ مذهب جي پاڪ پوتر بانين جي تعليمي پس منظر ۾، جيڪا تاريخ جي هر موڙ تي نمايان نظر اچي ٿي، اونهو مطالعو

نٿو ڪيو وڃي ۽ ان کي اپنايو نٿو وڃي، تيستائين دائمي ۽ مستقل اشتراڪي انقلاب ناممڪن آهي.

خوشقسمتيءَ سان اسان جي ويجهڙائي ۾ ننڍي کنڊ پاڪ و هند جي انقلابي مذهبي فيلسوف، علامہ اقبال ۽ ان جي فلسفي ۽ تعليم جي روح موجب، سندس ڪلام جي تشريح ڪندڙ ڊاڪٽر علي شريعتي جي شڪل ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي. اهي ٻئي مفڪر غير طبقاتي معاشري جي قيام ۽ پيداواري وسيلن جو مزدور ۽ ڏتڙيل ۽ محروم ڪيل عوام جي هٿ ۾ پهچڻ جا قائل آهن. اها پڪي نڪي ڳالهہ آهي تہ ڪوبہ دانشور، مفڪر يا فيلسوف، جيئن اقبال پنهنجي خطبن جي تمهيد ۾ چيو آهي، پنهنجي فڪر ۾ قطعيت نہ رکندو آهي. ڇو جو ارتقائي چرپر ڪائنات ۽ معاشري کي هر گهڙيءَ موجب قرآن ڪريم جي قول ”كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ“ ڦيرينديء رهندي آهي، تنهن ڪري اهو لازم ٿئي ٿو تہ انهن ٻنهي مفڪرن جي ڪم کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ پنهنجي دؤر جي فڪري ۽ معاشرتي گهرجن موجب نئين سر جوڙ جڪ ڪئي وڃي. ان باري ۾ ڪارل مارڪس جو فڪر ۽ ان جا شهري تجزيا بہ اڇي وڃن ٿا. جيڪو جسماني مادي جو محسوس ۽ نظر ايندڙ پاسو آهي، جنهن تي تڪاءُ اسان ۾ ان بابت سمجهہ پيدا ڪندو آهي ۽ اها ڳالهہ ڪو وهم نہ پر حقيقت هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ حواسن جو حاصل ڪيل علم ”حق“ آهي، ڪو دوکو نہ (illusion) آهي. پر اهو وجود، جيڪو اسان جي حواسن جي سمجهہ ۾ ايندو آهي سو نظر ايندڙ وجود جو عڪس آهي. جيڪڏهن نظر ايندڙ وجود جو انڪار ڪيو وڃي تہ مادي وجود بي مقصد بڻجي ويندو آهي، جنهن کي ميچڻ سان نہ رڳو فڪر ۾، پر اخلاق ۾ بہ بگاڙ پيدا ٿي ويندو آهي. ان جو مثال روس ۽ ٻين اشتراڪي (گڏيل) معاشرن جو اسان جي سامهون آهي.

ان جو بنيادي سبب هي آهي تہ نظر ايندڙ وجود مان اڻ لاڳاپيل وجود جو تصور ـ ماڻهوءَ جي اڳيان مادي ضرورتن جي پورائي ۽ ڪائنات کي پنهنجي ڪم ۾ آڻڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو نفسياتي ۽ اخلاقي ۽ روحاني مقصد پيش نٿو ڪري. اهو ئي سبب آهي جو گڏيل معاشري جو فرد اولهہ جي ورثي ۾ مليل آزاد ۽ اخلاقي قدرن کان خالي تهذيب جو عاشق بڻجي ويو ۽ قرآن ۽ گيتا موجب، هن پنهنجي ادنيٰ فطرت ۽ جبلتن جي حيواني گهرجن مان

ايرندڙ نفساني خواهشن جي پورائي کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ورتو. اولهه جي تهذيب، پنهنجي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ حيران ڪري ڇڏيندڙ ارتقا باوجود محنت جي استحصال، ڪمزور قومن کي غلام بڻائڻ، جنسي ڇڙواڳي، جوئا، لونڊي بازي، خون خرابي، ڪرائي جي بدمعاشن کان دشمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ دولت جو خرچ ڪرڻ جهڙن غير انساني روين کي پنهنجائي چڪي آهي. اهو سڀ ڪجهه اشتراڪي معاشري ۾ به، مذهب جي ڏنل اوچن اخلاقي ۽ روحاني مقصدن جي جاءِ تي آهستي آهستي اپري رهيو هو. روس جي گڏيل معاشري ئي خلا تي ضابطو آندو هو پر ان جي باوجود به روس ڇڙوڇڙ ٿي ويو. جڏهن ته اولهه جي تهذيب انهيءَ سخت تباهيءَ کان بچي وئي آهي، ڇو جو انهيءَ فرد کي ”مذهب“ جي آزادي ڏئي ڇڏي آهي. گرجا گهر موجود آهي، ته ڪليسا جي تنظيم به موجود آهي. پر اشتراڪي ڏاهپ ان جي برخلاف مذهب کي پاڙئون پٽي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي. سورة ڪهف جي آخري آيت ۾ قومن جي تباهي، خاص ڪري حسيت پسند (sanset) قومن جي تباهيءَ جو سبب، مذهب کي مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏڻ ٻڌايو ويو آهي، جيئن ٻڌايو ويو آهي:

ذَٰلِكَ جَزَاؤُهُمْ جَهَنَّمُ بِمَا كَفَرُوا وَاتَّخَذُوا آيَاتِي وَرُسُلِي هُزُوًا

﴿الكهف: ١٠٦﴾

”اِها سندين سزا دوزخ انهي سببان آهي جو ڪفر ڪيائون ۽ منهنجي آيتن ۽ منهنجي پيغمبرن کي ٺٺولي ڪري ورتائون.“

تنهن ڪري اشتراڪي معاشري جو سمورو ادب ۽ ان جي پيغام رساني جا وسيلا، مذهبي عقيدن ۽ ان جي بانين تي ٺٺول ۽ انهن جي بي آبروئي تي آڌاريل هو. انهيءَ ڪري مڪمل تباهي ۽ بگاڙ ان جو نصيب بڻجي ويو هو.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته انسان جو ڇوٽڪارو گڏيل معيشت ۾ آهي. پيداواري وسيلن تي ڪنهن هڪڙي ماڻهو جي مالڪي نه آهي. ان جي جٽاءَ ۽ مضبوطي جي لاءِ ضروري آهي ته ماڻهو جي سامهون ان جي مادي ضرورتن جي پورائي کان پوءِ، ان کان وڌيڪ اوچا ميدان موجود هجن، جن ڏانهن هو مادي ضرورتن جي پورائي سان پيدا ٿيڻ واري اطمينان حاصل ٿي وڃڻ کان پوءِ اڳتي وڌي سگهي. اهو اوچو ميدان رڳو فطرت جي تسخير نه آهي،


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي پڻ پنهن جائڻ آهي. ڇو ته فطرت جي تسخير سان هٿ اچڻ واري سگهه اخلاقي ۽ روحاني مقصد جي غير موجودگي ۾ رڳو جنس (sex) ۽ بک جي گهرجن کي ئي پورو ڪري سگهي ٿي.

هتي انهيءَ اعتراض جو جواب جو ضروري آهي ته مذهب پسند معاشرا ڇاجي ڪري اخلاقي ڊيوالپڻي جو شڪار ۽ معاشي لحاظ کان ڏتڙيل هوندا آهن؟ ان جو بنيادي سبب پيداواري وسيلن تي ٿورڙن ماڻهن جو قبضو آهي، جنهن ڪري نوي سيڪڙو ماڻهو پنهنجي مادي ضرورتن کي پورو نٿا ڪري سگهن پوءِ پلي ڇونه اهي جمالياتي ۽ روحاني ضرورتن کي پورو ڪري سگهڻ جي لائق بڻجي سگهن. ان جو مطلب هي ٿيو ته گڏيل يا اشتراڪي معاشرا مذهب جي ڏنل اعليٰ اخلاقي، جمالياتي ۽ روحاني مقصدن کي حاصل ڪرڻ کانسواءِ ۽ مذهبي معاشرا گڏيل معيشت کي پنهنجائڻ کانسواءِ ڪامياب ٿي نٿا سگهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته گڏيل معيشت ۽ مذهب جي اوچي جمالياتي، اخلاقي ۽ روحاني مقصدن کي هڪ جيتري اهميت ڏني وڃي نه ته ٻئي تباهي ۽ ناڪامي جو منهن ڏسندا.

مان پنهنجي ناچاقي سبب سموري قرآن ڪريم کي نزولي ترتيب ۽ طبقاتي نقطي نگاهه کان ته في الحال پيش نه ڪري سگهيس. باقي سورة فاتحه جو انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪرڻ جي جرئت ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن صحت اجازت ڏني ۽ خدائي توفيق شامل رهي، ته سموري قرآن پاڪ جو انهيءَ تحقيقي طريقي تي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**الطاف جاويد**

26 نومبر 1996

# حقيقت جو اعتراف

سورة الفاتحہ جي هن شرح ۾ جنهن نقطي نگاهہ ۽ خيالن جو اظهار ڪيو ويو آهي، سو سڀ حضرت عبيدالله سنڌي جي فڪر مان اخذ ڪيل آهي. مان سنڌ جي پير جهنڊي واري مدرسي دارالارشاد ۾ حضرت سنڌيؒ جي خدمت ۾ سندس وفات آگسٽ 1944ع تائين، هڪ سال کان وڌيڪ عرصو رهيس. انهيءَ وچ ۾ مون جيڪي ڪجهہ ڪائنن ٻڌو ۽ پڙهيو تنهن جي روشني ۾ سندس بنيادي ۽ مرڪزي نڪتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. شيخ بشير احمد لڌيانويؒ بہ مون سان گڏ هو. مون انهن نڪتن کي معتين ڪرڻ لاءِ ساڻس ڪيترائي دفعا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. اهي نڪتا معاشيات ۾ طبقاتي نقطي نگاهہ قرآن پاڪ جي نزولي ترتيب، دينن جي وحدت، مطالعي ۽ تسخير ڪائنات تي زور، امام ولي الله دهلويؒ ۽ سندس سياسي تحريڪ جو تفصيلي تجزيو ۽ تعارف، ختمِ نبوت جي مطلب، عالمگير انقلاب جي پروگرام ۽ ان لاءِ عوام جي شعور کي طبقاتي بنياد تي سجاڳ ڪرڻ ۽ منظم ڪري انقلاب آڻڻ تي آڌاريل آهي.

نزولي ترتيب تي ڪم ڪرڻ لاءِ مولانا آزاد جي پرسنل سيڪريٽري پروفيسر محمد اجمل خان کي متعين ڪيو. هن ڪجهہ سالن جي محنت ۽ تحقيق سان بہ هزار صفحن تي مشتمل نزولي ترتيب جي روشنيءَ ۾ سيرت پاڪ سهيڙي ورتي. ان جو تفصيل مون پنهنجي ڪتاب ”انقلاب مڪہ اور فهم قرآن ڪي جديد مناهج“ ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. مولانا موصوف ”قرآن ڪريم جي نزولي ترتيب“ تي پنهنجو ديباچو بہ لکيو آهي. آيتن ۽ سورتن جي نزولي ترتيب سان ’تفسير بالراءِ‘ جو دروازو بہ بند ٿي وڃي ٿو ۽ آيتن ۽ سورتن جي معنيٰ ۽ مطلب، انهن جي نزولي دؤر جي تاريخي حوالي سان متعين ٿي وڃي ٿو. اهڙي طرح مفسر جي پنهنجي ذاتي راءِ ڏيڻ جو سلسلو ختم ٿي وڃي ٿو. پروفيسر اجمل خان هڪ خط ۾ مون کي ٻڌايو تہ ڪيس مولانا سنڌيؒ اهو ڪم ڪرڻ جي لاءِ همٿايو هو. اهو خط مون

ڊاڪٽر سلمان شاهجهانپوري کي ڏئي ڇڏيو هو.
معاشيات جي طبقاتي نقطي نگاهه کي ماسڪو جي قيام سان سگهه ملي ۽ مولانا موصوف مزدورن ۽ ڏتڙيل عوام جي حق ۾ هڪ طرفو (Partisan) ٿي ويا ۽ قرآن حڪيم جي تفسير ۽ مطالعي سان انهيءَ ورچ واري طريقي کان ڪم وٺڻ لڳا. مولانا ڪيترائي دفعا فرمايو ته جيستائين امت جي گهٽائي جو شعور نه جاڳندو، جيڪا مزدور ۽ ڏتڙيل عوام تي مشتمل آهي، تيستائين رڳو قبضو ڪري ويٺل طبقن جي حڪمراني امت جي سجاڳيءَ لاءِ ڪم نٿي ڪري سگهي. مولانا جي تفسير ۾ مذهبي پيشوائيت ۽ سرمائيداراڻي معاشي نظام تي سخت تنقيد موجود هوندي.
اسلام جي عالمگير جي رخ کي سمجهڻ ۽ انسان جي خلافت قائم ڪرڻ لاءِ "دينن جي هيڪڙائي" سندن پسنديده موضوع هو. امام شاهه ولي الله ﷫ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "حجة الله البالغه" ۾ "اخلاق اربعه" جي باب ۾ فرمايو آهي ته سمورن نبين سڳورن کي موڪلڻ جو مقصد انهن چئن اخلاقن کي عوام ۾ عام ڪرڻ ۽ انهن کي انساني نفسيات ۾ ڪپاٽڻو هو. اهي اخلاق سمورن پاڪ ڪتابن ۾ تحريف جي باوجود موجود آهن. مولانا صاحب سامي قومن جي نبوت ۽ آريائي حڪمت ۾ هڪجهڙائيءَ تي روشني وڌي آهي ۽ حضرت ابراهيم ؑ کان اڳ وارين قومن ۾ خدائي وحي جي نوعيت ۽ حضرت ابراهيم ؑ کان حنيفيت واري تحريڪ جي جاري ڪرائڻ ۾ بنيادي فرق کي تمام ئي چٽائيءَ سان پيش ڪيو آهي. شاهه صاحب جي رسالي 'تاويل الاحاديث' ۽ سورة انعام جي تشريح ۾ انهيءَ کي ڏسي سگهجي ٿو. انهيءَ نظرياتي ۽ فڪري بنياد تي دنيا جي مذهبن ۽ انهن جي پيروڪار قومن ۾ ٻڌي ۽ هيڪڙائي پيدا ڪري سگهجي ٿي. جيتوڻيڪ انهيءَ عمل ۾، هر مذهب جي مذهبي پيشوائيت سان ٽڪراءُ اڻ ٽر آهي.
ان سلسلي ۾ مولانا صاحب علامه اقبال ﷫ جي نظم 'نيا شواله' تي روشني وجهندي فرمايو هو ته اڪبر اعظم جي حڪومت سچ پچ هڪ مهاديو جو نئون استان (نيا شواله) هئي، جنهن جو نظرياتي بنياد ابن عربي جي فلسفي وحدة الوجود تي رکيو ويو هو. ترڪي ۾، مولانا هندستان جي ورهاڱي جو جيڪو نقشو ٺاهيو هو انهيءَ نقشي ۾ سنڌو، نربدا ۽ جمنا ندي ۽ انهن مان نڪرندڙ شاخن سان آباد ٿيندڙ علائقو موجود هو. انهيءَ علائقي ۾ دهلي ۽ بنارس بئي شامل هئا. مولانا فرمائيندو هو ته هن علائقي ۾ قائم ٿيندڙ

حڪومت جو نظرياتي بنياد ابن العربي جو فلسفو وحدت الوجود هوندو. انهيءَ فلسفي جي بنياد تي اسان انسانيت جا سچا خدمتگار پيدا ڪنداسين. اهي خدمتگار هندو ۽ مسلم مذهبن سان تعلق رکندڙ هوندا ۽ انهيءَ ۾ ٻين مذهبن جا روشن فڪر ۽ انسان دوست عالم ۽ ڏاها به شامل ٿي سگهن ٿا. اهري طرح خدا پرستن جو هڪ بين الاقوامي معاشرو وجود ۾ اچي ويندو. انهيءَ ڪري هن ”جمنا نربدا سنڌ ساگر پارٽي“ پڻ جوڙي هئي.

امام ولي الله فرمايو آهي ته ڪيس به علم عطا ڪيا ويا آهن. هڪڙو دين جي اسرارن جو علم ۽ ٻيو علم ’تطبيق الارا‘. امام صاحب انهن علمن جي بنياد تي مشتمل ڪتاب حجة الله البالغہ سهيڙيو. مولانا فرمائيندو هو ته دين جي اسرارن جو علم ته هر نئين تاريخي دؤر ۾ انهيءَ دؤر جي گهرجن موجب قرآني فڪر تي سهيڙيو رهندو پر علم ’تطبيق الارا‘ تي پاڻ امام ولي الله فقہ ۽ علم الڪلام جي مختلف نظامن ۾ گڏيل بنيادن واري تحقيق لاءِ ڪم ڪيو. سندس سڀ کان اهم ڪم دنيا جي مذهبن جي ساڳين ڳڻن کي ڄاڻڻ ۽ انهيءَ بنياد تي مذهبن جي هيڪڙائي واري فسلفي کي ترتيب ڏيڻ هو. انهيءَ بنياد تي موجوده دؤر جو هر مهذب ۽ روشن فڪر ۽ انسان دوست ڏاهو انساني اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ تمام ئي سؤلائيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿو، ڇو جو اڄوڪي دؤر ۾ نه رڳو علم تمام گهڻي ترقي ڪري چڪو آهي، پر پيغام رسانيءَ جي وسيلين ۾ وسعت ۽ لائبريرين ۾ سمورن علمن تي ڪتابن جي گڏ ٿي وڃڻ جو ڪم عمل ۾ اچي چڪو آهي.

مولانا فرمائيندو هو ته يورپ ۾ فطرت جي مطالعي ۽ ان کي پنهنجي ڪم ۾ آڻڻ (تسخير) جي عمل سان چار علم پيدا ٿيندا آهن. پهريون انڊسٽريلزم يا مشيني صنعت جي واڌ ويجهہ آهي، جنهن سان انساني محنت جو ٻوجهہ هلڪو ٿئي ٿو ۽ ان جي وسيلي علمي ۽ تهذيبي ارتقا جي لاءِ واندڪائي وڌي چڪي آهي. ٻيو لبرل ازم آهي، جنهن ۾ علم جي پکيڙ ۽ ٻين علمن ۽ خيالن ۾ موجود اختلافن کي صبر، بردباري ۽ کليل ذهن سان برداشت ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ڇڏي آهي. ڇو جو حق تي ڪنهن جي به ٺيڪيداري نه آهي، هر مذهب ۽ علمي شعبي ۾ ”حق“ موجود هوندو آهي. ٽيون نيشنلزم آهي، جنهن ۾ هر لساني هيڪڙائي تي ڪا خاص ثقافت ۽ تمدن رکندڙ انساني جماعت کي قوم سڏيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته هر قوم پنهنجي قومي دائري ۾ رهندي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ترقي ڪري، اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي عمل اڳتي هلي دنيا جي قومن ۾ بڌيءَ جو بنياد ٽيندو ۽ انساني هيڪڙائيءَ جي جوڙجڪ ۾ مدد ڪندو ۽ اها ئي ڳالهه هڪ عالمي حڪومت جي قيام جو سبب بڻبي. قوم اها بنيادي سِرَ آهي، جنهن تي سموري انسانيت جي هيڪڙائيءَ جو محل اڏي سگهجي ٿو.

انهيءَ عمل ۾ مولانا موصوف مسلم اقليتن کي، پنهنجي هم وطن غير مسلمانن سان گڏجي، زندگيءَ جي اڏاوت ڪرڻ جي تلقين ڪندو هو. مولانا ”نياشوالہ“ جي نظم منجهان هن شعر کي گهڻو پسند ڪندا هئا ۽ اڪثر پڙهندا هئا:

*شکتی بھی شانتی بھی بھگتوں کے گیت میں ہے،*
*دھرتی کے باسیوں کی مکتی پریت میں ہے۔*

(مذهبن جي بانين جي تعليم ۾ ئي معاشري جي طاقت ۽ امن امان جي ضمانت آهي ۽ ان معاشري جو ڇوٽڪارو پائيچاري ۽ محبت ۾ آهي)

انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ جارحاڻي قوميت کان، جنهن سان سامراجي رويا اپرندا هجن سخت نفرت ڪندو هو ۽ مذهبي ”شاؤنزم“ جو سخت مخالف هو جنهن سان دنيا جي مذهبن ۾ سنڌو پيدا ٿئي ٿو ۽ انساني هيڪڙائيءَ کي نقصان پهچي ٿو.

ڇوٿين ڳالهه ملٽري ازم هئي. يورپ فوجي انتظام ۽ سائنس ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي. مولانا جو خيال هو ته مسلمانن کي اها ڳالهه نه رڳو پنهنجائڻ گهرجي، پر انهيءَ ۾ تحقيق ڪري اجا به ترقي ڪرڻ گهرجي. ڇو جو سندس خيال ۾، مسلمانن کي تاريخ جي ڪنهن به موڙ تي اسلام دشمن قوتن سان واسطو پئجي سگهي ٿو ته اهڙي وقت ۾ اها مهارت ڪين ڪم ايندي.

مولانا جو خيال هو ته ڪارل مارڪس جي معاشي فلسفي کان مسلمان نوجوان جو متاثر ٿيڻ لازمي ڳالهه آهي، پر ان سان گڏوگڏ مارڪس جو ماديت بابت فلسفو به ڪين پنهنجائڻو ئي پوندو. انهيءَ ڳالهه کان مسلمانن کي بچائڻ لاءِ مولانا امام ولي الله جي فڪر ۽ فلسفي ۽ ان جي سياسي تحريڪ، جنهن بالاڪوٽ ۾ هار کاڌي هئي، جو تمام ئي اونهائيءَ سان مطالعو ڪيو هو. هو ابن خلدون کان پوءِ امام ولي الله کي اسلامي دنيا جو نظرياتي استاد ۽ اڳواڻ مڃيندو هو. اهو مقصد ماڻڻ لاءِ هن ”محمد قاسم ولي الله ٿيولاجيڪل ڪاليج“ جو بنياد به رکيو هو، جنهن جو پرنسپال شيخ بشير احمد لڏيانوي کي مقرر ڪيو هو. امام ولي الله دهلوي کي نظرياتي امام ۽

رهنما مجڻ سان مسلمانن جي صفن مان نہ رڳو نظرياتي پريشاني ختم ٿي ويندي، پر انهيءَ فڪر جي ذريعي يورپ ۽ ڪارل مارڪس جي فڪر جي مٽيرائيءَ جو مقابلو بہ ڪري سگهجي ٿو.

مولانا موجب نبوت جي خاتمي جو سڀ کان وڏو ۽ اهم سبب ”علم“ کي عام ڪرڻ لاءِ قرآن پاڪ ۾ جتي ڪٿي آيل تاڪيد آهي. اسلام علم کي مذهبي اڳواڻن، پوپن ۽ ٻين ٺيڪيدارن جي دائري مان ڪڍي، ان کي عام ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي. اجا بہ قرآن پاڪ يوناني عقليت جي استخراجي طريقي (Deductive Method) جي مقابلي ۾ علم بالقلم کي پيش ڪيو آهي، جنهن جو مطلب اهو علم آهي، جنهن جو بنياد تجربي ۽ مشاهدي تي هجي، رڳو قياس يا اندازي تي آڌاريل نہ هجي. موجوده دؤر ۾ علم حاصل ڪرڻ جي انهيءَ طريقي کي استقرائي طريقو (Inductive Method) سڏيو وڃي ٿو يعني سائنسي علم. مون پنهنجي ڪتاب ”اسلام میں حرکت وارتقا کا تصور“ ۾ ان جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي.

علامہ اقبال بہ سائنسي طريقي کي ختم نبوت جو سبب سڏيو آهي. مولانا مڪمل طور تي انهيءَ خيال جو هو تہ، هاڻي انسانن جي مذهبي اڳواٽي ڪندڙ جماعتن جي ٺيڪيداري کي ختم ڪرڻ لاءِ، جيڪي ترقي جي راهہ ۾ سدائين وڏي رڪاوٽ بڻبا آهن، ڪنهن نبي جي ضرورت نہ آهي، پر استقرائي طريقي سان ڪائناتي ۽ سماجي علمن ۾ ترقي وسيلي پنهنجي ذهنن کي مسلح ڪري انقلاب برپا ڪرڻ جو عمل ئي ڪافي آهي. ايئن اسلام کان پوءِ جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مسلم اندلس (اسپين) وسيلي فلسفي، طب، فلڪيات ۽ سماجيات وغيره ۾ مسلمانن جي اجتهادي تحقيقي نظرين تي آڌاريل علمن، يورپ ۾ هڪ ذهني ۽ علمي انقلاب آڻي ڇڏيو. ان انقلاب اڳتي هلي فرانس ۽ روس جي انقلاب جي شڪل اختيار ڪري ورتي. يورپ پنهنجي ڪيٿولڪ مذهب کي رد ڪري، بي دينيءَ کي پنهنجائي ورتو. جڏهن تہ قرآن پاڪ فطرت ۽ معاشري جو وري وري مطالعو ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ جي تلقين ڪئي هئي. اولهہ وارن ان نظريي ئي اخذ ڪري، زندگيءَ جي هر شعبي ۾ حيران ڪري ڇڏيندڙ حد تائين ترقي ڪئي. تنهن ڪري هاڻي اهو ڪم، جنهن کي هڪ ”نبي“ پورو ڪندو هو تنهن کي ڪائناتي ۽ سماجي علمن سان مسلح شعور، پڄاڻي تائين وٺي ويندو. هاڻي انقلاب رڳو هڪ نعرو نہ رهيو آهي، پر هڪ سماجي حقيقت بڻجي ويو آهي. ڪامريڊ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لينن پنهنجي هڪ مقالي ”لينن ازم جو بنياد“ ۾ انقلاب کي هڪ سائنس سڏيو هو. مون پنهنجي ڪتاب ”اسلام مين حرڪت و ارتقا ڪا تصور“ ۾ ختم نبوت جي سلسلي ۾ ڇهه اهم ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي.

انهيءَ جو هاڪاري پاسو هي آهي ته نبوت جي دعويٰ سان مختلف مذهبي جماعتون پيدا ٿينديون رهيون آهن جن ۾ هڪ جارحاڻو رويو به هوندو آهي. ختم نبوت سان مذهبي گروهه بندي جو خاتمو ٿي ”دينن جي هيڪڙائي“ واري فلسفي جي بنياد تي، انساني هيڪڙائيءَ جي جوڙجڪ آسان ٿي وئي آهي، جنهن جو لازمي نتيجو خلافتِ آدم ۽ عالمي حڪومت جو قيام هوندو.

ياد رهي ته مولانا جي انهيءَ ذهني ڪشادگي ۽ دوranديشي جي اؤسر ۾ شيخ الهند مولانا محمود الحسنؒ جو وڏو هٿ آهي. مولانا سنڌي پندرنهن سالن جي عمر ۾ ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ ديوبند آيو. اتي کين شيخ الهند جهڙو ڪامل استاد مليو. شيخ الهند ٿورڙي ئي عرصي ۾ پنهنجي شاگرد جي بي پناهه صلاحيتن جو اندازو ڪري ورتو هو. انهيءَ ڪري ئي پاڻ مولانا سنڌي جي تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهه ڏنائون.

ديوبند مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ مولانا سنڌي سنڌ ۾ موٽي آيو. ڇهن ستن سالن تائين پنهنجي علم سان پنهنجي شاگردن کي سيراب ڪندو رهيو. انهيءَ عرصي کان پوءِ حضرت شيخ الهند مولانا صاحب کي ديوبند موڪليو ۽ کيس مدرسي جي پراڻن شاگردن کي منظم ڪرڻ جو ڪم حوالي ڪيو. حضرت شيخ الهند جي تربيت سان مولانا سنڌي ديوبنديت جي ظاهري رنگ ۽ روپ کان متاثر ٿيڻ بدران، ديوبند جي انهيءَ روح تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جنهن کي ديوبند جي اڪابرن امام شاهه ولي الله محدث دهلويؒ وٽان اخذ ڪيو هو. انهيءَ ڪري ئي مولانا محمد قاسم نانوتويؒ، جيڪو ديوبند مدرسي جو باني هو سو ۽ حضرت شيخ الهند ظاهري شڪل شبيهه ۽ رسمن جي پردن کي هٽائي، پنهنجي پياري شاگرد (مولانا سنڌي) کي انهيءَ جي روح جو جلوو ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ديوبند جي امت لاءِ علمي، سياسي پلائي گهرندڙ روح کان واقفيت جو اهو نتيجو نڪتو جو مولانا جهڙي طرح سِڪَ سماج جي دائري مان نڪري مسلم امت جي پکڙيل دائري ۾ داخل ٿيو. اهڙي طرح هاڻي مسلمانن جي جڙتو سماج مان، جنهن کي هو اسلام جو نالو ڏئي رهيا هئا، ئي تنگ ٿي پيو هو. ديوبند اڪابرن جي دربار جي هڪ حصي ته کيس ”ڪافر“ جو لقب به ڏئي ڇڏيو.

شيخ الهند جي تربيت سان مولانا اهو ڄاڻي ورتو هو ته اسلام اهو نه آهي، جيڪو اسلام جو نالو ڪٺندڙ ھي ٺيڪيدار پيش ڪري رهيا آهن.

حضرت شيخ الهند جي چوڻ تي مولانا دهلي هليو ويو ۽ اتي ”نظارة المعارف“ نالي هڪ مدرسي جو بنياد وڌو. هتان ئي مولانا قرآن ڪريم جي تفسير کي انقلابي نقطي نظر کان پيش ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن نئين اسلامي معاشري جي جوڙجڪ ٿي سگهي. انهيءَ وچ ۾ پهرين عالمي جنگ شروع ٿي وئي ۽ اهم سياسي مقصدن جي پورائي لاءِ مولانا صاحب کي شيخ الهند وٽان ڪابل وڃڻ جو حڪم مليو.

انهن ڏينهن ۾ ڪابل ايشيا جو سوئزلينڊ بڻيل هو. هتي هر سلطنت جا ڏاها ۽ سياست دان هڪ ٻئي کي ناهڻ ۽ ڍاهڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪري رهيا هئا. مولانا بين الاقوامي سياست جي انهيءَ چڪتاڻ کي نه رڳو ڏٺو پر انهيءَ ۾ عملي حصو پڻ ورتو. هتي مولانا صاحب کي شيخ الهند جي تربيت جا جوهر ڪم آيا. مولانا خلافت کي بچائڻ لاءِ ڪابل آيو هو پر ترڪي خلافت جي اداري کي ختم ڪري ڇڏيو. انهيءَ سان مولانا جي فڪر ۾ هڪ بنيادي تبديلي آئي. ان جي سامهون ’بين الملي‘ منظر ختم ٿي ويو هو. هاڻي هو مجبور هو ته هندستان ۾ پنهنجي هندو ساٿين سان ملي، آزادي جي جاکوڙ ۾ حصو وٺي ۽ مسلم بين الاقواميت کي مستقل مسلم قومي هيڪڙائيءَ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري.

هندستان ۾ حضرت شيخ الهند کي گرفتار ڪيو ويو. هو مالٽا ۾ ستن سالن جي قيد کان پوءِ جڏهن وطن موٽي آيو ته ڪانگريس ۾ شامل ٿي ويو. ان سان گڏ ئي مولانا محمد علي جوهر، ڊاڪٽر انصاري، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد به ڪانگريس ۾ شامل ٿي ويا. مولانا انهن کي حالتن کي سامهون رکندي ڪابل ۾ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي شاخ قائم ڪئي ۽ ان جو صدر به پاڻ ئي ٿيو.

حالتن جي دٻاءَ ۽ ريشمي رومال جي سازش کي سامهون رکندي مولانا کي پنهنجي گرفتاريءَ جو خدشو محسوس ٿيو. ٿيو ائين جو برطانوي حڪومت گرفتاريءَ جا وارنٽ به جاري ڪري ڇڏيا. تنهن ڪري مولانا ڪابل کان روس هليو ويو. جتي کين هڪ اهڙي نئين دنيا جي اڏاوت کي ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن جو هو سوچي به نٿي سگهيو. هتي حضرت شيخ الهند جي تربيت سان مولانا کي جيڪا ذهني ڪشادگي ۽ مخالف جي فڪر کي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برداشت ۽ دور انديشيءَ سان مطالعو ڪرڻ جي جيڪا صلاحيت ملي هئي، سا ڪم آئي. ايئن مولانا ڪليل ذهن سان سماجي فلسفي ۽ عمل کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي.

جڏهن شيخ الهند مدرسي ديوبند جي اڳواٽي سنڀالي ۽ هن مولانا سنڌيءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ جميعت الانصار جو قيام وجود ۾ آيو جنهن جو ناظم اعليٰ مولانا سنڌيءَ کي مقرر ڪيو ويو. انهيءَ جميعت جو بنيادي مقصد هي هو ته ديوبند ۽ علي ڳڙهه جي شاگردن جي اندر فڪري ۽ علمي ڳانڍاپو ۽ مضبوطي پيدا ڪئي وڃي ته جيئن امت جا هي ٻه فڪري وهڪرا، جدا جدا رخن ۾ وهڻ جي بدران گڏجي وهڻ شروع ڪن . مولانا سنڌي جي محنت ۽ شيخ الهند جي اڳواٽي سان جميعت جو دائرو تمام گهڻو پکڙيو. هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ٽيهه هزار عالم شريڪ ٿيا!

1876ع ۾ ڪانگريس جيڪا هندو مسلم اتحاد جي بنياد تي وجود ۾ آئي هئي، گانڌي جي اڳواڻيءَ جي ڪري ان ۾ بگاڙ پيدا ٿيڻ شروع ٿيو ۽ مسلمان اڳواڻ هڪ ٻئي پويان ڪانگريس مان نڪرڻ شروع ٿي ويا. ان جو وڏو سبب هي هو ته گانڌي رڳو هڪ سياسي اڳواڻ ئي نه هو، پر هو ”مهاتما“ بڻجي ويو هو ۽ هندو ڌرم کي زنده رکڻ هن جو مقصد بڻجي ويو هو. انهيءَ ڪري گانڌي جيڪو ’هڪ ملڪ‘، ’هڪ قوم‘، ’هڪ ٻولي‘، ’هڪ تهذيب‘ ۽ ’هڪ ئي زندگي‘ واري فلسفي جو جيڪو نعرو هنيو هو ان جو عملي مفهوم ۽ مقصد آريا ورت، هندو قوم، ٻولي ، ويدڪ تهذيب ۽ گانڌي جي پنهنجي مخصوص فلسفي جو جياپو هو. گانڌي انهيءَ تاريخي حقيقت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو ته هزار سالن کان هڪ ٻي قوم، هڪ ٻي ٻولي، هڪ نئين تهذيب ۽ هڪ نئون فڪر اسلام جي شڪل ۾ هندستان کي پنهنجو گهر بڻائي چڪو آهي ۽ هن ڌرتيءَ تي ان جو به ايترو ئي حق آهي جيترو گانڌيءَ جي قوم، ٻولي، تهذيب ۽ فلسفي جو آهي. ان ڪانسواءِ هن اهو به منظر نظر انداز ڪري ڇڏيو ته انگريزن جي اچڻ سان هڪ ٻي نئين تبديلي به اچي چڪي آهي ۽ اها تبديلي زندگيءَ جي هر شعبي تي اثر انداز ٿي چڪي آهي.

حضرت شيخ الهند ٽي شيون ٻڌايون آهن: هڪ اهو ته ديوبندي ۽ علي گڙهه پارٽي گڏجي ڪم ڪري، ٻيو هي ته انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي وڃي ۽ اسلامي ملڪن جي سياست کان جدائي اختيار ڪئي وڃي ۽ ٽيون هي ته ديوبندي جماعت امام ولي الله جي فلسفي ۽ مولانا

محمد قاسم نانوتويﷺ جي حڪمت کي پنهنجي فڪري ۽ عملي زندگيءَ جو بنياد بڻائي.

حضرت شيخ الهند جي وفات کان پوءِ ديوبند تي مذهبي تنگ نظري جو غلبو ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ مولانا سنڌيﷺ کي اتان نڪرڻو پيو. جامعہ مليہ بہ انهيءَ تنگ نظري جو شڪار ٿي وئي جنهن ڪري ديوبند ۽ علي ڳڙهه جي فڪري اتحاد وارو خواب تعبير ٿي نہ سگهيو. گانڌيءَ جي هندو پرستيءَ هندو مسلم اتحاد کي اندران ئي اندران کوکلو ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ ديوبند عالم پنهنجي رجعت پسند مذهبي فڪر جي ڪري، امام ولي الله ۽ حضرت نانوتويﷺ جي فلسفي ۽ حڪمت کي سمجهي نہ سگهيا. ايئن حضرت شيخ الهندﷺ جو خواب پورو نہ ٿي سگهيو.

مولانا سنڌي روس کان ترڪي پهچي ويو ۽ جديد ترڪي جي اڏاوت جو ڇئن سالن تائين مطالعو ڪندو رهيو. ان کان پوءِ سوئيزرلينڊ ۽ اٽلي کان ٿيندي مڪي پاڪ وڃي پهتو. سعودي حڪومت سان معاهدو ڪري ٻارنهن سالن تائين حرم پاڪ مقدس ڀتين جي ڇانو ۾ ٽڪي پيو. انهيءَ وچ ۾ مصر مان نڪتل تازن علمن تي لکڻيون ۽ هندستان ۾ ڇپجندڙ فڪرن تي آڏاريل لکڻين جو مطالعو ڪندو رهيو. ان دوران مولانا سنڌيﷺ امام ولي الله ۽ ان جي خاندان جي لکڻين جو تمام ئي اونهائيءَ سان مطالعو ڪيو. بالا ڪوٽ ۾ ولي اللهي سياسي هلچل جي هار جا سبب جاچيندو رهيو. انهن سمورين ڳالهين جو مطالعو ۽ تجربو رکندڙ شيخ الهندﷺ جي تربيت ورتل هن تمام ئي عزت ڀريئي شاگرد 1939ع ۾ ڪراچيءَ جي سمنڊ ڪناري قدم رکيو. هتي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جون متضاد تحريڪون هلي رهيون هيون. مسلمانن جي گهڻائي ڪانگريس کان بدظن ٿي چڪي هئي. ديوبند جو مدرسو رجعت پسند اسلامي فڪرن جو ڳڙهه بڻجي ويو هو. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها تہ مولاناﷺ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيڻ سبب جمي ڪري پنهنجي فڪر کي ترتيب ڏئي، ان جي اشاعت نہ ڪري سگهيو. پروفيسر محمد سرور انهيءَ تي ڪجهہ ڪم ڪيو پر ڪو نتيجو نڪري نہ سگهيو. اڄ بہ مولاناﷺ جي مقصدن ۽ منشور جي اوچائي ۽ اونهائيءَ کي سمجهڻ واري جي ضرورت آهي. ٿي سگهي ٿو تہ وقت جي ڪنهن موڙ تي مسلمانن کي پنهنجي فڪري ۽ عملي تنظيم جي لاءِ مولانا (سنڌيﷺ) جي فڪرن جي ضرورت پوي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سورة الفاتحہ جي تفسير ۾ مولانا سنڌيؒ جي انهن اوچن فڪرن مان ڀرپور استفادو ڪيو آهي. اهو هڪ اهڙو علمي ۽ انقلابي دستاويز ڀانئجي ويو آهي جنهن جي روشنيءَ ۾ سموري قرآن پاڪ جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو. ان جو نتيجو اهو ٿيندو تہ قرآن پاڪ جي فڪري پختگي هڪ دفعو ٻيهر بحال ٿي، انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ارتقا لاءِ رهنمائي ڪندڙ سگهہ ثابت ٿيندي.

ٿي سگهي ٿو تہ روايت پسند عالمن کي انهيءَ سان اختلاف هجي، پر انهن کي اها ڳالهہ چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ڪابل ۾ هندستان جي آزاديءَ جي جاکوڙ لاءِ پندرنهن سالن واري عرصي جي تجربن، ترڪي جي انقلاب ۽ روس اندر آيل اشتراڪيت جي ڪاميابيءَ سان پيدا ٿيندڙ نتيجن ۽ يورپ جي صنعتي ۽ فني ارتقا، انسان جي ڪائناتي ۽ سماجي ارتقا ۾ جيڪو حصو ورتو آهي، تنهن زندگيءَ جي هر شعبي جو انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. انهيءَ انقلاب کي مولانا سنڌيؒ نہ رڳو پنهنجي اکين سان ڏٺو پر انهن انقلابي قوتن سان گڏ رهي، زندگيءَ جي نئين سر تعمير جو مطالعو بہ ڪيو آهي. انهيءَ معيار تي تمام ٿي ٿورا مسلمان اڳواڻ پورا لهندا آهن، جن پنهنجي فڪر جي تدوين ۾ انهن تجربن کان ڪم ورتو هجي.

مون مولاناؒ جي فڪر کان سواءِ علامہ عبدالرحيم پوپلزئي جي انقلابي فڪر ۽ عمل سان، ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم، ڊاڪٽر فضل الرحمان، ڊاڪٽر يوسف گورايہ، ڊاڪٽر علي شريعتي ۽ ڊاڪٽر رفيع الدين جي جديد فڪرن ۽ انهن جي اولهہ تي ٿيل تنقيد جو اونهائي سان مطالعو ڪيو آهي. ان سان گڏوگڏ پنهنجي قابل احترام دوست قاضي ڪفايت الله، جيڪو هڪ دور انديش، روشن فڪر ۽ گهرو مطالعو رکندڙ عالم دين آهي، جي ذريعي مصر ۽ الجزائر جهڙن عرب ملڪن جي مالڪ بن بني ۽ محمد الغزالي جهڙن روشن فڪر مفڪرن جي نظرين کان بہ واقفيت حاصل ڪئي آهي. مون کي اميد آهي تہ هي تفسير ملسم ذهن ۾ انقلابي فڪر ۽ عمل جي جذبن کي جاڳائيندو ۽ اهو قرآن جو انقلابي فڪر ۽ مسلم امت جي اڳواٽيءَ کي دنيا جي قومن ۾ روشناس ڪرائڻ جو وسيلو ٿيندو.

**الطاف جاويد**_

# قرآن جو مهاڳ

سورة الفاتحہ جي حيثيت قرآن پاڪ جي پيش لفظ (يا مهاڳ) جي آهي. سمورا مسلمان هن سورة سڳوريءَ کي نماز جي هر رڪعت ۾ پڙهندا آهن. پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي جو ايترو گهڻائيءَ سان تلاوت ڪرڻ باوجود، هيءَ سورة سڳوري مسلم امت جي زوال کي روڪڻ ۾ مددگار نہ ٿي سگهي آهي؟ ٻئي پاسي هن سورة جا اڻ ڳڻيا تفسير لکيا ويا آهن جن مان سڀ کان اهم ۽ جامع تفسير مولانا ابوالڪلام آزادؒ جو آهي. مولانا آزاد مذهبي رواداري ۽ دينن جي جدت جي حق ۾ مذهبي رسم پسندي (formalism)، عقيدن جي پيروي (ritualism)، ۽ مذهبي فرقيواريت (religious sectarianism) جي خلاف ”وحدتِ دين ڪي اصل عظيم اور قرآن حڪيم“ جي عنوان سان هڪ تمام ئي قيمتي مقالو تہ لکي ورتو پر پيداواري وسلين تي هڪ تمام ئي ٿورن ماڻهن جي قبضي خلاف ۽ انهن وسيلن کي عوامي ملڪيت ۾ آڻڻ بابت ڪابہ وضاحت نہ ڪئي. جڏهن تہ انهيءَ عمل سان نہ رڳو مسلمانن پر دنيا جي سمورن مزدورن ۽ ڏتڙيل طبقن جو معاشي سڌارو واڳيل پڻ آهي. انهيءَ عمل، يعني پيداواري وسيلن تي عوامي ملڪيت قائم ٿي وڃڻ سان مزدور ۽ ٻي ڏتڙيل عوام علم ۽ تهذيب جي روشني ۽ برڪتن کان مستفيد ٿي سگهي ٿي ۽ معاشرو گڏيل طور تي اوچن اخلاقي گڻن جو پابند ٿي سگهي ٿو.

ايتري تائين جو قديم توڙي جديد، سمورن تشريحن ۽ تفسيرن ۾ انهيءَ معاشي موضوع تي اهڙي ڪابہ لکٽي نٿي ملي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو هن سورة سڳوري کي انسان جي معاشي ۽ تهذيبي تاريخ کان الڳ ڪري مطالعو ڪرڻ سبب نہ مسلم امت ۽ نہ ئي وري ٻئي انسان هن مان لاڀ حاصل ڪري سگهيا آهن. ايئن هن سورة سڳوري تي تاريخ ۽ رسول اللهﷺ

جي جاکوڙ کي ڌيان ۾ رکندي غور ۽ فڪر ڪيو ويندو آهي، ان مان خبر پئجي ويندي تہ مطالعي جو اهو انداز هڪ تہ قرآن پاڪ جي نزولي مقصد کي چٽو ڪري ٿو ۽ ٻيو هي تہ معاشري ۾ انهيءَ مقصد مطابق ڪهڙي تبديلي اچي سگهي ٿي؟

سڀ کان پهريان هن سورة ۾ بيان ڪيل اصطلاحن جي معنيٰ تي غور ڪيو ويجي ٿو ۽ پوءِ ان معنيٰ جي روشنيءَ ۾ انهيءَ جي ترجمي ۽ مطلب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

قرآن فهمي جي لاءِ عام طور تي لغت مان ڪم ورتو ويندو آهي يا وري جاهلي ادب مان لفظن ۽ قرآني اصطلاحن جي معنيٰ ۽ مطلب مقرر ڪرڻ لاءِ مدد روتي ويندي آهي. اها ڪوشش بہ حقيقت ۾ لغت مان استفادو ڪرڻ جي هم معنيٰ آهي. لغت لفظن ۽ اصطلاحن جي معنيٰ تہ ٻڌائي وٺندي آهي، پر اها انهيءَ تاريخي ۽ معاشرتي ماحول تي روشني ناهي وجهندي، جنهن ۾ ڪو اصطلاح پنهنجي صورت اختيار ڪندو آهي. مثال طور رب کي اصطلاحي لغت جي لحاظ کان پالينڌڙ ڌڻي يا ذات کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ وارو چئي سگهجي ٿو. پر اهو سمورو عمل يا تہ معاشري جي سمورن ماڻهن تائين پهچندو آهي، يا ڪجهہ خاص ماڻهو پنهنجي طاقت ۽ سياڻپ سان واڌ ويجهہ ڏيڻ وارن وسيلن تي قبضو ڪري گهڻائيءَ کي محروم ڪري ڇڏيندا آهن.

## پهرين ڳالهہ:

انهيءَ باري ۾ سڀ کان پهرين ڳالهہ جنهن کي هڪ مفسر نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي، سا انسان جي شهري ۽ تهذيبي تاريخ آهي، جنهن ۾ معاشرو زراعت واري دؤر جي شروعات کان ئي ڌڻي (slave owner) ۽ غلام (slave) ۾ ورهائجي ويو هو. انهيءَ دؤر کي قرآن آدم جو بهشت مان ڪڍي زمين تي ڦٽو ڪرڻ سڏيو ويو آهي ۽ انهيءَ جو سبب اهو ٻڌايو آهي تہ هاڻي انسان هڪ ٻئي جا دشمن بڻجي ويا آهن. انهيءَ عمل کي ڌڻي ۽ غلام وچ ۾ مفادن جي ٽڪراءَ سبب طبقاتي ڇڪتاڻ چيو ويندو آهي.

اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت عرب ۽ ان جو علائقو حجاز انهيءَ ئي شهري ۽ تهذيبي تاريخ جو حصو هو. تنهن ڪري حجاز ۽ مڪي جو معاشرو

بہ طبقاتي هو، جنهن ۾ غلام ۽ غلام ٻڌائيندڙ مالدار سردار هوندا هئا. انهيءَ غلام ٻڌائيندڙ مالدار طبقي کي قرآن پاڪ ”متڪبرين“، ”مترفين“ ۽ ”الملاء“ سڏيو آهي جڏهن تہ غلام ۽ ٻين ڏتڙيل فردن کي ”مستضعفين“، ”الناس“ ۽ ”الانام“ جا نالا ڏنا آهن.

اهو ئي غلام ۽ ڏٽيءَ تي آڌاريل طبقو معاشرتي ارتقا جي ڪري، اسلام جي دؤر ۾ جاگيردار ۽ زرعي غلام ۾ تبديل ٿي ويو. جاگيرداري نظام پنهنجي مڪمل منهن مهانڊي سان اولهہ جي معاشري ۾ ظاهر ٿي بيٺو ۽ اندلس جي زوال کان پوءِ يورپ جي سجاڳي جي ڪري، جيڪو تحقيقي روح پيدا ٿيو ۽ ان جي ڪري ”مشينون“ ايجاد ٿيون تہ جاگيرداري نظام صنعتي سرمائيداريءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي. هاڻي جاگيردار ڪارخاني جو مالڪ بڻجي ويو ۽ زرعي غلام پگهاردار غلام (wage slave) جي حيثيت اختيار ڪري ورتي، جنهن کي پورهيت يا مزدور طبقو بہ سڏيو ويندو آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ غلام ڏٽي، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن، جيڪي معاشري جو ڏهہ سيڪڙو هئا، غلام، زرعي غلام ۽ پگهار دار غلام تائين خدا جي ربوبيت جي وسيلن جو تمام ئي ٿورو حصو پهچڻ ڏنو. جڏهن تہ اهو طبقو نوي سيڪڙو تي مشتمل هو ۽ اڄ بہ آهي. ڇو تہ سمورن پيداوار يا روزيءَ جي وسيلن جهڙوڪ زمين، ڪارخانا، ڪاٺيون، پيٽرول وغيره تي ڏٽي، جاگيردار ۽ سرمائيدار جو قبضو هوندو آهي. تنهن ڪري جڏهن مفسر رب ۽ ان جي ربوبيت جي معنيٰ کي تہ لغت جي لحاظ کان واضح ڪندو آهي، پر انسان جي انهيءَ طبقاتي تاريخ کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي تہ ربوبيت جي طبقاتي عمل بابت ڪابہ ڇنڊڇاڻ نہ ٿيندي آهي. ان جو نتيجو هي نڪرندو آهي تہ رڳو اهو چوڻ سان تہ الله تعاليٰ رب آهي ۽ ان جي ربوبيت عام آهي تہ انهيءَ مفهوم سان صحيح معنيٰ ۾ ’غلام‘، ’زرعي غلام‘ ۽ ’پگهاردار غلام‘ جي محنت جو استحصال ڪندڙ طبقو ئي فائدو ماڻيندو آهي. جڏهن تہ مذهبي اڳواڻ مزدور ۽ ڏتڙيل طبقن کي پاڪ ڪتاب جو حوالو ڏئي ڪري اهو ٻڌائيندو آهي تہ غربت ۽ اميري الله تعاليٰ جي طرف کان مقرر ڪيل آهي ۽ الله تعاليٰ جي مرضي تي راضي رهڻ ئي خوشنصيبي آهي، جنهن جو اجر مرڻ کان پوءِ ملندو.

مذهب انهيءَ معنيٰ ۾ مزدور ۽ ڏتڙيل طبقي کي شعوري سجاڳي ڏيڻ بدران، جو هو پنهنجي خالق ۽ رب جي پيدا ڪيل وسيلن مان فائدو ماڻڻ لاءِ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن وسيلن کي پنهنجي ملڪيت ۾ آڻڻ لاءِ جاکوڙ ڪن. تقدير جو مسئلو بيان ڪري انهن جي شعوري کي سمهاري ڇڏي ٿو. جنهن ڪري ئي مذهب کي آفيم سڏيو وڃي ٿو. اهڙي طريقي تي معنيٰ ڪرڻ سان قرآن توڙي ٻئي پاڪ ڪتاب مزدور ۽ ڏتڙيل طبقن کي، پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ رعايتون ڏنل طبقن خلاف جاکوڙڻ کان روڪي ڇڏن ٿا. ان جي نتيجي ۾ جڏهن مذهب کان لاپرواهي پيدا ٿي وڃي ٿي ته پوءِ مذهبي پيشوا شڪايت ڪري ٿو ته عوام مذهب کان پري ٿي رهيو آهي.

انهيءَ نقطي نگاهه کان رب ۽ ان جي ربوبيت جي رڳو لغوي معنيٰ صورتحال کي صحيح طرح سان بيان نٿي ڪري، اجا به ان جي اصل شڪل تي پردو وجهي ڇڏي ٿي. اڄ تائين جون سموريون تفسيرون اهو ئي ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

## ٻي ڳالهه:

ٻي ڳالهه جيڪا مفسر نظر انداز ڪري رهيا آهن سا هيءَ آهي ته مفسر قرآن پاڪ جي آيتن ۽ سورتن کي، رسول الله ﷺ جي مڪي ۽ مدني جاکوڙ کان جدا ڪري، پنهنجي ماحول ۾ انهن جو مطالعو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهيءَ ڪري ئي تفسيرون عام طور تي اهو ٻڌائڻ کان لاچار آهن ته فلاڻي آيت يا سورة نبوي جاکوڙ جي ڪهڙي مرحلي ۾ نازل ٿي ۽ انهيءَ ان سلسلي ۾ موجود ڪهڙن مسئلن کي حل ڪيو هو. اهو ئي اهو وسيلو آهي جنهن سان آيتن جي معنيٰ مقرر ڪري سگهجي ٿي ۽ انهن سان امت پنهنجي ارتقائي عمل ۾ صحيح سمجهه حاصل ڪري سگهي ٿي.

مثال طور، جيڪڏهن سورة الضحيٰ کي ان جي نزول واري دؤر کان جدا ڪري مطالعو ڪيو وڃي ته، انهيءَ کي ڪهڙي به معنيٰ ڏئي سگهجي ٿي، ۽ ڏني به وئي آهي. جيڪڏهن اها خبر پئجي وڃي ته غار حرا ۾ پهرين پنجن آيتن کان پوءِ فترة الوحي[1] جو جيڪو عرصو گذريو سو عرصو اصل ۾ ڳجهي دعوت ۽ تبليغ سان تعلق رکي ٿو ته اها به خبر پئجي وڃي ٿي ته هيءَ سورة

---

[1] سورة العلق جي پهرين پنجن آيتن جي نزول کان پوءِ، مشهور قول مطابق ٽن سالن تائين وحي اچڻ جو سلسلو بند ٿي ويو. انهيءَ عرصي کي "فترة الوحي" سڏيو ويندو آهي. حضرت ابن عباسؓ جي قول مطابق وحي جي بندش رڳو ڏهه ڏينهن رهي. (سنڌيڪار)

سڀ کان پهرين سورة العلق جي لاءِ پهرين پنجن آيتن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ پهرين سورة آهي، جنهن جو مقصد رسول اللهﷺ کي سندس انقلابي جاکوڙ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ جن ڳالهين جي ضرورت هئي، الله تعاليٰ جي طرفان انهن جي عطا ڪرڻ جي خوشخبري ڏيڻ آهي. جيتوڻيڪ مفسرن انهيءَ صورتحال جي چٽائي ڪئي آهي، پر انهيءَ سان انقلاب لاءِ جن ڳالهين جي ضرورت هوندي آهي سي چٽيون نٿيون ٿين. مفسر انهيءَ کي رڳو هڪ واقعي جي طور تي بيان ڪري ڇڏن ٿا. جنهن سان مسلمان امت پنهنجي انقلابي عمل ۾ ڪا به مدد حاصل نٿي ڪري سگهي.

## ٽين ڳالهه:

اهڙي طرح قرآن کي سمجهڻ لاءِ مڪي ۽ مدني سورتن جو جدا جدا مطالعو تمام ئي ضروري آهي. مڪي دؤر ۾ نازل ٿيل قرآن پاڪ اسلام جي انقلابي نظريي جو بنياد آهي جنهن مان انقلابي عمل ڦٽي نڪري ٿو. مڪي دؤر ۾ نازل ٿيل قرآن پنهنجي تاريخي پس منظر ۾ يونان، اسڪندريه، هندوستان، ايران ۽ چين جهڙن علمي مرڪزن ۾ سهيڙيل فلسفي سوچ ۽ شهري نظامن تي ڀرپور تنقيد ڪري ٿو ۽ ان جي انسان دوست توڙي انسان دشمن فڪرن جي نشاندهي ڪري ٿو. ڇو جو سوق عڪاظ[1] ۾ جيڪا ڏهن ميلن ۾ پکڙيل هوندي هئي، ان دؤر جي سڌريل قومن جا واپاري پنهنجو سامان وڪڻڻ لاءِ مڪي ايندا هئا ۽ مڪو پنهنجو پاڻ به انهيءَ دؤر جي سڌريل ۽ واپاري گذرگاهن مان هڪ تمام ئي اهم مرڪز هو. اهي واپاري پنهنجي مال سان گڏوگڏ پنهنجا فلسفيا ڻا فڪر ۽ مذهبن جي تعليم به کڻي ايندا هئا ۽ انهيءَ تي ڳالهائيندا هئا. انهيءَ ئي ماحول ۾ رسول اللهﷺ جو ننڍپڻ ۽ جواني گذري هئي. ان کان پوءِ ڪين پنهنجي ذاتي واپاري سفرن ۾ مختلف قومن ۽ انهن تي رهڻي ڪهڻي جي مطالعي جو موقعو ملندو رهيو. نبوت کان اڳ ئي پاڻ سڀ کان پهرين انهن معاشرن ۾ موجود غلام ۽

---

[1] سوق جي عربي ۾ معنيٰ بازار آهي جڏهن ته عڪاظ انهيءَ بازار جو نالو آهي جيڪا مڪي کان طائف ڏانهن ويندي چاليهه ڪلوميٽر جي فاصلي تي اڄ به موجود آهي. اسلام کان اڳ انهيءَ بازار کي هڪ خاص واپاري حيثيت حاصل هئي جيڪا حج جي موقعي تي لڳندي هئي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي بازار هئي جتي ڏورانهن علائقن کان وڏا وڏا واپاري قافلا اچي واپاري سرگرمين ۾ حصو وٺندا هئا. ان کانسواءِ هتي عرب جا وڏا وڏا شاعر اچي ڪري شاعريءَ جي بين الاقوامي مقابلي ۾ حصو وٺندا هئا ۽ داد حاصل ڪندا هئا. (سنڌيڪار)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتن بنسبت جيڪو رويو اختيار ڪيو ويندو هو. تنهن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. انهن معاشرن ۾ انسانن جي گهٽائي ڇا جي ڪري ڏتڙيل، غلامي، جهالت ۽ غربت ۾ گرفتار هئي؟ ۽ انهن سان رعايتون مليل طبقو ڪهڙو سلوڪ ڪندو هو؟ انهن سيني ڳالهين جي سببن جو پاڻ سڳورن ﷺ وٽ اونهو مطالعو موجود هو.

انهن سفرن جي دوران حاصل ڪيل مشاهدي ۽ تجربي تي وڌيڪ غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ رسول الله ﷺ جن غارِ حرا ۾ مراقبو ڪندا هئا. انهيءَ مراقبي ۾ جتي غلام عورت ۽ ٻين ڏتڙيل ماڻهن جي رحم جوڳي حالت تي غور ٿيندو هو اتي مذهب، نسل ۽ دولت جي بسنسبت موجود ٽڪراءَ جي ڪري، انساني هيڪڙائيءَ کي جيڪو هاڃو پهچندو هو تنهن تي غور ۽ فڪر انهن اختلافن کي ختم ڪرڻ جا اپاءَ سندن سوچ جو مرڪز هوندا هئا. حلف الفضول جهڙي غير سياسي جماعت جو قائم ٿيڻ، جنهن جو مقصد بيواهن، يتيمن ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن کي رعايتون ڏنل طبقي کان سندن حق وٺي ڏيارڻ هو. پڻ پاڻ سڳورن جي جاکوڙي مقصدن ۽ رخ جو ڏس ڏئي ٿو. افسوس ان ڳالهه جو آهي تہ مفسر عام طور تي انهن سمورن واقعن کي، جيڪي نبوت کان اڳ نبي ڪريم ﷺ جي چاليهن سالن واري زندگيءَ ۾ پکڙيل آهن، قرآني تعليم جي ڳٽن کي چٽو ڪرڻ ۾ ڪم نٿا آڻين. انهيءَ ڪري تفسيرون رڳو رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ ۾ ڪم ٿيو اچن، جنهن ڪري اسلام جي ڏيڍ هزار سال جي تاريخ ۾ ديني بنياد تي مزدور ۽ ڏتڙيل جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪابہ هلچل پيدا نہ ٿي سگهي، ڪوبہ فرانس جهڙو انقلاب اچي نہ سگهيو. آخرڪار ملوڪيت (بادشاهت) جي اداري کي مغربي ڏاهپ اچي ختم ڪيو ۽ ان جي بدران هر فرد کي ووٽ جو حق ڏنو ۽ گهٽو پوءِ ڪارل مارڪس جي فڪر تي روس ۾ مزدور عوام هڪ عظيم انقلاب آندو. پر ڪوبہ مسلمان ملڪ پنهنجي وڏي واڪ دعوائن باوجود پنهنجي اندر صحيح اسلامي معاشرو تعمير نہ ڪري سگهيو.

قرآن مجيد کي ان جي تاريخي حالتن ۽ رسول الله ﷺ جي جاکوڙ کان جدا ڪري سمجهڻ جي ڪوشش، رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن کي تہ فائدو پهچائي سگهي، پر عوام (الناس — الانام) جي حق ۾ ڪابہ تبديلي پيدا نہ ڪري سگهي. اهي تفسيرون پنهنجي غير عوامي رويي سبب مسلمان امت

منجهان نہ تہ ملوڪيت کي ختم ڪري سگهيون ۽ نہ ئي عوام پرور معاشي ۽ سياسي نظام جوڙي سگهيون. بغداد جي زوال کان پوءِ اجتهاد جي دروازي کي بند ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو امت جي فڪر ۾ سڪوت، سُستي ۽ غير تخليقي رويا سوڀارا ٿي ويا ۽ مسلم امت جي زندگي هڪ جاءِ تي بيهي وئي، جنهن ۾ اڳتي هلي ٿوري گهٽي چرپر ۽ پساهہ يورپ جي غلامي ۾ اچڻ کانپوءِ انهن قومن جي سائنسي، شهري، خانداني ۽ تهذيبي ارتقا سان سڌو سنئون لاڳاپو قائم ٿيڻ سان پيدا ٿي هئي.

## چوٿين ڳالهہ:

چوٿين ڳالهہ جنهن کي عام تفسيرن بلڪل ئي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي، سو اسلام جو ختم نبوت جي عقيدي بابت عالمگير ۽ دائمي پاسو آهي. مولانا عبيدالله سنڌيؒ فرمايو هو تہ اصل ۾ هي ”اسلام جي بين الاقوامي پروگرام“ جو بيو نالو آهي. جيڪڏهن نبوت اجا بہ هلندڙ هجي ها تہ موجوده مذهبي جماعت ۾ اجا بہ واڌارو ٿيندو رهي ها. اهڙي طرح اسلام بہ انهن جماعتن مان هڪ مذهبي جماعت جي حيثيت ۾ ئي هجي ها ۽ ان جي اها دعويٰ تہ اهو دنيا جي قومن کي خدائي هيڪڙائيءَ جي نظريي تي هڪ ڪرڻ لاءِ آيو آهي ۽ ان جو مقصد دنيا مان بک، غلامي، جهالت، سياسي غلامي ۽ محنت جي استحصال کي ختم ڪري، دنيا ۾ موجود مذهبن جي گڏيل اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن جي بنياد تي انساني هيڪڙائي ۽ زمين تي آدم جي خلافت قائم ڪرڻ لاءِ آيو آهي، سو غلط ٿي وڃي ها. انهيءَ ڪري ئي قرآن پاڪ مسلمان امت کي ”امتِ وسط“ سڏيو آهي جنهن کي بين لفظن ۾ ذڪر ڪيل مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ علمبردار جٿي جي حيثيت حاصل آهي.

اها ڳالهہ تمام ئي افسوس لائق آهي تہ امت اها اڳواڻيءَ واري حيثيت اختيار ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ ئي هڪ مذهبي جماعت بڻجي وئي آهي. قرآن پاڪ جي دائمي ۽ عالمگير تعليم کي، جيڪا ختم نبوت جو لازمي نتيجو آهي، نظر انداز ڪرڻ سان اهي تفسيرون غلاميءَ جي خاتمي لاءِ ڪو مؤقف اختيار ڪري نہ سگهيون، جڏهن تہ قرآن پاڪ جي مقصد خلاف انهيءَ غير انساني اداري جي ڪري، انسانن جي واپار ٿيندو رهيو. انهيءَ طريقي کي آمريڪي صدر ابراهيم لنڪن اچي ختم ڪيو ۽ (ڪيس ان جي بدلي گولي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽي ماريو ويو. ائين هن) انسانيت جي شهيد جو درجو ماٽيو. مسلمان ڏاهپ ديني نقطي نگاهہ کان فنون لطيفہ بابت ڪوبہ آخري فيصلو ڪري نہ سگهي آهي ۽ نہ ئي عورت کي مرد جي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏئي سگهي آهي تہ جيئن مرد ۽ عورت ٻن ڦيٿن وانگر زندگيءَ جي گاڏي کي اطمينان سان هلائي سگهن.

مشاورت جو سياسي نظام بہ قائم نہ ٿي سگهيو جنهن کي اڄ ڪلهہ جمهوريت سڏيو وڃي ٿو. مسلمان اڃا تائين ملوڪيت جي ڏيڻ ۾ قائل آهن. بادشاهي نظام، خزاني، قانون سازي ۽ حڪومتي ادارن اندر عوام کي عمل دخل نٿو رهي ۽ اهي ادارا بنا ڪنهن پائيداريءَ جي بادشاهہ جي قبضي ۾ رهندا آهن.

معيشت جو قرآني نظام ربوبيت بہ جوڙي نہ سگهيو، جنهن ۾ پيداواري وسيلا گڏيل ملڪيت هوندا آهن. ان نظام ڪنهن بہ اقليت کي اهو حق نہ هوندو آهي تہ اها انهن وسيلن تي طاقت يا سياٽپ سان قبضو ڪري، انسانن جي گهڻائيءَ کي غلام بنجڻ ۽ ڏتڙيل رهڻ تي مجبور ڪري سگهن.

مسلمانن جو اهو فرض هو تہ اهي توحيد جي بنياد تي عالمگير گڏيل روحاني معاشرو قائم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪن ها تہ جيئن سياسي غلاميءَ جو بلڪل ئي خاتمو ٿي سگهي. اڃا بہ اهي غلام قومون، جيڪي پنهنجي سياسي آزاديءَ جي لاءِ وڙهي رهيون هجن، تن جي انهيءَ جاکوڙ ۾ نظرياتي، مالي ۽ هٿياربند مدد سان حصو ڳنڍيين ها تہ جيئن هر قوم آزاد رهندي، پنهنجي مرضيءَ موجب پنهنجي اڏاوت ڪري سگهي. گڏيل انقلاب اولهہ جي نئين آبادي نظام ۾ جڪڙيل قومن کي انهن جي آزاديءَ لاءِ مالي ۽ مسلح مدد ڪئي، جڏهن تہ مسلمان پنهنجي آزاديءَ کي بہ قائم رکي نہ سگهيا.

ٿورڙن لفظن ۾ اهي تفسير دنيا ۾ بدحالي، غلامي، جهالت ۽ غربت ختم ڪرڻ ۾ بہ تہ ڪابہ مدد نہ ڪري سگهيا پر ان جي برخلاف مسلمان امت جي صفن مان بہ غير انساني حالتن کي ٻاهر نہ ڪڍي سگهيا. انهن تفسيرن مسلمانن جو ذهن اهڙو ٺاهي ڇڏيو آهي جيڪو نہ رڳو عالمگير سطح تائين، پر قومي سطح تائين بہ انهن غير انساني حالتن جو ديني نقطي نگاهہ کان مقابلو ڪرڻ کي پنهنجو فرض ئي نٿو سمجهي.

تنهن ڪري جيستائين تفسير ڪرڻ وقت طبقاتي، انقلابي، عالمگير ۽ رسول الله ﷺ جي جاکوڙ بابت اونهائيءَ سان مطالعي واري روش پنهنجائي نہ

ويندي، تيستائين قرآن جي دائمي ۽ عالمگير مقصد، جن ۾ دينن جي هيڪڙائي، انسانيت جي هيڪڙائي، آدم جي خلافت ۽ معاشي انصاف اچي وڃن ٿا، ڪڏهن بہ حاصل نٿا ٿي سگهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ مسلمان ذهن دنيا جي مذهبن ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن جو حڪمت ۽ محبت جي جذبي سان مطالعو ڪن. دنيا جي انهن مذهبن ۾ موجود هڪ نيڪ دل فردن سان گڏجي خدا پرستن جي هڪ برادري قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن نہ ڪہ انهن مذهبن جي پاڪ ڪتابن کي منسوخ ۽ مڪمل طور تي ڦير ڦار ٿيل ۽ انهن جي پيروڪارن کي "ڪافر" ۽ "مشرڪ" سڏي ويڇا وڌائن.

انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ مسلمان ڏاها قرآن ڪريم جي پيغام جي عالمي مقصدن جي پورائي لاءِ سامي مذهبن کانسواءِ جن جو ذڪر قرآن ۾ آهي، آريائي ۽ زرد قومن جي نبين ۽ حڪيمن ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن جي پاڪ تعليم کي تسليم ڪن. ڇو جو زرتشت، ڪرشن، رامچندر، مهابير، ٻڌ، ڪنفيوشس ۽ سقراط جي تعليم کي ميجيندڙ ڪروڙن جي تعداد ۾ آهن. قرآن ڪريم انهن مذهبن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي "مهيمن" (نگهبان) سڏيو آهي. تنهن ڪري قرآن ڪريم جي انهيءَ دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ انهن مذهبن جي پاڪ ڪتابن جو اونهائيءَ سان مطالعو ڪرڻ ضروري آهي.

هن سموري بحث جو تت هي آهي تہ:

1. اسلام انقلاب جو هڪ بين الاقوامي پروگرام آهي ۽ ان جي تعليم عالمگير ۽ دائمي آهي.
2. ان جو پيغام دنيا جي سمورن انسانن لاءِ آهي جنهن ۾ موجوده توڙي ايندڙ دؤرن جا سمورا انسان اچي وڃن ٿا.
3. اسلام سمورن دينن (مذهبن) جي بنيادي تعليم کي ساڳي ئي ۽ گڏيل سڏي ٿو. هر مذهب جا پاڪ باني خدائي هيڪڙائي، مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ ۽ نيڪ عمل جي تعليم ڏيندا رهيا. مذهب جا اختلاف انهن جي رسمن، عملي معاملن ۽ غير مادي تشريحن ۾ لڪل آهن.
4. اسلام معاشري کي انسانن جو هڪ سادو ميڙ نٿو سڏي، پر ان کي وڌائي ڪندڙن جي مقابلي ۾ هيسايل، الناس ۽ الانام جي اندروني مخالف طبقن تي مشتمل سڏي ٿو.
5. قرآن ڪريم مرد کي عورت جي مٿان حاڪم بڻائڻ بدران ان کي گهر جي

سربراهه جي حيثيت ڏئي ٿو. ساڻس هر ڪم ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي ۽ جوان اولاد سان صلاح مشورو ڪرڻ کي فرد لاءِ فرض سمجهي ٿو جيڪو پنهنجي مرضي مڙهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري.

6. اسلام غلام کي احسان يا فديي جي ذريعي آزاد ڪري ڇڏڻ جو حڪم ڏئي ٿو. ان کي سدائين لاءِ غلاميءَ جي حالت ۾ قائل رهڻ نٿو گهري، جيئن بادشاهت جي گُهرجن هيٺ ٿيو. انساني ڏيتي ليتي جي ڪاروبار کي آمريڪا جي صدر ابراهيم لنڪن اچي ختم ڪيو، پر مسلمان انهيءَ توفيق کان بي نصيب رهيا.

7. قرآن انسان کي چيڪي مٽي (mud) ۽ خدائي روح (Divine Energy) جو مرڪب سڏي ٿو. چيڪي مٽي يعني جسماني يا مادي مقصدن کي حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ذڪر ۽ عبادت جي ذريعي اخلاقي ۽ روحاني پاسن جي سڌاري ۽ تڪميل کي لازمي سڏي ٿو. ڇو جو اِهو ئي اُهو پاسو آهي جيڪو موت کان پوءِ ڇٽڻ يا برن عملن جي اثرن کي ڪٽي، جسم کان جدا ٿي ويندو آهي ۽ نئين وقت ۽ جاءِ ۾ پنهنجي ارتقائي جاکوڙ جاري رکندو آهي.

8. قرآن ڪريم ٽيويهن سالن جي عرصي ۾ ٿورو ٿورو ٿي نازل ٿيو آهي، جنهن ۾ پهريان مڪي ۾ نازل ٿيندڙ سورتون اچي وڃن ٿيون. ان کان پوءِ مدني تعليم جو دؤر اچي ٿو. عليڳڙهه يونيورسٽي جي اسلاميات شعبي جي صدر مولانا تقي اميني مڪي سورتن کي ”مطلقات“ ۽ ”تعميات“ سڏيو آهي جڏهن تہ مدني سورتن کي ”مقيدات“ ۽ ”تحديدات“ چئي ٿو. انهيءَ صورتحال کي سامهون رکندي مڪي ۽ مدني سورتن کي هڪ ئي انداز سان مطالعو ڪرڻ بدران، انهن کي جدا جدا تاريخي تناظر ۾ رکندي انهن جا مطلب بيان ڪيا وڃن. مڪي قرآن جي مطالعي ۾ اسلام کان اڳ واري انسان جي ذهني، تهذيبي، شهري ۽ طبقاتي تاريخ سان گڏ دنيا جي مذهبن ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن جو اونهو مطالعو بہ ضروري آهي. ڇو جو مڪي ۾ نازل ٿيندڙ قرآن ان وقت جي علمي مرڪزن، جيڪي يونان، هندستان، ايران، اسڪندريہ (مصر) ۽ چين ۾ قائم هئا ۽ انهن مان جيڪي فلسفياڻيون سوچون ۽ شهري ۽ خانداني خيال پيدا ٿيا هئا، تن تي تنقيدي نظر رکي ٿو. انهيءَ تنقيد جي روشنيءَ ۾ اسلام کان پوءِ اچڻ وارين يورپي

تهذيبن جو مطالعو پڻ ڪري سگهجي ٿو. اجا بہ قيامت تائين اچڻ وارين تهذيبن تي تنقيدي نظر سان ڏسي سگهجي ٿو.

9. قرآن ڪريم قومن جي تباهي جو سبب جتي آڪڙيل ۽ رعايتون ڏنل طبقي جي جنسي ڇڙواڳي ۽ ٻيا غير اخلاقي انساني عمل ٻڌايو آهي، اتي غلامن، مزدورن ۽ ٻين ڏتڙيل طبقن جي محنت جو استحصال پڻ ٻڌايو آهي. جيئن جيئن دولت ۽ اقتدار ٿورڙن رعايتون ڏنل ۽ ڏاڍن ماڻهن جي هٿن ۾ وڪوڙبا وڃن ٿا، تيئن تيئن هيٺن ۽ محروم ماڻهن جي غربت ۽ بي وسي وڌندي وڃي ٿي، ايتري تائين جو انهن جي نُنهن ۽ ڌيئرن جي عزت ۽ پاڪدامني بہ انهن جي رحم ۽ ڪرم تي آڌارجي وڃي ٿي. انهيءَ لاءِ ئي اقبال چوي ٿو:

*خواجہ نان بندہ مزدور برد*

*آبروئے دختر مزدور برد*

خواجہ يعني ڌڻي، جاگيردار ۽ صنعتي سرمائيدار جتي مزدور (هاري ۽ غلام) جي محنت مان ٿيندڙ اپت تي قبضو ڪري وڃي ٿو، اتي پنهنجي دولت ۽ اقتدار جي سهاري ان جي ڌيءَ جي عزت بہ لٽي وڃي ٿو.

10. انهيءَ صورتحال جي خاتمي لاءِ قرآن ڪريم مذهب جي بنيادي اصول، خدائي هيڪڙائي جي بنياد تي توحيدي معاشرو جوڙڻ لاءِ تاڪيد ڪري ٿو. ڇو جو توحيد جو رڳو زباني اقرار اڄ تائين انسان جي لاءِ هاڪاري نتيجا پيدا ڪري نہ سگهيو آهي. جيئن تہ فرد هڪ معاشري ۾ پيدا ٿيندو آهي پوءِ جيڪو معاشرتي نظام قائم ٿيندو آهي اهو نظام فرد جي نظرين، عقيدن، سيرت ۽ ڪردار جي جوڙجڪ جو بنيادي سبب ٿيندو آهي. انهيءَ ڪري ئي توحيدي معاشري جو قيام نبوت جو بنيادي مقصد هوندو آهي. جنهن ۾ پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ هوندا آهن ۽ علم، تهذيب، اخلاق ۽ روحانيت جي برڪتن مان معاشري جو هر فرد هڪجيترو لاڀ حاصل ڪندو آهي. ڊاڪٽر علي شريعتي انهيءَ نقطي نگاهہ کان توحيدي معاشري کي اڻ طبقاتي معاشرو سڏيو آهي، جڏهن تہ طبقاتي معاشري کي مشرڪ يا شرڪ جي اثر ۾ آيل معاشرو سڏيو آهي.

توحيد جي بنياد تي اڻ طبقاتي معاشري جي جوڙجڪ کي دنيا جي مذهبن توڙي اسلام جي مذهبي پيشوائيت، رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحفظ لاءِ انهن سان بِٽُ ٿي، نہ رڳو نظر انداز ڪري ڇڏيو پر ان ڪي مذهب ۽ نبوت جي بنيادي مقصد جي حيثيت ۾. مذهب جي تعليم مان ئي ڪڍي ڦٽو ڪيو آهي ۽ توحيد جي رڳو زباني اقرار ۽ دل سان مڃڻ واري بي ضرر اصول کي مذهب جي بنيادي تعليم قرار ڏنو آهي. انهيءَ اصول سان رعايتون مليل طبقي جي دولت جي وسيلن ۽ اقتدار تي ڪابہ آڃ نٿي ڪجي ۽ ويچارو عوام مذهب جي معنيٰ رڳو رسمن ۽ عبادتن جي ادائگي، عبادتگاهن جي ناھ نوھ ۽ سينگار ڪرڻ ۽ مذهبي پيشوائيت جي اڳواٽيءَ کي مڃڻ تي مجبور ٿي ويجي ٿو. پر هاڻي زمانو بدلجي رهيو آهي. هڪ تہ اهڙن مذهبن کي ٺڏيو ويو آهي، جيڪي محنت جي استحصال ۽ امير ۽ غريب ۾ دولت جي ورڇ واري فرق کي الله تعاليٰ جي مرضي سڏي ٿو. پر ان سان گڏوگڏ اقبال ۽ ان جي شاعريءَ جي بهترين تشريح ڪندڙ علي شريعتي شهيد. نبين جي انقلابي ۽ اصلي مذهب جي مقابلي ۾ مذهبي پيشوائيت جي ڦير ڦار ٽيل مذهب جي فرق ڪي، پنهنجي رت جي شهادت سان چٽو ڪري ڇڏيو. هن انهيءَ دوکي جي پردي کي ڦاڙي ڇڏيو آهي تہ مذهب يا دين جي معنيٰ رڳو عبادت ۽ رسمن جي ادائگي آهي ۽ معاشرتي تبديلي مذهب جو بنيادي مقصد نہ آهي. معاشرتي تبديلي ڪميونسٽ دهرين جي شرارت سڏي وئي آهي.

ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم مديني پاڪ ۾ قائم ٿيندڙ رياست کي ”گڏيل جمهوري رياست“ سڏي ٿو. جيڪا مڪمل طور تي اقبال جي فڪر موجب آهي. اقبال اسلامي رياست جي شڪل ۽ صورت کي ”محڪماتِ عالم قرآني“ ۽ ”فلڪ مريخ“ جي ”مرغديني معاشره“ جي مضمون ۾ بيان ڪيو آهي. پر اسان جي ديني عالمن ۽ اولھ جي سرمائيداراڻي نظام جي پنيرائي ڪندڙ دانشور انهيءَ تصور کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. اقبال تہ ايئن بہ چئي ڇڏيو آهي تہ:

چيست قرآن؟ خواجه را پيغام مرگ
دستگير بنده بے ساز و برگ

# سورة الفاتحہ جي نزولي زماني جو پس منظر

(”سيرت قرانيہ متوسط“ مان اخذ ڪيل)

پروفيسر محمد اجمل خان صاحب

## سورة الحمد:

جيئن تہ هيءُ سورة قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب ۾ قرآن پاڪ جو ديباچو آهي، تنهن ڪري اسان سڀني سورة لکي ڇڏيون ٿا ۽ هي ٻڌايون ٿا تہ تعبير جي گهٽائيءَ جي ڪري هن سورة جو مطلب ڇا مان ڇا ٿي ويو آهي.

## نالا:

عام تفسيرن مان ڄاڻي سگهجي ٿو تہ سورة الحمد جا نوانوي نالا آهن. ڪافيہ، شافيہ، سبع المثاني، ڪنز، ام القرآن وغيره وغيره. چيو ويندو آهي تہ هن سورة ۾ قرآن پاڪ جي تعليم جو نچوڙ آهي. پر تاريخي فيصلو هي آهي تہ (نزولي ترتيب جي لحاظ کان قرآن پاڪ جي) پهرين سورة العلق آهي ۽ انهيءَ ۾ اسلام جي تعليم جو نچوڙ آهي ۽ ان جي مضمونن کي جتي ڪٿي مخلتف اندازسان قرآن پاڪ ۾ ادا ڪيو ويو آهي.

محدث بہ اهو ئي چون ٿا تہ هن سورة جا اڌ مضمون مڪي ۾ ۽ اڌ مديني ۾ نازل ٿيا. بهرحال، هن ڪي الفاتحہ انهيءَ لاءِ نہ چيو ويندو آهي تہ هيءَ سڀ کان پهريان نازل ٿي، پر ان لاءِ جو هن کي قرآن پاڪ جي شروع ۾ رکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري قرآن پاڪ جي موجوده ترتيب ۾ الفاتحہ (منڍ) آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ام القرآن:

هيءَ ”ام القرآن“ انهيءَ لاءِ نہ آهي جو هي جملو بہ قرآني نہ آهي. پر قرآن ۾ ام الڪتاب جو جملو سورة الرعد جي ڇهين رڪوع ۾ استعمال ٿيو آهي (عنده ام الڪتاب). هن ”ام الڪتاب“ يا علم جي سرچشمي ۽ قانون سان دنيا وارن کي انهن جي قابليت آڌار مختلف ٻولين ۾ علم يا ”ڪتاب“ ڏنو ويندو آهي؛ (لِكُلِّ أَجَلٍ كِتَابٌ(٣٨) يَمْحُو اللَّهُ مَا يَشَاءُ وَيُثْبِتُ وَعِندَهُ أُمُّ الْكِتَابِ(٣٩) ﴿الرعد﴾ اهو ”ام الڪتاب“ الله تعاليٰ وٽ آهي.

## سبع مثاني:

هي جملو سورة الحجر جي ڇهين رڪوع ۾ هينئن استعمال ٿيو آهي: ”وَلَقَدْ آتَيْنَاكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِي وَالْقُرْآنَ الْعَظِيمَ ﴿الحجر: ٨٧﴾“. نزولي ترتيب جي لحاظ کان هيءَ سورة پندرهين آهي ۽ سورة الحمد جو نمبر ٻياسي آهي. يعني سبع مثاني جو جملو گهٽ ۾ گهٽ اڳي نازل ٿي چڪو هو. تنهن ڪري سبعا من المثاني مان سورة الحمد سمجهڻ صحيح نہ آهي. اصل ۾ سبعا جو مطلب ست نہ، پر ڪيترائي آهي ۽ المثاني انهن قديم ڪتابن يعني توراة، زبور وغيره کي چون ٿا جن ڏانهن قرآن وري وري ڌيان ڇڪايو آهي. مقصد رڳو هي آهي تہ الله تعاليٰ ڪيترائي حڪم وري وري بيان ڪيا آهن. انهيءَ ڪري قرآن جي باري ۾ سورة الزمر (رڪوع3) ۾ چيو ويو آهي تہ هي بهترين ڪلام اهڙي تعليم تي مشتمل آهي جيڪا هڪ ٻئي سان مشابهت رکندڙ آهي ۽ هن کان اڳ بہ وري وري نازل ٿي چڪو آهي. (اللَّهُ نَزَّلَ أَحْسَنَ الْحَدِيثِ كِتَابًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ) کي سمجهڻ لاءِ سموري سورة اچا بہ هڪ دؤر جي سمورين سورتن جو نچوڙ سامهون رکڻ گهرجي. مختلف آيتن ۽ سورتن کي نزولي ترتيب کان جدا ڪري سمجهڻ جي ڪوشش ۾ وقت نہ وڃايو وڃي. اهڙي طرح قرآن پڙهڻ سان چٽيءَ طرح ڄاڻ ملي ويجي ٿي تہ ڪتاب، صحف، آيات، ڪلام، نور، هديٰ، تنزيل، مطلب تہ اهڙي قسم جا جيترا بہ لفظ قرآن پاڪ ۾ آيا آهن، انهن جو اهو مطلب رڳو قرآن پاڪ جو آيتون ۽ حڪم نہ آهن، پر جيئن تہ (اهي حڪم هي آهن جيڪي هر دؤر ۾) وري وري ورجايا ويا آهن ائين الله تعاليٰ طرفان نازل ڪيل جيترا بہ ڪتاب آهن انهن سيني تي ايمان آڻڻ هر مسلمان جو فرض آهي (وَمَا أُنزِلَ مِن قَبْلِكَ ﴿البقرة: ٤﴾).

قرآن پاڪ جي اها تعليم مثاني يعني وري وري بيان ڪيل تعليم آهي ۽ گذريل نبين جي ڪتابن ۾ به وري وري بيان ٿي چڪي آهي. اهي ڪتاب ”سبع“ يعني جهجهي تعداد ۾ آهن. مثال طور ابراهيمي صحيفا، توريت، زبور، امثال سليمان ۽ لقمان حڪيم، انجيل يحييٰ ۽ عيسيٰ عليهم السلام وغيره.

## سورة الحمد جو نزول:

سورة الحمد جو پهريون اڌ پاڻ سڳورن ﷺ جي شعب ابي طالب مان نڪرڻ ۽ طائف کان موٽي اچڻ کان پوءِ نازل ٿيو. جڏهن ته آخري آيت مديني ۾ نازل ٿي جتي يهودي ۽ عيسائي هئا ۽ جتي صراط جو لفظ عام طور ڳالهايو ويندو هو ۽ جتي مغضوب عليهم يعني وياجي ۽ مغرور يهودي پناهگيرن جو وڏو تعداد هو. شعب ابي طالب مان سنه 10 نبوي ۾ ٽن سالن جي ڏکن ڏولاون مان ڇوٽڪارو مليو ته پاڻ سڳورا ﷺ جن طائف ويا. شعب ۾ ٻين سورتن سان گڏ سورة يوسف به نازل ٿي جنهن ۾ سورة الحمد جو سمورو تصور موجود آهي. وري طائف کان موٽندي نخله واري جاءِ تي سورة الجن نازل ٿي، جنهن سان ”عالمين“ جو تصور چٽو ٿي وڃي ٿو. انهيءَ زماني ۾ سورة اسراء نازل ٿي، جنهن ۾ بني اسرائيل ڏانهن ڏيان ڏيڻ جو اشارو موجود آهي. اِهو ئي اُهو زمانو آهي جڏهن دنيا ۾ پناهه جي ڪٿي به جاءِ ڪونه هئي. پاڻ ڪنهن به طرح سان نااميد يا هيسجي نه ويا. سورة الحمد انهيءَ ئي ڇڪتاڻ ۽ آزمائش واري زماني جي يادگار آهي. انهيءَ ڪري سورة يوسف ۽ سورة الجن جو مطالعو هن کان اڳ ضروري آهي.

## سورة الحمد ۽ سورة يوسف:

شعب ابي طالب ۾ نظربندي واري زماني ۾ سورة يوسف نازل ٿي. جيڪڏهن ساڳيون ئي حالتون ٻئي ڪنهن قوم يا فرد سان نهڪي اينديون هجن، جيڪي ان وقت مسلمانن سان هيون ته اهڙن بي سهارن ۽ مجبورن جي لاءِ سورة يوسف هڪ خدائي پيغام آهي، جيڪو ڪاميابيءَ جو يقين پيدا ڪري ٿو (لَّقَدْ كَانَ فِي يُوسُفَ وَإِخْوَتِهِ آيَاتٌ لِّلسَّائِلِينَ (٧) لَقَدْ كَانَ فِي قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّأُولِي الْأَلْبَابِ (١١١) ﴿يوسف﴾). ان کان پوءِ سورة الحمد نازل ٿي آهي.
ڪجهه اهڙا لفظ جيڪي ٻنهي (يعني الحمد ۽ يوسف) سورتن ۾ ساڳيا آهن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سي هي آهن:

**رب:** ڌڻي يا سنڀاليندڙ جي معنيٰ ۾ آيو آهي: ”قَالَ مَعَاذَ اللَّهِ إِنَّهُ رَبِّي“ يوسف عليه السلام زليخا کي چيو تہ تنهنجو مڙس منهنجو ڌڻي يا سنڀاليندڙ آهي. اهڙي طرح ٻي جاءِ تي آيو: ”أَمَّا أَحَدُكُمَا فَيَسْقِي رَبَّهُ خَمْرًا“ توهان مان هڪ پنهنجي ڌڻي کي شراب پيئاريندو. ايئن ئي ”اذْكُرْنِي عِندَ رَبِّكَ“، ”ارْجِعْ إِلَىٰ رَبِّكَ“ وغيره ۾ رب جي معنيٰ ڌڻي آهي.

**العالمين:** هن جو مطلب انسان، قومون ۽ ماڻهو آهن. جيئن چيو ويو :”إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعَالَمِينَ (١٠٤)“ هيءُ قرآن ماڻهن جي لاءِ نصيحت آهي.

**ضلال:** حيراني پريشاني، بيقراري، دوکو ڀل چڪ، شڪ وغيره جي معنيٰ ۾ آيو آهي. مثال طور زليخا لاءِ چيو ويو: ”إِنَّا لَنَرَاهَا فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ“ ۽ حضرت يعقوب جي لاءِ آيو: ”تَاللَّهِ إِنَّكَ لَفِي ضَلَالِكَ الْقَدِيمِ (٩٥)“

**دين:** قانون، زندگي گذارڻ جي اصول، رستي وغيره جي معنيٰ ۾ آيو آهي: ”مَا كَانَ لِيَأْخُذَ أَخَاهُ فِي دِينِ الْمَلِكِ“ هو پنهنجي ڀاءُ کي بادشاهي قانون ۾ جهلي نہ پيو سگهي. ”أَمَرَ أَلَّا تَعْبُدُوا إِلَّا إِيَّاهُ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ“ حقيقي زندگيءَ جو قانون يعني ”الدين“ ڇا آهي؟ اهو اسلام يا الله تعاليٰ جي ٻانهپ آهي (إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ)

**الصراط المستقيم:** لفظ صراط مديني ۾ استعمال ٿيو آهي. سورة يوسف ۾ صراط مستقيم جي لاءِ ” الدِّينُ الْقَيِّمُ “ جو لفظ آهي. الصراط المستقيم اسلام جو ٻيو نالو آهي جڏهن تہ اسلام الله تعاليٰ جي ٻانهپ يا فرمانبرداريءَ جو نالو آهي. فرمايو ويو: ”إِنَّ اللَّهَ هُوَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿الزخرف: ٦٤﴾“ سورة يوسف ۾ بہ اهو ئي چيو ويو تہ آهي تہ ڌڻي جي ٻانهپ يعني الله تعاليٰ جي غلاميءَ جو ٻيو نالو ” الدِّينُ الْقَيِّمُ “ آهي: إِنِ الْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ أَمَرَ أَلَّا تَعْبُدُوا إِلَّا إِيَّاهُ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿يوسف: ٤٠﴾

**نعمت و انعام:** مشرڪ نہ هئڻ ۽ موحد هئڻ ئي الله تعاليٰ جو فضل ۽ خاص انعام آهي: ”مَا كَانَ لَنَا أَن نُّشْرِكَ بِاللَّهِ مِن شَيْءٍ ذَٰلِكَ مِن فَضْلِ اللَّهِ عَلَيْنَا وَعَلَى النَّاسِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُونَ“ ﴿يوسف: ٣٨﴾

## سورت الجن ۽ سورت الحمد:

هنن ٻنهي سورتن ۾ آيل ساڳيا لفظ ۽ انهن جو مطلب هن ريت آهي:

**العالمين:** هن لفظ جو اچار عالمين ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن اسان سورة الجن کي ڏسون ته انهيءَ ۾ ”ثقلين“ جو لفظ انسانن ۽ جنن لاءِ استعمال ٿيو آهي. اهڙي طرح سورة الرحمان ۾ به ”يَا مَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْإِنسِ“ چئي ڪري گفتگو ڪئي وئي آهي. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته قرآن پاڪ ۾ جتي جتي العالمين جو لفظ آيو آهي، سو تثنيه يعني ٻن جو صيغو آهي ۽ اهو عالم انس ۽ عالم جن جي ٻن جهانن لاءِ استعمال ٿيو آهي. نحو جي ڄاڻن اهو اصول مڃي ورتو آهي ته جيڪڏهن تثنيه جو صيغو رڳو ٻن تائين محدود هجي ته انهيءَ کي گهڻائيءَ طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. مطلب ته عالمين جي معنيٰ گهڻا انسان آهن پر جيڪڏهن انهيءَ مان تثنيه کي ساهمون رکيو وڃي ته پوءِ ٻن جنسن يعني جن ۽ انسان جي لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو ٻن عالمن يا سموري جهان سان ان جو لاڳاپو نه آهي. ”هَٰذَا بَصَائِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُوقِنُونَ“. هي قرآن انسانن لاءِ آهي، نه ڪي ٻي جان معدنيا، ٻوٽن، حيوانن، ناسوت، ملڪوت، لاهوت وغيره وغيره جهڙن هزارين جهانن لاءِ.

**يوم الدين:** ”دين“ جي معنيٰ نه رڳو سامي، پر آريائي ٻولين ۾ به ”قانون“ ئي آهي. يوم الدين جو مطلب آهي اهو ڏينهن جنهن ڏينهن قانوني يعني انصاف ڀريو فيصلو ٿيندو.

يوم الدين يا يوم الحساب ۽ يوم الفصل به هڪ فلسفياڻي بحث جي شيءِ بڻجي ويو آهي. مختلف قومن ۾ هي تصور موجود آهي ته اسان جهڙو عمل ڪنداسين، ان جو اهڙو نتيجو ضرور ملندو. نيڪيءَ جو بدلو نيڪ صورت ۾ ۽ بڇڙائيءَ جو بدلو بڇڙي صورت ۾ ملڻ اٽل آهي. پوءِ پلي چونه اهو هن زندگيءَ ۾ ملي يا مرڻ کان پوءِ ٻيهر پيدا ڪيو وڃڻ وقت ملي. قرآن پنهنجي شروعاتي تعليم ۾ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هن زندگيءَ ۾ ”آخره“ يعني پوءِ اچڻ واري حالت، اوليٰ يعني گذريل حالت کان ڀلي ٿيندي ويندي آهي ۽ نيڪ عملن سان انسان لڳاتار ڀلائيءَ ۾ ترقي ڪندو ويندو آهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الانشرح). بين سورتن ۾ بہ ٻڌايو ويو آهي تہ بڇڙن عملن جي ڪري هن دنيا ۾ ئي قومون تباهہ ٿينديون رهيون آهن. بين لفظن ۾ ائين چئجي تہ انهن کي سندن بد عمليءَ جي سزا هن دنيا ۾ ئي ملندي رهي آهي.

ڪيترائي اهڙا واقعا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جو ڪيترائي ماڻهو ۽ ڪيتريون ئي قومون پنهنجي بڇڙن عملن باوجود هن دنيا ۾ سزا نٿيون پوڳن، ويتر ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ظلم ۽ زيادتين سان دنيا وارن کي آزاريندا رهن ٿا. ان جو سبب قرآن ڪريم هي ٻڌائي ٿو تہ مظلوم قومون يا مظلوم فرد پنهنجو پاڻ ئي ان لاءِ ذميوار آهن. انهن جي ذميواري هئي تہ اهي ظالم قومن جي خلاف جهاد شروع ڪري ڏين ها، يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ جي تياريءَ ۾ پنهنجي زندگي گذاري ڇڏين ها. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ تياريءَ جي حالت ۾ ئي انهن کي موت اچي وڃي ها تہ سندس اهو موت عزت ڀريو هجي ها ۽ بعد ۾ اچڻ واري زندگيءَ ۾ انهن کي ان جو اجر ضرور ملي ها. ٻئي پاسي ظالم ۽ بدڪردار ماڻهن کي هميشہ خبردار ڪيو ويو تہ اهو نہ سمجهو تہ هن دنيا ۾ توهان ظلم ڪري مري کپي ويندا ۽ توهان کي ڀيهر جيئرو ڪري، توهان جو خالق توهان کي توهان جي بدعملن جي سزا نہ ڏيندو. الله تعاليٰ قانون جي بالادستي واري ڏينهن جو مالڪ آهي. انهيءَ ڏينهن هو توهان سان هڪ هڪ ذري جو حساب ڪري آخري فيصلو ڪندو. هيءَ دنيا آخري فيصلي جي جاءِ نہ آهي. هتي هر انسان پنهنجي عمل جي معاملي ۾ آزاد ۽ خود مختيار آهي.

قديم مصرين ۾ اهو تصور عام هو تہ مرڻ کان پوءِ انسان جو روح نٿو مري، پر هو سج جي مختلف برجن ۾ ڦرين ڏينهن کان چڪر ڪاٽيندي ڪاٽيندي تور عظم يا "را" تائين پهچي وڃي ٿي. ساڳيو ئي تصور ٻئي شڪل ۾ قديم بابل ۾ بہ موجود هو. هندي آرين جي فلسفين ۽ ڪن يوناني ۽ مصري فلسفين ۽ ڪجهہ وحشي قومن ۾ بہ هي تصور عام هو تہ انسان ئي نہ، پر جانور جي بہ مرڻ کان پوءِ ان جو روح ڪنهن ٻئي جسم ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي ۽ اتي هو پنهنجي گذريل زندگيءَ جي عملن جي جزا يا سزا ڀوڳيندو رهندو آهي. اهو "تناسخ" يعني مرڻ کان پوءِ روح جو ٻئي ڪنهن جسم ۾ جنم وٺڻ وارو چڪر لڳاتار هلندو رهندو آهي ۽ نيڪ عملن وسيلي ئي انهيءَ جهنجهٽ مان جان ڇٽي سگهندي. مهاوير ۽ گوتم ٻڌ بہ تناسخ مان ڇوٽڪاري کي ڪامل ڇوٽڪارو يا بهشت سڏي ٿو. بهرحال تصورن کي ادا

ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ قيامت توڙي مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿيڻ، ٻنهي جو بنيادي مقصد هڪ ئي آهي ۽ اهو هي تہ بڇڙن عملن جو نتيجو عذاب ۽ اهنج، جڏهن تہ نيڪ عملن جو نتيجو سڪون ۽ راحت واري زندگي آهي. الله تعاليٰ ئي نيڪ عملن جو اجر ڏيڻ وارو آهي. هو ئي بادشاهہ يا قاضي آهي جيڪو ضرور انصاف ڀريو فيصلو ڪندو. سورة الحمد ۾ ان تصور کي انهيءَ وقت بيان ڪيو ويو آهي جڏهن وڏي عرصي تائين مڪي جي مشرڪن کي اهو ٻڌائي ڇڏيو ويو هو تہ توهان پنهنجي بڇڙن عملن، ظلم ۽ شرڪ جي ڪري هڪ ڏينهن هن ئي دنيا ۾ آڳاٽين قومن وانگر تباهہ ڪيا ويندؤ. جيڪڏهن ڪٿي بچي بہ ويا تہ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرا ڪيا ويندؤ ۽ اتي توهان کي سزا ڏني ويندي.

## سورة الحمد جي باقي لفظن جي تحقيق

**ملڪ:** بادشاهہ، قاضي القضاة، آخري فيصلو ڪندڙ. دنيا ۾ هي تصور عام هو تہ بادشاهہ ئي آخري فيصلو ڪندڙ ۽ حڪم هوندو آهي. هو ئي قومي فوج جو سپهہ سالار هوندو آهي ۽ هو ئي رعيت جي هر ماڻهو جي جان، مال، عزت ۽ آبرو جو مالڪ يا ڌڻي هوندو آهي. ڪن قومن ۾ ان کي آسماني بادشاهہ سج جو اوتار مڃيو ويندو هو: جيئن مصر ۾ فرعون، بابل ۾ بعل (سج) جو اوتار حمورابي ۽ هندستان ۾ سورج بنسي راجہ وغيره.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ کي ”ملڪ“ ان لاءِ سڏيو ويو جو ”مَلِكِ النَّاسِ، إِلٰهِ النَّاسِ“ اهو ئي مالڪ الملڪ آهي. اهو ئي آخري فيصلو ڪندڙ آهي. ”أَحۡكَمِ الۡحَاكِمِينَ، خَيۡرُ الۡفَاصِلِينَ، لَمۡ يَكُن لَّهُ شَرِيكٌ فِي الۡمُلۡكِ، وَلَهُ الۡمُلۡكُ يَوۡمَ يُنفَخُ فِي الصُّورِ“ مان ثابت آهي تہ هن دنيا ۾ هو فيصلو نہ ڪندو. قيامت جي ڏينهن بادشاهي شان ۾ هوندو. تنهن ڪري آخرت ۾ فيصلو ڪرڻ واري جو تصور ائين سمجهايو آهي تہ هو يوم الدين يعني حساب ڪتاب واري ڏينهن بادشاهہ يا قاضي يا فيصلو ڪرڻ وارو هوندو. اڄ سندس فيصلي جو ڏينهن نہ آهي. تنهن ڪري جيتوڻيڪ هو مالڪ آهي، پر اڄ هن انسان کي اختيار ڏئي ڇڏيو آهي تہ هو چڱا عمل ڪري يا برا. انهيءَ جي جزا يا سزا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس قيامت جي ڏينهن ڏيندو. تنهن ڪري هو اڄ مالڪ آهي ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن هو ملڪ هوندو.

**انا نحن:** قرآن پاڪ ۾ ڪيترين ئي جائن تي بادشاهت جي اظهار لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ جمع جو صيغو استعمال ڪيو آهي. اهو ئي گفتگو جو شاهاڻو انداز هو ۽ آهي. مثال طور: ”إِنَّا أَنزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةِ الْقَدْرِ ، إِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَإِنَّا لَهُ لَحَافِظُونَ ، إِنَّا أَعْطَيْنَاكَ الْكَوْثَرَ“ وغيره. انهن سڀني مان ثابت ٿئي ٿو تہ سورة الحمد ۾ ملڪ آهي، نہ ڪي مالڪ. اها ئي قرات امام مالڪ جي بہ آهي.

**عبد:** ”نعبد“ ۾ رب العالمين جي نسبت سان عبوديت ۽ غلامي ترجمو ٿيڻ گهرجي. غلام جو ڪم حڪم مڃڻ آهي، نہ اهو تہ رڳو ڏٽيءَ جي ساراهہ ڊڪ پيو پڙهي. جيڪڏهن ساراهہ ڪرڻ جو حڪم آهي تہ اهو بہ عملي ساراهہ يعني غلاميءَ جي تصور ۾ سڀئي حڪم مڃڻ جو تصور اچي وڃي ٿو.

**غضب:** سڀ کان وڏي نعمت اها ٻڌائي آهي تہ انسان الله تعاليٰ جو ٻانهو هجي. شيطان کان پاسو ڪندو هجي. انهيءَ ۾ ئي ان جو ڀلو آهي. تنهن ڪري غضب يا ڏمر ضد آهي نعمت جو. يعني جيڪو ماڻهو مشرڪ يا انڪاري آهي، سو مغضوب يعني الله تعاليٰ جي ڏمر هيٺ آهي.

## سورة الحمد جي لفظن جو مختصر مطلب:

**الحمد:** رڳو زباني ساراهہ ئي نہ، پر هر قسم جي عملي شڪر گذاري يعني ٻانهپ اختيار ڪرڻ.

**الله:** اهو معبود جو هر شيءِ جو خلقيندڙ ۽ سڀڪجهہ ڄاڻيندڙ آهي.

**رب:** ڏٽي، پالڻهار ئي نہ، پر عبادت لائق.

**العالمين:** قومون، انسان.

**الرحمان:** الله تعاليٰ جو صفاتي نالو. اهو نالو جيڪو عيسائي وغيره الله تعاليٰ جي لاءِ استعمال ڪندا هئا.

**ملڪ:** قاضي، بادشاهہ فيصلو ڪندڙ.

**دين:** قانوني فيصلو.

**استعانت:** ڪنهن بہ ڪم ۾ صبر ۽ نماز جي وسيلي سان مدد گهرڻ. يعني عمل

ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ نتيجي لاءِ الله تعاليٰ جي ذات تي ڀروسو ڪرڻ.

**نعبد:** اسان رڳو ظاهري پوڄا ئي نہ، پر مڪمل ٻانهپ اختيار ڪريون ٿا.

**هدايت:** دڳ ملي وڃڻ. الله تعاليٰ ٻانهپ يا اسلام جي واٽ کي "هدي الله" سڏي ٿو يعني الله جو ڏسيل دڳ. (إِنَّ هُدَى اللَّهِ هُوَ الْهُدَىٰ).

**صراط:** ننڍو دڳ نہ، پر شاهي رستو.

**صراط المستقيم:** الدين القيم، الله تعاليٰ جي ٻانهپ، اسلام، هدي الله.

هي رومي لفظ صراطا (Strata) آهي جيڪو سڌو ئي سڌو روم ڏانهن ويندو هو. اهو دڳ پڪو ۽ مٿانهون هوندو هو. ان جي حفاظت ڪندڙ ۽ نگران سرڪاري ڪارندا هوندا هئا. وچ رستي ۾ مسافر خانا ۽ بازارون هونديون هيون ۽ مسافرن کي ڪنهن بہ قسم جو ڀؤ نہ هوندو هو. يعني اهو شاهي رستو جيڪو مفاصلي جي لحاظ کان سڀ کان ننڍو هجي ۽ ور وڪڙ ۽ تڪليف ڏيندڙ نہ هجي. يعني هڪ اهڙو رستو جنهن تي پهچڻ کان پوءِ ڀٽڪي وڃڻ جو ڀؤ نہ هجي ۽ ڀلي رستي ۾ موت اچي وڃڻ جي ڪري منزل تائين پهچي يا نہ پهچي. يعني پنهنجي زندگيءَ ۾ مقصد تائين پهچ ٿئي يا نہ ٿئي، پر گمراهي کان بچي وڃي ۽ هيڏي هوڏي ڀٽڪي وڃڻ بدران ڪيس پڪ ٿي وڃي تہ انهيءَ ئي واٽ تي هلڻ ۾ ڇوٽڪارو آهي. هاڻي نہ انهيءَ واٽ ۾ اڄ جي ڪري موت ايندو نہ ڏاڍيل ڦريندا. اهو هڪ محفوظ شاهي رستو آهي ۽ انهيءَ تي حفاظت سان منزل طئي ڪرڻ يقيني ڳالهہ آهي. اسلام يا الله تعاليٰ جي ٻانهپ ئي صراط مستقيم آهي: "إِنَّ اللَّهَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ".

**انعام:** شرڪ کان بچي مسلمان ٿيڻ ۽ زمين تي الله تعاليٰ جي طرفان خلافت ماڻي خدائي انعام سان ڪامياب ٿيڻ.

**مغضوب:** جيڪي اسلام کان ڦري الله کانسواءِ ٻين ڏانهن مڙسن جا غلام بڻجي ويا.

**ضال:** اهي ماڻهو جيڪي شڪ ۾ ڦاٿل آهن، جن کي اڃا هدايت نہ ملي آهي.

ستن حصن ۾ سورة الحمد جي ٽن آيتن جو مفهوم

(1) هر قسم جي ساراهہ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ مناسب نہ آهي، ڇو جو اهو ئي سمورن انسانن يا قومن جو ڏاتي آهي.

(2) جنهن جو ٻين قومن ۾ هڪ نالو رحمان بہ آهي ۽ هو ٻين ڏٽين يا ديوتائن وانگر ظالم نہ آهي، پر تمام ئي ٻاجهارو آهي.

(3) اهو ئي جزا ۽ سزا واري ڏينهن جو قاضي يا فيصلو ڪندڙ هوندو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان جي انصاف ۾ باجهہ ۽ معافي جو غلبو هوندو. ڇو جو هو مهربان آهي ۽ گنهگارن کي معاف ڪرڻ تي وس وارو آهي.

(4) اسان اعلان ڪريون ٿا يا مڃون ٿا تہ اسان رڳو تنهنجا ئي ٻانها آهيون، ٻيو ڪوبہ اسان جو ڌڻي يا پالڻهار نہ آهي. يعني اسان رڳو تنهنجا ئي فرمانبردار ۽ تنهنجي ئي حڪمن اڳيان ڪنڌ جهڪائيندڙ آهيون. اسان هر تڪليف ۾ رڳو توکان ئي مدد گهرون ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کان بہ مدد نٿا گهرون ڇو جو اهي پاڻ ئي تنهنجي مخلوق آهن ۽ ٻئي ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ لاچار آهن. ٻين لفظن ۾ اسان شرڪ ڪندڙ نہ آهيون.

(5) اسان کي سڌي يعني تمام ئي ٺوري پنڌ واري دڳ (يعني اسلام) ۾ آڻي ٻيهار جنهن جو ٻيو نالو تنهنجي ٻانهپ آهي.

(6) اسان کي انهن ماڻهن واري دڳ تي هلاءِ جن تي تو پنهنجو فضل ۽ مهرباني ڪئي آهي. يعني انهن مسلمان يا فرمانبردار قومن واري طريقي تي هلاءِ جيڪي اڳي گذري چڪيون يا هاڻي بہ موجود آهن ۽ تنهنجي حڪمن مطابق زندگي گذارن ٿيون ۽ (تنهنجي طاعت ۽ فرمانبرداريءَ سان دنيا جي هر معاملي ۾ ڪاميابي ماڻڻ جي معاملي ۾) شڪ واري حالت مان نڪري پڪي ويساهہ واري حالت ۾ اچي چڪيون آهن.

(7) اي اسان جا مالڪ سائين، اسان کي انهن ماڻهن جي دڳ نہ لاءِ جن کان تون ناراض آهين. نہ انهن جي دڳ لاءِ جيڪي اجا تائين سنئين واٽ جي ڳولا ۾ پريشان آهن ۽ اجا تائين شڪ ۾ ڦاٿل آهن ۽ انهن تي اجا تائين تنهنجي ذات تي ايمان ۽ ويساهہ جو دروازو نہ کليو آهي.

## سورة ۴۵: حم، الجاثيہ

انهيءَ ئي زماني ۾ سورت الجاثيہ نازل ٿي جنهن ۾ هيٺيون ڳالهيون ٻيهر ورجايون ويون.

(۱) **هي ڪتاب الله تعاليٰ طرفان آهي:**

يعني هي زندگيءَ گذارڻ جو قانون الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿيو آهي، ان سان اها ڳالهہ رد ٿي وڃي ٿي تہ قرآن پاڪ تڙيل شيطان جو قول آهي، جيئن مشرڪ خيال ڪندا هئا.

(۲) **آيتون (معجزا) الله تعاليٰ طرفان هونديون آهن:**

انسان دنيا عاجز ڪري ڇڏڻ جهڙي ڪابہ شيءِ خلقي نٿو سگهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ جي موجودگي کي ڄاڻڻو آهي ۽ سندس نشانين (آيتن) کي ڳوليو ٿا تہ الله تعاليٰ کي سمورن جهانن جو خلقيندڙ مڃيو. ايمان کان پوءِ آسمان ۽ زمين ۾ الله تعاليٰ جي قدرت ۽ خالق هئڻ جون نشانيون توهان کي هر هنڌ نظر اينديون. جيڪا بہ شيءِ ڏسندا تہ توهان کي سمجهہ اچي ويندي تہ ان جو خالق الله تعاليٰ جي ذات آهي ۽ توهان توڙي توهان جا ديوتا ڪابہ شيءِ خلقي نٿا سگهن: ”إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ لَآيَاتٍ لِّأُولِي الْأَلْبَابِ “ توهان جي پيدائش، جانورن جي پيدائش، آسمانن جي پيدائش ۽ ڏينهن رات جي ڦير گهير ۾ الله تعاليٰ جي موجودگيءَ جون نشانيون آهن. انهن ۾ بين ڪيترين ئي نشانين باوجود الله تعاليٰ جي وجود کي ئي نہ مڃڻ ۽ وڏائي ڪرڻ جو لازمي نتيجو اهو ٿيندو جو اهڙي انسان کي جهنم ۾ وڌو ويندو. ڏسو تہ سمنڊن ۾ ٻيڙيون ڪيئن الله تعاليٰ جي جوڙيل قانون موجب هلن ٿيون. سوچ رکندڙ انسانن لاءِ انهيءَ ۾ خدائي وجود جون نشانيون آهن.

(٣) **جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي:**

الله تعاليٰ جو اهو بہ قانون آهي تہ: ”مَّنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا ﴿الجاثية:١٥﴾“ جيڪڏهن ڪا نيڪي ڪندؤ تہ بہ پنهنجي لاءِ ۽ جيڪڏهن ڪا برائي ڪندؤ تہ بہ پنهنجي ئي لاءِ.

(٤) **العالمين (قومون):**

بني اسرائيل کي الله تعاليٰ حڪومت (نبوت) ۽ پاڪ روزي ڏني ۽ قومن تي فضيلت ڏني: ”وَلَقَدْ آتَيْنَا بَنِي إِسْرَائِيلَ الْكِتَابَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ وَرَزَقْنَاهُم مِّنَ الطَّيِّبَاتِ وَفَضَّلْنَاهُمْ عَلَى الْعَالَمِينَ ﴿الجاثية: ١٦﴾“.

(٥) **چٽا دليل:**

هي قرآن انسانن جي لاءِ عبرت جون ڳالهيون ۽ چٽا دليل پيش ڪري ٿو: ”هَٰذَا بَصَائِرُ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُوقِنُونَ ﴿الجاثية: ٢٠﴾“.

(٦) **نفساني خواهشن کي معبود بڻائڻ:**

معبود ”الہ“ اهڙي ذات کي سڏيو ويندو آهي جنهن جي مڪمل اطاعت ۽ ٻانهپ ڪئي وڃي. پوءِ ڪي ماڻهو اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي پنهنجي نفساني خواهشن جا غلام بڻجي ويندا آهن ۽ انهن کي پنهنجو معبود (الہ) بڻائي ڇڏيندا آهن: ”أَفَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ وَأَضَلَّهُ اللَّهُ عَلَىٰ عِلْمٍ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

﴿الجاثية: ٢٣﴾“.

(٧) **دهريت جو جواب:**

اهي نفس پرست چون ٿا ته دهر يعني زمانو ئي ماري ۽ جياري ٿو. الله تعاليٰ خالق نه آهي. اهو رڳو انهن جو هڪ گمان آهي. پوءِ جڏهن انهن جي اڳيان الله تعاليٰ جي خالق هئڻ جون نشانيون بيان ڪيون وينديون آهن ته اهي چوندا آهن ته جيڪڏهن الله تعاليٰ هر شيءِ جو خلقيندڙ آهي ته پوءِ هو اسان جي ابن ڏاڏن کي پيدا ڪري. ان جو جواب هي آهي ته اهو ئي جياريندو ۽ ماريندو آهي ۽ اهو ضرور توهان کي قيامت جي ڏينهن پيدا ڪري گڏ ڪندو.

(٨) **بادشاهي:**

الله تعاليٰ ئي هن سموري ڪائنات جو حقيقي بادشاهه آهي. ان جو حڪم آسمانن ۽ زمين جي هر شيءِ تي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن به اهو ئي بادشاهه هوندو، يعني آخري فيصلو ڪندڙ هوندو: ”وَلِلَّهِ مُلْكُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَيَوْمَ تَقُومُ السَّاعَةُ ﴿الجاثية: ٢٧﴾“.

(٩) **قيامت ضروري ايندي:**

جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو ته قيامت ضرور ايندي: ”السَّاعَةَ لَآتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيهَا“ ته اهي چوندا آهن ته اسان کي ان ڳالهه جو گمان ته آهي، پر پڪ نه آهي.

طائف جي سفر کان واپسي ۽ مڪي ۾ داخل ٿيڻ تائين واري تعليم جو تت اهو ئي آهي جيڪو هن سورت ۾ تمام ئي پر اثر انداز سان بيان ڪيو ويو آهي.

باب پهريون

# بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله تعاليٰ جي نالي سان شروعات آهي جنهن جو ٻيو نالو رحمان آهي، جيڪو وري وري رحم يعني ٻاجهه ڪندڙ آهي. اسلام هر ڪم کي الله جي نالي سان شروع ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو. اسلام جي زندگي ۽ ڪائنات واري نظريي ۾ الله تعاليٰ کي-جيڪو خلقيندڙ ۽ سيڪاريندڙ آهي، مرڪزي حيثيت حاصل آهي. الله تعاليٰ کي مڃڻ جي ضرورت تي روشني وجهندي علامه اقبال پنهنجي ستين خطبي ۾ چيو آهي:

”جيستائين مذهب جي اورچائي ۽ سمجهه جو لاڳاپو آهي، ته اهو نه رڳو عقيدو (Dogma) آهي، نه مذهبي پيشوايت (Priesthood) ۽ نه ئي وري ظاهري ريتن رسمن جو ميڙ آهن. موجوده دور جو انسان پنهنجي انهيءَ ذميواريءَ کي، جيڪا جديد سائنس جي علمن جي واڌاري ۽ ترقي سان لاڳو ٿئي ٿي، رڳو حقيقي مذهب وسيلي ئي نڀائي سگهي ٿو. اهڙي طرح حقيقي مذهب (نه ڪه مذهب جي موجوده بگڙيل شڪل) سان ئي ان جي اندر ايمان ۽ يقين جي اها ڪيفيت پيدا ٿيندي، جنهن جي ذريعي هو هن دنياوي زندگيءَ ۾ پنهنجي اندر هڪ اهڙي شخصيت پيدا ڪري سگهندو، جنهن سان هن دنيا توڙي موت کان پوءِ واري دنيا کي هو محفوظ ۽ برقرار رکي سگهندو. اهو مقصد هو ان وقت تائين حاصل نه ڪري سگهندو جيستائين پنهنجي زندگيءَ جي منڍ (Origion) ۽ پڇڙي (Future) يا ٻين لفظن ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ابتدا (Whence) ۽ پڇاڙي (Whther) جي ڪا نئين جهلڪ (Vision) نٿو ڏسي يا ڪا نئي سمجهه حاصل نٿو ڪري هو پنهنجي زندگيءَ جي منڍ ۽ پڇاڙيءَ کي سمجهڻ کان سواءِ نه هن معاشري تي سوڀارو ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ ٽڪراءُ رکندڙ معاشي ۽ سياسي طبقن جي پاڻ ۾ هڪجهڙائي ۽ ٽڪراءَ هڪ وڏي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غير انساني شڪل اختيار ڪري ورتي آهي ۽ نہ ئي انهيءَ تهذيب ۽ تمدن تي ضابطو آڻي سگهي ٿو جنهن جي روحاني هيڪڙائي، ان جي مذهبي ۽ سياسي اصولن جي اندروني ٽڪراءَ سبب ذرا ذرا ٿي چڪي آهي.

هن ڪان اڳ اسان چئي آيا آهيون تہ اها هڪ انڪار نہ ڪري سگهڻ جهڙي حقيقت آهي تہ مذهب جي حيثيت اصل ۾ انهيءَ پيش قدميءَ وانگر آهي، جيڪا بنا ارادي انهيءَ لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ اسان انهيءَ اصول (يعني خدا) تائين پهچي سگهون جنهن تي حقيقت ۾ قدرن جو دارومدار آهي ۽ جن جي سهاري اسان پنهنجي ذاتي مضبوطيءَ لاءِ ڪوشش ڪي منظم ڪري سگهون. پوءِ هيءَ اها ڳالهہ آهي جنهن جي ثابتيءَ لاءِ هن وقت تائين جو سمورو مذهبي ادب توڙي مذهب جا مشاهدا بہ تائيد طور پيش ڪري سگهجن ٿا. حضرت علامہ وڌيڪ فرمائي ٿو تہ:

موجوده نفسيات انهيءَ سلسلي ۾ بحث جو جيڪو طريقو اختيار ڪري ورتو آهي، تنهن مان هن بابت ڪا بہ سمجهہ حاصل نٿي ٿئي تہ مذهب جي اصل ۾ حقيقت ڇا آهي؟ نہ خبر پوي ٿي تہ انساني شخصيت جي تعمير ۾ ان جي ڇا اهميت ۽ ضرورت آهي؟ انهيءَ مان جيڪڏهن ڪو نتيجو نڪتو سو هي تہ نون نون نظرين جو هڪ وڏو دفتر کلي ويو جنهن جو بنياد سراسر غلط فهمي تي آهي. جن ۾ مذهب جيئن تہ پنهنجي تمام ئي اوچي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿو نظر انداز ڪندي هڪ اهڙي رستي تي ڦٽو ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪا بہ منزل نہ آهي. انهن نظرين جو حاصل مطلب هي آهي تہ مجموعي حيثيت سان ڏٺو وڃي تہ مذهب ۾ خودي (Ego) جو لاڳاپو ڪنهن اهڙي حقيقت سان قائم نٿو ٿئي، جيڪو اسان جي ذات کان ٻاهر ۽ ظاهري وجود رکندو هجي. برخلاف ان جي اهو هڪ مخلصاڻو حيلو آهي، جنهن کي اسان انهيءَ لاءِ استعمال ڪندا آهيون تہ جماعت تي ڪجهہ اخلاقي بندشون لاڳو ڪريون ۽ ايئن انهيءَ جي تاجي پيٽي ڪي خودي جي ناقابل مزاحمت جبلتن کان محفوظ رکي سگهون.

حضرت علامہ جي انهن ارشادن جو مفهوم هي آهي تہ هن ماده پرست، ورياج خور ۽ اخلاقي طور ڪريل اولهہ جي تهذيب جو علاج نہ تہ (جيئن هن پاڻ ڇيو آهي) وچين دور جي تصوف ۾ آهي، نہ وطن (قوم) پرستي ۽ بي دين سوشلزم وٽ آهي. ان جو علاج رڳو پنهنجي اصل ۾ اوچي شڪل ۾

مذهب وٽ آهي.

حضرت علامہ فرمايو آهي تہ جيستائين انسان کي اها ڄاڻ نہ پوندي تہ هو ڪٿان آيو آهي؟ ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟ تيستائين پنهنجي منزل تي پهچي نٿو سگهي. مثال طور هڪ ماڻهو پنهنجي گهر کان هڪ دوست سان ملڻ لاءِ نڪري ۽ دوست جي گهر ڏانهن وڃي رهيو هجي، پر رستي ۾ هن جي يادداشت گم ٿي وڃي ۽ کيس اها ڄاڻ نہ رهي تہ هو ڪٿان هليو هو ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي. پوءِ اهڙي حالت ۾ جيڪڏهن هن جي يادداشت واپس نٿي اچي تہ هو هيڏي هوڏي ڀٽڪي تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو. حضرت علامہ فرمايو تہ سموريون حسي (Sensat) تهذيبون انهيءَ ڪري ئي تباهہ ٿي چڪيون آهن جو اهي هڪ فرد جي شعور ۽ نفسيات ۾ اها ڳالهہ ويهاري نہ سگهيون تہ سندس زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ اهو ئي سبب آهي، جنهن ڪري موجوده اولهہ جون تهذيبون بہ تباهيءَ جي مرض ۾ مبتلا آهن. قرآن ۽ ٻين سمورن الهامي مذهبن اهو ٻڌايو آهي تہ انسان جي اندر جيئن تہ خدائي نور آهي ۽ انهيءَ نور جي اخلاقي ۽ روحاني ڳُجهن جي پرورش ڪندي، انسان ٻيهر خدائي نور جي ابدي سمنڊ ۾ پهچي ويندو. (إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ)

تنهن ڪري هر ڪم جي شروع ۾ الله تعاليٰ جي نالي وٺڻ جو مقصد ئي اهو آهي تہ ماڻهو پنهنجي شعور ۾ ان ڳالهہ کي هر هر جاڳائي تہ هن جي اندر خدائي نور موجود آهي ۽ انهيءَ ئي نور ڏانهن کيس واپس وڃڻو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ سندس حياتيءَ جو اهو مقصد سندس نفسيات ۾ کُپي ويندو. ايئن هو نفس اماره يعني گناهن ڏانهن لاڙو ڪندڙ نفس جي ڇڙواڳيءَ کان بچندي، نفس لوامہ جي تنقيد سبب نفس مطمئنہ جي اوچي ۽ مٿانهين مرحلي تائين پهچي ويندو. خدائي خلافت جو ٻيو نالو آهي ۽ انهيءَ ئي مرحلي تائين پهچڻ هر فرد توڙي قوم جو بنيادي مقصد هوندو آهي، اهو ئي سلامتيءَ وارو رستو آهي.

ٻئي پاسي زراعت واري دولت ۽ پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي سان انسانن جي گهڻائي علم ۽ تهذيب جي مٿانهين مرتبي کي نہ سمجهي سگهي ۽ نہ ئي انهيءَ تائين پهچي سگهي. ان جي برخلاف اها گهڻائي شروع کان وٺي اڄ تائين پنهنجي جسماني گهرجن جي پورائي کان محروم رهي آهي، جنهن ڪري اها خلافت ۽ خدائي نائبيءَ جهڙي مٿانهين

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتبي تائين پهچي نہ سگهي.

امام دهلويؒ فرمايو آهي تہ بادشاهن ۽ اميرن جي عيش عشرت لاءِ عوام کان ايترو تہ سخت پورهيو ورتو ويندو آهي جو اهي آخرت جي اوچن علمن (يعني ذاتي تربيت ۽ تهذيب جي علمن) ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏئي سگهندا آهن ۽ انهن جي حيثيت انساني درجي کان ڪري گڏهہ ڳابن جي سطح تي اچي ويندي آهي. اها صورت الله تعاليٰ جي ناراضگيءَ جو سبب بڻبي آهي ۽ آخر ڪار اهو معاشرو ئي تباهہ ٿي ويندو آهي. (حجة الله البالغہ)

اسلام هر وک ۽ هر موقعي تي ”بسم الله“ چوڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. ان جو مطلب هي آهي تہ نفس تي ضابطي ذريعي ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ خدائي اخلاقن سان سينگاري. لفظ رحمن اسلام کي بين الاقوامي يا عالمگير مذهب بڻائي ڇڏي ٿو. جيئن تہ اسلام آخري ۽ هميشہ رهڻ وارو دين آهي ۽ اهو سمورن انسانن ۽ دنيا جي سمورين قومن سان ڳالهائي ٿو جن جا مختلف مذهب ۽ تهذيبون آهن ۽ هر تهذيب ۽ مذهب مطلق ذات کي هڪ ئي نالو ڏنو آهي، انهيءَ ڪري اسلام انهن سمورن نالن کي مڃي ٿو تہ جيئن اتحاد ۽ انساني ڀڄي پيدا ٿي سگهي ۽ مذهبن جون مختلف گروهبنديون ختم ٿي وڃن ۽ ديني هيڪڙائيءَ واري حقيقت سامهون اچي سگهي.

تنهن ڪري بسم الله چوڻ سان جتي وري وري انسان کي پنهنجي شروعات ۽ پڄاڻي جي باري ۾ واقفيت حاصل ٿيندي رهندي آهي، اتي ٻين مذهبن ۽ تهذيبن جي باري ۾ رواداري جو جذبو پيدا ٿيڻ سبب ذهني ڪشادگي بہ حاصل ٿيندي رهندي آهي. بسم الله پڙهڻ واري جي نظر پنهنجي مذهبي ۽ قومي جماعت جي پنيرائيءَ سان گڏوگڏ بين الاقوامي نقطي نظر ۽ حوصلي مندي تائين وسيع ٿي ويندي آهي. اهڙي طرح بسم الله جتي فرد کي نفس تي ضابطو اخلاقي گڻن کي پنهنجائڻ، پنهنجي زندگيءَ جي مقصد جي واقفيت جو سبب بڻبي آهي، اتي ٻين مذهبن ۽ قومن جي باري ۾ بردباري جي جذبي سبب انساني ڀڙي، هيڪڙائي ۽ دينن جي هيڪڙائي کي عملي جامو پهرائڻ جو سبب بہ بڻبي آهي. ان سان گڏ ئي رزق جي وسيلن ۽ دولت کي عوام تائين پهچائڻ کي ديني فرض سمجهڻ جو سبب پڻ بڻبي آهي.

جيڪڏهن انسان بسم الله جي انهيءَ اهميت کي پوري طرح سمجهي وٺي تہ نہ رڳو زمين جي گولي جي تقدير بدلجي سگهي ٿي، پر

نفسيات ۾ اخلاقي گڻن جي ڪُپي وجهڻ ۽ زندگيءَ جي مقصد بابت وري واقفيت سان ان جي انسانيت جي تڪميل بہ ٿي سگهي ٿي.

هيءَ آيت سڀوري جتي رحمان جي نالي وٺڻ سبب اسلام کي عالمي مذهب يا دين سڏي ٿي، اتي رحيم جي صفت جي ڪري ماڻهوءَ کي پنهنجي غلطين ۽ ڪوتاهين تي مايوس ٿيڻ کان بچائي ٿي. ڇو تہ رحيم هئڻ جي ناتي الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي غلطين ۽ گناهن کي بخشي ڇڏڻ لاءِ بار بار رحم ڪري ٿو. رحيم جي صفت الله تعاليٰ کي نہ رڳو انصاف وارو سڏي ٿي، پر فضل ۽ ٻاجھ ڪرڻ وارو ۽ گناهن کي بخشي ڇڏيندڙ بہ سڏي ٿي. انصاف وارو سزا ضرور ڏيندو ۽ اها ڳالھ مايوسيءَ جي ڪري پيدا ٿيڻ واري احساس محروميءَ کي ختم ڪري ڇڏي ٿي ۽ ماڻهوءَ جي اندر اڳتي وک وڌائڻ جو حوصلو بہ پيدا ڪري ٿي. الله تعاليٰ پاڻ فرمائي ٿو: ”لَا تَقْنَطُوا مِن رَّحْمَةِ اللَّهِ“ (الله تعاليٰ جي ٻاجھ مان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيڻ گهرجي).

انهيءَ منجهان ئي توبہ جو تصور بہ پيدا ٿئي ٿو. قرآن پاڪ وري وري توبہ تان ڦري وڃڻ واري ڳالھ کي نٿو همٿائي. انهيءَ باري ۾ هڪ ٻيڙيءَ جو مثال ڏنو ويو آهي جيڪا سٽ ڳنڍڻ کان پوءِ وري ان کي ڪتي ڦٽو ڪندي هجي.

پر ان جي باوجود بہ قرآن پاڪ الله تعاليٰ جي ٻاجھ ۽ بخشش کان نااميد ٿيڻ جي تلقين نٿو پيو ڪري. اجا بہ انهيءَ ٻاجھ ۽ بخشش جي ڪري هر ناڪاميءَ کان پوءِ ڪاميابيءَ ڏانهن نئين جذبي سان، هر هر اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهي ٿو. هاڻي اهو هر فرد جو ڪم آهي تہ هو پنهنجي اندر اها صلاحيت پيدا ڪري تہ بہ چار دفعا توبہ تان ڦري وڃڻ کان پوءِ، پنهنجي غلط رستي تان پاسو ڪري وڃڻ جي معاملي ۾ ثابت قدمي ڏيکاري ۽ گناھ جي خلاف پنهنجي اندر طاقت پيدا ڪري. ڇو تہ ايئن نہ ٿئي جو هو وري وري گناھ جي دلدل ۾ لهندي موت جي منهن ۾ هليو وڃي ۽ پنهنجي لاءِ توبہ جو موقعو ئي وڃائي ويهي. جيڪڏهن ايئن ٿي وڃي تہ پوءِ آخرت واري زندگيءَ ۾ سزا ڀوڳڻ لازمي بڻجي ويندو آهي.

هر ڪم ڪرڻ وقت بسم الله پڙهڻ سان ماڻهوءَ جي اندر توبہ تان ڦري وڃڻ واري عادت کان بچڻ جي صلاحيت پيدا ٿي ويندي آهي. ڇو تہ هو هر ڪم جي شروعات الله تعاليٰ جي برڪت ڀرئي نالي سان ڪري ٿو. اهو ياد رهي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ضروري نہ آهي تہ هر مذهب جو پوئلڳ ”الله“ ئي اچاري. پر رحمان وانگر هو حقيقت مطلقہ جو اهو نالو وٺي سگهي ٿو جيڪو سندس مذهب ۽ تهذيب کيس ڏنو آهي: جهڙوڪ پرماتما، ايشور، يهودا، اهورافردا وغيره. اهي سڀئي (مختلف ٻولين ۾ رائج) خدائي نالا ئي آهن جيڪي الله وانگر اسم ذات آهن. اهڙي طرح اسلام جو ٻاجهہ ۽ بخشش وارو تصور هر قوم تائين پهچي وڃي ٿو ۽ اسلام رڳو مسلمانن جو ئي مذهب يا دين هئڻ بدران، سموري انسانيت جو دين بڻجي وڃي ٿو. اسم رحمن تي تفصيلي بحث اڳتي ايندو.

جڏهن ماڻهوءَ کي هي خبر پئجي وڃي تہ سندس زندگيءَ جي شروعات ئي خدائي نور آهي ۽ آخرڪار کيس ان خدائي نور ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي، تہ ان جو مطلب هي نہ آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو تہ ماڻهو دنيا ۽ ان بابت ڏنل خدائي ذميوارين کان منهن موڙي، اڪيلائيءَ ۾ ويهي رڳو عبادت ۽ رياضت شروع ڪري ڏئي. اسلام اهڙي رهبانيت جي اجازت نٿو ڏئي. پر اهو نفس ۽ جسم، خاندان ۽ معاشري جي معاملي ۾ سونپيل ذميوارين کي نڀائڻ جي تاڪيد ڪري ٿو ۽ انهن ذميوارين کي نڀائڻ ۾ ڪوتاهي ڪرڻ تي سزا لاڳو ڪري ٿو. چو تہ ان ۾ حقوق الله جي ڀيٽ ۾ حقوق العباد تي زور ڏنو ويو آهي. رهبانيت اسلام جي تعليم موجب زندگيءَ ۾ سونپيل ذميوارين کان ڪنڌ ڪيدائڻ جو ٻيو نالو آهي، جنهن سان نہ تہ انسان کي روحاني ترقي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري ڪو معاشرو مضبوط بنيادن تي قائم رهي سگهي ٿو.

اسلام نبوت ۽ نبيءَ جي موڪلڻ جو مقصد ئي اهو ٻڌائي ٿو تہ هو خدائي هيڪڙائي واري نظريي جي بنياد تي هڪ توحيدي معاشرو قائم ڪري، جنهن ۾ مالڪ حقيقي طرفان، ٻانهن لاءِ پيدا ڪيل وسيلن کي، رعايتون ڏنل طبقن جي قبضي مان ڇڏائي، عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي تہ جيئن هر ماڻهو پنهنجي جسماني ۽ گهريلو زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪري، اطمينان حاصل ڪري سگهي. دنيا جي مذهبن جي مقصدن ۾ اهو تمام ئي ضروري جهاد آهي. انهيءَ جهاد وسيلي انسان پنهنجي شخصيت ۽ معاشرتي گهرجن جي تڪميل ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري پنهنجي خالق سان تعلق قائم ڪرڻ لاءِ، زندگيءَ ۾ سندس طرفان سونپيل ذميوارين کان ڪنڌ ڪيدائڻ نہ، پر زندگيءَ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ معاشري جي روحاني

۽ گڏيل بنيادن تي تڪميل ڪرڻ ضروري آهي.

هر مذهب جو سڀورو باني هڪ ئي وقت عبادت ۽ رياضت به ڪندڙ هو ته معاشري کي بدلائڻ لاءِ جاکوڙي پڻ هو. جنهن لاءِ هو ڏک ڏاکڙا به ڏسندو هو جلاوطني قبول ڪندو هو ايتري تائين جو ڪڏهن ته پنهنجي حياتيءَ تائين ئي هٿ کڻي ويندو هو. سورت مزمل ان ڳالهه تي شاهد ته رسول اللهﷺ کي رات جي اڪيلائيءَ ۾ گهڻو وقت عبادت ۾ گذارڻ کان منع ڪيو ويو ڇو جو ڏينهن جي وقت معاشري کي بدلائڻ لاءِ وڏو ۽ ڏکيو مرحلو اچڻ وارو هو. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورنﷺ جهاد يعني دين جي لاءِ جاکوڙ (struggle) ڪرڻ کي رهبانيت سڏيو آهي.[1] ڇو ته رهبانيت دنيا کي تياڳڻ جو نالو آهي، پر دين جي جاکوڙ لاءِ دنيا جي عيش آرام کي ڇڏي ڏيڻ قابل تعريف ڳالهه آهي.

[1] مصنف جو هي جملو ”اهو ئي سبب آهي...... الخ“ جيڪڏهن پروف جي غلطي آهي ته ان کي هيئن پڙهڻ صحيح ٿيندو. ”اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورنﷺ رڳو رسمي عبادت ۽ رياضت کي رهبانيت سڏيو آهي.“ پر جيڪڏهن هي جملو مصنف پنهنجي مرضي سان لکيو آهي ته غلط آهي. ڇو ته جهاد نالو ئي اهڙي جاکوڙ جو آهي جنهن جو مقصد انصاف ۽ ڀاجهه ڀريو معاشرو قائم ڪرڻ هوندو آهي، جنهن ۾ هر فرد کي خدا جي پيدا ڪيل نعمتن مان فائدو حاصل ڪرڻ جي معاملي ۾ ڪا به رڪاوٽ نه هوندي آهي. (سنڌيڪار)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻيون

# الحمد

حمد جو مطلب ساراهہ واکاڻ (appreciation) وغيره آهي ۽ اهي جذبا انسان جي دل ۾ ٽن موقعن تي پيدا ٿيندا آهن. هڪ ڪنهن شيءِ جي سونهن کي ڏسي، ٻيو ڏکئي ۽ تڪليف واري وقت ۾ ڪنهن جي مدد وقت يعني ڪنهن جي احسان کي ڏسندي ۽ ٽيون ڪنهن اهڙي ڪم يا ايجاد وغيره جي باري ۾ جنهن ۾ اورچائي ڏني وڃي. اهي ٽئي ڳالهيون ڪائنات ۽ انسان جي خلقت ۾ موجود آهن:

1. ڪائنات ۽ ان جي سمورين مخلوقن ۾، جنهن ۾ انسان بہ شامل آهي، هڪ خاص قسم جي مناسبت ۽ سونهن سوپيا نظر اچي ٿي ۽ اها سهڻائي مناسبت جو ٻيو نالو آهي. قرآن مجيد انهيءَ مناسبت جي لاءِ بہ لفظ استعمال ڪيا آهن. هڪ قدر (تقدير) ٻيو تسويہ. اهي ٻئي گڏ ملي ڪري ڪنهن بہ شيءِ ۾ مناسبت ۽ سونهن پيدا ڪري ڇڏين ٿا. انسان پنهنجي علم سبب انهيءَ مناسبت ۽ سونهن بابت جيتري ڄاڻ حاصل ڪري ٿو، اوترو ئي خالق حقيقي لاءِ واکاڻ ۽ ساراهہ جي جذبن جو اظهار ڪري ٿو.
2. تخليق ۾ نہ رڳو تقدير ۽ تسويہ جي ڪري موزونيت ۽ سونهن نظر اچي ٿي، پر خالق پنهنجي مخلوق جي جسماني، ذهني ۽ نفسياتي پورائي ۽ پالنا لاءِ مناسب وسيلا بہ پيدا ڪري ڇڏيا آهن. انهن وسيلن جي تخليق ۾ مخلوق جي مرضي شامل نہ هوندي آهي، پر خالق جيئن تہ ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻ رکي ٿو، انهيءَ ڄاڻ ۽ واقفيت سبب هن هر جيءَ ۽ هر شيءِ جي پالنا، واڌ ويجهہ ۽ پورائي جي لاءِ ان جي پيدائش کان اڳ ئي وسيلا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. اهڙي طرح انسان جڏهن انهيءَ "احسان" تي غور ڪري ٿو، تہ هن جي دل شڪراني ۽ واکاڻ جي جذبن سان پرجي وڃي ٿو. اهي جذبا الله جي انڪاريءَ جي دل ۾ پيدا نٿا ٿي سگهن. هو فطرت جي ڪنهن بہ نظاري ۾ سونهن کي ڏسي رڳو ساراهہ پريا لفظ ئي چئي سگهي ٿو، پر انهيءَ سان دلي ۽

روحاني لاڳاپو پيدا نٿو ٿي سگهي.

3. سونهن ۽ احسان تي واقفيت سان گڏ جڏهن علم جي سائنسي طريقن وسيلي هر قسم جي تخليق جي بناوت، انهن جي ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار، ان جي جوڙجڪ، ترتيب ۽ ان گڻن (potentials) تي اونهائيءَ سان غور خوض ڪيو ويندو آهي ته خالق جي عظمت، ان جي قدرت ۽ ان جي تخليقي مهارت بنسبت واقف ٿيڻ سان انسان جي دل ۽ دماغ تي حيرت ۽ تعجب جا جذبا ڇانئجي وڃن ٿا. تنهن ڪري انهن تنهي ڪيفيتن سان انهيءَ دل مان ساراهه تي مشتمل لفظ نڪرڻ شروع ٿي وڃن ٿا. پوءِ جيئن ته الله تعاليٰ جي ذات سڀ ڪان وڌيڪ سهڻائيءَ سان خلقيندڙ آهي، ان ڪان وڌيڪ بهتر ڪو خلقيندڙ نه آهي، تنهن ڪري ساراهه ۽ واکاڻ جو هر لفظ رڳو ان لاءِ ئي خاص طرح سان واڳيل آهي ۽ سندس ئي ذات ان لائق آهي. حمد جي مٿان واڌو تعريف ”لام“ لڳائڻ جو مقصد به اهوئي آهي. اهڙي طرح حمد جو لفظ ”الحمد“ جي شڪل اختيار ڪري ٿو جيڪو هر قسم جي واکاڻ جو دائرو ناهڻ جي حيثيت رکي ٿو.

## مادي ۽ خدا ۾ فرق:

هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رهي ته اهي جذبا ان وقت ئي پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ دل ۽ دماغ تي ڇانئجي سگهن ٿا، جڏهن خالق کي جيئرو، وس وارو ۽ علم ۽ دانائيءَ وارو سمجهيو وڃي. جيڪڏهن مادي کي ئي مطلق حقيقت سمجهيو وڃي ته اهي جذبا پيدا نٿا ٿي سگهن. اهو ئي سبب آهي جو تحقيق جي سائنسي طريقي جو بنياد ماديت تي هئڻ ڪري، موجوده دور جي انسان جي دل ۾ شڪرگذاريءَ جا جذبا پيدا نٿا ٿين، جيڪي هڪ جيئري ۽ ڏاهپ ڀري هستي کي پنهنجو خالق مڃڻ سان پيدا ٿين ٿا. ان ڪري ئي نه رڳو آڳاٽين حسي (sensat) تهذيبن ۾، پر موجوده دور جي اولهه وارين تهذيبن ۾ به اهڙو فرد پيدا ٿي نه سگهيو جنهن جي دل نه رڳو خالق لاءِ، پر ان جي مخلوق لاءِ به محبت، رحمت، احسان جي جذبن سان گڏوگڏ جنسي هوس کان پاڪ جذبا رکندو هجي. اها ئي ڳالهه آڳاٽين سمورين تهذيبن جي تباهي جو سبب بڻي ۽ اڄ به غير انساني روين جهڙوڪ رُڪائپ، چڙ، نفرت ۽ مطلب پرستي وغيره جي ڪري انسان قتل ۽ خون خرابي، جنگ جهيڙي، چوري ۽ ڦر توڙي بيچڙي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهوت پرستي واري واٽ تي هلي رهيو آهي. ايئن هو پنهنجي تباهيءَ جي غار تائين پهچڻ وارو آهي.

تاريخ شاهد آهي تہ ڪنهن بہ قوم ۽ تهذيب جي ارتقا ۽ اوج واري وقت ۾ اهڙن ماڻهن جي گهڻائي هوندي آهي، جن جو مذهب ڏانهن سچائيءَ پريو رويوهوندو آهي ۽ پنهنجي خلقڻهار جي ساراهہ ۽ واکاڻ سان انهن جون دليون پُر هونديون آهن، جنهن ڪري اهي هر قسم جي مخلوق توڙي پنهنجي هم جنس انسانن لاءِ محبت ۽ ڀاجهہ ڀريا جذبا رکندا آهن. اهي ڪائنات جو هڪ جيئري وجود جي حيثيت سان احترام ڪندا آهن. جيئن جيئن اهڙن ماڻهن جو تعداد گهٽبو ويندو آهي ماڻهن جي اندر دولت جي هوس، علم ۽ ڏاهپ کان بي ڏياني، جنسي بي راهہ روي ۽ دنيا پرستيءَ ڏانهن لاڙو هوندو آهي تہ اهڙن ماڻهن جي تعداد وڌڻ سان قوم زوال جو شڪار ٿي ويندي آهي. اِها ئي اُها حقيقت آهي جنهن کي ٿائن بي ”سمجهو ماڻهن جي اقليت“ (Intellectual Minorty) سڏي ٿو. اولهہ جي تهذيب ۾ اها اقليت اڻلڀ ٿيندي پئي وڃي. اتي فڪر جي جاءِ ٽيڪنالاجي والاري ڇڏي آهي. فڪر کانسواءِ ٽيڪنالاجي جي استعمال جو مثال ايئن آهي، جيئن هڪ ريل گاڏي بنا ڊرائيور جي هلي رهي هجي، جنهن جو لازمي نتيجو تباهي ئي هوندو. اهڙي قسم جي تباهيءَ جون ڪيتريون ئي صورتون آهن. قران ڪريم انهيءَ تي تفصيلي روشني وڌي آهي.

## ساراهہ ۽ واکاڻ جي نفسياتي شڪل:

خدائي ساراهہ ۽ واکاڻ جي عملي فائدن جون بہ شڪليون آهن. هڪ هي تہ جيڪڏهن ساراهہ تمام ئي وڏي ڏيان ۽ دل جي محبت سان ڪئي وڃي تہ خدا تعاليٰ سان تعلق ۾ پختگي ۽ مضبوطي اچڻ سان ماڻهوءَ جي فطرت جي اوچي حصي جي نورانيت وڌي ويندي آهي. ان جي ذڪر ۾ لذت ۽ محويت وڌي ويندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ الله تعاليٰ سان ويجهڙائي بہ وڌندي وڃي ٿي. اهڙي انسان ۾ خدائي گڻ ڏينهون ڏينهن ظاهر ٿي وڌڻ لڳندا آهن جنهن سان ماڻهوءَ جي نفسيات ۾ بہ خدائي اخلاق سگهارا ٿي ويندا آهن. اهي ئي ڳالهيون تصوف ۾ گهربل هونديون ۽ ڪيترن ئي وڏن صوفي درويشن جي سيرت ان ڳالهہ جو ڪليل دليل آهي.

## ساراهه ۽ واڪاڻ جي معاشرتي صورت:

ٻئي صورت هيءَ آهي ته خدائي اخلاق جي اثر سبب اهڙو ماڻهو خدائي مخلوق لاءِ نسورو ٻاجهه ۽ شفقت بڻجي ويندو آهي. هن جي هٿ توڙي زبان کان خدائي مخلوق کي تڪليف ڏيڻ وارو ڪوبه عمل نٿو ٿئي. اجا به ان جو وجود توڙي عمل سراسر هدايت بڻجي ويندو آهي. هو ربوبيت جي سمورن وسيلن تي عوام جي پهچ کي يقيني بنائڻ ۾ ٻين انسانن جي مدد ڪندو آهي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو پنهنجي بنيادي جسماني ۽ گهريلو ضرورتن کي پورو ڪندي، مطمئن ٿي، وڌيڪ توجهه ۽ ڌيان سان عبادتون سر انجام ڏئي سگهن. ڇو جو پيداواري وسيلن تي ٿورڙن ماڻهن جي ذاتي ملڪيت قائم ٿيڻ سان ماڻهن وٽ پنهنجي محنت کي وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو پيٽ پالڻ کانسوءِ ٻي ڪا واٽ نٿي رهي. زمين يا ڪارخاني جو مالڪ ڪيس رڳو ايتري ئي مزدوري ڏئي ٿو، جنهن سان هو رڳو جيئرو رهي سگهي ۽ پنهنجي محنت سان سندس دولت ۾ واڌارو ڪري سگهي. انهيءَ صورتحال کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ سچو درويش يا عبادت گذار پنهنجو ساهه به قربان ڪري ڇڏي ٿو ته جيئن دولت جي هڪ خاص طبقي ۾، ان جي گڏ ڪرڻ واري هوس سبب اخلاق کان ڪريل عملن جا امڪان ختم يا بلڪل گهٽ ٿي وڃن. تنهن ڪري روحاني اشتراڪي معاشرو قائم ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ پڻ خدائي واکاڻ جي هڪ عملي صورت آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# الله

الله اصل ۾ ال الہ يعني سمورن معبودن کان وڏو معبود آهي ۽ هي اسم ذات آهي. الله تعاليٰ جي ذات سمورن مخلوقن جي خلقيندڙ آهي. الله تعاليٰ جي هستي مادي (matter)جي پيٽ ۾ حيُّ (هميشہ زنده رهندڙ)، قيّوم (هميشہ موجود رهندڙ)، سميع (سڀ ڪجھ ٻڌندڙ)، بصير (سڀ ڪجھ ڏسندڙ)، هر شيءَ تي وس رکندڙ پنهنجي هر ارادي کي پورو ڪري سگهندڙ ۽ سڀ ڪجھ ڄاڻيندڙ آهي. انهيءَ ڪري ئي هو خلقڻهار آهي، ڇو جو ڪا بہ شيءِ خلقڻ لاءِ ڄاڻ ۽ پنهنجي ارادي موجب ڪم ڪرڻ تي وسارو هئڻ جي سخت ضرور هوندي آهي. انهن گڻن جي اٺهوند ۾ ڪابہ شيءِ خلقي نٿي سگهجي. مادي جي اندر انهن گڻن جي کوٽ آهي. اصل ۾ مادي جو پنهنجو وجود ئي ڏيان طلب آهي. علامہ اقبال چيو آهي تہ مطلق حقيقت جو اهو حصو، جيڪو انسان جي حسي وقت ۽ جاءِ ۾ اچي ٿو ۽ انسان جي سمجھہ (cognition) انهيءَ حقيقت کي ڄاڻي وٺي ٿي، سو ئي محسوس ٿيندڙ ۽ مشاهدي ۾ ايندڙ حصو مادو سڏجي ٿو. باقي نہ تہ حقيقت هيءَ آهي تہ نہ آهي زبان نہ مڪان؛ لا الہ الا الله.

علامہ اقبال موجوده دور جي سمورن مسئلن ۽ مونجهارن جي خاتمي لاءِ ٽي ڳالهيون پيش ڪيون آهن، جن مان پهرين ڳالھ ڪائنات جي روحاني تعبير (spiritual interpretation of universe) آهي. اولھ جي تهذيب ميسارڀل مذهب کي رد ڪرڻ کان پوءِ ٻي ديني کي پنهنجائي ورتو ۽ سائنس جو جيئن تہ حواسن تي ئي دارومدار هوندو آهي ۽ اها حواسن کانسواءِ علم جي ٻئي ڪنهن بہ وسيلي کي نٿي مڃي، تنهن ڪري ماديت ۽ مذهب جو انڪار انهيءَ جو لازمي نتيجو هوندو آهي. پهرين عالمي جنگ کان پوءِ اڄ تائين جيترو بہ

ادبي سرمايو وجود ۾ آيو آهي، تنهن جو بنياد مذهبي انڪار آهي ۽ ان جو سمورو زور ڪائنات جي انڪاري تعبير تي ڏنو ويو آهي.

ڪائنات جي مادي تعبير جو لازمي نتيجو اهو نڪتو جو انساني فطرت ۾ جبلتن ۽ ان جي حيواني گهرجن ڪانسواءِ ڪنهن الاهي طاقت (divine energy) جي موجودگيءَ جو بلڪل ئي انڪار ڪيو ويو. نتيجي ۾ موت کان پوءِ واري زندگيءَ جو انڪار لازمي ٿي ويو ۽ انسان کي سندس علمن جي نتيجن جي ذميواريءَ کان آجو سڏيو ويو. سرمائيداراڻي معاشي نظام سبب ماڻهو ورثي ۾ ملندڙ آزاديءَ جو نه رڳو شوقين بڻجي ويو پر ان کي ماڻڻ لاءِ اخلاق جي سمورين حدن کي اورانگهي ڇڏيو. تاريخ جي هر تهذيب ۽ مذهب مطلق حقيقت جي لاءِ جيڪو نالو مقرر ڪيو آهي، قرآن انهيءَ کي ”الله“ سڏي ٿو. انهيءَ تي تفصيلي بحث ”رحمن“ جي سري هيٺ ايندو.

الله تعاليٰ جي وجود ۽ ان جي هيڪڙائي تي هر مذهب زور ڏنو آهي. مذهبن ۾ وقت جي وهڪري سان گڏ وڏيون تبديليون ٿي چڪيون آهن، پر تنهن هوندي به الله تعاليٰ جي وجود جو اقرار دنيا جي سمورن مذهبن ۾ موجود آهي ۽ قرآن انهيءَ باري ۾ خاص طرح سان شاهدي ڏئي ٿو. هيءَ ڳالهه ڏيان طلب آهي ته ڇا خدا تعاليٰ جي وجود ۽ ان جي وحدانيت تي ايمان آڻڻ سان فرد توڙي معاشرا سمورين برائين کان پاڪ ٿي ويندا آهن؟ دنيا جي مذهبن ۽ انهن جي پوئلڳن، جن ۾ مسلمان به اچي وڃن ٿا، جي تاريخ شاهد آهي ته الله تعاليٰ کي مڃڻ ۽ ان کي اڪيلو ڪري مڃڻ کان پوءِ تمام ئي ٿوري وقت تائين مذهب جي پوئلڳن جي اخلاقي حالت صحيح رهي ٿي. ان کان پوءِ الله تعاليٰ کي مڃڻ يا انڪار جا نتيجا نڪرڻ شروع ٿي ويندا آهن. اسان جي دور ۾ سمورن مذهبن جا پيروڪار تمام ئي وڏي اخلاقي پستيءَ جو شڪار آهن.

اها صورتحال انهيءَ ڪري پيش آئي آهي جو الله تعاليٰ جي اوچين وصفن تي، معاشري جي طبقاتي نوعيت کي تبديل نه ڪيو ويو آهي. طبقاتي معاشرو، مالڪ ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري (زرعي غلام)، ڪارخانيدار ۽ مزدور جي هڪ ٻئي سان ٽڪر ڪائيندر طبقن تي آڌاريل هوندو آهي ۽ توحيدي معاشرو نه هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ اهو شرڪ جي اثر هيٺ آيل معاشرو هوندو آهي. جيئن ته شرڪ ٻيائي پسند آهي تنهن ڪري ان جا نتيجا گروهه بندي، معاشرتي بگاڙ پريشاني ۽ ويڙهه جهيڙي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شرڪ جي ڪري ماڻهو هاڪاري ۽ سڌارڪ ۽ تعميري اخلاق کان محروم ٿي ويجي ٿو. جڏهن کان انسان شڪار جي بدران زراعت وارو پيشو اختيار ڪيو آهي، انهيءَ دور کان وٺي معاشرو طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ پيداواري وسلين تي تمام ٿئي ٿورڙن ماڻهن جو قبضو ٿي ويو. انهيءَ ورچ سان ڪنهن قبيلي جي سردار، بادشاهه واري حيثيت اختيار ڪري ورتي ۽ رياست قائم ٿي وئي، جنهن جا مستقل ادارا فوج، پوليس، عدالتون ۽ آفيسر شاهي وغيره آهن، جن جو مقصد ۽ عمل به واڳ ڌڻين ۽ ڏيک ويک واري طبقي جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ هوندو آهي. انهيءَ ڪري رياست ڏاڍ ۽ رعايتون ڏنل طبقي طرفان پيداواري وسيلن کان محروم ۽ غريب طبقي تي ظلم جو اهڃاڻ آهي. جيستائين طبقاتي معاشرو قائم آهي، رياست ختم نٿي ٿي سگهي.

انهيءَ ظلم، ڏاڍ ۽ طبقاتي ورچ کي ختم ڪرڻ لاءِ آريائي، سامي ۽ زرد قومن ٿورڙي زمين جي هر علائقي ۾ موڪليل نبين سڳورن خدائي هيڪڙائيءَ واري عقيدي کي پيش ڪيو ته جيئن اڻ طبقاتي معاشرو قائم ٿي سگهي، جنهن ۾ پيداواري وسيلا هڪ ٿورڙي تعداد ۾ قابض ماڻهن جي قبضي مان نڪري، گهڻائي وارن جي ملڪيت ۾ اچي وڃن ٿا.

تنهن ڪري جيستائين خدائي هيڪڙائيءَ جي بنياد تي معاشي طبقن کي ختم نٿو ڪيو وڃي، انسان الله تعاليٰ جي تصور ۽ ان جي توحيد مان عملي طور تي لاڀ حاصل نٿو ڪري سگهي. هر مذهب ۾ ٿورڙن ماڻهن معاشرتي عمل کان جدا ٿي، پنهنجي جبلي گهرجن کي پنهنجي فطرت جي خدائي حڪمن ۽ هدايتن موجب پورو ڪرڻ لاءِ، عبادت ۽ الله تعاليٰ جي ياد ۾ محويت حاصل ڪئي. ان طرح سان انهن کي خدائي نور مان روشني حاصل ڪرڻ جي خوشنصيبي حاصل ٿي وئي. ايئن اهي وقت ۽ جاءِ ٿورڙي حواسن جي پهچ کان مٿانهان ٿي نئين زندگيءَ جي گهرجن ۽ ڪيفيتن سان نوازجي ويا. جڏهن ته مذهب جو مقصد ٿئي اهو هو ته سمورا انسان پنهنجي خالق سان ناتو جوڙڻ لاءِ عبادت ۽ رياضت ڪن. هر مذهب ۽ اسلام جي (ڪجهه مفاد پرست) مذهبي پيشوائيت، مذهب جي انهيءَ انقلابي مقصد تي زور ڏيڻ ۽ معاشري کي بدلائڻ واري عمل کي نيڪ عملي ۽ دين جو مقصد ٻڌائڻ بدران، ظاهري عبادتن ۽ رسمن جي ادائگيءَ تي زور ڏنو ۽ هر مذهب پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ کي آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي ضمانت ٻڌايو. اهڙي طرح الله تعاليٰ

جي وجود کي مڃڻ يا نہ مڃڻ هڪ سطح تي اچي ويو ۽ نبين سڳورن کي موڪلڻ ۽ خدائي هيڪڙائيءَ وارا مقصد فوت ٿي ويا. ماڻهو الله تعاليٰ جي وجود کي مڃڻ باوجود انڪار سان پيدا ٿيندڙ اخلاقي غير ذميوارين وارو فرد بڻجي ويو.

جيستائين خدا تعاليٰ جي ثابتي بابت دليلن جو تعلق آهي، قرآن ڪريم ڪائنات ۽ انساني جسم تي ويچارڻ ۽ ان جي سائنسي مطالعي تي زور ڏنو آهي. مولانا ابو الڪلام آزاد فرمايو آهي: ”مسلمان متڪلم يوناني عقليت جي تقليد ۾ طبيعيات کان متاثهين ڪتراڱ ۾ ڦاسي ويا آهن، جنهن ڪري اجاين بحثن جنم ورتو آهي. پر قرآن ڪريم ”علم بالقلم“ يعني تجربي ۽ مشاهدي تي آڌاريل علم واري طريقي کي پيش ڪيو هو. موجوده دور ۾ سائنس جي نالي تي انهيءَ کي پنهنجايو ويو آهي، جنهن سان زمين، سمنڊن ۽ فضا جي تفصيلي مطالعي سبب اڻ ڳڻيا علم وجود ۾ اچي چڪا آهن ۽ ٽيڪنالاجي جي ارتقا انساني محنت واري بوجهہ کي گهٽائي ڇڏيو آهي.

قرآن ڪريم الله تعاليٰ جي وجود بنسبت اهڙن اجاين بحثن ۾ نٿو وڃي، جن ۾ دنيا جا فلسفي پيل هوندا آهن. ڪو چوي ٿو تہ هو روح آهي، ڪو چوي ٿو تہ مادو آهي ۽ ڪو وري ان کي هڪ طاقت تصور ڪري ٿو جيڪا بجلي وانگر ڪائنات ۾ پکڙيل آهي. قرآن پاڪ انهن طبيعيات کان متاثهن بحثن ۾ وڃڻ بدران ڪي ٿورڙا اشارا پيش ڪري ٿو. مثال طور اهو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان جو نور آهي: ”اَللّٰهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ﴿النور: ٣٥﴾“ ٻئي جاءِ تي فرمايو تہ ان جهڙي دنيا ۾ ڪابہ شيءِ نہ آهي: ”لَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ ﴿الشورى: ١١﴾“ هڪ جاءِ تي هيئن بہ فرمايو ويو تہ انسان جون اکيون ڪيس نٿيون ڏسي سگهن پر هو انسان جي اکين کي ڏسي رهيو آهي: ”لَّا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ وَهُوَ يُدْرِكُ الْأَبْصَارَ ﴿الأنعام: ١٠٣﴾“

الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۾ اڪيلو آهي، بي پرواهہ آهي. ان کي ڪنهن جي بہ ضرورت نہ آهي. نہ هو ڪنهن جي اولاد آهي ۽ نہ ئي هن جو اولاد آهي۽ نہ ئي دنيا جي ڪابہ هستي ان جو مٽ يا همسري ڪرڻ وارو نہ آهي: ”قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ ﴿١﴾ اللَّهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ ﴿٣﴾ وَلَمْ يَكُن لَّهُ كُفُوًا أَحَدٌ ﴿٤﴾“ (الاخلاص)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ٻڌايو آهي تہ پلائي توڙي برائي جا جدا جدا ديوتا نہ آهن. هو اڪيلو آهي ۽ هو ئي هر پلائي توڙي برائيءَ جو خالق آهي. هڪ ڪان وڌيڪ خدا آهن ئي ڪونہ. جيڪي عملن جي ورچ واري اصول تي پنهنجو ڪم ڪري رهيا هجن. قرآن چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪائنات جي اندر اهو اصول هجي ها تہ پڪ سان فساد برپا ٿي وڃي ها.

الله تعاليٰ جي وجود بابت قرآن ڪريم هڪ ٻئي وضاحت ڪري ٿو. عام طور تي پاڪ ڪتابن ۾ خدا جو جيڪو تصور پيش ڪيو ويو آهي، تنهن ۾ چرپر، تبديلي ۽ ارتقا جي باري ۾ ڪوبہ ذڪر نٿو ملي. ايتري تائين جو هندو فلسفي ۾ خدا کي ست (حق)، چت (فڪر) ۽ آنند (سڪون) جي لفظن ۾ ياد ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ خدا جي تخليق ۾ اهي ٽئي ڳالهيون، يعني چرپر، تبديلي ۽ ارتقا ڪم ڪري رهيون آهن.

قرآن ڪريم جيئن تہ آخري ڪتاب آهي، انهيءَ ڪري ان ۾ خدا تعاليٰ جو جيڪو تصور ڏنل آهي، سو حرڪي (dynamic) آهي. الله تعاليٰ جتي هن ڪائنات جو خالق آهي، اتي ڪيس حرڪي قوت (motive force) پڻ آهي. قرآن ڪريم جي سورت الرحمان ۾ فرمايو ويو آهي: "كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ" الله تعاليٰ جو هر گهڙي نئون شان هوندو آهي. فلسفي ۾ الله تعاليٰ جي باري ۾ ٻہ تصور آهن. هڪ آهي "الا ڪما ڪان" يعني هو جيئن هو تيئن ئي آهي. ٻيو آهي سورت الرحمان جو حرڪي تخليقي تصور جنهن الله تعاليٰ جي غير متحرڪ تصور کي رد ڪري ڇڏيو ۽ متحرڪ تصور کي پنهنجائي ورتو. اقبال الله تعاليٰ جي تصور کي مطلق طور تي حرڪي امنگ (Absolutly Dynamic Creative Urge) سڏي ٿو. انهيءَ تصور جي لحاظ کان ڪائنات مڪمل ٿيل شيءِ نہ آهي، پر مڪمل ٿيڻي آهي. اقبال چئي ٿو:

کہ آ رہی ہے دما دم کی صدائے کن فیکون　　　کہ کائنات ابھی ناتمام ہے شاید

لڳ ڀڳ سمورن تفسيرن ۾ الله تعاليٰ کي حرڪي وجود نہ مڃيندي حرڪت، تبديلي ۽ ارتقا جو انڪار ڪيو ويو آهي يا وري انهيءَ بابت خاموشي اختيار ڪئي وئي آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو مسلم معاشري ۽ مسلم فڪر، ٻئي هڪ هنڌ رڪجي ويا آهن. الله تعاليٰ جي غير حرڪي تصور هيٺ، مطلق اجتهاد جي دروازي کي بند ڪيو ويو آهي. ان جو نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو يورپ جي ٻيهر ترقي کان پوءِ پيدا ٿيندڙ مسئلن جو ديني حل نہ ملڻ ڪري

نوجوان مسلم نسل دين جي باري ۾ ڀڌتر جو شڪار آهي.

قرآن ڪريم الله تعاليٰ جي حرڪي تصور تي انهيءَ لاءِ زور ڏئي ٿو جو قيامت تائين ايندڙ معاشرن ۾ پيدا ٿيندڙ نون مسئلن جو حل ڪڍي سگهجي. ان سان گڏوگڏ اسلام جيئن ته عالمگير مذهب پڻ آهي، جنهن کي مختلق قومن ۽ تهذيبن سان واسطو پوي ٿو. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته ان وٽ اهڙا بنيادي اصول هجن، جن سان اهو انهن سمورين مختلف تهذيبن جي مختلف مسئلن ۽ فڪرن جي تعبير ڪندو وڃي. تنهن ڪري حرڪت ۽ ارتقا جو تصور، قرآن ڪريم ۽ اسلام جي دائمي ۽ عالمگير هئڻ جو دليل هئڻ سان گڏوگڏ، مختلف قسم جي موجود توڙي ايندڙ وقت ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي سلجهائڻ جي ضمانت پڻ آهي.

مفسرن حرڪت ۽ ارتقا جي اصول کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ قرآن ڪريم جو سياسي، معاشي، معاشرتي ۽ فلسفاڻو نظام ظاهر نہ ٿي سگهيو. ابراهيم لنڪن ۽ يورپ جي نيئن سر ترقي تائين مسلم معاشري تي ملوڪيت (بادشاهي)، جاگيرداري، يوناني عقليت، عورت مٿان مرد جي حاڪميت ۽ غلامي جو ادارو قابض رهيو. اسلام جي نمائندگي ڪندڙن، اسلام جي دائمي ۽ عالمگير پاسن کي نظرانداز ڪري، انهيءَ کي رڳو مسلمان امت جو دين سڏيندا رهيا. انهيءَ ڪري انهن جو فڪر عوام يعني غلام، مزدورن ۽ پنتي پيل ماڻهن جي ڀلائي، ترقي ۽ خوشحالي جي لاءِ ديني نقطي نظر کان ڪجهہ بہ سوچي نہ سگهيو ۽ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. موجوده دور جي عالمن ۽ مفسرن وٽ اسلامي نفاذ، اسلام ۽ شريعت جو مطلب ۽ مقصد عوام جي ترقي، خوشحالي ۽ ذهني آزادي ۽ ٻين مذهبن ڏانهن رواداري واري رويي کي پنهنجائڻ بدران رڳو سزائون نافذ ڪرڻ ۽ پيداواري وسيلن تي هڪ ٿورڙي طبقي جي ملڪيت کي قائم رکندي، زڪوات ۽ وراثت بابت ڏنل حڪمن کي ناقد ڪرڻ آهي. جڏهن تہ قرآن پاڪ جو الله تعاليٰ بابت تصور "رب الناس" يعني سموري انسانيت جو رب آهي. انهيءَ سورت ۾ "الناس" يعني انسانن جي مخالف ۽ مقابلي ۾ ايندڙ ماڻهن کي "خناس" سڏيو ويو آهي، جيڪو مذهبي پيشوائن جي ذريعي عوام ۾ وسوسا پکيڙين ٿا تہ ڪنهن کي امير ۽ غريب الله تعاليٰ ئي ڪري ٿو. اهو ئي اهو رويو آهي جنهن کي برهمڻ پنهنجائي، ڪروڙين انسانن کي ٻڌايو آهي تہ "شودر"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن کي الله تعاليٰ ئي ٺاهي ٿو ۽ اهي شودر دوزخ مان هوندا آهن. تنهن ڪري انهن جي معاشرتي مرتبي ۽ تقدير کي ڪير بہ بدلائي نٿو سگهي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ سمورن مذهبن جي مذهبي پيشوائيت عوام کي اهو ئي سبق سيکاريو آهي. انهيءَ ڪري سموري تاريخ واڳ ڌڻين ۽ دولتمندن جي ظلم، جبر ۽ مزدور جي محنت جي استحصال ۽ جنسي ڇڙواڳيءَ جي واقعن سان ڀري پئي آهي. افسوس آهي جو اسان جي عالمن ۽ مفسرن بہ عوام (الناس ـ الانام ) جي باري ۾ اهو ئي رويو اختيار ڪيو ۽ سموري اسلامي تاريخ ملوڪيت جي ظلمن، جاگيردارن طرفان ٿيندڙ محنت جي استحصال ۽ انهن طبقن جي مفادن جي حمايت ڪندڙ اسلام پسند ۽ ٻين ڏاهن جي ڏاڍاين جي آئينہ دار رهي آهي.

جيئن تہ حرڪت ۽ ارتقا جو قانون موجود نہ آهي، تنهن ڪري سمورن شهري ادارن ۽ فڪري مڪتبن کي تبديل ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. هي آهي اهو مسلڪ، جنهن تي سمورن مذهبن ۽ اسلام جي مذهبي پيشوائيت عمل ڪندي رهي آهي ۽ اڄ تائين ڪري رهي آهي. جيڪڏهن مسلمان عالم ۽ قرآن ڪريم جا مفسر اسلام جي لحاظ کان حرڪت ۽ ارتقا جي انهيءَ ڪائناتي ۽ معاشرتي قانون کي مڃي وٺن ها، تہ اڄ مسلمان امت جو انسانيت جي حق ۾ ڪردار مثالي هجي ها.

انهيءَ صورتحال کي سامهون رکندي، ترڪي جي هڪ سمجهدار عورت خالده اديب خانم پنهنجي ڪتاب "Inside India" ۾ لکيو آهي تہ جڏهن هڪ مسلمان ڪم ڪندڙ ڪائنس پڇيو تہ هن دور ۾ مسلمان کي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي؟ تہ هن عورت جو جواب هو: "هڪ مسلمان ڪارل مارڪس جي". ڇو جو ڪارل مارڪس ئي هڪ اهڙي شخصيت آهي، جنهن سموري انساني تاريخ ۾ نبين کان پوءِ عوام جي حق ۾ ڳالهہ ڪئي آهي.[1] جڏهن تہ دنيا جا مذهب ۽ اسلام جي مذهبي پيشوائيت سدائين واڳ ڌڻين توڙي مال ۽ دولت جي وسيلن تي قابض فردن جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ پاڪ ڪتابن مان فتوائون ڏيندا رهيا آهن. اهي مذهبن ۽ اسلام جو روح ۽ ان جي پاڪ بانين جي جاکوڙ وارن مقصدن جي خلاف هئا. انهيءَ ڪري ئي

---

[1] شاهہ ولي الله محدث دهلوي ڪارل مارڪس کان اڳ جو آهي، جنهن اسلام جي معاشي نظام جا اصل ٻڌايا جيڪي عوام جي حقن جي ڳالهہ ڪن ٿا! (سنڌيڪار)

جيستائين الله تعاليٰ جي حرڪي تصور کي نئو مجيو وڃي، اسلام کي زنده رکڻ ناممڪن رهندو ۽ جيستائين مطلق اجتهاد جو دروازو نئو کوليو وڃي، اسلام جي نفاذ جو عمل ڪامياب نہ ٿيندو.

آخر ۾ الله تعاليٰ جي وجود بابت منجهيل، طبيعيات ڪان متاثر بحثن بدران مولانا ابوالڪلام آزاد جا بہ خط ڏنا وڃن ٿا. هڪ خط ۾ الله تعاليٰ جي وجود بابت فطري طريقي موجب بحث ڪيو ويو آهي ۽ ٻئي ۾ الله تعاليٰ جي صفتن بابت بحث آهي. هي خط سموري ڪلام جي بحثن واري دفتر تي فوقيت رکن ٿا.

## وجود باري تعاليٰ جي ثابتي بابت بحث

پهريون خط
قلعہ احمد نگر
17 آڪٽوبر 1942ع

*از بهر چه گويم هست، از خود خبرم چوں نيست*
*وز بهر چه گويم نيست، باوا نظرے چوں هست*

سچامهربان،

صبح جا ساڍا ٽي ٿيا آهن. هن وقت لکڻ لاءِ قلم کنيو تہ خبر پئي تہ مس ختم ٿي رهي آهي. گڏوگڏ خيال آيو تہ مس جي شيشي خالي ٿي چڪي هئي ۽ نئين شيشي گهرائڻي هئي، پر گهرائڻ وسري ويو. مون خيال ڪيو تہ چونہ ٿورو پاڻي ئي ملائي ڪم ٽپايان. اوچتو ڪتليءَ تي نظر پئي. مون ٿورڙي چانهن پيالِيءَ ۾ اوتي ۽ قلم جون ڇهنب ان ۾ ٻوڙي پچڪاري هلائي. پوءِ ان کي چگِيءَ طرح چلڪايو تہ جيئن مس جي رنگت چٽائيءَ سان نکري اچي ۽ هاڻي ڏسو تہ مس جي جاءِ تي چانهہ جي ڪوسي عرق مان پنهنجا خيال ٽڏي پني جي مٿاڇري تي ڪيئن ڇِٽي رهيو آهي.

*مي کشد شعله سرے ازول صد پاره ما*
*جوش آتش بودا مروز به فواره ما!*

فيضي فيضي

طبيعت اداس هوندي آهي تہ لفظ بہ اداس ئي نڪرندا آهن. مان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت جي اداسين جو چانهن جي گرم سرڪن سان علاج ڪندو آهيان. سو قلم کي به اج هڪ سرڪ پياري ڇڏيم:

ایں کہ در جام و سبو وارم مہیا آتش ست (عرفی)

توهان منهنجي انهيءَ طريقيڪار تي حيران نه ٿيو. اج کان ساڍا ٽي سئو سال اڳ فيضي کي به ساڳيو ئي طريقو استعمال ڪرڻو پيو. ”نل و من“ ۾ هن اسان کي ٻڌايو آهي:

تا تازہ وتر زنم رقم را        دربارہ کشیدہ ام قلم را

اج به جام اهو ئي آهي جيڪو روز ڦيرايو ويندو آهي، پر جام ۾ جيڪو ڪجهه اوتي رهيو آهيان، تنهن جون ڪيفيتون ڪجهه بدليل ئي نظر اينديون:

از مئے دوشیں قدرے تند وترا! (غالب)

ڪيترائي دفعا مون کي خيال ٿيو ته اسان الله تعاليٰ جي هستي جو اقرار ڪرڻ لاءِ انهيءَ ڪري مجبور آهيون جو جيڪڏهن نه ڪنداسين ته خدائي ڪارخاني جي ڳجهارت جو جواب ملي نه سگهندو. جڏهن انهيءَ جواب جي طلب اسان جي اندر کي بيقرار رکي ٿي.

آں کہ ایں نامہ سربستہ نوشتہ است نخست
گرہے سخت بہ سر رشتہ مضموں زدہ است
(فغانی)

1. جيڪڏهن ڪو منجهيل معاملو اسان جي سامهون ايندو آهي ۽ اسان کي اهو حل ڪرڻ جي اٽڪڻ هوندي آهي ته اسان ڇا ڪندا آهيون؟ طبعي طور تي اسان جي اندر اها ڳالهه موجود آهي ۽ منطق ۽ رياضي اها واٽ وڻائي آهي ته اسان مونجهاري تي غور ڪريون. هر مونجهاري تي ويچاريندا‌سين. هر مونجهارو پنهنجي سلجهاءَ لاءِ هڪ خاص طرح جي گهرج وارو جواب گهرندو آهي. اسان ڪوشش ڪنداسين ته هڪ کان پوءِ ٻئي قسم جا سلجهاءَ سامهون آڻيون ۽ ڏسون ته انهيءَ گهرج جو جواب ملي ٿو يا نه؟ پوءِ جيئن ئي هڪ اهڙو سلجهاءُ ملي ويندو، جيڪو مونجهاري جي سمورن گهرجن جو جواب ڏئي ويندو ۽ معاملي جون سموريون ڪڙيون صحيح نموني ملي وينديون ته اسان کي پڪ ٿي ويندي

تہ مونجهاري جو صحيح سلجهاءُ ملي ويو ۽ صورتحال جون اندروني شاهديون اسان کي ايترو تہ مطمئن ڪري ڇڏينديون جو ان ڪان پوءِ اسان کي ڪنهن ٻاهرين شاهديءَ جي ضرورت ئي نہ رهندي. هاڻي جيڪڏهن ڪو ڪيترا بہ وسوسا وجهي، پر اسان جو ويساهہ ختم نٿو ٿي سگهي.

فرض ڪريو تہ ڪپڙي جي هڪ تاڪيي مان ڪپڙي جو ٽورڙو ٽڪرو ڪنهن ڦاڙي ڇڏيو هجي ۽ اهو ڦاٽل ٽڪرو اهڙو تہ بي سُرو ۽ ٽيڏو ڦڏو آهي، جو جيستائين اهڙو ئي ملندڙ ٽڪرو اتي نٿو ويهي، تاڪيي جي جاءِ نٿي پرجي. هاڻي ساڳي ئي ڪپڙي جا ڪيترائي ٽڪرا اسان کي ملي وڃن ٿا ۽ هر ٽڪرو اتي لڳائي اسان ڏسندا آهيون تہ انهيءَ خال جي نوعيت جي گهرج پوري ٿئي ٿي يا نہ. پر ڪوبہ ٽڪرو صحيح طرح سان اچي ئي نٿو. ڇو جو انهيءَ ۾ هڪ پاسو ملي ٿو تہ ٻيو پاسو جڙڻ ڪان انڪاري ٿي پوي ٿو. اوچتو هڪ اهڙو ٽڪرو نڪري اچي ٿو جيڪو اڳ ۾ ٽيڏي پاسيري ڪٽيل ٽڪري جي سمورين گهرجن کي پورو ڪري ڇڏي ٿو ۽ ڇتائيءَ سان نظر اچي ٿو تہ رڳو انهيءَ ئي ٽڪري سان اها وٿي پري سگهجي ٿي. هاڻي جيتوڻيڪ انهيءَ جي تائيد ۾ ڪا ٻاهرين شاهدي موجود نہ هجي، پر اسان کي پورو ويساهہ ٿي ويندو تہ هي ئي ٽڪرو هتان ڦاڙيو ويو هو ۽ ايترو تہ پڪ ٿي ويندي جو "لو ڪشف الغطاء لم ازدرت يقينا!"

2. انهيءَ مثال ڪان هڪ وک اڃا بہ اڳتي وڌايو ۽ ڪنهن ڏڪئي ڪم جو مثال وٺو. انڻ ڳڻتين طريقن سان اسان ان کي ترتيب ڏيڻ گهرندا آهيون پر اهو ٺيڪ ٺهندو ئي نہ آهي. آخرڪار هڪ اهڙي ڪا خاص ترتيب نڪري ايندي آهي جو ان جي هر حصي جي گهرج پوري ٿي ويندي آهي ۽ ان مهل اهو هر لحاظ کان ٺيڪ ٿي ويندو آهي. هاڻي پيلي ڪو ٻاهريون دليل انهيءَ ترتيب بابت موجود نہ بہ هجي پر اها ڳالهہ تہ رڳو انهيءَ هڪ ترتيب سان انهيءَ جو الجهاءُ ختم ٿي سگهي ٿو پنهنجو پاڻ ئي هڪ اهڙو پڪو دليل بڻجي ويندو جو ان کان پوءِ اسان کي ٻئي ڪنهن دليل جي ضرورت ئي نہ رهندي. الجهاءَ جو ختم ٿي وڃڻ ۽ هڪ اهڙي پڪي دليل جو ظاهر ٿيڻ، پنهنجو پاڻ ئي هزارين دليلن جو هڪ دليل آهي.

3. هاڻي علم واري واٽ تي وک اڳتي وڌايو ۽ هڪ ٽيون مثال آڏي رکو. توهان اکرن جي ترتيب سان ڪلندڙ تالا ضرور ڏٺا هوندا. انهن کي اڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابجدي تالن جي نالي سان ڄاتو ويندو هو. هڪ خاص لفظ جي ٺهڻ سان اهو کلندو آهي ۽ انهيءَ جي اسان کي خبر نہ هوندي آهي. هاڻي اسان جدا جدا لفظ ٺاهيندا ويندا سين ۽ ڏسنداسين تہ تالو کلي ٿو يا نہ؟ فرض ڪريو تہ هڪ خاص لفظ ٺهڻ سان ئي تالو کلي وڃي ٿو. هاڻي ڇا اسان کي پڪ نہ ٿي ويندي تہ انهيءَ لفظ ۾ هن تالي جي ڪنجي لڪيل هئي؟ جنهن حل لاءِ ڪوشش هئي سو تالي جو کولڻ هو. هاڻي جڏهن هڪ لفظ تالو کولي ڇڏيو تہ پوءِ هن ڪان اڳتي باقي ڇا بچيو جنهن جي وڏيڪ ڳولا ڪئي وڃي.

انهن مثالن کي سامهون رکي انهيءَ هستيءَ جي ڳجهارت تي ويچار ڪريو جيڪو اسان جي اندر ۽ اسان جي ٻاهر هر پاسي پکڙيل آهي. انسان جڏهن کان شعور ۽ سمجهہ جون اکيون کوليون آهن، انهيءَ ئي ڳجهارت جي پيچڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. پر انهيءَ پراڻي ڪتاب جو پهريون ۽ آخري پنو ڪجهہ اهڙي طرح گم ٿي ويو آهيم جو نہ خبر پئي ٿي تہ ڳالهہ شروع ڪٿان ٿي هئي ۽ نہ پروڙ پئي ٿي تہ ڪٿي دنگ ڪندي ۽ ڪيئن ڪندي؟

اول آخر ایں کہنہ کتاب افتادست! ــــــ(کلیم ہمدانی)

زندگي ۽ چرپر جو اهو ڪارخانو ڪيئن آهي؟ انهيءَ جو ڪو منڍ بہ آهي يا نہ؟ اهو ڪٿي وڃي دنگ بہ ڪندو يا نہ؟انسان پاڻ ڇا آهي؟ هي جيڪو اسان سوچي رهيا آهيون تہ "انسان ڇا آهي؟" تہ اها جيڪا سوچ آهي، سا ڪهڙي شيءِ آهي؟ ۽ آخر ۾ حيرت ۽ مجبوري جي انهن سمورن پردن پويان ڪجهہ آهي بہ يا نہ؟

مردم در انتظار و دریں پردہ راہ نیست
یا ہست، پردہ دار نشانم نہ می دہد!
(حافظ)

ان وقت کان وٺي، جنهن ۾ شروعاتي دور جو انسان جبلن جي غار مان مٿو ٻاهر ڪڍي سج کي اڀرندي ۽ لهندي ڏسندو هو، موجوده دؤر تائين، جنهن ۾ انسان علم جي تجربي گاهہ مان مٿو ڪڍي فطرت جا اڻ ڳڻيا راز ظاهر ڪري رهيو آهي، انسان جي فڪر ۽ عمل جون هزارين ڳالهيون بدلجي ويون، پر ڳجهہ اڃا تائين ڳجهہ ئي رهيو.

اسرار ازل را نہ تو دانی و نہ من
ویں حرف معما نہ تو خوانی و نہ من
ہست از پس پردہ گفتگوئے من و تو
چوں پردہ بر افتد نہ تو مانی و نہ من
(خیام)

اسان انهيءَ مونجهاري کي نوان نوان حل ڪيڏي سمجهائڻ جي جيتري ڪوشش ڪريون ٿا، اهو اوترو ئي وڌيڪ منجهي وڃي ٿو. هڪ پردو جڏهن سامهون ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تہ ان کي هٽائڻ ۾ اسان نسلن جا نسل لڳائي ڇڏيون ٿا، پر جڏهن اهو هٽي ويندو آهي تہ خبر پوندي آهي تہ ان جي پويان اجا سئو پردا موجود هئا ۽ جيڪو پردو هٽيو آهي سو حقيقت ۾ پردي جو هٽڻ نہ آهي، پر نون پردن جو ظاهر ٿيڻ آهي. هڪ سوال جو جواب اجا ملي ئي نٿو تہ ڏهہ ٻئي نوان سوال سامهون اچي وڃن ٿا. هڪ ڳجهہ اجا ڳجهہ ئي رهي ٿو تہ سئو نوان راز نروار ٿي نڪرن ٿا.

دریں میدان پر نیرنگ حیران ست دانائی
کہ یک ہنگامہ آرائی، دہند کشور تماشائی
(نظیری)

آئنسٽائن (Einstein) پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ سائنس جي حقيقت بابت ڪوشش وارين سرگرمين کي شرلاڪ هومز جي جاسوسين سان ڀيٽيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هن تمام ئي صحيح تشبيهہ ڏني اٿس. علم جي ڳولا فطرت جي اڻ ڄاتل اونهائين ۾ تبي هٽڻ گهري ٿي، پر هر وک تي نون مرحلن ۽ نون ڏکيائين سان اٽڪي پوي ٿي. ذي مقراطيس (Pemcocritus) جي زماني کان وٺي، جنهن چار سئو سال قبل مسيح تائين مادي جي ذرڙن (atoms) بابت تصور ڏنو هو اج تائين جڏهن جو مقداري نظريي (Quantum theory) جي رهبريءَ ۾ اسان ذرڙن جو نئين سري سان پيڇو ڪري رهيا آهيون، علم جي سموري ڳولا جو نتيجو انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ نڪتو آهي تہ اڳين ڏکيائي اجا ختم ئي ٿي تہ وري نيون ڏکيائيون شروع ٿي ويون. انهيءَ اڍائي هزار سالن جي سفر ۾ اسان ڪيترن ئي نئن منزلن بابت ڄاڻي ورتو جيڪي سفر دوران ظاهر ٿينديون رهيون. پر حقيقت جي اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري گهربل منزل، جنهن جي ڳولا ۾ انسان نڪتو هو اج به ايئن ئي اڻ ڄاتل آهي، جيئن اڄ کان اڍائي هزار سال اڳ هئي. اسان جيترو ان جي ويجهو ٿيڻ گهرون ٿا، اوترو ئي ڏور ٿيندا وڃون.

بامن آویزش او الفت موج ست کنار
دبرم بامن و ہر لحظہ گریزاں ازمن
(کلیم ہمدانی)

بئي پاسي اسان محسوس ڪريون ٿا ته اسان جي اندر هڪ نه وسامندڙ اڃ ابري رهي آهي جيڪا هن ڳجهارت جو توڙ گهري ٿي. اسان انهيءَ کي ڪيترو به دٻائڻ گهرون، پر انهيءَ جو اثر چپن تي اچي ئي ويندو. اسان هڪ جواب ڪانسواءِ دلي سڪون حاصل نٿا ڪري سگهون. ڪڏهن ڪڏهن اسان انهيءَ ڏوکي ۾ پئجي ويندا آهيون ته اسان کي ڪنهن تسلي جوڳي جواب جي گهرج نه آهي، پر اهو رڳو هڪ جڙتو تخيل هوندو آهي ۽ جيئن ئي زندگيءَ جي فطري گهرجن سان ٽڪرائبو آهي ذرا ذرا ٿي ويندو آهي.

يورپ ۽ آمريڪا جي مفڪرن جي بلڪل تازن خيالن جو مطالعو ڪريو ۽ ڏسو ته موجوده جنگ انهن جي دماغن ۾، جيڪي ڪالهه تائين پنهنجو پاڻ کي مطمئن تصور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ڪيتري هلچل مچائي ڇڏي آهي. ٿورن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته پروفيسر جوڊ (Joad) جو هڪ مقالو منهنجي نظرن مان گذريو. هو لکي ٿو ته انهن سمورن فيصلن تي، جيڪي اسان مذهب ۽ خدا پرستيءَ جي باري ۾ ڪيا هئا، تن تي هاڻي ٻيهر غور ڪرڻ گهرجي. پروفيسر جوڊ جو اهو اعلان جنگ کان پوءِ جو آهي، جڏهن ته جنگ کان پهريان ان جو اعلان انهيءَ کان گهڻو مختلف هئا. برٽرنڊ رسل (Bertrand Russell) به پنهنجي هڪ ڊگهي مقالي ۾، جيڪو ڪن آمريڪي رسالن ۾ ڇپيو آهي، اهڙي ئي راءِ ظاهر ڪئي آهي.

جواب ته شروع ۾ ئي ملي ويو هو پر جنهن وقت اها ڳجهارت انساني دماغ جي سامهون پهريون ڀيرو آئي هئي، ان وقت ان جو حل به ظاهر ٿي پيو هو. اسان انهيءَ حل جي جاءِ تي ٻيو حل ڳولڻ گهرون ٿا، ۽ اتان کان ئي اسان جون سڀئي ناڪاميون ڳرُ ڪڻ شروع ڪن ٿيون.

چڱو هاڻي ٿورو ويچار ڪريو انهيءَ ڳجهارت جي ڳولا واري جاکوڙ اسان کي ڪٿي وڃي ڦٽو ڪري ٿي؟ هي قدرت جو سمورو ڪارخانو پنهنجي

هر ڪنڊ ۽ هر اهڃاڻ ۾ سڄي جو سڄو هڪ سوال آهي. سچ ڪان وٺي ان جي روشنيءَ جي ڪرڻن تائين، ڪا به اهڙي شيءِ نہ آهي جيڪا سراسر سوال نہ هجي تہ هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي؟ هي سڀ ڪجهہ ڇو آهي؟ هي سڀ ڪجهہ ڪنهن جي لاءِ آهي؟ اسان عقل جو سهارو وٺون ٿا ۽ ان جي روشنيءَ ۾، جنهن کي اسان علم جو نالو ڏيون ٿا، جيستائين واٽ ملي ٿي، هلندا ويندا آهيون. پر اسان کي ڪو بہ اهڙو جواب نٿو ملي، جيڪو انهن مونجهارن واري اڃ کي اجهائي سگهي. روشني اجهامي وڃي ٿي، اکيون ڏڪرجي وڃن ٿيون ۽ عقل ۽ سمجهہ جا سمورا سهارا ساڪت ٿي وڃن ٿا، پر جيئن ئي اسان پراڻي جواب ڏانهن موٽ ڪائيندا آهيون، ۽ پنهنجي جاڻ ۾ رڳو ايتري ڳالهہ وڌائي ڇڏيندا آهيون تہ ”هڪ سمجهہ ۽ سگهہ واري ذات پردي جي پويان موجود آهي“ تہ اوچتو صورتحال بلڪل بدلجي وڃي ٿي ۽ ايئن محسوس ٿيڻ لڳي ٿو جڻ اونداهيءَ مان نڪري اچتو سوجهري ۾ اچي ويا آهيون. توهان جنهن پاسي بہ ڏسو هر پاسي سوجهرو ئي سوجهرو آهي. هر سوال کي پنهنجو جواب ملي ويو هر گهرج جي گهُر پوري ٿي وئي، هر اڃ کي شادابي ملي وئي. جڻ تہ سمورو الجهاءُ هڪ تالو هو جيڪو پنهنجي ڪنجي لڳندي ئي کلي ويو.

چنداں کہ دست و پازوم، آشفتہ ترشدم
ساکن شدم، میانہ دریا کنارشد!
(عرفی)

جيڪڏهن هڪ ڏاهپ ڀريو ارادو پردي پويان موجود آهي تہ هتي جو ڪجهہ بہ آهي، ڪنهن ارادي جو نتيجو آهي ۽ ڪنهن مقرر ۽ طئي ٿيل مقصد جي لاءِ آهي. جيئن ئي اهو حل سامهون رکي اسان انهيءَ ڏکئي ڪم کي ترتيب ڏيندا آهيون، تيئن ئي ان جا سيئي ور وڪڙ نڪري ويندا آهن ۽ سموريون ڇوڙيون پنهنجي جاءِ تي ويهي ويندون آهن. ڇو جو هر ”ڇا آهي؟“ ۽ ”ڇو آهي؟“ کي هڪ پورو پورو جواب ملي ويندو آهي. جڻ تہ انهيءَ سڄي ڳجهارت جي جواب جو سمورو روح انهن ٿورڙن لفظن ۾ سمايل هئو. جيئن ئي اهي سامهون آيا، ڳجهارت ڳجهارت نہ رهي، پر هڪ مڪمل مطلب رکندڙ داستان بڻجي وئي. پوءِ جيئن ئي اهي لفظ سامهون کان پاسيرا ٿيڻ لڳن ٿا، سموري رونق ۽ اشارا غائب ٿي وڃن ٿا ۽ هڪ سرد ۽ بي جان ڳجهارت باقي رهجي وڃي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن جسم ۾ روح ڳالهائي ٿو ۽ لفظن ۾ معنيٰ پيدا ٿئي ٿي ته قدرت جا پيدا ڪيل جسم به پنهنجي اندر ڪا معنيٰ رکن ٿا. اها حقيقت ته قدرت جي ڳجهارت جي بيجان ۽ بي معنيٰ جسم ۾ رڳو انهيءَ هڪڙي ئي جواب سان معنيٰ پيدا ٿي سگهي ٿي، اسان کي مجبور ڪري ڇڏي ٿي ته انهيءَ کي جواب مڃون.

جيڪڏهن پردي پويان ڪو مقصد يا ارادو نه آهي ته پوءِ هتي اونده ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. پر جيڪڏهن هڪ ارادو يا مقصد ڪم ڪري رهيو آهي ته پوءِ جيڪو ڪجهه به آهي، سو سوجهرو ئي سوجهرو آهي. اسان جي فطرت ۾ سوجهري جي گهرج آهي. اسان اونداهين ۾ ڀٽڪي وڃڻ بدران روشنيءَ ۾ رمندو رهڻ جي گهرج ڪندا آهيون. هتي سوجهري واري واٽ رڳو انهيءَ هڪ ئي جواب ۾ ملي سگهي ٿي.

ڪائنات جي فطرت ۾ هڪ مڪمل نمونو (pattern) موجود آهي. هڪ اهڙو مثال، جيڪو عظيم به آهي ۽ جمال يا سونهن رکندڙ پڻ آهي. انهيءَ جي عظمت اسان تي پنهنجو رعب ويهاريو ڇڏي ۽ ان جو جمال اسان جي اندر محويت پيدا ڪريو ڇڏي. پوءِ ڇا اسان فرض ڪري وٺون ته فطرت جي اها ٻڌاوت بنا ڪنهن سمجهه ڀري (intelligent) قوت جي ڪم ڪري رهي آهي؟ اسان گهرون ٿا ته فرض ڪري وٺون، پر ايئن ڪري نٿا سگهون. اسان کي محسوس ٿئي ٿو ته ايئن فرض ڪري وٺڻ اسان جي ذهني خودڪشي هوندي.

جيڪڏهن ويچار ڪريو ته انهيءَ جواب تي ويساهه ڪندي اسان انهيءَ نموني تي ڪم ڪرڻ گهرندا آهيون جيڪو رياضيءَ جي عددي ۽ پيمائشي حقيقتن سان، اسان جي دماغن ۾ ڪم ڪندو رهندو آهي. اسان ڪنهن عددي ۽ پيمائشي الجهاءَ جو حل رڳو اهڙي حل کي مڃيندا اسين، جنهن جي ملڻ سان ئي مونجهارو ختم ٿي وڃي. مونجهاري جو ختم ٿي وڃڻ ئي حل جي صحت جو پختو دليل هوندو آهي. بنا ڪنهن شڪ جي ٻنهي صورتن ۾ مونجهاري ۽ حل جي نوعيت ساڳي نه هوندي آهي. عددي مسئلن ۾ مونجهارو به عددي هوندو آهي جڏهن ته هتي عقلي آهي. هتي عددي حل عددي حقيقتن تي ويساهه پيدا ڪندو آهي، هتي عقلي حل عقلي مونجهاري جي معاملي ۾ رهنمائي ڪندو آهي. تنهن هوندي به سوچ جو سانچو ٻنهي جائن تي هڪ ئي قسم جو هوندو آهي. ٻئي واٽون ساڳئي ئي انداز سان

ڪُلنديون ۽ بند ٿينديون آهن.

جيڪڏهن چيو وڃي تہ جواب جي ڳُهر اسان ان لاءِ محسوس ڪندا آهيون جو پنهنجي حواسن ۽ عقل جي دائري ۾ انهيءَ جا عادي ٿي ويا آهيون ۽ انهيءَ حل ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن حل سان اسان کي تسلي نٿي ملي تہ اهو بہ انهيءَ ڪري آهي جو اسان حقيقت کي ماپڻ لاءِ پنهنجي حواسن جي ئي تارازي هٿ ۾ کڻي وينا آهيون تہ انهيءَ جو جواب بہ صاف آهي. اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي دائري کان ٻاهر نٿا وٺي وڃي سگهون. اسان مجبور آهيون تہ انهيءَ جي ئي اندر رهندي سوچيون ۽ حڪم لڳايون. هي جيڪو اسان چئي رهيا آهيون تہ اسان مجبور آهيون "تہ سوچيون ۽ حڪم لڳايون" تہ:

*ايں سخن نيز بہ اندازہ ادراک منست*

مسئلي جو هڪ ٻيو پاسو بہ آهي جيڪو جيڪڏهن ويچار ڪريون تہ يڪدم اسان جي سامهون اچي ويندو آهي. انسان جو حيواني وجود انساني مرتبي ۾ پهچي واڌ ويجهہ ۽ ارتقا جون گذريل سيئي منزلون گهٽو پوئتي ڇڏي چڪو آهي ۽ اوچائيءَ جي هڪ اهڙي هنڌ تي پهچي چڪو آهي، جيڪو ڪيس زمين جي گولي تي رهندڙ سمورين مخلوقن کان جدا ۽ پلارو ڪري ڇڏي ٿو. هاڻي ڪيس پنهنجي اڻ کٽ ترقين لاءِ هڪ اڻ کٽ اوچائيءَ وارو مقصد گهرجي، جيڪو ڪيس لڳاتار اوچائين ڏانهن ئي ڇڪيندو رهي. ان جي اوچي کان اوچو ٿيندو رهڻ جي خواهش اڀرندي رهي جيڪا تمام وڏي اوچائي تائين پهچڻ باوجود بہ ٺڏي نہ ٿئي. ان جون نظرون سدائين اوچائيءَ ڏانهن ئي کنيل رهن ٿيون. سوال هي آهي تہ اهو اڻ کٽ اوچائين جو مقصد ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ اسان کي بنا انڪار جي مڃڻو پوندو تہ الله تعاليٰ جي هستي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن اها هستي سندس سامهون هٽي وڃي، تہ پوءِ ان جي لاءِ مٿانهين ڏي ڏسڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ بہ باقي نہ رهندو.

زمين جي مٿاڇري تي جيتريون بہ شيون آهن، سي سڀ انسان کان گهٽ درجو رکن ٿيون. هو انهن ڏانهن نظر نٿو کڻي سگهي. ان جي مٿان آسماني گرهہ پکڙيل آهن. پر انهن ۾ بہ ڪا اهڙي هستي نہ آهي، جنهن جو حصول ان لاءِ مقصد بڻجي سگهي. هو سج کي پنهنجي حصول جو مقصد

ٻڌائي نٿو سگهي، هو چمڪندڙ ستارن سان عشق نٿو ڪري سگهي. سج سندس جسم کي گرمي ڏئي ٿو پر ان جي لڪيل قوتن جي اڏمن کي گرمائي نٿو سگهي. ستارا سندس اونداهن راتين ۾ فانوس ٻاري ڇڏن ٿا. پر سندس دل ۽ دماغ جي پردن کي روشن نٿا ڪري سگهن. پوءِ اها ڪهڙي هستي آهي جنهن ڏانهن هو پنهنجي اوچين اڏامن لاءِ نهاري سگهي ٿو؟

هتي سندس هر پاسي کان هيٺائيون آهن جيڪي ڪيس انسانيت واري اوچائيءَ کان ٻيهر حيوانيت جي هيٺائين ڏانهن وٺي وڃڻ گهرن ٿيون، جڏهن تہ هو پاڻ اوچائين ڏانهن اڏامڻ گهري ٿو. عنصرن واري درجي مان ترقي ڪري ٻوٽن واري زندگيءَ جي درجي ۾ آيو. ٻوٽن کان گهٽتو ترقي ڪري حيواني زندگيءَ جي درجي ۾ پهتو. پوءِ حيواني مرتبي کان اڏام ڪري انسانيت جي اوچي ڏاريءَ تي پنهنجو آکيرو اڏيو. هاڻي هو انهيءَ اوچائيءَ کان ٻيهر هيٺائين ڏانهن ڏسي نٿو سگهي. جيتوڻيڪ حيوانن واري هيٺائين کيس لڳاتار هيٺائين ڏانهن ڇڪينديون رهنديون آهن. هو فضا جي اڻ کٽ اوچائين ڏانهن ٿي نهاريندو آهي.

نہ باندازه بازدست کمندم مہیات
ورنہ باگوشہ بامیم سروکار کے ہست

کيس اوچائين، اڻ کٽ اوچائين واري هڪ اوچي محلات گهرجي جنهن ڏانهن هو لڳاتار نهاريندو رهي ۽ جيڪا کيس هر گهڙي اوچي کان اوچي مرتبي تي هلندو رهڻ لاءِ اشارو ڪندي رهي.

تراز کنگره عرش مے زنند صفیر
تدانمت کہ دریں دا مگہ چہ افتادست

انهيءَ حقيقت کي هڪ جرمن فلسفي ريل (Richl) هنن لفظن ۾ ادا ڪيو هو: ”انسان ايستائين سڌو ٿي بيهي نٿو سگهي جيستائين ڪا اهڙي شيءِ ان جي سامهون موجود نہ هجي، جيڪا کائنس اوچي هجي. هو پاڻ کان اوچي شيءِ کي ڏسڻ لاءِ ئي ڪنڌ مٿي کڻي سگهي ٿو“.

اوچائيءَ جو اهو بنيادي مقصد الله تعاليٰ جي موجودگيءَ جي تصور کانسواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اها اوچائي سندس سامهون پاسيرو ٿي وڃي تہ پوءِ کيس هيٺائين ڏانهن ڏسڻ لاءِ جهڪڻو پوندو. پوءِ جيئن ئي هو هيٺائين ڏانهن ڏسندو تہ انسانيت جي اوچائي هيٺائين ڏانهن ڪرڻ

لڳندي.

اِها ئي اُها صورتحال آهي جيڪا اسان کي ويساهه ڏياري ٿي تہ الله تعاليٰ جي هستيءَ جو عقيدو، انسان جي هڪ فطري احتياج جي گهرج جو جواب آهي ۽ جيئن تہ فطري گهرج جو جواب آهي، تنهن ڪري انهيءَ جي جاءِ انسان جي اندر اڳي ئي موجود هئڻ گهرجي، پوءِ جي جوڙيل ڳالهہ نہ ٿي.

زندگيءَ جي هر موڙ تي انسان جون فطري گهرجون آهن. فطرت فطري گهرجن جا فطري جواب ڏنا آهن. انهن ٻنهي جا پَلوَ پاڻ ۾ اهڙي طرح ڳنڍيا ويا آهن جو هاڻي اهو فيصلو نٿو ڪري سگهجي تہ ٻنهي مان ڪير اڳي وجود ۾ آيو. گهرجون پهريان پيدا ٿيون هيون يا انهن جا جواب اڳي اچي ويا هئا؟ ايئن جڏهن بہ اسان ڪا فطري گهرج محسوس ڪندا آهيون، تہ اسان کي پڪو ويساهه ٿي ويندو آهي تہ انهيءَ جو فطري جواب بہ ضرور موجود هوندو. انهيءَ حقيقت ۾ اسان کي ڪڏهن بہ شڪ ناهي ٿيندو.

مثال طور، اسان ڏسندا آهيون تہ انساني ٻار جي دماغي واڌ ويجهہ ۽ ان جي ڳالهائڻ جي سگهہ کي اپارڻ لاءِ مثالن ۽ نمونن جي ضرورت ٿيندي آهي. مثالن ۽ نمونن کانسواءِ پنهنجي فطري قوتن کي، پنهنجي اصلي رفتار سان هلائي نٿو سگهجي. ايتري تائين جو هو ڳالهہ ڪرڻ بہ نٿو سگهي سگهي جيڪو سندس انساني مرتبي تي فائز هئڻ وارو خاص گڻ آهي. پوءِ جيئن تہ اها ان جي فطري گهرج آهي، انهيءَ ڪري ضروري هو تہ فطرت پنهنجو پاڻ ئي، پهرين ڏينهن کان ئي جواب بہ ڏئي ڇڏيو هجي ها. ايئن اهو جواب پهريان ماءُ جي هستي ۾ ظاهر ٿئي ٿو. پوءِ پيءُ جي نموني ۾ ڪر کڻي ٿو ۽ ايئن ڏينهون ڏينهن پڪڙبو وڃي ٿو. هاڻي ويچار ڪريو تہ انهيءَ صورتحال جو ويساهه ڪيئن اسان جي دماغن ۾ وسيل آهي؟ اسان انهيءَ ۾ ڪڏهن شڪ ڪري ئي نٿا سگهون. اسان جي دماغن ۾ هي سوال اٿي ئي ڪونہ ٿو تہ ٻار جي لاءِ پيءُ ماءُ جو نمونو منڍ کان ئي ڪم ڏيندو آيو آهي يا اڳتي هلي انسان ئي ان کي پيدا ڪيو آهي؟ ڇو تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ اها هڪ فطري گهرج آهي ۽ فطري گهرج تڏهن ئي ڪر کڻندي آهي، جڏهن ان جي جواب جو بہ ساز و سامان ميسر هوندو آهي.

بلڪل ايئن ئي جيڪڏهن اسان ڏسون ٿا تہ انساني دماغ جي واڌ ويجهہ هڪ خاص درجي تائين پهچي انهن سمورن نمونن کان اڳتي وڌي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي، جيڪي ان جي چئني پاسي پکڙيل آهن ۽ پنهنجي ارتقا ۽ ڪمال جي اڏام جاري رکڻ لاءِ مٿي ڏسڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿي، ته اسان کي پڪ ٿي وڃي ٿي ته اها انهيءَ هستيءَ جي هڪ فطري گهرج آهي. پوءِ جيڪڏهن اها فطري گهرج آهي ته ضروري آهي ته ان جو فطري جواب به انهيءَ هستيءَ جي اندر ئي موجوده هجي ۽ ان جو هوش ۽ حواس اکيون کوليندي ئي، ان کي پنهنجي سامهون ڏسي ورتو هجي ته هي جواب ڇا ٿي سگهي ٿو؟ جيتري جاکوڙ ڪريون ٿا، الله تعاليٰ جي هستي کانسواءِ ٻي ڪا هستي ڏسڻ ۾ ئي نٿي اچي.

آسٽريليا جي وحشي قبيلن کان وٺي تاريخي دور جي سڌريل انسانن تائين، ڪوبه تصور اڏمن کان خالي نه رهيو آهي. رگ ويد جي ترانن جو فڪري مواد ان وقت جڙڻ شروع ٿيو هو، جڏهن تاريخ جو سج اجا پوري طرح اڀريو ئي ڪونه هو. حتاين (Hittites) ۽ عيلامين جڏهن پنهنجي تعصب تي مبني تصورن جا رنگ چٽيا هئا ته انساني سڌاري جي ٻالڪپڻي اجا اکيون ئي مس کوليون هيون. مصرين حضرت عيسيٰ عليه السلام کان هزارين سال اڳي پنهنجي خدا کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو ۽ ڪالديا جي ڪاريگرن مٽيءَ جي پڪل سرن تي ساراهه ۽ واکاڻ جا اهي گيت اُڪريا جيڪي گذريل قومن کان انهن کي ورثي ۾ مليا هئا:

درېچ پرده نيست نه باشد نوائے تو
عالم پرست از توۆ خاليست جائے تو

ابو الفضل ڪشمير جي عبادتگاهه جي لاءِ ڪيڏو نه سهڻو ڪتبو تجويز ڪيو هو:

”الٰهی، به هر خانه که می نگرم جویائے تواند، و بهر زبان که شنوم، گویائے تو“
اسے تیر غمت راول عشاق نشانہ خلقے بتو مشغول تو غائب زمیانہ
کہ معتکف دیرم و گہ ساکن کعبہ یعنی کہ ترا می طلبم خانہ بخانہ

ابو الڪلام

## خدائي صفتن تي بحث

ٻيو خط

قلعو نگر
18 آڪٽوبر 1942ع
سچا مهربان
ڪالهه وارو خط ڪاغذ تي تہ ختم ٿي چڪو هو پر دماغ ۾ ختم نہ ٿيو هو. هيئن قلم ڪنيو تہ ٻيهر خيال ساڳئي ئي رخ ۾ وهڻ لڳا.

غور ۽ فڪر جي اها ئي منزل آهي، جيڪا اسان کي هڪ ٻئي حقيقت ڏانهن بہ متوجهہ ڪري ڇڏي ٿي. ڇا ڳالهہ آهي جو انسان خدا کان مٿي ويندڙ عقليت پسندي ۽ غير شخصي تصور تي قناعت ڪري نہ سگهيو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پنهنجي فڪر ۽ احساس موجب هڪ شخصي تصور پيدا ڪندو رهيو آهي. "شخصي تصور" هتي انهيءَ معنيٰ ۾ ڳالهائي رهيو آهيان جنهن معنيٰ ۾ "ذاتي خدا" (Personal God) جو اصطلاح ڳالهايو ويندو آهي. شخصي تصور جا مختلف درجا آهن. شروعاتي درجو تہ رڳو شخص جو هوندو آهي جيڪو رڳو شخصيت جو اقرار ڪندو آهي. پوءِ اڳتي هلي اها شخصيت خاص صفتن ۽ سرگرمين جو جامو پهري وٺي ٿي. سوال هي آهي تہ جامو اڻ ٽر ڇو ٿيو؟ ان جي عادت بہ اها ئي آهي تہ انسان جي فطرت کي اوچائين واري هڪ مقصد جي ضرورت آهي ۽ ان ضرورت جي اڄ هڪ شخص ۽ "علائق نواز"[1] تصور ڪانسواءِ وسامي نٿي سگهي. حقيقت ڇا بہ هجي، پر هي تصور جڏهن بہ ان جي سامهون ايندو، تہ سڃاڻ جو هڪ پردو منهن تي ضرور اوڍي ڇڏيندو. پردو ڪڏهن ڳرو رهيو ۽ ڪڏهن هلڪو ٿي ويو. ڪڏهن ڊيڄاريندڙ رهيو ڪڏهن وندرائيندڙ ٿي ويو، پر منهن تان ڪڏهن هٽي نہ سگهيو. اتان کان ئي اسان جون صورت پرستيءَ جون تڪليفون شروع ٿي ويون.

بر چهره حقيقت اگر مانده پرده
جرم نگاه ديده صورت پرست ماست

دنيا ۾ وحدت الوجود (panthlism) جي عقيدي جو سڀ کان آڳاٽو سرچشمو هندستان آهي، يونان ۽ اسڪندريہ ۾ بہ گهٽو ڪري اتان کان ئي

[1] اردو ۾ "علائق" لفظ علاقہ جو جمع آهي ۽ ان جي لغوي معنيٰ کي سامهون رکندي لفظ "علاقہ نواز" جو مطلب اهڙي ذات ڪري سگهجي ٿي جيڪا پاڻ سان لاڳاپيل تعلقدارن جي مڪمل رهنمائي ڪندڙ هجي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياگي يائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي عقيدو پهتو ۽ مذهب افلاطون جديد (neohlaionism) (جنهن کي غلطي سان عربن افلاطون جو مذهب سڏيو هو) بہ انهيءَ تي ئي پنهنجي اڏاوت بيهاري. اهو عقيدو حقيقت جي تصور کي هر طرح جي خيالي وهمن کان پاڪ ڪري هڪ ڪامل مطلق ۽ عظيم هستيءَ جو تصور قائم ڪري ٿو. انهيءَ تصور سان گڏ صفتون ڏڪيون نٿيون ٿي سگهن. پر جيڪڏهن هجن بہ سهي تہ مقرري ۽ اهڃاڻ جي اعتبار کان، نہ ڪي مطلق ذات جي وجود جي لحاظ کان. انهيءَ عقيدي جو ڄاڻو ان جي ذات جي باري ۾ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهي، ايتري تائين جو اشارو بہ نٿو ڪري سگهي. ڇو تہ جيڪڏهن اسان پنهنجي عقيدي جو پاڇو بہ انهيءَ تي پوڻ ڏيون ٿا تہ ذات مطلق، مطلق نٿي رهي، سڄاڻ ۽ حدن جي ڏوڙ ۾ لٽجي وڃي ٿي. بابا فغاني انهيءَ ڳالهہ کي ٻن مصرعن ۾ سمائي ڇڏيو آهي:

مشکل حکایتے ست کے ہر ذرہ عین اوست
امانہ می تواں کہ اشارت باد کنند

اهو ئي سبب آهي جو هندستان جي اپنشدن ناڪاري صفتن جي راهہ اختيار ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ "نيتي نيتي" کي گهڻو اڳتي وٺي ويا. پر وري ڏسو ڪٽي، ساڳي ئي هندستان کي پنهنجي اڄ ايئن اجهاڻي پئي جو نہ رڳو برهما (ذات مطلق) کي ايشور ذات متصف (شخص) جي روپ ۾ ڏسڻ لڳا، اجا بہ پٿر جون مورتيون گهڙي سامهون رکي ڇڏيون تہ جيئن دل لڳائڻ لاءِ ڪو تہ ٽڪاڻو سامهون رهي:

کرے کیا کعبے میں جو سر بتخانہ سے اگہ ہے
یہاں تو کوئی صورت بھی ہے اں اللہ ہی اللہ ہے

يهودين الله تعاليٰ کي هڪ قهري ۽ جابر بادشاهہ جي صورت ۾ ڏٺو ۽ اسرائيل جي گهراڻي سان انجو ناتو اهڙو ٿيو جهڙو هڪ غيرتمند مڙس جو پنهنجي دادلي زال سان هوندو آهي. مڙس پنهنجي زال جون سيئي غلطيون معاف ڪري ڇڏيندو پر سندس بي وفائيءَ کي بلڪل ئي برداشت نہ ڪندو. ڇو تہ سندس غيرت برداشت نہ ڪندي تہ سندس محبت سان گڏ ٻئي ڪنهن جي محبت بہ شامل هجي، جيئن فرمايو ويو: "إِنَّ اللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَن يُشْرَكَ بِهِ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَاءُ ﴿النساء: ١١٦﴾." ايئن ئي توريت جي ڏهن

حڪمن مان هڪ حڪم هي به هو ته توهان ڪنهن به شيءِ جي مورتي نه ناهيو ۽ نه ان جي اڳيان جهڪو. ڇو ته خداوند توهان جو خدا هڪ غيرتمند خدا آهي. پر زمانو جيئن جيئن گذرندو رهيو، تيئن تيئن اهو تصور به وڏيڪ سگهارو ۽ پختو ٿيندو ويو ايستائين جو يسعيا ٻئي[1] جي زماني ۾، انهيءَ تصور جا بنياد اڏجڻ لڳا جيڪي اڳتي هلي عيسائي تصور جي شڪل اختيار ڪرڻ وارو هو. ايئن عيسائيت مڙس جي جاءِ تي پيءُ[2] کي ڏنو ڇو جو پيءُ پنهنجي ٻارن لاءِ سراسر ٻاجهه ۽ شفقت ۽ معافي ڏيندڙ ۽ درگزر ڪندڙ هوندو آهي.

من بد کم و تو بد مکافات وہی
پس فرق میان من و توچیست بگو

اسلام پنهنجي عقيدو جو بنياد مڪمل طرح سان پاڪائيءَ تي رکيو. ”لَيۡسَ كَمِثۡلِهِۦ شَيۡءٞ“ ۾ تشبيهه جي اهڙي انداز ۾ بلڪل ئي نفي ڪئي وئي، جو اسان جي خيالي سڃاڻ لاءِ باقي ڪجهه به نه رهيو: ”لَا تَضۡرِبُوا لِلَّهِ الۡأَمۡثَالَ“ جي حڪم، تمثيلن جا سمورا دروازا بند ڪري ڇڏيا. ”لَّا تُدۡرِكُهُ الۡأَبۡصَارُ“ ۽ ”لَن تَرَانِي وَلَٰكِنِ انظُرۡ إِلَى الۡجَبَلِ“ واري وحيءَ حقيقت جي سمجهه بابت ڪابه اوٽائي نه ڇڏي.

زبان بیند و نظر باد کن کہ منع کلیم!
اشارت از ادب آموزی تقاضائی ست

تنهن هوندي به انسان جي خيال کي هڪ شڪل ڏيڻ لاءِ ڪيس صفتن جو هڪ خاڪو پيش ڪرڻو پيو ۽ پاڪ ذات پاڪائيءَ واري سڃاڻ

---

[1] اٺويهين صدي ۾ بائيبل جي نقد ۽ تدبر جو جيڪو مسلڪ ”تنقيد“ اعلي جي نالي سان اختيار ڪيو ويو هو، تنهن جا ڪجهه فيصلا اڄ تائين طئي ٿيل سمجهيا وڃن ٿا. مطلب هي ته يسعيا نبي جي نالي سان جيڪي صحيفا موجود آهن، سي ٽن مختلف ليڪڪن، ٽن مختلف ٻولين ۽ مختلف وقتن ۾ ترتيب ڏنا. پهرين کان اوڻيتاليهين باب تائين هڪ ليڪڪ جو ڪلام آهي. باب چاليهين کان پنجونجاهين ۽ آيت تيرهين تائين ٻئي ليڪڪ جو ۽ ان کان اڳتي آخري حصو ٽئين جو آهي. انهن ٽنهي ليڪڪن کي آيت جي لاءِ يسعيا پهرئين، ٻئين ۽ ٽئين جي نالي سان منسوب ڪيو ويندو آهي.

[2] هندو تصور پيءُ جي جاءِ تي ماءُ جي تمثيل اختيار ڪئي. ڇو جو ماءُ جي محبت پيءُ جي محبت کان به وڏيڪ اونهي ۽ اڻ مٽ هوندي آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پهراڻ پهري ورتو: "وَلِلَّهِ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ فَادْعُوهُ بِهَا" ۽ پوءِ رڳو ايتري ئي ڳالهه تي بس نه ڪئي، پر جتي ڪٿي مجاز جون دريون به کولڻيون پيون جيئن: "بَلْ يَدَاهُ مَبْسُوطَتَانِ". "يَدُ اللَّهِ فَوْقَ أَيْدِيهِمْ". "وَمَا رَمَيْتَ إِذْ رَمَيْتَ وَلَٰكِنَّ اللَّهَ رَمَىٰ". "الرَّحْمَٰنُ عَلَى الْعَرْشِ اسْتَوَىٰ". "إِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ" ۽ "كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ" ۾ ان ڳالهه جو اظهار فرمايو ويو آهي.

ہر چند ہو مشاہدہ حق کی گفتگو
بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر

انهيءَ مان خبر پئي ته اوچائيءَ واري مقصد جي گهُر، انساني فطرت جي گهرج آهي ۽ اها هڪ اهڙي تصور کانسواءِ پوري نٿي ٿي سگهي، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سامهون اچي. پوءِ اها سامهون تڏهن ئي اچي سگهي ٿي، جو ان جي مطلق نه ڏسڻ ۾ ايندڙ صورت تي، ڏسڻ ۾ ايندڙ سجاتل شيءِ جو پردو نه آيل هجي.

آه ازاں حوصلہ تنگ واز اں حسن بلند
کہ ولم راگلہ از حسرت دیدار تو نیست

ڪنهن گڻ کان خالي تصور کي انساني دماغ سمجهي نٿو سگهي. ان کي گهر هڪ اهڙي ذات جي ٿي جيڪا ان جي تصور ۽ سمجهه ۾ اچي سگهي. هو پنهنجي محبوب جو هڪ اهڙو ديدار گهري ٿو، جنهن ۾ ان جي دل ٽِڪي سگهي، جنهن جي حسن جي پويان هي مست ٿي ڊوڙندو رهي، جنهن جي ڪبريائيءَ جو دامن پڪڙڻ لاءِ پنهنجي نماڻائيءَ ۽ نوڙت وارو هٿ وڌائي سگهي، جنهن سان راز نياز ۽ پيار محبت واريون رهاڻيون رهي سگهي، جيڪو جيتوڻيڪ گهڻي اوچائيءَ تي هجي، پر پوءِ به هر گهڙيءَ کيس پيار پري نظرن سان نهاريندو هجي: " إِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ " ۽ "وَإِذَا سَأَلَكَ عِبَادِي عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ".

در پردہ و برہمہ کس پردہ می دری!
باہر کسی دباتو کسے راوصال نیست!

غير صفاتي تصور رڳو نفي هوندو آهي، پر صفاتي تصور نفي جي گمان سان گڏوگڏ هڪ اقراري صورت کي به ڏکيو بڻائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري ئي هتي صفتن جو تصور ڏيڻ اٽڪل تي ويو. اهو ئي سبب آهي جو

مسلمانن جي اڳين عالمن ۽ محدثن، سپردگي وارو طريقو اختيار ڪيو ۽ صفتن جون تاويلون ڪرڻ کان پاسو ڪيو. انهيءَ ئي بنياد تي انهن ”جهميہ“ (مسلڪ وارن) جي صفتن کان انڪار کي بيڪار ڳالهه سان ڀيٽ ڏني ۽ ”معتزلہ“ ۽ ٻين علم الڪلام جي عالمن جي تاويلن ۾ بہ بيڪار ڳالهين جي بوءِ محسوس ڪرڻ لڳا. علم الڪلام جي ماهرن محدثن کي ”گمان تي هلندڙ“ جهڙا الزام هنيا. پر اهي چونداهئا تہ توهان جي بيڪار ۽ نامناسب ڳالهين جي ڀيٽ ۾ تہ اسان جو گمان بہ ڀلو آهي. ڇو جو هتي تصور جي لاءِ ڪو ٽڪاڻو تہ موجود رهي ٿو جڏهن تہ توهان جي نفي وارين ڪوشش کان پوءِ تہ ڪجهہ بہ نٿو ٻيو رهي!

هندستان جي اوپيشدن مطلق هستي کي خاص گڻن واري هستي ۾ لاهيندي، جن هينائين جو نقشو چٽيو آهي، مسلمان صوفين انهيءَ جي تعبير ”احديت“ ۽ ”واحديت“ جي مرتبن ۾ ڏني. احديت جو مرتبو رڳو هيڪڙائي وارو ٿيو پر واحديت جي جاءِ پهرين واري ٿي، جيڪو ان ڳالهہ جي گهر ڪري ٿو تہ ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون بہ هجي: ”کنت کنزاً مخفیاً ناحیت ان اعرف، مخلقت الخلق“ قدسي حديث تہ نہ آهي، پر جنهن جو بہ اهو قول آهي، ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هڪ تمام ئي اونهي ويچار جي خبر ڏئي ٿو.

دل کشۂ یکتائی حسن ست، و گرنہ
درپیش تو آئنہ شکن ہنرے بود

ترجمان القرآن جي پهرين جلد ۾ هيءَ ڳالهہ سورت الفاتحہ جي تفسير ۾ ۽ جلد ٻئي ۾ ”لَا تَضْرِبُوا لِلّٰهِ الْأَمْثَالَ“ جي تفسير ۾ اهو بحث ڪيو ويو آهي، جيڪو اهڙو آهي جو ان کي جيترو اينگهايو اوترو پري تائين هليو ويندو.

تلقین درس اہل نظر یک اشارت ست!
کردم اشارتے و مکرر نمی کم!

انهيءَ معاملي ۾ هڪ ٻي جاءِ بہ اهميت واري آهي ۽ ان جي پڪيڙ بہ اسان کي گهڻو پري تائين وني وڃي ٿي. جيڪڏهن هتي مادي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي تہ پوءِ انساني عزت ۾ ايرندڙ اها قوت جنهن کي اسان فڪر ۽ سمجهہ جي نالي سان سڏيون ٿا، ڇا آهي؟ ڪهڙي چُلهہ مان هيءَ چڻنگ اڏي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڇا آهي جيڪو اسان جي اندر اها قوت پيدا ڪري ٿو ته اسان پنهنجو پاڻ ئي مادي جي حقيقت تي ويچار ڪرڻ لڳندا آهيون ۽ پوءِ انهيءَ کي مختلف طريقن سان ڪم ۾ آڻيون ٿا. اهو سچ آهي ته ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ وانگر هيءَ طاقت به آهستي آهستي ترقي ڪري، هن منزل تي پهتي آهي. اهو وڏي عرصي تائين ٻوٽن جي دنيا ۾ ستل رهيو، جانورن ۾ آسيرو پاسيرو ٿيندو رهيو ۽ پوءِ انسانيت جي مرتبي تي پهچي جاڳي پيو. پر صورتحال جي هيءَ ڄاڻ اسان کي ڳجهارت پيچڻ ۾ ڪا به مدد نٿي ڏئي. هي ٻج يڪدم وڻ بڻجي ميوو پيدا ڪرڻ لڳو هجي يا وڏي دير تائين واڌ ويجهه ۽ ارتقا کان پوءِ انهيءَ درجي تي پهتو هجي، ٻنهي صورتن ۾ انساني مرتبي جو جوهر آهي ۽ پنهنجي وجود ۽ حقيقت ۾، ڪائنات ۾ موجود سمورين شين کان پنهنجي حيثيت مٿانهون آهي. اِهو ئي اُهو مرتبو آهي جتي پهچڻ کان پوءِ انسان حيوانيت جي پنين ڪڙين کان جدا ٿي ويو ۽ ڪنهن اڻڄاتل تائين پهچڻ واري سگهه هن جي اندر ڪر کڻڻ لڳي. هو زمين جي حڪمرانيءَ واري تخت تي ويهي، جڏهن مٿانهين ڏانهن نهاري ٿو ته فضا جا سمورا جسم ڪيس ائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا جو ڄڻ ته اهي به ڪيس ڪم اچڻ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. ڪيس قدرت جي اونهائين جي پيٽ ۾ پنهنجي پريشانين جو وڪ وڪ تي اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. پر پريشانين جي انهيءَ احساس سان، ان لاءِ ڪوشش ۽ طلب جو اتساهه مري نٿو وڃي، پر اڃا به وڌيڪ خوبصورتين سان اڀرڻ لڳندو آهي ۽ اڃا به وڌيڪ اوچائين ڏانهن اڏارڻ گهرندو آهي. سوال هي آهي ته فڪر ۽ سمجهه جو اها اڻ ڪٽ ماحول ، جيڪو انسان کي پنهنجي اڏام جي جهوليءَ ۾ ڪٽي اڏامي رهيو آهي، سو آخر آهي ڇا؟ ڇا انهيءَ جو رڳو ايترو جواب ڏيڻ ڪافي ٿيندو ته اها هڪ انڌي ٻوڙي سگهه آهي، جيڪا پنهنجي طبعي خاصيتن ۽ طبعي حالتن مان ترقي ماڻيندڙ فڪر ۽ سمجهه جو شعلو بڻجي وئي؟ جيڪي ماڻهو ماديت جي دائري کان ٻاهر ڏسڻ جا عادي نه آهن سي به انهيءَ جي تمام ئي ٿورڙي جرئت ڪري سگهيا، جو انهيءَ سوال جو جواب بنا گهٻراهٽ جي هاڪار ۾ ڏئي ڇڏن.

مان هينئر انهيءَ انقلاب ڏانهن اشارو ڪرڻ نٿو گهران، جيڪو اڻويهين صدي جي آخر ۾ ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو ۽ جنهن ويهين صدي جي شروعات ۾ ئي آڳاٽي طبعيات جي سمورن بنيادي اصولن کي، هڪ ئي ڌڪ ۾

لوڏي ڇڏيو. مان هاڻي انهيءَ کان جدا رهي هڪ عام نقطي نگاهہ سان مسئلي جو مطالعو ڪري رهيو آهيان.

ان کان پوءِ وري اها صورتحال، جنهن کي اسان ارتقا (Evolution) جي نالي سان ڄاڻيندا آهيون. ڇا آهي؟ ۽ ڇو آهي؟ ڇا اها هڪ خاص طرف ڏانهن آڱر کڻي اشارو نہ ڪري رهي آهي؟ اسان سوين سالن جي جاکوڙ کان پوءِ اها حقيقت ڄاڻي سگهيا آهيون تہ ڪائنات جي اندر جيڪي بہ شيون نظر اچي رهيون آهن سي هڪ ئي دفعي سان ظاهر نہ ٿيون هيون. يعني انهن کي ڪنهن تخليقي عمل سڌيءَ طرح سان اوچتو اها شڪل ۽ نوعيت نہ ڏني آهي، پر هڪ آهستي آهستي تبديليءَ وارو عالمگير قانون هتي ڪم ڪندو رهي ٿو ۽ ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ هر شيءَ درجي بدرجي بدلبي رهندي آهي ۽ هڪ اهڙي چال سان، جنهن کي اسان فلڪي انگن اکرن جي مدتن سان بہ تمام ئي ڏکيائيءَ سان اندازي ۾ آڻي سگهون ٿا. هيٺ کان مٿي وڌندي اچي ٿي پئي. ذرڙن کان وٺي آسماني گرهن تائين، سمورن انهيءَ ئي تبديليءَ واري اصول هيٺ پنهنجي موجوده شڪل ۽ صورت اختيار ڪئي آهي. اها ئي هيٺان کان مٿي چڙهندڙ رفتار فطرت آهي، جنهن کي اسان ”سمجهہ پري ارتقا“ جي نالي سان تعبير ڪريون ٿا. يعني هڪ مقرر ٿيل، هڪ جهڙائي رکندڙ ۽ منظم ارتقائي اصول آهي، جيڪو سموري ڪائنات جي نظام ۾ هر هنڌ نظر اچي ٿو ۽ انهيءَ کي ڪنهن خاص طرف ڏانهن کڻي ۽ وٺي وڃي رهيو آهي. هر هيٺئين ڪڙي آهستي آهستي پنهنجي مٿان واري ڪڙي جو درجو پيدا ڪندي ۽ هر مٿيون درجو هيٺئين درجي جي موجوده رفتار تي هڪ خاص اثر پيدا ڪندي، انهيءَ کي هڪ خاص قالب ۾ آڻيندو رهندو. اها ارتقائي صورتحال پنهنجو پاڻ ڪا وضاحت نہ آهي. انهيءَ کي تہ پاڻ وضاحت جي ضرورت آهي. پر اسان کي ڪا مادي وضاحت نٿي ملي. سوال هي آهي تہ اهڙي صورتحال آخر ڇو پيدا ٿي آهي جو هتي هڪ ارتقائي اصول موجود هجي، ۽ اهو هر تخليقي مرحلي کي هيٺين حالت مان ڪڍندي تمام ئي مٿاهين درجن ڏانهن وٺي وڃي؟ ڪائنات جي فطرت ۾ مٿي وڃڻ جي خواهش جو اهڙو اصول ڇو پيدا ٿيو جو جسمن جي سلسلي جي هڪ ترتيب ڏنل ڏاڪڻ هيٺان کان مٿي کڄندي ئي رهي، جهن جو درجو پنهنجي اڳئين کان مٿي پر پنهنجي پاڻ کان پوءِ ايندڙ کان هيٺ ٿيو آهي؟ ڇا اها صورتحال بنا

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن مقصد ۽ حقيقت جي آهي؟ ڇا اها ڏاڪڻ بنا ڪنهن مٿاهين منزل جي موجودگيءَ جي ٻڌجي وئي ۽ هتي ڪا به اوچي ماڙي نه آهي جنهن تائين اها اسان کي پهچائڻ گهرندي هجي؟

یاراں خبر وہید کہ ایں جلوہ گاہ کیست

موجوده دور ۾ علم حياتيات جي ماهر پروفيسر لائيڊ مارگن (Lioyd Morgan) انهيءَ مسئلي جو علم حياتيات جي نقطي نگاهه کان، اونهائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي. پر آخر ڪار ڪيس به انهيءَ ئي نتيجي تي پهچڻو پيو ته انهيءَ صورتحال جي ڪا به مادي توجيهه نٿي ڪري سگهجي. هو لکي ٿو ته جيڪا حاصلات (resultant) هتي ڪم ڪري رهي آهي، اسان ان جي وضاحت ان لحاظ کان ته ڪري سگهون ٿا ته انهن کي موجوده حالتن جو نتيجو سڏيون، پر ارتقائي اصولن جو نروار ٿيڻ جهڙي طرح سامهون اچي ٿو مثال طور زندگيءَ جو ظاهر ٿيڻ، ذهن ۽ سمجهه جا اهڃاڻ، ذهني شخصيت ۽ معنوي انفراديت جو لاڙو، انهن سڀني جي وضاحت ان ڪانسواءِ ٻي ڪا نٿي ڪري سگهجي ته، هڪ خدائي قوت جي عمل دخل کي هتي مڃيو وڃي. اها صورتحال آخر ڪار اسان کي مجبور ڪري ٿي ڇڏي ته ڪائنات جي فطرت ۾، هڪ تخليقي اصول جي عمل دخل واري عقيدي کان منهن نه موڙيون. هڪ اهڙو تخليقي اصول، جيڪو ڪائنات جي هن ڪارخاني ۾ هڪ ابدي (timeless) حقيقت آهي.

ڪائنات جي حقيقتن جو جڏهن اسان مطالعو ڪريون ٿا ته، هڪ خاص ڳالهه يڪدم اسان جي سامهون اچڻ لڳي ٿي. هتي فطرت جو هر نظام ڪجهه اهڙو ته واقعو آهي جو جيستائين ان کي انهيءَ سطح کان مٿاهون ٿي نه ڏٺو وڃي، ان جي حقيقت ظاهر نٿي ٿئي. يعني فطرت جي هر انتظام کي ڏسڻ لاءِ اسان کي اک جو هڪ اهڙ نظام پيدا ڪرڻو پوي ٿو. جيڪو پاڻ ان کان مٿانهين جاءِ تي موجود آهي. طبعيات جا راز علم حياتيات جي جهان ۾ ظاهر ٿين ٿا. علم الحياتيات جا راز نفسياتي عالم ۾ ظاهر ٿيندا آهن. نفسياتي رازن جي لاءِ اسان کي منطقي بحث ۽ تحليل جي عالم ۾ اچڻو پوندو آهي. پر منطقي بحث ۽ تحليل جي ڳجهارتن کي ڪهڙي نظر سان ڏٺو وڃي؟ ان کان مٿي به ڪا ڏسڻ جي جاءِ آهي يا نه. جيڪا حقيقت جي ڪنهن آخري منزل تائين پهچائي سگهندو هجي؟

اسان کي مجھُو پوي ٿو تہ انھيءَ کان مٿي بہ ھڪ ڏسڻ جي جاءِ آھي، پر اھا انھيءَ کان گھٽُو مٿي آھي جو عقلي نظر ۽ سبب ڄاڻائڻ ذريعي انھيءَ جو نقشو چٽي سگھجي. اھا محسوس ٿيڻ کان مٿانھون آھي، جيتوڻيڪ احساسن کان عاري نہ آھي. اھا ھڪ اھڙي باھ آھي، جيڪا ڏسي نٿي سگھجي، جڏھن تہ ان جي تپش سان ھٿ سيڪي سگھجن ٿا. ومن لم يذق لم يدر

تو نظر باز نہ ورنہ تغافل نگرست
تو زباں فھم نہ ورنہ خموشی سخن ست

ڪائنات بيٺل نہ، پر چرپر ڪندڙ آھي ۽ ھڪ خاص رخ ۾ نھي ٿي، سنورجي ٿي، وڌندي رھي ٿي. ان جي اندروني گھرج ھر ڪنڌ ۾ پاسي کان مڪمل آھي. جيڪڏھن ڪائنات جي ھن عالمگير ارتقائي رفتار جي ڪا مادي وضاحت اسان کي نٿي ملي تہ اسان غلطي تي نٿا ٿي سگھون، جيڪڏھن انھيءَ ڳجھہ جو حل روحاني حقيقتن ۾ ڳولڻ گھرون ٿا.

ھن موقعي تي اھا بہ حقيقت سامھون رکڻ گھرجي تہ مادي جي نوعيت بابت ارڙھين ۽ اڻويھين صديءَ جيڪي عقيدا پيدا ڪيا ھئا، سي ھن صدي جي شروعات ٿيندي ئي لُڏڻ شروع ٿي ويا ۽ ھاڻي بلڪل ئي ڍھي پيا آھن. ھاڻي سخت مادي جي جاءِ چِڙي سگھہ والاري چڏي آھي ۽ اليڪٽران جي خاصيتن، ڪمن ۽ ذرڙن جي عددي ۽ ڳاڻيٽي جي ضابطي وارن بحثن معاملي کي سائنس جي دائري مان ڪڍي، پيھر فلسفي جي رڻ پٽ ۾ گم ڪري ڇڏيو آھي.

سائنس کي پنھنجي خارجيت (objective) جي علم ۽ ضابطي جو جيڪو ويساھہ ھو سو ھاڻي بلڪل ئي لڏي ويو آھي ۽ وري اندروني ذھنيت جي انھيءَ ذھني ۽ اصولي جاءِ ڏانھن واپس موٽي رھيو آھي، جتان کان جديد ترقي جي دور کان پوءِ انھيءَ نئين سفر ڏانھن وکون وڌائي ڇڏيون آھن. پر ھاڻي مان اھو قصو ڪونہ ڇيڙيندس، ڇو تہ اھو پنھنجي جاءِ تي ھڪ مستقل بحث آھي.

اھو سچ آھي تہ اھا وات رڳو علم جي استدلالي ذريعي سان طئي نٿي ڪري سگھجي. ھتي جي اصلي روشني ڪشف ۽ شاھدي جي روشني آھي. پر جيڪڏھن اسان ڪشف ۽ شاھدي جي عالم جي خبر نٿا رکڻ گھرون تہ تڏھن بہ حقيقت جون نشانيون پنھنجي چئني پاسي ڏسي سگھن ٿيون. جيڪڏھن غور ڪريون تہ اسان جو پنھنجو وجود ئي پيرن کان وٺي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿيءَ تائين منزل جو ڏس ڏيندڙ آهي. ولقد احسن من قال:

خلقے نشان دوست طلب می کنند و باز

از دوست غافل اند بہ چندیں نشاں کہ ہست

مولانا ابوالڪلام آزاد جي خطن ڪانسواءِ ڊاڪٽر رفيع الدين جي ڪتاب ”قرآن اور علم جديد“ مان ڊارون جي باب متعلق ”ارتقا جي قرآني نظريي“ بابت لکٽي ڏني پئي وڃي، جنهن مان موجوده دور ۾ مغربي دانشورن جي مذهب ڏانهن لاڙي تي روشني پوندي. يورپ جا وڏا سائنسدان ۽ فلسفي پنهنجي علم جي ڪري، ماديت واري فلسفي جو انڪار ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن مسلمان ۽ ٻين مذهبن جا دانشور، مذهب کي پاڻ وٽ مذهبي پيشوائيت جي ڪوڙڪي مان ڪڍي، ان کي سائنسي ۽ علمي بنيادن تي آڻي بيهارين ته خبر پئجي ويندي ته سمورن مذهبن جي بنيادي تعليم ۽ عقيدا ساڳيا ئي آهن. دينن جي هيڪڙائيءَ واري اها سائنس انساني هيڪڙائيءَ جي ضامن ٿيندي.

****

## اولهه جي ڏاهن جو مذهب ڏانهن لاڙو

### قرآني لحاظ کان مختلف جنسن جي ارتقا جو سبب ۽ مقصد

قرآن جي تعليم موجب جنسن جي ارتقا جو سبب الله تعاليٰ جو هيءُ مقصد هو ته انساني جسم جي تڪميل ڪري انسان کي سمجهه پريو بڻايو وڃي.

فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِن رُّوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ ﴿ص: ٧٢﴾

ترجمو: ”پوءِ جڏهن ڪيس پورو ٺاهي رهان ۽ منجهس پنهنجو رُوح ڦوڪيان تڏهن ڪيس سجدو ڪندڙتي ڪري پئجو.“

يَا أَيُّهَا الْإِنسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيمِ (٦) الَّذِي خَلَقَكَ فَسَوَّاكَ فَعَدَلَكَ (٧) فِي أَيِّ صُورَةٍ مَّا شَاءَ رَكَّبَكَ (٨) ﴿الإنفطار﴾

ترجمو: ”اي ماڻهو توکي تنهنجي (انهي) سڳوري پالڻهار کان ڪهڙي شيءِ ٺڳيو؟ جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ توکي سنئين لڳين ڪيائين، پوءِ توکي برابر ڪيائين. جهڙي صورت ۾ گهريائين (تهڙيءَ ۾) تنهنجو جوڙ جوڙيائين.“

تنهن ڪري اهو مقصد حيوانن جي جسم اندر ڪم ڪندو رهندو آهي. اهو ئي مقصد آهي، جيڪو حيوان کي جيئرو رکي ٿو ۽ کيس مٿانهين کان مٿانهين حالت مان گذاري ٿو. اهو مفروضو حياتيات جي سمورين حقيقتن جي، جنهن ۾ جنسن جي ارتقا پڻ شامل آهي، تمام ئي تسلي بخش تشريح ڪري ٿو. انهيءَ جي روشنيءَ ۾ اهي سموريون حقيقتون چڱيءَ طرح سمجهه ۾ اچي وڃن ٿيون، جيڪي ڊارون ۽ ان جي شاگردن وٽ منجهيل آهن. جن کي نه سمجهي سگهڻ ڪري ڊارون جو ارتقا وارو نظريو غلطين ۽ اوڻاين سان ڀرپور آهي.

## تجرباتي تائيد:

اها ڳالهه اسان جي لاءِ اطمينان جو سبب آهي ته جرمني جي هڪ حياتياتي ماهر ڊريش (Driesch) ڪجهه تجربا ڪري انهيءَ مفروضي کي سچو ثابت ڪيو آهي ۽ هڪ عملي حقيقت (Scientific Fact) جي درجي تي پهچايو آهي. ان جي تجربن جو نچوڙ هي آهي ته حيواني جسم جي اندر هڪ اهڙو مقصد يا گهرج وارو قانون عمل ڪري رهيو هوندو آهي، جنهن جي بنياد تي ئي ان جي شڪل ۽ صورت جو تعين ٿيندو آهي.

## زندگيءَ جو اصل:

ڪيتري عرصي تائين حياتيات جا ماهر اهو سمجهندا رهيا ته زندگي مادي جي پيداوار آهي. جڏهن مادو هڪ خاص ڪيميائي ترڪيب حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ طبعيات جي هڪ خاص قانون هيٺ ڪم ڪرڻ لڳندو آهي ته، ان جي اندر زندگيءَ جا گڻ پيدا ٿي پوندا آهن. انهيءَ نظريي موجب زنده حيوان کي هڪ مشين وانگر سمجهيو ويندو هو. پر اهو نظريو هاڻي ترڪ ٿي چڪو آهي. پروفيسر هالڊين (Haldane) چوي ٿو ته هاڻي حياتيات جي سنجيده محققن مان ڪوبه انهيءَ نظريي کي نٿو مڃي ته زندگي مادي جي پيداوار نه آهي.

## تجربن جا نتيجا:

ڊريش جا تجربا انهيءَ نتيجي تي آڻي بيهارين ٿا ته ماحول جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهرين ڪيفيتن کان متاثر ٿيڻ ڪري، جيڪا چرپر هڪ جيئرو حيوان ڪري ٿو، سا هڪ مشين جي چرپر کان بلڪل ئي مختلف آهي. مشين کي ڪنهن ٻاهرين طاقت سان چرپر ۾ آندو ويندو آهي، جڏهن ته اها پنهنجي وجود ۾ ٿورڙن پرزن جي ميڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندي آهي. ٻئي پاسي حيوان، جسم جي هڪ خاص شڪل ۽ صورت کي حاصل ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ هڪ اندروني لاڙي جو اظهار ڪندو آهي. اهو ڪن پرزن جي مجموعي وانگر نه آهي، پر هڪ نه ورهائجڻ جوڳي وحدت وانگر عمل ڪري ٿو جنهن جي اندر هڪ اهڙو طبيعي رجحان آهي، جيڪو انهيءَ وحدت جي ضرورتن جو خيال رکي ٿو. مثال طور جيڪڏهن اسان هڪ ڪيڪڙي جي ٽنگ ڪٽي ڇڏيون ته ان جي جاءِ تي ٻي ٽنگ پيدا ٿي پوندي آهي. جڏهن ته مشين پنهنجي ڀڳل ڪنهن به پرزي کي پنهنجو پاڻ مهيا ڪرڻ جي صلاحيت نٿي رکي.

## مشين ۽ حيواني جسم ۾ فرق:

ڊريش هڪ ڀڳپ (Embryo) کي ان جي واڌ ويجهه واري شروعاتي مرحلي ۾ ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو ته، کيس خبر پئي ته ان جو هڪ حصو به واڌ ويجهه جي ذريعي مڪمل حيوان بڻجي وڃي ٿو. پوءِ ڀڳپ کي ڀلي ڪٽي به ڪٽيو وڃي ۽ ڀلي ان جو هڪ حصو ان جي اصل سان ڪيتري به نسبت ڇو نه رکندو هجي، تجربن جي نتيجن ۾ ڪو به فرق نٿو پيو اچي. انهيءَ جو مطلب صاف طرح سان هي ٿيو ته اهي جيو گهرڙا (cells)، جيڪي هڪ مڪمل ڀڳپ ۾ واڌ ويجهه جي ذريعي مٿو بڻجڻا هجن، اڻ پوري ڀڳپ ۾ ٽنگ بڻجي سگهن ٿا. اصل ۾ ڀڳپ جو ڪو به حصو وڏندڙ حيوان جي ضرورت موجب، ڪنهن به عضوي جي شڪل اختيار ڪري سگهي ٿو.

ڊريش لکي ٿو:

”اها عجيب وحدت آهي، جنهن جو هر ڀاڱو هڪ جهڙو ئي آهي“.

هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي ته هڪڙو ڀاڱو هڪ وحدت وارو ڳڻ ڪيئن حاصل ڪري وٺي ٿو؟ ڀڳپ جي جسماني واڌ ويجهه ۾ پڻ اهو ئي اصول ڪم ڪري ٿو. جيڪڏهن هڪ نيوٽ (Nwet) جو پڇ ڪٽي ڇڏجي ته ان جي جاءِ تي ٻيو پڇ پيدا ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن پڇ پاڙ کان ڪٽي ڇڏجي

۽ هڪ تازي ڪٽيل جنگهه واري جاءِ تي لڳائي ڇڏجي ته پڇ، پڇ جي شڪل ۾ نه رهندو پر هڪ جنگهه جي شڪل ۾ واڌ ويجهه ڪندو. ڪائنات جي مادي جزن جو ذڪر ڪري، اسان ان قسم جي حقيقتن جي ڪابه تشريح نٿا ڪري سگهون. انهيءَ ڪري ڊريش ڳپ جي واڌ ويجهه جي تشريح ڪرڻ لاءِ، انهيءَ مفروضي کي بيڪار سمجهي ڇڏي ڏنو ته زندگي طبيعيات يا ڪيميا جي ڪن خاص قانونن جي عمل جو نتيجو آهي. ضروري هو ته زندگيءَ جي عمل جي تشريح جي ڪجهي تجويز لاءِ ڪائنات جو هڪ ٻيو روحاني غير مادي جزو سمجهيو وڃي. اهڙيءَ طرح ڊريش طبيعياتي ڪيميائي نظريي جي بدران، اينٽي ليچي (Entelechy) جو هڪ نظريو پيش ڪيو. اينٽي ليچي جڻ ته هڪ سوچيل سمجهيل تجويز آهي، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن طرح سان حيوان جي اندر لڪيل هوندي آهي. ڊريش جو نتيجو هي هو ته زندگي ڪا اهڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪو خاص مقصد يا گهرج رکي ٿي ۽ جڏهن ڪنهن جاندار ۾ ظاهر ٿيندي آهي ته جاندار جي شڪل ۽ صورت کي پنهنجي مقصد ۽ گهرج موجب متعين ڪندي آهي. جيئن ته زندگي حيوان جي اندر هڪ تجويز کي ظاهر ڪرڻ گهرندي آهي، تنهن ڪري اها انهيءَ تجويز کي پنهنجي اڳيان رکندي آهي ۽ انهيءَ جي گهرج موجب ٿي ان جي جسم جي بيهڪ ڏيندي آهي، ايتري تائين جو پنهنجي ذاتي ارادي کي به انهيءَ تجويز جي گهرج موجب ٿي بدلائيندي آهي. حيوان جي لاءِ زندگيءَ جا ٻئي بندوبست، جهڙوڪ ان جي اندر نسلي واڌ ويجهه ۽ دوام جي لاءِ جبلتن جو پيدا ڪرڻ ۽ ان جي جسم کي بيمارين جي خلاف رد عمل ڪرڻ لاءِ ڪارگر بنائڻ پڻ انهيءَ تجويز جا جزا آهن. ڇو جو حيوان جي شڪل ۽ صورت جي وڏيڪ واڌ ويجهه لاءِ انهيءَ جو جيئرو رهڻ ضروري آهي.

## برگسان جي تائيد:

ان کان پوءِ برگسان پنهنجي هڪ ڪتاب ”تخليقي ارتقا“ (Evolution Creative) ۾ ڊريش جي نتيجن جي تائيد ڪندي، تمام ئي مناسب دليل ڏنا آهن. هن ارتقا جي انهن سمورين نظرين کي غلط سڏيو آهي، جيڪي زندگيءَ جي تخليقي مقصد (Actirity Purpose) بدران زندگيءَ جي جاکوڙي ضرورت ۽ اصل جي بقاءَ واري نظريي تي آڌاريل آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لامارڪ جي وضاحت:

ڊارون تہ حيوان جي جسماني تبديلين جي سببن بابت خاموشي اختيار ڪئي آهي، پر سمجهہ ۾ ايئن ٿو اچي تہ انهيءَ باري ۾ ڪيس لامارڪ (Lamark) جي خيالن سان اختلاف نہ آهي. لامارڪ انهيءَ تبديليءَ جو سبب هي ٻڌائي ٿو تہ، ضروري آهي تہ هڪ جيئري حيوان جي جسماني بناوت ماحول جي ڪيفيتن سان هڪجهڙائي پيدا ڪري. جڏهن اها هڪجهڙائي پيدا ٿيندي آهي تہ حيوان جي جسم ۾ هڪ تبديلي پيدا ٿيندي آهي، جنهن کي بعد ۾ پيدا ٿيندڙ نسل مورثي طور حاصل ڪندا آهن. جيئن تہ اهي نسل پاڻ بہ مجبور هوندا آهن تہ ماحول سان گڏ جسماني هڪجهڙائي پيدا ڪن، تنهن ڪري ورثي ۾ ملندڙ تبديليءَ ۾ اجا بہ واڌارو ٿي ويندو آهي، ايستائين جو حيوان جو هڪ نئون نسل وجود ۾ اچي ويندو آهي.

## لامارڪ جي خلاف برگسان جو جواب ۽ دليل:

برگسان صحيح چوي ٿو تہ پهريان تہ اهو نظريو انهن حقيقتن جي خلاف آهي، جيڪي هاڻي چڱيءَ ريت ثابت ٿي چڪيون آهن، تہ حيوان جي جسم ۾ هڪ چٽي تبديلي، آهستي آهستي گڏ ٿيندڙ ننڍين ننڍين تبديلين جي ڪري ئي وجود ۾ نٿي اچي، پر يڪدم ظاهر ٿي ويندي آهي. اهو سڀ ڪجهہ ان وقت تائين اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي، جيستائين جو حيوان جي اندر ڪو شعوري يا غير شعوري لاڙو يا ڪو مقصد موجود نہ هجي جيڪو ڪيس ترقي ڏئي هڪ سٺي ۽ اوچي بناوت ڏانهن اڳتي وني وڃڻ گهري. مقداري تبديليون بنا ڪنهن شعوري لاڙي يا مقصد جي، پاڻ مرادو جسماني تبديلي ۾ بدلجي سگهجن ٿيون. خاص ڪري حياتيات ۾ پوئين حالتن سان گڏ جسماني بناوت سان هڪجهڙائي ڪرڻ جي ضرورت . ارتقا جي رڪاوٽ جو سبب بڻجي سگهي ٿي، پر ان جي جاري رهڻ ڪري نٿي بڻجي سگهي. جيئن ئي هڪ جاندار وجود جي جسماني بناوت، ماحول سان اهڙي هڪجهڙائي پيدا ڪري وٺي جو اهو پنهنجي زندگيءَ کي قائم رکڻ جي لائق بڻجي وڃي تہ ان جي وڌيڪ بدلجڻ يا ترقي ڪرڻ جي ضرورت ختم ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن ماحول جي هڪجهڙائي، حقيقت ۾ زندگيءَ جي بقاءَ لاءِ عمل ۾

اڃي ٿي ته، زندگيءَ جي بقاءَ جو انتظام ٿي وڃڻ کان پوءِ، حيوان کي وڏيڪ منظم ۽ ترقي يافته جسمن ڏانهن ارتقا نه ڪرڻ گهرجي. برگسان لکي ٿو:

”هڪ ننڍڙو جانور زندگيءَ جي حالتن سان ايتري ئي هڪجهڙائي رکي ٿو جيترو اسان جو جسم. ڇو ته هو زندگيءَ کي قائم رکڻ تي وس رکي ٿو. ته پوءِ زندگي هڪ اهڙي مرحلي تي پهچڻ کان پوءِ فنا جا وڏيڪ خطرا ڇو ٿي کڻي ۽ وڌيڪ ترقي جي رستي تي ڇو ٿي هلندي رهي؟ زنده حيوانن جا ڪجهه جسم، جيڪي اڄ اسان ڏسون ٿا ، پري پري وارن زمانن کان جيئن جو تيئن هلندا اچن ٿا ۽ زمانن جي گذرڻ سان انهن ۾ ڪا به تبديلي پيدا نه ٿي آهي. ته پوءِ زندگي کي اڄ کان اڳ ڪنهن خاص جسم تي پهچڻ کان پوءِ رڪجي وڃڻ گهرجي ها. پر جيستائين ممڪن هو اتي اها رڪجي ڇو نه وئي؟ جيڪڏهن زندگي جي اندر ڪا اهڙي طاقت نه هئي جيڪا ان کي اڀاري، شديد خطرن جي باوجود، وڌ کان وڌ ترتيب ۽ ترقي جي منزل ڏانهن اڳتي وٺي وڃڻ گهرندي هئي، ته پوءِ اها اڳتي ڪيئن وڌندي رهي؟

## نيگلي جي تائيد:

نيگلي (Nagele) انهيءَ خيال جي تائيد ڪئي آهي ۽ انهيءَ کي وڏي زور شور سان پيش ڪيو آهي. ان جي خيال ۾ ارتقا جو سبب اهڙيون ننڍڙيون ننڍڙيون تبديليون هيون، جيڪي جاندار جي هر عضوي کي جدا جدا متاثر ڪن ٿيون ۽ هڪ ڊگهي عرصي ۾ گڏ ٿينديون آهن. اڃا به ارتقا هڪ مقرر رستي تي ٿيندي رهندي آهي، جيڪا جاندار جي واڌ ويجهه جي اندروني قانونن تي آڌاريل آهي. ”انفع“ يا ”اصلح“ جي تخليق سان ارتقا جو ڪو به واسطو نه آهي. ارتقا رڳو اهي ئي تبديليون پيدا ڪندي آهي جيڪي ڪيس پنهنجي قانونن جي اصولن موجب پيدا ڪرڻيون هونديون آهن، پوءِ ڀلي اهي تبديليون اڄايون ۽ نقصانڪار ئي ڇو نه هجن. هڪ نئين جنس جو ظاهر ٿيڻ، تبديلين جي نتيجي ۾ نه ٿيندو آهي، پر زندگيءَ هڪ يڪدم ٽپي جو نتيجو هوندو آهي جنهن سان جاندار جو جسماني توازن بلڪل ئي بدلجي ويندو آهي ۽ هڪ نرالو جاندار، جنهن جا عضوا هڪٻئي سان مڪمل طور

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مناسبت رکندا آهن، وجود ۾ اچي ويندو آهي. جاندار جو هر عضوو يا گڻ ٻئي عضوي يا ٻئي گڻ سان لاڳاپو رکندو آهي. عضون ۽ گڻن جي هڪٻئي سان مناسبت ۽ هڪجهڙائي جي ڪري، جاندار هڪ هيڪڙائيءَ جي صورت ۾ هوندو آهي. جيڪڏهن انهن عضون ۽ گڻن ۾ الڳ الڳ تبديلي پيدا ٿيندڙ هجي ته، جسم جي اها وحدت ٽٽي پوندي آهي. تنهن ڪري جڏهن ڪنهن جانور جي جنس بدلبي آهي ته هڪ وحدت مان هڪ ٻئي نئين وحدت اتي جو اتي وجود ۾ اچي ويندي آهي.

## ڊي وري جي تائيد:

ڊي وري (De Vries) انهيءَ خيال کي پنهنجي تحقيق سان اجا به وڌيڪ سگهارو بڻايو آهي. هو چوي ٿو ته ارتقا ننڍين ننڍين تبديلين سان ڪڏهن به ناهي ٿيندي. اها جڏهن به ٿيندي آهي ته فوري تبديليءَ سان ٿيندي آهي. هو مڃي ٿو ته ننڍيون ننڍيون تبديليون به ٿينديون آهن، پر انهن جو دائرو ايترو ته محدود هوندو آهي جو اهو جنسن جي مجموعي شڪل ۽ صورت کان اڳتي وڌي نٿو سگهي. هتي ڊي وري (De Vries) انهن انگن اکرن کان ڪم وٺي ٿو جيڪي انفرادي تبديلين جي تحقيقن جي سلسلي ۾ ڪوٽيليٽ (Quetlet) ۽ بيٽسن (Bateson) مهيا ڪيا هئا. انهن جو نتيجو هي آهي ته هڪ جنس مان ٻئي جنس جو ظاهر ٿيڻ سدائين هڪ فوري تبديليءَ سان ٿيندو آهي نه ڪي گهٽين ئي ننڍين ننڍين تبديلين سان. انهيءَ يڪدم تبديليءَ کان پوءِ حيوان کي جيڪو توازن حاصل ٿي ويندو آهي، سو نسبتا اهڙو مستقل هوندو آهي جو پلي ننڍيون ننڍيون تبديليون ٿينديون رهن، اهي انهيءَ دائري جي اندر ئي هونديون آهن ۽ انهيءَ جي بنيادي ڍانچي کي بگاڙي نٿيون سگهن. ڊي وري به پنهنجن ڪيترن ئي سالن جي تجربن جي بنياد تي ڪيتريون ئي اهڙيون حقيقتون بيان ڪري ٿو جيڪي ارتقا جي سبب طور، فوري تبديلين جي تصور جي ڀرپور پنيرائي ڪن ٿيون ۽ ڊارون جي چونڊ (Selection) واري نظريي جي خلاف وڌيون ڏکيائيون پيدا ڪن ٿيون. فوري تبديلين جي سبب جي تشريح ۾ ان کان وڌيڪ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي ته، حيوان جي ئي جسم ۾، اجا به ان جي زنده رهڻ واري قوت جي اندر، جيڪا حيوان کي وجود ۾ آڻي ۽ جيئرو رکي ٿي، هڪ اهڙي قوت

موجود آهي جيڪا جسماني ارتقا جي هڪ خاص منزل ڏانهن وڌڻ لاءِ ان کي اياريندي آهي.

## آئيمر جي تائيد

آئيمر (Eimer) ڊارون جي نظريي جي سخت مخالفت ڪئي آهي. هو چوي ٿو تہ جاندار جي وجود جي ترقي يافتہ جوڙ جڪ ۽ اڏاوت جو سبب اهڙا قانون آهن، جيڪي ان جي جسم جي اندر ئي ڪم ڪندا آهن. اهي قانون رڳو حيوانن سان خاص نہ آهن، پر زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي حاوي آهن. جاندار ماحول جي اثرن جو برجستو جواب ڏيندي، هڪ خاص رخ ۾ واڌ ويجهہ ڪري ٿو جنهن جو نفعي بخشي سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. هن پوپٽ جي پرن جي رنگن ۽ داغن کي هڪ مثال جي طور تي پيش ڪيو آهي. هي اهي شيون آهن جيڪي ڊارون جي "نقل" واري نظريي ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون. پنن ۽ سڪين تارين کي يا حيوانن جي انهن قسمن سان تمام ئي ويجهي مشابهت کي، جيڪا انهن کي سندن دشمنن کان چڱيءَ طرح سان محفوظ رکي ٿي، قدرت جي چونڊ جو هڪ ثبوت سمجهيو ويو هو. آئيمر ٻڌائي ٿو تہ نشان، ليڪون، داغ يا ٻئي ڪي خاص قسم جي نموني جو ظاهر ٿيڻ يا وري پنن سان مشابهت پيدا ٿيڻ، اهي سيئي شيون حقيقت ۾ واڌ ويجهہ جي ڪن خاص قانونن هيٺ ئي وڌن ويجهن ٿيون ۽ هڪ اندروني قوت سان ئي بدلجن ۽ ترقي ڪن ٿيون. جڏهن تہ فائدي ۽ نفعو پهچائڻ سان انهن جو ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي. ڊارون جي مخالفت ۾ پيش ڪيل انهن نظرين ۾ جيڪا شيءِ هڪجهڙي آهي ۽ تمام ئي چٽي ۽ نروار ٿي نظر اچي ٿي ۽ ارتقا جو بہ حقيقي سبب آهي، سا هي آهي تہ ارتقا جو سمورو راز قدرت جو اهو مقصد آهي، جيڪو حيوان جي جسم جي اندر ان جي ارتقائي رجحانن طور، ڳجهيءَ طرح رکيو ويو آهي. انهيءَ مقصد جي ڪري جاندار بي عمل ٿي، پنهنجي ارتقا جي لاءِ هڪ ڊگهي مدت اندر اتفاقي، اڻ ڪٽ ۽ ننڍڙين تبديلين جي ميڙ جو ۽ پوءِ قدرت جي ڏاڍائيءَ ۽ ظلم تي آڌاريل چونڊ واري عمل جو انتظار نٿو ڪري (جيئن ڊارون پنهنجي نظريي ۾ چوي ٿو). پر پنهنجو پاڻ ئي پنهنجي اندران پنهنجي ممڪنات کي ٻاهر آڻي، ارتقا جون منزلون طئي ڪندو وڃي ٿو. روح جو اهو تصور بلڪل قرآني تصور موجب آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لامارڪ جي نظريي ۾ سچائيءَ جي جهلڪ

لامارڪ (Lamarck) چيو هو ته ارتقا جو سبب حيوان جي جاکوڙ آهي، جنهن سان هو پنهنجي ماحول سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي ته جيئن هو جيئرو رهي سگهي. انهيءَ جاکوڙ جي نتيجي ۾ ان جي سگهه هڪ خاص رخ ۾ واڌ ويجهه ڪندي آهي . ان جي جسم ۾ نوان گڻ (Characters) ۽ نيون تبديليون (Variations) پيدا ٿينديون آهن ۽ اهو ترقي ڪري هڪ مثاليين درجي تي پير ڏريندو آهي. آئيمر انهيءَ خيال جي تائيد ڪئي آهي.

انهيءَ تصور جو هڪ پاسو قرآني روح موجب آهي. چو ته الله تعاليٰ جاکوڙ کي حيوان ۽ انسان، ٻنهي جي ترقيءَ جو هڪ وسيلو بڻايو آهي. هو پهريان زندگيءَ جي سگهه کي حيوان جي جاکوڙ ۾ ظاهر ڪندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ جاکوڙ جي ذريعي، ان جي اندر وڌيڪ قوتن کي پيدا ڪندو آهي. تنهن جي باوجود به، جيڪڏهن حيوان جي جاکوڙ ان جي ممڪنات موجب نه هجي، يا جيڪڏهن حيوان اندر ارتقائي ممڪنات ختم ٿي چڪيون هجن، يعني حيوان هڪ اهڙي جسماني جوڙ جڪ کي حاصل ڪري چڪو هجي، جو ان ۾ اجا وڌيڪ واڌارو قدرت جي مقصدن مطابق نه ٿي سگهندو هجي، ته پوءِ حيوان جي جاکوڙ سان ان جي جسم ۾ وڌيڪ تبديلي پيدا نٿي ٿئي. اهو ئي سبب آهي جو جاکوڙ ڪن حالتن ۾ ارتقا پيدا ڪندي آهي ۽ ڪن ۾ انهيءَ سان ڪوبه ارتقائي نتيجو پيدا ناهي ٿيندو. ارتقا جو اصل سبب زندگيءَ جا مقصد ۽ امڪان آهن. لامارڪ جي تشريح صحيح آهي، پر ناڪافي آهي. چو ته ارتقا جي سموري حقيقت تي انهيءَ جو ڌيان ناهي.

## گرامو فون جي رڪارڊ جو مثال

جڏهن گرامو فون تي ڪو رڪارڊ وڄي رهيو هوندو آهي ته آواز انهيءَ پردي جي ڌڪڻيءَ سان پيدا ٿيندو آهي، جيڪو آواز واري پيٽيءَ ۾ هوندو آهي ۽ جنهن ۾ سُئيءَ جي چرپر ڌڪڻي پيدا ڪندي آهي. پر خود سُئيءَ جي چرپر جو سبب هي آهي ته اها رڪارڊ جي ليڪي جي ڏندن تي هلندي وري وري هيٺ مٿي ٿيندي رهندي آهي ۽ ليڪ ۾ هڪ خاص ماڻهوءَ

جو آواز راڳ جي شڪل ۾ موجود هوندو آهي. هاڻي فرض ڪريو ته مريخ جي هڪ سائنسدان جي ڏسڻ جي صلاحيت ايتري ته محدود آهي جو هو آواز جي پيتي ۾ سُئي کي ڏسي سگهي ٿو پر رڪارڊ انهيءَ جي ليڪي ۾ ان جي ڏندن کي، جن تي سُئي چرپر ڪري رهي آهي، ڏسڻ کان لاچار آهي. هو چوندو ته آواز جو اصلي ۽ بنيادي سبب سئي جي چرپر آهي. هو اهو سمجهڻ کان لاچار هوندو ته سُئي جي چرپر سان راڳ جو آواز انهيءَ شڪل ۾ پيدا ٿي سگهي ٿو. جڏهن چرپر هڪ خاص تجويز موجب ٿي رهي هجي. پر جيڪڏهن سئيءَ جي چرپر انهيءَ تجويز کان ٿورڙو به هٽي وڃي ته راڳ يڪدم ختم ٿي ويندو. جيتوڻيڪ هو پڪ سان چئي سگهندو ته راڳ جو آواز سئي جي چرپر سان پيدا ٿي رهيو آهي، پر هو اهو ٻڌائڻ کان لاچار هوندو ته آواز انهيءَ چرپر سان ڇو ٿو پيدا ٿئي. ان جي تشريح صحيح هوندي، پر اڻپوري ۽ ناڪافي هوندي. بلڪل ايئن ئي جنسن جي ارتقا بابت هن سائنسدان جي تشريح صحيح هجڻ باوجود اڻپوري ۽ ناڪافي هوندي، جيڪو هيئن چوي ٿو ته، جانورن جو پنهنجي زندگيءَ لاءِ جاکوڙڻ انهن جي جسم ۾ تبديليون پيدا ڪندو رهندو آهي ۽ اها گڏ ٿيندي رهندي آهي ايستائين جو انهيءَ مان هڪ نئين جنس وجود ۾ اچي ويندي آهي. هو اهو نٿو ٻڌائي سگهي ته جاندار جي جاکوڙ سان ڇاجي ڪري ڪن حالتن ۾ تبديليون پيدا ٿين ٿيون ۽ ڪن ۾ پيدا نٿيون ٿين.

اصل ڳالهه هيءَ آهي ته جهڙيءَ ريت سئيءَ جي چرپر جڏهن انهيءَ خاص تجويز موجب هجي، جيڪا رڪارڊ ۾ ڪتل آهي، ته انهيءَ سان راڳ جو آواز پيدا ٿيندو آهي، نه ته نه ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح جاندار جي جاکوڙ به جڏهن انهن تجويزن ۽ مقصدن موجب هوندي، جيڪي ان جي فطرت ۾ رکيا ويا آهن، ته انهيءَ سان ان جي جسم ۾ اهڙي تبديلي پيدا ٿيندي آهي، جهڙي طرح سان ڳائڻ جي آواز جو بنيادي سبب رڪارڊ جي انهن ڳجهين صلاحيتن ۾ هوندو آهي، جن جي اظهار لاءِ رڪارڊ سئيءَ ۾ جنبش پيدا ڪندو آهي. ايئن ئي جنسن جي ارتقا واري عمل جو اصل ۽ بنيادي سبب حيوان جي انهن ڳجهن ارتقائي مقصدن ۾ موجود آهي، جيڪي قدرت ان جي جسم جي اندر رکيا آهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارتقا جي مقصديت جا نتيجا

پر جيڪڏهن ارتقا جو سبب حقيقت ۾ هي آهي تہ حيوان جي اندر اهڙو ڪو مقصد ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪو ان ڪان بہ ڀرپور آهي ۽ جنهن ان کي پنهنجو اوزار بڻائي رکيو آهي، تہ پوءِ لازمي طور انهيءَ تصور جا نتيجا هن طرح هوندا:

1. هيءُ مقصد چڱيءَ طرح پنهنجو پاڻ کي ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجا مقصد ماڻڻ لاءِ حيوان جي شڪل شبيهہ کي بدلائڻ جي پوري سگهہ رکي ٿو.
2. جيئن تہ سڀ کان پهريون جاندار جيڪو گپ ۾ پيدا ٿيو هو، شروع کان ئي ارتقا جي عمل ۾ هئو ۽ ارتقا جي ايندڙ مقصدن ۽ اميدن جي بلڪل مطابق هو. انهيءَ ڪري اهو مقصد ئي هو، جنهن انهيءَ جاندار کي پيدا ڪيو هو.
3. جيئن تہ انهيءَ جاندار جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ مادي ڪائنات پنهنجا سمورا ارتقائي مرحلا طئي ڪري، هڪ اهڙي شڪل ۾ موجود هئي، جنهن ڪانسواءِ هي جاندار وجود ۾ نٿي اچي سگهيو. تنهن ڪري مادي ڪائنات جي ارتقا، هن جاندار جي تخليق لاءِ ئي هڪ تياري هئي ۽ انهيءَ ارتقا جو سبب بہ اهو ئي مقصد هو.
4. پوءِ جيئن تہ مادي جي پهرين صورت بہ منڍ کان ئي ارتقا جي عمل ۾ بہ هئي، ۽ پوءِ واري مادي ارتقا جي لاءِ موزون هئي، تنهن ڪري اهو ئي مقصد هو جنهن مادي کي عدم مان وجود ۾ آندو.
5. تنهن ڪري اهو مقصد ڪا مادي شيءِ نہ آهي ۽ رڳو هڪ مقصد ئي نہ، پر هڪ پنهنجو پاڻ سڃاڻيندڙ شعور يا ذهن (mind) آهي. اڃا بہ ايئن چئجي تہ هڪ خلقيندڙ ۽ سيڪجهہ ڪري سگهندڙ هستي (Entity) آهي جيڪا ڪائنات جي اصل حقيقت آهي.

## جديد فلسفو ۽ طبيعيات

هاڻي هي ڏسو تہ فلسفي ۽ طبيعيات جي دائري ۾ ، هن صديءَ جا انڪشاف انهيءَ نتيجي جي باري ۾ ڇا ٿا چون:

## ڪائنات جي حقيقت مادو آهي يا شعور؟

ظاهري طور ڪائنات ۾ اسان کي رڳو ٻه مختلف شيون نظر اچن ٿيون. انهن مان هڪ مادو آهي ۽ ٻيو شعور. ڇو ته سموريون شيون يا ته بي جان آهن يا وري جاندار. سموريون بي جان شيون مادو آهن ۽ سمورين زنده شين جو گڏيل گڻ شعور آهي. مادي ۽ شعور جي ظاهري اختلاف باوجود فلسفين ۽ سائنسدانن انهيءَ لاشعوري وجداني ويساهه جي بنياد تي ته، ڪائنات جي آخري حقيقت هڪ ئي هئڻ گهرجي، سدائين اها ئي ڪوشش ڪئي آهي ته مادي ۽ شعور، ٻنهي کي هڪ ئي شيءِ ثابت ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ يا ته اهي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن ته شعور اصل ۾ مادي جي ئي هڪ ترقي ڪيل شڪل آهي يا هي ته مادو حقيقت ۾ شعور وارن گڻن جو ئي هڪ مظهر آهي. اٺويهين صديءَ ۾ جڏهن ڊارون پنهنجو ارتقا وارو نظريو ڏنو هو ته، ان وقت سائنسدان پهريون ذڪر ڪيل نظريو پيش ڪندا رهندا هئا. جيتوڻيڪ فلسفين مان به گهڻا سدائين ذڪر ڪيل ٻئي نظريي جا حامي رهيا آهن.

## اٺويهين صديءَ جا سائنسدان

اٺويهين صديءَ جا سائنسدان اهو سمجهندا هئا ته مادو هڪ غير فاني حقيقت آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به شيءِ جي ڪابه اصليت نٿي ٿي سگهي، جيستائين جو انهيءَ جون خاصيتون ۽ گڻ مادي وانگر نه هجن. يعني جيستائين جو انهيءَ کي مادي وانگر ڏٺو يا ڇهيو نه وڃي يا اهو انهيءَ جي قابل نه هجي جو مادي وانگر انهيءَ تي به معمولي تجربا ڪري سگهجن. ايئن اها هڪ قدرتي ڳالهه هئي ته اهي شعور کي زندگيءَ واري مادي جو هڪ گڻ ٻڌائيندا هئا. اُهي ماڻهواِها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار نه هئا ته شعور وانگر ڪا شيءِ ڪائنات جي تخليق جو سبب بڻجي سگهي ٿي. يا قدرت جي مظهرن سان انهيءَ جو ڪو واسطو يا تعلق ٿي سگهي ٿو. انهن جو خيال هو ته شعور مادي جي ئي هڪ خاص حالت جو نالو آهي، جيڪو ان وقت ظاهر ٿيندو آهي جڏهن مادو اتفاقي طور تي ڪا خاص ڪيميائي ترڪيب حاصل ڪري وٺندو آهي يا طبيعيات جي قانونن هيٺ ٺهي ويندو آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بائل جو خيال

قديم سائنسدانن مان بائل (Bayle) 1691ـ 1671 چوي ٿو تہ هو اهو سمجهڻ کان لاچار آهي تہ جڏهن چرپر ڪندڙ مادي ڪي پنهنجي حالت تي ڇڏيو وڃي تہ اهو ڪيئن ممڪن  ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ مان انسانن ۽ جانورن جا مڪمل جسم ۽ حيران ڪري ڇڏيندڙ مادي جا اهي جزا جيڪي جانورن جي ٻج جي حيثيت رکن ٿا پنهنجو پاڻ وجود ۾ اچي وڃن. ايئن انهيءَ ڏکيائيءَ ڪي حل ڪرڻ جي لاءِ اهي قدرت جي اندر هڪ تعمير ڪيل روح يا شعوري سگهہ جو هجڻ ضروري سڏي ٿو.

## ڪيلون جي تائيد

اهڙي طرح اڻويهين صدي جي هڪ سائنس دان لارڊ ڪيلون (Delvin) 1907ـ 1824 جي ذهانت بہ ڪيس انهيءَ نتيجي ڪي ڪڍڻ تي مجبور ڪيو تہ قدرت شعور جي گڻن کان خالي نہ آهي ۽ اهو تہ ڪائنات جي اندر هڪ تخليقي رهنما سگهہ بہ ڪم ڪري رهي آهي.

پر فلسفو جنهن سائنس وانگر حقيقت جي ٿورڙي يا محدود ڄاڻ تي ڪڏهن بہ گذارو ناهي ڪيو ۽ جيڪو سچ جي ڳولا ۾ عقل ۽ شعور ٻنهي کان ڪم وٺندو رهيو آهي ۽ ڪيتري حد تائين انهن پابندين کان بہ آزاد آهي، جيڪي علم جي تحقيق بابت سائنس پنهنجي مٿان لاڳو ڪري ڇڏيون آهن، يعني تجربي ۽ مشاهدي کانسواءِ ڪنهن بہ شيءِ کي اهميت نہ ڏيڻ. سدائين انهيءَ ئي ڳالهہ تي زور ڏيندو رهيو آهي تہ ڪائنات جي راز  جو سمجهہ ۾ ايندڙ  ۽ مڪمل حل، جنهن لاءِ انسان فطري طور تي بيقرار آهي، ان وقت تائين ممڪن نہ آهي، جيستائين جو دنيا جي نظام ۾ شعور کي مرڪزي حيثيت نہ ڏني وڃي. وچين دور جي يورپي فلسفي جو مقصد تہ عيسائيت جي دين جي عقلي وضاحت کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. پر شعور، جيئن تہ اهو خدا ۽ ڪائنات جي اندر موجود آهي،  نہ رڳو وچين دور جي فلسفي جو، پر جديد دور جي  انهن وڏن وڏن فلسفياڻن نظرين جو بہ هڪڙو ئي موضوع آهي، جيڪو ڊيڪارٽ، لينز، شوپن آئر، سنتشي، ڪانٽ، سپنوزا، هيگل، نتشي، ڪروچي، برگسان جهڙن فلسفين پيش ڪيا آهن ۽ جن ۾ ان کي خدا،

ڪائنات جي روح، مطلق حقيقت ۽ مطلق تصور، شعوري قوت، ڪائناتي ارادي، ابدي شعور، زنده فرد، خود شعوري وغيره جهڙن اصطلاحن سان تعبير ڪيو ويو آهي.

## برڪلي جي تائيد

سائنس جي ماديت تي جنهن فلسفي سڀ کان پهريان سخت اعتراض ڪيا، سو انگلستان جو پادري جارج برڪلي (George Berkelay) هو جنهن چيو هو تہ مادي دنيا جو پنهنجو ڪو جدا وجود نہ آهي. ڇو جو اسان ان کي رڳو حواس جي وسيلي ڄاڻو ٿا، جڏهن تہ اهو ڄاڻڻ شعور کانسواءِ ٿي نٿو سگهي. جيئن تہ اسان جي شعور کان ٻاهر مادي ڪائنات جو پنهنجو ڪو وجود نہ نٿو ٿي سگهي، تنهن ڪري جيڪا شيءِ حقيقت ۾ موجود آهي، سا شعور آهي، نہ ڪي مادو. حواس جي وسيلي اسان کي جنهن شيءِ جي ڄاڻ ملي ٿي، سا مادو نہ پر ان جو رنگ، شڪل ۽ صورت، آواز نرمي ۽ سختي وغيره جا مختلف گڻ آهن. گڻن کي ڄاڻڻ لاءِ ضروري آهي تہ شعور انهن جو احساس ڪري ۽ شعور کانسواءِ انهن ۾ ڪابہ شيءِ موجود نہ ٿي سگهندي. تنهن ڪري مادي جي حقيقت رڳو شعور آهي.

برڪلي پنهنجي نظريي جي روشني ۾ هڪ غير فاني، ابدي شعور جي هستي کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ هيٺين دليل قائم ڪري ٿو:

”آسمان جا سمورا ستارا ۽ زمين جون سموريون شيون يا هيئن چئجي تہ اهي سموريون شيون جن سان هيءَ عظيم الشان دنيا ٺهي آهي، شعور کانسواءِ وجود نٿي رکي.... جيڪڏهن مان انهن جو احساس نہ رکان يا اهي منهنجي يا ٻئي ڪنهن مخلوق جي شعور ۾ موجود نہ هجن، تہ پوءِ يا تہ انهن جو ڪو وجود ئي نہ آهي يا وري انهن جو وجود ڪنهن ابدي شعور جي ڄاڻ ۾ آهي“.

## ڪروچي جنٽيلي جي تائيد

برڪلي جي انهيءَ خيال کي ويجهڙائيءَ ۾ ئي هڪ جديد فلسفي سان، جنهن کي نئين تصوريت سڏيو وڃي ٿو ۽ جنهن جا وڏا شارح اٽلي جا ٻہ فلسفي ڪروچي (Croce) ۽ جنٽيلي (Gantile) آهن، تمام ئي مضبوط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهارو ملي ويو آهي. اهي ٻئي فلسفي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏين ٿا تہ ڪائنات روح يا شعور ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. انهن جو فلسفو نہ رڳو پنهنجي دور جي لحاظ کان جديد ترين آهي، پر ڪيترن ئي ڏاهن جو خيال آهي تہ هن دور جي فسلفن مان تمام ئي سٺو ۽ پروسي جوڳو فلسفو آهي ۽ اهو فلسفو انهيءَ مفروضي تي آڌاريل آهي تہ اسان جي شعور جو احساس ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي، جنهن جي حقيقت جي باري ۾ اسان کي ڪوبہ ويساهہ نٿو ٿي سگهي. انهيءَ مفروضي مان وک وک تي دليل ونندي، هي فلسفو انهيءَ نتيجي تي پهتو آهي تہ، ڪائنات جي حقيقت ڪا اهڙي شيءِ آهي جنهن کي اسان ڄاڻي سگهون ٿا تہ اها اسان جي پنهنجي شعوري تجربي يا احساس سان هڪجهڙائي رکندي آهي. جيئن تہ خود شعوري (Self – Consciousness) تمام ئي چٽو ۽ مٿانهون احساس آهي، تنهن ڪري ڪائنات جي حقيقت لازمي طور تي هڪ تمام ئي اوچي قسم جي خود شعوري آهي.

## اڻويهين صديءَ جي مدي خارج سائنس

جيئن تہ مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ اڻويهين صدي جي سائنسدانن جي لاءِ اهڙي قسم جي خيالن کي قبول ڪرڻ ممڪن ڪونہ هو جو ايئن ڪرڻ سان انهن جي مادي قانونن جا بنياد اکڙي ٿي ويا. پوءِ جڏهن برڪلي، نيوٽن (Newton) جي طبيعياتي قانونن تي سڀ کان پهريان اعتراض ڪيو تہ سائنس دانن هڪ نفرت ڀريل طعنن ۽ تنقيد سان انهيءَ جو استقبال ڪيو. کين کي خبر هئي تہ انهيءَ بحث ۾ تہ: ”مادو حقيقي آهي يا شعوري“، فيلسوف جلد ئي سائنسدانن تي غالب اچي ويندا ۽ اهو بہ سائنسدانن جي پنهنجي ئي تحقيقن ۽ انڪشافن جي ذريعي سان.

## سائنس پنهنجي بت کي پاڻ ئي ٽوڙي ٿي

فيلسوف تہ وڏي عرصي کان وٺي هڪ اهڙي تشريح تي زور ڏئي رهيا هئا، جيڪا شعوري حقيقت تي آڌاريل هئي. جيڪڏهن انهن جو نقطہ نظر عام مقبوليت حاصل نہ ڪري سگهيو هو تہ انهيءَ جو سبب رڳو سائنس جون ئي رڪاوٽون هيون. پر هاڻي ويهين صديءَ جي سائنسي نظرين، جن ۾ اضافيت ۽ ڪوانٽم واري نظريي، جن ۾ علم حياتيات جون کي حقيقتون بہ

شامل آهن. اها رڪاوٽ ختم ڪري ڇڏي آهي ۽ ماديت جو بت، جنهن کي سائنس گهڙيو هو سائنس جي هٿان ئي پورا پورا ٿي ويو آهي. جديد طبيعيات جي تحقيق مادي کي، جيڪو ڪنهن وقت هڪ سخت، سادي ۽ ڇٽي حقيقت جو درجو رکندو هو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ سگهه، چرپر، مفاصلي، وقت ۽ ايٿر کي رڳو هڪ نظريي ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر جوڊ (Goad) چئي ٿو:

”جديد مادو هڪ اهڙي بي حقيقت شيءِ آهي، جيڪا هٿ نٿي اچي سگهي. اهو مفاصلي ۽ وقت جي مرڪب جو هڪ اپار بجلي جي وهڪري جو هڪ چارو يا امڪان جي هڪ لهر آهي، جيڪا ڏسندي ئي ڏسندي فنائيت ڏانهن هلي وڃي ٿي. ڪيترائي دفعا انهيءَ کي مادي جي بدران، ڏسندڙ شعور جي ئي هڪ پکيڙ سمجهيو وڃي ٿو“.

## اضافيت واري نظريي جا نتيجا

پروفيسر روڙي اضافيت واري نظريي منجهان پيدا ٿيندڙ نتيجن تي بحث ڪندي پنهنجي ڪتاب ”فلسفو ۽ جديد طبيعيات“ ۾ لکي ٿو:

”اهڙي طرح مادو ڪرٽن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو جيڪي پنهنجو پاڻ نازڪ لهرن جي صورت اختيار ڪندي فنا ٿي وڃن ٿيون. جڻ تہ مادي جو مستقل نقصان ۽ سگهہ جو تلافي نہ ٿي سگهڻ جوڳي پيچ ڊاهہ عمل ۾ اچي ٿي. مادي جي بقا جي انهيءَ همہ گير اصول جي بدران، جنهن کي سائنسدانن سائنس جو بنياد سڏيو هو ۽ جيڪو ان کي سمجهہ لائق بڻائي پيو يعني نہ تہ ڪا شيءِ وجود ۾ اچي ٿي ۽ نہ ئي فنا ٿئي ٿي، هاڻي اسان کي اهو متضاد اصول ناهڻ گهرجي تہ ڪابہ شيءِ وجود ۾ نٿي اچي. هر شيءِ فنا ٿي وڃي ٿي.دنيا هڪ آخري بربادي ڏانهن وڌي رهي آهي ۽ ايٿر، جنهن جي باري ۾ ناحق اها دعويٰ ڪئي وڃي ٿي تہ اهو ڪائنات جو سهارو آهي، ڪائنات جي آخري قبر ثابت ٿئي ٿو“.

## هيري شمٽ جو تبصرو

ڊاڪٽر هيري شمٽ (Harry Schmit) پنهنجي ڪتاب ”اضافيت ۽ ڪائنات“ ۾ ٻڌايو آهي تہ دنيا جي نظام ۾ اضافيت جي داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪائنات جي ڪيفيت ڇا ٿي وڃي ٿي؟ هو تمام ئي مايوس ڪن انداز ۾ لکي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو:

”فاصلو ۽ وقت بي حقيقت ٿي ويا آهن. ايتري تائين جو چرپر بہ بي معنيٰ ٿي وئي آهي. جسمن جي شڪل ۽ صورت بہ اسان جي نظريي ۽ خيال جي محتاج ٿي وئي آهي ۽ ڪائنات جو ايٽر هميشہ جي لاءِ موڪلائي ويو آهي. افسوس، جو توهان خوبصورت دنيا ڪي هڪ تمام ئي وڏي ڌڪ سان برباد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي اها ڀڃي ڀري وئي آهي ۽ انهيءَ جا ڀاڱا ڀري ڀري پکيڙي ڇڏيا ويا آهن. هاڻي اسان انهن ڀاڱن کي فنائيت جي حوالي ڪريون ٿا ۽ تمام ئي وڏي پيڙا سان ان جي سونهن جو ماتم ڪريون ٿا، جيڪا مٽجي چڪي آهي“.

## شعور ڪائنات جي حقيقت آهي.

پر جيڪڏهن مادو حقيقي ۽ جٽادار نہ آهي تہ پوءِ مادي جي غير موجودگيءَ ۾ اسان مخلوقن جي انهيءَ عجيب بهاري ۽ رنگارنگي جو کھڙو ڪارڻ بيان ڪري سگھون ٿا، جنهن ۾ جتي ڪٿي سونهن، هنر، تناسب، هڪجهڙائي ۽ غلطيءَ کان پاڪ رياضياتي ذهن جا گڻ ڪم ڪندي نظر اچن ٿا؟ پڪ سان اهي سڀ شعور جا ئي گڻ آهن. تنهن ڪري شعور ئي ڪائنات جي اها آخري حقيقت آهي، جنهن سان دنيا جي سونهن برقرار آهي.

## حقيقت جي ڳولا ۾ طبيعاتي ماهرن جون ڪوششون

ظاهر آهي تہ مادي جي فاني ثابت ٿيڻ کان پوءِ ,انهيءَ نظريي جي لاءِ تہ ڪائنات جو بنياد روح يا شعور آهي، نہ رڳو رستو صاف ٿي ويو آهي، پر انهيءَ نظريي ڪي مڃڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ رهي آهي. اڄ روح يا شعور کي ڪائنات جي حقيقت مڃڻ، عقلي طرح سان ايترو ئي ضروري آهي، جيترو اڻويهين صديءَ ۾ اهو مڃڻ ضروري هو تہ ڪائنات رڳو مادي مان ٺهي آهي. فلسفو تہ پنهنجي سموري تاريخ ۾ سائنس جي تائيد ڪانسواءِ، اڃا بہ سائنس جي مخالفت باوجود ڪائنات جي روحاني توجيهہ تي اصرار ڪندو رهيو آهي. فلسفي جو اهو نظريو قديم سائنس جي مادياتي نظريي کان ڪنهن لحاظ کان گھٽ عقل ۾ ايندڙ يا مڃوتي لائق هو. پر هاڻي تہ سائنس بہ انهيءَ جي تائيد ۾ وزندار شاهديون پيش ڪري رهي آهي. جيئن تہ مادو بي

حقيقت ۽ فاني ثابت ٿيو آهي، تنهن ڪري طبيعيات جا ماهر محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ هاڻي اهي مادي جي بنياد اندر محدود رهي ڪري، طبيعيات جي مسئلن کي حل نٿا ڪري سگهن ۽ اهو مڃڻ تي مجبور آهن تہ مادي جي دنيا ۾ ئي جاڻي سگهجي ٿي. ايئن اسان ڏسون ٿا تہ انگلستان ۽ يورپ جا ڪيترائي وڏا طبيعياتي ماهر مثال طور، ايڊنگٽن (Eddington) جينز (Jeans) وائيٽ هيڊ (White Head) آئن اسٽائن (Einstien) شيروڊنگر (Schrodinger) ۽ پلانڪ (Planck) مادي دنيا جي حقيقت جي ڇنڊڇاڻ کي روحاني نقطي نظر سان پيش ڪري رهيا آهن. هاڻي اهي طبيعيات جا ماهر ئي نہ آهن، پر طبيعيات کان مٿي (Meta – Physicists) جا ماهر آهن. انهن سمورن سائنسدانن جا دليل انهيءَ مفروضي جي تائيد ڪن ٿا تہ ڪائنات جي حقيقت هڪ شعور يا ذهن آهي.

## پروفيسر پلينڪ جو تبصرو

ڪوانٽم نظريي جي موجد، پروفيسر پلينڪ سان گڏ مسٽر جي ڊبليو اين سليوين جو هڪ انٽرويو 26 جنوري 1930ع جي آبزرور (Observer) رسالي ۾ ڇپيو هو. انهيءَ ۾ پروفيسر پلينڪ چيو هو:

”مان شعور کي هڪ بنيادي حقيقت سمجهان ٿو. مادي کي شعور جو نتيجو سمجهان ٿو. اسان شعور کان اڳتي وڌي نٿا سگهون. هر شيءِ، جنهن جو اسان ذڪر ڪريون ٿا، يا جنهن کي تصور ۾ آڻيون ٿا، ان جو وجود شعور تي آڌاريل آهي“.

## آئن اسٽائن جو تبصرو

آئن اسٽائن لکي ٿو:

”ڪائنات تي شعور جي حڪومت آهي. پوءِ پلي اهو شعور ڪنهن رياضيات جي ماهر جو سمجهيو وڃي يا ڪنهن مصور جو يا ڪنهن شاعر جو. اها ئي اُها حقيقت آهي، جيڪا ڪنهن وجود کي سمجهہ پريو بڻائي ٿي. اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ رونق پيدا ڪري ٿي. اسان جي اميد کي وڌائي ٿي ۽ جڏهن علم ناڪام ٿي وڃي ٿو تہ ويساهہ سان اسان کي سگهہ عطا ڪري“.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ياڻيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جينز جو استدلال

سر جيمز جينز (James Jeans) جو استدلال هي آهي تہ مادو سمورو ئي رياضياتي نسبتن سان ظاهر ڪري سگهجي ٿو. رياضيءَ جو دخل جيئن ماليڪيول جي ترڪيبي بناوت ۾ نظر ايندو آهي، تيئن فلڪي جسمن جي نظام ۾ بہ موجود آهي. رياضيءَ جا قانون جيئن ويجهي ۾ ويجهن مادي شين تي حاوي آهن، تيئن ڪائنات جي ڏورانهن حصن تي بہ حڪمراني ڪن ٿا. پر رياضيءَ جو علم جيترو هن وقت اسان کي حاصل آهي، سو ڪائنات جي مطالعي سان حاصل نہ ٿيو آهي، پر اسان جي پنهنجي منطقي يا عقلي استدلال سان حاصل ٿيو آهي، جنهن جو ڪائنات جي مطالعي سان ڪو بہ لاڳاپو نہ آهي. پنهنجي استدلالي سگهہ جي رهنمائيءَ سان، پنهنجي ذهن جي پيداوار جي طور تي رياضيءَ جي قانونن کي ترتيب ڏيڻ کان پوءِ جڏهن، اسان قدرت جي هن عظيم ڪارخاني تي نظر وجهون ٿا تہ اسان اهو ڏسي حيران ٿي وڃون ٿا تہ نہ رڳو ڪائنات جي اڏاوت انهن اصولن جي مطابق ٿي آهي، پر اهي ئي قانون هن ڪائنات جي آخري شڪل آهن. جيئن تہ مادو غير حقيقي آهي، انهيءَ ڪري ڪائنات آخرڪار رياضيءَ جي اصولن جي هڪ ميڙ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ثابت نٿي ٿئي. اسان انهن قانونن کي، جيڪي اسان کان ٻاهرين دنيا ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن، پنهنجو پاڻ ڪيئن ڳولي ورتو؟ انهيءَ مان خبر پوي ٿي تہ ڪائنات اسان جهڙي ئي هڪ شعور جي تخليق آهي. اهو شعور اسان وانگر ئي بلڪل صحيح رياضياتي ۽ منطقي انداز سان سوچي ۽ سمجهي سگهي ٿو. تنهن ڪري ضروري آهي تہ ٻاهرين دنيا ۽ اسان جو پنهنجو شعور، ٻئي انهيءَ شعور جي ڄاڻو پيدا ڪيا هجن.

## جينز جو حوالو

سر جينز جيمز پنهنجي ڪتاب ”پر اسرار ڪائنات“ (Universal Interiors) ۾ لکي ٿو:

”ڪائنات ڪنهن مادي تشريح کي نٿي سهي سگهي. منهنجي خيال ۾ انهيءَ جو سبب هي آهي تہ ان جي پنهنجي حقيقت هڪ خيال کان وڌيڪ ڪجهہ نہ آهي. اڄ کان ٽيهہ سال اڳ اسان اهو سمجهندا يا فرض

ڪندا هئا سين تہ اسان آخري مشيني حقيقت ڏانهن وڌندا وڃي رهيا آهيون.
اڄ جي دنيا گهڻي حد تائين ان ڳالهہ تي متفق آهي تہ جيستائين علم طبيعيات جي ماهرن جو تعلق آهي، انهيءَ راءِ سان اختلاف گهڻو ڪري ختم ٿي چڪو آهي تہ، علم جو درياءُ هڪ مشيني حقيقت ڏانهن وهي رهيو آهي. ڪائنات هڪ وڏي مشين جي بدران هڪ وڏي تصور جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳي آهي. هاڻي شعور اهڙي ڪا شيءِ ڪونهي، جيڪا مادي دنيا ۾ حادثاتي طور داخل ٿي وئي هجي، اجا بہ ان جي بدران اسان اهو خيال ڪرڻ لڳا آهيون تہ اسان کي، شعور کي ئي مادي دنيا جو خالق ۽ حڪمران مڃڻ گهرجي. اسان جي پنهنجي شعور کي نہ، پر انهيءَ شعور کي، جنهن جي اندر اهي ماليڪيول، جن سان اسان جو شعور پيدا ٿيو آهي. جديد علم اسان کي مجبور ڪري ٿو تہ اسان سڀ ڪان پهريان پنهنجي ابهرائپ جي بنياد قائم ڪيل انهيءَ تاثر تي تہ، اسان اتفاق سان اهڙي دنيا ۾ اچي پهتا آهيون، جنهن جو زندگيءَ سان ڪوبہ واسطو نہ آهي يا زندگيءَ سان عملي طرح دشمني رکي ٿي، نظر ثاني ڪريو. گهڻو امڪان آهي تہ مادي ۽ شعور جي قديم ٻيائي، جيڪا انهيءَ فرضي دشمنيءَ جو ڪارڻ هئي، بلڪل ئي اڻ لڀ ٿي وڃي. ان لاءِ نہ، تہ مادو اڃا بہ بي حقيقت ثابت ٿي وڃي يا شعور مادي جي ئي هڪ خاصيت بڻجي وڃي، پر انهيءَ لاءِ تہ نهرو ۽ حقيقي مادو آخر ڪار شعور جي ئي هڪ مخلوق ۽ شعور جو ئي هڪ مظهر مڃيو وڃي. اسان ڏسون ٿا تہ ڪائنات هڪ اهڙي تدبير ڪندڙ ۽ انتظام هلائيندڙ هستيءَ جو ڏس ڏئي ٿي، جيڪو اسان جي شعور سان ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي رکي ٿي. جيستائين اسان کي ڄاڻ ملي سگهي آهي، جذبن، اخلاق ۽ سني احساس وارن گڻن جي لحاظ کان نہ، پر هڪ اهڙي فڪري انداز کان، جنهن کي اسان ڪنهن سني لفظ سان تعبير نہ ڪري سگهڻ جي ڪري رياضياتي فڪر چوندا آهيون“.

## دنياوي شعور جا گڻ

سر جيمز جينز انهيءَ احتياط جي بنياد تي، جيڪو هڪ سائنسدان جو بنيادي گڻ آهي، ڪائناتي شعور جي رڳو هڪ وصف يعني ذهانت يا رياضياتي فڪر کي مڃي ٿو. دنياوي شعور جي اها ئي هڪ خاصيت هئي، جيڪا رياضي يا سائنس جي مدد سان ثابت ٿي سگهي پئي ۽ ٿي چڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پر ظاهر آهي تہ جڏهن اسان اهو مڃي وٺون  تہ ڪائنات جي آخري حقيقت شعور آهي ۽ اسان ان ڏانهن رياضياتي فڪر بہ منسوب ڪرڻ لڳون، تہ پوءِ انهيءَ نتيجي کي روڪي نٿا سگهون تہ ان جي اندر اهي سمورا گڻ موجود هوندا، جيڪي اسان جي ڄاڻ موجب شعور جي لاءِ ضروري آهن. مثال طور اخلاق، جذبا، گهرج، ارادو وغيره. ايئن ٿي ئي نٿو سگهي تہ شعور هڪ جاءِ تي تہ پنهنجي سموري جمالي ۽ جلالي گڻن سان سينگاريل هجي ۽ ٻئي جاءِ تي رڳو رياضياتي ذهن جو ئي مالڪ هجي.  سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ ان جي جمال ۽ جلال جا گڻ، ان جي خلقڻ واري سگهہ، قدرت، ٻاجهہ ۽ ربوبيت سندس ڪائنات جي تخليق مان ظاهر آهي. ٻين لفظن ۾ اسان اهو مڃڻ تي مجبور آهيون.

ڪائنات جو شعور اسان وانگر پاڻ سڃاڻيندڙ ۽ پنهنجي باري ۾ خبر رکندڙ آهي. تنهن ڪري اهو هڪ شخصيت يا هڪ خود شعوري آهي. انهيءَ خود شعوري ڪائنات کي پيدا ڪيو آهي. ان ئي انهيءَ کي حيواني مرحلي مان ارتقا جي منزلن مان گذاريو آهي ۽ آخر ڪار  اها ئي خود شعوري آهي جيڪا انسان ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي.

## مقصديت ارتقا جو ڪارڻ آهي

جيڪڏهن اسان ڊريش ۽ ڪجهہ ٻين حياتياتي ماهرن جي نتيجن کي، جيڪي ڊارون جي مشيني نظريي سان اختلاف رکن ٿا، ۽ سمجهن ٿا تہ جاندارن جا اندروني ارتقائي لاڙا هڪ مقصد يا منصوبي موجب ظاهر ٿيندا آهن، جديد دور جي طبيعياتي ماهرن جي انهيءَ نتيجي سان پيٽي ڏسن تہ ڪائنات جي حقيقت شعور آهي تہ اسان جي سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو تہ، حياتيات جي انهن ماهرن جا نتيجا صحيح آهن ۽ جاندار جي جسم جو ڳجهو مقصد انهيءَ شعور جي دنيا جو مقصد آهي ۽ اهو مقصد رڳو جاندار جي اندر ئي نہ، پر سموري ڪائنات ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ڪائنات جي ارتقا بہ انهيءَ مقصد مطابق ٿي رهي آهي ۽ انسان بہ انهيءَ مقصد موجب خود شعوري جي گڻ سان سينگاريو ويو آهي. ڊريش چوي ٿو سموري ڪائنات جي بہ هڪ تنظيم ڪندڙ هستي آهي، جنهن کي ماڻهو خدا سڏين ٿا. ڪي سائنسدان وري ڪائنات کي بہ هڪ جيئرو جسم (Organism) سڏين ٿا.

باب ٽيون

# مادو ۽ماديت جو فلسفو

بنيادي طور تي فلسفي ٻن قسمن جا آهن، هڪڙا تصوريت پسند (Idealist) ۽ ٻئي ماديت پسند (Materialist). تصوريت پسند فلسفي ۽ مذهب جي بنيادي عقيدن ۾ اصطلاحن ۽ تشريحن جو فرق آهي، جڏهن ته مطلب ۽ مواد (Contents) جي لحاظ کان ڪوبہ فرق نہ آهي.

انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ماديت جو فلسفو تصوريت ۽ مذهب جو ضد آهي. هن فلسفي ۾ مادي (Matter) کي مطلق حقيقت جي حيثيت سان تڪميلي (Finality) حيثيت حاصل آهي. هن فلسفي موجب سموري تخليق مادي ۽ ان جي چرپر جو نتيجو آهي. پر تخليق جو عمل شعور، ارادي، مقصد ۽ حڪمت جي گهر ڪري ٿو. انهن گڻن کانسواءِ ڪابہ تخليق عمل ۾ نٿي اچي سگهي. انهيءَ موضوع تي ڪجهہ اونهائيءَ سان تبصرو ڪيو وڃي ٿو.

## مادي جي حقيقت ۽ مذهب سان ان جو لاڳاپو

مادي جي سڀ کان ابتدائي شڪل پروٽان ۽ اليڪٽرا وغيره جهڙن ذرڙن تي مشتمل آهي. ڇا ڪو دعويٰ ڪري سگهي ٿو تہ اهي ذرڙا شعور، ارادي، مقصد ۽ حڪمت جا گڻ رکن ٿا؟ جيڪڏهن ان جو جواب ها ۾ سمجهيو وڃي تہ انهن ذرڙن کي خدائي تجلي جون لهرون (waves) سمجهيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ فلسفي جو اهو اصول آهي تہ عدم (nothingness) مان ڪابہ شيءِ تخليق نٿي ٿي سگهي. ڪنهن بہ تخليق جي لاءِ انهيءَ جي ”ماهيت“ جو موجود هئڻ ضروري آهي ۽ اها ”ماهيت“ حق تعاليٰ جي فڪر يا علم جي مسودن (content) جي ترڪيب وسيلي ٺهيل (synthetic) ۽ لڳاتار منطقي درجا بندين (logical categories) تي آڌاريل آهن، جيڪي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حسي وقت ۾ هنڌ ۾ محسوس ۽ مشهود جو درجو حاصل ڪري وٺن ٿيون، جنهن جو اسين ادراڪ ڪريون ٿا ۽ انهيءَ محسوس ۽ مشهود حيثيت کي اسان مادو سڏيون ٿا. هاڻي تہ ايئن چيو پيو وڃي تہ اليڪٽران پروٽان جي پويان، جنهن مان اهي ذرڙا نڪرن ٿا، برقي مقناطيسي قوت (electro-magnetic force) آهي. اها قوت نوري آهي، انهيءَ ڪري اهي ذرڙا متحرڪ نور جون ڳنڍيون آهن. انساني عقل مجبور آهي تہ اهڙي بنيادي وجود يا مادي کي مقصود بڻائي، جنهن ۾ امڪاني قوت (potential) طور ذڪر ڪيل ڳڻ موجود هجن، ٻي صورت ۾ تخليق جو ٿيڻ ناممڪن آهي ۽ تخليق جو مرحليوار، ارتقا جي مرحلي مان گذري، پنهنجي تڪميلي منزل تائين پهچڻ بہ ناممڪن ٿي وڃي ٿو.

## حقيقي مذهب ۽ مادو

انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ حقيقي مذهب وٽ مادو پنهنجو پاڻ ڪا مستقل شيءِ نہ آهي. جيڪو ڪجهہ آهي سو حق تعاليٰ جي ذهن، منطقي درجي بندين جي پنهنجو پاڻ ٿيندڙ ارتقا آهي، جنهن جو اظهار ظاهر ۾ ٿي رهيو آهي. اهو ئي انهيءَ جو روحاني جوهر آهي. ٻين لفظن ۾ ڪائنات مادي نہ پر روحاني آهي، جنهن ۾ روح، مقصد، خواهشون ۽ احساس موجود آهن. ان کي ان جي نماز ۽ تسبيح سيڪاري وئي آهي. تنهن ڪري چئبو تہ هيءَ ڪائنات مئل نہ پر جيئري آهي ۽ مئل مادي (dead matter) جو ڪوبہ وجود نہ آهي. اجا بہ فلسفي ۾ چرپر کي شعور جي ابتدائي شڪل يا مرحلو (initial form) سڏيو ويو آهي. مادي ۾ اهڙي قسم جي چرپر، جنهن کي مارڪس مادي جو خلقي ڳڻ (intrinsie) سڏي ٿو، مادي ۾ شعور جي نشاندهي ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اها دعويٰ صحيح آهي تہ حق تعاليٰ نہ رڳو پنهنجي ذهني خاڪي کي ظاهري ڪائنات جي شڪل ۾ جوڙي رهيو آهي، اجا بہ هو انساني عقل ۽ ڦڙتي (activism) جي مختلف صورتن ۾ پڻ ان جو اظهار ڪري رهيو آهي. هي مرحلو حق تعاليٰ جو ظاهر ۾ پاڻ ڏانهن ئي رجوع ڪرائڻ جو آهي. اهو انساني تاريخ جو مرحلو آهي ۽ اهو ئي حقيقي مذهب جو فلسفو آهي تہ تاريخ بہ آهي. اهڙيءَ طرح حق تعاليٰ پنهنجي تخليقي عمل کي پورو بہ ڪري رهيو آهي:

قرآن پاڪ انهيءَ مرحلي کي: ”إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ“، ”وَإِلَى اللَّهِ الْمَصِيرُ“ سان تعبير ڪيو آهي. مطلب ته هيءَ ظاهري ڪائنات ۽ ان جي هر شيءِ الله تعاليٰ سان ئي آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽ ڪائي رهي آهي. ٻين لفظن ۾ هيءَ ڪائنات انسان، ان جي نفس ۽ معاشري جي خالي جاءِ جي اندر ڍير جي شڪل ۾ نه آهي، پر اها خدائي فڪرن جي مشاهدن جو هڪ لڳاتار سلسلو آهي جنهن کي برگسان عرصو (duration) سڏي ٿو ۽ جنهن کي اسان جا حواس لڳاتار زماني (serial time) ۾ ٻاڱا ٻاڱا ڪري، انهن ۾ وٿي پيدا ڪن ٿا.

ان ڪانسواءِ انسان جي تخليق ۾ هڪ مقصد جي موجودگي انهيءَ ڳالهه جو دليل آهي ته ڪائنات ۽ ان جي هر شي ڪنهن مقصد کان خالي نه آهي. انهيءَ ڪري ئي قرآن ڪنهن ٻي مقصد شيءِ کي ”لا يمين“ سڏي ٿو. يعني هيءَ ڪائنات حق (truth) آهي. راند تماشو نه آهي. انهيءَ ڪري ئي انسان پنهنجي عملن ۾ ماڻ ڇائو آزاد نه آهي، جيئن سيڪولر ازم ۽ جدلياتي ماديت (dialectical materialism) جو مؤقف آهي. اجا به هر عمل پنهنجي معنيٰ ۽ مقصد رکندو آهي. معنيٰ وارو ۽ مقصد وارو هئڻ جي حوالي سان عمل پنهنجي نيڪي ۽ بدي ۽ جائز ۽ ناجائز هئڻ جي لاءِ مطلق هستي (Absolute Ego) جي سامهون جواب ڏيندڙ آهن. جيئن ته انسان پنهنجو پاڻ محدود حيثيت ۾ آهي ۽ انهيءَ جواب ڏيڻ لاءِ جيڪڏهن موجوده وقت ۾ هنڌ اڻ پورو هجي ته، انهيءَ کي ٻئي ڪنهن وقت ۽ هنڌ تي انهيءَ عمل مان گذرڻو پوندو ۽ عملن جي نيڪ ۽ بد جي مطابق هو پنهنجي لاءِ سٺو يا خراب رهڻ جي جاءِ حاصل ڪندو. عملن جي جواب ڏيڻ ۾ ان جي چڱي يا بد هئڻ جو معيار غير طبقاتي معاشري جي جوڙ جڪ لاءِ جاکوڙ، قرباني، انسان دوست ڏاهپ، ۽ نفساني خواهشن يعني جبلتن جي حيواني گهرجن کي، انساني فطرت جي اوچي حصي وارين گهرجن هيٺان رکڻو پوندو. اجا به فرد جيترو خود غرضي، لالچ، دولت جي پوڄا، جنسي چڙواڳي وغيره ۽ ذاتي مفاد پرستي کان پاسو ڪندو. ايترو ئي الله تعاليٰ جي ويجهو ايندو ويندو. پوءِ الله تعاليٰ جي ويجهڙائي ۽ نائبي ئي سندس زندگيءَ جو بنيادي مقصد هوندي. انهيءَ عمل سان هو پنهنجي فطرت جي الاهي ۽ نوراني حصي (Divine Energy) جي تڪميل ڪري سگهندو، جنهن تي جبلتن ۽ ان جي حيواني گهرجن رَئي وجهي ڇڏي آهي. ڪائنات جي ارتقا جو مقصد اهڙي حيواني وجود ۽ ان جي

دفاع جي تڪميل ڪرڻ هو. جيڪو پنهنجي اصليت (Origin) يعني حق تعاليٰ جي صفتن جو مظاهرو ڪري سگهي. تنهن ڪري انسان اهڙو ئي وجود ۽ دماغ آهي جيڪو آهستي آهستي ۽ لڳاتار خدائي صفتن جو مظاهرو ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ ۾ تڪميل حاصل ڪري رهيو آهي. مادي نقطي نظر کان انسان ۽ ان جي زندگيءَ جو ڪهڙو مقصد بڻجي ٿو؟ اقبال انهيءَ ڪي هيئن بيان ڪري ٿو:

در نگاہش آدمی آب و گل است      کاروانِ زندگی بے منزل است

يعني اولهه پاسي ڏسڻ ۾ انسان مٽي ۽ پاڻي جو مرڪب آهي ۽ زندگيءَ جي قافلي جي ڪا به منزل نه آهي.

## مذهب ڇا آهي ۽ ڇا نه آهي؟

اقبال پنهنجي ستين خطبي ۾ (جنهن جو مڪمل اقتباس بسم الله جي تشريح جي بابت ۾ ڏنو ويو آهي) انهيءَ حقيقت تي روشني وجهندي چوي ٿو ته مذهب پنهنجي حقيقي معني ۾ نه عقيدو (dogma) آهي ۽ نه رسمون (rituals) ۽ نه ئي وري مذهبي پيشوائيت (priesthood) آهي؛ پر اهو انهيءَ سوال جو جواب آهي ته انسان ڪٿان آيو آهي ۽ ڪٿي وڃي رهيو آهي. اها ڳالهه ظاهر آهي ته هڪ ماڻهو پنهنجي دوست سان ملڻ لاءِ گهر کان نڪري ۽ پوءِ رستي ۾ جيڪڏهن هن جي يادداشت ڪم ڇڏي وڃي ته ان کي خبر نه رهندي ته هو ڪٿان ڪان هليو هو ۽ ڪيس ڪٿي وڃڻو آهي. پوءِ جيڪڏهن اهڙي صورتحال پيدا ٿي پوي ته اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ان جو ڪهڙو حشر ٿيندو. ساڳيو ئي حال اولهه جي تهذيب جو آهي ۽ ان کان اڳ وارين حسي (sensate) تهذيبن جو ٿيو آهي. انهيءَ ڪري ئي سوويت يونين به ٽٽي ويو.

محنت جو استحصال، ڪمزور قومن جي مٿان فوج جو قبضو، ڦر مار، جنسي ڇڙواڳي، قتل ۽ خون خرابو، نشو، جوا ۽ شراب نوشي وغيره، اهي سيئي بيچڙايو ان ڳالهه جو نتيجو آهن ته، انهن تهذيبن جي انسانن کي انهن جي منڍ ۽ پڇاڙي جي باري ۾ ڪا ڄاڻ ئي نه ڏني وئي آهي. اڃا به ايئن ٿيو ته معاشري جي طبقاتي ورڇ، نسلي ۽ قومي نفرتن جي آبياري ۽ مذهبي پيشوائيت مذهبي تهذيبن ۽ مذهب پسند قومن جو حال به اهو ئي ڪري

ڇڏيو جن جو بنياد خدائي وحي تي آڌاريل نہ هو. مذهب جي وجود ۾ اچڻ وارو دور انسان جي ٻاروتڻ جو دور هو. انهيءَ ڪري ناڪاري روين انهيءَ تي قابض ٿي سڌي واٽ کان ٿيڙي ڇڏيو.

پر معاشرتي ارتقا انساني ذهن کي اهڙي منزل تي پهچائي ڇڏيو آهي جتي علم ۽ ان جي اشاعت جا وسيلا تمام ئي ترقي ڪري چڪا آهن ۽ علم جي جهجهي روشني موجود آهي. انهيءَ ئي روشني اقبال، علي شريعتي، مارڪس جهڙا انسان پيدا ڪيا جن جي فڪرن کي پنهنجائڻ سان، انسان پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي مقصد جي منزل تائين پهچڻ جي لائق ٿي ويو آهي. انسان جو سمورو عمل جتي پنهنجي ذات جي تزڪيي ۽ تڪميل سان واسطو رکي ٿو تہ جيئن انسان خدائي گڻن جو مظاهرو ڪري سگهي، اتي اجتماعي لحاظ کان اهو انهيءَ عالمي گڏيل روحاني معاشرو جوڙڻ ۾ رُڌل آهي، جنهن ۾ اهو خدائي خلافت ۽ نائبي جي اوچي مرتبي تي فائز ٿي سگهندو. اهڙي معاشري کي مارڪس غير طبقاتي سڏيو آهي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام انهيءَ کي خدائي بادشاهت سان تعبير ڪيو آهي. اقبال انهيءَ کي روحاني جمهوريت ڪوٺي ٿو. شريعتي ان کي توحيدي معاشري چوي ٿو جڏهن تہ قرآن ڪريم انهيءَ کي غم ۽ ڳڻتي کان پاڪ جنتي معاشرو ٻڌائي ٿو. اهڙي معاشري کي هيگل (Hegel) مڪمل آزاديءَ جو مرحلو سڏي ٿو جتي انسان پنهنجي جبلتن جي حيواني ۽ ”شيطاني“ رجحانن کان ۽ معاشري جي ٻاهرين قانونن جي دٻاءَ مان ڇوٽڪارو ماڻي، پنهنجي فطرت جي تجلي واري هنڌ آباد ٿي ويندو. ڪانٽ (Kant) چيو آهي تہ تاريخ انهيءَ عالمي روحاني گڏيل معاشري جي رخ ۾ ترقي ڪري رهيو آهي.

## مذهب جي نئين سر مطالعي جي ضرورت

تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ مذهب جي باري ۾ سمورن تعصبن کان آجو ٿي، سمورن پاڪ ڪتابن جو هڪ ئي وقت مطالعو ڪيو وڃي ۽ روايت پسندي (Formalism)، رسم پرستي (Ritualism) ۽ مذهبي گروهہ بندي (Religious Sectarianism) جي ڏٻڻ مان نڪري، انهن پاڪ ڪتابن ۾ موجود گڏيل روحاني گڻن کي پنهنجي معاشرتي ۽ نفسياتي سرگرمين جو بنياد بڻايو وڃي تہ جيئن انسان حيواني مرحلي مان ارتقا ڪري

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني مرتبي تائين رسائي حاصل ڪري سگهي.

مارڪس جنهن ڪميونسٽ معاشري جو خواب ڏٺو هو تنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ اهو معاشرو رڳو پيداوار جي جهجهي مقدار حاصل ڪري ونڊ سان جڙي نٿو سگهي. تنهن ڪري انهيءَ معاشر ي جي تعبير جي لاءِ حقيقي يا اصل مذهب جي اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهيءَ ئي ڳالهہ کي گورباچوف ”پراسترائيڪا“ ۾ چيو آهي. انهيءَ باري ۾ هڪ اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

1964ع ۾ چي گويرا بابت هڪ انٽرويو ۾ نيوزويڪ جي نمائندي جان گريسي چيو:

”اسان جي بحث دوران چي (گويرا)، لينن جي باري ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي هي تاثر ڏنو تہ هو عظيم انقلابي اڳواڻ لينن کي هڪ الميو سمجهي ٿو. چو جو چي جي نظر ۾ لينن اهو عظيم اڳواڻ هو جيڪو چاهيندو هو تہ جيڪو معاشرو مادي ضرورتن جي پورائي لاءِ جوڙيو وڃي، اخلاقي طور تي ناڪام ٿي وڃڻ انهيءَ جو نصيب هوندو آهي. پر ان جي باوجود لينن ئي اهو اڳواڻ هو جنهن نئين معاشي پاليسي جو بنياد رکيو. انهيءَ پاليسيءَ جي ڪاميابي يقيني هئي. ان مادي ضرورتن جي حصول جي جذبي کي اڀاريو. پر اهو جذبو اخلاقي گهرجن کي قربان ڪري حاصل ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ هڪ طاقتور سماجي حڪومت ضرور وجود ۾ اچي وئي هوندي، پر نئين انسان جي تخليق ۽ واڌ ويجهہ جو ڪم پٺيءَ پويان هليو ويو. (داستان دارور، سن 227، از عبدالله ملڪ)

نہ رڳو اهو تہ نئون انسان پيدا ٿي نہ سگهيو. پر عالمي روحاني اشتراڪي معاشرو بہ قائم نہ ٿي سگهيو ۽ نہ ئي عالمي ”پورهيت حامي“ معاشرو پيدا ٿي سگهيو ۽ اهو حادثوماديت جي فلسفي جو ئي نتيجو هو.

## مارڪسزم ۾ تضاد

اها ڳالهہ بہ ڌيان طلب آهي تہ مارڪسزم جو ماديت ۽ سماجي معيشت واري فلسفي ۾ وڏو تضاد موجود آهي. انهيءَ تضاد سوويت يونين جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو آهي. ڇو جو ماديت واري فلسفي جي نتيجي ۾ فردن اندر لالچ، خود غرضي، هوس پرستي، جنسي ڇڙواڳي جهڙا مرض پيدا ٿي پيا.

ڪن قومن ٻين قومن تي فوجي قبضو ڪري ورتو ته جيئن انهن منڊين ۾ پنهنجي پيداوار وڪٽي سگهجي. اهڙي عمل کي صارفيت (consumerism) سڏيو ويجي ٿو. انهيءَ سان هڪ نئون آبادياتي نظام (colonialism) پيدا ٿي پيو. انهن قومن ۾ اولهه جي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي رائج ڪيو ويو ايتري تائين جو عيسائي مذهب جي وڏي پيماني تي اشاعت ڪئي وئي. ڏکڻ ۽ وچ آفريڪا جا علائقا لڳ ڀڳ سمورا عيسائي بڻجي ويا. يورپ جي مختلف قومن پنهنجي پنهنجي منڊين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ۽ پڻ وڌيڪ منڊين تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي کان اڳ ڪيڏڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي وئي. انهيءَ جنگ جي تباهيءَ، سامراجي مفادن ماڻڻ لاءِ، سيڪيولرازم سان ملي ڪري اولهه جي نوجوان نسل ۾ اخلاقي ڇڙواڳي پيدا ڪئي ۽ انهن ۾ موجود زندگيءَ جي تقدس کي لتاڙي ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ هيٺيون ٽي خرابيون پيدا ٿي پيون:

1. زندگيءَ جو بنيادي مقصد اکين کان اوجهل ٿي ويو.
2. زندگيءَ جو تقدس ختم ٿي ويو ۽ زندگيءَ جو انتظام اخلاقي ڇڙواڳيءَ جي ور چڙهي ويو.
3. انساني شخصيت وکري وئي ۽ جبلتن جون حيواني گهرجون انساني فطرت جي نوراني الاهي قوت تي سوڀاريون ٿي ويون.

اهڙي صورتحال جو نتيجو اهو نڪتو جو پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي جي ڪري جيترو ادب ۽ فن جا نمونا تخليق ٿيا، سي سڀئي دهريت ۽ ماديت تي آڌاريل هئا، جنهن ۾ مذهب جو انڪار بنيادي جزو بڻجي ويو. انهيءَ باهه تي، سوويت يونين ۾ جدلياتي ماديت واري فلسفي جي ڪاميابيءَ، تيل جو ڪم ڪيو. نتيجي ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، اولهه جي تهذيب جنسي ڇڙواڳي، لذت پرستي (hedonism) مفاد پرستي، هم جنس پرستي، جوا، گهڻي مقدار ۾ شراب نوشي، هيٺن کي قرض ۽ محنت جو ڪليل طرح سان استحصال ڪرڻ ۾ بي رحم روين واري بڻجي وئي. جيتوڻيڪ انهيءَ ظلم واري ماحول ۾ ڪجهه سمجهه ڀريا ماڻهو، جهڙوڪ آئن اسٽائن (Einstein) ايليڪسيس ڪيرل (Alexis Carrel) باسالارڊ (Basa Lard)، ميڪس پلانڪ (Maax Plank) پيٽرڪ ڊونز (Patrick Dontiz)، جارج گوروچ (George Gurvitch) ۽ وليم جيمز (William James) جهڙا فرد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغربي تهذيب جي موجوده لاڙي خلاف پنهنجو آواز اٿاريندا رهيا. پر اولهه پنهنجي بي ديني واري واٽ تي هلندو رهيو آهي. انهيءَ باري ۾ ”الله“ واري باب ۾ ڊاڪٽر رفيع الدين جي تصنيف مان هڪ ڊگهو اقتباس ڏنو ويو آهي.

تنهن ڪري ماديت ۽ دهريت جو فلسفو ان وقت اڀرندو ۽ ميچتا ماٽيندو آهي، جڏهن مذهب پنهنجو پاڻ ئي فساد پيدا ڪندڙ ۽ پنهنجي مخالفن جي حق ۾ ان جي مذهبي پيشوائيت خونخوار ٿي ويندي آهي. پوءِ انهيءَ جو علاج فائدي بدران فردن ۾ ڦر مار ۽ حد کان وڌيڪ خود غرضي وارا لاڙا پيدا ڪندو آهي. بئي پاسي ماديت واري فلسفي جي برخلاف، سماجي معيشت واري فلسفي ۾ قرباني، محبت، برابري، نفس جي پاڪيزگي ۽ گڏيل مفادن جي لاءِ انفرادي فائدن کي ترڪ ڪرڻ وارا گڻ ملندا آهن. تنهن ڪري جيستائين سماجي معيشت جو نظرياتي بنياد رسولن جي تاڪيد ڪيل اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي نٿو بڻايو وڃي، اهو تضاد ڪڏهن به ختم ڪونه ٿيندو ۽ نه ئي وري صحيح معنيٰ ۾ ڪو سماجي معاشرو قائم ٿي سگهندو. رڳو فردن جي اخلاقن تي آڌاريل سيرت ئي انهيءَ جي اڏاوت جي ضامن بڻجي سگهي ٿي.

## آئيڊيلزم جو صحيح مطلب

ان باري ۾ هڪ غلطيءَ جو ازالو ٿيڻ ضروري آهي، ته لفظ IDEA جنهن منجهان ”IDEALISM“ جو اصطلاح جڙيو آهي، جو ترجمو ”خيال“ ڪرڻ بلڪل ئي غلط آهي. ڊاڪٽر حسين رائي پوري، جيڪو مشهور مارڪسي ڏاهو هو، پنهنجي آتم ڪهاڻي ”گرد راه (رستي جي ڌوڙ)“ ۾ هڪ واقعو لکيو آهي. اهو واقعو سندس ڊاڪٽري جي ڊگري لاءِ فرانس وڃڻ کان اڳ جو آهي، جڏهن هو باباءِ اردو سان گڏ دهلي ۾ رهندو هو. هڪ دفعي اقبال دهلي ۾ آيو ته هو ساڻس ملڻ ويو. لکي ٿو:

”اقبال مون کي غور سان ڏٺو. پاڻ وٽ گهرايو ۽ فرمايو ته بک ۽ شهوت جا مسئلا ماڻهو ۽ انسان ۾ ساڳيا ئي هوندا آهن. جيڪي گڻ ٻنهي ۾ فرق پيدا ڪن ٿا، تنهن کي فلسفي جي اصطلاح ۾ ”آئيڊيا“ چيو وڃي ٿو. اهو هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو ايمان، ضمير، اخلاق، مسلڪ وغيره جي شڪل اختيار ڪري ٿو. جن ماڻهن انسان جي ڀلائي ۽ ترقي جي جاکوڙ ۾، سختيون

سنيون آهن. تن کي انهن قربانين لاءِ ڪنهن مجبور نہ ڪيو. ڪنهن ايماني نور انهن کي انهيءَ ڪوشش لاءِ اڀاريو. اهو ئي جذبو انسانيت جو جوهر ۽ ان جي ڪاميابيءَ جي ضمانت آهي“. (گرد راهہ ص 85)

انهيءَ آئيڊيا کي اقبال خودي جو نالو ڏئي ٿو: ”نقطہ نوری کہ نام او خودی است“. قرآن وري انهيءَ کي خدائي روح (Divine Energy) سڏي ٿو. گيتا انهيءَ کي ”پرش“ ٻڌائي ٿو. تنهن ڪري آئيڊيا جو ترجمو ”خيال“ ڪرڻ نہ رڳو بي خبري آهي، پر گمراهہ ڪندڙ پڻ آهي. اها خدائي نور جي تجلي آهي. تنهن ڪري آئيڊيلزم جو ترجمو خيالي نہ، پر خدائي تجليءَ منجهان جڙندڙ ڪائنات يا وجودي سلسلي جو فلسفو آهي. ساڳي ئي ڪتاب جي صفحي 77 تي ڊاڪٽر وڏيڪ لکي ٿو:

”پهريان تہ مان مارڪسي نظريي جي اثر هيٺ بي ديني کي اشتراڪيت جو لازمي جزو سمجهندو رهيس، پر اڳتي هلي ظاهر ٿيو تہ ڪليسا جي رجعت پروري کي مذهب تي آڌاريو ويو آهي. ان ڪانسواءِ اسلام جي شروعاتي دور جي انقلابي روايتن کان مارڪس اڻ واقف هو ۽ اوڻويهين صديءَ جي مشيني سائنس کيس انهن ڳڻن ۽ حقيقتن کان بيخبر رکيو جنهن کان جديد علم واقف ٿيو آهي“.

نہ رڳو ڪليسا، پر مذهب جي هر رجعت پسندي کي مذهب جو نالو ڏنو ويو آهي.

مارڪس هيگل جي قانون واري فلسفي تي تنقيد ڪندي مذهب جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ چيو آهي، تنهن جو غلط مطلب ورتو ويو. اها تنقيد حقيقت ۾ بگاڙيل مذهب تي هئي جيڪو اڄ ڪلهہ رائج آهي. اهو مذهب سچ پچ بہ آفيم جو ڪم ڪري ٿو. حقيقي مذهب تہ انقلابي آهي ۽ سگهہ ڏيندڙ پڻ آهي. حقيقي تصوف مذهب جو روح آهي، ڇو جو اهو مذهب جي ظاهري حالتن تي زور نٿو ڏئي، رڳو روحاني ۽ اخلاقي ڳڻن تي زور ڏئي ٿو.

## فلسفياڻي تصور ۽ مذهبي تصور ۾ فرق

مذهبي تصور (Idealism) ۽ فلسفياڻي تصور ۾ بنيادي طور فرق آهي. مارڪس جنهن تصوريت کي رد ڪيو هو، سو فلسفياڻي تصور هو جنهن جو معاشري جي طبقاتي جوڙجڪ (Class Composition) کي بدلائڻ

جو ڪوبہ مقصد نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي وري ڪو حصو هوندو آهي. تاريخ ۾ ڪنهن بہ فلسفي زهر جو پيالو نہ پيتو ۽ نہ ئي ڪنهن فلسفي مراعتون ڏنل طبقي جي خلاف ڪا جاکوڙ ڪئي آهي. اها ڳالهہ ذهن تي رهي تہ سقراط رڳو فلسفي ئي نہ هو پر وٽس نبوي شعور پڻ هو. مارڪس چيو هو تہ فلسفي رڳو دنيا جي تشريح ڪندا رهيا، جڏهن تہ اصل ڪم انهيءَ کي بدلائڻ هو. ان ڪان وڏيڪ مذهبي ۽ فلسفياڻي تصوريت جي حقيقت جي هڪ ٻئي سان اختلاف کي چٽو ڪرڻ ۾ ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ چئي وئي. ڇو جو نبوت معاشري کي بدلائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي آهي، جڏهن تہ فلسفي رڳو اصول بيان ڪري ڇڏيندو آهي. مارڪس دنيا جو پهريون فلسفي آهي، جنهن جو فڪر يڪدم سياسي عمل ۾ شامل ٿي ويندو هو.

## ماديت واري فلسفي جي تدوين جو ڪارڻ

ماديت واري فلسفي جي تخليق ۽ تدوين جي باري ۾ اهو اصول آهي تہ اهو فلسفو ان وقت اڀرندو آهي، جڏهن ڪو معاشرو پنهنجي زوال جي ڪن ۾ ڦاسي پوندو آهي. اهڙي وقت ۾ مذهب جو اخلاقي ۽ روحاني گڻن جي نفسيات ۾ شامل ٿيڻ ۽ معاشرتي ادارن جي بنيادي جوڙجڪ سان ڪوبہ لاڳاپو نٿو رهي. مذهب رڳو ظاهري رسمن جي ادائگي جو نالو رهجي وڃي ٿو. معاشري ۾ مفاد پرستي جي ڪري بگاڙ پيدا ٿي وڃي ٿو.

يونان ۾ سقراط کان اڳ ۾ مختلف فلسفين جي متضاد نظرين جي ڪري جڏهن ذهني بگاڙ پيدا ٿيو جنهن ڪري علم ۽ اخلاق جا گهربل معيار زوال جو شڪار ٿي ويا تہ وهم گمان تي آڌاريل موقعي پرست فلسفو پيدا ٿي پيو. هڪ وهمي ڪنهن شيءِ يا نظريي کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏئي پيو تہ اتي جو اتي وري انهيءَ جي خلاف دليل ڏئي، ان کي رد پيو ڪري. سقراط انهيءَ صورتحال جي خلاف پنهنجو مؤقف ماڻهن جي سامهون رکيو ۽ ٻڌايو تہ اخلاق ۽ علم جا پنهنجا گهربل بنياد آهن. انهن کي پنهنجي ذاتي فائدي ۾ استعمال ڪرڻ انسان جي نفسياتي ۽ سماجي حقيقتن ۽ اخلاق جي تباهي جي برابر آهي. پر سقراط کي موت جي سزا ڏيڻ ۽ ان جي پيغمبراڻي تعليم ۽ جاکوڙ جو خاتمو ڪرڻ کان پوءِ يوناني معاشري جو بگاڙ اجا بہ خراب حد تي وڃي پهتو. انهيءَ جو فائدو ماڻيندي روم جي فوجين يونان جي آزاد حيثيت جو

خاتمو آڻي ڇڏيو ۽ ان کي پنهنجو حصو بڻائي ڇڏيو.

ايئن انهيءَ سياسي ۽ معاشي حالتن جي پيٽ مان ايپيڪورس (Epicurus) ۽ زينو (Zeno) رواقي فلسفو (Stoicism) اپريو. جنهن جو بنياد مادي کي مطلق حقيقت جي حيثيت ۾ مڃڻ هو.

ساڳي ئي صورتحال يورپ ۾ سامهون آئي. هيوم (Hume) جڏهن ذهن ۽ انساني نفس جو انڪار ڪيو ته ڪانٽ (Kant) ان جي انڪار سان پيدا ٿيندڙ نظرياتي ۽ اخلاقي بگاڙ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ علم ۽ اخلاق جي معاشرتي بنيادن کي قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪانٽ کان پوءِ هيگل (Hegel) جدلياتي تصوريت (Dialectical Materialism) تي آڌاريل هڪ فلسفي نظام پيش ڪيو. پر انهيءَ وچ ۾ فرانس ۾ آيل انقلاب، جاگيرداريءَ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ بگڙيل ڪيٿولڪ مذهب کي معاشرتي معاملن کان الڳ ڪري ڇڏيو. انهيءَ جي جاءِ چست ۽ وچولي طبقي جي پڙهيل ڳڙهيل ۽ مالدار ماڻهن سان نسبت رکندڙن والاري. انهن ماڻهن مذهب جي بدران سيڪيولرازم يعني دنيا پرستي يا دنيادار قوم پرستي کي پنهنجايو. سيڪيولرازم پنهنجي ظاهر ۾ هڪ مذهب مخالف نظريو آهي. ايئن هيگل جا پنهنجا شاگرد ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪ گروهه سڄي پاسي واري ڌر سڏيو ويو جيڪو هيگل جي مذهبي تصورن جو حامي هو ۽ ٻيو کٻي پاسي واري ڌر سڏيو ويو جيڪو مذهب جي خلاف هو.

يورپ جي معيشت سامراجي شڪل اختيار ڪري ورتي. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪوشش اها ئي هئي ته مذهبن جي پاڪ بانين جي اصلي تعليم ۽ انهن طرفان معاشري کي غير طبقاتي بڻائڻ لاءِ انقلابي اٽڪ جاکوڙ کي، پوري طرح سان شعوري سطح تائين پنهنجايو وڃي ۽ مذهبي پيشوائيت جي فرقيواراڻي ۽ بگاڙيل مذهب کي رد ڪيو وڃي. اسلام ۽ ٻين مذهبن جا مذهبي اڳواڻ پنهنجي مذهب کي ٻين مذهبن تي ترجيح ڏين ٿا ۽ پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ کانسواءِ اخروي ڇوٽڪاري جو حقدار نٿا سمجهن. جڏهن ته سمورا مذهب معاشري جي جي طبقاتي نوعيت کي ختم ڪرڻ ۽ انسانن وچ ۾ محبت، برابري، فڪر ۽ عمل جي آزادي، نفس جي پاڪائي ۽ عدل ۽ انصاف جهڙن اوچن اخلاقن اپنائڻ جي تعليم ڏين ٿا. انهيءَ ڳالهه ۾ سامي، آريائي ۽ زرد نسل جي نبين ۽ انهن جي تعليم ۾ ڪوبه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرق نہ آهي.

هيٺ علي شريعتي جي مقالي ”مادي عالمي نقطہ نظر“ جو ترجمو ڏنو وڃي ٿو جنهن ۾ماديت جي خلاف مضبوط دليل ڏنا ويا آهن:

## مادي عالمي نقطہ نظر (از: علي شريعتي)

مادي عالمي نقطہ نظر (Materialistic World Vision) مادي جي ابتدائي (Original) تصور تي آڌاريل آهي. هي تصور جزن (Elements) ۽ انهن جي پاڻ ۾ لاڳاپن (Relations) جي عمل ۽ رد عمل جي مجموعي تي آڌاريل آهي، جيڪي سيئي مادي سان لاڳاپو رکن ٿا. سارتر جي لفظن ۾ هيءَ دنيا هڪ عنصر تي آڌاريل آهي ۽ اهو آهي ’مادو‘ جڏهن تہ اهو مادو ڪو احساس (Feeling) ڪو ارادو (Volition) ۽ ڪو خاص مقصد نٿو رکي“.

ماديت جي منصوبي ۽ ڪائنات جي مادي تصور ۾ دنيا ڪنهن سمجھہ ڀرئي ڏاهپ ۽ ارادي ڪي پورو ڪري سگھندڙ هستي جي تخليق نہ آهي. ڪائنات بي عقل (Idiot) آهي ۽ احساس کان خالي (Senseless) آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو خودڪشي ڪري يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڀلي لاءِ پنهنجو سر صدقي ڪري تہ انهن ٻنهي عملن ۾ فرد جي لاءِ ڪابہ فرق واري ڳالھہ نہ آهي. ڇو جو ڪائنات ۾ انهيءَ عمل جي نوعيت ۽ قيمت کي جاچڻ لاءِ ڪو معيار ۽ ٻنهي عملن جي غلط يا صحيح ۾ فرق ڪرڻ وارو ڪوبہ احساس موجود نہ آهي.

سارتر جي لفظن ۾ ڪائنات ۽ دنيا غير عقلي، احساس کان خالي ۽ بي معني آهي. اها اهڙن جزن جو ڍير آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان مادي، طبعي ۽ ڪيميائي لاڳاپو رکن ٿا. انهن جو نتيجو بي مقصد ۽ بي لاپ آهي. انسان ئي رڳو اهڙي هستي آهي، جيڪو انهيءَ کوکلي (Hollow)، نتيجي کان خالي ۽ بي مقصد ڪائنات ۾ خود شعوري رکي ٿو. انسان جي سمورن مونجهارن ۽ مصيبتن جو ڪارڻ اهو ئي آهي تہ هو هڪ اهڙي دنيا ۾ رهي ٿو جنهن سان هڪ ڪنهن قسم جي هڪجهڙائي، ڪو ڳانڍاپو ۽ لاڳاپو يا مناسبت نٿو رکي. ڇو تہ ڪائنات ۽ دنيا پنهنجي ارتقا ۾ ڪابہ منزل ۽ ڪوبہ احساس نٿي رکي ۽ انسان انهيءَ ۾ اوپري يا ڌارئي جي حيثيت ۾ آهي. انهيءَ ڪري مادي عالمي نقطہ نظر پنهنجي آخري تجزيي ۾ انسان جي

ڪائنات سان بي تعلقي، اوپرائپ ۽ اڻ واقفيت تي ختم ٿئي ٿو.

فرانسيسي دانشور البرٽ ڪاميو[1] (Albert Camus) پنهنجي ناول ”پليگ“ (The Plague) ۾ هڪ شهر جو ماحول پيش ڪيو آهي. شهر ۾ پليگ جي وچڙندڙ بيماري پکڙيل هئي، انهيءَ معاشري جي مختلف فردن تي مشتمل آهي، انهن ۾ هڪ پادري يا مذهبي پيشوا آهي جيڪو پنهنجو عالمي نقطہ نگاهہ رکي ٿو. هڪ سماجي سائنسدان آهي، جيڪو معاشري جي بت وانگر پوڄا ڪري ٿو. هڪ مفڪر آهي، جيڪو انهن مان ڪنهن سان بہ سهمت نہ آهي. ڪاميو پنهنجي هن ناول ۾ انهيءَ (پليگ جي) بيماريءَ جو مقابلو ڪرڻ جي سلسلي ۾، انهن جي لاڙن تي بحث ڪيو آهي. ڳالهہ اڳتي وڌي ٿي ۽ انهن جي شهر، جيڪو طاعون ۾ ورتل آهي، بابت مذهبي پيشوا، سماجي سائنسدان ۽ مفڪر، هر هڪ ڪيترن ئي قسمن جا رد عمل ڏيکارين ٿا.

مثال طور مذهبي پيشوا دعويٰ ڪري ٿو تہ هو هڪ مذهبي عالمي نقطي نظر رکي ٿو. ان جو ڇا مطلب آهي؟ تہ ڪائنات هڪ سمجهہ رکندڙ سماجي نظام آهي، جيڪا پنهنجي اندر ارادو، سمجهہ ۽ مقرر ٿيل منزل رکي ٿي، ان جي سمورن اهڃاڻن مان انسان بہ هڪ آهي. شعور جيڪو وجود جي سمورن سلسلن جي حفاظت ڪري ٿو هر هنڌ حاضر ناظر (Omnipresent) آهي ۽ ڪائنات جي هر ذري جي چرپر ۽ پڻ اسان سمورن انسانن جي زندگي ۽ عملن جي سنڀال ڪري ٿو.

تنهن ڪري مذهبي پيشوا جي انهيءَ عالمي نقطي نظر جي لحاظ کان اها الاهي قوت، انسان ۽ ڪائنات جو هر لحاظ کان گهيرو ڪيون بيٺي آهي. انسان انهيءَ مطلق عقل جي اڳيان پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيندڙ آهي. تنهن ڪري، ڪيس انسانن کي بچائڻ جي لاءِ پنهنجي ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي ۽ بيماريءَ جي خلاف وڙهڻ گهرجي. اهڙي طرح هو فيصلو ڪري ٿو ۽ پنهنجي سموري سگهہ سان پليگ جو مقابلو ڪرڻ ۽ شهر

---

[1] البرٽ ڪاميو (1913_60ع) فرانسيسي فيلسوف ۽ دانشور پڻ لامذهبي وجوديت جو قائل هو. ان جي نظرين تي شومينار اطشي ۽ جرمني جي وجودي دانشورن جو گهڻو اثر هو. ان جي فڪرن تي سخت مايوسيءَ جو اثر هو ۽ سڀ کان وڏو مسئلو خود ڪشي سان لاڳاپيل هو. ان وٽ انسان هر وقت بي مقصديت جي اثر ۾ رهي ٿو. هو تمام ئي سختيءَ سان انفراديت ۽ لاعقليت جو حامي هو. جنهن جو مطلب آهي تہ زندگي حقيقت ۾ ڪجهہ بہ حاصل نہ ڪري سگهڻ جو نالو آهي. (منيو ٿيلٿي)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ لاءِ نڪري پوي ٿو.

مذهبي پيشوا کان پوءِ ٻئي ماڻهو يعني سماجي سائنسدان مادي عالمي نقطي نظر پيش ڪيو. هن چيو ته ڪائنات بي عقل (Stupid) آهي. احساس کان خالي آهي ۽ ڪنهن به خدا جو وجود نه آهي. جيڪڏهن مان خودڪشي ڪري ڇڏيان يا ٻين کي وبا کان بچائيندي پنهنجو ساهه به وڃائي ويهان ته انهن ٻنهي عملن ۾ منهنجي لاءِ ڪوبه فرق نه آهي. ڇو ته مان هڪ انسان آهيان. تنهن ڪري مون کي به ضرور ٻين سان گڏ وڃڻ گهرجي. پوءِ جيئن ته ڪائنات جي مقابلي ۾ انسان عقل ۽ سمجهه رکي ٿو تنهن ڪري اهي هڪ ٻئي لاءِ ذميوار آهن. وڏيڪ هي ته انسان هڪ گڏيل مصيبت کي منهن ڏئي رهيو آهي جيڪي هڪ اهڙي ڪائنات ۾ رهي رهيا آهن. جيڪا سوچ ۽ سمجهه کان خالي آهي جيئن هائيڊگر[1] (Heiddeger) چيو آهي ته ”انسان هڪ ڇپ وانگر آهي وجود جي ميدان ۾ اڇلايو ويو آهي. جنهن کي نه ڪا لڪڻ جي جاءِ آهي ۽ نه ئي وري ڪٿان ڪا مدد جي اميد آهي“. تنهن ڪري جلد ئي انهيءَماديت پسند سماجي سائنسدان فيصلو ڪيو ته هو ٻين انسانن سان ملي ڪري وبا، جي خلاف جنگ جوٽيندو ته جيئن ٻين انسانن جي زندگي انهيءَ مصيبت کان محفوظ ٿي وڃي ۽ اها سندس ذميواري آهي. هن جو خيال هو ته فرد جي سٺي زندگي تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن سمورو معاشرو خوشحال ۽ آسودو هجي.

ٽيون ماڻهو جيڪو هڪ مفڪر آهي ۽ اهو البرٽ ڪاميو پاڻ هو تنهن پنهنجي حق ۾ دوستو وسڪي جو حوالو ڏنو آهي، جنهن چيو ته جيڪڏهن اسان ڪائنات مان خدا کي ڪڍي ڇڏيون ته اسان جو هر عمل جائز (Legitimate) هوندو، ڇو؟ ڇو جو ڪائنات ۾ برائي ۽ ڀلائي، نيڪي ۽ بدي ۾ سڃاڻ پيدا ڪرڻ يا جاچڻ لاءِ ڪو ارادو (Will)، ڪا سوچ سمجهه (Understanding)، ڪو احساس (Feeling) ئي ڪونه هوندو.

---

[1] نمبرا مارٽن هائيڊگر (پيدائش 1889ع) جرمن وجوديت جي فلسفي جي بانين مان ئي هو. هن پنهنجو فلسفو ريڪرٽ (Rickert)، جيڪو هسسرل (Hsuseral) جو مددگار (Assistant) هو، جي رهنمائيءَ ۾ ترتيب ڏنو هو. هو Being_in the World نظريي جو حامي هو. سندس فلسفي ۾ سخت مايوسي هئي ۽ سائنس جي باري ۾ جارحاڻو رويو ان جو بنيادي مضمون هو. هن نيشنل سوشلزم کي پنهنجايو هو. هن جي خيال ۾ انسان کي رڳو اخلاق ۽ تهذيب، سلڇڻائپ ۽ پاڪائيءَ ڏانهن ئي وڌڻ گهرجي.

ڪنهن گهر اندر رهندڙ فردن جي عملن جو جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو مشاهدو ڪرڻ وارو آهي ئي ڪونہ تہ اهڙي گهر ۾ رهندڙ ماڻهو چڱو يا خراب ڪم ڪري، ان سان ڪوبہ فرق نہ پوندو. جيڪڏهن ڪيس خبر پئجي وڃي تہ هن گهر ۾ ڪو ماڻهو موجود آهي، جيڪو سندس عملن کي ڏسي رهيو آهي تہ ان جي ڪردار يا رويي ۾ هڪدم تبديلي اچي ويندي ۽ هو پنهنجي عمل ۾ احتياط کان ڪم وٺندو. ائين ئي اهڙي ڪائنات ۾ ڪوبہ عمل اهميت (Significance) نٿو رکي، جيڪا ذهن، عقل يا احساس کان خالي هجي.

هاڻي سماجي سائنسدان ۽ مفڪر جي خيالن جي پاڻ ۾ ڀيٽا ڪئي وڃي تہ خبر پوندي تہ سماجي سائنسدان انهيءَ ڳالهہ تي ويساهہ رکي ٿو تہ هو پاڻ ۽ انهيءَ شهر جا سمورا ماڻهو هڪ گڏيل مسئلي کي منهن ڏئي رهيا آهن ۽ هڪ ئي شهر ۾ رهڻ لاءِ مجبور آهن. تنهن ڪري هر شخص پليگ کي ختم ڪرڻ لاءِ ذميوار آهي. انهيءَ ويا هڪ گڏيل مقصد ۽ ذميواري کي جنم ڏئي ورتو آهي.

مفڪر سماجي سائنسدان جي نقطي نظر کي رد ڪري ڇڏيو ڇو تہ هن وٽ جيڪڏهن ڪائنات احساس ۽ سمجهہ کان خالي شيءِ آهي تہ پوءِ انسان جو ڪو بہ عمل، پوءِ ڀلي اهو سنو هجي يا خراب، نہ تہ ڪائنات تي ۽ نہ ئي انسان جي تقدير تي ڪو اثر ڪري سگهي ٿو. هن وڏيڪ دليل اهو ڏنو تہ ڇا اها بيوقوفي واري ڳالهہ نہ چئبي تہ هڪ ماڻهو ٻئي جي لاءِ قرباني ڏئي؟ ڇا جي لاءِ؟ جيڪڏهن هڪ ماڻهو ٻين ماڻهن جي جان بچائيندي پنهنجي زندگيءَ تان آسرو ڪٽي ڇڏي تہ ان جي قبر تي گل ڇٽڻ يا ڪتابن ۾ ان جو ذڪر ٿي وڃڻ هڪ بي سمجهي وارو عمل آهي. انهيءَ سان مون کي ڪهڙو فائدو ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ منهنجو جسم ڳري سڙي ويندو؟ تنهن ڪري زندگي يا ان ۾ موجود شيون ڪا سمجهہ يا احساس نٿيون رکن. جيئن دوستو وسڪي چيو آهي[1]، ”هر عمل دنيا ۾ جائز ٿي ويندو.“

---

[1] فيوڊر ميخائيلووچ دوستو وسڪي (Fyodormikhailovich Dosyevisicy) 1821_1881ع هڪ روسي اديب هو جيڪو وچولي گهراڻي سان واسطو رکي پيو. هو تنقيدي حقيقت (Critical Realism) واري نظريي جي نمائندن مان هو. هو انسان دوست، عوام سان محبت ڪندڙ ۽ سماجي اڻ برابري، بي انصافي ۽ بداخلاقيءَ کان سخت نفرت ڪندڙ هو. اها ئي ڳالهہ سندس ادب جو هڪ جداگانہ خاڪو آهي. هو مارڪسزم جو نقاد، وجوديت پسند ۽ مذهبي معنوي حيثيت وارو هو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪري دوستو وسڪي چواڻي، جيڪڏهن ڪائنات عقل کان خالي آهي ۽ ان جي اندر اسان جي عملن جي چڱائي يا برائي جاچڻ يا پرکڻ لاءِ ڪوبہ معيار موجود نہ آهي تہ پوءِ اها ڳالهہ پڪي آهي تہ خدا جي جاءِ انسان پاڻ ئي والاري ڇڏيندو ۽ سندس هر فعل جائز ٿي ويندو. تنهن ڪري ڪاميو هڪ گهڙي پلڪ لاءِ بہ زندگيءَ جي اهڙي فلسفي تي ويساهہ رکي ٿو جيڪو لا يعنيت (Absurdity) جي فلسفي مان نڪتو هجي. خاص طور تي اهڙي فلسفي تي مطلب فرد جي عملن ۽ لاڳاپن جو ٻين سان ۽ ڪائنات سان پيٽڻ ۽ پرکڻ هوندو ۽ ان جو ڪاٿو ڪرڻ توڙي قربانيءَ جي اهميت جاچڻ لاءِ ڪوبہ معيار موجود نہ آهي. تنهن ڪري مادي عالمي نظريي جو نتيجو بيڪاري ۽ لا حاصليت (Futility) نڪري ٿو.

اها ڳالهہ تمام ئي ڌيان طلب آهي تہ يورپ جي ٻيهر اوسر جي ٽن سئو سالن کان پوءِ (جڏهن مذهبي نقطي نظر تي مادي نقطي نظر غلبو حاصل ڪري ورتو هو) ويهين صديءَ ۾ انهيءَ مادي نقطي نظر جي سوچ جو نتيجو سمورن فلسفين، فڪر جي سمورن مدرسن، فنن ۽ ادب ۾ لاحاصليت نڪتو آهي، جنهن جو روح لايعنيت ۽ لا حاصليت جو فلسفو آهي. انهيءَ ڳالهہ کي هڪ تمام وڏي ڏاهي هن طرح سان بيان ڪيو آهي تہ دنيا ۾ چڱائي يا برائي، خوبصورتي يا بدصورتي جي ڪابہ معني نہ آهي، پر اهو فنڪار آهي، جيڪو ڪنهن شيءِ يا فڪر کي معني ڏيندو آهي. اتي بہ مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ موجوده دور جو ڪوبہ فنڪار ڪابہ معني نٿو پيو ڏئي، ڇو جو انهيءَ جي مٿان لا يعنيت جو فلسفو غالب اچي چڪو آهي.

سموئيل بيڪٽ (Samuel Becket) جيڪو ايبسرڊ (Absurds) قبيلي سان واسطو رکي ٿو پنهنجي مشهور ناول ”Waiting for Godot“ ۾ ٻڌائي ٿو تہ ويهين صديءَ جو ٿيٽر لا حاصل آهي. لا حاصليت ڇا آهي؟ ارسطو ٻڌايو آهي تہ ٿيٽر هڪ پيغام ڏئي ٿو پر اڄ ايئن نہ آهي، ڇو جو لايعنيت تي يقين رکندڙ دانشورن وٽ ڪوبہ پيغام نہ آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اهڙي ڪائنات ۾، جيڪا ذهن ۽ عقل کان خالي آهي، انسان ڪابہ معنيٰ پريل ڳالهہ نٿو ڪري سگهي. هڪ بيگاني (Estranged) ڪائنات، جيڪا احساس کان خالي آهي، انسان جي ڪنهن بہ ڳالهہ کي ٻڌي نٿي سگهي. پوءِ جڏهن هن ڪائنات ۾ ڪا ڳالهائيندڙ هستي نہ آهي تہ پوءِ انسان

ڪنهن منطق جو ذڪر نٿو ڪري سگهي. ڇو جو اهڙي ڪائنات ۾ فرد جي ڳالهه ٻولهه معنيٰ ڀريل هجي يا بي معنيٰ، ڪوبه فرق نٿو پوي. ڇاڪاڻ ته ڪوبه ڪن ان ڪي ٻڌڻ وارو ئي ڪونهي جو ڪائنات گونگي ۽ ٻوڙي آهي.

لايعنيت وارن ٿيٽرن جو مشن هي ٿو ڇوي ته هتي ڪوبه جوهر (Substance) نه آهي. لايعنيت جي ٿيٽر ۾ ڪيترين ئي شخصيتن ڪردار ادا ڪيو. انهن مختلف ڊرامن ۾ ڪم ڪيو. پر نتيجو ڇا نڪتو؟ رڳو نفي! لايعنيت جو نتيجو پڪ سان رڳو نفي (Nothingness) آهي. ڇو؟ ڇو جو مادي عالمي نقطي نظر ۾ زندگي بي معنيٰ، فضول ۽ بيڪار شيءِ آهي. لايعنيت جي وڪالت ڪندڙ ادب، فن ۽ فلسفي جو انجام به لازمي طور رڳو نفي ۾ ئي نڪرندو آهي.

هاڻي جڏهن جو ويهين صديءَ تي لاحاصليت جو روح غالب آهي، ته يورپ ۾ ڪوبه مفڪر نظريو مرتب ڪرڻ جي جرئت نٿو ڪري. جيڪو ڪوشش ڪري ٿو ته ماڻهو ان تي ٺٺوليون ٺا ڪن. هر فلسفي، هر مفڪر يا دانشور ۽ هر فنڪار ويهين صديءَ ۾ ڪا تخليق ڪري ٿو يا سوچي ٿو، سو ضرور لايعنيت تائين ئي پهچي سگهندو. ڇو جو زندگي يا موجود معروضي حقيقت ۽ موجوده حالتون لايعنيت تي آڌاريل آهن. هن دور ۾ پيغام يا هڪ معنيٰ ڀريل ڳالهه ڪرڻ اصل ۾ موجود زندگيءَ جي فطرت ڪي بدلائي ڇڏڻ آهي. ڇو جو زندگيءَ جي پنهنجي شڪل آهي، ته اها لا يعنيت نه آهي، پر اڄ ڪلهه ان ڪي لايعنيت بڻايو ويو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو اسٽيج تي ويهي چڱي يا خراب عمل جو مظاهرو ڪري ٿو ته اهو مظاهرو حقيقي انسان جي حالت تي روشني نٿو پيو وجهي. ڇو جو هيءَ ڪائنات جيڪڏهن پنهنجي اندر ڪا معنيٰ نٿي رکي ته پوءِ هر ماڻهو بي مقصد بڻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن هڪ ريل گاڏي، جنهن ۾ مان سفر ڪري رهيو آهيان، سا جيڪڏهن ڪنهن مقرر ڪيل منزل ڏانهن نٿي وڃي ته پوءِ منهنجو ڪنهن منزل جي چونڊ ڪرڻ بيوقوفي هوندو. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي تقدير جي چونڊ ڪري سگهي ٿو ته اها ڪائنات جي منزل سان لاڳاپيل هوندي. ان ڪانسواءِ انسان جو پنهنجي منزل جي چونڊ جي معاملي ۾ ٻيو ڪوبه رستو نه آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ب) الله

## شرڪ

خدائي توحيد جي تصور تي زور ڏيڻ کان پوءِ قرآن ڪريم سڀ کان وڏيڪ ”شرڪ“ جي نظريي جي مخالفت ڪئي آهي. علامہ اقبال ٻڌايو آهي تہ توحيد جو ضد گهٽائي نہ آهي، پر شرڪ آهي. شرڪ جا بہ پاسا آهن. انهن مان هڪڙو انفرادي آهي ۽ ٻيو اجتماعي. ڊاڪٽر علي شريعتي توحيد جي سماجيات بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ، شرڪ جي سماجيات تي بہ روشني وڌي آهي. پر عام طور تي شرڪ جي مفهوم کي مذهبي ڏاهپ ايئن ئاهي ڇڏيو آهي جو جيئن مڙس جي ٻهرين زال ٻين زال يعني ٻهاج کان سڙندي آهي، تيئن خدا تعاليٰ بہ پنهنجي مقابلي ۾ آيل ٻئي هٿراڌو گهڙيل معبود کان سڙندو آهي. شرڪ جو اهو هڪ تمام ئي اڻوٽندڙ ۽ غير مهذب مفهوم آهي.

توحيد جي سماجيات هيءَ آهي تہ معاشري جي طبقاتي ورڇ کي بدلائي، انهيءَ کي غير طبقاتي بڻايو وڃي. اهو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن پيداواري وسيلا ٿورڙن فردن تي آڌاريل طبقي جي هٿن مان کسي، عوام جي ملڪيت ۾ ڏنا وڃن. جيڪڏهن پيداواري وسيلن تي هڪ خاص طبقي جي ماڻهن جو قبضو رهندو تہ معاشرو متضاد ۽ هڪبئي سان ٽڪر کائيندڙ معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويندو. اهڙي صورتحال ۾ معاشرتي هيڪڙائي قائم رهي نہ سگهندي ۽ معاشرو طبقن ۾ ورهايل رهندو.

علي شريعتي معاشري جي طبقاتي ورڇ کي شرڪ سڏي ٿو ۽ طبقاتي معاشري کي مشرڪ يا شرڪ وارو معاشرو سڏي ٿو. ٻئي پاسي غير طبقاتي معاشرو ئي توحيدي معاشرو هوندو. عالم ۽ مفسر سڳورا معاشري کي معاشي طبقن تي آڌاريل نٿا مڃن. تنهن ڪري انهن وٽ توحيد ۽ شرڪ جي ڪنهن بہ سماجيات جو تصور ئي نہ آهي.

طبقاتي معاشرو مشرڪ هئڻ جي ڪري طبقاتي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا رهي ٿو. مالڪ ۽ غلام، جاگيردار ۽ زرعي غلام، ڪارخانيدار ۽ پگهاردار ۽ مزدور غلام جي متضاد مفادن ۾ هڪ دائمي ڇڪتاڻ، جهيڙو ۽ جنگ نظر اچي ٿي. تنهن ڪري طبقاتي معاشرو سمورين اخلاقي ڇڙواڳين جو گهر تي

وجي ٿو. قرآن ڪريم انهيءَ صورتحال کي ’خوف‘ ۽ ’حُزن‘ جي اصطلاحن ۾ بيان ڪيو آهي.

انساني نسل، جڏهن زراعت واري دور ۾ طبقن ۾ ورهائجي ويو تہ قرآن انهيءَ ڳالهہ کي جنت يعني غير طبقاتي معاشري کان زميني معاشري ڏانهن ’هبوط‘ (لهي وڃڻ) سڏيو آهي. زميني معاشرو طبقاتي معاشرو آهي ۽ انهيءَ طبقاتي معاشري جي نتيجن ۾ هڪ خوف آهي، جيڪو امن جو ضد آهي ۽ ٻيو حزن جيڪو بک، بدحالِي، غربت ۽ محروميءَ جو نالو ۽ خوشحاليءَ جو ضد آهي. سورت القريش ۾ ”أَطْعَمَهُم مِّن جُوعٍ وَآمَنَهُم مِّنْ خَوْفٍ“ جي لفظن ۾ خوف ۽ حزن جي سڃاڻ موجود آهي.

انساني تهذيب جي ارتقائي تاريخ جو مطالعو ان ڳالهہ جي چٽائي ڪري ٿو تہ بک ۽ جنگ جي شروعات زراعت واري دور کان ٿي. ڇو جو زراعت واري دور ۾ اَنَ جي ذخيري سبب قيدين کي بک جي خوف کان قتل ڪرڻ بدران، انهن کي جيئرو رکي، انهن کان پوکي راهي، اڏاوت، صنعتڪاري ۽ ٻيا معاشرتي ڪم وٺڻ شروع ڪيو ويو. ان سان گڏوگڏ انهن جي معاشرتي حيثيت کي ختم ڪري، ڪين مالڪ جي ذاتي ملڪيت ۾ اچڻ وارين شين مان هڪ ”شيءِ“ جي حيثيت ڏني وئي ۽ انهن کي غلام (Slave) سڏڻ شروع ڪيو ويو. غلام کي پنهنجي محنت سان ڪمايل شين تي ملڪيت جو حق نہ رهيو. ان جو مالڪ ئي ان جي هر شيءِ جو مالڪ هو. غلام کي جيئرو رهڻ لاءِ کاڌو پيتو ۽ لٽو ڪپڙو ڏنو ويندو هو تہ جيئن هو پنهنجي محنت سان مالڪ جي دولت يا ان جي بادشاهت ۾ واڌاري جو ڪم ڏئي سگهي. تاريخ جون سموريون تهذيبون آقا ۽ غلام تي آڌاريل رهيون آهن. ايستائين جو اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت روم ۽ ايران جي غلامن تي آڌاريل فوجن هڪٻئي سان جنگ جي ڪري، سمورن واپاري رستن کي بند ڪري ڇڏيو هو. سورت القريش ۾ انهيءَ تاريخي پس منظر جو ذڪر ٿيل آهي.

اسلام کان پوءِ معاشرتي ارتقا جاگيرداري ۽ زرعي غلام جي لاڳاپن جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي جنهن جي سياسي شڪل بادشاهت جو ادارو هو. سقوط اندلس کان پوءِ مسلم معاشرو تہ زوال جو شڪار ٿي چڪو هو پر مسلمان سائنسدانن، طبيبن ۽ فلسفين جون تصنيفون جڏهن يورپ پهتيون تہ اتي عقل ۽ فڪر جا ڏيئا روشن ٿي ويا.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولهه جي معاشري مسلمانن جي ايجاد ڪيل ڪاغذ جي صنعت کي ترقي ڏني، جنهن سان تعليم ۽ علم جي عام ڦهلاءَ کي هٿي ملي. مسلمان فلسفين جيتوڻيڪ استخراجي (ڪل مان جز واري) منطق جي پيٽ ۾ استقرائي (جز مان ڪل واري) منطق کي مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سياسي ۽ تهذيبي زوال جي ڪري انهيءَ کان ڪم وٺي نه سگهيا. اهو ڪم فرانسس بيڪن ۽ جان سٽوراٽ مل ڪيو. تحقيق جي استقرائي طريقي (Method of Inductive Investigation) کي قرآن ڪريم غار حرا ۾ نازل ٿيڻ واري پهرين وحي ۾ ”علم بالقلم“ جي لفظن ۾ چٽو ڪيو آهي. پر مسلم ذهن، يونان جي قياسي ۽ بنا تجرباتي عقليت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿو رهيو. جيتوڻيڪ ”قلم“ جو مطلب ئي اهو هو ته اهو علم، جيڪو تجربي ۽ مشاهدي تي آڌاريل هجي.

اولهه وارن استقرائي طريقي جي مدد سان فطرت ۽ ان جي اهڃاڻن جو مطالعو شروع ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ مشينون ايجاد ٿيون ۽ ان جي ڪري جاگيردار ۽ زرعي غلام واري تعلق، ڪارخانيدار ۽ پگهاردار غلام جي شڪل اختيار ڪري ورتي. فرانس واري انقلاب جاگيرداري نظام کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان جي مذهبي اداري ڪيٿولڪ مسيحيت جي پاپائيت کي معاشرتي معاملن ۾ دخل ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو. ان جي بدران هنن سيڪيولرازم کي، جيڪو روشن خيالي ۽ فڪري آزادي جي ضمانت هو پنهنجائي ورتو. تنهن ڪري انساني معاشرو پنهنجي بناوت ۽ ترڪيبي جزن (contents) ۾ ته ترقي ڪري ويو پر طبقن تي آڌاريل هئڻ ڪري توحيدي معاشرو بڻجي نه سگهيو ۽ مشرڪ معاشرو ئي رهيو.

عام طور تي مذهبي پيشوا وٽ شرڪ جي سڃاڻ بت پرستي، ستاره پرستي، باهه پرستي وغيره جي تصور سان ڪئي ويندي آهي. جيتوڻيڪ قرآن ڪريم بت پرستي جي سخت مخالفت ڪئي آهي، ڇو جو اها هڪ ته قبيلن ۾ جنگين جو سبب بڻجي ٿي، جو هر قبيلي جو بت ٻئي قبيلي کان جدا هو ۽ هر قبيلو پنهنجي بت جي وڏائي ۽ عظمت جو راڳ ڳائيندو ۽ مخالف قبيلن جي بتن کي گلا ڪندو هو. اها ئي ڳالهه انهن جي وچ ۾ جنگين جو سبب بڻبي هئي. ٻيو هي ته بت پرستيءَ سان هڪ مضبوط مذهبي ٺيڪيداريءَ وارو نظام قائم هو. قبيلن جا سردار ۽ ٻئي خوشحال فرد، مذهبي

ٺيڪيدار ڪي پنهنجي مفادن جي تحفظ لاءِ استعمال ڪندا هئا. جيستائين انهيءَ مذهبي ٺيڪيداريءَ واري نظام ڪي ختم نہ ڪيو ويندو، رعايت ڏنل طبقو بہ ختم ٿي نٿو سگهي. تنهن ڪري مذهبي ٺيڪيداريءَ واري نظام جي خاتمي لاءِ بت پرستيءَ جو خاتمو ضروري هو.

اها ئي صورتحال اڄ جي توحيد پرست مذهبن ۾ بہ قائم آهي. يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام جهڙن معاشرن ۾ مذهبي پيشوائيت، پيداواري وسيلن تي قابض طبقي جي مفادن کي مذهبي لحاظ کان تحفظ ڏيڻ لاءِ پنهنجي پاڪ ڪتابن مان فتوائون آڻي ٿي. اهي جاگيردار ۽ صنعتڪار طبقا پنهنجي فائدي لاءِ، مذهبي پيشوائن ۽ انهن جي ديني تعليمي ادارن لاءِ خرچ پکو ڏين ٿا. ان جي بدلي ۾ مذهبي پيشوا عوام کي ٻڌائن ٿا تہ امير ۽ غريب الله سائين ٺاهي ٿو. انهيءَ ڪري ئي ڪارل مارڪس مذهب کي رد ڪري ماديت جي فلسفي کي پنهنجائي ورتو. ڇو جو سمورا مذهب مارڪس جي دور ۾ ۽ اڄ بہ، پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت جا حامي آهن. انهيءَ ڪري ئي اهي رعايت ڏنل طبقي جي مفادن جو تحفظ ڪرڻ پنهنجو ديني فرض سمجهن ٿا.

بت پرستي ۽ غير الله پرستي کانسوا قرآن ڪريم شرڪ جي هڪ ٻئي شڪل ”نفس پرستي“ بہ سمجهائي آهي. ايئن سورت الفرقان ۾ آهي: ”أَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ“ ((ڇا) ڏٺو تو ان کي جنهن پنهنجي نفس جي خواهش کي پنهنجو معبود بڻائي ورتو) عالم ۽ مفسر هن آيت سڀوري جي تشريح ۾ رعايت ڏنل ۽ پيداواري وسيلن تي قابض طبقي ۽ محنت ڪندڙ عوام کي هڪ ئي سطح تي رکي، انهن کي پنهنجي خواهشن جو معبود بڻائي، انهن جي پوڄا جو ذميوار بڻائي ڇڏن ٿا.

هن آيت سڀوريءَ خواهش کي معبود جي حيثيت ۾ پوڄا ڪرڻ جو سبب ٻڌايو آهي تہ اهي ماڻهو آخرت ۽ عملن جي جزا ۽ سزا جا قائل نہ آهن. هتي لاڳاپيل آيت جو رڳو ترجمو ڏنو پيو وڃي:

1. پوءِ ڇا تو ڪڏهن انهيءَ ماڻهوءَ جي حال تي غور ڪيو جنهن پنهنجي خواهش کي پنهنجو خدا بڻائي ورتو ۽ ڪيس علم جي باوجود گمراهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ ان جي دل ۽ ڪنن تي ٺپو هڻي ڇڏيو ۽ ان کي اکين تي پردو وجهي ڇڏيو؟ الله کان پوءِ هاڻي ڪير آهي جيڪو ان کي هدايت ڏئي؟ ڇا توهان ڪو سبق نٿا سکو؟

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. هي ماڻهو چون ٿا ته ”زندگي رڳو هيءَ اسان جي دنيا واري زندگي آهي. هتي ئي اسان جو مرڻ ۽ جيئڻ آهي ۽ ڏينهن جي ڦيري کانسواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه آهي جيڪا اسان کي تباهه ڪري ٿي.“ حقيقت ۾ هن باري ۾ انهن وٽ ڪا ڄاڻ ئي نه آهي. اهي رڳو گمان جي بنياد تي اهي ڳالهيون ڪندا آهن ۽ جڏهن انهن کي اسان جون چٽيون آيتون پڙهي ٻڌايون وينديون آهن ته انهن وٽ ان کانسواءِ ٻي ڪا به حجت نه هوندي آهي ته اسان جي ابن ڏاڏن کي قبرن مان ڪڍي آڻيو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. اي نبي ﷺ، انهن کي چئو ته الله ئي توهان کي زندگي ڏئي ٿو پوءِ اهو ئي توهان کي موت ڏئي ٿو پوءِ اهو ئي توهان کي قيامت جي ان ڏينهن گڏ ڪندو جنهن جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ نه آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن. زمين ۽ آسمان جي بادشاهي الله جي ئي آهي ۽ جڏهن قيامت جي گهڙي اچي پڄندي ان ڏينهن باطل جا پوڄاري نقصان ۾ پئجي ويندا.

هاڻي انهن آيتن سڀورين تي وري وري غور ڪريو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ته اهي ڪير ماڻهو آهن، جن پنهنجي خواهشن کي خدا بڻائي ورتو آهي. اهي ڪير ماڻهو آهن جن قيامت جي ڏينهن عملن جي جزا ۽ سزا جو انڪار ڪري ڇڏيو آهي. مولانا مودودي ٻڌائي ٿو ته اهو انڪار نظرياتي به آهي ۽ عملي به. اهو انڪار انهن جي لاءِ ڪيئن فائديمند ٿي سگهي ٿو؟ قرآن ڪريم کي ان جي تاريخي پسمنظر کان هٽي ڪري سمجهڻ جي ڪوشش جو نتيجو اهو ئي نڪري ٿو ته مفسر تمام ئي تنگ نظر بڻجي وڃي ٿو ۽ هو رڳو پنهنجي ماحول جي اوسي پاسي جي حالتن سان واسطو رکي ٿو ۽ انهن جي ئي روشنيءَ ۾ قرآن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جڏهن ته قرآن ڪريم جو تاريخي پس منظر، ان جي نزول کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هزار سال اڳ واري دور تي پکڙيل آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪيترين ئي تهذيبون اڀريون ۽ فنا به ٿي ويون. ڌرتي جي گولي تي موجود هر علائقي ۾ نبي سڀورا آيا، پر چند مذهبن کانسواءِ جيڪي اڄ تائين قائم آهن، سمورا تاريخ جي ڌوڙ ۾ گم ٿي ويا. معاشرو معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو جنهن ۾ واڳ ڌڻين ۽ مال ۽ دولت جي مالڪ طبقن پنهنجي رياست سرحدن، پنهنجي مال دولت ۽ غلامن جي تعداد ۾ واڌاري لاءِ اڻ ڳڻيون جنگيون

وڙهيون. غلامن تي وڏا ظلم ڪيا ويا. انسانن جي وچ ۾ نفرت جو ٻج پوکيو ۽ انهيءَ اقتدار ۽ مال دولت جي وسيلن تي قابض طبقي پنهنجي عيش آرام، ظلم ۽ ڏاڍ جو جواب ڏيڻ جي خوف کان آخرت واري زندگيءَ جو ئي انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ان کي پنهنجي ذهن مان ئي ڪڍي ڇڏيو.

انهن رعايت ڏنل ۽ واڳ ڏٽي قوتن انسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واري وات کان هٽائي، اڻواقفيت (Self Alienation) جي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو. ان جي نتيجي ۾ هو اها ڳالهه وساري وينو ته هو ڪٿان آيو آهي ۽ ڪيس ڪٿي وڃڻو آهي؟ ڪائنات ۾ سندس ڪهڙو مقام ۽ مرتبو آهي؟ ۽ پيدائش کان وٺي موت تائين جي وچ واري عرصي ۾ ان جون ڪهڙيون ذميداريون آهن؟ ڪيس ڇا ڪرڻو آهي؟ ۽ ڇا نه ڪرڻو آهي؟

تاريخ جي آئيني ۾ اهو سمجهي سگهجي ٿو ته "غلام"، جنهن جي ڪابه حيثيت نه هئي، جنهن جو معاشري ۾ تمام ئي گهٽ درجو هو، جنهن جي محنت جو ڏاڍ سان استحصال ڪيو ويندو هو ۽ بقول امام شاهه ولي الله جي ته هو پنهنجي غربت ۽ علم کان بي خبر هئڻ ڪري انساني سطح کان به هيٺ ڪري، هڪ وکر (Thing) بڻجي چڪو هو ۽ عملي طور هو گڏهه گابي جي سطح تي اچي پهتو هو. پوءِ اهو ئي غلام جاگيرداري دور ۾ زرعي غلام بڻجي ويو ۽ مشين جي ايجاد کان پوءِ پگهاردار غلام بڻجي ويو. جڏهن ته غلاميءَ جي ڪري ان جي غير انساني حيثيت ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيو.

اها ڳالهه ڌيان طلب آهي ته اهڙي بي وس ۽ پنهنجي محنت وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ واري ماڻهوءَ جون ڪهڙيون خواهشون ٿي سگهن ٿيون؟ ڇا هو پڪڙيل بادشاهت، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان اوچي مرتبي، اوچي ۽ شاندار محلات جي حصول جا خواب ڏسي سگهي پيو؟ انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ته اهو غلام ڪهڙي ڳالهه جي خواهش ڪري سگهي پيو ۽ اڄ به ڪري سگهي ٿو، فرانس جي هڪ اديب جي افساني جو مطالعو گهڻو فائديمند رهندو. انهيءَ افساني جو عنوان هو: "۽ اهو چپ رهيو". اها هڪ اهڙي مزدور جي ڪهاڻي آهي جيڪو سدائين چپ رهندو هو. هو پاڻ سان ٿيندڙ ڪنهن به زيادتيءَ جو جواب نه ڏيندو هو. ڇو جو ان ۾ ايتري سگهه ئي نه هئي. پوءِ جڏهن انهيءَ ئي حالت ۾ هو مري ويو ته الله تعاليٰ پنهنجي ملائڪ کي چيو ته هي ٻانهو تمام ئي نيڪ هو، ڪيس ڇيئو ته تنهنجي ڪهڙي خواهش

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي؟ ملائڪ جڏهن ان ڪان انهيءَ باري ۾ پڇيو تہ هو چپ رهيو ايتري تائين جو جڏهن ٽئين دفعي سان ملائڪ ڪڙڪيدار آواز ۾ ڪائنس اهو سوال ڪيو تہ هن وڏي مشڪل سان ايترو چيو: ”هڪ گرم گرم ڊبل روٽي ۽ مکڻ!“ هڪ غريب مزدور جي اها ئي وڏي خواهش هئي، جنهن کي فرانس جو طبقاتي ۽ جاگيردار معاشرو پورو نہ ڪري سگهيو.

اڄ بہ هڪ مزدور جي سڀ کان وڏي خواهش اها ئي هوندي آهي تہ وٽس مٿو لڪائڻ لاءِ اجهو ايترا پئسا جنهن سان هو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهي ۽ ٻُت ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو هجي. پر هن دور جو ترقي يافتہ معاشرو بہ ان کي اهي شيون مهيا ڪري نٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو فرق پيو آهي تہ مارڪس جي معاشي ۽ معاشرتي تحقيقن جي نتيجي ۾ اپرنڊڙ سماجيات سبب دولتمندن هڪ فلاحي مملڪت انهيءَ لاءِ ٺاهي آهي تہ ”ٻڏندڙ ٻيڙيءَ جون هريڙون بہ پليون“ وارو پهاڪو انهن لاءِ ورجايو نہ وڃي. فلاحي مملڪت سماجي انقلاب کي روڪي ڇڏيو يا ان کي ڍرو ڪري ڇڏيو.

سموري قرآن جو مطالعو ڪريو، توهان کي خوشحال ۽ اقتدار طبقي تي تنقيد (جنهن کي مترفين (عيش آرام ۾ پليل)، مستڪبرين (آڪڙ ۽ وڏائي ڪندڙ) ۽ ملاء (رئيس ۽ سردار) سڏيو ويو آهي) ۽ انهن طرفان محروم ڪيل ۽ غريب طبقي تي ٿيل ڏاڍ ۽ انهن جي نتيجن ڪانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ نہ ڪئي وئي آهي. قرآن ڪريم سورت العصر ۾ تاريخ جو صاف ۽ چٽو طبقاتي تصور پيش ڪيو آهي. پر دنيا جي مذهبن ۽ اسلام جي مذهبي پيشوائيت خسران، ايمان بالله ۽ صالح عملن جي سماجي معنيٰ تي پردو وجهي ڇڏيو. انهن کي منجائي ڇڏيو ۽ معاشرتي حقيقت کان جدا ڪري ڇڏيو. انهن اصطلاحن جي طبقاتي نوعيت تي بہ پردو وجهي ڇڏيو ۽ ماڻهن کي ٻڌايو تہ تاريخ کي بادشاهہ، سردار ۽ ٻئي طاقتور طبقا جوڙيندا آهن. انهيءَ عمل ۾ مزدور، محروم ۽ اڻ ڄاڻ طبقي جو ڪو بہ عمل دخل نہ هوندو آهي.

قرآن ڪريم انهيءَ اقتداري ۽ دولتمند طبقي تي تنقيد ڪئي آهي جنهن جا بہ چار نمونا پيش ڪجن ٿا. سورت هود جي آيت نمبر 116 ۾ آهي تہ عيش آرام ۾ پليل ماڻهوئي قومن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيا:

” پوءِ اوهان کان اڳ اڳين صدين وارن مان (گهٽا) سمجهہ پريا
چونہ ٿيا جو (ماڻهن کي) ملڪ ۾ فساد (وجهڻ) کان جهلين ها پر

ڪي ٿورڙا ٿيا جن کي منجهائن بچايوسون. ۽ جيڪي ظالم هوا سي جنهن (مال) ۾ آسودا ڪيا ويا تنهنجي پٺيان لڳا ۽ اُهي ڏوهاري هوا. “

سورت بني اسرائيل جي آيت 16-17 ۾ آهي ته قومن جي تباهي عيش آرام ۾ پليلن جي عملن جو نتيجو آهي:

”۽ اسين جڏهن ڪنهن ڳوٺ کي ناس ڪرڻ گهرندا آهيون (تڏهن) انهن مان آسودن کي (پيغمبر جي معرفت پنهنجي عبادت جو) حُڪم ڪندا آهيون پوءِ منجهس نافرماني ڪندا آهن تنهنڪري مٿن عذاب لازم ٿيندو آهي پوءِ پاڙ پٽڻ طرح ان جي پاڙ پٽيندا آهيون. ۽ ڪيترائي جُڳ نُوح ؑ کان پوءِ ناس ڪياسون. ۽ تنهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن جي گناهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ ڪافي آهي. “

سورت السبا جي آيت نمبر 34 ۾ آهي ته سمورن نبين کي انهيءَ عيش آرام ۾ پليل طبقي ئي ستايو ۽ اهوئي طبقو سندن تعليم جي ميدان ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻيو رهيو.

”۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه موڪليوسون مگر اُن جي آسودن (ماڻهن) چيو ته بيشڪ جنهن شيءِ سان اوهين موڪليا ويا آهيو (تنهنکي) اسين نه مڃيندڙ آهيون.“ انهن سدائين اهو ئي چيو ته ”اسان وٽ توهان کان وڌيڪ مال ۽ دولت آهي ۽ اسان کي ڪڏهن به پنهنجي ڪئي جي سزا نه ملندي“.

سورت الانبياء جي آيت 11-15 ۾ آهي ته قوم جي تباهيءَ جو ڪارڻ اهو ئي عيش آرام ۾ پليل طبقو رهيو آهي.

”۽ ڪيترائي ڳوٺ جو اُهي ظالم هوا ويران ڪياسون ۽ ڪانئن پوءِ ٻيون قومون پيدا ڪيون سون. پوءِ جنهن دم اسان جو عذاب سهي ڪيائون (تنهن دم) اُمالڪ اُتاهون اُٿي ڀڳا ٿي. (چيوسون ته) نه ڀڄو ۽ جن (نعمتن) ۾ آسودا هُيؤ اُنهن ڏانهن ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽو ته مانَ اوهان کان پڇيو وڃي. چوندا رهيا ته اسان لاءِ خرابي آهي بيشڪ اسين ظالم هئاسون. پوءِ سدائين سندن اهو پڪارڻ هو تانجو ڪين لڻيل (۽) وسانيل ڪيوسون. “



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورت الواقعہ جي آيت نمبر 41_46 ۾ آهي تہ عيش آرام ۾ پليل ماڻهو دوزخ ۾ داخل ٿيندا:

> ”۽ ڪبي پاسي وارا، ڪبي پاسي وارا ڪهڙا بدحال هوندا. ڪوسي جهولي ۽ ٽتي پاڻيءَ ۾ هوندا. ۽ ڪاري دونهين جي پاڇي ۾ هوندا. جو نڪي ٿڌو هوندو ۽ نڪي سهائيندڙ. بيشڪ اُهي هن کان اڳ (دُنيا ۾) عيش آرام ۾ پيل هوا. ۽ وڏي گناهہ (شرڪ) تي ضد ڪندا هئا.“

اهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪيتريون ئي آيتون آهن جن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ آسودو (مترفين ۽ الملاء) طبقو ئي قومن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻيو ۽ انهن جي سزا دوزخ ۾ داخل ڪرڻ ٻڌائي وئي آهي.

هاڻي سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ ماڻهو دولتمند آخر ڪيئن ٿيندو آهي؟ دولت آسمان مان تہ نہ ڪرندي آهي. اها انسانن جي وچ ۾ معاشي لاڳاپن جي وسيلي پيدا ٿيندي آهي. انهن معاشي لاڳاپن جي نوعيت ڪهڙي آهي؟ قرآن ڪريم ان لاءِ جيڪو تاريخ جو فلسفو ڏئي ٿو، تنهن ۾ دنياوي زندگيءَ ڪي زراعت واري دور سان تعبير ڪيو ويو آهي جنهن جو دليل هابيل ۽ قابيل جو قصو آهي. هابيل قربان گاهہ ۾ ڏاچي يا ٻيو ڪو جانور ڪاهي آيو جيڪو شڪار واري دور جو اهڃاڻ هو. جڏهن تہ قابيل اَنَ جا ڪٽا ڪٽي آيو جيڪو زراعت واري دور جو نشان هو. هابيل جو قتل شڪار واري دور جو خاتمو هو. قابيل کان جيڪو دور شروع ٿيو، تنهن ۾ الله تعاليٰ جي نافرماني، ٻئي جي مال کي ناحق سان ڦرڻ ۽ ان لاءِ قتل ۽ خون خرابي کي ڪم ۾ آڻڻ هو. زراعت واري دور ۾ ئي غلاميءَ جو ادارو قائم ٿي ويو هو ۽ سموري تاريخ آقا، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار طرفان غلام، زرعي غلام (هاري) ۽ پگهاردار غلام (مزدور) جي محنت جي ڏاڍائيءَ سان استحصال، انهن تي سخت ظلم ۽ انهن کي غير انساني حالتن ۾ گرفتار ڪرڻ جي ڪري رتو رت نظر اچي ٿي. انهيءَ موضوع تي مون پنهنجي ٻن ڪتابن ”بيگانگی کا فلسفہ اور قرآن مجید“ ۽ ”انقلاب مکہ اور فہم قرآن کے جدید مناہج“ ۾ تمام ئي تفصيل سان روشني وڌي آهي. اهو تجزيو ٻڌائي ٿو تہ دولت جي گهٽ وڌ ۽ اڻ برابريءَ واري ورچ الله تعاليٰ جي مرضيءَ ۾ شامل نہ آهي، جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي جوڙيل ”معاشي قانون“ ئي انهيءَ ۾ ڪم ڪن ٿا.

علامہ اقبال انهيءَ موضوع تي روشني وجهندي ذڪر ڪيو آهي تہ جڏهن هو ”فلڪ مريخ“ جي شهر ”مرغدين“ ۾ پهتو تہ اتي هڪ اهڙو معاشرو ڏٺو جنهن ۾ نہ ڪو حاڪم هو ۽ نہ ڪا رعيت، نہ آجر هو ۽ نہ ئي مزدور. اقبال انهيءَ شهر جي سربراه کان پڇيو تہ اهو معاشرتي نظام تہ غير فطري آهي. فطري نظام ۾ تہ اهڙي برابري نہ هوندي آهي. تہ هن ٻڌايو تہ معيشت ۽ معاشرت جا مختلف نظام الله تعاليٰ جون تقديرون آهن. جيڪڏهن هڪ تقدير (يعني معاشي نظام) توکي صحيح نٿو ڏسڻ ۾ اچي تہ ٻئي تقدير کي پنهنجاءِ. حڪيم مريخي چيو:

کس دریں جا سائل و محروم نیست — عبد و مولا حاکم و محکوم نیست

هتي نہ گهرڻ وارو نہ فقير آهي ۽ نہ ئي محروم يا بي سهارو آهي........ نہ هتي آقا ۽ غلام آهي ۽ نہ حاڪم ۽ محڪوم آهي.

زنده رود جواب ڏنو:

سائل و محروم تقدیر حق است — حاکم و محکوم تقدیر حق است

گهرڻ وارو ۽ محروم نادار الله جي تقدير آهي..... اهڙي طرح حاڪم ۽ محڪوم بہ الله جي تقدير آهي.

جز خدا کس خالق تقدیر نیست — چارہ تقدیر از تدبیر نیست

خدا تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ تقدير ٺاهڻ وارو نہ آهي..... تقدير تدبير سان نٿي ٽهي.

هاڻي حڪيم مريخي جواب ڏئي ٿو:

گر زیک تقدیر خوں گردد جگر — خواہ از حق حکم تقدیر دگر

جيڪڏهن هڪ تقدير سان مون کي تڪليف پهتي ۽ تباهي اچي ٿي..... تہ حق تعاليٰ وٽان ٻي تقدير جي گهر ڪر.

تو اگر تقدیر نو خواہی رواست — زانکہ تقدیرات حق لا انتہاست

تون جيڪڏهن نئين تقدير گهرين ٿو تہ اهو جائز آهي..... ڇو جو الله تعاليٰ وٽ بيشمار تقديرون آهن.

ارضیاں نقد خودی در باختند — نکتہ تقدیر را نشاختند

زمين جي رهاڪن خودي جي دولت کي لٽائي ڇڏيو....... تقدير جي مطلب کي سمجهي نہ سگهيا.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمز باریکش بجیر مضمر است　　　　تو اگر دیگر شوی او دیگر است

لفظ ۾ لڪيل هڪ نازڪ اشارو هي آهي تہ ......... جيڪڏهن تون بدلجي وڃين تہ تقدير بہ بدلجي وڃي ٿي.

خاک شو نذر ہوا سازد ترا　　　　سنگ شو بر شیشہ انداز د ترا

مثال طور جيڪڏهن تون خاڪ بڻجي وڃين تہ هوا توکي اڏائي کڻي ويندي..... جيڪڏهن تون پٿر بڻجي وڃين تہ تون شيشي کي ٽوڙي سگهين ٿو.

شبنمی؟ افتد گی تقدیر تست　　　　قلزمی؟ پائیند گی تقدیر تست

جيڪڏهن تون ماڪ بڻجي وڃين تہ سج جي گرمي توکي اڏائي ڇڏيندي.......... جيڪڏهن تون دريا قلزم بڻجي ويندين تہ تنهنجي تقدير کي ڪير بہ بدلائي نہ سگهندو.

ان کان پوءِ حڪيم مريخي چيو:

اصل دیں این است اگر اے بے خبر　　　　می شود محتاج از و محتاج تر

اي بيخبر، جيڪڏهن تنهنجي دين جي حقيقت اها ئي آهي...... تہ تقدير جي محتاج پابندي کي وڌيڪ محتاج ڪري ڇڏ.

سحر و افسوں است یا دین است ایں　　حب افیوں است یا دین است ایں

هي دين (جيڪو تقدير جي پابندي سيکاري ٿو) جادو جي حيثيت رکي ٿو..... هي دين آفيم آهي يا دين آهي؟ جو جو اهو توکي ننڊ ڏئي ڇڏي ٿو.

علامہ اقبال هنن شعرن ۾ اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ دين کي پسند ڪندڙ فردن يا عالمن جو هي چوڻ تہ امير غريب سڀ الله تعاليٰ تو ناهي ۽ اها انسانن جي تقدير آهي، جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي، تہ اهڙو دين آفيم جي حيثيت رکي ٿو جيڪو انسانن کي اگهور ننڊ ۾ سمهاري ڇڏي ٿو جو هو ڪيس تباهہ ڪندڙ تقدير کي بدلائي نٿو سگهي.

گذريل ڏهہ هزار سالن کان بہ وڌيڪ عرصي جو تجربو جڏهن کان معاشرو حاڪم ۽ محڪوم، آقا ۽ غلام ۽ آجر ۽ مزدور ۾ ورهيجي ويو آهي، ٻڌائي ٿو تہ انسان جي سموري تباهي اخلاقي پستي، جنگ جهيڙي، عصمت فروشي ۽ محنت جي جبري استحصال جو ڪارڻ اهو ئي طبقاتي معيشت وارو نظام رهيو آهي. قرآن ٻڌايو آهي تہ الله تعاليٰ انسان کي سڀ کان پلي

صورت ۾ پيدا ڪيو هو پر هو پنهنجي معاشرتي طبقاتي ورڇ جي ڪري ”اسفل السافلين“ ۾ ڪري پيو آهي. هڪ پاسي دولت جي جهجهائي عيش پسندي، ظلم ۽ ڏاڍ کي جنم ڏنو آهي ته ٻئي پاسي بک ۽ بدحالي، جهالت ۽ مجبور وفاداري پير ڄمائي ورتا آهن. تنهن ڪري اقبال فرمائي ٿو انهيءَ تقدير جي بند کي ٽوڙي اهڙو معاشرو قائم ڪريو جنهن ۾ متضاد معاشي طبقا موجود نه هجن. جنهن ۾ انسان تقدير جي هٿان رانديڪو نه بڻجي سگهي، پر انهيءَ تي ڪنٽرول ۾ آڻي پنهنجي مرضي موجب بدلائڻ جي سگهه رکندو هجي.

مذهبي ڏاهپ توحيد ۽ شرڪ جي ڪابه سماجيات نه ٻڌائي سگهي ۽ رڳو لفظن سان کيڏندي رهي. سورت الجاثيه جي ذڪر ڪيل آيتن ۾ رعايتون ڏنل طبقي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي، جنهن پنهنجي نفساني خواهشن کي پنهنجو خدا بڻائي، عيش واري زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ ظلم ۽ ڏاڍ سان محنت ڪندڙ ۽ پنتي پيل طبقي جي محنت جي استحصال کي جائز ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ حقيقت کي ڏسندي ڊاڪٽر علي شريعتي غير طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشرو ۽ طبقاتي معاشري کي مشرڪ يا شرڪ ۾ ڦاٿل معاشرو سڏيو آهي.

سورت الجاثيه جي انهن ذڪر ڪيل آيتن تي وڌيڪ روشني وجهڻ لاءِ مقدس گيتا جون ڪجهه آيتون ڏنيون وڃن ٿيون، جن سان هيءَ حقيقت سامهون اچي وڃي ٿي ته سمورن پاڪ ڪتابن جي بنيادي تعليم ساڳي ئي آهي. هي اقتباس گيتا جي ادياءِ (باب) 16 ۽ 7 کان 20 نمبر آيت تائين جو آهي. اردو ترجمو خواجه دل محمد جو آهي جنهن کي گيتا مشن مستند سڏيو آهي:

- ملائڪن جو تفصيلي حال احوال ٻڌي ڇڏيو هاڻي انهن جو حال ٻڌو جيڪي شيطان آهن.
- اهي ٻجڙائين جا پتلا آهن جن کي اها به سڃاڻ نه آهي ته ڇا ڪجي ۽ ڇا نه ڪجي.
- انهن جي اندر نه سچائي آهي ۽ نه پاڪيزگي، هنن جي چالت چلت تهذيب کان ڪريل آهي.
- اهي چون ٿا ته هيءَ دنيا بيڪار آهي، نه ان جو ڪو مقصد آهي ۽ نه ان

جو پالڻهار.

- مردن ۽ عورتن جو گڏجي مستيون ڪرڻ ئي سڀ ڪجهہ آهي.
- انهن جي خيالن ۾ جيڪي بدڪار انسان آهن، سي خوني، بي روح ۽ گهٽيا سوچ وارا آهن.
- دنيا ۾ دشمن بڻجي ايندا رهيا ۽ دنيا ۾ تباهي مچائيندا رهيا
- وڏائي، ڏيکاءُ ۽ ناهہ توهہ انهن جو ڪم آهي، انهن هوس جي غلامن کي ڪو سڪون نہ آهي.
- اهي بچڙن خيالن جي دوکي ۾ اچي بچڙا ڪم بہ زور شور سان ڪن ٿا.
- رات ڏينهن اڻ ڳڻيون پريشانيون انهن کي وڪوڙي ويون آهن، جن مان ڇوٽڪارو کين مرڻ کان پوءِ ئي ملي سگهي ٿو.
- انهن جو مقصد رڳو دنيا جي هوس ۽ عيش عشرت جو سامان گڏ ڪرڻ ئي آهي.
- اهي اجايون اميدون رکيو ويٺا آهن، جڏهن تہ اهي ڪاوڙ ۽ شهوت جي ڦاهيءَ تي ٽنگيل آهن.
- اهي گناهہ واري طريقي تي دولت ڪمائن ٿا ۽ ان کي عيش عشرت تي خرچ ڪريو ڇڏن.
- هو هر وقت گهٽي کان گهٽو حاصل ڪرڻ جي فڪر ۾ لڳل هوندا آهن.
- هو دنيا جي ڌن دولت کي پنهنجو ۽ پاڻ وٽ هميشہ رهڻ وارو سمجهي رهيا آهن.
- مان هڪڙي دشمن کي ختم ڪيو آهي ۽ ٻين سيني کي پڻ نابود ڪري ڇڏيندس.
- مان هڪ سگهارو حاڪم، وڏي جلال وارو بي فڪر بادشاهہ آهيان.
- مان وڏي مال دولت واري ۽ شريف گهراڻي وارو آهيان جو ڪو بہ منهنجو مقابلو نٿو ڪري سگهي.
- ’مان هن دنيا ۾ مزا ۽ پلايون ماڻيندس‘ انهيءَ ئي خوشفهمي ۾ هو دوکو کائي ويو آهي.
- هميشہ خيالن جي ڪوڙڪي ۾ جڪڙيل ۽ وهمن جي جار ۾ ڦاٿل

رهيو.

- اهي عيش عشرت ۾ بيخبر رهن ٿا ۽ نتيجي ۾ دوزخ ۾ پهچن ٿا.
- ريتن رسمن جي قيد ۾ جيڪڏهن ڪا عبادت ڪن ٿا ته به ڏيکاءَ لاءِ.
- بي ادبي، حسد ۽ آڪڙ انهن جو شيوو آهي ۽ جواني جي نشي ۾ چور ٿيل آهن.
- مان پاڻ انهن مان آهيان يا ڌاريو آهيان، انهن وٽان دشمني ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه پلئه نٿو پوي.
- اهي ماڻهو ساڙسڙيا، ڪميڻا، بي وفا، ذليل ۽ خوني آهن.
- مان انهن کي ذليل ڪري نه ڪيندس، پر شيطانن جي پيٽ حوالي ڪندس.
- شيطانن جي پيٽ ۾ رهندي، اهي پٽڪيل رهندل مون تائين پهچي نه سگهندا.

هي ارجن وري وري پيدا ٿيندا رهندا ۽ اُهي ناڪام ٿيندا رهندا.

مقدس گيتا جي انهن آيتن ۾ دهريت پسند، عياش، مالدار ظالم حڪمران ۽ مذهب کي پنهنجي خواهشن ۽ پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪرڻ وارن، ڏيکاءُ ڪندڙ فردن جي فڪر ۽ ڪردار تي روشني وڌي وئي آهي. واڳ ڌڻين ۽ استحصال پسندن جو اِهو ئي اُهو طبقو آهي، جن جا فرد سموري انساني تاريخ ۾ نبين سڳورن ۽ انهن جي سچي پيروڪارن ۽ انهن جي پاڪيزه مقصد جي مخالفت ڪندا رهيا آهن. انهن کي ستائيندا، ايذائيندا ۽ قتل ڪندا رهيا آهن. اهي ئي واڳ ڌڻي ۽ آسودن ماڻهن جو طبقو ۽ ان جا رڪن دنياوي زندگي کي جنت واري زندگي يعني طبقاتي معاشري کي غير طبقاتي معاشري ۾ تبديل ٿيڻ واري وات ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل رهيا آهن ۽ اڄ به آهن. علامه اقبال ڪرشن کي هندو معاشري ۾ عمل (نشڪاما ڪرما) جي احياءَ جو مجدد سڏيو آهي.

اصل ۾ دنيا جي مذهبن ۽ اسلام جي مذهبي پيشوائيت، رعايت ڏنل طبقي جي مفادن جي حفاظت لاءِ، جنهن ۾ انهن جو پنهنجو فائدو به شامل هو سمورن پاڪ ڪتابن جي انهيءَ تعليم کي، جيڪا واڳ ڌڻين ۽ مالدار طبقي مٿان تنقيد تي آڌاريل هئي، عوام کان لڪائي رکيو. پاڪ ڪتابن جي اصطلاحن کي اهڙي معنيٰ ڏئي ڇڏي جيڪا علامه اقبال جي ”خود نخچیر کے دل میں


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوپيدا ذوق نخچير“ (پاڻ تہ شڪار ٿيل هجي، پر دل ۾ شڪار جو شوق پيدا ٿي پوي) سان ٺهڪي اچي ٿي.

نبين کان پوءِ انساني تاريخ ۾ جرمني جو درويش صفت انقلابي فلسفي ڪارل مارڪس اڪيلو ماڻهو آهي، جنهن معاشري جي طبقاتي ورڇ تي روشني وڌي ۽ رعايت ڏنل طبقي ۽ ان جي ظلم پسند، عيش عشرت ۽ ڏيکاءَ تي آڌاريل ڪردار کي وائکو ڪيو آهي. مذهب کي رد ڪرڻ جي مارڪس کان جيڪا غلطي ٿي، ان جو ازالو اقبال ۽ علي شريعتي مذهب جي انقلابي تعليم تان پردو کڻي ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ مذهب جو مقصد طبقاتي معاشري کي لاطبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ هو. انهيءَ مقصد جي پورائي لاءِ ڌرتيءَ جي هر علائقي ۾ نبي سڳورا ايندا رهيا. پر هر دفعي مذهبي پيشوائيت رعايت ڏنل طبقي سان گڏجي، نبين جي انقلابي تعليم کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ايئن مذهب کي تقدير پسندي جي نصيحت وارو مسلڪ بڻائي، آفيم وانگر ٺاهي ڇڏيو جنهن جي اثر سان هزارين سالن کان مزدور، غلام، شودر ۽ پنتي پيل طبقا ستل رهيا ۽ اڄ بہ ستل ئي آهن. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ مارڪس جي سائنسي تحقيق تي آڌاريل، سماجي تجزين جي روشنيءَ ۾ مذهب جي تاريخ ۽ پاڪ ڪتابن جو نئين طرح سان مطالعو ڪيو وڃي. ڏاڍ جي زور تي حڪمراني ڪندڙ ۽ رعايت ڏنل طبقي کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪيو وڃي. اهو ڪمماديت جي فلسفي ۽ دهريت سان نہ ٿي سگهيو. پر مارڪسزم جي نئين دور ۾ اهو ڪم مذهب کي، ان جي صحيح تاريخي حيثيت ۾ پيش ڪرڻ سان پورو ٿي سگهندو.

## مهاتما ٻڌ جي تعليم

مهاتما ٻڌ زندگيءَ جي حقيقت کي ڏک ڏوجهرا ۽ ڳڻتي پريشاني ٻڌايو آهي. هن فرمايو تہ حواس ۽ نفساني خواهشون پاڻ ۾ جڏهن ملن ٿيون تہ اميدن جي باهہ ڀڙڪائن ٿيون، جنهن مان لالچ ۽ شهوت جا ڀنڀٽ ڀڙڪي پون ٿا. انهن جي ڪري انسان وهمي ڳالهين ۽ خيالن جو شڪار ٿي وڃي ٿو ۽ وهمن گمانن سان ئي محبت ڪرڻ لڳي ٿو. اها غلط فهمي ڪيس پاڪ ۽ اوچن خيالن ۽ ڪيفيتن جي اوچن مشاهدن کان روڪي ٿي. ايئن انسان حق واري دعوت کي قبولڻ کان رڪجي ويندو آهي. اها ئي ان جي بيوقوفي آهي، جنهن

شهوت ۽ ٻين ننڍڙين خواهشن جي ڇڪتاڻ سان دنيا کي پيري ڇڏيو آهي. اها ئي بيوقوفي ڪاوڙ ۽ ڪيني کي پيدا ڪندي آهي، جن سان پڻ دنيا ۾ فساد ۽ خون خرابو پيدا ٿيندو آهي.

جيئن ته هر نتيجي جو ڪو نه ڪو سبب هوندو آهي، پوءِ اڳتي هلي اهو ساڳيو ئي نتيجو ٻئي ڪنهن نتيجي جو سبب بڻجي ويندو آهي. تنهن ڪري جيستائين عمل جو سلسلو جاري آهي، زندگي ايئن ئي ڏکن ۽ ڏولاون سان ڀريل رهندي. عمل جو مطلب هتي مادي شين ڏانهن رغبت. نفساني خواهشن جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۽ مادي زندگيءَ جي گهرجن کي پورو ڪرڻ لاءِ ڪوشش آهي. اهو سڀ ڪجهه جهالت يعني انهيءَ حقيقت کان اڻ ڄاڻائيءَ جو نالو نتيجو آهي، ته انسان کي خبر نه آهي ته هو ڪٿان ڪان آيو آهي ۽ ڪيس ڪٿي وڃڻو آهي. پوءِ جيستائين جهالت موجود آهي، عمل به لازمي آهي.

انهيءَ صورتحال کان ڇوٽڪارو عالمگير ۽ دائمي محبت، خود غرضي جي خاتمي، مادي ۽ نفساني خواهشن ۽ رغبت جي خاتمي سان ئي ملي سگهي ٿي. انهن نفساني ۽ مادي خواهشن مان ڇوٽڪارو پختي ارادي سان ئي ملي سگهي ٿو. مهاتما ٻڌ اٺ طريقا ٻڌايا آهن، جن کي پنهنجائڻ سان نفساني خواهشن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو ۽ انسان ٻچڙائيءَ جي ڪن مان نڪري خدائي نور جي ٻي ڪنار بحر سان ملي وڃي ٿو.

1. عقيدو: ذڪر ڪيل فرض يعني عالمگير ۽ دائمي محبت، خود غرضي جي خاتمي ۽ مادي ۽ نفساني خواهشن ۽ رغبت کي شعوري طور تي سمجهي وٺڻ.
2. پاڪ ارادو: فرضن کي علم موجب سمجهڻ. انهيءَ لاءِ هر ساهواري واري خير خواه بڻجڻ. دشمني، ڪيني ۽ حسد کان پاڻ کي روڪڻ ۽ لالچ ۽ ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندر مضبوط ارادو پيدا ڪرڻ.
3. پاڪ ڳالهه ٻولهه: سدائين اهڙي ڳالهه چوڻ، جنهن سان ٻڌڻ واري کي خوشي ملي ۽ ان سان همدردي ۽ محبت جا جذبا پيدا ٿين ۽ جنهن سان انسانن وچ ۾ محبت ۽ ويجهڙائي وارو ماحول پيدا ٿئي.
4. پاڪ رفتار: نيڪي ڪرڻ ۽ برائيءَ کي روڪڻ. نيڪ عملن جو سلسلو محبت ۽ همدرديءَ سان قائم ٿيندو آهي.
5. پاڪ روزي: محنت جي استحصال سان پنهنجي دولت ۾ واڌاري کان پاڻ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائي. جيئن آقا، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار پنهنجي غلام، پنهنجي هاري ۽ پنهنجي مزدور جي محنت جي پيداوار جو گھڻو حصو ڦٻائي ويندو آهي ۽ ڪيس رڳو ايترو ڏيندو آهي جنهن سان هو پنهنجي محنت وسيلي سندس دولت ۾ وڌيڪ اضافي لاءِ جيئرو رهي سگهي. تنهن ڪري ضروي آهي تہ زمين، ڪارخاني، ڪاٽين، ٻيلن ۽ درياءَ وغيره جهڙن پيداواري وسيلن تي رڳو هڪ خاص طبقي جي ذاتي ملڪيت کي ختم ڪري، انهن کي عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي. مهاتما ٻڌ جي دور ۾ غلامي عام هئي ۽ زمين، جيڪا پيداوار جو سڀ کان وڏو وسيلو هئي، تنهن تي بادشاهه ۽ جاگيردار جو قبضو هو.

6. پاڪ ڪوشش: هن دور ۾ سائنسي تحقيق ثابت ڪري ڇڏيو آهي تہ دولت جي جهجهائي الله تعاليٰ نٿو ڏئي، پراها مزدور جي محنت جي استحصال جو نتيجو هوندي آهي. تنهن ڪري اشتراڪي معيشت جي قيام لاءِ ڪوشش ڪرڻ پڪ سان هڪ پاڪ ڪوشش آهي. انهيءَ جي لاءِ انهيءَ معاشي حقيقت جي علم کي حاصل ڪرڻ تہ امير ۽ غير ڪيئن ٿا ٿهن؟ پاڪ ڪوشش آهي. انهيءَ سان ئي ايمان ۽ ارادي، گفتار ۽ ڪردار ۽ رزق ۾ نيڪي ۽ پاڪيزگي حاصل ڪرڻ جي معاملي ۾ استقامت پيدا ٿيندي.

7. پاڪ ڌيان: نفس، جسم، حواس ۽ نفسياتي احوال ۽ ڪيفيتن کي صحيح طرح سان سمجهڻ لاءِ ڌيان ضروري آهي. اها ڳالهہ سمجهي ڇڏڻ گھرجي تہ خواهش ۽ شهوت بيڪار کي ڪارآمد، ذليل کي عزت وارو، هيٺي کي مضبوط ٻڌائي ڇڏيندي آهي. تنهن ڪري مادي شين جي ناپائيداري ۽ نفساني لذت کي سڃاڻڻ گھرجي تہ جيئن انسان نوڪر نہ ڪائي ۽ سدائين جبلتن جي حيواني گھرجن تي نظر رکي ۽ انهن جي ترغيب کان بچڻ جي ڪوشش ڪري.

8. پاڪ تصور: مٿي ذڪر ڪيل ستن طريقن تي عمل ڪرڻ سان فرد نفساني گدلاڻ کان پاڪ رهي ٿو. پر پوءِ بہ پاڪ تصور کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس هيٺ ذڪر ڪيل چئن درجن منجهان گذرڻ لازمي آهي.
   1. پهريون درجو: ڪامل حقيقت کي سمجهڻ لاءِ بحث ۽ استدلال
   2. ٻيو درجو: اهڙين حقيقتن تي غور ويچار جن سان سڪون ۽ لذت حاصل ٿيندي هجي. اهو سڪون ننڍڙين خواهشن جو نہ آهي، پر

اوچن خيالن ۽ اهم مسئلن تي سوچ ويچار ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي.

3. ٽيون درجو: مراقبو اونهو سوچ ويچار آهي، جنهن سان سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي.
4. چوٿون درجو: سڪون ۽ ڪامل واندڪائي آهي، جنهن کي چوٿڪارو سڏيو وڃي ٿو. قرآن ڪريم انهيءَ کي نفسِ مطمئنہ جو حاصل ڪرڻ سڏيو آهي.

مهاتما ٻڌ طبيعيات کان مٿانهن مسئلن تي گهٽو ڌيان نہ ڏنو پر گهٽو ڪري محسوس معاملن تي بحث ڪيو آهي. تنهن ڪري ان جي فلسفي ۾ الاهيات بدران اخلاقيات تي گهڻو زور آهي. (انهيءَ تي ”انعمت عليهم“ واري باب ۾ روشني وڌي وئي آهي).

## ورڌن مهابيرا

مهاتما ٻڌ وانگر لارڊ ورڌن مهابيرا (مهاويرا) بہ لڳ ڀڳ ساڳي ئي تعليم ڏني آهي ۽ تمام گهٽي ٻاجهہ اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ٻاجهہ جو مطلب هن وٽ محبت، نرمي، برابري، عدل ۽ نفساني خواهشن جي ڪڍ لڳڻ کان مڪمل طور پاسو ڪرڻ جهڙا اوچا اخلاق آهن.

## رامچندر:

رامچندر چوڏنهن سالن جي جلاوطني کان پوءِ انسان دوستي ۽ اوچن اخلاقي اصولن تي پنهنجي بادشاهت جو بنياد وڌو. جيئن تہ حقيقي مذهب جي تعليم ساڳي ئي آهي، تنهن ڪري زرتشت، ڪنفيوشس، سقراط جهڙن ڏاهن ۽ نبين سڳورن جي تعليم ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي. جيڪڏهن فرق آهي تہ رڳو تاريخي دور ۽ ٻوليءَ جو آهي، جنهن کي اونهي مطالعي سان ختم ڪري سگهجي ٿو ۽ وحدت دين جي بنياد تي پوري پوري روشني وجهي سگهجي ٿي، اجا بہ انهيءَ وحدت کي علمي لحاظ کان ثابت بہ ڪري سگهجي ٿو. اها ئي تعليم سامي نسل نبين، جنهن ۾ بائيبل جي قديم عهد نامي جو نبي حضرت عيسيٰ عليه السلام ۽ خود رسول عربي صلي الله عليه وسلم بہ شامل آهن، جي پاڪ ڪتابن ۾ موجود آهي. تاريخ هر جي موڙ تي سامي، آريائي ۽ زرد نسل سان واسطو رکندڙ ڪونہ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ياٺيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو پيغمبر ضرور ملي ٿو.

مذهب جي انهن مقدس بانين مان هر هڪ بت پرستي، مذهبي ٺيڪيداري يا مذهبي پيشوائيت جي نظام ۽ معاشري جي طبقاتي ورڇ جي مخالفت ڪئي آهي ۽ مطلق حقيقت جي وحدت تي زور ڏنو آهي. انهن سمورن پنهنجي پيل طبقن جهڙوڪ غلام، عورت ۽ شودر وغيره جي معاشرتي حيثيت جي تبديليءَ کي نيڪي سڏيو آهي. انهن سمورن محبت، شفقت، برابري، فڪر ۽ عمل جي آزادي، نفس جي تزڪيي ۽ پاڪائي جهڙن عالي اخلاقن حاصل ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ لالچ، ڪينو ڪاوڙ شهوت ۽ لوڀ جي لالچ کان بچندو رهڻ جي تاڪيد ڪئي آهي.

اسان جي دور ۾ انهن جي سونهري تعليم تي عمل لاءِ ضروري ٿي پيو آهي تہ معاشري جي طبقاتي ورڇ کي ختم ڪري غير طبقاتي معاشرو قائم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ سدائين جي لاءِ ناڪامي اسان جو مقدر بڻجي ويندي.

باب چوٿون

# رب

لغت ۾ رب جي معنيٰ پاليندڙ يا سار سنڀال لهندڙ آهي. قرآن ڪريم ۾ رب جو لفظ ”آقا“ (مالڪ) جي معنيٰ ۾ به استعمال ٿيو آهي. ايئن حضرت يوسفؑ زليخا کي چيو هو ته تنهنجو مڙس منهنجو ”رب“ يعني مالڪ آهي. (قَالَ مَعَاذَ اللَّهِ إِنَّهُ رَبِّي). ان ڪان پوءِ قيدين کي حضرت يوسفؑ چيو ته توهان مان هڪ پنهنجي ”رب“ يعني آقا کي شراب پياريندو (أَمَّا أَحَدُكُمَا فَيَسْقِي رَبَّهُ خَمْرًا).

**العالمين**: جو مطلب انسان، قومون ۽ ماڻهو آهي. ان سان گڏوگڏ ڪائنات ۾ موجود هر قسم جي مخلوق به انهيءَ جي مطلب ۾ شامل آهي.

الله تعاليٰ جي اڻ ڳڻين مخلوقن جي قسمن مان انسان به هڪ آهي. پر انسان ۽ ٻين مخلوقن ۾ هڪ بنيادي فرق آهي. اقبال جي لفظن ۾ انسان کانسواءِ دنيا جون سموريون مخلوقون مجبور آهن. جڏهن ته انسان پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي. انسان کان سواءِ ٻي هر مخلوق جو فرد پنهنجي جاکوڙ ۽ همت سان پنهنجي لاءِ روزي حاصل ڪري ٿو. ڪائنات جي ٻئي ڪنهن به مخلوق ۾ اهو نظام رائج ڪونهي ته ان جي جنس جا هڪ يا ٻه ٽي فرد ته آرام ڪن ۽ باقي ٻئي سڀئي ان جي ضرورتن جي پورائي لاءِ محنت ڪن ۽ سختيون سهن. ربوبيت جو اهو نظام سموري فطرت ۾ نافذ آهي. اهو انهيءَ لاءِ آهي ته مخلوق جي انهن قسمن ۾ آزاد ارادي ۽ چونڊ جي اختيار واري ڳالهه موجود نه آهي. اها مخلوق پنهنجي جبلت جي اثر هيٺ عمل ڪري ٿي. جيتوڻيڪ انهن مان ڪجهه مخلوقن جي اندر شعور به موجود هوندو آهي، پر اهو شعور به انهن جي جبلي گهرجن موجب ڪم ڪندو آهي.

ان جي مقابلي ۾ انسان خود مختيار ۽ آزاد ارادي جو مالڪ آهي. هو


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي عمل جي چونڊ ۾ بہ خود مختيار آهي. قرآن ڪريم انهيءَ ارادي ۽ عمل جي چونڊ جي معاملي ۾ ڪيس مليل آزاديءَ کي ”امانت“ (Trust) جي اصطلاح ۾ بيان ڪيو آهي. قرآن ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ امانت کي جبلن، دريائن ۽ ٻين سمورين مخلوقن جي اڳيان پيش ڪيو ويو پر ڪنهن بہ انهيءَ کي قبول نہ ڪيو. پر انسان انهيءَ معاملي ۾ ”ظَلُومًا جَهُولًا“ (ظالم ۽ جاهل) هجڻ جو مظاهرو ڪندي انهيءَ ڳؤري بار کي کڻي ورتو. تنهن ڪري انهيءَ امانت يا ارادي ۽ چونڊ جي آزادي جي ڪري انسانن جي جوڙيل معاشي نظام ۾، فطرت جي مقرر ڪيل ربوبيت واري شڪل بدلجي وئي.

انسان کي ملائڪن سجدو ڪيو ۽ اتي شيطان بہ موجود هو. قرآن ٻڌائي ٿو تہ انسان جي تخليق ۾ جتي ”طين لازب“ (Mud) آهي اتي خدائي روح بہ موجود آهي. ملائڪ ۽ خدائي روح جون گهرجون ۽ طين لازب ۽ شيطان جون گهرجون هڪ ٻئي کان بلڪل الڳ آهن. انساني فطرت ۾ جتي جبلتون ۽ ان جون حيواني گهرجون آهن، اتي الاهي قوت (Divine Energy) ۽ ان جون گهرجون بہ موجود آهن.

خدائي روح جو انساني جسم ۾ اچڻ، جتي انساني فطرت ۾ ٻاجھہ، محبت، برابري، امن، نفس تي ضابطي، خود شعوري، سوچ سمجھہ ۽ علم جي سگھہ پيدا ڪري ٿو اتي سندس جسماني گهرجون ان جي اندر خود غرضي، لوڀ، لالچ، جنسي چڙواڳي، ٻين جي مال دولت تي ڏاڍائيءَ سان قبضو ڪرڻ جي ڪوشش، ويڙھہ جهيڙي ۽ نفساني خواهشن جي پورائي لاءِ هر قسم جا حيلا هلائڻ جا رجحان پيدا ڪن ٿيون.

قرآن ڪريم انهيءَ سموري قصي کي آدمؑ جي ٻن پٽن هابيل (Abel) ۽ قابيل (Qain) جي پاڻ ۾ اٽڪت ۽ آخرڪار قابيل جي هٿان هابيل جي قتل تي وجھڻ جو قصو بيان ڪري ٿو. ڊاڪٽر علي شريعتي انهيءَ تي تمام ئي تفصيل ۽ سهڻي نموني سان روشني وڌي آهي، جنهن مان انسان جي تاريخ جو طبقاتي ڪردار واضح ٿي وڃي ٿو.

جيئن تہ بائيبل ۽ قرآن ٻڌائي ٿو تہ آدم جي ڇوڪرن تي ٻنهي قربان گاھ ۾ وڃي پنهنجو پنهنجو نذرانو پيش ڪيو. هابيل قرباني لاءِ ڏاچي يا ٻيو ڪو جانور ڪاهي آيو، جڏهن تہ قابيل اَنُ کڻي آيو. هي قصو تمثيلي (Symbolic) آهي، جنهن ۾ ڏاچي يا جانور انساني تاريخ جي شڪار واري دور جو اهڃاڻ

آهي، جنهن ۾ هو دريائن ۽ ڍنڍن مان مڇين يا وري ڪن ٻين پکين جو شڪار ڪندو هو ۽ ٻيلن مان ميوا، ڀاڄيون ۽ جهنگلي جانورن جو گوشت حاصل ڪندو هو. اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ دريائن ۽ ٻيلن تي ڪنهن بہ قبيلي يا فرد جو ذاتي قبضو نٿي ٿي سگهيو. انسان جتان گهرندو هو، پنهنجي لاءِ خوراڪ حاصل ڪري وٺندو هو (رَغَدًا حَيْثُ شِئْتُمَا). جيئن تہ رزق جي انهن وسيلن تي ڪنهن جو ذاتي قبضو نہ هو ۽ شڪار وغيره ڪي قبيلي جو وڏو سيني ۾ برابري جي بنياد تي ورهائي ڇڏيندو هو تنهن ڪري ان دور ۾ قبيلي جي گڏيل مفادن ۽ فرد جي ذاتي مفادن ۾ ڪوبہ تضاد نہ آهي. انهيءَ شڪار واري دور ۾ محبت، برابري، امن ۽ ڀائيچاري وارو ماحول متل هو.

پر جڏهن انهن لاڏائون قبيلن ڪي دجلہ ۽ فرات وغيره جي ماٿرين ۾ ڪٽڪ ۽ ڪي پاڻ مرادو ڦٽندڙ ٻوٽا هٿ آيا ۽ ڪين انهن جي فائدن جي خبر پئي تہ هيءُ اَنُ، گوشت ۽ ميون وانگر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خراب ٿيڻ بدران هڪ سال تائين بہ صحيح ۽ سالم حالت ۾ رهي سگهي ٿو، تہ انهن اَنَ پوک شروع ڪري ڏني ۽ اهي لاڏائو قبيلا دريائن جي ڪنارن تي آباد ٿيڻ شروع ٿي ويا.

زمين جي جنهن علائقي تي جيڪو ماڻهو اَنَ پوک ڪندو هو تہ زمين جو اهو ٽڪرو ۽ ان جي پيداوار انهيءَ فرد جي ملڪيت سمجهيو ويندو هو. هتان کان پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت (Private Porperty) جي اداري جي شروعات ٿي. قرآن ڪريم انهيءَ صورتحال کي "هبوط آدم" (آدم جو زمين تي آباد ٿيڻ) سان تعبير ڪيو آهي. يعني انسان گڏيل ملڪيت کان، پاڪ معاشري واري جنت مان نڪري هاڻي ذاتي ملڪيت واري معاشري جي زميني حيثيت ۾ اچي ويو آهي.

پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت جي معاشرتي ارتقا، رياست ۽ ان جي ادارن، جهڙوڪ فوج، پوليس، عدالتن ۽ آفيسر شاهي کي زور وٺايو. اها رياست ۽ ان جا ادارا ذاتي ملڪيت جي حفاظت لاءِ وجود ۾ آيا. تنهن ڪري اهي ادارا ڏاڍ ۽ ظلم جو اهڃاڻ هئا. زمين ۽ ٻين پيداواري وسيلن تي طاقتور قبيلن ۽ فردن جي گهڻي کان گهڻي قبضي لاءِ جنگين ۽ ڦر مار جي شروعات ٿي وئي. انهن جنگين ۾ پڪڙجندڙ قيدين يا فردن کي ڪاڏي جي ڪوٺ جي ڪري قتل ڪرڻ بدران، هاڻي انهن کان محنت ۽ مزدوريءَ جو ڪم ورتو وڃڻ

لڳو ۽ انهن کي "غلام" (Slave) سڏيو وڃڻ لڳو. سوپارو ٿيندڙ قبيلن جي فردن جي ملڪيت ۾ اچڻ کان پوءِ، انهن غلامن جي حيثيت مالڪ جي ٻين شين جي ملڪيت جهڙي ٿي پئي ۽ اهي انساني سطح کان هيٺ ڪري هڪ وکر (Thing) ٿي پيا. انهن کي قتل ڪري سگهبو هو وڪڻي سگهبو هو سخت تڪليف ڏيندڙ ڪم وٺي سگهبو هو ٻين جي زمينن ۽ ملڪن تي قبضي جي لاءِ جنگين ۾ استعمال ڪري سگهبو هو. ايئن هابيل تہ قتل ٿي ويو، پر قابيل جيئرو رهيو. ساڳيو ئي قابيل هاڻي ذاتي ملڪيت ۽ آقا واري معاشري جي شڪل ۾ اچي ويو ۽ تاريخ ۾ حڪمران (فرعون) مالدار (قارون) ۽ انهن جي ڏاڍ ۽ ظلم کي تحفظ ڏيڻ ۽ جواز پيدا ڪري ڏيڻ لاءِ آسماني سند ڏيڻ وارن مذهبي پيشوائن (بلعم باعور يا هامان) جي شڪل ۾ اڄ تائين وري ورڻ ايري رهيو آهي.

انسان جي آزاد ارادي ۽ چونڊ، فطرت جي ربوبيت واري نظام سان بغاوت ڪري، پنهنجو ربوبيت وارو نظام جوڙي ورتو. انهيءَ نظام ۾ ڪي ڏهہ سيڪڙو ماڻهو سمورن پيداواري وسيلن، رياست، علم ۽ هنر جي ادارن تي قابض ٿي ويا، جڏهن تہ نوي سيڪڙو ماڻهو انهن سمورين شين کان محروم رهيا ۽ پنهنجي محنت کي وڪڻي، پنهنجو ۽ پنهنجي اولاد جو پيٽ پالڻ تي مجبور ٿي پيا. معاشري جي ارتقا سان گڏوگڏ آقا، جاگيردار ۽ جاگيردار مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخانيدار جي شڪل اختيار ڪري ورتي. ايئن غلام زرعي غلام ۽ پوءِ پگهاردار غلام جي حيثيت اختيار ڪري ورتي. اسان جي دور ۾ پگهاردار غلام، جنهن کي مزدور يا پورهيت سڏيو وڃي ٿو جي محنت سموري صنعتي ارتقا ۽ ٽيڪنالاجي کي هٿي ڏني. ان جي محنت سرمائيداراڻي نظام کي پيدا ڪيو، جيڪو اڳتي هلي سامراج جي شڪل اختيار ڪري ويو. انهيءَ نظام ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي قومن جي خام مال جي ذخيرن کي لٽيو ۽ ان جي فردن جي محنت کي سستي اگهہ ۾ خريدي، انهن جي محنت مان پيدا ٿيل شين کي، انهن جي ئي ملڪن ۾ وڪرو ڪرڻ لاءِ نئون آبادياتي نظام (Colonial System) قائم ڪيو. هي نظام وقت جي ارتقائي عمل سان گڏ تمام ئي منجهيل شڪل اختيار ڪندو ويو. اولهہ جي قومن منڊين جي ڳولا ۽ انهن تي قبضو ڪرڻ لاءِ بہ تمام ئي وڏيون جنگيون وڙهيون. ٻي عالمي جنگ کان پوءِ قديم آبادياتي نظام نئين

آبادياتي نظام جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي. اج هي نظام ملٽي نيشنل ڪمپنين، ڪارپوريشنن، ورلڊ بئنڪ، آئي ايم ايف، ورلڊ ٽريڊ ڪانگريس ۽ گيٽ جهڙن ادارن جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. ايئن مزدور جي محنت جي استحصال ۽ ڪمزور ۽ پنتي پيل قومن جي پيداواري وسيلن ۽ فردن جي محنت جي ڦر مار جو عمل وڌيڪ منجهيل ۽ وڌيڪ هرڪائيندڙ بڻايو ويو آهي.

تاريخ جو اهو تناظر ٻڌائي ٿو ته جيستائين رعايت ڏنل طبقي جي هٿن مان اقتدار ۽ پيداواري وسيلن، علم ۽ تهذيب جي ادارن کي آجو نه ڪرايو ويندو ۽ انهن تي عوام جي مڪليت قائم نه ڪئي ويندي، تيستائين الله تعاليٰ انسان جي تخليق سان گڏ ئي ان جي پرورش، واڌ ويجهه ۽ تڪميل جي لاءِ جيڪي روزيءَ جا وسيلا پيدا ڪيا هئا، معاشري جا عام ماڻهو انهن وسيلن مان فائدو ماڻي نه سگهندا.

سمورن مذهبن جي مذهبي پيشوائن وانگر قرآن پاڪ جو تفسير ڪندڙ مفسر به الله تعاليٰ جي ربوبيت عامه ۽ ان جي ربوبيت جي وسيلن جو ذڪر ته ڪري ڇڏي ٿو پر هو انسان ۽ ان جي تاريخي عمل کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسڻ جي ڪوشش نٿو ڪري. هو انهيءَ ڳالهه کي نظر انداز ڪري ڇڏي ٿو ته زراعت واري دور جي شروعات کان وٺي اڄ تائين مزدور ۽ ٻين پنتي پيل فردن: غلام، زرعي غلام، پگهاردار غلام جي شڪل ۾ الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل رزق جي وسيلن، اقتدار، قانونسازي، علم ۽ تهذيب جي ادارن مان ڪوبه فائدو ماڻي نه سگهيا.

انهيءَ صورتحال کي بدلائڻ لاءِ نبين جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿيو. انهن خدائي توحيد جي نظريي کي پيش ڪيو. جيئن ته هن کان اڳ عرض ڪيو ويو آهي ته توحيد شرڪ جو ضد آهي. انساني معاشري جي وحدت متضاد ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪر ۾ ايندڙ معاشي مفاد رکندڙ طبقن ۾ ورهائجي چڪو آهي، جيڪو توحيد جي گهرجن جي برخلاف آهي ۽ اها شرڪ واري حالت آهي. ڇو ته توحيد جي تصور جو منطقي نتيجو ”وحدت“ جو قيام آهي، جنهن ۾ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ موجود ٻيائي ۽ ٽيائي ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن ته شرڪ واري حالت ۾ اها قائم رهي ٿي. پر مذهبي پيشوائن رعايت ڏنل طبقن جي مفادن جي حق ۾، پاڪ ڪتابن مان سند ڏئي ڇڏي، جنهن سان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ياڻيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي پاڻ کي بہ فائدو ٿيندو هو ۽ اج تائين ٿي رهيو آهي. ايئن انهن توحيد جي بنيادي مقصد يعني طبقاتي معاشري کي بدلائي غير طبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ واري مقصد کي، هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو. نبين جو آندل دين رڳو ظاهري عبادتن ۽ ريتن رسمن جي ادائگي تائين محدود ڪيو ويو. ان جي انقلابي عمل واري ڏار کي مڏو ڪيو ويو. نتيجي ۾ مذهب انسان جي روحاني مرضن جو علاج ثابت نہ ٿي سگهيو. پر اجا بہ انهيءَ باري ۾ اهو آفيم بڻجي ويو.

جيئن تہ هن آيت سڳوري کي ان جي تاريخي پس منظر کان جدا ڪري مطالعو ٿيندو رهيو. تنهن ڪري پنجن وقت جي نمازن ۾ لازمي تلاوت جي باوجود، مسلمان معاشري ۾ بادشاهت قائم ٿي، پيداواري وسيلن تي قابض جاگيردار طبقو پيدا ٿيو. غلامن جي خريد ۽ وڪرو ٿيندو رهيو. اهڙي طرح غلامن سان گڏ عورت بہ مظلوم رهي. عوام علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم رهيو. ڇو جو انهن جي مٿان رعايتون ڏنل طبقي جو قبضو هو. اج بادشاهت جي جاءِ تي سرمائيداراڻي جمهوريت اچي وئي آهي ۽ جاگيردار جي جاءِ تي ڪارخانيدار طبقو پيدا ٿي ويو آهي. جيتوڻيڪ غلاميءَ وارو ادارو ختم ٿي ويو آهي، پر غلاميءَ جو روح اجا زنده آهي. اج بہ مزدور کي گهٽ نظر سان ڏٺو وڃي ٿو.

اها صورتحال رڳو مسلمان معاشري سان ئي لاڳو نہ آهي، پر ”عالمين“ جو لفظ دنيا جي سمورين قومن جي صورتحال ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ اسلام جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۽ پوءِ جا مسلمان توڙي غير مسلمان معاشرا انهيءَ طبقاتي مفادن جي ڏبڻ ۾ ڦاسندا رهيا. هن سورت سڳوريءَ ۾ پيش ڪيل رب العالمين جو اصطلاح پاڻ کان پوءِ اچڻ وارين آيتن جي مفهوم کي چٽو ڪري ڇڏي ٿو تہ اج تائين الله تعاليٰ جي ربوبيت عام انسانن تائين پهچي نہ سگهي، پر ماڻهن جي هڪ ٿورڙي تعداد ربوبيت جي وسيلن تي قبضو ڪري انسانن جي گهڻائيءَ کي اج تائين انهيءَ مان فائدو ماڻڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. حضرت محمد ﷺ جي نبوت، قرآن پاڪ جي نزول ۽ ختم نبوت جو مطلب ۽ مسلمانن جو ذميواري ئي اها هئي تہ اهي ربوبيت جي وسيلن کي عام انسانن تائين پهچائڻ لاءِ، رستي جي سمورن نظرياتي ۽ سماجي رڪاوٽن کي ختم ڪري، هر فرد کي ان مان فائدو ماڻڻ جو موقعو ڏين. پر مسلمان پاڻ

ئي جاگيرداري، بادشاهت ۽ رعايت ڏنل طبقي جي وڪڙ ۾ اچي ويا ۽ ختم نبوت واري مقصد باوجود، دنيا جي قومن کي، انهيءَ غير انساني حالت مان ڪيڏڻ لاءِ عالمي سطح تي انقلاب پيدا نه ڪري سگهيا.

ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ”اسلام اينڊ ڪميونزم“ ۾ هڪ حديث جو حوالو ڏنو آهي جنهن جو مفهوم هي آهي ته غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي سموري محنت آقا، جاگيردار ۽ ڪارخانيدار جي عيش آرام ۽ راحت جو سبب ٿيندي رهي آهي. حديث جا لفظ هي آهن:

“After all the wealth and comforts of the rich are the products of the labour of the poor”. (p 191)

ترجمو: ”اميرن جي عيش جو سامان غريب جي محنت جي پيداوار آهن“.

انهيءَ ڪري ئي خليفو صاحب مديني شريف ۾ قائم ٿيندڙ رياست کي ”اشتراڪي جمهوريت“ (Islamic Socialist Republic)سڏي ٿو.

ختم نبوت جي ڪري اسلام جيئن ته ”بين الاقوامي انقلابي تحريڪ“ جي حيثيت رکي ٿو ۽ مسلمان انهيءَ انقلاب کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ذميوار ۽ اڳواٽي ڪندڙ آهن، تنهن ڪري انهن کي ”وچٿري امت“ سڏيو ويو آهي.

الله تعاليٰ جي ربوبيت، ان جي پيدا ڪيل انسانن تائين ان وقت ئي پهچي سگهي ٿي، جڏهن ربوبيت جي وسيلن کي ٿورڙن فردن جي نجي ملڪيت جي قبضي مان ڪڍي عوام جي ملڪيت ۾ آندو ويجي.

جيڪڏهن اعتراض ڪيو وڃي ته اميرن جي دولت انهن جي سندي محنت جو نتيجو آهي، ته اها ڳالهه بلڪل ئي غلط آهي. اها غلط فهمي انهيءَ ڪري پيدا ٿي جو محنت ۽ محنت جي استحصال ۾ فرق نه ڪيو ويو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو زمين يا مشين، ڪوئلي يا ٻئي ڪنهن ڌات جي کاڻ يا پيٽرول ۽ گيس جي ذخيرن جو مالڪ هئڻ ڪري، انهن کي مزدور جي حوالي ڪري ڇڏي ته اهي انهيءَ زمين کي کيڙين، مشينون هلائن، کاڻ مان ڪوئلو وغيره ڪڍن يا پيٽرول يا گيس جي ذخيرن مان انهن شين کي وڪرو ڪن، ته مالڪ جي محنت ايتري آهي جو هن ڪنهن نه ڪنهن حيلي سان انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري انهن تي پنهنجو غاصباڻو قبضو ڪري ورتو آهي. پر انهن تي پيداواري عمل تہ رڳو مزدور ئي ڪري ٿو. اهڙي طرح انهن جي محنت جي پيداوار تي قبضو ڪري، مالڪ پنهنجو نفعو ڪمائي ٿو جنهن سان مالڪ جي دولت ۾ تہ ہيڻ چوڻ تي واڌارو ٿيندو رهي ٿو جنهن سان هو زندگيءَ جون سموريون سهولتون ۽ عيش حاصل ڪري ٿو ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن جو فائدو ماڻي ٿو ۽ معاشري ۾ مهذب ۽ عزت واري سڏجي ٿو." پر ان جي ڀيٽ ۾ مزدور پنهنجي سخت محنت باوجود پنهنجي ئي محنت سان حاصل ڪيل پيداوار تي مڪليت جي حق رکڻ کان محروم رهي ٿو. انهيءَ ڪري سندس دولت ۾ ڪنهن بہ قسم جو واڌارو نٿو ٿئي. ان ڪي بدلي ۾ ايتري رقم ملي ٿي، جنهن سان هو رڳو پاڻ ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن کي جيئرو رکي سگهي. ان جو ڪوبہ راحت ڏيندڙ بنگلو نهي نٿو سگهي. هو هڪ سوڙهي ۽ اونداهي ڪوٺيءَ ۾ رهڻ تي مجبور هجي ٿو. هو پاڻ ۽ ان جو اولاد، علم کان بيخبر ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم رهي ٿو. نسلن جا نسل مزدور ئي رهي ٿو ۽ ان جي محنت جي استحصال سان سندس مالڪ ڏينهون ڏينهن سگهارو ۽ اوچائيءَ ڏي اڏام ڪندو رهي ٿو. ان جي زمينن جو تعداد وڌي وڃي ٿو. ان جي ڪارخانن جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو وڃي ٿو ۽ هو ملٽي نيشنل ڪارپوريشنن جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو. ايتري تائين جو آخرڪار هو G-7 جي سٽ ۾ شامل ٿي وڃي ٿو.

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ان ماڻهوءَ کي زمينن، ڪاٽن، مشينن ۽ پيٽرول گيس وغيره جي سرچشمن جو مالڪ آخر ڪنهن بڻايو؟ اهو ڪهڙو عمل آهي، جنهن جي ڪري هو انهن پيداواري وسيلن جو مالڪ بڻجي ويو؟ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اهو سلسلو زراعت وار ي دور کان شروع ٿئي ٿو. اهي قبيلا يا فرد، جن پنهنجي طاقت ۽ مڪاري سان ان وقت جي پيداواري وسيلن زمين، کير ڏيڻ وارن جانورن، گهوڙن ۽ اٺن جي وڳن تي قبضو ڪري ورتو، سي ئي اڳتي هلي جاگيردار ۽ مشين جي ايجاد کان پوءِ ڪارخانيدار بڻجي ويا. اڄ بہ انهن وسيلن تي جن ماڻهن جو قبضو آهي، سي پنهنجي هوشياري ۽ناجائز طريقن سان انهن پيداواري وسيلن جا مالڪ بڻيا وينا آهن.

مذهبي پيشوائيت وري پنهنجا ذاتي فائدا ماڻڻ لاءِ انهن وسيلن تي ناجائز طريقن سان قبضو ڪري ويٺلن کي آسماني سند عطا ڪري ڇڏي ۽

انهيءَ طبقاتي معيشت کي الله تعاليٰ جو قائم ڪيل نظام ٻڌايو. جڏهن ته الله تعاليٰ جي ربوبيت واري نظام جي پيٽ ۾، جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي محنت سان الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل ربوبيت جي وسيلن مان پنهنجي لاءِ رزق حاصل ڪري ٿو. هي طبقاتي معاشي نظام، جنهن ۾ ڪي ٿورڙا ماڻهو ته بنا محنت جي مالدار ٿيندا وڃن ۽ گهڻائي پنهنجي محنت ۽ سختيون سهڻ باوجود غريب تر ٿيندا وڃن. شيطاني نظام آهي. انهيءَ نظام کي هلائيندڙ ”خناس“ آهن. اهي ”الناس“ جي مقابلي ۾ ”غير الناس“ آهن ۽ هي طبقاتي نظام ”طاغوت“ آهي. انهيءَ طبقاتي نظام کي الله تعاليٰ جو قائم ڪيل نظام سمجهڻ وارن عالمن ۽ مفسرن، قرآن ڪريم جي انهن اصطلاحن کي معاشري ۽ معاشرتي عمل کان جدا ڪري، ان جي مفهوم کي ڏند ڪٿائي بڻائي ڇڏيو آهي، جن تائين انسان ڪڏهن به پهچي نٿو سگهي. شيطان جي تشريح اها ڪئي وئي آهي، ته اهو هڪ پاڇولي وانگر آهي، جنهن کي انسان پنهنجي پڪڙ ۾ نٿو آڻي سگهي. جڏهن ته قرآن ڪريم انقلاب دشمن انسانن کي شيطان سڏيو آهي (بقره). ٻئي پاسي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته هر شخص جو شيطان ان جي رت ۾ گردش ڪندو آهي، جنهن کي قرآن ڪريم نفس اماره جو نالو ڏئي ٿو. اهي سڀئي محسوس تشريحون آهن جن کي سمجهي انهن کي پنهنجي قابو ۾ آڻي سگهجي ٿو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهي سڀئي اصطلاح نه رڳو معاشري سان واسطو رکن ٿا، پر اهي معاشي عمل سان پڻ لاڳاپيل آهن.

ٿورو غور ڪريو ته حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهنجي جبل تي ڪيل تقرير ۾ ڪهڙن فردن سان ڳالهايو ۽ ڇوٽڪاري جي خوشخبري ٻڌائي. ڪي ٿورڙيون آيتون پڙهي ڏسو:

1. خوشنصيب آهن اهي دليون جيڪي غريب آهن، ڇو جو آسمان جي بادشاهي انهن جي آهي.
2. خوشنصيب آهن اهي جيڪي ڏکارا آهن ڇوجو انهن کي اٿت ملندو.
3. خوشنصيب آهن اهي بردبار آهن، ڇوجو اهي زمين جا وارث ٿيندا.
4. خوشنصيب آهن اهي جيڪي نيڪيءَ جي رستي ۾ بکون ۽ اجون برداشت ڪندڙ آهن، ڇوجو اهي خوشحال ٿيندا.
5. خوشنصيب آهن اهي ٻاجهارا ڇوجو انهن تي ٻاجهه ڪئي ويندي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6. خوشنصيب آهن اهي جيڪي ماڻهن ۾ ٺاهه ڪرائيندا آهن، ڇو جو اهي الله جا پيارا سڏيا ويندا.
7. خوشنصيب آهن اهي جيڪي نيڪيءَ جي واٽ تي هلڻ سبب ستايا ويا، ڇو جو آسمان جي بادشاهي انهن جي ئي آهي.

(متي، باب 5، آيت 1_10)

هاڻي انهن آيتن تي ٿورو غور ويچار ڪريو. ڇا تاريخ ۾ ذڪر ٿيل حڪمران، مال ۽ دولت جي مالڪ ۽ انهن جي پشت پناهي ڪندڙ دل جي غريب، ڏڪارن، بردبار طبيعت، نيڪيءَ جي رستي تي هلندڙ ۽ پاڇهارن، انسانن ۾ ٺاهه ڪرائيندڙ ۽ نيڪيءَ واري واٽ تي هلڻ سبب ستايلن مان هئا يا اُهي ماڻهو هئا جيڪي غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي شڪل ۾ اسان جي سامهون ايندا رهيا آهن؟ يهودي عالم ۽ روما جي بادشاهت جا حڪمران ۽ واڳ ڌڻي انهن اوڇن گڻن کان خالي هئا. انهيءَ ڪري ئي 33 سالن جي عمر ۾ جڏهن حضرت عيسيٰ ؑ رڳو ٽي سال پنهنجي نبوي پيغام جي پرچار ڪري سگهيو تہ کيس سوريءَ تي چاڙهيو ويو.

قرآن ڪريم جا ٻڌايل خناس، شيطان ۽ طاغوت، معاشي عمل سان پيدا ٿيندا آهن. هي اهي آهن جيڪي الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل رزق جي وسيلن تي قبضو ڪري، انسانن جي گهڻائيءَ کي انهيءَ مان فائدو وٺڻ کان محروم ڪري ڇڏيندا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ ئي هڪ ماڻهو پنهنجي هڪ فونڊري مان ٽيهہ فونڊريون ٺاهيون، جڏهن تہ انهيءَ تعداد جي واڌاري ۾ سندس محنت جو ڪوبہ عمل دخل نہ هو. هو تہ رات ڏينهن سياست ڪندو رهندو هو. محنت تہ اهي مزدور ڪندا هئا، جيڪي سندس هڪ فونڊري ۾ ڪم ڪندا هئا. پوءِ انهن جي محنت جي استحصال ۽ انهن جي ڏهاڙي جي هڪ نہ ادا ڪيل (Unpaid) ڏهاڙي جي حصي، هڪ مان ٽيهہ فونڊريون ٺهرائي ورتيون. پر ان جي سياسي جماعت جي حمايتن ۽ بين عالمن ڪڏهن بہ انهيءَ ڳالهہ تي غور نہ ڪيو، ڇو جو انهن جو عقيدو اهو ئي آهي تہ طبقاتي نظام خدائي نظام آهي جنهن ۾ محنت جو استحصال جائز آهي. انهن جي نظر ۾ انهيءَ استحصال ۽ نہ ادا ڪيل ڏهاڙي سان جيڪا دولت گڏ ٿئي ٿي، تنهن مان رڳو زڪوات ادا ڪئي وڃي تہ انهن جو سمورو مال پاڪ ٿي وڃي ٿو. انهيءَ کي وراثت ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ مان غريبن کي خيرات ڏئي سگهجي

ٿي. انهن جي نظر ۾ الله تعاليٰ هڪ تقدير ناهي آهي جنهن مان هي طبقاتي نظام ٺهيو آهي. جڏهن تہ ”تقديرات حق لا انتها است“ رڳو هڪ شاعراڻي لفاظي آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ هڪ بي فائدي ڳالهہ آهي. ڇو تہ هڪ ڪان وڏيڪ تقديرن جي هئڻ جو مطلب هي آهي تہ طبقاتي نظام جي برخلاف غير طبقاتي نظام بہ خدائي تقدير آهي. اها تقدير مزدورن، محرومن ۽ رعايا جي فائدي ۾ آهي، جيڪا انهن کي سندن حق ڏئي ٿي تہ اهي پيداواري وسيلن تي پنهنجو قبضو حاصل ڪري، انهيءَ خدائي تقدير جي مقصد کي پورو ڪري سگهن.

## ربا (وياج) ۽ محنت جو استحصال

ربوبيت جي باري ۾ هڪ سوال اهو سامهون اچي ٿو تہ ربا، يعني وياج ۽ محنت جي استحصال وچ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ قرآن ڪريم وياج کي حرام سڏيو آهي ۽ ان کي الله ۽ سندس رسول سان جنگ جوتڻ جي برابر سڏيو آهي. موجوده دور ۾ مشين جي ايجا ڪان پوءِ، بئنڪن جي قائم ٿيڻ سان وياج جي باري ۾ نوان بحث سامهون آيا آهن، جنهن ۾ سڀ کان اهم آهي محنت جو استحصال جيڪو سموري نفعي جو پهريون ڪارڻ آهي. عالم انهيءَ باري ۾ سخت مونجهاري جو شڪار آهن. انهن وٽ واپاري وياج کي ختم ڪرڻ کان پوءِ سموري معاشي سلسلي کي هلائڻ لاءِ ڪا واٽ نہ آهي. نتيجو اهو بيٺو آهي جو وياج تہ ڪبيرو گناهہ ٻڌايو ويو پر محنت جي استحصال جي عمل کي جائز سمجهيو ويو.

## محنت جو استحصال بہ گناهہ آهي

هيءَ ڳالهہ انهيءَ مثال سان چٽي ٿي ويندي تہ هڪ ماڻهو بئنڪ کان هڪ ڪروڙ روپيا وياج تي حاصل ڪري ٿو ۽ انهيءَ رقم مان هو ڪارخانو ٺاهي ٿو. انهيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ مزدور ڀرتي ڪري ٿو. هر سال حاصل ٿيندڙ منافعي جي رقم مان وياج ادا ڪندو رهي ٿو ايتري تائين جو هو بئنڪ کي هڪ ڪروڙ روپيا وياج سميت موٽائي ڏئي ٿو. انهيءَ وچ ۾ هو هڪ ڪارخاني مان ٻي ڪارخانا قائم ڪرڻ جي لائق بڻجي وڃي ٿو ۽ انهن جي تعداد ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو وڃي ٿو. هاڻي سوال اهو ٿو ابري تہ وياج

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ادائگي کان پوءِ اهو نفعو ڪٿان ٿو اچي؟ جو ان جي ڪارخانن جو تعداد وڌندو ٿو وڃي، ايتري تائين جو ملٽي نيشنل ڪارپوريشنون وجود ۾ اچي وڃن ٿيون.

مشين جي ايجاد کان پوءِ موجوده دور جي معاشيات دانن جي اڳيان سڀ کان وڏو اصول اهو ٿي آهي. انهيءَ سوال جي جواب ۾ ڪارل مارڪس کي پنهنجي سموري زندگي وقف ڪرڻي پئي. هن سائنسي مطالعي جي بنياد تي اهو ٻڌايو تہ اُهو نفعو جنهن مان بئنڪ جو وياج بہ ادا ٿئي ۽ ڪارخانن جو تعداد بہ وڌي، سو مزدور جي محنت جو اهو حصو آهي جيڪو ڪيس ادا نہ ڪيو ويو. انهيءَ نہ ادا ڪيل ڏهاڙي (Unpaid Wages) جي گڏائڻ سان، موجوده سموري تهذيب جو ڏيک ويک ۽ ترقي وجود ۾ آئي آهي. انهيءَ تي مون پنهنجي ڪتاب "فلسفہ بيگانگي ۽ اور قرآن" ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ سرمائيداري نظام، سامراجي شڪل اختيار ڪري ايشيا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي قومن سان کهڙو ڪلور ڪيو.

ڪجهہ ديني جماعتن بنا وياج بئنڪاري تي زور ڏنو آهي، اجا بہ ان کي قائم ڪري ڇڏيو آهي. بنا وياج جي جيڪا رقم حاصل ڪئي وئي ۽ انهيءَ مان ڪارخانو قائم ڪيو ويو يا وري مضاربت (ڀائيواري) جو ڪم شروع ڪيو ويو، ٻنهي صورتن ۾ وياج ڪانسواءِ نفعي جي شرح ۾ بہ واڌارو ٿيندو وڃي ٿو پر جنهن مزدور جي محنت سان اها سموري "ترقي" وجود ۾ اچي ٿي، سو ساڳيو ئي مزدور رهي ٿو ۽ ان جي حالت قابل رحم ئي رهي ٿي. ٽئين دنيا ۾ تہ اها قابل رحم حالت افسوسناڪ حالت تائين موجود آهي، جڏهن تہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ "فلاحي مملڪت" جي ذريعي، انهن کي ڪجهہ سهولتون ملي وڃن ٿيون. پر ٻنهي پاسي انهيءَ مزدور جي سڄي ڄمار جي محنت باوجود، ان جو هڪ بہ ڪارخانو قائم نٿو ٿي سگهي، ايتري تائين جو ان جي اولاد جي اولاد کي بہ نصيب نٿو ٿئي. محنت جي استحصال تي آڌاريل زندگيءَ جي نظام مان، جيڪو ڪائنات ۽ زندگيءَ جو تصور پيدا ٿئي ٿو ان ۾ زندگيءَ کي بيڪار ۽ بي لاپ سڏيو وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ ماديت ۽ دهريت جي تصور وارو هڪ ٻيو رويو بہ وجود ۾ اچي ٿو. انهيءَ مان اپرندڙ تهذيب ۾ جبلتن جي حيواني گهرجن کي ڪي اخلاقي حدون قائم ڪرڻ ڪانسواءِ ئي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڇائي ڄمر کان آزادي مليل هوندي آهي.

اسلام ۽ ٻين مذهبن جي ديني اڳواٽي ۽ مذهبي پيشوائيت، محنت جي استحصال سان حاصل ٿيندڙ دولت کي خدائي انعام سمجهي ٿي. ان جي نظر ۾ گناهه ۽ ڪبيري گناهه جي موجودگي، فرد جي خدائي حڪمن جي خلاف ورزيءَ جو نتيجو آهي. انهيءَ جي مذهب واري تصور ۾ مزدور جي محنت جو نه ادا ڪيل حصو جنهن کي نفعو سڏيو وڃي ٿو بلڪل جائز آهي. اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته مذهبي ڏاهپ انهيءَ معاشي عمل کي سمجهڻ کان ئي لاچار آهي. اها صورتحال ان وقت تائين بدلجي نٿي سگهي، جيستائين پيداواري وسيلن تي فرد جي ذاتي ملڪيت جي جاءِ تي، عوام جي گڏيل ملڪيت قائم نٿي ٿئي. جيتوڻيڪ گڏيل ملڪيت قائم ٿي وڃڻ کان پوءِ به مزدور جي محنت سان واڌارو ايندو، پر اهو نفعو يا واڌارو فرد جي ذاتي مفاد بدران سموري معاشري ۽ سموري انسانيت جي مفاد جي حق ۾ استعمال ٿيندو.

سرمائيداراڻي نظام ۾ پنج سالہ منصوبي (Plan) کي ڏهه دفعا قائم ڪرڻ سان اهي نتيجا نه نڪرندا، جيڪي اشتراڪي نظام ۾ هڪ يا ٻه منصوبا پنهنجا نتيجا پيدا ڪن ٿا. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي ڪبيره گناهن جي فهرست ۾ ”محنت جي استحصال“ کي سڀ کان منڍ ۾ هئڻ گهرجي. پر سمورن مذهبن جي ديني اڳواٽي جي نظر ۾ شراب نوشي، جوابازي، جنسي ڇڙواڳي ۽ اهڙيون ٻيون ئي ٻئي خرابيون ڪبيرو گناهه سمجهيون وينديون آهن. پر محنت جي استحصال کي گناهہ ئي نٿو ڳڻيو وڃي. سو جيستائين محنت جي استحصال جي صورت ۾ انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ اخلاقي برائين کي سائنسي بنياد تي نه سمجهيو ويندو، ان وقت تائين محنت جي استحصال کي ڪبيرو گناهه نه سمجهيو ويندو. مولانا مودودي وياج تي ٻن جلدن ۾ بحث ڪيو آهي، پر هو به وياج ۽ محنت جي استحصال وچ ۾ فرق کي نہ سمجهي سگهيو آهي.

## ڊاڪٽر رفيع الدين جو استدلال

اها ڳالهہ تہ محنت جي استحصال سان حاصل ٿيندڙ رقم زڪوات، صدقن، خيرات ۽ ميراث جي ورڇ ذريعي عوام تائين پهچائي سگهجي ٿي، تہ اها ڳالهہ موجوده دور جي معاشي ۽ سماجي ضرورتن آڏار اڻپوري آهي. ڊاڪٽر رفيع الدين پنهنجي ڪتاب ”قرآن اور علم جديد“ ۾ مارڪس تي تنقيد

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي، انهيءَ جي وضاحت هڪ مثال سان ڪئي آهي. سو هتي ان جو اقتباس ڏنو وڃي ٿو:

”مثال طور هڪ شهري رياست جي آبادي ست هزار گهرن تي آڌاريل آهي. ان مان اٺ هزار ماڻهو سرمائيدار ۽ زڪوات جي نصاب واري حد کي پهتل آهن. انهن ماڻهن وٽ رياست جون وڏيون وڏيون ملازمتون، روڪ، سون، چاندي، زمينون، صنعتي ڪارخانا ۽ ڪاروباري فرم آهن. ٻارنهن هزار ماڻهو وچولي درجي جا آهن جن جو گذران چڱو آهي، پر انهن وٽ ڪا به بچت نہ آهي ۽ باقي چاليهہ هزار ماڻهو مزدور ۽ غريب آهن. شهر ۾ حڪومت جي طرف کان ديني تعليم ۽ تربيت جو تمام ئي عمدو انتظام موجود آهي، جنهن جو نتيجو هي آهي جو هر ماڻهو شريعت جي حڪمن جي پوري طرح سان پابندي ڪري ٿو. سرمائيدارن مان هر ماڻهو پنهنجي واڌو مال مان شريعت جي مقرر ڪيل شرحن موجب هر سال باقاعدگي ۽ ديانتداري سان زڪوات ادا ڪري ٿو ۽ وڌيڪ خيرات بہ ادا ڪري ٿو.

انهن سرمائيدارن مان هڪڙو سرمائيدار اهڙو بہ آهي، جيڪو محسوس ڪري ٿو تہ زڪوات ۽ خيرات ادا ڪرڻ باوجود سندس غريب ۽ محتاج ڀائرن ۽ سندس وچ ۾ وڏو فرق آهي. هو پاڻ تہ عيش واري زندگي گذاري رهيو آهي، پر غريبن کي انهن جون سخت ضرورت واريون شيون بہ ميسر نہ آهن يا تمام ئي ڏکيائي سان حاصل ڪن ٿا. جڏهن تہ هو ٻين کي خيرات ڏئي ٿو ٻين کان وٺي نٿو. پر ان جا غريب ڀائر محتاجي ۾ وڪوڙيل آهن. پوءِ جڏهن هو سوچي ٿو تہ انهيءَ فرق جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ تہ ڪيس نظر اچي ٿو تہ سندس دولتمندي جو سبب ”زينت الحيواة الدنيا“ جي محبت ۽ حرص آهي، جنهن سندس مزدور ڀاءُ کي ٿورڙي تي گذارو ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ تي اپاريو آهي. هو پائي پائي تي نظر رکي ٿو ۽ گهٽ ڏيڻ ۽ وڌيڪ وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. (ان جو سبب مزدور جي محنت جو استحصال آهي جيڪو مزدور کي گهٽ ڏئي ٿو ۽ ان جي محنت جي پيداوار تي وڌيڪ نفعو حاصل ڪري ٿو) تنهن ڪري هو انهيءَ سوچ هيٺ پنهنجو پاڻ کي حرص ۽ نفساني خواهشن کان بلڪل پاڪ ڪرڻ جي لاءِ حضور اڪرم ﷺ جي فرمان ”حتي يحب لاخيه ما يحب لنفسه“ کي سامهون رکندي ۽ قرآن ڪريم جي حڪم ”لن تنالوا البر“ ۽ ”قل العفو“ موجب فيصلو ڪري ٿو تہ هو پنهنجو سمورو

فالتو مال غريبن جي ضرورتن جي پورائي لاءِ ڏئي ڇڏي. جيئن ته هو سمجهي ٿو ته هو پاڻ شهر جي هزارين ضرورتمندن جي ضرورتن جو صحيح طرح سان اندازو ڪري نه سگهندو ۽ سندس ورهاست ماڻهن جي ضرورتن جي لحاظ کان گهٽ وڌ ٿي ويندي ۽ ڪيس خبر آهي ته حڪومت ذميدار ۽ خدا ترس ماڻهن تي آڌاريل آهي. تنهن ڪري هو حڪومت کي اطلاع ڏئي ٿو ته سندس مال کي پنهنجي قبضي ۾ وٺي، ان کي بک ۽ بدحالي جي خاتمي لاءِ استعمال ۾ آندو وڃي ۽ مناسب طرح سان ماڻهن ۾ ورهايو وڃي. فرض ڪريو ته هڪ ٻن مهينن ۾ ٻيئي سرمائيدار به سندس مثال کان متاثر ٿي ان وانگر پلوءِ اوچي درجي جا مسلمان بنجڻ جي خواهش سان، اهڙيءَ ئي طرح پنهنجو بچت مال حڪومت جي حوالي ڪري ڇڏن ٿا. (ياد رهي ته پنهنجو بچت مال ڏين ٿا پر پنهنجون زمينون، ڪارخانا، ڪاٽيون، تيل جا چشما ۽ واپاري فرمن کي انهن جي قبضي ۽ ملڪيت ۾ رهڻ ڏين).

انهن سڀني جو فيصلو شرعي لحاظ کان واکاڻ لائق آهي پر جڏهن حڪومت وٽ ان قسم جون اٺ هزار درخواستون پهچن ته حڪومت جي مٿان تمام وڏي ذميواري اچي وڃي ٿي ته هوءَ انهيءَ سرمائي کي اهڙي طرح ورهائي جو اقتصادي طور تي ماڻهن جي حالت سڌري وڃي. ڇو ته جيڪڏهن هن انهيءَ سرمائي کي مناسب ترتيب سان غريبن ۾ نه ورهايو ته وڏا صنعتي ڪارخانا، جن ۾ عوام جي بنيادي ضروت جون شيون تمام ئي عمديون ۽ سستيون تيار ٿين ٿيون، بند ٿي ويندين جنهن سان نه رڳو ماڻهن کي پنهنجون ضرورت جون شيون نه ملي سگهنديون، پر واندڪائي به وڌي ويندي. جيڪڏهن زمين ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي ته ان جي زراعت اقتصادي طور تي نفعو ڏيندڙ نه رهندي ۽ پيداوار ۾ ڪوٽ اچي ويندي ۽ ڪجهه ماڻهو انهيءَ ڪري غريب آهن جو انهن کي محنت بدران خيرات تي گذارو ڪرڻ جي عادت ٿي وئي آهي، اهڙا ماڻهو مفت ۾ مالدار ٿي وڃڻ جي ڪري ٿوٽي ٿي ويندا، سرمائي کي ويهي کائيندا ۽ وري مسڪين ٿي ويندا.

## اسلامي رياست جو آخري اقتصادي نظام

تنهن ڪري حڪومت فيصلو ڪري ٿي ته:

1. هڪ پاسي شهر جي سمورن بيڪار، غريب ۽ ٻين اهڙي قسم جي ماڻهن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صلاحيتن ۽ قابليتن جون فهرستون ته ٻئي پاسي شهرين جي سمورين اقتصادي ضرورتن جي فهرست تيار ڪئي وڃي.

2. ڪارخانا ۽ فرم پهريان وانگر جاري رهن ۽ جيڪي ماڻهو انهن ۾ ملازم آهن، تيئن ئي ملازم رهن. حڪومت انهن کي پگهار ڏئي ۽ پاڻ ڪارخانن کي سنڀالي ۽ انهن جي آمدني مان (جنهن جو اڳي رڳو ٿورڙو حصو زڪوات جي صورت ۾ حڪومت کي ملندو هو) ٻئي ڪارخانا کولي ۽ ڪجهه اهڙن مسڪينن کي، انهيءَ ڪارخاني ۾ ڪم تي لڳائي جيڪي اڳي بيڪاري جي ڪري بکون ڪاٽڻ تي مجبور هئا ۽ باقاعدي خيرات تي گذارو ڪندڙ هئا.

3. پوکيءَ واري زمين اهڙي طرح سان ورهائي وڃي جو هر حصي جي آمدني هڪ وچولي درجي جي گهراڻي جي زندگيءَ جي سمورين ضرورتن ۽ ڪجهه ٿاهه ٿوهه جي ضرورتن لاءِ ڪافي هجي. پوءِ لاڳاپيل حصن جي مالڪن کي چيو وڃي ته اهي جماعتون ٺاهن ۽ پنهنجي پنهنجي حصي جي زمين کي گڏيل تعاون واري اصول هيٺ اهڙي طرح پوکي ڪن جو، ڄڻ ته سموري زمين هڪ ئي آهي ۽ پنهنجي آمدني کي گڏيل طور تي پاڻ ۾ ورهائن. اهڙي طرح سان اهي زراعت جي لاءِ قيمتي مشينون ۽ قيمتي ڀاڻ استعمال ڪري، پنهنجي پيداوار ۽ آمدني ۾ واڌارو ڪن.

4. ڪو ڪارخانو يا ڪا گڏيل پوک جي ايراضي ايترو ننڍي نه هجي جو ان جي پيداوار مهانگي پئجي وڃي. اهڙي طرح ڪوبه واپاري فرم ايترو گهٽ سرمائي سان ڪم نه ڪري جو هو پنهنجي ڪم کي اثرائتي، سنهنجي ۽ گهٽ مُلهه واري طريقي سان نه ڪري سگهي. اهو فيصلو جيئن ته شهر جي آبادي جي سمورن طبقن کي پوري طرح سان مطمئن ڪري ٿو ۽ حرص ۽ غربت جي ٻنهي بيمارين کان مستقل ڇوٽڪارو ڏئي ٿو، تنهن ڪري ماڻهو ان کي قبول ۽ خوشيءَ سان جاري ڪن ٿا.

## اشتراڪي نظام جو الزام

ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ اقتصادي نظام کي اشتراڪي نظام سڏي ته ان جي مرضي آهي، پر حقيقت ۾ اهو نظام هڪ مڪمل ۽ بامقصد اسلامي جماعت جو پاڻ مرادو ظاهر ٿيندڙ اقتصادي

نظام آهي.

## اهڙي معاشي نظام جي حق ۾ رسول الله ﷺ جي تائيد

حديث جا لفظ هي آهن: ”عن ابي درداء قال قال النبيﷺ ان لا شعر يين اذا امر سلوا في الغزوة او قل طعام عيالهم في ثوب و احدثم اقتسموا بينهم بالسو يته فهو مني و انا منهم “ ابو درداء ؓ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ اشعري قبيلي جا ماڻهو جيستائين (جڏهن) جنگ ۾ مسڪين ٿي ويندا آهن. يا شهر ۾ رهندي انهن جي ٻارن ٻچن لاءِ کاڌ خوراڪ گهٽجي ويندي آهي، تہ جو ڪجهہ انهن وٽ هوندو آهي، هڪ ئي ڪپڙي يا ٿانو ۾ گڏ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پاڻ ۾ هڪجيترو ورهائي ڇڏيندا آهن. انهن جو اهو عمل منهنجي ذاتي خواهش موجب ئي آهي ۽ مان انهن مان ئي هڪ آهيان. (يعني مان انهن مان آهيان ۽ اهي مون مان آهن).

انهيءَ حديث مان خبر پوي ٿي تہ جيڪڏهن دولت کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، جماعت جي سمورن فردن ۾ هڪجيترو ورهائڻ جو ئي اصول وڏي پيماني تي رائج ڪيو وڃي، جنهن ۾ جماعت جا سمورا فرد شامل هجن ۽ وصول ڪندڙ توڙي ورهائيندڙ مرڪز، جماعت يا حڪومت کي مقرر ڪيو وڃي (جيئن سماجي رياستن ۾ ٿيندو آهي) تہ اهو طريقو بہ حضور اڪرمﷺ وٽ ايترو ئي پسنديده هوندو. ڇو جو ٻنهي طريقن ۾ سواءِ پکيڙ ۽ ماپي جي ٻيو ڪوبہ فرق نہ آهي. حضرت يوسف ؑ انهيءَ ئي ورهاست جي اشتراڪي طريقي سان ماڻهن کي ڏکر واري دور ۾ بکون ڪاٽڻ کان بچايو هو.

نوٽ: حديث ۾ لفظ ”بالسويتہ“ (هڪجيترو) جو مطلب اهو نہ آهي تہ اشعري قبيلي جا ماڻهو پنهنجي ٻارن ۽ جوانن کي هڪجيترو کاڌو ڏيندا هئا. اهڙي طرح سان رياست جي فردن ۾ دولت جي هڪجيتري ورڇ جي اصطلاح ۾ پڻ برابريءَ جو اهو مطلب نہ ورتو ويندو. (يعني برابري مطلق نہ هوندي، پر محنت جي پيداوار موجب ڏني ويندي).

انهيءَ اقتباس سان سماجي معيشت واري نظام جي مڪمل طور تي تائيد ٿي وڃي ٿي. انهيءَ ئي نظام کي هٿي ڏيڻ آريائي، سامي ۽ زرد نسلن ۾ موڪليل نبين جو مقصد هو. انهيءَ نظام تي آڏاريل معاشري کي توحيدي معاشرو سڏيو وڃي ٿو. جڏهن تہ طبقاتي مفادن وارو معاشرو مشرڪ معاشرو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ياڻيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. جڏهن زراعت واري دور کان انسان غلام ۽ آقا جي طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ انسان جو انسان مٿان ڏاڍ ۽ ظلم وڌي ويو ته نبين جي موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيو. سمورا پاڪ ڪتاب اڄ جنهن به شڪل ۾ موجود آهن، انهن ۾ طبقاتي ورڇ جو ذڪر ڪنهن نه ڪنهن طرح سان موجود آهي ۽ ان جي نتيجن تي به روشني پوي ٿي. مذهبي پيشوائيت نبين سڳورن جي اشتراڪي معيشت ۽ طبقاتي معاشري ڪي غير طبقاتي بنائڻ واري تعليم ڪي بگاڙي ڇڏيو. مسلمان عالمن جا سمورا تفسير انهيءَ تصور کان خالي آهن ۽ ڪليل طرح سان رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي تحفظ ۽ طبقاتي نظام نسبت الله ۽ سندس رسول جي طرفان تائيد تي ٻڌل آهن. اها ئي اُها هيرڦير آهي، جنهن لاءِ مسلمان عالم پاڻ به دانهون ڪندا آهن ته هن کان اڳي پاڪ ڪتابن ۾ تحريف ڪئي وئي آهي. جڏهن ته انهيءَ معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي ته قرآن پاڪ جي تعليم ڪي به بگاڙيو ويو آهي. اها ڳالهه به قرآن ڪريم جي لفظن "يحرفون الكلمه" جو مطلب پيش ڪري ٿي ته اشتراڪي معيشت ۽ غير طبقاتي معاشري جو ذڪر ڪرڻ وارن لفظن ڪي معنوي لحاظ کان بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ ڪيترن ئي جائن تي ان جو متبادل ڏنو ويو. مسلمان عالمن پڻ لفظن جي معنيٰ ڪي بدلائي ڇڏيو ۽ نتيجو ٻنهي صورتن ۾ ساڳيو ئي نڪتو. انهيءَ ڳالهه کي امام شاهه ولي الله به تحريف ئي سڏي ٿو.

انهيءَ اقتباس مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته زڪوات، ميراث جي ورهاست، صدقا ۽ خيراتون معاشري جي هر فرد لاءِ ان جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون نٿا ڪري سگهن؛ خاص ڪري موجوده دور ۾ جڏهن جو آبادي وڌي چڪي آهي ۽ ضرورتن جي نوعيت بدلجي وئي آهي ۽ معاشي نظام تمام ئي منجهيل بڻجي ويو آهي. اهي معاشي حڪم ۽ سزائون وغيره گذرندڙ دور لاءِ آهن، ايتري تائين جو مسلمان معاشري ۾ مسلمان جي جان ۽ مال جڏهن گڏيل ملڪيت ۾ اچي وڃي ۽ ان جي بدلي ڪيس جنتي معاشري جي نعمت ملي وڃي، جنهن ۾ ان جي جسماني ۽ مادي ضرورتن جي پورائي جي لاءِ سامان هوندو ۽ ان ۾ ڪيس پنهنجي سونهن سينگار جون ضرورتون به ميسر ٿي وينديون.

سورت الحشر جي آيت سڀوريءَ ۾ چيو ويو آهي ته دولت رڳو امير طبقي ۾ ئي نه رهي، ان ڪي هيٺين طبقي جي ماڻهن ۾ به گردش ڪرڻ گهرجي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته اميرن جي دولت جڏهن به هيٺ لٿي آهي ته رڳو ڌاڙي يا

خيرات جي شڪل ۾ لٽي آهي. انهيءَ دولت تي مزدور کي مالڪاڻو حق حاصل نٿو ٿئي. اها دولت سدائين ڪڙمت، مضاربت، لميٽڊ ڪمپني، اجا ب ملٽي نيشنل ڪارپوريشن ۽ ڪارٽل جي شڪل ۾ هيٺ ايندي. انهيءَ سموري عمل ۾ مزدور کي رڳو ڏهاڙي ملندي آهي ۽ ان جي محنت جي استحصال سان هڪ ڪارخاني مان ڪيترائي ڪارخانا ٺهندا ويندا پر هو ساڳيو ئي مزدور رهندو آهي ۽ سندس هڪ به ڪارخانو نهي نه سگهندو.[1] ڊيوڊ ريڪارڊو جي تجويز موجب مزدور کي رڳو ايترو ئي ملندو آهي، جنهن سان هو جيئرو رهي سگهي ۽ ڪارخانيدار جي دولت ۾ واڌارو ڪندو رهي.

قرآن ڪريم زمين واري زندگيءَ ۾ ”هبوط“ آدم کان پوءِ جڏهن هي چيو ته هاڻي منهنجي تعليم ۽ هدايت توهان وٽ ايندي رهندي، جيڪڏهن توهان انهيءَ تي عمل ڪندؤ ته خوف (جنگ ۽ فساد، ويڙهه جهيڙي، ڦر مار، چوري ۽ ڏاڍيءَ سان عزتون لٽڻ وغيره) ۽ حزن (بک، بدحالي، غربت، غلامي، جهالت ۽ ڏاڍن جي ظلمن وغيره) کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندؤ جيڪو طبقاتي معاشري جو ڪڙو ميوو آهي ۽ پيهر پنهنجي وڃايل جنت کي حاصل ڪري وٺندؤ.

انهيءَ اقتباس مان خبر پوي ٿي ته انسان جي زندگيءَ جو مقصد خدائي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ آهي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته فرد جون مادي ۽ جمالياتي ضرورتون پوريون هجن ته جيئن هو دلي اطمينان سان الله تعاليٰ ڏانهن پنهنجو ڌيان جاري رکي سگهي. ايستائين جو هن جي نفس ۾ شريفانه ۽ اوچا اخلاق رچي وڃن ۽ هو پنهنجي فطرت جي دٻاءَ سان نيڪيءَ واري واٽ تي هلڻ لاءِ مجبور ٿي پوي. تجربو ٻڌائي ٿو ته مذهب جي انسانيت واري مقصد جي حاصلات لاءِ سماجي معيشت تمام ئي ضروري آهي ۽ سماجي معيشت جو نظرياتي بنياد، دنيا جي مذهبن جا گڏيل ڪائناتي تصور، انساني فطرت آهن. الاهي نوراني سگهه جي موجودگي، جيڪا موت کان پوءِ پنهنجي چڱن ۽ برن عملن سان گڏ قائم هوندي ۽ اخلاقي ۽ روحاني گڻن تي ٻڌل هئڻ گهرجي، تن مذهبي گڻن ڪانسواءِ اشتراڪي معاشري جي فرد جو مقصد اولهه جي مورتي آزادي ٿي وي، جنهن سان اشتراڪي معاشري ۾ بگاڙ اچي چڪو

[1] ڪارخانو ته پري جي ڳالهه آهي پر هو پنهنجي رهڻ لاءِ گهر به ٺاهي نه سگهندو آهي، جتي هو موسمي اثرن کان پاڻ کي بچائي سگهي. (سنڌيڪار)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. نہ ئي وري غير اشتراڪي معاشري ۾ سماجي معيشت ڪان سواءِ گڏيل سطح تي اخلاقي ۽ روحاني گڏ فردن جي نفسيات جو حصو بڻجي سگهيا آهن. انهيءَ ڪري اهو لازمي آهي تہ سماجي معيشت، غير طبقاتي معاشري جي جوڙجڪ ۽ دنيا جي مذهبن جي ڪائنات ۽ زندگيءَ بابت تصور ۽ اخلاقي ۽ روحاني گڏن ۾ نامياتي ڳانڍاپو جڙي وڃي تہ جيئن فرد جي پنهنجي زندگيءَ واري مقصد کي حاصل ڪرڻ واري واٽ ۾ ڪا رڪاوٽ نہ رهي. فرد جي زندگي لڳاتار خدائي عبادت ۾ گذرڻ لڳي. انهن ٻنهي ڳالهين جي اختلاف سان انسان پنهنجي منزل حاصل نہ ڪري سگهيو ۽ مختلف قسم جي غير انساني حالتن ۾ گهيرجي ويو آهي. انهيءَ سموري عمل جي لاءِ جتي پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت جي خاتمي ۽ انسان جو نسل، قوم، قبيلي ۽ برادري جي ورڇ ڪان هٽي انساني وحدت ڏانهن اچڻ ضروري آهي، اتي مذهبي پيشوائيت جي اداري ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ بہ ضروري آهي، جنهن مذهب جي وحدت کي ختم ڪري، ان کي جارحاڻي گروهہ بندين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. انهن ٽنهي ڳالهين کي حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ انسان اڄ تائين ناڪام ۽ شڪست کاڌل رهيو آهي. ڇو جو انهن جي رڪاوٽن جي ڪري الله تعاليٰ جا پيدا ڪيل ربوبيت جا وسيلا عام انسانن جي پهچ کان پري ٿي ويا آهن. اجا بہ سموري انساني تاريخ ۾ ۽ اڄ بہ ڪن ٿورڙن ماڻهن تي ٻڌل ٽولو محنت جو استحصال ڪندو رهيو آهي ۽ اجا تائين ڪري رهيو آهي.

(هن تي وڌيڪ تفصيل باب ”الرحيم“ ۾ ڏسو)

*****

باب پنجون

# العالمين

قرآن ڪريم ٻڌائي ٿو تہ هن ڪائنات جو رب رڳو مسلمانن جو ئي رب نہ آهي، پر هو سمورن قومن جو پڻ رب آهي. ٻين لفظن ۾ خدا تعاليٰ ڪو قومي خدا نہ پر بين الاقوامي خدا آهي. قرآن ڪريم جي عالمگير رخ جي وضاحت لاءِ جتي الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ لفظ ”رب العالمين“ چيو آهي، اتي پنهنجي رسول حضرت محمد عربيﷺ کي ”رحمة اللعالمين“ ۽ ”ڪافة للناس“ يعني سمورن انسانن لاءِ موڪليل ٻڌايو آهي. اهڙي طرح قرآن کي ”ذڪر للعالمين“، ” بصائر للناس“ ۽ ” هدي للناس“ سڏيو آهي. عالمين جو مطلب تہ دنيا جون قومون آهن. پر الناس جو مطلب عوام (The Masses) آهي.
قرآن اصل ۾ رعايتون ڏنل طبقي کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. ان جي خاتمي ڪان پوءِ جيڪو ٻين جي محنت تي پلجي ٿو، رڳو پنهنجي ئي محنت سان روزي حاصل ڪري عوام ٻڻجي وڃي ٿو. جن جي تعليمي، اخلاقي ۽ تهذيبي تربيت ڪرڻ قرآن جو مقصد آهي. جهڙي طرح سان الله تعاليٰ سمورن انسانن ۽ قومن جي لاءِ پرورش جو سامان مهيا ڪندڙ آهي، اهڙي طرح سان رسول الله جو فيض، سندن محبت ۽ ٻاجھہ ۽ سندن تعليم بہ سمورن قومن لاءِ آهي. قرآن ڪريم گذريل نبين جي تعليم کي ياد ڪرائيندڙ دنيا جي قومن جي لاءِ سبق ۽ نصيحت ڏيندڙ ۽ انهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جو فرض نڀائيندڙ ڪتاب آهي.
عالمين جو لفظ ڪائنات جي بدران ڪائناتن جي وجود تي روشني وجهي ٿو. جيتوڻيڪ مخلوق جو هر قسم پنهنجي جاءِ تي هڪ جدا ڪائنات آهي، پر هتي اهو بہ سمجهي سگهجي ٿو تہ اسان جي ڪائنات ڪانسواءِ اڻ ڳڻين ڪهڪشائن ۾ موجود اڻ ڳڻيا نظام شمسي بہ انهيءَ مطلب ۾ شامل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ايئن سورت شوريٰ جي آيت نمبر 29 ۾ آهي تہ:

وَمِنْ آيَاتِهِ خَلْقُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَمَا بَثَّ فِيهِمَا مِن دَابَّةٍ وَهُوَ عَلَىٰ جَمْعِهِمْ إِذَا يَشَاءُ قَدِيرٌ

ترجمو: ”۽ آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ جيڪي سندن وچ ۾ چرندڙ (جيت جڻا، پکي، پکڻ جانور وغيره) پکيڙيائين (جيڪي هڪ ٻئي کان جدا آهن) تن جو (بڻائڻ) سنديس نشانين مان آهي، ۽ اُهو جڏهن گهرندو (تڏهن) سندن گڏ ڪرڻ تي وس وارو آهي.“

تنهن ڪري العالمين يعني دنيا جي قومن جو ذڪر ڪرڻ سان قرآن جي تعليم عالمگير حيثيت اختيار ڪري وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن دينن جي وحدت واري تصور کي وڌن دليلن سان پيش ڪيو آهي. هن ٻڌايو آهي تہ سامي، آريائي ۽ زرد قومن ۾ موڪليل نبين سڀورن جي تعليم بنيادي طور تي ساڳي ئي هئي. يعني تہ هر نبي خدائي هيڪڙائي، مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ نيڪ عملن جي تاڪيد ڪئي آهي. جيئن فرمايو ويو:

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ

ترجمو: ”(جيڪي) مؤمن ۽ يهودي ۽ صابي ۽ نصاريٰ (آهن اُنهن مان) جن الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ڪوبہ ڪونہ آهي ۽ نکي اُهي غمگين رهندا. “

قرآن ڪريم جي عالمگير تعليم تي تفصيلي ۽ دليلن سان بحث مولانا ابو الڪلام آزاد سورت فاتحہ جي تفسير ۾ ”دينن جي وحدت جي بنيادي تعليم ۽ قرآن مجيد“ جي عنوان هيٺ ڪيو آهي. اهو سمورو مقالو ”اهدنا“ جي باب ۾ ڏنو ويو آهي. اهو بہ ياد رهي تہ تفسيرن جي سموري ذخيري ۾ اها ئي هڪ لکڻي اهڙي آهي، جنهن قرآن جي تعليم کي عالمگير ثابت ڪيو آهي. نہ رڳو عالمگير، پر انساني وحدت جي ضمانت پڻ ڏسيو آهي. جڏهن تہ ختم نبوت جو مقصد بہ انساني وحدت جو قائم ڪرڻ آهي.

افسوس جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ مسلمانن جي ڪنهن ديني جماعت يا تنظيم انهيءَ لکڻي جي افاديت کي ڌيان ۾ ناهي رکيو. پنهنجي سمورن دعوائن باوجود ختم نبوت ۽ قرآن ڪريم جي نزول جي بنيادي مقصد،

جيڪو انساني ڀڏي ۾ وحدت قائم ڪرڻ آهي، لاءِ ڪا به ڪوشش نه ڪئي. اجا به سمورن غير مسلم قومن کي ”ڪافر“، انهن جي مذهبي پاڪ ڪتابن کي مڪمل طور تي هير ڦير ٽيل ۽ ردي سڏي، انساني ڀڏي ۾ وحدت جي قيام لاءِ ڪوشش ۾ جاکوڙڻ بدران پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ اسلام جي ظاهري رسمن جي ادائگي ۽ سزائن واري قانونن جي نفاذ لاءِ زور ڏنو وڃي ٿو.

اها ڳالهه ڌيان طلب آهي ته دنيا جي سمورين قومون، اجا به ’الناس‘ (عوام) جي پرورش ۽ واڌ ويجهه تڏهن ئي ٿي سگهي ٿي، جڏهن پيداواري وسيلا ٿورڙن انسانن جي قبضي مان ڪڍي عوام جي ملڪيت ۾ ڏنا وڃن. انهيءَ ئي صورت ۾ رب العالمين جي اصطلاح جون گهرجون پوريون ٿي سگهن ٿيون.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته الله تعاليٰ جي ربوبيت واري نظام جي پيٺ ۾، انسان جيڪو ربوبيت وارو نظام قائم ڪيو آهي، تنهن خدا تعاليٰ کي ”رب العالمين“ يا ”رب العوام“ هجڻ بدران رب المترفين بڻائي ڇڏيو آهي. اقتدار ۽ دولت جا سمورا وسيلا ٿورڙن ماڻهن جي هٿن ۾ رهيا آهن. گهٽائي غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي شڪل ۾ ان وقت تائين موجود رهندي جيستائين پيداواري وسيلن کي عوام جي ملڪيت ۾ نٿو ڏنو وڃي. جيئن ته سمورن نبين سڳورن جو معاشي نظام به اهو ئي آهي ۽ انهيءَ معاشي نظام کي عملي طور تي ديني نقطي نظر کان، جيستائين سمورن مذهبن جي پيروڪارن ۾ قائم نٿو ڪيو وڃي، خدا تعاليٰ ”رب العالمين“ جي حيثيت اختيار ڪري نٿو سگهي. هو ساڳيو ئي ”رب المترفين“رهندو ۽ اها ئي شڪايت محروم انسانن کي خدا تعاليٰ سان آهي ته ٿورڙن انسان کي ايترو گهڻو ڏنو ويو آهي، جڏهن گهٽائيءَ کي محروم رکيو آهي.

اصل ۾ عوام جي انهيءَ غلط فهميءَ جي ذميواري دنيا جي مذهبي اڳواڻن تي اچي ٿي، جن اها ڳالهه پکيڙي ڇڏي آهي ته غربت ۽ مسڪينيءَ جو ذميوار خدا تعاليٰ آهي. هو ئي ماڻهن کي امير ۽ غريب ڪري ٿو. جيستائين مذهب جي صحيح معاشي نظريي کي عوام جي سامهون پيش نه ڪيو ويندو، عوام جي شعور کي انهيءَ نظريي سان سگهارو نه ڪيو ويندو ۽ عوام پنهنجي گڏيل سگهه سان پيداواري وسيلن تي قبضو نه ڪندي، خدا جي ربوبيت جي باري ۾ عوام اندر اها غلط فهمي قائم رهندي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي معيشت جي قيام لاءِ انهيءَ تازي جاڳوڙ ۾ پيداواري وسيلن جي مالڪن ڪان سواءِ هڪ جنگ مذهبي اڳواٽيءَ جي خلاف بہ وڙهي ويندي. انهيءَ جنگ ۾ انهن طرفان خدائي ربوبيت بابت پڪيڙيل باطل تصورن کي ختم ڪري، خدا جي عام ربوبيت جي تصور کي رائج ڪيو ويندو. اهووڏو انقلاب هوندو ۽ شايد آخري انقلاب هوندو.

## ميڪياولي جو قوميت وارو نظريو

معاشرتي ارتقا جو عمل خاندان ڪان شروع ٿي قبيلي جي شڪل اختيار ڪري ٿو قبيلا پاڻ ۾ ملي هڪ قوم (Nation) جوڙين ٿا ۽ دنيا جي قومن مان عالمگير انسانيت جو تصور ابري ٿو. يورپ جي نئين سر اڏاوت واري دور ۾ مشين جي ايجاد سان، قديم جاگيرداري نظام ختم ٿي ويو جنهن هڪ ملڪ ۾ رهندڙن کي، مختلف جاگيرداري علائقن ۾ ورهائي رکيو هو. واپاري کي هر علائقي ۾ بيهر ٽيڪس ادا ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ نظام جو سربراهہ بادشاهہ هوندو هو جيڪو جاگيردارن ڪان زرعي ٽيڪس ۽ سپاهي حاصل ڪندو هو. پر وڌندڙ واپار جي ڪري، ضرورت پوڻ تي بادشاهہ کي واپارين پئسا ڏيڻ شروع ڪيا. فرانس واري انقلاب، واپارين ۽صنعتڪارن جي رستي جي سمورين جاگيرداري حدبندين کي ختم ڪري ڇڏيو. بادشاهت جي جاءِ جمهوريت والاري ورتي ۽ جاگيرداري نظام کي آسماني سند مهيا ڪندڙ ڪيٿولڪ چرچ کي معاشرتي معاملن ڪان بي دخل ڪري، سيڪيولر ازم پنهنجائي ورتو. انهيءَ دور جي ذڪر ڪيل معاشي حالتن جي ڪري قوم ۽ قوميت جو تصور ابريو. قوميت جي سڃاڻ وطن، ٻولي، نسل ۽ گڏيل تهذيبي گڻن سان ٿيڻ لڳي ۽ يورپ مختلف قومن ۾ ورهائجي ويو. جڏهن تہ انهن جو مذهب عيسائيت ساڳيو ئي هو. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي عالمگير اخلاقي قانونن جي جاءِ قومي اخلاقن والاري.

مشين جي پيداوار کي وڪڻڻ لاءِ منڊين جي ڳولا شروع ٿي وئي. يورپ جي هر قوم هڪ ٻئي تي منڊين ۾ قبضو ڪرڻ لاءِ ڏڪ ڊوڙ ڪرڻ لڳي. آدم سمٿ جي آزاد معاشي تصور ۽ قوميت جي نظريي پاڻ ۾ ملي جارحاڻي قوميت جي تصور کي اپاريو. انهيءَ عمل کي نظرياتي بنياد اٽلي جي فلسفي ميڪياولي (Machavelli) قوميت جي نظريي سان ڏنو. انهيءَ جو نظريو هي

هو تہ رياست جي حفاظت ۽ ترقي انسان جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مقصد آهي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ مذهب ۽ اخلاق انهيءَ هيٺ ان جا خدمتگار ٿي رهن. جڏهن رياست جا مقصد ان ڳالهہ جي گهر ڪن تہ حڪمرانن جي لاءِ نہ رڳو جائز، پر ضروري آهي تہ اهي دوکي، دغا، ڪوڙ ۽ ظلم کان جيترو گهرن ڪم وٺي سگهن ٿا.

يورپ ۾ قومي رياست جي وجود، ان جي حفاظت ۽ ترقي لاءِ يورپ جي سياستدانن ۽ انهن جي ايشيائي شاگردن جا اهي طريقا، جن ۾ اهي مذهب، نيڪي، تهذيب، عدل، انسانيت، شرافت ۽ آزاديءَ جو نالو کڻي ٻين قومن تي هر طرح جا ظلم ڪن ٿا، انهيءَ ئي فلسفي جو نتيجو آهن. هاڻي يورپ ۾ ڪوڙ دوکو سياست جو لازمي جزو سمجهيو وڃي ٿو. سياستدانن جو ڪوڙ هڪ فن ڳڻيو وڃي ٿو. جنهن کي ڊپلوميسي (Diplomacy)، سٽيٽسمين شپ (Statesmanship) ۽ پروپيگنڊا (Propaganda) جي مهذب نالن سان سڏجاتو وڃي ٿو. جيئن تہ هر قومي رياست پنهنجن ئي مفادن جي حفاظت ڪندي آهي، انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ اها ٻين قومن جي مفادن کي لتاڙيندي آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو هر قوم ۾ ٻين سمورين قومن جي خلاف هڪ دشمني ۽ نفرت جو جذبو اڀري ٿو. جيتوڻيڪ هر قوم يا رياست پنهنجي انهيءَ شرمناڪ جذبي کي مٺن ۽ مهذب لفظن ۽ وڻندڙ نظرين ۽ معصوماڻن نصيحتن جي شڪل ڏئي ڇڏيندي آهي، پر حقيقت ۾ اِهو ئي اُهو جذبو آهي جيڪو انسانن ۾ فساد پيدا ڪرڻ ۽ قومن کي پاڻ ۾ جنگن لاءِ اڀاريندو آهي.

## قوميت مذهب جي حيثيت ۾

قوم پرست پنهنجي قوم کي هڪ مقدس تصور جي حيثيت ڏيندا آهن. پوءِ انهيءَ تصور کي پنهنجي سموري زندگيءَ جو دائرو ۽ پڙُ ناهي ڇڏيندا آهن. انهن جو هر ڪم، گهمڻ ڦرڻ، اٿڻ ويهڻ ۽ جيئڻ مرڻ انهيءَ قوميت واري تصور جي خدمت لاءِ ٿي ويندو آهي. انهن جو تعليمي نظام، اخلاقي نظام، سياسي نظام، معاشي نظام، بنيادي آئين، مطلب تہ انهن جي جماعتي زندگيءَ جو هر پاسو انهيءَ تصور جي ضرورتن مطابق ٺهندو آهي. جيتوڻيڪ اهي خدا کي بہ مڃيندا آهن ۽ ڪنهن نہ ڪنهن مذهب سان بہ پنهنجو لاڳاپو ظاهر ڪندا آهن، پر خدا يا مذهب سان انهن جو لاڳاپو نالي ماتر ۽ مٿاڇرو هوندو

آهي. جيڪڏهن انهن جو مذهب يا خدا ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ اخلاقي گڻن (مثال طور انسان دوستي، نيڪي، انصاف، آزادي وغيره) جون گهرجون انهن جي سياسي تصور جي خلاف هجن ته اهي سدائين خدا، مذهب، انسانيت، نيڪي، انصاف ۽ آزاديءَ جي گهرجن کي ڇڏي، پنهنجي سياسي تصور يا معبود جو ساٿ ڏيندا آهن. ان جو سبب هي آهي ته هڪ انسان جي لاءِ ان جي فطري اصولن جي لحاظ کان اهو ناممڪن آهي ته هو هڪ ئي وقت ٻن مقصدن سان محبت ڪري. جيڪڏهن قوم پرست ماڻهو مذهب ۽ خدا کي اهميت ڏين ته قوم پرست نه، پر خدا پرست هوندا. حضرت عيسيٰ ﷷ چيو هو ته هڪ ماڻهو ٻن مالڪن کي خوش نٿو ڪري سگهي. قرآن به چوي ٿو:

مَّا جَعَلَ اللَّهُ لِرَجُلٍ مِّن قَلْبَيْنِ فِي جَوْفِهِ﴿الأحزاب: ٤﴾

ترجمو: ”الله ڪنهن مڙس جي اندر ۾ ٻه دليون (پيدا) نه ڪيون آهن.“

## قوم پرستيءَ جون خوبيون

هر غلط سياسي نظريي وانگر قوم پرستي ۾ به ڪجهه چڱيون ڳالهيون موجود آهن. مثال طور، هي نظريو جماعت جي فردن ۾ ٻڌي، تنظيم ۽ قربانيءَ جون وصفون پيدا ڪندو آهي. جيتوڻيڪ انهن گڻن جو دائرو تمام ئي سوڙهو هوندو آهي، يعني سموري انسانيت کي پنهنجي اندر شامل ناهي ڪندو. يورپ جي قومن انهيءَ قوميت واري نظريي هيٺ جيڪا مادي ترقي حاصل ڪئي، تنهن ٻين قومن کي سياسي، معاشي ۽ ذهني لحاظ کان غلام بڻائي ورتو.

زندگيءَ جي گڏيل (اشتراڪي) فلسفي، قوميت جي انهيءَ تنگ نظريي جي مخالفت ڪئي. انهن نعرو هنيو ته ”دنيا جا مزدورؤ! هڪ ٿي وڃو!!“ چو جو دنيا جي سمورن مزدورن جا مفاد ۽ مسئلا ساڳيا ئي آهن. پر انهيءَ تصور سان گڏماديت جي فلسفي سبب ٻيون انسان دشمن خرابيون پيدا ٿي پيون آهن. پر هڪ سچو مذهب پنهنجي آفاقيت، انسان دوستي ۽ خدا پرستي جي ڪري، هڪ مڪمل ۽ انسان جي فطري گهرجن کي پورو ڪرڻ وارو نظريو هوندو آهي. اقبال چوي ٿو:

مکہ نے دیا خاک جنیوا کو یہ پیغام جمیعت اقوام کی جمیعت آدم!

## قبائلي اخلاقي ۽ قوميت

هڪ قبيلي جي فردن ۾ نسل، رنگ، ٻولي، عادتن ۽ ريتن رسمن جي معاملي ۾ جيتري حد تائين هڪجهڙائي هوندي هئي، سو اڄ هڪ ئي ملڪ ۾ رهڻ وارن ۾ ممڪن نہ آهي. اڄ اسان سمجهون ٿا تہ قبيلي پرستيءَ سان انسان جون همدرديون محدود ٿي وڃن ٿيون ۽ انهيءَ جو نتيجو قبائلي جنگين جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. بلڪل ساڳي ئي حالت وطن يا قوم پرستي سان پيدا ٿي رهي آهي. جيڪڏهن ماضي جي هڪ قبيلي جا فرد ٻئي قبيلي، جيڪي انهن جا ئي مٽ مائٽ هئا، جي قتل ۽ خون خرابي لاءِ تيار هوندا آهن، تہ اهڙي طرح اڄ هڪ قوم جا فرد ٻئي قوم جي فردن کي قتل ڪن ٿا ۽ رت وهائن ٿا. جيڪڏهن قبائلي دور بربريت جو هو تہ قوميت جو دور بہ بربريت جو ئي دور چئبو. جيڪڏهن قبيلي پرست انسان وحشي ۽ غير تهذيب يافتہ هئا تہ قوميت جو پيروڪار بہ اهڙو ئي آهي.

## مذهب ۽ قوميت جو نظريو

جيتوڻيڪ سمورن مذهبن جي سچي تعليم انسان دوستي واري آفاقي نظريي کي پيش ڪري ٿي، پر اسلام انهيءَ تي چٽائيءَ سان روشني وڌي آهي. قرآن جي نظر ۾ قبيلن يا قومن جي رنگ، نسل، ٻولي ۽ تهذيب جو اختلاف هڪ ٻئي جي سڃاڻ لاءِ آهي.

وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِندَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ

﴿الحجرات: ١٣﴾

ترجمو: ”۽ اوهان کي ذاتيون ۽ پاڙا ڪيوسون تہ هڪ ٻئي کي سڃاڻو بيشڪ اوهان مان تمام عزت وارو الله وٽ اُهو آهي جيڪو اوهان مان ڏاڍو پرهيزگار آهي.“

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انسانن ۾ سڀ کان وڏيڪ عزت وارو اهو ئي آهي جيڪو سڀ کان وڌيڪ نيڪ، علم وارو ۽ پرهيزگار آهي.

وَمِنْ آيَاتِهِ خَلْقُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافُ أَلْسِنَتِكُمْ وَأَلْوَانِكُمْ

﴿الروم: ٢٢﴾

ترجمو: ”آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ اوهان جي زبانن ۽ شڪلن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قِسمين قِسمين هجڻ سندس نشانين مان آهي (يعني انهن جو مقصد الله تعاليٰ جي سڃاڻ حاصل ڪرڻ آهي جيڪو انسان جو بنيادي مقصد هئڻ سان گڏوگڏ سندس عزت ۽ مرتبي جو معيار پڻ آهي.“

حجة الوداع جي خطبي ۾ پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو ”لا فضل لعربي علیٰ عجمي“ يعني عربي کي ڪنهن عجمي جي مٿان ڪا فضيلت نہ آهي.

هڪ خدا پرست جي زندگيءَ جو مقصد قوميت، رنگ، نسل يا ٻولي نہ هوندو آهي، پر هو رڳو الله تعاليٰ جي ويجهڙائي گهرندو آهي:

قُلْ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ (١٦٢)
لَا شَرِيكَ لَهُ ۖ وَبِذَٰلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا أَوَّلُ الْمُسْلِمِينَ (١٦٣)﴿الأنعام﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر ڪين هيءِ به) چؤ تہ مُنهنجي نماز ۽ منهنجون مڙئي عبادتون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ (سڀ) جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي. ان الله جو ڪوبہ ڀاڱي ڀائيوار نہ آهي ۽ مون کي اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان سڀ کان پهريان ان کي مڃان ٿو.“

هنن پاڪ آيتن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو مقصد قوم، رنگ، نسل، ٻولي وغيره تي آڌاريل محدود جماعتي نظريو نہ آهي، پر انهن سمورن غير انساني بندشن کان مٿانهون ٿي، عالمگير روحاني گڏيل معاشري يا رياست کي جوڙڻ آهي ۽ اها ئي آخري رياست آهي. اها رياست اشتراڪي معيشت ۽ دنيا جي مذهبن طرفان ٻڌايل ڪائنات، انساني فطرت جي روحاني تعبير ۽ گڏيل اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي پنهنجاڻ واري اصول تي قائم ٿيندي. هن رياست جي قائم ٿيڻ کان پوءِ وطنيت ۽ قوميت جي بنياد تي انسانن جو هڪ ٻئي کي ۽ خون خرابي واري عمل کي وحشپاڻي ۽ غير مهذب صورتحال سان تعبير ڪندا. ڇو تہ انسانيت جي وحدت واري واٽ ۾ ٽي رڪاوٽون آهن. پهرين رڪاوٽ پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي نجي ملڪيت جو قبضو آهي، ٻي رڪاوٽ نسل، قوم، رنگ، ٻولي ۽ مذهب جي اختلاف تي گروهه بندي آهي ۽ ٽين رڪاوٽ مذهبي پيشوائيت جي مذهبي گروهه بندي آهي، جيڪا مذهب ۽ ان جي پيروڪارن وچ ۾ نفرت ۽ دشمني جو ٻج پوکي ٿي. جڏهن تہ سمورن مذهبن جي تعليم ساڳي ئي آهي جنهن تي دينن جي هيڪڙائيءَ جو سائنسي تصور اڀريو آهي. قرآن ڪريم انهيءَ تصور جو اٽڪ مبلغ آهي. ”اهدنا“جي باب ۾ انهيءَ تي مڪمل روشني وڌي وئي آهي. موجوده

دور ۾ انهن رڪاوٽن جي خاتمي لاءِ زبردست اميد پيدا ٿي پئي آهي ۽ انهن جي خلاف عمل بہ شروع ٿي ويو آهي.

قرآن ڪريم ۾ آيل لفظ ”عالمين“ جو مطلب عالمگير انسانيت آهي. انهيءَ عالمگير انسانيت جي تصور مان عالمگير روحاني اشتراڪي يا گڏيل معاشرو ۽ رياست وجود ۾ ايندا. اشتراڪي دانشورن جو نعرو ”دنيا جا مزدورؤ! هڪ ٿي وڃو!!“ بدقسمتيءَ سان لادينت، دهريت ۽ماديت جي فلسفي تي قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هر ملڪ ۾ اشتراڪي جاڪوڙ کي سخت نقصان پهتو آهي. انهيءَ نعري جو بنياد ”مذهب انسانيت“ تي آڌاريل هئڻ گھربو هو جيڪو سمورن مذهبن جو گڏيل تعليمي گڻ آهي، جنهن جو قرآن پڻ سختيءَ سان تبليغ ڪندڙ آهي.

افسوس آهي جو قوميت جو ذهن مسلمانن جي ئي ذهن ۾ کُپي ويو آهي جنهن ڪري اڄ مسلمان امت ۾ هڪٻئي سان ڄڻ ته پٽ لڳي پئي آهي. اهو ئي زهر اسلام ۽ مسلمانن جي زوال جو سبب آهي. مسلمان کي ٻيهر قرآن ۽ اسلام جي آفاقيت ۽ انسان دوستيءَ ڏانهن واپس اچڻ گھرجي.

قرآن ٻڌايو آهي تہ سموري انساني مخلوق، عورت هجي يا مرد، هڪ ئي نفس مان پيدا ٿي آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ سمورن انسانن جي فطرت ساڳي ئي آهي. انهن جو معاشي ۽ سياسي نظام بہ هڪ ئي آهي، يعني عوامي معيشت ۽ عوامي جمهوريت. انهن جي زندگيءَ جو مقصد بہ هڪ ئي آهي. انسان جي رنگ، نسل، قوميت، ٻولي، نفسيات ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ جاگرافيائي اختلافن باوجود سمورا انسان هڪڙي امت آهن ۽ انهن ۾ نظر ايندڙ اختلاف ٿِرچو آهي. مواصلات، اطلاع، اشاعت، علم ۽ لڏ پلاڻ جي وسيلن ۾ ترقي جي ڪري اهي اختلاف ڪابہ حيثيت نٿا رکن. انهن اختلافن کي اپارڻ لاءِ رعايتون ڏنل طبقي جا فرد، منڊين ۾ ڳولا ڪندڙ سامراجي ۽ مذهبن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪرڻ وارا مذهبي پيشوا آهن. ايندڙ وقت ۾ تئي رڪاوٽون پنهنجا پساهہ پورا ڪنديون ۽ انساني وحدت صحيح معنيٰ ۾ ڪامياب ٿي ويندي. علي شريعتي جي لفظن ۾ ايڪيهين صدي تصوف جي صدي آهي. مسلمانن کي قرآن ڪريم جو پوئلڳ هئڻ ڪري تاريخ جي انهيءَ عمل جي پورائي ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گھرجي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ڇهون

# الرحمٰن

الله تعاليٰ جيڪو رب آهي تنهن سان ”العالمين“ جو لفظ ان ڳالهه جو دليل آهي تہ الله تعاليٰ جو تعلق رڳو مسلمان قومن سان ئي نہ آهي، پر الله تعاليٰ دنيا جي سمورين قومن جو خالق پڻ آهي ۽ مالڪ بہ آهي جنهن جي ذميواري انهن سمورن قومن جي پالنا، پرورش ۽ ارتقا جي پورائي لاءِ ربوبيت جو ضروري سامان مهيا ڪرڻ آهي.

”العالمين“ جو لفظ قرآن ڪريم جي تعليم کي عالمگير، بين الاقوامي ۽ دائمي بڻائي ٿو. ڇو تہ اسلام ۾ نبوت ختم ٿي چڪي آهي. تنهن ڪري اسلام ڪنهن نئين مذهبي گروهہ بندي جو نالو نہ آهي، پر ان جو بنيادي مقصد اهو ئي آهي تہ گذريل سمورين مذهبي گروهہ بندين کي دينن جي وحدت واري بنياد تي آڻي بيهاري، انساني وحدت جي جوڙ جڪ واري عمل کي هٿي ڏني وڃي.

قرآن ڪريم يهوديت ۽ ڪجهہ ٻين دينن جي انهيءَ نظريي جي مخالفت ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ جو تصور قومي بہ ٿي سگهي ٿو ۽ اهو قومي خدا پنهنجي قوم جي بڇڙن عملن تي ملڻ واري سزا کي تمام ئي جلد ختم ڪري، انهيءَ قوم کي بچائي وٺندو. انهيءَ تصور جي برخلاف قرآن ڪريم جو ٻڌايل خدا ڪنهن خاص قوم جو خدا نہ، پر دنيا جي سمورن قومن جو خدا آهن. انهيءَ ڪري ڪابہ قوم ان جي لاڏلي يا دل گهري نہ آهي. جزا ۽ سزا جا قانون فطري آهي ۽ غير جانبدار آهن.

جيئن تہ قرآن جو خدا دنيا جي سمورين قومن جو خدا آهي، تنهن ڪري هر قوم ۽ تهذيب خدا جي لاءِ ڪونہ ڪو نالو متعين ڪري ڇڏيو آهي. قرآن ڪريم دنيا جي سمورين قومن جي خدا لاءِ مقرر ڪيل نالا تہ نہ ٿو ٻڌائي، پر نموني جي طور تي ”رحمٰن“ جي نالي کي پيش ڪيو آهي. قرآن ڪريم سڀ

کان پهريان جن سان ٻالهه ٻولهه ڪئي سي عرب هئا. حبشه جي عيسائي گورنر ابره، جيڪو يمن جو حڪمران هو، ڪعبت الله کي ڍاهڻ لاءِ مڪي تي حملو ڪيو. حبشه جي عيسائين وٽ الله تعاليٰ جي لاءِ لفظ "رحمٰن" هو. تنهن ڪري عربن کي لفظ "رحمٰن" سان چڙ هئي. اها حقيقت آهي ته ابره جي انهيءَ ناپاڪ منصوبي جي تائيد "رحمٰن" نه ڪئي هئي. اهو هن جو ذاتي معاملو هو. انهيءَ ڪري ابره سان نفرت جو مطلب "رحمٰن" کان نفرت ڪرڻ غلط ڳالهه هئي. انهيءَ ڪري قرآن ٻڌايو ته الله تعاليٰ جي ڪنهن به پاڪ نالي سان نفرت نه ڪرڻ گهرجي. اها نفرت قومن جي وچ ۾ نفرت جو ٻج پوکي ٿي جيڪا ڳالهه انساني وحدت جي خلاف آهي. انهيءَ سان وحدت بدران ويڇا پيدا ٿيندا جيڪو هڪ قسم جو "شرڪ" آهي ۽ شرڪ ظلم عظيم آهي. مڪي جا مشرڪ ۽ عرب "رحمٰن" جو انڪار ڪندا هئا (وقالوا وما الرحمٰن) اهو رحمن ڪير آهي؟ پر پاڻ سڳورن ﷺ جن وحي جي ٻوليءَ ۾ فرمايو: "ادعوالله اودعو الرحمٰن" يعني رحمن الله تعاليٰ جو ٻيو نالو آهي.

رحمن جو نالو حبشه ڏانهن هجرت واري وقت کان وٺي قرآن ڪريم ۾ اچڻ شروع ٿيو. ڇو ته حبشه جا عيسائي الله تعاليٰ جي لاءِ "رحمٰن" جو نالو وٺندا هئا. انهيءَ دور ۾ حضرت مريم جو قصو قرآن ڪريم ۾ آيو ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي لاءِ مبشر يا بشير جو لفظ اچڻ شروع ٿيو. اهو ئي لفظ عيسائي حضرت عيسيٰ عليه السلام جي لاءِ ڳالهائيندا هئا. يعني خوشخبري ڏيندڙ (Evangelist).

"رحمٰن" لفظ کان عربن کي ايتري ته چڙ هئي جو حبشه ڏانهن هجرت واري دور ۾ حضرت عبدالله بن مسعود پهريون دفعو ڪعبي جي سامهون بيهي وڏي آواز سان سورت الرحمن جي تلاوت ڪئي. مشرڪن کان اها ڳالهه برداشت نه ٿي ته سندس منهن تي ٿپڙون هڻڻ شروع ڪيائون ايستائين جو سندس منهن رتورت ٿي ويو پر پوءِ به هن سموري سورت جي تلاوت ڪري چپ ڪئي. انهيءَ ڳالهه جي تائيد ۾ ته "رحمٰن" اسم صفت نه پر الله تعاليٰ جي نالي وانگر اسم ذات آهي، جنهن جو ترجمو نٿو ٿي سگهي ۽ اهو لفظ عربي ٻوليءَ جو به نه آهي، پر اهو اصل ۾ عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ جي پيڻ هئي. انهيءَ لاءِ سيد سليمان ندوي جي ڪتاب "ارض القرآن"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻئي حصي جي آخر ۾ لکيل عبارت جو اقتباس ڏنو ويجي ٿو:

”خدا جي لاءِ ”رحمٰن“ جو لفظ اسلام کان اڳ عام طور تي عربن ۾ رائج ڪونه هو. اصل ۾ اهو عبراني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ رڳو يهودي ۽ عيسائي ۽ ٻين مذهبن وارا ڳالهائيندا هئا. ايئن يمن (جتي ابره گورنر هو) جي آخري ڪتبن ۾ ”رحمٰن“ جو ئي نالو ملي ٿو. سد ارم جي عيسائي ڪتبن جي شروعات ”بنعمته الرحمٰن الرحيم“ سان ٿئي ٿي. تنهن ڪري اسلام جڏهن شروع ۾ ”رحمٰن“ جو نالو ورتو ته قريشن کي عجيب لڳو ته هي وري ڪهڙو نئون نالو آهي. صلح حديبيه ۾ حضرت عليؓ ناهه واري دستاويز جي منڍ ۾ بسم الله الرحمٰن الرحيم لکيو ته قريشن ان کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ته اسان ”رحمٰن“ کي نٿا سڃاڻون.

قرآن پاڪ ۾ قريش جي انهيءَ انڪار جي تشريح موجود آهي:

وَإِذَا قِيلَ لَهُمُ اسْجُدُوا لِلرَّحْمَٰنِ قَالُوا وَمَا الرَّحْمَٰنُ أَنَسْجُدُ لِمَا تَأْمُرُنَا وَزَادَهُمْ نُفُورًا ﴿الفرقان: ٦٠﴾

ترجمو: ”۽ جڏهن کين چئبو آهي ته رحمن کي سجدو ڪريو (تڏهن) چوندا آهن ته رَحمن ڇا آهي جنهن لاءِ اسان کي حُڪم ٿو ڪرين؟ تنهن کي سجدو ڪريون ڇا؟ ۽ (اُنهي ڳاله هٿئون) سندن نفرت وڌائي.“

وَهُم بِذِكْرِ الرَّحْمَٰنِ هُمْ كَافِرُونَ ﴿الأنبياء: ٣٦﴾

ترجمو: ”رحمن جي ياد کان اهي انڪاري آهن.“

قرآن انهن کي ٻڌايو ته الله تعاليٰ جي لاءِ سمورا سٺا نالا وٽي سگهجن ٿا ۽ ”رحمٰن“ هڪ ئي ذات جو ٻيو نالو آهي.

قُلِ ادْعُوا اللَّهَ أَوِ ادْعُوا الرَّحْمَٰنَ أَيًّا مَّا تَدْعُوا فَلَهُ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ ﴿الإسراء: ١١٠﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر) چؤ ته (الله کي) الله (جي نالي سان) سڏيو يا رحمان (جي نالي سان) سڏيو جنهن نالي سان (اوهين) سڏيو انهي جا (سڀ) نالا چڱا آهن.“

قرآن ڪريم جي هر سورت جي شروعات ” بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ

الرَّحِيمِ “ سان ٿئي ٿي. اسان جي مفسرن ”الرحمن“ ۽ ”الرحيم“ ٻن ساڳي معني وارا لفظ ثابت ڪرڻ لاءِ گهڻيون ئي تاويلون ڪيون آهن ۽ انهن ٻنهي لفظن جي معنيٰ وچ ۾ تمام ئي نازڪ ۽ ٿورڙو فرق ڪيو آهي. پر اسان جي نظر ۾ اهو سڀ ڪجهه جبل ڪوٽڻ برابر آهي. قرآن ڪريم جي استعمال مان صاف ظاهر آهي ته ان ۾ رحمن جو استعمال صفت جي طور تي نه پر علم جي طور تي ڪيو آهي. ائين سڄي قرآن ڪريم ۾ 53 دفعا اهو نالو الله تعاليٰ جي لاءِ استعمال ٿيو آهي. تنهن ڪري انهيءَ ڪي صفت سڏڻ صحيح نه آهي. سورت نبي اسرائيل جي مٿين آيت مان اهو سمجهي سگهجي ٿو ته رحمن الله تعاليٰ جي صفت نه، پر اسم علم يعني اسم ذات آهي.

اسان سمجهون ٿا ته عرب ۾ ٻه متضاد جماعتون هيون، جن مان هڪ پنهنجي معبود کي الله ۽ ٻي رحمن سڏيندي هئي. اسلام انهن ٻنهي کي گڏائي ٿو ته توهان جنهن کي الله سڏيو ٿا ۽ اهو جنهن کي رحمن سڏيو ٿا، سي حقيقت ۾ هڪ ئي ذات جا ٻه نالا آهن ۽ انهن جي وچ ۾ فرق رڳو لفظن جو آهي. انهيءَ بنياد تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيمِ جي معنيٰ اسان جي نظر ۾ هيءَ آهي: ”اسان پنهنجو هي ڪلام انهيءَ الله جي نالي سان شروع ڪريون ٿا جنهن جو ٻيو نالو رحمن آهي جيڪو رحم ڪندڙ آهي“.

(ارض القرآن، صفحه 421_422)

اصل ۾ ختم نبوت جي ڪري پاڻ سڳورن ﷺ جو مقصد هي هو ته مختلف قومن، جيڪي الله جي پوڄا ڪن ٿيون، پوءِ پلي کهڙي ٻه نالي سان ڪري رهيون هجن، سي ٻي ديني ۽ شرڪ جي خلاف هڪ مورچو قائم ڪن. تجربو ٻڌائي ٿو ته لفظ ”رحمن “ جي ڪري حبشه جي بادشاه حبشه ڏانهن هجرت ڪندڙن کي رحمن پرست سمجهي ڪري پناهه ڏني ۽ کين قريش جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ”اسلامڪ آئيڊيالوجي“ ۾ لکيو آهي ته ”قرآن ڪريم سمورن خدا پرستن کي هڪ وسيع برادري جي قيام تي ٻه زور ڏنو آهي“.

خدا پرستن جي اها عالمگير برادري ان وقت تائين قائم نٿي ٿي سگهي، جيستائين انهن تهذيبن ۽ قومن، الله تعاليٰ جي ذات جي لاءِ جيڪي نالا ڏنا آهن، انهن کي نه مڃيو وڃي. قرآن پاڪ جي ڳالهه ٻولهه دنيا جي سمورين قومن سان آهي. ڇو جو اهو آخري ”ذڪر للعالمين“ آهي. انهيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٻين قومن جي خدائي نالن ڪي مجڻ لاءِ نموني جي طور تي ”رحمن“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ايئن هندن جي پاڪ ڪتاب ۾ اهو پرميشور، ڀڳوان، اوم، زرتشين ۾ اهور مزدا، يهودين ۾ يهودا، عيسائين ۾ پيءُ (اب) يا گاڊ (God)، ٻڌ مت ۾ قانون مطلق، جين مت ۾ رحم مطلق ۽ يونان ۾ سقراط زيوس (Zeus) يا اپالو (Opollo) سڏيو ويو آهي. چين جي لاؤتزيءَ ان کي تاؤ (Tao) سڏيو آهي.

## الغيب

قرآن ڪريم انهيءَ حقيقت کي سامهون رکندي الله تعاليٰ جي لاءِ ”الغيب“ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. سرسيد ”الغيب“ جو مطلب الله ورتو آهي. الغيب کي ڪوبہ اسم ذات ڏئي سگهجي ٿو. الغيب قرآن ڪريم جي عالمگير ۽ دائمي ڪردار کي تمام ئي سگهارو ڪري ڇڏيو آهي. ايتري تائين جو سعدي شيرازيءَ بہ چيو آهي:

بنام ان کو اصور نام اندارد

ايئن ئي لاؤتزي پنهنجي ڪتاب ”تاؤتي ڪنگ“ ۾ چيو آهي: ”اهو عقل جنهن کي سوچ ۾ آڻي سگهجي سو عقل دائمي نہ آهي، اهو نالو جنهن کي ڪو نالو ڏئي سگهجي سو ازلي نالو نہ آهي، اهو جنهن جو ڪو نالو نہ اهي، سو ئي زمين ۽ آسمان جو ماخذ آهي“.

”هڪ چاڪ[1] ۾ ٽيهہ پٽيون لڳنديون آهن. ۽ اها جاءِ جتي عدم آهي، يعني چاڪ جو سوراخ، انهيءَ تي ڦيٿي جي ڪارائتي هجڻ جو سڄو دارومدار آهي. مٽيءَ مان ٿانو ناهيو ويندو آهي، پر اهو جيڪو ان جو عدم آهي، يعني خلا انهيءَ تي ئي ٿانو جي ڪارائتي هجڻ جو دارومدار آهي. گهر ۾ دروازا ۽ دريون ڪٽي اسان گهر ٺاهيندا آهيون ۽ اهو جيڪو ان جو عدم آهي يعني گنجائش، انهيءَ تي ئي مڪان جي ڪارائتي هجڻ جو دارومدار آهي“.

”اسان تاؤ (حق) ڏانهن ڏسندا آهيون ۽ اسان کي ڪجهہ بہ نظر ناهي ايندو. ان جو ڪوبہ رنگ نہ آهي. اسان تاؤ کي ڪن ڏئي ٻڌندا آهيون، ان جو ڪوبہ آواز نہ آهي، اسان تاؤ کي لوڏيندا آهيون، پر هو اسان کي هٿ ناهي

---

[1] چاڪ: پراڻي دور جي گڏهہ گاڏي وغيره جي ڦيٿي جي ايڪسل، جنهن جي ڪنارن ڪان سوراخ هوندا هئا. ان ۾ پٽيون لڳنديون هيون جيڪي ان کي ڦيٿي جي گهيري سان ڳنڍينديون هيون.

ايندو. ان جو ڪوبہ جسم نہ آهي. سدائين! تاؤ گمنام رهندو آهي ۽ ور ور ڪري عدم ڏانهن واپس ايندو آهي“.

ڪائنات جي سڀ کان هيٺي شيءِ سڀ کان سگهاري شيءِ تي سوگهاري ٿيندي آهي. جيئن پاڻي چپ تي سوپارو ٿي ويندو آهي. عدم انهيءَ حقيقت جي دل آهي. انهيءَ مان منهنجي سمجهہ ۾ ”عدم ادعا“ جا فائدا ايندا آهن ۽ چپ رهڻ جو سبق ملي ٿو. تاؤ ڪڏهن ”ادعا“ نٿو پيو ڪري پر اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ٿيڻو هوندو آهي، ٿي ويندو آهي. اڻ ٿيڻو رهندو ئي نہ آهي. (انواع فلسفہ جي باب سريت مان اخذ ڪيل)

لاؤتزي جي نظر ۾ عدم جو مطلب رڳو انڪار نہ. پر باري تعاليٰ جو ڪنهن بہ قسم جي نالي ۽ نشان کان مٿانهون هجڻ آهي. قرآن ڪريم انهيءَ فلسفي کي ”ليس کمثله شي“ چئي سمجهايو آهي. يعني هو هر قسم جي مشابهت يا مثاليت کان پاڪ آهي.

قرآن ڪريم جي ”الغيب“ واري حقيقت تي روشني وجهڻ جي سلسلي ۾ هندو فلسفي جي اپاني شدن مان هڪ اپاني شد جو هي اقتباس ڏنو وڃي ٿو:

”سامهون واري وڻ مان هڪ ميوو پٽي اچ. هي وٺو مرشد سائين. تون انهيءَ ۾ ڇا ٿو ڏسين؟ مرشد سائين. مون کي انهيءَ ۾ ننڍڙا ننڍڙا ٻج نظر اچن ٿا. انهن مان هڪ ٻج کي ذرا ذرا ڪري ڇڏ. مرشد سائين حڪم جي تعميل ڪئي وئي. هاڻي توکي ڇا ٿو نظر اچي؟ مرشد سائين ڪجهہ بہ نہ. اهو نرم ۽ نازڪ جوهر. جيڪو تون نٿو ڏسي سگهين. انهيءَ مان ئي حقيقت ۾ هيءَ وڻ ڦٽو. منهنجا پيارا يقين ڪر. اهو ئي نرم ۽ نازڪ جوهر ڪائنات جي حقيقت آهي. اهو ئي حق آهي. اهو ئي روح آهي. اهو ئي تہ آهي اي منهنجا ٻچڙا“.

”تور اوري آءُ. لوڻ جي هڪ چپٽي پاڻي ۾ وجهہ ۽ پوءِ سياڻي مون وٽ اچج. هو اهو حڪم پورو ڪري آيو. تڏهن ڪيس چيو ويو اهو لوڻ جيڪو تو ڪالهہ پاڻي ۾ وڌو هو مون کي آڻي ڏي. هن ڳوليو. پر اهو ڪٿي بہ نہ مليو. چڱو هِن پاسي کان چڪ. ذائقو ڪيئن آهي؟ ”لوڻيانو“ وچ کان چڪ. ذائقو ڪيئن آهي؟ ”لوڻيانو“. چڱو

هُن پاسي کان چڪ، ذائقو ڪيئن آهي؟ ”لوٽيانو“ چگُو هاڻي انهيءَ کي ڦٽو ڪر ۽ مون وٽ اچي ويهه. هن حڪم مجيبو فرمايائين، لوڻ فنا ڪونه آهي، ٿيو اهو هيئنئر به موجود آهي. پوءِ فرمايائين، سچ آهي ته تون جسم جي اندر واجب الوجود کي نٿو ڏسي سگھين، پر ان جي باوجود اهو آهي. اهو ئي نرم ۽ نازڪ جوهر ڪائنات جي حقيقت آهي، اهو ئي حق آهي، اهو ئي روح آهي، اهو ئي ته آهي، اي منهنجا ٻچڙا!“.

”جيڪڏهن ڪو هن وڻ کي پاڙ کان ڪٽي ڦٽو ڪري ته انهيءَ مان پاڻي جا ٽيپا نڪرندا آهن. ڇو جو اهو ساهوارو آهي. جيڪڏهن وچ کان ڪٽيو وڃي ته به ڦرا نڪرندا آهن. جيئن ته اهو ساهوارو آهي، جيڪڏهن ان کي چوٽين کان ڪٽيو وڃي ته به ڦڙا نڪرندا آهن. اهو پنهنجي رڳ رڳ ۾ زندگيءَ سان ڀرپور آهي. پر جيڪڏهن زندگي ان جي هڪڙي ٽاريءَ مان به جدائي ڪري وڃي ته اها سڪي وڃي ٿي. ايئن توکي سمجهڻ گهرجي ته جسم مرندو رهندو آهي، جڏهن ته جيئڻ وارو جيئندو رهندو آهي. پر جيئڻ وارو ڪڏهن مرندو نه آهي. اهو ئي نرم ۽ نازڪ جوهر ڪائنات جي حقيقت آهي، اهو ئي حق آهي، اهو ئي روح آهي، اهو ئي ته آهي اي منهنجا ٻچڙا!“.

(انواع فلسفه جي باب سريت مان اخذ ڪيل)

لاؤتزي ۽ اپاني شد جي تصور کان پوءِ مهاتما ٻڌ جو خدا بابت تصور پيش ڪيو وڃي ٿو. اهو هڪ اهڙو تصور آهي جيڪو الغيب آهي، جنهن کي ڪوبه اسم ذات ڏئي سگهجي ٿو.

”حقيقت سمورين انهائين کان به وڌيڪ اونهي، آسمان کان به وڌيڪ مٿانهين، ستارن کان ڏُور ۽ برهما کان گهڻو ڏُور ازلي ۽ ابدي آهي. اها هڪ همه گير ۽ مٿانهين قوت آهي جيڪا سدائين سونهن پسند آهي، اجا به ائين چئجي ته اها پاڻ ئي سونهن آهي. اها قوت گل کي سهڻو بڻائي ٿي، رنگا رنگ ڪڪرن کان گڏ ڪري زمين جي مٿاڇري کان مٽي ڪٽي وڃي ٿي ۽ انهن کي وسائي مٿل زمين کي جيئرو ڪري، انهيءَ کي ساوڪ جو وڳو ڍَڪرائي

ٿي. مئل ٻج کي ڦُٽائي وڻ بنائي ٿي ۽ ان کي مٺن ميون جو پينگهو ٻڌائي ٿي. اها مور کي خوبصورت پر عطا ڪري ٿي ۽ ٻين پکين کي خوبصورت ٻيهڪ ۽ رنگ ڍنگ بخشي ٿي. مک کي انهيءَ ئي ذات ماکي بنائڻ ۽ ان کي ماناري ۾ محفوظ ڪرڻ سيکاريو. اها جيئري کي ماري ٿي ۽ مئل کي زندگي بخشي ٿي. اها هند حاضر آهي. ستارن ۾ آهي، وڄ ۾ آهي، هوا ۾ آهي، مينهن ۾ آهي، ڪا اهڙي جاءِ نہ آهي، جتي اها موجود نہ هجي. سڀ ڪجهہ ان سان ئي آهي ۽ هر شيءِ ان ڏانهن ئي موٽي ويندي. چرپر ۽ تبديلي بہ ان سان ئي آهي. اها ئي هر ننڍي وڏي شيءِ جي خالق آهي. ماءُ جي ڇاتي ۾ کير پيدا ڪندي آهي. نانگ جي وات ۾ زهر پريندي آهي. ڪڏهن ڀٽَن کي گلن جو ويس ڍڪائي ۽ ڪڏهن باغيچا ويران ڪري ٿي. اها سرو (ڏگهو جابلو وڻ) جي پاڙن ۾ ويهي ٿي ۽ ان جي ٻج جي حفاظت ڪري ٿي تہ جيئن اهو ڦٽي پوي. ان مان نازڪ ڳوئنچ نڪري ٿو جنهن کي هوءَ هڪ مضبوط وڻ ٻڌائي ڇڏي ٿي. محبت جي ڏاڍي مان ڏک ۽ موت ٻڌبي آهي. اها ئي ناهي ۽ ڍاهي ٿي. دوست جي دل ۾ محبت پيدا ڪندي آهي. ان جا اهڙا ئي گڻ آهن، جيڪي ظاهر آهن ۽ جن کي اسان ڄاڻون ٿا. ان ڪانسواءِ ان جا اهڙا اڻ ڳڻيا ڳڻ آهن، جن کي اسان نٿا ڄاڻون. اسان ان کي ڏسون نٿا، پر اها اسان جي سمورن ڪمن ۾ مددگار آهي. اسان ان جو آواز نٿا ٻڌون پر اها گروڙ ڪان بہ وڏي آواز ۾ ڳالهيون ڪري ٿي. ان کي نہ ڪنهن سان محبت آهي نہ دشمني. نفعي ۽ نقصان جا ذميوار اسان پاڻ ئي آهيون. هوءَ سڀ ڪنهن کي ڏسي ٿي، ۽ هر هنڌ موجود آهي. نيڪ عمل چوٽڪاري جو سبب آهن. پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻندؤ تہ هو توهان کي نہ بخشيندي. هوءَ ڪنهن جي پاسي نہ آهي. اسان کان رڳو فرض نڀائڻ جي خواهشمند آهي. ان جي انصاف جي تارازي هر وقت تيار آهي. جڏهن بہ گهرندي تہ اسان کي توري وٺندي. ان وقت خبر پئجي ويندي تہ اسان جو ڪجهہ ڪيو سو غلط ڪيو. اتي ڪير بہ ڪنهن جي واهر ڪري نہ سگهندو. ڪوڙي جي زبان پنهنجي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوڙمان ظاهر ٿيندي آهي. چور کي خبر هوندي آهي تہ چوري جو مال حرام آهي، تنهن ڪري ڪيس واپس ڪرڻ گهرجي. هر وقت ان جو انصاف قائم آهي. ان کان وڏي ٻي ڪابہ طاقت نہ آهي. ان جو منڍ محبت ۽ پڇاڙي امن آهي. ان جي فرمانبرداري لازم آهي.
امام ولي الله دهلويؒ بہ چيو آهي تہ اصل ۾ الله تعاليٰ بہ اسم ذات نہ آهي. اسم ذات سڃاڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. جيئن تہ حقيقت مطلقہ بي رنگ ۽ بي نام آهي، تنهن ڪري "الغيب" ڪي هر قوم ۽ هر تهذيب جي ڏنل اسم ذات سان سڏي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ ئي بنياد تي خدا پرستن جي هڪ عالمگير برداري قائم ٿي سگهي ٿي. پر هر مذهب جي مذهبي پيشوائيت سندس اسم ذات ڪانسواءِ ٻين مذهبن جي سمورن نالن جو انڪار ڪرڻ پنهنجو وطيرو ٺاهي ورتو آهي. انهيءَ ڪري مذهب انسانن وچ ۾ ميلاپ پيدا ڪرڻ بدران جدائيءَ جو سبب بڻجي ويو آهي. انهيءَ ئي ڪري اسلام، جيڪو آخري مذهب آهي، ٻڌي ۽ انساني وحدت کي قائم ڪرڻ لاءِ مذهبي پيشوائيت جي اداري جو انڪار ڪري ڇڏيو ۽ احبار و رهبان جي حوالي سان ان جي انسان دشمن ڪردار جي سخت تنقيد ڪئي آهي. مذهبي پيشوائيت اسلام جي نالي تي مسلمانن ۾ هڪ سگهاري تنظيم يا اداري جي طور تي پنهنجو وجود قائم ڪري ورتو آهي ۽ ٻين مذهبن جي پاڪ ڪتابن کي ڦير ڦار ٿيل ۽ رد ٿيل سڏيو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ قرآن ۾ ذڪر ڪيل نبين سڀني ڪانسواءِ سامي، آريائي ۽ زرد قومن جي نبين سڀني ۽ حڪيمن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ان سبب اسلام ٻڌي ۽ انساني هيڪڙائي ۽ آدم جي خلافت کي قائم ڪرڻ بدران انساني جدائيءَ جو سبب بڻجي ويو آهي ۽ مذهبي گروهہ بندين کي ختم ڪرڻ بدران پنهنجو پاڻ ئي هڪ سگهارو مذهبي گروهہ بڻجي ويو آهي. اسان جي مفسرن جي اڳيان جيئن تہ اسلام ۽ قرآن جو اهو مؤقف نہ رهيو هو، تنهن ڪري انهن جون تفسيرون انساني ٻڌي جي سلسلي ۾ ڪوبہ ڪردار ادا ڪري نہ سگهيون. مفسر سڀورا انسانيت جي قيام جو عملي طرح سان

انڪار ڪندا رهيا آهن.

تصوف ۾ صوفين سڳورن وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود تي ڊگهو بحث ڪيو آهي. پر امام شاه ولي اللهؒ فرمائي ٿو تہ اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ئي حقيقت جا ٻہ پاسا آهن. خدائي صفتون جڏهن اسان جي محسوس زماني ۽ جاءِ ۾ ظاهر ٿينديون آهن تہ انهيءَ صورتحال کي وحدت الشهود سان تعبير ڪيو ويندو آهي. شنڪر آچاريہ ويدانت سوتر جي تفسير ۾ ٻنهي صورتن جو ذڪر ڪيو آهي جنهن کي هو ادوتيا (وحدت الوجود) ۽ دوتيا (وحدت الشهود) سڏي ٿو. الله تعاليٰ جي وجود بابت انهن ٻنهي تعبيرن جا انساني زندگيءَ تي مختلف اثر پيدا ٿين ٿا. حيدرآباد دکن جي هڪ عالم ”سائنس ۽ تصوف“ جي موضوع تي ڊاڪتريٽ لاءِ شايد آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو مقالو پيش ڪيو هو. ان ۾ ٻنهي تعبيرن جي اثرن جي وضاحت ڪئي وئي آهي.

قرآن ڪريم انهن ٻنهي تعبيرن جو ذڪر ڪيو آهي. سورت الحديد ۾ ”هُوَ الْأَوَّلُ وَالْآخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ“ ۾ وحدت الوجود ۽ ”اللّٰہَ غَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِينَ“ ۾ وحدت الشهود ڏانهن اشارو آهي. اهو ياد رهي تہ وحدت الوجود جو مطلب Pantheism نہ آهي. ڇو جو اهو Union of Beings کي ظاهر ڪري ٿو جڏهن تہ خدائي توحيد Unity of Beings کي ظاهر ڪري ٿي. هيگل ان کي Panantheism چيو آهي، جنهن جو جهڪاءُ وحدت الشهود ڏانهن آهي. ان جو نقشو هيٺ ڏجي ٿو.

| وحدت الوجود | وحدت الشهود |
|---|---|
| هو الڪل | • هو الباري |
| 1. نظريو همہ اوست يا همہ اندر اوست | • همہ از اوست |
| 2. ارتقا پاٽمرادو ٿيندي آهي Emergant لائڊ مارگن برگسمان | • پيدا ڪئي وڃي ٿي Creative |
| 3. تصوف، عمل يا سڪون ڏانهن مائل Peace Ecstcy | • جوش ڏانهن مائل آهي |
| احساس ۽ تاثر يا جذبو. اهو ۽ مان جدا نہ آهيون. | • ان سان گڏ مان ۽ هو مون سان گڏ آهي. |
| | • ٻئي گڏ گڏ پر ٻنهي جو وجود هڪ ٻئي |

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | (درياءُ ۽ قطرو | ڪان جدا آهي. |
| | علم، وجده، وصل | • عشق، جدائي |
| 4. | حقيقت، حق حق حق | • حسن ازل، محبوب ڪل |
| 5. | اعتقاد ۾ ڪير؟ ان الحق عارف | • انا عبده، عاشق |

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ مذهب جي پاڪ بانين ۽ معاشري ۾ تبديلي آڻيندڙ صوفين سڀني جو رجحان وحدت الشهود ڏانهن رهيو آهي. پر جڏهن انقلابي عمل جو جوش ۽ جذبو ڏيڇي ويندو آهي تہ وحدت الوجود جو نظريو مختلف قوميتن، مذهبن ۽ ٻولين وچ ۾ ٻڌي، هيڪڙائي، محبت، برابري ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ ڪم ڪندو آهي. پر اهو رويو دائمي نٿو رهي سگهي ڇو جو معاشرو ۽ فرد جي نفسيات ۽ ارتقا کي قائم رکڻ جي لاءِ لڳاتار انقلاب جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ ڪري اهڙن موقعن تي وحدت الشهود جو نظريو ڪم ڏئي ٿو.

امام انقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي هڪ دفعي پنهنجي فڪر جي وضاحت ڪندي اسان کي ٻڌايو تہ اقبال جو نظم "نيا شوالہ[1]" رڳو هڪ شاعراڻو تخيل آهي. پر اڪبر اعظم جي رياست سچ پچ "نيا شوالہ" هئي. جيئن تہ اهو تخيل تمام ئي مٿانهون هو ۽ مسلمان حڪومت جون گهرجون ان جي مخالف هيون ۽ ان سان گڏوگڏ "دين الاهي" جي سلسلي ۾ ڪجهہ غلطيون بہ ٿيون، مخالف قوتن انهيءَ تصور کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سڀ کان وڏي غلطي اها ٿي تہ دينن جي هيڪڙائيءَ واري فلسفي جي بنياد تي هندو ۽ مسلمان مذهبن جي عبادتن ۽ ظاهري ريتن رسمن کي بہ ختم ڪيو ويو جيڪي ٻنهي مذهبن جي سڃاڻ هيون. انهيءَ ڪري امام ولي الله لکيو آهي تہ رسمون ۽ ظاهري شريعت ڪنهن بہ مذهب جو بنياد هوندي آهي. انهن جي ختم ڪرڻ سان خرابيون پيدا ٿي ويندیون آهن ۽ دينن جي هيڪڙائيءَ واري خيال کي سخت نقصان پهچي ٿو. اهو ئي سبب ڪجهہ اڪبر سان بہ ٿيو. ڪجهہ گهٽ ڄاڻ رکندڙ صوفين، وحدت الوجود جي هڪ غلط عقيدي طور تعبير ڪري ورتي، جنهن جو ابن عربيءَ جي وحدت الوجود واري تصور سان ڪوبہ لاڳاپو نہ هو. پاڻ وڌيڪ فرمايائون تہ اڪبر قرآن ڪريم جي حڪمت جي بنياد تي انسانيت جو اتحاد گهري پيو

---

[1] شوالہ: شِو ديوتا جو آستان

۽ عالمگير قرآن جي فقہ تي مسلمان قومن جو اتحاد گهري پيو.

حضرت امام سنڌيؒ جا اهي ارشاد پنهنجي اندر وڏو اونهو علم رکن پيا. اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي دنيا کي هڪ ”عالمي شهر“ بڻائي ڇڏيو آهي. جيئن جيئن دنيا جون قومون انهن جي مذهبن، فلسفي، تهذيب ۽ تمدن ۽ رنگ نسل هڪٻئي جي ويجهو ايندا ويندا ۽ سرمائيداراڻو نظام يعني پيداواري وسلين تي ذاتي ملڪيت ختم ٿي ويندي، اڪبر اعظم جو ٻڌي ۽ انساني هيڪڙائيءَ وارو تصور چٽو ٿيندو ويندو. اهڙي طرح ختم نبوت واري عقيدي مان پيدا ٿيندڙ اسلام جو عالمگير ۽ دائمي تصور سامهون ايندو ويندو ۽ مسلمان امت ڏاهپ، ٻڌي ۽ انساني هيڪڙائيءَ واري تصور کي حقيقت جي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جي لائق بڻجي ويندي. اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهندو، جڏهن دنيا جا مذهب ۽ اسلام پنهنجي مذهبي پيشوائيت واري مٺ مان آزاد ٿي، عالمي سطح تي سوچڻ شروع ڪندا ۽ قرآن ڪريم جي بنيادي مقصد ”هُوَ الَّذِي أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ عَلَى الدِّينِ كُلِّهِ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُونَ ﴿الصف: ٩﴾“ جي جيڪا غلط تعبير ڪئي وئي آهي، ان جي جاءِ تي انسان دوستي، ”حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ“ ۽ ”مَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ“ تي آڌار ايل رويو نہ پنهنجائيندا.

تنهن ڪري اها ڳالهہ پڪي آهي تہ انساني هيڪڙائي ۽ عالمگير روحاني اشتراڪي معاشرو الله تعاليٰ جي مختلف نالن کي ميڙڻ ڪانسواءِ قائم نٿو ٿي سگهي. جڏهن تہ ”رحمٰن“ جي ذڪر جو مقصد ئي اهو آهي ۽ ان جو قائم ڪرڻ مسلمان امت جو فرض عين آهي.

******

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ستون

# الرحيم

لفظ رحيم ٻاجھہ مان ورتل آهي ۽ اهو اسم فائل آهي. مبالغي جو صيغو آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ وري وري رحم ڪندڙ. ٻاجھہ جو مطلب نفعي بخشي، سونهن ۽ سوڀيا، موزونيت ۽ اعتدال، پيار ۽ محبت، تڪميل ۽ پارسائي، حق سان فيصلي جو قانون، شائستگي، قانون تاجيل (عذاب ڏيڻ ۾ ڍر) ۽ لڳاتار نفعو ڏيندو رهڻ آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سورت الفاتحہ جي تفسير ۾ صفت ٻاجھہ تي تمام ئي خوبصورت ادبي ٻوليءَ ۾ تبصرو ڪيو آهي، جنهن جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

”جنهن دنيا ۾ سج روزانو چمڪندو هجي، جنهن دنيا ۾ صبح هر ڏينهن مسڪرائيندو ۽ شام هر روز رات جي پردي ۾ لڪي ويندي هجي. جنهن جون راتيون آسماني فانوسن سان سينگاريل ۽ جنهن جي چانڊوڪي پنهنجي سموري سونهن سان سينگارجي نروار ٿئي، جنهن جي بهار ساوڪ ۽ گلن سان سٽيل هجي، جنهن جون ٻنيون پوکن جي سرسبزي سان ڍَڪيل هجن، جنهن دنيا جي روشني پنهنجي چمڪ، پنهنجي رنگارنگي، پنهنجي خوشبو، پنهنجي عطر بيني ۽ موسيقي پنهنجو گيت ۽ آلاپ رکندي هجي، ڇا ان دنيا جو ڪو رهواسي زندگيءَ جي آسائش کان محروم ۽ معيشت جي نعمت کان مفلس ٿي سگهي ٿو؟ ڇا ڪنهن اک جي لاءِ، جيڪا ڏسي سگهندي هجي، ان دماغ لاءِ جيڪو محسوس ڪري سگهندو هجي هڪ اهڙي دنيا ۾ نامرادي ۽ بدبختي جو راڳ روئڻ جائز آهي؟ قرآن ڪريم ڪيترن ئي جائن تي انسان کي انهيءَ نعمت جي ناشڪري ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي.“

ٻئي جاءِ تي چئي ٿو:

”ايئن اهو ئي سبب آهي جو جنهن قرآن ربوبيت جي عملن ۽ مظاهرن مان استدلال ورتو آهي، سو ٻاجهه جي آثارن ۽ حقيقتن مان به جتي ڪٿي استدلال وٺي ٿو ۽ ربوبيت جي دليلن وانگر فضل ۽ ٻاجهه جو دليل به ان جي دعوت ۽ ارشاد جي تقرير جو هڪ عام انداز آهي. هو چوي ٿو ته ڪائنات جي خلقين هر شيءِ ۾ هڪ مقرر ڪيل نظام سان گڏ فضل ۽ ٻاجهه جي مظاهري جو موجود هئڻ، قدرتي طور تي ويساهه ڏياري ٿو ته هڪ ٻاجهاري هستي جا حڪم هتي ڪم ڪري رهيا آهن. ڇو جو اهو ممڪن ئي نه آهي ته فضل ۽ ٻاجهه تي هلندڙ هيءَ سموري ڪائنات موجود هجي، جڏهن ته فضل ۽ ٻاجهه جو ڪو زنده ارادو موجود نه هجي. تنهن ڪري اهي سمورا هنڌ جن ۾ ڪائنات جي خلقت جي فائدي، سونهن سوڀيا، موزونيت ۽ اعتدال، پيار ۽ محبت ۽ تڪميل ۽ پارسارسائيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، سو انهيءَ استدلال تي آڌاريل آهي“.

مولانا موصوف ڪائنات جي خلقت جي ظاهري سونهن سان گڏ گڏ ان جي باطني سونهن تي به روشني وڌي آهي. فرمائي ٿو:

”وري فطرت جي ڏنل سونهن جي انهيءَ پاسي تي به نظر ڪريو ته، هن جهڙي طرح جسم ۽ صورت کي سونهن ۽ سوڀيا بخشي آهي، اهڙي طرح ان جي معنويت کي معنوي سونهن سان سينگاري ڇڏيو آهي. جسم ۽ صورت جو حسن ائين آهي ته ان جي هڏ ڪاٺ، عضون ۽ هٿن پيرن ۾ هڪ تناسب رکيو آهي. معنوي حسن ايئن آهي ته هر شيءِ جي ڪيفيت ۾ باطني سگهه ۾ اعتدال آهي. انهيءَ ڪيفيت جي اعتدال سان گڻ پيدا ٿيندا آهن ۽ اهو اعتدال ئي آهي جنهن حيوانن ۾ سمجهه ۽ حواسن جي سگهه پيدا ڪئي آهي ۽ انسان جي درجي ۾ پهچي عقل ۽ فڪر جو ڏيئو روشن ڪري ڇڏيو“.

وڌيڪ فرمايائين:

”جوهر هستي جا ڳجهه ۽ ڳالهيون اڻ ڳڻيون آهن. پر حيواني روح جو جوهر زندگيءَ جي سمجهه جي سڀ کان وڌيڪ مضبوط ڳنڍ آهي. حيوانن ۾ ڪيڙا ماڪوڙا به هر طرح جو احساس ۽ سمجهه رکن ٿا ۽ انساني دماغ جي تهخاني ۾ عقل ۽ غور فڪر جون ڏيئاٽيون روشن ڪن ٿا. اها احساس جي سگهه، اها ارادي جي سگهه، اها عقل جي طاقت ڪيئن پيدا ٿي؟ مادي عنصرن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ترڪيب ۽ ميلاپ ڪان متاثهون مادي جو جوهر ڪيئن وجود ۾ اچي ويو؟ کِولي ڪي ڏسو ان جي دماغ جي پڪيڙ سُئي جو چوٿيءَ ڪان بہ شايد ڪجهہ گهٽ هوندي. پر مادي جي ان تمام ئي ننڍڙي تنتي ذرڙي ۾ احساس ۽ سمجهہ، محنت ۽ پختگي، ترتيب ۽ تناسب، نظم ۽ ضبط ۽ ڪاريگري ۽ ايجاد جون سموريون قوتون لڪيل هونديون آهن ۽ اهي پنهنجي زندگيءَ جي عملن جي ڪرشمن سان اسان تي رعب ۽ حيرت وجهي ڇڏن ٿيون. ماکيءَ جي مک جا ڪم هر روز توهان جي اکين اڳيان پورا ٿين ٿا. اهو ڪير آهي، جنهن هڪ ننڍڙي مک ۾ اڏاوت ۽ سونهن جو اهڙو انتظام ڪندڙ سگهہ پيدا ڪري ڇڏي آهي؟"

مولانا فرمائي ٿو:

" پر ڪائنات هستيءَ جو اهو ناهہ اها حسن. اهو ارتقا قائم رهي نٿي سگهي جيڪڏهن انهيءَ ۾ خوبصورتي ۽ بقاءَ جي خرابيءَ جي ازالي لاءِ هڪ مضبوط سگهہ چستيءَ سان عمل ۾ نہ رهندڙ هجي ها. اها سگهہ ڇا آهي؟ فطرت جي چونڊ آهي؛ فطرت سدائين ڇاٽبي رهندي آهي. اها هر پاسي ڪان رڳو خوبصورتي ۽ ڀلائيءَ ڪي ئي ڪٽي ٿي ۽ خرابي ۽ عيبن ڪي ڇاٽي ڦٽو ڪري ٿي. اسان فطرت جي چونڊ ڪان بي خبر نہ آهيون. اسان ان کي "سڌاري جي باقي رهڻ" واري تصور سان تعبير ڪريون ٿا. "سڌارو" معنيٰ (Fitness). پر قرآن "سڌاري جو باقي رهڻ" بدران "نفعي جو باقي رهڻ" جي ڳالهہ ڪري ٿو. هو چوي ٿو تہ هن ٻاجهہ ۽ فيضان واري جهان ۾ رڳو اها ئي شيءِ باقي رهي سگهي ٿي، جنهن ۾ فائدو هجي. ڇو جو هتي ٻاجهہ پنهنجو ڪم ڪري رهي آهي ۽ ٻاجهہ گهري ٿي تہ "فائدو باقي رهي". اها نقصان ۽ بربادي برداشت نٿي ڪري سگهي. توهان سون ڪوٺاري ۾ وجهي باهہ تي رکو ٿا، جنهن ۾ مر مٽي سڙي وڃي ٿو ۽ خالص سون باقي رهي ٿو. اهو ئي مثال فطرت جي چونڊ جو آهي. مر مٽيءَ ۾ فائدو نہ هو رک ڪيو ويو سون ۾ نفعو هو ان کي باقي رکيو ويو".

جيئن تہ ربوبيت جي سلسلي ۾ ٻڌائجي چڪو آهي تہ شروع ۾ ئي انسان فطرت ۾ رائج ربوبيت واري نظام جي خلاف بغاوت ڪري ورتي ۽ ان جي مقابلي ۾ پنهنجو ربوبيت جو نظام جوڙي ورتو جنهن ۾ خدا تعاليٰ سمورن انسانن جي لاءِ ربوبيت جا جيڪي پيداواري وسيلا پيدا ڪيا هئا، تن تي

هڪ ٿورڙي تعدا پنهنجي طاقت ۽ چالاڪي سان قبضو ڪري، گهٽائي ڪي غلام بڻائي ورتو يا وري ڪيس تمام ئي پنتي ڌڪي، خواريءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڳالهه تي غلامي، زرعي غلامي ۽ پگهاردار غلاميءَ تي آڌاريل معاشرا شاهد آهن. اهڙي طرح گهٽائي ڪي، جيڪا نوي سيڪڙو تي مشتمل آهي، خدا جي پيدا ڪيل ربوبيت جي وسيلن مان فائدو نه وٺي سگهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

اهڙي طرح خدا جي ٻاجهه ۽ ان جي فائدن کان، انهيءَ رعايتون ڏنل طبقي عوام ڪي محروم رکيو آهي. جڏهن انسانن جي پيٽ ۾ نه ماني ڳيو هوندو، نه بت ڍڪڻ لاءِ ڪپڙو هوندو، نه سردي گرمي کان بچڻ لاءِ گهر هوندو ۽ نه ئي انهن کي پنهنجي اولاد جي بهتر آئيندي جي ضمانت حاصل هوندي ته هو ڪائنات جي سونهن سوڀيا، ان ۾ موجود ٻلائين ۽ راحتن مان ڇا فائدو ماڻي سگهندو؟

اسان جڏهن ربوبيت ۽ خدائي رحمت جي فائدن کي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسون ٿا ته عوام انهن مان ڪيتري حد تائين فائدو ماڻي سگهي ۽ انهيءَ فائدي ماڻڻ واري وات ۾ ڪهڙو طبقو رڪاوٽ بڻيو رهيو آهي، ته اسان کي خبر پوندي ته اهو طبقو واڳ ڌڻين، دولتمندن ۽ مذهبي پيشوائن جو آهي، جيڪو سموري انساني تاريخ تي ڇانيل رهيو آهي.

## تاريخ تي ڇا وهيو واپريو؟

تاريخ جي شروعات زراعت واري دؤر کان ٿي. انهيءَ واقعي کي قرآن ۽ بائيبل آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جي پاڻ ۾ جهڳڙي جي پس منظر ۾ پيش ڪيو آهي. اولهه جي دانشورن ۽ تاريخدانن گل گامش وغيره قصن جي روشنيءَ ۾ تاريخ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اهي. پر قرآن ۽ بائيبل جيترو چٽائيءَ سان هابيل ۽ قابيل جي قصي ۾ تاريخ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ايترو ڏند ڪٿا تي قصا تاريخ کي سمجهائڻ ۾ بلڪل ئي ناڪام ٿي ويا آهن.

آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جو جهيڙو اصل ۾ شڪار واري دؤر ۽ زراعت واري دؤر ۾ اختلاف جو جهيڙو آهي، جنهن ۾ هابيل (شڪار واري دؤر) کي قابيل (زراعت واري دؤر) ختم ڪري ڇڏيو. هابيل هاڻي واپس نٿو اچي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. (تفصيل جي لاءِ ڊاڪٽر علي شريعتي جو مطالعو ضروري آهي).

مولانا ابوالڪلام آزاد سورت المائده جي تفسير ۾ انهيءَ قصي بابت لکيو آهي:

”هابيل، جيڪو هڪ پرهيزگار انسان هو، چيو ته جيڪڏهن تون منهنجي قتل لاءِ هٿ وڌائين ٿو ته وڌاءِ، پر منهنجو هٿ تنهنجي لاءِ نه وڌندو، ڇو جو مان پنهنجي پالڻهار وٽ انهيءَ لاءِ پڪڙ کان ڊڄان ٿو“.

انهيءَ جي باوجود به قابيل کيس قتل ڪري ڇڏيو. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ هابيل جي قربانيءَ کي قبول ڪري ورتو هو ۽ قابيل جي قربانيءَ کي رد ڪري ڇڏيو هو. پر قابيل الله تعاليٰ جي حڪم خلاف بغاوت ڪري، هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو. ايئن هن الله تعاليٰ جي مرضيءَ خلاف بغاوت جو بنياد وڌو.

مولانا فرمائي ٿو: ”هابيل جي آواز ۾ سموري انسانيت جي نيڪ نيتي ۽ نيڪ عملي ڳالهائي رهي هئي ۽ قابيل جي عمل ۾ سمورن ظالم انسانن جي سرڪشي ۽ بدبختيءَ جو هٿ هو. هاڻي انسان جي اڳيان ٻه رستا کلي ويا. نيڪي ۽ پاڪ بازي، جيڪا ڪڏهن به انسان جي رت سان پنهنجا هٿ نه رڱيندي، جڏهن ته ظالم جو هٿ هميشه رنگين رهندو“.

مولانا صاحب انهيءَ واقعي جو طبقاتي ۽ تاريخي نوعيت سان ذڪر نه ڪيو آهي، جڏهن ته علي شريعتي انهيءَ واقعي مان تاريخ جي طبقاتي هئڻ جو سمورو منظر نامو لکي ڇڏيو آهي. شريعتي فرمائي ٿو ته هابيل ته قتل ٿي ويو پر قابيل جيئرو رهيو. جيڪڏهن هابيل قتل نه ٿئي ها ته سندس اولاد ان جي سيرت جو نمونو بڻجي ها. پر هاڻي تاريخ قابيل ۽ ان جي سيرت ۽ نفسيات جي وڪڙ ۾ اچي وئي. شريعتي انهيءَ واقعي کي تاريخ جي شڪار واري دؤر ۽ زراعت واري دؤر جو اهڃاڻ سڏي ٿو.

شڪار واري دؤر ۾ پيداواري وسيلن تي ماڻهن جي ذاتي ملڪيت قائم نه ٿي هئي. چاڪاڻ ته خوراڪ حاصل ڪرڻ جو وسيلو درياءَ، ڍنڍون ۽ ٻيلا وغيره هئا جيڪي ڪنهن جي به ذاتي ملڪيت ۾ نه پئي اچي سگهيا. پر زراعت واري دؤر ۾ زمين ۽ ان جي پيداوار ۽ جانورن جي ڌڻن تي ذاتي ملڪيت قائم ٿي وئي. انهيءَ ذاتي ملڪيت جي ڪري قبيلي جو سردار سيني ماڻهن جو سردار بڻجي ويو. ذاتي ملڪيت جي حفاظت لاءِ پوليس جو ادارو جڙيو. وڏيڪ زمينن کي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي بادشاهت جي حدن کي

پکيڙ ڏيڻ جي لاءِ، جنهن سان مال دولت ۽ غلامن ۽ ٻانهين جو وڏو تعداد هٿ اچي ويندو هو. فوج ٺاهي وئي جنهن جو وڏو تعداد غلامن تي مشتمل هوندو هو. انهيءَ مقصد لاءِ عدالتون بہ وجود ۾ آيون. قانون سازي ٿي ۽ اهڙي طرح رياست ۽ ان جا ادارا ٺهندا ويا.

پر اهو سمورو عمل پيداواري وسيلن تي قبضو ڪندڙ طبقي جي حق ۾ ويندو هو. علي شريعتي ٻڌايو آهي تہ قاتل قابيل سموري انساني تاريخ ۾ ٽن شڪلن ۾ وري وري اپرندو رهيو آهي ۽ اڄ بہ اپري رهيو آهي. حاڪم (فرعون) جي شڪل ۾، دولت مند (قارون) جي شڪل ۾ ۽ واڳ ڌڻين ۽ شاهوڪارن جي مفادن ڪي تحفظ ڏيندڙ ۽ انهن جي ظلمن کي خدا تعاليٰ جي طرفان مقرر ڪيل نصيب ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڪ ڪتابن مان فتويٰ ڏيندڙ مذهبي پيشوا (بلعم باعور يا هامان) جي شڪل ۾. جڏهن تہ الله تعاليٰ هڪڙي ئي (توحيد) يعني عوام جي شڪل ۾ هوندو آهي. هڪ کان وڌيڪ شڪليون شرڪ سڏيو وڃن ٿيون. تنهن ڪري هابيل، جيڪو محبت، برابري، امن ۽ گڏيل مفادن جي علامت هو، قتل ٿي ويو ۽ تاريخ قابيل جي حوالي سان، جيڪو طبقاتي عمل جي علامت هو طبقاتي جاکوڙ سان سڃاپجڻ لڳو. سموري تاريخ آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري (زرعي غلام) ڪارخانيدار ۽ مزدور (پگهاردار غلام) جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي.

## ٻہ مذهب

انهيءَ باري ۾ علي شريعتي ٻڌائي ٿو تہ تاريخ جي طبقاتي ڪردار جي ڪري مذهب بہ ٻن ڀاڱن ۾ ورهائجي ويو. هڪڙو اهو مذهب آهي، جيڪو ان جي پاڪ ٻانين پيش ڪيو هو. ان کي اصلي مذهب سڏيو وڃي ٿو. ان مذهب جي اندر توحيد جو مطلب توحيدي معاشري جي جوڙ جڪ آهي، جنهن کي غير طبقاتي معاشرو سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ معاشري جي قيام لاءِ هر پيغامبر انقلابي نظريا ڏنا ۽ انقلابي جاکوڙ پڻ ڪئي ۽ انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وڏيون سختيون سَنيون.

ٻيو مذهب اهو آهي جيڪو مذهبي پيشوائن، رعايتون ڏنل طبقن جي مفادن جي حفاظت لاءِ آهي. انهيءَ مذهب ۾، حقيقي مذهب جي انقلابي روح ۽ توحيدي معاشري جي قيام واري مقصد بدران، رڳو رسمن ۽ ظاهري عبادتن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ادائگي ۾ پنهنجي مذهبي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ کي آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي لاءِ لازمي ٻڌايو ويو آهي. ان سان گڏوگڏ انهيءَ وسوسي جي شدت سان پرچار ڪئي وئي آهي تہ امير ۽ غريب الله تعاليٰ ناهي ٺو تنهن ڪري غريبن جو فرض آهي تہ اهي الله تعاليٰ جي رضا تي راضي رهن. انهن جي صبر ۽ برداشت جو بدلو کين مرڻ کان پوءِ جنت جي صورت ۾ ملندو. مذهب جيِ اِها ئي اُها تعبير آهي جيڪا سمورن مذهبن جي پيروڪارن ۾ رائج ڪئي وئي آهي . ايئن واڳ ڌٽي ۽ ٻئي رعايتون ڏنل طبقا، سڪون ۽ اطمينان سان پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن گهاريندا آهن ۽ اج بہ گذاري رهيا آهن. ٻئي پاسي عوام، جنهن کي ڄاڻي ٻجهي علم کان بي خبر رکيو ويو آهي. اهي پنهنجي اڻڄاڻائيءَ سبب سدائين مذهبي پيشوائيت طرفان پکيڙيل وهمن ۾ ڦاٿل رهيا آهن ۽ مذهبي اڳواڻن کي مقدس سمجهندي انهن جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪايون اچن پيا. هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ انساني تاريخ ڪهڙي قسم جي عمل مان گذري آهي؟

## تهذيب جي شروعات

تهذيب جي شروعات دجلہ ۽ فرات جي ماٿرين کان ٿي. انهيءَ ماٿريءَ ۾ جيڪو ملڪ نمايان آهي، سو عراق آهي. دجلہ ۽ فرات ۾ پيدا ٿيندڙ تهذيب نيل ۽ اردن دريائن تائين وڃي پهتي. تاريخدانن انساني تاريخ کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون ڀاڱو نوح ﷺ واري طوفان کان اڳ جو ۽ ٻيو طوفان کي پوءِ واري دؤر تي مشتمل آهي.

## نوح ﷺ واري طوفان کان اڳ جو دؤر

هي زمانو پنجاهہ هزار سال ق. م کان شروع ٿئي ٿو ۽ پنجويهہ هزار سال ق. م تائين پهچي ٿو. ان دؤر جا هي نمايان گڻ آهن.

## آڳاٽو پٿر وارو زمانو

هي زمانو آڳاٽو پٿر وارو زمانو (Palacolithic) سڏجي ٿو. اهو زمانو شڪار ۽ زراعت واري دؤر تي مشتمل آهي.

## شڪار وارو دور

هي زمانو پنجاهه هزار سال ق.م کان پنجويهه هزار سال ق.م تي پکڙيل آهي. هن دؤر جون خاص ڳالهيون هي آهن:

1. نينڊر ٿل نسل جي بندرن انسانن ۽ ڪروميگنان جي ديو قامت انسانن مان موجوده حقيقي انسان ظاهر ٿيا.
2. حقيقي انسانن جو نسل رومي سمنڊ جي اوير ۽ اولهه جي ڪنارن وارن علائقن ۾ پکڙجي رهيو هو يعني ترڪي، شام، لبنان، فلسطين، عراق، عرب، مصر ۽ وڏي رڻ پٽ جي ماٿرين ۽ ميدانن ۾ اهي انسان شڪار ڪري پنهنجو گذر سفر ڪري رهيا هئا. انهن شڪاري انسانن ۾ مڪمل طور تي اشتراڪي نظام نافذ هو. جو جو درياءَ، جبل يا ٻيلي وغيره مان جيڪو به شڪار، ميوو يا ٻي ڪا کاڌي جي شيءِ حاصل ڪندا هئا ته انهن جي قبيلي جو چڱو مڙس انهن ۾ هڪجيترو ورهائيندو هو. انهيءَ ڪري اهو معاشرو طبقاتي نه هو. هڪ فرد جو مفاد سموري قبيلي جي مفاد سان واڳيل هوندو هو. انهيءَ زماني ۾ انساني نسل جي پکيڙ ٿيندي رهي. انهيءَ زماني جي آخري حصي ۾ حقيقي انسان رومي سمنڊ جي علائقي ۽ اتر آفريڪا کان جبل الطارق وٽان ٿيندي يورپ ۾ داخل ٿي ويو ۽ نينڊر ٿل نسل جي بندرن انسانن کي ختم ڪري، انهن جي جاءِ تي پنهنجي نسل کي وڌائڻ لڳو.

## آڳاٽو پٿر جو زمانو ۽ زراعت وارو دؤر

هي زمانو پنجويهه هزار سال ق.م کان ڏهه هزار سال ق.م تي مشتمل آهي. ان جون خاص ڳالهيون هي آهن:

1. دجله ۽ فرات جي ماٿرين ۾ پاڻ مرادو پيدا ٿيندڙ ڪڻڪ جي دريافت ۽ پوکي جي شروعات ٿي.
2. ايشيا ۽ يورپ ۾ حقيقي انسان جو نسل پکڙيو.
3. زراعت جي ڪري شڪار واري دؤر جي اشتراڪي معاشري جو خاتمو ٿيو ۽ انهيءَ جنتي زندگيءَ کان انسان جو زمين واري زندگيءَ ڏانهن ”هبوط“ ٿيو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4. غير طبقاتي معاشري جي جاءِ تي طبقاتي معاشرو قائم ٿي پيو.
5. غلاميءَ وارو ادارو قائم ٿيو جنهن سان انسان جو انسان تي ظلم شروع ٿيو محنت جي استحصالي جو رواج پيو ۽ مزدور محنت مان پيدا ٿيندڙ دولت تي ان جي مالڪ کي ئي اختيار حاصل ٿيو.
6. آقا ۽ غلام جي مخالف مفادن ۾ ڇڪتاڻ جي شروعات ٿي.
7. اَن جي پوکيءَ لاءِ زمين جي علائقن جي ورهاست ۽ ان تي فردن جي نجي ملڪيت قائم ٿي.
8. پوکيءَ لاءِ وڏيڪ علائقو حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ويڙهه جهيڙا شروع ٿيا ۽ شڪار جي ڳولا ۾ نڪرندڙ لاڏائو قبيلن ڪٽڪ جي پوکيءَ لاءِ دجله، فرات، نيل، اردن ۽ ٻين دريائن جي ڪنارن تي رهائش اختيار ڪئي.
9. انسان جو زمين ۽ ان جي پيداوار سان حقيقي لاڳاپو قائم ٿيو جنهن ڪري ويڙهه جهيڙي ۽ خون خرابي جي شروعات ٿي.
10. پيداوار ۽ ٻئي مال متاع جي حفاظت لاءِ حفاظتي ٽولن جي جوڙجڪ ڏني وئي ۽ ان سان گڏ هٿيارن ۽ اوزان جي صنعت جي شروعات ٿي.
11. رهڻ لاءِ جهوپڙين ۽ گهرن جي اڏاوت، فطري ماحول جي مخالف قوتن کان بچاءَ لاءِ فطرت جي معاملي ڏانهن ڌيان ڏنو ويو ۽ ايجادن جي شروعات ٿي، جهڙوڪ ٽوڪريون، تڏا ۽ وڻن جي پنن ۽ چوڏن مان لباس تيار ٿيڻ لڳو. ان سان گڏوگڏ قبيلن جي جوڙجڪ ٿيڻ لڳي، گهر ناهڻ ۽ ان جي خوبصورتي ڏانهن ڌيان ڏنو ويو.
12. شين جي مٽا سٽا سان واپار جي شروعات ٿي. شڪار جي لاءِ ٻڙڇي ۽ ڪمان ايجاد ٿيا. دريائن کي پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙي ايجاد ٿي.
13. انهن سمورين حالتن جي نتيجي ۾ آقا ۽ غلام وچ ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ جي شروعات ٿي.
14. عورت کي تمام ئي گهٽ حيثيت ڏني وئي، بادشاهت جو ادارو قائم ٿي ويو ۽ بت پرستيءَ زور ورتو.
15. خدائي وحي جي شروعات ٿي.

## پٿر جو جديد زمانو آدم صفي الله جو دؤر

ڏهه هزار سال ق.م کان پنج هزار سال ق.م تائين هن جا ٽي دؤر آهن:

(1) تمدن وارو دؤر، (2) ترقي وارو دؤر ۽ (3) بادشاهت وارو دؤر.

هن دؤر ۾ غلاميءَ جو نظام مضبوط ٿي چڪو هو. آقا ۽ غلام واري فرق جي ڪري شڪار واري اشتراڪي معاشري جي جاءِ طبقاتي معاشري والاري هئي. طبقاتي معاشري جي ڪري طبقاتي ڇڪتاڻ ۾ شدت پيدا ٿي ۽ بادشاهت جي شروعات ٿي چڪي هئي. حاڪم ۽ محڪوم، امير ۽ غريب ۽ آقا ۽ غلام جي مفادن ۾ ٽڪراءَ جي ڪري ويڙهه جهيڙي ۾ واڌارو اصل ۾ تمدن جي شروعات ۽ طبقاتي معاشري جي قيام سان ٿيو. انهيءَ ڳالهه کي قرآن ڪريم آدم ۽ سندس نسل جي لاءِ 'زمين واري زندگي' جي مفهوم ۾ بيان ڪري ٿو.

شڪار وارو دؤر آدم عليه السلام ۽ ان جي نسل جي پکيڙ وارو زمانو هو. جڏهن تہ تمدن وارو دؤر نبوت جي شروعات ۽ پهرين نبي آدم صفي الله جو زمانو آهي. هي دؤر شڪار کان ڏنار واري زماني ڏانهن منتقلي جو دور آهي.

يعني هن دؤر ۾ جانورن کي پالڻ جي شروعات ٿي ۽ ان ۾ ترقي ٿي. اوڀر وارن علائقن ۾ پوکي راهي ڪندڙن جون وسنديون آباد ٿيون. يورپ ۽ ايشيا ۾ مختلف صنعتن ترقي ڪرڻ شروع ڪئي. رياست جي شروعات ٿي. پيشي جي لحاظ کي قبيلن جي ورڇ عمل ۾ آئي. معاشي طبقن جي ڪري بادشاهت جي شروعات ۽ بت پرستيءَ جو رواج عام ٿي ويو. هرڪو قبيلو پنهنجي بت يا الہ جي پوڄا ۽ ان جي وڏائيءَ جا ڳڻ ڳائڻ لڳو جنهن ڪري قبيلن وچ ۾ نفرتون ۽ ويڙهه جهيڙا وڌندا ويا. بت پرستيءَ جي ڪري مذهبي پيشوائيت جو ادارو قائم ٿي ويو. مذهبي ٺيڪيدارن بادشاهہ ۽ آقا سان ملي ڀڳت ڪري، پنهنجي اداري کي مضبوط بڻائي ڇڏيو. هاڻي بادشاهہ پنهنجي اوسي پاسي جي هيٺن قبيلن کي جنگ جي وسيلي فتح ڪري، پنهنجي بادشاهت جي واڌاري، غلامن ۽ ٻانهين کي جهجهي تعداد ۾ حاصل ڪرڻ ۽ مالِ غنيمت سان پنهنجي خزاني ۽ دولت ۾ واڌارو ڪرڻ لڳو. اهو بادشاهي نظام عراق، شام، فلسطين، مصر ۽ ايران ۾ سگهارو ٿيندو ويو. هڪٻئي سان ويڙهه ۾ جتي غلام حاصل ٿيندا هئا، اتي انهن جنگين ۾ غلامن کي پرتي پڻ ڪيو ويندو هو.

غلام جي سماجي حيثيت نالي ماتر هئي. هو مالڪ جي ذاتي استعمال جي شين وانگر هڪ "شيءِ" هو جنهن کي قتل ڪري سگهبو هو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڪرو ڪري سگهبو هو. سخت پورهيو وٺي سگهبو هو ۽ ان کي سخت سزائون ڏئي سگهبيون هيون. غلام مالڪن جا فصل اپائيندا هئا. سندس جانورن جي ڌڻن جي رکوالي ڪندا هئا. انهن لاءِ اوچيون ۽ عمديون محلاتون ۽ عبادتخانا ٺائيندا هئا ۽ انهن جي بادشاهت ۽ دولت ۾ واڌاري لاءِ ٻين ملڪن سان جنگ ۾ به ڪم ايندا هئا. اسلام جي ظاهر ٿيڻ تائين سموريون تهذيبون انهن ئي غلامن تي آڌاريل هيون. اسلام جي شروعات ۾ روم ۽ ايران جي غلامن تي آڌاريل فوجن، سموري علائقي ۾ تباهي ۽ بربادي پکيڙي ڇڏي هئي، جنهن ڪري واپار بند ٿي چڪو هو.

نوح ﷺ واري طوفان کان اڳ ڪيترائي شهر آباد ٿي چڪا هئا. انهن مان ڪي ٿورڙا نالا هي آهن: اريدو، نيپور، آيريڪ، جسماسما يا خماضي، شريبڪ، اُر، آداب، لاڪاش، معير، باد، تبيره وغيره. انهن ڪانسواءِ شام ۽ فلسطين جي شاهوڪار ۽ سرسبز ماترين ۾ ٻئي به گهٽا ئي شهر آباد ٿي چڪا هئا. بهرحال دجله، فرات ۽ اردن دريائن مان شاداب ٿيندڙ زمينون ۽ نيل درياءَ جي ڇوڙ وٽ، ڊيلٽا واري علائقي ۾ پوکي راهي ڪندڙن جون وسنديون آباد ٿي چڪيون هيون جن تي مقامي بادشاهه يا وري مذهبي ٺيڪيدار حڪومت ڪندا هئا. ايئن انهن علائقن ۾ بادشاهت ٺاهڻ جو تصور عمل ۾ اچي چڪو هو. ان جي شڪل هن طرح هئي ته ڪنهن شهر جو سگهارو بادشاهه اوسي پاسي جي شهرن کي شڪست ڏئي، شاهن جو شاهه بڻجي ويهندو هو ۽ اتان جي مقامي رهواسين کان فرمانبرداريءَ جو ڏَنُ اوڳاڙيندو هو.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت نوح ﷺ کان گهٽ ۾ گهٽ به هزار سال اڳ بادشاهت، غلامي، محنت جو استحصال، بت پرستي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ وهمن ۽ نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ برائيون جهڙوڪ جنسي ڇڙواڳي، ظلم، ڌاڙا، ويڙهه جهيڙو، قر مار وغيره زور وٺي وون هيون. ايئن انهن عملن جي سزا ۾ انهن ظالم وسندين کي تباهه ڪيو ويو.

طوفان جي ڪري انهن وسندين جي تاريخ بابت ڄاڻ ناممڪن ٿي پئي آهي. رڳو زمين جي کوٽائيءَ مان ملندڙ آثارن مان ئي ڪجهه ڄاڻ ملي سگهي آهي، يا وري بائيبل جي ڪتاب پيدائش ۾ تاريخ ۽ بادشاهن جي حالتن تي ڪجهه روشني ملي ٿي.

انهيءَ زماني ۾ پهريون پيغمبر، جنهن کي قرآن آدم صفي الله سڏي

ٿو موڪليو ويو. سندس اخلاقي ۽ توحيد واري تعليم ۽ ان جي بدلي ۾ ٿيندڙ مخالفت جي ڪري معاشري ۾ ڪهڙيون تبديليون آيون، انهيءَ باري ۾ تاريخ خاموش آهي. آدم صفي الله کان پوءِ حضرت نوح ﷺ ڪي موڪليو ويو ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ جي ڪري قوم تي طوفان جو عذاب نازل ٿيو. انهيءَ طوفان کان پوءِ تهذيب جي تاريخ نئين سر مرتب ٿيڻ شروع ٿي ۽ وسندين ۾ هڪبئي پٺيان پيغمبر ايندا رهيا.

نوح ﷺ وارو طوفان بابت، جنهن ڪي مها ٻوڏ بہ چيو ويندو آهي، طبقاتي بنيادن تي بائيبل ۾ ڪابہ وضاحت نٿي ملي. رڳو ايترو چيو ويو آهي تہ زمين گناهن سان ڀرجي وئي هئي، تنهن ڪري اهو عذاب آيو. پر قرآن ڪريم ان جي طبقاتي بنياد جي ڇنڊڇاڻ سان وضاحت ڪئي آهي.

> ”پوءِ سندس قوم مان ڪافر ٽوليءَ چيو تہ توکي پاڻ جهڙي ماڻهو کانسواءِ (ٻيو) نٿا ڏسون ۽ اسان مان بي سوچ خسيسن کان سواءِ (ٻيو) تنهنجو تابعدار نہ ٿا ڏسون، ۽ پاڻ کان اوهان جي ڪا زيادتي نہ ٿا ڏسون بلڪ اوهان کي ڪوڙو ڀائيندا آهيون. “

نوح ﷺ وارو طوفان زمين جي گولي تي شايد الله تعاليٰ جو پهريون عذاب هو جنهن جو بنياد طبقاتي معاشرو هو. ڇو جو انهيءَ دؤر جي سمورين وسندين ۾ طبقاتي معاشرو قائم ٿي چڪو هو. حضرت آدم صفي الله وارو زمانو پٿر جو جديد ۽ تمدني زمانو سڏيو وڃي ٿو جيڪو ڏهہ کان پنج هزار سال ق.م تي آڌاريل آهي. يعني حضرت آدم صفي الله وارو دؤر پنج هزار سالن تي مشتمل آهي. تهذيب ۽ تمدن جي ارتقا جي رفتار تمام ئي سست هئي. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ ڊگهي عرصي ۾ ٻيا بہ ڪي نبي آيا هجن جن جو تاريخ ۾ ذڪر نہ آهي، پر سڀ کان وڏو نبي حضرت نوح ﷺ هو.[1]

## پٿر جو جديد زمانو، ترقي وارو دؤر، نوح ﷺ وارو دؤر

حضرت نوح ﷺ بہ جنهن دؤر ۾ موڪليو ويو سو پٿر جو جديد دؤر هو ۽ انساني ترقي وارو دؤر سڏبو هو. اهو هڪ هزار کان بہ هزار سال ق.م

---

[1] آدم صفي الله کانپوءِ سڀ کان وڏو نبي حضرت نوح ﷺ آهي، اها ڳالهہ صحيح آهي، پر انهيءَ وچ واري عرصي ۾ ٻيا نبي نہ آيا هجن، ائين نہ آهي. آدم صفي الله کان پوءِ حضرت شيث، حضرت ادريس عليهم السلام وغيره جهڙا نبي ٿي گذريا آهن، جن جو تاريخ ۾ ذڪر ٿيل آهي. (سنڌيڪار)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پکڙيل هو. هن دؤر ۾ آدم صفي الله جي پيٽ ۾ طبقاتي معاشرو گهڻي ترقي ڪري چڪو هو. بادشاهن ۽ قبائلي سردارن جو غلامن ۽ ٻين ڪمزور ماڻهن تي ڏاڍ ۽ ظلم گهڻو وڌي چڪو هو ۽ هر قسم جي اخلاقي برائيءَ ڪر کڻي ورتو هو. سمجهه ۾ ايئن ٿو اچي ته مها ٻوڏ هن دؤر جي تمدن يافته علائقن کي، جيڪي دجله، فرات نيل ۽ اردن ريائن تي مشتمل هئا، پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو. طوفان کان پوءِ انهن ئي علائقن ۾ ٻيهر انسان آباد ٿيڻ شروع ٿيو ۽ تهذيب ۽ تمدن جي ارتقا جو سفر جاري ٿي ويو. پر هاڻي به ساڳيو ئي قابيل جي طريقي ۽ پيروي هيٺ، معاشري جي اڏاوت طبقاتي طريقي تي شروع ٿي وئي.

مها ٻوڏ کان پوءِ سڀ کان پهرين تمدني تهذيب ذڪڻ عراق ۾ سميري قوم جي آهي. اهي پوکي راهي ڪندڙ هئا. ان سان گڏوگڏ نيل نديءَ جي ماٿري، ڪريٽ، الجزائر، ٿسلي، ڊينيوب ماٿري، هنگري، ترڪستان، سنڌو ماٿري ۽ چين وغيره ۾، هر هنڌ پوکي راهي ڪندڙن جون وسنديون آباد ٿي ويون.

## بادشاهت وارو دؤر حضرت ابراهيم جو دؤر

پٿر واري جديد زماني جو ٽيون دور بادشاهت وارو دؤر آهي. هن دؤر ۾ سڀ کان اهم پيغمبر حضرت ابراهيمؑ هو. ان کان پوءِ حضرت محمد عربيﷺ تائين مختلف ملڪن ۽ تهذيبن ۾ نبي سڀ‍ڳورا ايندا رهيا جن جي مخالفت ان دؤر جا واڳ ڌڻي ۽ آسودا طبقا ڪندا رهيا.

حضرت آدم صفي الله جو دؤر طبقاتي ورڇ ۽ ان جي اخلاقي ۽ معاشرتي نتيجن جي ظاهر ٿيڻ جو زمانو هو. جڏهن ته حضرت نوحؑ جو زمانو انهيءَ ورڇ ۽ ان جي نتيجن جي پکيڙ ۽ ارتقا جو دؤر هو. حضرت ابراهيمؑ جي زماني ۾ اهو سلسلو پنهنجي پوري سگهه وٺي چڪو هو. انهيءَ دؤر ۾ بادشاهت جو ادارو تمام ئي سگهارو بڻجي چڪو هو. بادشاهه پروهت (مذهبي ٺيڪيدار) جو درجو ماڻي عوام جو روحاني پيشوا بڻجي چڪو هو. انهيءَ ڪري عبادت خانن جا سمورا پوڄاري، جادوگر، پوپا ۽ شاعر وغيره بادشاهه جي هيٺان ۽ ان جا مددگار ٿي چڪا هئا. غلاميءَ جو رواج عام ٿي ويو هو. عراق جو نمرود ۽ مصر جو فرعون پنهنجي رب هئڻ جو اعلان ڪري رهيا هئا. عوام تمام ئي ڏتڙيل حال، بي وس ۽ انگ اگهاڙو هئو.

اڀجاڻائيءَ سبب مذهبي پيشوائن جي پکيڙيل وهمي خيالن ۾ قاتل هو ۽ ظلم سهندو رهندو هو.

حضرت ابراهيمؑ جي دؤر ۾ ان کان پوءِ جي سمورن تاريخي معاشرن جا اهي خاص گڻ خبر ڏين ٿا ته آقا ۽ جاگيردار، جڏهن ته اسلام کان پوءِ صنعتي سرمائيدارن جو استحصالي طبقو يعني بادشاهيت، سرمائيداراڻي جمهوريت اصل ۾ مذهبي پيشوائن جي اوٽ ۾ اچي ويو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيو ته استحصالي نظام جي خلاف بغاوت اصل ۾ بادشاه يا سرمائيداراڻي جمهوريت جي خلاف بغاوت سمجهي وڃڻ لڳي هئي. ايئن محسوس ٿيندو هو ته استحصالي نظام کي ختم ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريان بادشاه يا سرمائيدارن تي مشتمل جمهوري رياست کي ختم ڪرڻ ضروري هو. سياسي ۽ معاشرتي حالتن جو اهو پيش منظر حضرت ابراهيمؑ کان ني يهودي، عيسائي، مسلم ۽ صنعتي انقلاب واري دؤر تائين قائم رهيو ۽ اڄ تائين قائم آهي. انهيءَ سلسلي ۾ حڪومت جي شڪل پڪي بادشاهت، فوجي آمريت يا سرمائيداراڻي جمهوريت هجي، انقلاب جو اهو دستور ساڳيو ئي قائم رهيو آهي ۽ اڄ به آهي. انهيءَ ڪري اشتراڪي انقلاب جي لاءِ روس، چين، ويٽنام، ڪيوبا، لبيا، ڏکڻ يمن ۽ نڪاراگوا وغيره ۾ پهريون ٽڪراءُ حڪمران طبقي ۽ ان جي فوجن ڪانسواءِ انهن جي نظرياتي پنيرائي ڪندڙ مذهبي پيشوائن سان ٿيندو رهيو آهي.

مها ٻوڏي کان پوءِ جيڪا تهذيب اڀري سا پڻ طبقاتي هئي. تاريخ جي آئيني ۾ اڄ جي مغربي تهذيب جا اسان کي ڪٿي ڪاريگريءَ جا بازار سجايل ملن ٿا، ڪٿي علم ۽ ڏاهپ جا مرڪز ڪليل نظر اچن ٿا، ڪٿي اها سائنسي تحقيق فطرت جي طاقت تي سوڀ حاصل ڪندي نظر پئي اچي، ڪٿي ان ۾ لٽڪندڙ باغ آهن ۽ ڪٿي بابل جي مينارن جون چوٽيون نظر پيون اچن. ڪٿي نمرود جي محلاتن جون ماڙيون ۽ بئنڪن ۽ واپاري ادارن جو اوچيون اوچيون عمارتون پنهنجو ڏيک ڏئي رهيون آهن. پر ان سمورين تهذيبن جي ترقيءَ پويان غلامن جا ڪنجهندڙ اگهاڙا جسم، برندڙ شهر ۽ ڪارخانن جا خطرا نظر اچن ٿا ته ڪٿي مشينن تي ڪم ڪندڙ مزدورن ۽ جاگيردارن جي زمينن کي کيڙيندڙ زرعي غلام نظر اچن ٿا. هتي آشور جي عظيم بادشاهت منجهان ڪجهه مثال پيش ڪيا وڃن ٿا، جن مان خبر پوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ آڳاٽي تهذيب هڪ پاسي تہ ظلم ۽ ڏاڍ جي تصوير نظر اچي ٿي، تہ ٻئي پاسي ان ۾ علم دوستي ۽ تعميري فن جو شوق بہ نظر اچي ٿو.

”مون چوڏنهن هزار سپاهين کي قتل ڪرائي ڇڏيو. خداوند اداد (شداد) وانگر مون انهن جي مٿان تباهيءَ جا مينهن وسايا. ميدان انهن جي لاشن لاءِ ٿورو ٿي ويو. سو مون انهن جي لاشن مان ٻنڌ جو ڪم ورتو ۽ ائين درياءَ اڪري ويس“.

(شلما نصر ابن آشور نصرپال)

”مون قلعي جي مک دورازي سامهون هڪ مينار نصرت تعمير ڪرايو. مون اتان جي سمورن سردارن جون کلون لهرايون ۽ انهن کلن کي مينار نصرت تي مڙهايو. ڪن کي مون مينار جي پٿين ۾ جيئرو لنبرائي ڇڏيو. ڪن کي مون هٿ پير ٻڌائي مينار سان ٻڌائي ڇڏيو. ڪن کي مون مينار جي چوٽين ۾ ڪِلن سان ٺوڪرائي ڇڏيو ۽ ڪن کي مينار سان ٻڌي انهن جي جسم جي هڪ هڪ عضوي کي پَڇرائي ڦٽو ڪيو. ڪن جا مون عضوا ڪترائي هيڏي هوڏي اڇلرائي ڇڏيا.

ڪيترن ئي قيدين کي مون باھ ۾ وجهرائي ڇڏيو ۽ جيڪي باقي بچي ويا، تن کي غلام بڻائي پاڻ سان گڏ ڪٽي آيس. ڪن جا مون نڪ، ڪن ۽ آڱريون ڪترائي ڇڏيون ۽ ڪن جون اکيون ڪڍرائي ڇڏيون. مون هڪڙو ٿنڀ منڊين جو جوڙايو ۽ هڪڙو ڏڙن جو جوڙايو. ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي منڊين کي مون وڻن جي ٽارين ۾ ٽنگرائي ڇڏيو. انهن جي ڇوڪرين ۽ مردن کي مون باھ ۾ ساڙائي ڇڏيو.

اهي ويھ ماڻهو جيڪي جيئرا گرفتار ٿيا هئا، مون انهن کي اتان جي بادشاھ جي محلات جي ديوار ۾ لنبرائي ڇڏيو. انهن جي باقي بچي ويل سپاهين کي مون فرات جي ريگستان ۾ اڃ وگهي تڙپائي تڙپائي مارايو“.

آشور نصر جي پٽ شلما نصر جي ظلمن بابت هڪڙو اقتباس مٿي پيش ڪيو ويو. اِهو ئي اُهو بادشاھ هو جنهن يهودين کي سڀ ڪان ڀهريان قيد ڪري عراق ۾ آباد ڪيو. عهدنامہ قديم جي باب ”بادشاهَ“ ۾ لکيل آهي:

”۽ اشور جي بادشاهه شلما نصر اسرائيل تي چڙهائي ڪئي ۽ سامريہ جي بادشاهه هوسيع کي قيد ڪرايو. نائين سال سامريہ کي پاڙ وٽ رکيو ۽ اسرائيل کي قيد ڪري اشور ڏانهن وٺي ويو ۽ انهن کي نار (نمرود) ۾ ۽ جوازن جي درياءَ خابور جي ڪناري ۽ ماديون جي شهرن ۾ آباد ڪيو“. (2_17)

آشور جي عظيم بادشاهت جي ”شروقين ٻئين“ هڪ فرمان ۾ لکيو آهي تہ:

”مان تموذ، آباديدي، مارسي مانو ۽ حيفہ جي قبيلن کي، جيڪي عرب ۾ ۽ پري پري ريگستانن ۾ رهندا آهن ۽ جن اڄ تائين بادشاهه کي ڍَن نہ ڏنو هو، تن کي دٻائي ڇڏيو. مون باقي بچيل آبادي کي ملڪ نيڪالي ڏئي سامريہ ۾ آباد ڪيو“.

”۽ مصر جي فرعون ۽ عرب جي راڻي شمي ۽ اطامره صبائي کان، جيڪي سمنڊ جي ڪناري ۽ ريگستان ۾ حڪومت ڪن ٿيون، سون جي ذرڙن، قيمتي جواهرن ۽ هاٿي جي ڏندن ۽ آبنوس جي ٻج ۽ هر قسم جي عطرن ۽ گهوڙن ۽ اٺن جو تحفو قبوليو“.

آشور جي بادشاهه سن حرب جڏهن بابل تي ڪاهہ ڪئي تہ هن ٻڌايو:

”جهڙي طرح طوفان ايندو آهي، تيئن مون بہ بابل تي چڙهائي ڪئي ۽ جيئن ٻوڏ ايندي آهي، تيئن مون بہ ان تي قبضو ڪري ورتو. مون ان جي سيني رهاڪن، پوڙهن توڙي جوانن کي جيئرو نہ ڇڏيو. مون رستن کي انهن جي لاشن سان پري ڇڏيو ۽ شهر جي سمورين عمارتن کي بنياد کان وٺي ڇتن تائين ڊاهي ڦٽو ڪيو ۽ باهہ ڏئي ڇڏي ۽ انهيءَ نيت سان تہ ماڻهو مندرن وارن جائن کي بہ وساري ڇڏن، انهن جائن تي هر ڪهرائي ڇڏيو ۽ آبپاشي ڪرائي اتي پوکي ڪرائي ڇڏي. آشوريہ جو اهو حملو 689ق.م ۾ ٿيو“.

سن حرب جي پٽ ايسار حدون جي وفات کان پوءِ ان جو پٽ آشور بني پال تخت تي ويٺو. انهيءَ زماني ۾ بادشاهه پنهنجي نالي سان گڏ هن قسم جا لقب لڳرائيندا هئا. تخت ۽ تاج جو حقيقي وارث، شهزادو بي مثال، آشور جو بادشاهہ دنيا جو حڪمران، دنيا جي چئني ڪنڊن جو وارث، شاهن جو شاهہ سلطان اعظم وغيره. آشور بني پال جڏهن فارس جي گادي واري هنڌ سوسا ۽

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايلم کي فتح ڪيو تہ ڇا ٿيو؟ ان جو ڪجهہ منظر ناموهن طرح آهي:

”اسان ايلمي بادشاهہ جي مقبرن کي مٽائي ڇڏيو. اسان ان جي هڏين کي سيڙهي وانگر اٿو ڪري اس ۾ رکي ڇڏيو. اسان ان جي پاچي (روح) کي پناهہ کان ۽ خوراڪ ۽ پاڻي جي نذرانن کان محروم ڪري ڇڏيو. اسان ايلم جي سرزمين کي هڪ مهيني ۽ پنجويهہ ڏينهن جي پنڌ تائين تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو. اسان ايلم جي پوکن بدران زمينن کي لائي ۽ ٻين ڪنڊيدار ٻوٽن سان پري ڇڏيو. اسان سوسا، مداڪتو ۽ ٻين شهرن جي رک کي گڏ ڪيو ۽ ان کي آشور کڻي آياسين. اسان ايلم جي پوکن مان ماڻهن جي پڙڪي کي، مال متاع ۽ رڍن ٻڪرين جي ٻيڪن کي ۽ خوشيءَ جي ٺهڪن کي نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. اسان انهن پوکن ۾ گورخر هرڻن ۽ ٻين ريگستاني جانورن جون وسنديون آباد ڪري ڇڏيون“.

آشور بني پال جي وفات کان پوءِ نينوا جو سمورو شان ۽ مان برباد ٿي ويو. بابل وارن نينوا جي محلاتن جي سِرَ سِرَ کان جدا ڪري ڇڏي، عهدنامہ قديم جي ڪتاب ناحوم، باب ٽئين ۾ لکيل آهي:

”خون خوار شهر تي افسوس! ٻڌو ڇهبڪ جو آواز ۽ ڦيٿن جا چيڪاٽ ۽ گهوڙن جي هڻڪار. شاهي سوارين جا جهٽڪا ڏسو سوارن جا حملا ۽ تلوارن جا چمڪاٽ ۽ ڀالن جا لمڪا ۽ لاشن جا ڍير ۽ قتيلن جا انبار ڏسو. هاڻي هرڪو ئي توڏانهن ڏيان ڏيندو ۽ توکان ڀڄندو. اي آشور جا بادشاهہ! تنهنجا ڌنار سمهي پيا، تنهنجا مرد زائفون ٿي ويا، تنهنجي بادشاهت جا دروازا تنهنجي دشمنن جي لاءِ کليل آهن. باهہ تنهنجي اڙٻنگ جوانن کي کائي وئي آهي. تنهنجي ناڪامي هاڻي اٽتر آهي. تنهنجو حال ٻڌي سڀئي تاڙيون وڄائيندا، ڇو جو اهڙو ڪير هو جنهن تي هميشہ تنهنجي شرارتن جو بار نہ هو“.

هي لکڻي نہ رڳو انهن سمورين تباهين ۽ ظلمن جو نمونو آهي جيڪي بابل، آشور، سومير، ڪلدان ۽ آڳاٽي دؤر جي ٻين بادشاهتن ۾ جاري رکيا ويا، پر ايران، مصر، هندستان، چين ۽ روم جي تهذيبن ۾ بہ ايئن ئي ٿيندو رهيو. انهن واقعن جي مطالعي سان انسان جا لڱ ڪانداڙجي وڃن ٿا. اها

کھاڻي اتي ختم نٿي ٿئي، پر اسلام ۾ جڏهن بادشاهت پنهنجا پير ڏريا تہ اسلامي ملڪن ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا سامهون آيا. اڳتي هلي يورپ جي بيهر ترقي کان پوءِ جڏهن مشين جي ايجاد سان سامراج جنم ورتو تنهن هندستان، مصر، شام، لبنان، فلسطين، وغيره ۾ جنهن بي رحمي جو مظاهرو ڪيو سوتاريخ جو اونداهو باب آهي. يورپي قومن پاڻ ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ٽن صدين تائين آفريڪي ماڻهن کي پڪڙي نيلام ڪري ڪاروبار جاري رکيو. برطانيہ جي راڻي آفريڪي ماڻهن کي پڪڙي آڻڻ لاءِ جيڪي جهاز ڏنا تنهن جو نالو بہ ”دي ڪراسٽ والمسيع“ هو. سرمائي داراڻي نظام جي ارتقا جو رت ٽمندڙ داستان ليوهيو برمن پنهنجي ڪتاب (Man's Wordly Goods) ۾ بيان ڪيو آهي جنهن جو اردو ترجمو ”ڪاروان معيشت“ جي نالي سان لکنؤ مان ڇپيو آهي. ان ڪتاب جو تت مون پنهنجي ڪتاب ”فلسفہ بيگانگي اور قرآن مجيد“ ۾ هڪ سئو کان بہ وڌيڪ صفحن تي ڏنو آهي. انهن سمورن آڳاٽين تهذيبن ۾ نبي سڳورا ايندا رهيا. عهدنامہ قديم ۽ جديد جو معالعو ڪري ڏسو بڌ مت، جين مت ۽ گيتا رامائڻ کي پڙهي ڏسو، زندا اوستا کي ڏسو، سقراط جي انهيءَ تقرير جو مطالعو ڪري ڏسو جيڪا هن عدالت ۾ ڪئي هئي، ان سان گڏوگڏ قرآن کي بہ پڙهي ڏسو جنهن جي پس منظر ۾ اهي سموريون تهذيبون ۽ نبي سڳورا پنهنجي تعليم ۽ اثرن سان موجود ملن ٿا، تہ خبر پوندي تہ ”انسان تي ڇا وهيو واپريو“. اها سموري تاريخ قابيل ۽ ان جي اولاد جي آهي جنهن ۾ قابيل جون سمورين بدچاليون نظر اچن ٿيون. ڪٽڪ جي پوکيءَ سان گڏوگڏ پيداواري وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت، انساني تاريخ کي نہ رڳو غلامن ۽ پنتي پيل عوام جي رت ۾ ريٽيو آهي، پر هر قسم جي بداخلاقيءَ کي پڻ جنم ڏنو آهي.

انهيءَ سموري تاريخي پس منظر جي مطالعي کان پوءِ خبر پوي ٿي تہ اهو کھڙو طبقو هو جنهن خدا تعاليٰ جي ربوبيت، رحمت، محبت ۽ امن کي عام انسانن تائين پهچڻ کان روڪي ڇڏيو. پڪ سان اهو طبقو بادشاهن، حڪمرانن، دولتمندن جو هو جن ۾ جاگيردار، زميندار ۽ ڪارخانن جا مالڪ شامل آهن. دنيا جي مذهبن جا مذهبي پيشوا انهن طبقن جي پنيرائي ۽ مفادن جو تحفظ ڪندڙ رهيا آهن. انهيءَ طبقي جي ڪري ئي معاشري مان غلاميءَ جو خاتمو نہ اچي سگهيو. وڏ کان وڏ زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ مال ميڙڻ جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس جي ڪري، خونريز جنگين جو سلسلو جاري رهيو. مزدور ۽ ٻين ٻي پهچ ۽ محروم طبقن جي محنت جو استحصال ختم نہ ٿي سگهيو. اجا بہ مذهبي پيشوائن، تقدير جي مسئلي کي اهڙو تہ منجهائي ڇڏيو جو محروم طبقن جي ماڻهن کي اها پٽي پڙهائي ڇڏي تہ غربت، اڻ ڄاڻائي ۽ محرومي الله تعاليٰ انهن جي قسمت ۾ لکي ڇڏي آهي. انهن سمورين حالتن جو تت سورت العصر ۾ ڏنو ويو آهي ۽ انهيءَ لاءِ تاريخ کي شاهديءَ طور پيش ڪيو ويو آهي.

اسان جي دؤر ۾ مارڪس سائنسي طريقي کي پنهنجائيندي تاريخ جي مطالعي کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. پاڪ ڪتابن کان پوءِ پهريون دفعو هن ٻڌايو آهي تہ سموري تاريخ آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ ڪڙمي (زرعي غلام) ۽ ڪارخانيدار ۽ مزدور (پگهاردار غلام) جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي. مارڪس جيڪڏهن مذهبن کي رد ڪري ڇڏيو آهي تہ ان جو سبب هي هو تہ ان جي وقت ۾ رائج مذهب پيداواري وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت واري رت چوسيندڙ نظام جا پرجهلا هئا. مسلمان عالمن ۽ مفسرن پڻ بادشاهت ۽ جاگيرداري واري نظام جي اثر ۾ اچي، انهيءَ طبقي جي بچڙائين کي وائکو نہ ڪيو. جڏهن تہ قرآن ڪريم آسودن، وڏائي ڪندڙن ۽ جاگيردارن جي مقابلي ۾ عام انسانن، عوام ۽ هيٺن طبقن جو ذڪر هر هر ڪيو آهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ جيستائين انهيءَ طبقي کي ختم نٿو ڪيو وڃي، ان وقت تائين الله تعاليٰ جي ربوبيت، رحمت ۽ محبت سندس مخلوق تائين نٿي پهچي سگهي. انهيءَ طبقي جو خاتمو ان وقت تائين نٿو ٿي سگهي جيستائين ٻہ ۽ ٻہ چار وانگر چٽي طرح سان اهو نٿو ٻڌايو وڃي تہ نبين سڳورن کي موڪلڻ جو سلسلو بنيادي طور تي انهيءَ طبقي جي خاتمي لاءِ ئي شروع ڪيو ويو هو. توحيد جو معاشرتي تصور ان وقت تائين پنهنجي مقصد کي پورو نٿو ڪري سگهي، جيستائين جو معاشري کي طبقاتي طريقي کان هٽائي غير طبقاتي نٿو بڻايو وڃي. فريدرڪ اينگلز صحيح چيو هو تہ انسان جي حقيقي تاريخ ان وقت کان شروع ٿيندي، جڏهن ذاتي ملڪيت واري نظام کي هميشہ جي لاءِ ختم ڪيو وڃي. اها تاريخ هابيلي گڏن واري هوندي جڏهن تہ موجوده تاريخ قابيلي اخلاق ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ جي ائينہ دار آهي.

سوويت يونين جي تباهي کان پوءِ، معيشت ۽ سياست جي اشتراڪي فلسفي جو هي ٻيو دؤر آهي، جنهن ۾ پاڪ ڪتابن جو نئين سري

سان، طبقاتي نقطي نگاهہ کان مطالعو ڪيو ويندو ۽ ثابت ڪيو ويندو تہ اشتراڪي معيشت نبين سڳورن جي تاڪيد ڪيل معيشت آهي. انهيءَ جي لاءِ پيداواري وسيلن تي قابض طبقي کان، سواءِ مذهبي پيشوائيت جي خلاف هڪ سخت جنگ وڙهي ويندي، جنهن ڏاڍ ڪندڙ طبقي جي وجود کي پاڪ ڪتابن منجهان سند ڏني آهي. جيستائين مذهب جي بنياد تي انهيءَ طبقي جي خلاف جنگ نٿي وڙهي وڃي، اهو طبقو ڪڏهن بہ ختم ٿي نہ سگهندو. انهيءَ جي لاءِ مذهبي پيشوائيت جي منظم اداري کي ختم ڪرڻو پوندو جيڪو انهيءَ طبقي جي پنيرائي ڪري رهيو آهي. ان جي هٿ مان پاڪ ڪتابن جي تفسير ۽ تشريح جي ٺيڪيداري کسڻي پوندي ۽ انهيءَ جي لاءِ روشن خيال ۽ فڪر رکندڙ عالمن جي فڪر مان استفادو ڪرڻو پوندو، خاص طور تي اهي عالم جيڪي طبقاتي نقطہ نظر رکندڙ آهن. اها جنگ انسان جي آخري جنگ هوندي جنهن جي ڪري انسان دشمن قوتون ختم ٿي وينديون ۽ تاريخ جي واڳ انسان دوست قوتن جي هٿن ۾ اچي ويندي جن کي قرآن ڪريم ”الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ“ چئي ڪري چٽو ڪيو آهي. انهيءَ ڪري نون ديني مدرسن ۽ نئين نصاب جي ضرورت ٿيندي.

## غلامن سان ڇا وهيو واپريو؟

آخر ۾ ڊاڪٽر علي شريعتي جي خط جا اقتباس ڏنا وڃن ٿا، جيڪي هن اهرام مصر ۾ غلامن جي ڪيترائي ڪلوميٽر ڊگهي اجتماعي قبر کي ڏسڻ کان پوءِ متاثر ٿي، پنج هزار سال اڳ وارن غلامن جي نالي لکيا هئا. جيڪڏهن انسان تهذيب جي تاريخي مطالعي مان هيءَ خبر پوي ٿي تہ ”انسان ۽ تاريخ سان ڇا وهيو واپريو؟“ تہ انهيءَ خط مان خبر پوندي تہ ”غلامن سان ڇا وهيو واپريو“.

غلامن تي ظلم ۽ ڏاڍ جو هي رت جا ڳوڙها روئاريندڙ قصو ٻڌائيندو تہ جيستائين بادشاهن، حڪمرانن، پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل آسودن، جاگيردارن، ڪارخانيدارن ۽ مذهبي پيشوائن جي طبقي کي ختم نٿو ڪيو وڃي، ان وقت تائين انسان پنهنجي انسانيت ۾ واپس نٿو وڃي سگهي ۽ نہ ئي اهو تاريخ جي طاقت کي پنهنجي هٿ ۾ وٺي سگهي ٿو.

موجوده دؤر ۾ غلاميءَ جي شڪل بدلجي وئي آهي. هاڻي غلاميءَ جو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو نئون آبادياتي نظام آهي. مشين جي ايجاد کان پوءِ يورپي سرمائيدارن پنهنجي ناهيل شين کي کپائڻ لاءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ رهندڙ قومن تي فوجي قبضو قائم ڪيو ۽ ٻئي جنگ عظيم کان پوءِ هاڻي قرضن جي شڪل ۾ غلاميءَ کي ڊاڍيو پيو وڃي. ٻئي جنگ کان پوءِ يورپي غلاميءَ مان آزادي ماڻيندڙ قومون جيتوڻيڪ پنهنجو پاڻ کي آزاد سمجهن ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي معاشي لحاظ کان اڃا تائين غلام آهن ۽ اها ٻٽي غلامي آهي. انهن قومن جي عوام هڪ ته آمريڪا ۽ يورپ وٽان مليل قرضن جي غلاميءَ واري بند جا باندي آهن ته ٻئي پاسي اهي پنهنجي ملڪ جي رعايتون ڏنل طبقن جي غلاميءَ ۾ ڦاٿل آهن. اهي طبقا غير ملڪي آقائن سان ملي ڪري، پنهنجي ملڪ جي مزدورن جو ڪليل طرح سان استحصال ڪن ٿا. جيستائين پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل طبقي جي وجود کي ختم نه ڪيو ويندو، انهن ملڪن جا مزدور ۽ ٻيو پٺتي پيل عوام اولهه وارن ملڪن جي صارفيت (Consumerism) ۽ انهن جي ڪريل اخلاقن واري تهذيب جي پانجاري مان پنهنجو ڪنڌ ڪڍائي نٿا سگهن ۽ نه ئي وري پنهنجي تهذيب جي بنيادن ڏانهن واپس سگهن ٿا. انهن جي تهذيبي پاڙن کي اولهه  وارين قومن، صارفيت جي لاءِ ۽ پنهنجي تهذيب جي پکيڙ جي مقصد هيٺ، ڪٽي ڦٽو ڪيو آهي ۽ انهن ملڪن جي جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي پنهنجي مذهبي ۽ اخلاقي نظام کان بدظن ڪري، پنهنجي تهذيبي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي. ائين اهو نوجوان نسل نه رڳو معاشي ۽ سياسي لحاظ کان اولهه وارن جو غلام بڻجي ويو آهي، پر تهذيبي ۽ ثقافتي لحاظ کان به پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت جي بنيادن کان جدا ٿي اولهه جي جنسي ڇڙواڳي، تشدد، جوئا بازي ۽ شراب نوشي ۾ ٻڏل تهذيب جو ديوانو بڻجي ويو آهي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن به ڪا هلچل يا ثقافتي ۽ ادبي ڪوشش، جيڪا انهي نوجوان نسل کي پنهنجي تهذيب ڏانهن، جنهن جو بنياد مذهبن جي مقدس بانين جي عظيم اخلاقي ۽ روحاني تعليم تي آڌاريل آهي، آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، تڏهن اولهه جي ورياج خور شاهوڪار تهذيب جا سوداگر انهن کي ابتيون سبتيون ٻڌائي منجهائي ڇڏن ٿا.

اسان وٽ علامه اقبالؒ، علي شريعتي ۽ ٻئي دانشور، جيڪي

انهيءَ تهذيبي نقصان ۽ ان جي خطرناڪ نتيجن جو احساس رکن ٿا، پنهنجي نسلن کي واپس آٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ کن کي پنهنجي ئي وطن جي، اولهہ سان چاهہ رکندڙن هٿان پنهنجي سر جو سانگو لاهڻو پيو آهي، علي شريعتي لکي ٿو:

جيڪڏهن مان پنهنجي باري ۾ ڪجهہ چوندس تہ ان جو سبب هي آهي تہ مان انهن يادگيرن جو توهان سان ذڪر ڪرڻ گهرندس، جيڪي منهنجي ذات، طبقي جي ماڻهن، منهنجي سماج، منهنجي ملڪ ۽ منهنجي تاريخ سان واسطو رکن ٿا. وري جيڪڏهن هڪ پاسي مان اڄ جي تعليم يافتہ طبقي سان مخاطب ٿيان ٿو جنهن لاءِ توهان سيني کي چڱي طرح سان ڄاڻ آهي تہ انهن جو فڪري انداز ڪهڙو آهي، مذهب سان انهن جي لاڳاپو ڪيئن آهي، انهن جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي ۽ انهن جي ڪهڙي ٻولي ۽ ثقافت آهي، تہ ٻئي پاسي مان اهڙي زمين مان نڪتو آهيان، اهڙي علائقي ۾ پليو آهيان ۽ اهڙي ريگستان ۾ جوان ٿيو آهيان جيڪو آباديءَ کان خالي، خوشين کان محروم ۽ خوشحاليءَ کان اڻ واقف آهي. جتي زندگي رُڪي، بي مزي ۽ غربت ۽ سورن سان ستيل آهي. ان ڪانسواءِ منهنجا ابا ڏاڏا بہ انهيءَ ”اشرافيت“ کان محروم هئا، جنهن جو قد ڪاٺ زر زيورن، هيرن جواهرن سان ۽ اقتدار جي ماپن سان ماپيو ويندو آهي. منهنجي رڳن ۾ ڊڪندڙ رت توڙي منهنجي نظرين ۽ خيالن ۾ بہ انهيءَ ”اشرافيت“ جي ڪا ٿاهہ نوهہ يا جهلڪ نہ آهي. پنهنجي بنيادي فطرت ۾ مان چڱيءَ طرح سان محسوس ڪريان ٿو تہ منهنجا پيءُ ماءُ، منهنجا ابا ڏاڏا پيڙهين کان وٺي، جتان کان اڳتي اهي تاريخ جي اونداهين ۾ گم ٿي وڃن ٿا، مسڪين پيدا ٿيا، سختين ۾ پليا، ۽ محرومين ۾ جوان ٿيا.

اهي آهن منهنجا اهي خاص گڻ جن سان مان پنهنجي تهذيب جو مطالعو شروع ڪيو آهي. مون کي تهذيب جي تسلسل ۽ ارتقا جي چڱيءَ طرح سان ڄاڻ آهي. مان سمجهان ٿو تہ وڏيون وڏيون انساني تهذيبون ۽ انهن جي ڪاريگريءَ جا فنپارا انسانذات جي ڀلائي لاءِ وڏو سرمايو آهن. مان جنهن بہ ملڪ يا شهر ۾ ويس، تمام ئي آسانيءَ سان مون کي اتان جي گذريل تهذيب جا آثار ملي ويا ۽ مان اکين سان ڏسي سگهيس، عقل سان پرکي سگهيس ۽ ڪنن سان ٻڌي سگهيس تہ ڪنهن بہ انساني جماعت يا قبيلي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني معاشري تي ڪهڙو اثر ڇڏيو ۽ ڪهڙي قسم جا آثار ڇڏي ويو.

يونان ۾ ترسڻ دوران هڪ ڏينهن مان ڊيلفي جي عبادتخاني ۾ ويس. عمارت جي سونهن، ان جي شان ۽ شوڪت ۽ حيران ڪندڙ ڪاريگريءَ جي نمونن کي ڏسي مان جڻ تہ سڪتي ۾ اچي ويس. روم ۾ مون عالمي فنون لطيفہ ۽ فن پارن جو عجائب گهر ڏٺو. وڏا وڏا شاندار عبادتخانا ۽ ڏُور اوير، چين، ڪمبوڊيا ۽ ويٽ نام جا عظيم الشان قلعا ڏٺا. اهي شان ۽ شوڪت جا اهڃاڻ تہ اوچا جبل آهن، جن کي انسان پنهنجي اکين ۽ دماغ جي مدد سان، پنهنجي هٿن ۽ آڱرين سان گهڙي، زمين تي خدائي نمائندن ۽ انهن جي نمائندن (مذهبن جي سرڪاري مُلن) جا گهر (عبادتخانا) تيار ڪيا آهن.

منهنجي خيال ۾ اهي سڀ جو سڀ آثار، منهنجي محبوب انسان ذات جا عظيم ورثا هئا. وري ساڳئي ئي سال گرميءَ جي موسم ۾ مان آفريڪا ويس. انهيءَ سفر جو بنيادي مقصد مصر جا اهرام ڏسڻ هو. قاهره پهچندي ئي منهنجي دل ۾ اهرام ڏسڻ جو شوق هڪ طوفان وانگر اٿي پيو ۽ مان بنا دير جي اهرامن ڏانهن روانو ٿي ويس. دنيا جي ستن عجوبن مان هڪ عجوبي جي ڪنڊرن سان ڀرپور منظر کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ کان پوءِ، حيرت ۾ آيل دل جي بہ عجيب حالت هئي. اتي پهچڻ کان پوءِ مون کي هڪ ٻاجهارو ۽ ٺڏي طبيعت وارو رهبر ملي ويو. اهو مون کي اهرامن جي ٽڪنڊي ٺاهوت جو سبب، انهن جي تاريخ، انهن جي پراسراريت، انهن جي سونهن ۽ شان وغيره جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي سگهي پيو. هن مون کي ٻڌايو:

غلامن جي فوج کي پٿر ڍوئڻ جي ڪم تي لڳايو ويو. اهي اسوان واري علائقي کان، جتي هن وقت مشهور اسوان ڊيم نهيل آهي، اسي لک پٿرن جا بلاڪ، جن مان هر هڪ جو وزن اڍائي ٽن هو، 980 ڪلوميٽرن جي مفاصلي کان ڪٽي قاهره آيا. هتي نَوَ هرم آهن، جن مان ڇهہ ننڍا ۽ ٽي تمام ئي وڏا ۽ دنيا ۾ مشهور آهن. اهي بلاڪ انهن هڪٻئي سان ملائي، بادشاهہ ۽ راڻي جي آخري آرام گاهہ لاءِ عمارت جوڙي، جنهن ۾ انهن جا حنوط ٿيل لاش دفن ڪيا ويندا هئا. دفن ڪرڻ واري اصلي جاءِ گهٽي وڏي آهي، جيڪا پٿر جي رڳو پنجن بلاڪن مان نهيل آهي، جن مان چار بلاڪ چؤديواري ٺاهن ٿا ۽ پنجون بلاڪ ڇت جي طور تي انهن جي مٿان رکيل آهي. ڇت واري بلاڪ جي ويڪر ۽ ڊيگهہ جو اندازو ڪرڻ لاءِ ايترو ئي ڄاڻڻ ڪافي آهي تہ اها

سنگ مرمر جي آهي ۽ رڳو انهيءَ تي ئي سموري هرم جو بوجهه آهي (ياد رهي ته هرم جي چوٽي زمين جي متاچري کان چار سئو اسي فٽ اوچي آهي). لکين بلاڪن جو سمورو بوجهه انهيءَ هڪڙي بلاڪ تي آهي جنهن کي اهو پنج هزار سالن کان کڻي بيٺو آهي.

مان انهيءَ عمارت جي پکيڙ ۽ گنجائش کان گهڻو متاثر ٿيس. ان کان ڪجهه سئو ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڪيترا ئي بلاڪ بي ترتيبيءَ سان وکريل هئا. مون پنهنجي رهبر کان پڇيو:

”هي ڇا آهي؟“ ته هن سرسري طور جواب ڏنو:

”ڪجهه نه، پٿر آهن“.

پر جڏهن مون زور ڪري پڇيو ته هن ٻڌايو:

”اهي ته خانا آهن جيڪي زمين کوٽي اندران ئي اندارن ڪيترن ئي ڪلوميٽرن تائين ٺاهيا ويا آهن“. مون انهن جي اڏاوت جو سبب پڇيو ته چوڻ لڳو:

”ٽيويهه هزار غلام، ٽيهن سالن تائين، لڳ ڀڳ هڪ هزار ميلن کان انهن بلاڪن کي پنهنجي پٺن تي لڏي ڍوئيندا رهيا. روزانو ٽولن جا ٽولا انهن جي هيٺان اچي رهندا هئا ۽ هر روز هزارين غلامن جي موت جو اطلاع فرعون جي خدمت ۾ پهچايو ويندو هو“.

مون دل ۾ سوچيو ته غلاميءَ جو نظام جهڙو شوارز (Schwarez) ٻڌايو آهي، هڪ ئي اهڙي نوعيت جو جنهن انسان کي ڪِلَ يا ڦيٿي جو خيال ئي اچڻ نه ڏنو. ڇو جو انهن جا ڪم ڪاريون ته غلام پيا ڪندا هئا.

رهبر پنهنجو بيان جاري رکندي چيو:

”اهي ماڻهو مري ويل غلامن جي لاشن کي هڪ کڏ ۾ دفن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ انهن جي جاءِ تي ٻين غلام کي پڪڙي وٺي ايندا هئا.....“

مون انهن هزارين چيپاٽيل انسانن جي ڳري ويل هڏانون ڍانچن کي ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ته رهبر چيو:

”هاڻي ڏسڻ لاءِ ڪجهه به باقي ناهي بچيو. هاڻي ته رڳو هي پٿر ئي آهن جيڪي هڪ ٻئي جي مٿان، انهن جي پري تائين پکڙيل گڏيل قبر جي مٿان وکريل آهن. اها قبر فرعون جي ئي حڪم سان، سندس مقبري جي پاسي ۾ ناهي وئي هئي، جنهن جو مقصد هي هو ته اهي ماڻهو جيڪي زندگيءَ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ به سندس غلام هئا، سي نه رڳو پنهنجي جسم، پر روحن سميت سندس غلام ئي رهندا....“.

مون رهبر جي ڳالهه وچ ۾ ڪٽي ۽ ڪيس چيو:

”هاڻي مهرباني ڪري تون مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، مون کي تنهنجي رهبريءَ جي وڌيڪ ضرورت نه آهي. هاڻي جيڪو ڪجهه باقي آهي، سو مان پنهنجو پاڻ ئي ڏسي وٺندس“.

رهبر جي هليو وڃڻ کان پوءِ مان انهيءَ پري تائين پکڙيل قبرگاهه جي ڪنڌيءَ تي ويهي رهيس. مون کي انهيءَ مٽيءَ جي هيٺان ستل انسانن سان هڪ عجيب قسم جي پنهنجائيت جو احساس ٿي رهيو هو. مون کي محسوس ٿيو ڄڻ ته اسان سڀئي هڪ ئي نسل منجهان آهيون. ڇا ٿيو جو اسان جا وطن جدا جدا هئا، يا اسان جون قومون هڪٻئي کان جدا هيون! انهيءَ ظالماڻي ورهاست ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا هڪ ئي خاندان جا فرد هڪٻئي لاءِ ڌاريا نه ٿي ويندا آهن؟ ته پوءِ ڇا ڌاريا ماڻهو پاڻ ۾ مائٽ نٿا ٿي سگهن؟؟!

انهيءَ ورڇ کان هٽي ڪري مون کي محسوس ٿيو ته مان انهن جي ئي جنس، انهن جي ئي بڻ بڻياد ۽ ڪٽنب مان آهيان ۽ انهن جي ڏک ۾ ڀائيوار آهيان. هاڻي وري جو منهنجي نظر اهرام تي پئي ته مون کي انهن جي شان ۽ شوڪت ۾ هڪ عجيب اوپرائپ محسوس ٿي، اجا به انهن جي فني ۽ تمدني وڏائيءَ کان ڪرپ اچڻ لڳي. ڪجهه منٽ اڳ مان جنهن شيءِ کي ”پنهنجي پياري انسانذات جو عظيم ورثو سمجهي رهيو هيس، انهن لاشن جي موجودگيءَ ۾، اها ساڳي شيءِ هاڻي منهنجي لاءِ شرمساريءَ ۽ ندامت جو سبب بڻجي وئي. مون کي شدت سان احساس ٿيڻ لڳو ته زمين جي گولي تي انسان تهذيب جي نالي تي جيترا به وڏا وڏا يادگار تعمير ڪرايا آهن، تن جي اڏاوت منهنجي ابن ڏاڏن هڏن تي ٿي آهي. ديوارِ چين به منهنجي ئي وڏڙن ٺاهي هئي. ان جي اڏاوت وقت به جيڪو مزدور ڳرن پٿرن جو بار سهي نه سگهيو. چيپاٽجي ويو ۽ پٽ جو حصو بڻجي ويو. رڳو ديوارِ چين ئي ڇا، سڀئي ديو قامت قلعن ۽ آسمان کي ڇهندڙ محلاتن ۽ عبادتخانن جي پٽين ۽ انساني تهذيب جي اڏيل پري پري تائين پکڙيل يادگارن جي لاءِ پٿر، منهنجي ئي وڏڙن جي هڏن تي ڊويا ويا ۽ منهنجي ابن ڏاڏن جو ئي رت ۽ ماس انهن ۾ گاري جي طور استعمال ٿيو آهي.

ڏک ۽ ڪروڌ جي ڪري منهنجو حال بي حال ٿي ويو. ڪاوڙ جي ڪري منهنجو رت منهنجي رڳن ۾ ٿهڪڻ ۽ ابرڻ لڳو. اها ئي تهذيب جنهن جا آثار ڏسڻ جي خواهش ۾ مون هر قسم جون سفري تڪليفون سٺيون هيون، هاڻي منهنجي نظرن ۾ لعنت ٻڄجي اڀري، ڇو جو اها هزارين سالن جي انساني غلامي، ظلم ۽ ڏاڍاين جو ڇٽو پٽو نتيجو هئي. مان قبرن جي بي ترتيب جهڳٽي ۾ ويهي رهيس. مون کي محسوس ٿيو جڻ ته انهن ۾ ستل منهنجا ڀائر، ميار ۽ طعني واري انداز ۾ مون کان پڇي رهيا آهن ته تون اسان جي سار سنڀال لاءِ آيو آهين يا "خوفو" جي "لاش جو محلات" ڏسڻ لاءِ آيو آهين؟ ۽ مان شرم کان پنهنجي ئي پگهر ۾ ٻڏي ويس.

انسان جو ڀاڻ جهڙن ئي انسانن سان، اهڙي قسم جي ظالماڻي ۽ توهين آميز سلوڪ خلاف، منهنجي ذهن ۾ احتجاج جو زهريلو لاوو لڳاتار ابري رهيو هو. ان کان اڳ جو منهنجي شعور جي جوش ۾ تقدير جي خلاف ڪنهن شڪايت جي لهر پيدا ٿئي، مان ڀاڻ ئي اتان اٿي پيس ۽ واپس پنهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ آيس. پنهنجو ڪمرو بند ڪري ويهي رهيس ۽ پنهنجي بيشمار غلام ڀائرن مان هڪڙي کي خط لکڻ ويهي رهيس. مان اهو خط ماضيءَ ۾ پنج هزار سال اڳ وڃي ڪري لکي رهيو هئس. مون هن خط ۾ انهيءَ زماني جي انساني معاشري جي تفصيلي عڪاسي ڪئي آهي. جيتوڻيڪ اهي موجود ڪونه هئا، پر غلام ۽ غلامي هر هنڌ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود هئا. مون لکيو:

"پيارا ڀاءُ..... تون ته اسان کي ڇڏي هليو وئين. پر اسان سوڀ ۽ ڪاميابي ماڻيندڙ عظيم انسانن جا يادگار اڏڻ ۾ جيئن جو تيئن تهذيب جي بيگر ۾ جڪڙيل رهياسين. اهي ماڻهو اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ لنگهي، اسان کي پڪڙي جانورن وانگر هاڪاري وٺي وڃن پيا ۽ وڏن وڏن قبر خانن ٺاهڻ تي لڳائن پيا. اذاوت دوران جيڪڏهن اسان مان ڪو سٺ نٿي سهي سگهيو، ته ان کي وڏن پٿرن جي بلاڪن سان گڏ ئي پٿين ۾ دبيو ٿي ويو. پر جيڪڏهن اسان صحيح سلامت اذاوت پوري ٿي ڪئي ته ان جي پڄاڻيءَ جو پٽڪو وري اسان جي آقائن جي مٿي تي ٻڌو ٿي ويو ۽ اسان کي ايئن نظر انداز ڪيو ٿي ويو جو جڻ ته اسان جو ڪو وجود ئي نه

هو.

ڪڏهن ڪڏهن اسان ڪي جنگين تي به موڪليو ويندو هو ۽ اسان ڪي اهڙن ماڻهن سان وڙهڻو پوندو هو جن جي باري ۾ اسان ڪي ڪا ڄاڻ ئي نه هوندي هئي. اسان ڪي اهڙن ماڻهن جي مٿان تلوار ڪڍڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو جن سان اسان ڪي ڪابه دشمني يا نفرت نه هوندي هئي. اڄا به اهي سماج جي انهيءَ ئي طبقي سان واسطو رکندڙ هوندا هئا، جنهن سان اسان جو لاڳاپو هوندو هو ۽ انهن جي به اها ئي تقدير هوندي هئي، جيڪا اسان جي هئي. اهي اسان ڪي اسان جي هيٺن ۽ پوڙهن ماءُ پيءُ جي اڳيان پڪڙي وٺي ويندا هئا ۽ اهي ويچارا سڄي ڄمار اسان جون واٽون ئي نهاريندا رهندا هئا. ايئن انهن جي زندگي ته ختم ٿي ويندي هئي، پر انتظار ۽ اوسيئڙو ختم نه ٿيندو هو. اهي جيئرا جاڳندا لاش ٿي، آخري هڏڪي تائين اسان جون راهون تڪيندا رهندا هئا، پر اسان جي ته مئل لاشن جي باري ۾ به انهن ڪي ڪا خبر چار نه ڏني ويندي هئي. اهي جنگيون، جيئن هڪ ڏاهي چيو آهي، ٻن اهڙن آمهون سامهون ايندڙ ٽولن وچ ۾ هونديون هيون، جيڪي هڪ ٻئي کان اوپرا هوندا هئا پر وڙهي اهڙن ماڻهن لاءِ ويندي هئي، جيڪي هڪٻئي کي سڃاڻيندا ته چڱيءَ طرح هئا، پر پاڻ هڪٻئي جي آمهون سامهون نه ايندا هئا. انهن جي بدران اسان انهن جي دشمنن سان مقابلو ڪرڻ ويندا هئاسين ۽ موت جي منهن ۾ هليا ويندا هئاسين. جيڪڏهن اسان هارجي وياسين ته اسان جي پيءُ ماءُ کي اسان جي موت ۽ اسان جي گهرن ۽ پوکن جي تباهيءَ جو صدمو سهڻو پوندو هو. پر جيڪڏهن اسان سوڀ حاصل ڪندا هئاسين ته پوءِ ڪاميابي ۽ ڪامراني ۽ عزت ۽ شهرت جو مالڪ وري ڪنهن ٻئي کي سمجهيو ويندو هو. اسان جو نه انهيءَ سوڀ ۾ ڪو حصو هوندو هو ۽ نه ئي حاصل ٿيندڙ غنيمت جي مال ۾ ڪو ڀاڱو هوندو هو.

دوست تنهنجي هليو وڃڻ کان پوءِ تمام وڏيون تبديليون اچي ويون آهن. تاريخ ۾ هڪ اهڙو دؤر به آيو جڏهن وڏن وڏن سگهارن فرعونن،

پنهنجي سوچ جو طرف بدليو ۽ انهن جي عقيدن ۽ فڪرن جي دنيا ۾ هڪ وڏو انقلاب اچي ويو. انهن جي وڏڙن جو عقيدو هو تہ انهن جا روح هميشہ جيئرا رهندا، جيڪي انهن جي مرڻ کان پوءِ سندن قبرن ۾ موجود رهندا آهن ۽ جيستائين انهن جو جسم صحيح حالت ۾ هوندا، تيستائين روح جو رابطو انهيءَ سان رهندو آهي. انهيءَ ڪري اهي اسان کي پنهنجي ويڪرين قبرن لاءِ وڏين وڏين ساهہ ڪڍي ڇڏيندڙ عمارتن جوڙڻ جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندا هئا. پر هاڻي انهن جا عقل ڪجهہ ترقي ڪري ويا آهن. انهن موت کي توجهہ جوڳو سمجهڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ موت جي دقيانوسي عقيدي جو انڪار ڪري ورتو آهي. نتيجي ۾ اسان تمام ئي سنيون خبرون ٻڌيون. مثال طور اسان ٻڌو تہ اسان کي مقبرن جي اڏاوت جي لاءِ هزارين ڪلوميٽرن کان لکين جبل جيڏن پٿرن جا بلاڪ ڍوئڻ ۽ انهن کي هڪ ٻئي جي مٿان اوساري واري موت جي منهن ۾ وجهڻ جهڙي ڪم کان آجو ڪيو ويو آهي..........! اسان کي انهن خبرن سان وڏي خوشي ٿي.

پر دوست! اها خوشي بہ ڪجهہ ٿورڙي وقت لاءِ ئي هئي. ڇو جو توهان جي هليو وڃڻ کان پوءِ اهي ساڳي طرح ئي اسان جي وسندين تي حملا ڪندا رهيا ۽ اسان کي غلام بڻائيندا رهيا. هڪ دفعو وري اسان جي جسمن کي وڏن وڏن پٿرن ڍوئڻ تي لڳائي ڇڏيو پر هاڻي قبرن جي لاءِ نہ. ڇو جو قبرن جي لاءِ انهن جي ذهن ۾ هاڻي ڪا بہ اهميت نہ رهي هئي، پر هن دفعي اسان جي مٿان انهن جي محلاتن جي اڏاوت جي بيگر ٿاڦي وئي. اسان جي هڏن جي مٿان اسان جي ماس ۽ رت سان هڪ دفعو وري سرون ٺاهي، عاليشان محلات تيار ٿيا جيڪي وڏائي ۽ آڪڙ سان آسمان جي اوچائين کي ڇهن پيا ۽ اهرامن وانگر انهن جي پاڇي هيٺ اسان جا نسل پيڙهين کان دفن ٿيندا رهيا. عبادتخانن جي تعمير لاءِ وڏا وڏا پٿر ڍوئڻ لاءِ لڳايو ويو.

ان کان پوءِ اسان کي هندي، ايراني ۽ چيني نبوت جي دعوئي ڪندڙن ۽ انهن جي پوئلڳن جي حوالي ڪيو ويو. انهن هڪ نئين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انداز سان اسان جو ماس روڙيو. انهن زڪوات جي نالي تي اسان کي گهٽو ئي ڦريو. دين جي رستي ۾ جهاد جي نالي تي اسان کي ذاتي مفادن جي جنگين ۾ اچلائي ڇڏيو ايتري تائين جو اسان کي مجبور ڪيو ويو ته ديوتائن جي اڳيان، عبادتخانن جي قبرستان تي ۽ بتن جي پيرن ۾ پنهنجا ٻچا قربان ڪريون.
توکي ڪهڙي خبر اي دوست! ته عبادتخانن جي فضا معصوم ٻارن جي ڇِهڪن سان ڪيتري ته ڳوري آهي ۽ ان ۾ انهن جي ناحق رت جي ڏپ ڪيتري نه گڏجي وئي آهي؟! اسان توکان هزارين سال وڏيڪ عمر ماٽي توکان هزارين دفعا وڏيڪ سور ۽ سختيون سٺيون آهن ۽ هزارين دفعا وڏيڪ نياڳ سان منهن پيا آهيون.
اسان مقبرا ٺاهيا سي، محلات اڏيا سي، عبادتخانا جوڙيا سي. ديوتا هڪ دفعو وري فرعون ۽ قارون ۽ انهن جي نمائندن جي ملي ڀڳت سان، اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. ايران جي سموري پيداوار جو سٺ سيڪڙو زرتشي پادرين اسان کان "اهور امزدا" جي نالي تي اوڳاڙيو. اسان انهن جا ڪڙمي ۽ غلام هئاسين. مذهبي پادري الله جي نالي تي اسان جي سموري زرعي پيداوار جو اسي سيڪڙو حصو اسان کان اوڳاڙيندا هئا.
اسان مندرن ۾ بنا ڪنهن اجرت جي ڪم ڪيو. روما جي عظيم الشان محلن کي بيگر ۾ اڏيو. چين جا عبادتخاانا جوڙيا پر انهن سيني ڪمن جي بدلي ۾ اسان موتمار زندگيءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ميلو جڏهن ته زرتشي پادري، مذهبي ملا، فرعون ۽ قارون هر طرح سان فائدي ۾ رهيا. مان جو توهان کان پوءِ به هزارين سالن تائين جيئرو رهيو آهيان، جنهن پنهنجي اکين سان پيڙهين تائين پنهنجي غلام برادري جي هزارين ماٺهن جو عبرتناڪ موت ڏٺو آهي، بري طرح سان محسوس ڪيو ته اسان سان ديوتا به ڪينو رکن ٿا. مون کي اها به خبر پئي آهي ته غلاميءَ جا ڪيترائي آئين آهن. پادري ۽ مذهبي ملا اصل ۾ محلاتون جوڙائڻ، مقبرا جوڙائڻ ۽ غلام بنائڻ جي لاءِ هڪ اوزار ٿي رهيا آهن ۽ انهن جو وجود نه رڳو هن نياڳي نظام جي لاءِ وڏو جواز آهي، پر انهيءَ باري ۾ گهٽي جاڻ

ڏيندڙ پڻ آهي.
وري عالم ۽ ڏاها ماڻهو جيڪي اسان کان سٺي سوچ ۽ سمجهه رکن ٿا، انهن مان ارسطو جي قول سان ته ”ڪي ماڻهو غلاميءَ جي لاءِ ۽ ڪي سرداريءَ جي لاءِ جوڙيا ويندا آهن“ پڻ مون کي اهو ئي محسوس ٿيو ته اسان ئي اهي ماڻهو آهيون، جيڪي غلاميءَ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهيون. اسان جو منڍ به اهو ئي آهي ته پڇاڙي به اها ئي آهي ته اسان ٻين جي لاءِ عمارتن جا يادگار ٺاهيون ۽ انهن جي اڏاوت ۽ تياريءَ جي لاءِ ڳرو بار ڍويون. پوءِ يا ته پاڻ ئي انهيءَ بار هيٺ اچي مري کپي وڃون يا سزائون کائي کائي مري وڃون. اهو سوچي منهنجي رهي سهي همت به جواب ڏئي ويندي آهي. مون کي پڪ ٿي وئي آهي ته اسان جي نصيب ۾ مايوسي جي اونداهين کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.
ان کان پوءِ منهنجا پيارو! مون کي خوشخبري اها ملي ته هڪ ماڻهو محمد(ﷺ) جي نالي سان موڪليو ويو آهي، جنهن پنهنجي دؤر جي هڪ عبادتخاني ۾ اچي اعلان ڪيو ته ڪيس الله تعاليٰ موڪليو آهي. انهيءَ اعلان سان مون کي ٻيهر خوف وٺي ويو ته شايد ظلم ۽ زيادتين جو نئين انداز سان دؤر شروع ٿيڻ وارو آهي.
سندس انهيءَ اعلان کي ٻڌي پهريان ته مون کي پڪ ئي نه ٿي، پر جڏهن هن چيو ته مان الله جو رسول آهيان ۽ الله تعاليٰ جي مرضي هيءَ آهي ته سمورن غلامن ۽ غريبن جي مدد ڪئي وڃي ۽ انسان کي ئي زمين جو وارث بڻائي موڪليو ويو آهي ته مون کي انهيءَ اعلان تي تمام گهڻي حيراني ٿي ته الله تعاليٰ غلامن، غريبن ۽ ڏتڙيل ماڻهن سان ڪيئن ٿو ڳالهائي سگهي ۽ انهن جي لاءِ پلاڻي، سرداري ۽ زمين جي وراثت جي خوشخبري ڏئي؟ مون کي ان جي پڪ ئي نه پئي ٿي. مان سوچيندو رهيس ته شايد الله تعاليٰ ايران، چين ۽ هندستان جي شهزادن پيغمبرن وانگر هڪ ٻيو شهزادو موڪليو آهي. پر ماڻهن چيو ته نه، هي ماڻهو جيڪو آيو آهي، پاڻ به ”يتيم“ آهي ۽ اسان ان کي ڏٺو آهي ته هو ٻڪريون چاريندو هو ۽ ان جو ڏڻ به واري جي دڙي جي اوسي پاسي ڦرندو هو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سوچيو عجيب ڳالهہ آ! الله تعاليٰ هن عظيم ذميداريءَ جي لاءِ هڪ ڏنار کي ڪيئن چونڊي سگهي ٿو؟ ماڻهن چيو تہ هي رڍون چاريندڙ پيغمبر حضرت ابراهيمؑ جي نسل جو آخري ڏنار آهي. ان جا ابا ڏاڏا سڀ جو سڀ ڏنار هئا ۽ ان سان گڏوگڏ پيغمبر بہ هئا.

مان حيرت ۽ خوشيءَ ۾ تڙڪي پيس تہ دنيا ۾ پهريون دفعو اسان غريبن مان ئي هڪ پيغمبر پيدا ٿيو آهي. مون مٿس ايمان آندو ۽ ڏٺم تہ مون جهڙا ڪيترائي ماڻهو سندس چوڌاري ويٺا آهن. بلالؓ بہ غلام هو ۽ هو اهڙي پيءُ ماءُ جي گهر ۾ پيدا ٿيو هو جيڪي پاڻ بہ غلام هئا ۽ عربن ۾ ڌارئي ماڻهوءَ جي حيثيت سان زندگي گذاري رهيا هئا. اهڙي طرح سلمان بہ ايراني لاڏائو هو جنهن کي غلام ڪري وڪرو ڪيو ويو هو. ابوذر ريگستان جو هڪ غريب ۽ گمنام ماڻهو هو. سالم حفيفہ جي زال جو هڪ خسيس شيدي غلام هو. ايئن اهي سيئي ماڻهو الله جي رسول جا پوئلڳ ٿيندا ويا.

مون بہ ان تي رڳو انهيءَ ڪري ايمان آندو جو سندس محل ڪچن پٽين سان ٺهيل ڪجهہ ڪوٺڙين تي مشتمل هو جنهن کي هن پاڻ پنهنجي هٿن سان اڏيو هو. هو جتي آرام ڪندو هو ان جي ڇت ڪاٺ جي لڪڙن ۽ کجي جي ڦرهن سان ڍڪيل هئي. اهو ئي سندس سرمايو هو ۽ اها ئي سندس سگهہ هئي، جيڪا هن پنهنجي گهر جي اڏاوت ۾ خرچ ڪئي هئي. جيستائين هو جيئرو رهيو ايئن ئي رهيو ۽ جڏهن هن جهان مان موڪلائي ويو تہ اڄ بہ ان جو گهر ايئن ئي موجود آهي.

وري ان کان پوءِ اي منهنجا پيارو! مان ايران مان نڪري آيو هئس ۽ انهيءَ سگهاري زرتشي پاپائيت کان ڀڄي هتي اچي پهتو هئس، جيڪو وڏيڪ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي غلام بڻائي روز نيئن سر نون جنگين ۾ اڇلائي پئي. مان پنهنجي وطن کي الوداع ڪري ان جي شهر ۾ اچي آباد ٿيس ۽ ان جي ويجهو پاڻ جهڙن غلامن، بي ثمر سامان مسڪينن ۽ بي وطن ۽ بي گهر غريبن سان

گڏ رهيس، جن کان دنيا ۾ ڪوبہ پڇڻ وارو نہ هو. مان ايئن ئي ان جي پناهہ ۾ رهيس ايتري تائين جو هو پنهنجي دنياوي زندگي پوري ڪري پنهنجي حقيقي حبيب وٽ وڃي پهتس.

نوٽ: هن کان اڳتي علي شريعتي جيڪو ڪجهہ بني اميہ جي حڪومت ۽ خلافت تي لکيو آهي، اهڙي ئي تنقيد ڊاڪٽر طٰہ حسين "الفتنة الڪبريٰ" ۾، سيد قطب شهيد "عدل اجتماعي" ۾ ۽ مولانا مودودي "خلافت و ملوڪيت" ۾ ڪئي آهي. امام ولي الله دهلويؒ "ازالة الخفا" ۾ حضرت عثمانؓ جي خلافت جي آخري ڇهن سالن کي خلافت راشده ۾ شمار نٿو ڪري ۽ حضرت عليؓ جي خلافت کي بہ خلافتِ راشده نٿو چوي، ڇو جو ان جو عرصو رڳو چار سال هو. اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ اهي چار سال بہ عدل ۽ انصاف جي لحاظ کان مثالي هئا. پر انهيءَ عرصي ۾ دشمن قوتن جي طرفان لڳاتار بغاوت جاري رهي، ايتري تائين جو کين شهيد ڪيو ويو. تنهن ڪري علي شريعتي جي تنقيد هڪ تاريخي سچائي آهي، جنهن کان منهن موڙڻ ناممڪن آهي. ڇو تہ دمشق ۾ حضرت امير معاويہؓ خلافت کي موروثي بادشاهت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. جنهن کان پوءِ بغداد ۾ ظاهر ظهور بادشاهت قائم ٿي وئي ۽ مسلمان امت بادشاهت جي نتيجن کي ڀوڳڻ لڳي.(نوٽ ختم ٿيو)

۽ پوءِ اي دوست! مون ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڏٺو تہ هاڻي سندن(ﷺ) نالي تي هڪ دفعو ٻيهر اڳي وانگر عاليشان محلاتون ۽ خوبصورت عبادتگاهون اڏجڻ لڳيون آهن. هڪ دفعو ٻيهر عوامي خزانو اسان کان ڦُريل مالن سان ٽمٽار ٿي ويو. ان انسان جا پاڻ مرادو ٿيل "نمائندا" هڪ دفعو ٻيهر اسان جي وسندين تي ٽُٽي پيا ۽ اسان جي نوجوانن ۽ ٻارن کي اڳواٽن ۽ قبائلي سردارن جي غلاميءَ لاءِ پڪڙي وٺي ويا. اسان جي مائرن کي انهن ٻانهيون بڻائي وچ بازارن ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو. اسان جي مردن کي "جهاد في سبيل الله" ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو ۽ اسان جا سمورا مال ۽ ملڪيتون "زڪوات" جي نالي تي ڪسي ورتيون.

انهيءَ صورتحال کي ڏسي مان وري مايوس ٿي ويس. پر اي دوست! اسان ڪري بہ ڇا پيا سگهون؟ هڪ اهڙي نئين طاقت اقتدار ۾ اچي وئي هئي، جنهن توحيد جو لباس پهري ، پلو ۾ ساڳيا ئي بت لڪائي رکيا هئا. دوکي ۽ مڪاريءَ جي باهہ، الله جي نالي تي هر عبادتگاهہ ۾ پڙڪيل هئي. اهي فرعون ۽ قارون جا ڇاتل سڄاتل چهرا، جن کي توهان چڱيءَ طرح سڃاڻو ٿا، الله ۽ رسول جي خلافت جي اوٽ ۾ اسان انسانن تي چهبڪ وهائي رهيا هئا. اهي چهبڪ اسان کي شرعي قانونن جي من پسند تشريحن جي بنياد تي، وقت جي فرعونن ۽ قارونن جي پاڪدامن پر ڪوڙن مشيرن جي اشارن تي لڳي رهيا هئا. اسان جا پائر هڪ دفعو ٻيهر جامعہ مسجد دمشق جي اڏاوت لاءِ غلام بڻايا ويا.

هڪ دفعو ٻيهر وڏي بندوبست سان عاليشان محراب ۽ دمشق ۽ بغداد جا ڏندڪٿائي طرز جا عاليشان محلات  اسان جي زندگين جي قيمت ۽ رت سان اڏجي ويا. فرق رڳو اهو هو تہ هن دفعي اهو سڀ ڪم الله جي نالي تي ٿي رهيو هو.

هڪ دفعوي ٻيهر اسان کي پنهنجي ڇوٽڪاري جا دروازا پنهنجي مٿان بند ٿيندي نظر اچڻ لڳا ۽ دل ۾ اها ڳالهہ ويهڻ لڳي تہ اسان جو نصيب رڳو غلامي ۽ قربان ٿي وڃڻ آهي. اچانڪ منهنجي دل ۾ هڪڙو سوال اٿيو تہ پوءِ اهو ڪير ماڻهو هو؟ ڇا هن جي پيغام ۾ دجل ۽ دوکو لڪيل هو؟ يا اسان ٻيهر هڪ اهڙي نظام جي نذر ٿي رهيا هئاسين، جنهن جي نظر ۾ اونداهن جيلن ۾ سڙڻ اسان جو نصيب بڻجي ويو هو؟ ماڻهن تہ اسان جي هر شيءِ کسي ڇڏي هئي. نہ اسان جون پوکون ڇڏيون هيون، نہ اسان جا ڍور ڍڳا. اهي تہ اسان جا نصيب بہ کسي هليا ويا هئا.

هاڻي مون کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڪيڏانهن وڃان؟ ڇا زرتشي پادري وٽ موٽي وڃان؟ پر هاڻي انهن عبادتخانن ۾ ڪيئن وڃڻ برداشت ڪريان جيڪي دوکي ۽ ٺڳيءَ جا مرڪز آهن ۽ اقتداري طبقن سان انهن جو ڳٺ جوڙ آهي!

يا ڇا مان پنهنجي ملڪ ۾ آزاديءَ جي ڪوڙن دعويدار اڳواڻن وٽ

وچان جيڪي خراسان، سيوستان ۽ گرگان ۾ پنهنجي خانداني خوبصورتي وڃائي، هڪ نئين انقلابي حڪومت جي جوڙجڪ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا ۽ پنهنجي خانداني عظمت جي بحالي ۽ پراڻي جهالت واري نظام کي رائج ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا هئا؟

يا وري مسجدن ڏانهن ئي هليو وڃان. پر هاڻي مسجد ۽ مندر ۾ ڪهڙو فرق باقي رهيو هو؟ اوچتو مون ڏٺو ته اي دوست! جهاد جي آيتن سان سينگاريل تلوارون، خدائي ذڪر سان رچيل عبادتگاهون، توحيد جي نعرن سان گونجندڙ انهن جا مينار ۽ نيئن دين جي خلافت ۽ امامت تي قابض ۽ پاڪدامنيءَ جو برقعو اوڍي ويٺل جلالي چهرا، پيغمبر جي سنت جي حفاظت ۽ نفاذ جي نالي تي، مڪمل هڪجهڙائي ۽ منصوبي بندي سان اسان کي غلام بڻائڻ ۽ اسان جي قتل عام ۾ مصروف ٿي ويا.

اڄ دنيا ۾ موجود سموريون تهذيبون، سمورين ثقافتن ۽ سمورن مذهبن انسان کي يا ته اقتصادي حيوان بڻائي رکيو آهي يا ان کي پنهنجي عبادت ڪرائيندڙ هڪ غير انساني مخلوق ۾ بدلائي ڇڏيو آهي، جيڪي پنهنجي جدا طور تي ناهيل عبادتگاهه ۾ انفرادي پوڄا پاٺ ۾ مصروف آهي. جيڪڏهن ڪو عقل ۽ فڪر وارو پيدا ٿئي به ٿو ته بي احساس، بي سمجهه، بي دل ۽ بي عشق آهي. وري جيڪڏهن اهو احساس، عشق ۽ الهام وارن مان ٿيو به سهي ته عقل، فڪر، علم ۽ منطق کان بي نصيب نڪتو.

عزيز پيءُ! هاڻي مان هڪ اهڙي دنيا جو رهاڪو آهيان، جتي اسان جو دشمن منهنجي اکين اڳيان هڪ سگهاري نظام، مضبوط رٿابندي جي زور تي اڏ کان وٺي ڪ اڄا به ڪنهن معنيٰ ۾ پوري دنيا تي قابض ۽ حڪمران آهي، جيڪو منهنجي قوم کي هڪ نئين قسم جي غلامي جي لاءِ تيار ڪري رهيو آهي.

اسان هاڻي ظاهر ۾ ته آزاد آهيون ۽ ڪنهن جي بيگر وهڻ لاءِ به مجبور نه آهيون، غلاميءَ جون ڳريون زنجيرون به ٽٽي پيون آهن، پر حقيقت ۾ اها آزادي توهان واري دؤر جي غلاميءَ کان به بڇڙي آهي. ڇو جو توهان جا ته رڳو جسم ئي غلاميءَ جي زنجيرن ۾

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڪڙيل هوندا هئا. پر اسان جي تہ عقل ۽ ضمير، احساس ۽ شعور، فڪر ۽ انديشي ۽ حوصلي ۽ ارادي  تي بہ پهرا ڏياريا ويا آهن. اسان جي پالنا بہ آزاداڻي طريقي سان غلام ساز ماحول ۾ ٿي آهي، جنهن ۾ اسان کي علم ۽ فن، تهذيب ۽ تمدن، ثقافت ۽ جنسي آزادي ۽ فرد پرستيءَ جي تعليم تہ ڏني وئي آهي، پر اسان جي دلين ۽ روحن مان مقصد جي محبت، انساني قدرن جو احترام ۽ گڏيل ذميوارين جو احساس مڪمل طور تي ختم ڪيو ويو آهي. منهنجا ياءُ! هاڻي تہ انهن ڏاڍن جي نظامن سامهون اسان جي حالت ڇِتِن سان سينگاريل انهيءَ ٿانو وانگر ٿي وئي اهي، جنهن ۾ زهر اوتيو يا آب حيات، ڪوبہ فرق نٿو پوي.

پيارا ياءُ! تون آڳاٽي زماني جو هڪ سادو سودو انسان هئين، پر ان جي باوجود پنهنجي مالڪن کي چڱيءَ طرح سان سڃاڻيندو هئين.انهن جي چهبڪن جي ڏکن جي شدت جو بہ تون بنا ڪنهن تڪلف جي احساس رکندو هئين. ان سان گڏوگڏ اهو بہ ڄاڻيندو هئين تہ تون هڪ غلام آهين ۽ اهو بہ تہ ڇو غلام بڻايو ويو آهين؟ ڪڏهن غلام بڻايو وئين؟ ۽ ڪهڙن ماڻهن توکي غلام بڻايو هو؟ ٻئي پاسي اسان آهيون، جو باوجود ان جي تہ اسان جو نصيب ذري گهٽ تنهنجي نصيب جهڙو ئي آهي، پر اسان کي خبر نہ آهي تہ صدين کان اسان کي ڪنهن غلام بڻايو آهي؟ اسان جي ڪهڙي شيءِ ڪسي پئي وڃي؟ اسان جا فڪر ڪڏهن ۽ ڪيئن بگڙي ويا؟ ۽ زمين تي ڪٽي رهڻ وارن ڪهڙن غلام سان اسان جو لاڳاپو آهي؟

اڄ بہ اسان کي چوپاين وانگر رسن سان ٻڌو وڃي ٿو. ان جو مقصد رڳو پنهنجي معمول موجب رڳو غلام بڻائڻ ئي نہ آهي، پر نفعو پڻ حاصل ڪرڻ هوندو آهي. توکي خبر ئي نہ آهي تہ تو واري زماني ۾ توڙي ان کان اڳ بہ ايئن ٿيندو هو. ايئن ئي ساڳي استحصالي رسم اڄ بہ جاري آهي. دنيا جون هي سموريون وڏيون وڏيون ديو قامت طاقتون، سرمائي داريون، مختلف نظام، ديوقامت مشينون، آسمان کي ڇهندڙ محلاتون، نفعو ڏيندڙ پري پري تائين پکڙيل ڪارخانا، اڄ بہ توهان جي ئي اهنجن، تڪليفن ۽ محنت سان

اڏجي رهيا آهن. انهن جي چيهن ۽ پٽين ۾ توهان جي پگهر سان
گڏ توهان جي ئي ناحق رت ۽ بي گناهه ماس جي بوءِ اچي رهي
آهي. ايئن انهن سمورن ظلمن جو سلسلو اڄ به ايئن ئي جاري آهي
جيئن ڪالهه هو. جيڪو توهان جي زماني ۾ هو. يعني رڳو ايترو
ملي وجي ٿو جنهن سان سپاٽي جو ڪم ڪرڻ لاءِ جيئرا رهي
سگهون.

اسان هن زماني ۾ توهان جي زماني کان وڌيڪ محروم ۽ مظلوم آهيون.
اڃا به طبقاتي فرق ته اڄ توهان واري زماني کان به گهڻو وڌيڪ آهن.
رڳو انهن جا انداز ۽ شڪليون ڪجهه نيون ۽ جدا آهن.

*******

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ائون

# مالڪ يوم الدين

## مالڪ

مالڪ جو اصطلاح اصل ۾ ملڪ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ”بادشاھ“ (ملڪ الناس)، قاضي القضاة يعني آخري فيصلو ٻڌائيندڙ احڪم الحاڪمين، خير الفاصلين. قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ واري زماني ۾ اهو خيال عام هو تہ بادشاھ ئي فوجن جو مهندار هوندو آهي. اهو ئي رعيت جي هر فرد جي جان، مال، عزت ۽ آبرو جو مالڪ هوندو آهي. انهيءَ ڪري ڪجهہ قومن ان کي آسماني بادشاھ سچ جو اوتار مڃيو ويندو هو. اهو خيال مصر، بابل، هندستان ۽ ٻين آڳاٽين تهذيبن ۾ ملندو هو.

## يوم

يوم جو مطلب آهي دؤر، گهڙي يا ڏينهن.

## دين جو پهريون مطلب

قانون، زندگي گذارڻ جو اصول. دين جي معنيٰ نہ رڳو سامي پر آريائي ٻولين ۾ بہ ”قانون“ جي ئي آهي. انهيءَ ڪري ”يوم الدين“ جو مطلب اهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن قانوني، يعني انصاف وارو فيصلو ٿيندو. يوم الدين کي ”يوم الحساب“ ۽ ”يوم الفصل“ بہ سڏيو ويندو آهي. سمورين قومن ۾ اهو تصور ملي ٿو تہ انسان جهڙي پوک پوکيندو، تهڙي لڻندو. نيڪي ڪندو تہ نيڪ بدلو ۽ برائي ڪندو تہ ان جو برو بدلو ڪيس ضرور ملندو. پوءِ اهو بدلو ڪيس موجوده زندگيءَ ۾ ئي ملي يا مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ ۾، پر ملندو ضرور. ”دين“ جي معنيٰ بيان ڪرڻ لاءِ ”مڪافاتِ عمل“ جو اصطلاح بہ

استعمال ٿيندو آهي.

## الله تعاليٰ جو بادشاهه جي حيثيت ۾ تصور

مولانا ابو الڪلام آزاد انهيءَ بابت چٽائي ڪندي لکي ٿو ته ”بادشاهه جي لفظ مان عام طور تي دنيا جي مذهبي پيروڪارن ۾ هي خيال پيدا ٿي ويو آهي، الله تعاليٰ جيئن ته بادشاهه آهي، تنهن ڪري هو به ڪڏهن خوش ٿي ڪري انعام ڏيندو آهي ۽ ڪڏهن ناراض ٿي سزا ڏيندو آهي. انهيءَ ڪري مذهبن ۾ ڪيترن ئي قسمن جي قربانين ۽ نذرانن جي رسم، انهيءَ ئي اعتقاد جو نتيجو آهي. ماڻهو ديوتائن جي ڪاوڙ ۽ ڏمر کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ قربانيون ڪندا آهن ۽ انهن جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ نذرانا پيش ڪندا آهن.“

## يهودين ۽ عيسائين جو خدا بابت تصور

”يهودي ڪيترن ئي ديوتائن بدران اسرائيلي خاندان جو هڪڙو ئي خدا مڃيندا هئا. پر پراڻن ديوتائن وانگر هي خدا به شاهي ۽ چڙواڳيءَ وارو خدا هو. هو ڪڏهن خوش ٿي انهن کي پنهنجي لاڏلي قوم بڻائي ڇڏيندو هو ۽ ڪڏهن وري ڪاوڙ ۾ اچي انهن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندو هو. عيسائين جو عقيدو آهي ته آدم جي گناهه جي ڪري، ان جو سمورو نسل الله تعاليٰ جي ڏمر هيٺ اچي ويو. هن جيستائين پنهنجي صفت ”ابنيت“ کي عيسيٰ عليه السلام جي شڪل ۾ قربان نه ڪيو ان جي نسلي گناهه ۽ ڏمر هيٺ اچي وڃڻ جو ڪفارو نه ٿي سگهيو“.

## قرآن پاڪ جو خدا بابت تصور

پر قرآن ڪريم جزا ۽ سزا جو عقيدو هڪ بئي شڪل ۽ نوعيت ۾ پيش ڪيو آهي. هو ان کي خدا جو ڪو اهڙو فعل نٿو سڏي جيڪو ڪائنات جي عام قانونن ۽ نظام کان جدا هجي، پر انهيءَ جو ئي هڪ حصو سڏي ٿو. هو چئي ته ڪائنات ۾ ڪم ڪندڙ عالمگير قانون هي آهي ته هر حالت پنهنجو ڪونه ڪو اثر رکي ٿي ۽ هر شيءِ جي ڪا نه خاصيت آهي. ايئن ممڪن ئي نه آهي ته هتي ڪا شيءِ پنهنجو وجود رکندي هجي ۽ اثرن ۽ نتيجن کان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي هجي. جهڙي طرح سان الله تعاليٰ شين ۾ خاصيتون ۽ نتيجا رکيا آهن، تهڙي طرح عملن جون بہ خاصيتون ۽ نتيجا آهن. وري جيئن انساني جسم جا قدرتي طور تي فائدا آهن، تئين انساني روح جا بہ قدرتي فائدا آهن. جسماني اثر جسم تي ظاهر ٿيندا آهن ۽ معنوي اثرن کان روح متاثر ٿيندو آهي. عملن جا اهي ئي قدرتي گڻ ۽ نتيجا آهن جن کي جزا ۽ سزا سان سڄاتو وڃي ٿو. چڱي عمل جو نتيجو چڱو آهي ۽ اهو ثواب آهي؛ بري عمل جو نتيجو برو آهي ۽ اهو عذاب آهي. انهن منجهان ئي بهشت ۽ جهنم جا فيصلا ٿيندا آهن. مولانا صاحب لکي ٿو:

فطرت پنهنجي هر شيءِ ۾ پنهنجو قانون، مڪافات رکي ٿي. اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ انهيءَ ۾ ڪا تبديلي يا خاموشي اچي وڃي. باهہ جي خاصيت ساڙڻ آهي ۽ ان جو اهو قانون هر انسان لاءِ آهي. جيڪو بہ ماڻهو پنهنجو هٿ باهہ ۾ وجهندو سو سوج ۽ تپش محسوس ڪندو. اهڙي طرح پاڻي جي خاصيت ٿڌاڻ ڏيڻ آهي. تنهن ڪري اهو ٿي ئي نٿو سگهي تہ ڪو ماڻهو پاڻي ۾ هٿ وجهي ۽ ان کي ٿڌاڻ محسوس نہ ٿئي. باهہ ۽ پاڻيءَ جا اهي قانون هر ماڻهوءَ جي لاءِ آهن.

”باهہ ساڙي ٿي ۽ پاڻي ٿڌاڻ يا رطوبت پيدا ڪري ٿو. سينکيو ڪائڻ سان ماڻهو مري ويندو آهي ۽ ڪير پيئڻ سان طاقت ايندي آهي. ڪونين جي ٽڪي سان مليريا بخار رڪجي وڃي ٿو. عقل چوي ٿو تہ جڏهن توهان کي انهن سمورن قانونن تي ڪابہ حيرت نٿي ٿئي، تہ پوءِ عمل جي نتيجن تي حيرت ڇو ٿي ٿئي. ڪڻڪ پوکڻ کان پوءِ توهان کي پڪ ٿي ويندي آهي تہ ڪڻڪ جي بدران جوئر ڪونہ ڦٽندي. اهو انهيءَ ڪري آهي تہ فطرت جي مڪافات واري قانون تي ويساهہ توهان جي طبيعت ۾ ڪپي ويو آهي. توهان جي وهم ۽ گمان ۾ بہ اها ڳالهہ نٿي اچي سگهي تہ ڪڻڪ جي بدران جوئر پيدا ٿيندي.

## ڪسب

مڪافات عمل جي لاءِ قرآن ”ڪسب“ جو لفظ استعمال ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو مطلب ”ڪمائي“ آهي. يعني اهڙو ڪم، جنهن جي نتيجي ۾ توهان کي فائدو يا نقصان ملي. ان جو مطلب هي ٿيو تہ جزا يا سزا انسان جي پنهنجي ئي ڪمائيءَ جو نتيجو آهي. جهڙي ڪمائي هوندي، اهڙو ئي نتيجو

اڳيان ايندو. ”كُلُّ امْرِئٍ بِمَا كَسَبَ رَهِينٌ ﴿الطور: ٢١﴾“ (سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جيڪي ڪمايو تنهن ۾ (اُهو پاڻ) ٻڌل آهي).

قرآن ڪريم چٽائيءَ سان ٻڌائي ٿو ته خدائي دين جيڪڏهن نيڪ عملي جي ترغيب ڏئي ٿو ۽ بد عمليءَ کان روڪي ٿو ته رڳو انهيءَ لاءِ ته جيئن انسان نقصان ۽ بربادي کان بچي وڃي ۽ ڇوٽڪارو ۽ ڪاميابي ماڻي. ايئن نه آهي ته الله تعاليٰ جو ڏمر ۽ ڪاوڙ ڪيس عذاب ڏيڻ گهري ٿي ۽ ڪيس بچڻ لاءِ ڪنهن به قسم جي مذهبي رياضتن ۽ عبادتن جي ضرورت آهي:

”مَّنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ ﴿فصلت: ٤٦﴾“

ترجمو: ”جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ (ڪندو) تنهن تي (ئي اُن جو نقصان) آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهي. “

الله تعاليٰ جنهن راضپي ۽ ڏمر جو اظهار ڪري ٿو، سا جزا ۽ سزا جي علت نه، پر جزا ۽ سزا جو قدرتي نتيجو آهي. يعني الله تعاليٰ هي نٿو چوئي ته جزا ۽سزا رڳو الله تعاليٰ جي خوشنودي ۽ ناراضگي جو نتيجو آهي؛ نيڪ ۽ بد عملن جو نتيجو نه آهي، پر هو چوي ٿو ته جزا ۽ سزا مڪمل طور تي انسان جي عملن جو نتيجو آهي. الله تعاليٰ نيڪ عملن سان خوش ٿيندو آهي ۽ بد عملن کي ناپسند ڪندو آهي. اقبال به چيو آهي:

از مکافات عمل غافل مشو　　　گندم از گندم بروید جو ز جو

## مهاتما ٻڌ جو مڪافات عمل بابت تصور

اهو ئي تصور اصل ۾ سموري هندو مذهب ۽ آريائي قومن جو تصور پڻ آهي. جيتوڻيڪ اهو تصور ابراهيمي مذهبن، جيڪي اصل ۾ سامي مذهب آهن، جي خلاف آهي، پر ٻنهي ۾ ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي هيءَ آهي ته چڱي عمل جو نتيجو چڱو ۽ بري عمل جو نتيجو برو نڪرندو آهي. انهيءَ مان ئي فرد جي مرڻ کان پوءِ چڱي يا بري زندگي ٺهندي آهي.

اهو تصور ٻڌائي ٿو ته خدا تعاليٰ جي تصور تي آڌاريل انساني نفس ۽ معاشري جي جوڙجڪ ئي ڇوٽڪاري جي واٽ آهي. يعني اوچن اخلاقن سان سينگاريل نفس ۽ روحاني اشتراڪي (غير طبقاتي) معاشرو پاڪ ڪتابن ۾

لڪيل آهي. تہ اسان هن وقت جيڪو ڪجهہ آهيون، سو اسان جي عملن جو نتيجو آهي. جيڪڏهن اڳي اسان برائي ڪئي هئي، تہ ان جي نتيجي ۾ هاڻي ڏکن ۾ آهيون. جيڪو ڪجهہ اسان پوکيو هو، هاڻي ان کي لڻي رهيا آهيون. سو هاڻي اسان جي ايندڙ زندگي جي شڪل، اسان جا موجوده عمل آهن. پر جيڪڏهن اسان پنهنجي هن زندگيءَ ۾ برن عملن کي پنهنجي وجود مان پاڙئون پٽي ڦٽو ڪيون، انهن جي جاءِ تي نيڪيءَ جو ٻج پوکي ڇڏيون، ثابت قدمي ۽ مضبوط ارادي سان انهن جي آبياري ڪريون ۽ غلطين ۽ شهوت کان پاڪ ٿي وڃون تہ مستقبل ۾ زندگيءَ جي هيءَ محبت فنا ٿي ويندي ۽ عملن جا ميوا حقيقت بڻجي سامهون ايندا ۽ اسان جو موت اسان جي لاءِ حقيقت ۾ زندگي جي شروعات هوندو. ان زندگيءَ ۾ گناهہ اسان جي ويجهو بہ نہ ايندو، سڪون ئي سڪون هوندو ۽ زندگي ۽ اسان هڪ ٿي ويندا سين. پاڻيءَ جي انهيءَ ڦڙي وانگر جيڪو درياءَ سان ملي درياءُ بڻجي ويندو آهي.

## "دين" جي ٻئي معنيٰ:

دين جي هڪڙي معنيٰ تہ مڪافاتِ عمل آهي، جنهن جي چٽائي ڪئي وئي. ان جي ٻئي معنيٰ مذهب ۽ قانون آهي. ڇو جو مذهب جو بنياد مڪافاتِ عمل جو عقيدو آهي. ٻئي پاسي قانون جو بنياد بہ تعزير ۽ سياست آهي. حضرت يوسف عليہ السلام جڏهن پنهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ روڪيو تہ چيو تہ هي "دين ملڪ" آهي يعني بادشاهہ جو قانون (سورت يوسف).

هونئن بہ عربي ۾ "دين"، عبراني ۾ "دينہ"، سنسڪرت ۾ "ڌرما" ۽ پالي ۾ "ڌما"؛ انهن سيني جو مطلب قانون ۽ رستو آهي.

## دين جي ٽئين معنيٰ:

ربوبيت ۽ رحمت سان گڏ الله تعاليٰ جي ڪنهن صفت جهڙوڪ قهر ۽ جلال جو ذڪر نہ ڪيو ويو پر "مالڪ يوم الدين" جو ذڪر آهي، جنهن مان عدالت جو تصور اڀري ٿو. ان جو مطلب هي ٿيو تہ ڪائنات جي فطرت ربوبيت ۽ رحمت سان گڏ پنهنجا قانون بہ رکي ٿي. جيڪڏهن هڪ پاسي ان ۾ پالنا ۽ بخشش آهي، تہ ٻئي پاسي وري پڇاڙي وارو قانون بہ آهي. انساني فڪر جي لاءِ اهم سوال هي آهي تہ فطرت جا قانون ان جي قهر ۽ ڏمر جو

نتيجو آهن يا عدل ۽ انصاف جو؟

انسان بادشاهت جي پيدا ڪيل ماحول جي ڪري، فطرت جي قانونن کي قهر ۽ ڏمر جي مطلب ۾ وٺي چڏيو ۽ عدل ۽ انصاف جي حقيقت کي سمجهي نہ سگهيو. اتان کان ئي الله تعاليٰ جي صفتن ۾ خوف ۽ دهشت جو تصور پيدا ٿي ويو. جڏهن تہ جيڪڏهن هو غور ڪري ٿو تہ کيس خبر پئي ٿي تہ جيڪڏهن ڪائنات جي اندر مڪافات جو پچاڙو هجي ها يا اڏاوت جي خوبصورتي ۽ ڪم جي پچاڙي لاءِ پيچ ڏاهہ نہ هجي ها تہ انصاف جي تارازي بہ نہ رهي ها ۽ ڪائنات جو سمورو نظام بہ درهم برهم ٿي وڃي ها.

## دين جي چوٿين معنيٰ

جهڙي طرح دنيا جو جهان پنهنجي وجود ۽ بقاءَ جي لاءِ ربوبيت ۽ پاجهہ جو محتاج آهي، اهڙي طرح عدالت جو بہ محتاج آهي. اهي ئي اُهي معنوي ٿي عنصر آهن جنهن سان هڪ خلقت جي بيهڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ربوبيت پالنا ڪري ٿي، پاجهہ يا رحمت بخشش جو سرچشمو آهي جڏهن تہ عدالت سان ناهہ نوهہ ۽ خوبصورتي ظاهر ٿئي ٿي ۽ نقصان جو پورائو ٿئي ٿو.

خلقت جي هن ڪارخاني ۾ ناهہ نوهہ، سڌارو، سونهن ۽ سوڀيا سان جيڪو ڪجهہ بہ آهي، سو حقيقت ۾ عدل ۽ انصاف ۾ توازن واري حقيقت جو اظهار آهي. قبوليت ۽ تعمير کي توهان ان جي اڻ ڳڻين شڪلين ۾ ڏسو ٿا ۽ ان جي ڪري اڻ ڳڻين نالن سان سڏيو ٿا. پر جيڪڏهن هڪ حقيقت جي تهہ تائين پهچو تہ خبر پوندي تہ هتي قبوليت واري حقيقت رڳو هڪڙي آهي ۽ اها آهي عدل ۽ وچٿري وات!

عدل جو مطلب آهي هڪجيترو هئڻ، گهٽ يا وڌ نہ هئڻ. انهيءَ ڪري معاملن ۾ فيصلا ڪرڻ کي عدالت چئبو آهي، جنهن ۾ حاڪم ٻن گروهن جي وچ ۾ هڪٻئي تي ٿيندڙ زيادتين کي ختم ڪري، انهن ۾ برابري پيدا ڪندو آهي. تارازيءَ جي تور کي ”معادلت“ چيو ويندو آهي. ڇو جو اها ٻنهي پلڙن جو وزن هڪجيترو ڪري ڇڏيندي آهي. اها ئي عدالت جڏهن شين ۾ ظاهر ٿيندي آهي، تہ ان جي مقدار ۽ شڪل صورت ۾ مناسبت پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. هڪ جزي جو ٻئي جزي جي مقدار يا حالت ۾ مناسب ۽ موزون هئڻ عدالت آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي وري غور ڪريو قدرت جي ڪارخاني تي. ناهه نوهه ۽ خوبصورتي جا جيترا بہ نظارا آهن، سي سڀ انهيءَ ئي عدالت جي ڪري ظاهر ٿيا آهن. مثال طور، وجود عنصرن جي ترڪيب جو اعتدال آهي. جيڪڏهن اهو اعتدال نہ رهي تہ وجود ختم ٿي ويندو. اهڙي طرح جسم، صحت ۽ تندرستي، سونهن ۽ سوڀيا، سڀ جو سڀ مناسبت ۽ اعتدال جي هڪ حالت آهي. جيڪڏهن اهو تناسب ۽ اعتدال انسان ۾ آهي تہ انسان بہ خوبصورت آهي. ٻوٽن ۾ آهي تہ گل جي صورت ۾ آهي، عمات ۾ آهي تہ تاج محل آهي، جيڪڏهن سُرن ۾ آهي تہ نغمو آهي. اها ڳالهہ رڳو جسماني شين تي ئي لاڳو نٿي ٿئي، پر هن ڪائنات جو سمورو نظام عدل ۽ برابريءَ تي اهي. جيڪڏهن هڪ پَلڪَ لاءِ بہ اهو توازن بگڙي وڃي تہ ڪائنات جو سمورو نظام تباهہ ۽ برباد ٿي وڃي. نظام شمسي ۽ ان جي گرهن جو پنهنجي پنهنجي مدار ۾ هلندو رهڻ بہ ان جو ئي هڪ مثال آهي.

عددن جي مناسبت ۽ سچائيءَ جو رياضي ۽ حساب جي حقيقت تي دارومدار آهي. قرآن ڪريم انهيءَ عدل ۽ توازن کي سمجهائڻ لاءِ تارازيءَ جو مثال ڏنو آهي. سورت آل عمران جي آيت نمبر 18 ۾ هن ڪائنات جي سمورن ڪمن کي عدالت ”قَآئِمًا بِالْقِسْطِ“ سان بيهڪ ڏنل ٻڌايو آهي.

قرآن ڪريم چوي ٿو تہ جڏهن عدالت جو قانون ڪائنات جي هر ڪنڊ پاسي ۾ لاڳو آهي تہ پوءِ اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ انسان جا فڪر ۽ عمل ان جي اثرن کان ٻاهر هجن. جيڪو عمل قبول پيل هوندو آهي سو ڪوٺي واڌي ۽ بي انصافي ۽ نافرمانيءَ جي بدران عدل ۽ انصاف تي آڌاريل هوندو آهي ۽ اهڙي عمل کي خدائي وحي ”عملِ صالح“ سڏي ٿي.

اهو ئي سبب آهي جو قرآن ڪريم بد عملي ۽ برائي جي لاءِ جيتريون بہ تعبيرون ڪيون اهن، سڀ اهڙيون آهن جو جيڪڏهن انهن جي مطلب تي غور ڪيو وڃي تہ عدل ۽ برابريءَ جو ضد ۽ مخالفت ثابت ٿينديون. ڇو جو برائيءَ جي حقيقت قرآن ڪريم جي نظر ۾ ان کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي تہ انصاف واري حقيقت کان منهن موڙيو وڃي. مثال طور ظلم، سرڪشي، فضول خرچي، بخل، ويڙهہ جهيڙو وغيره وغيره.

## يوم الدين ۽ اخلاق جو پاڻ ۾ لاڳاپو

آخرت جي چوٽڪار جي لاءِ ضروري آهي تہ انسان صالح اخلاق تي عمل ڪري ۽ بد اخلاقيءَ کان بچي. علي ڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ اسلاميات جي شعبي جي صدر مولانا تقي اميني پنهنجي ڪتاب ” *تہذیب کی تشکیل جدید*“ ۾ لکيو آهي تہ طبقاتي معاشرو فرد جي فطرت جي اعلي اخلاقي گهرجن کي دٻائي ڇڏيندو آهي ۽ جبلتن جي حيواني خواهشن جي گهرجن کي اڀاري ڇڏيندو آهي. انهيءَ ڪري گڏيل لحاظ کان آخرت جي چوٽڪاري لاءِ ضروري آهي تہ معاشري جي طبقاتي طريقي کي ختم ڪيو وڃي ۽ دولت جي ورڇ اهڙي طرح ڪئي وڃي جو فرد جون بنيادي جسماني ۽ مادي ضرورتون پوريون ٿي سگهن: جهڙوڪ ماني ٽڪر، ڪپڙو لٽو، گهر گهاٽ، عدل انصاف، تعليم تربيت وغيره آسانيءَ سان حاصل ٿي سگهي. اڃا بہ معاشرتي تنظيم جو فرض آهي تہ اها انهن ضرورتن جي پورائي جي پڪ ڏياري.

ان سان گڏوگڏ فرد کي بي روزگاري جي فڪر کان ڇوٽڪارو ملڻ بہ ضروري آهي. اصل ۾ انسان اڃا تائين معيشت ۽ اخلاقن جي هڪٻئي سان لاڳاپي کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي. جيڪڏهن معاشي نظام جاگيرداري ۽ سرمائيداري تي آڌاريل هوندو تہ اهو پنهنجي مزاج ۽ گهرجن موجب انساني اخلاق پيدا ڪندو يا سمورن اخلاقن ۾ انهن کي اخلاقن کي سگهارو بڻائيندو ۽ رواج هيٺ آڻڻ ۾ مدد ڪندو جيڪي ان جي مزاج موجب هوندا. انهيءَ ڪري ئي طبقاتي معاشري ۾ عام ماڻهو پنهنجي محنت ۽ سخت پورهئي باوجود پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي لاءِ زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون بہ پوريون ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿو. ان جي آئيندو اونداهو ۽ غير يقيني هوندو آهي، جنهن ڪري ان جو ذهني سڪون برباد ٿي ويندو آهي. هو انساني زندگيءَ جي مقصد کي سمجهڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري هڪ ٻئي جي حقن کي مارڻ ۽ ڦر مار جي روين کي هٿي ملندي آهي. انهيءَ طبقاتي معاشري ۾ پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيتي قبضو رکڻ جي ڪري دولت جي جهجهائي، عيش پسندي ۽ ظلم ۽ ڏاڍ وارا بد اخلاق پيدا ٿيندا آهن. عزتن کي خريدڻ جي جنسي خواهش پيدا ٿيندي آهي تہ ٻئي پاسي غربت، مسڪينيءَ ۽ محرومي جي ڪري مايوسي ۽

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نااميدي پيدا ٿيندي آهي. جسماني ۽ مادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ چوري، ڌاڙو ۽ محنت جي لاءِ مقرر وقت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪم ڪرڻ جو رويو پيدا ٿيندو آهي. اهي حالتون نہ رڳو عزتون نيلام ڪرڻ تي اپارينديون آهن، پر اولاد کي وڪڻڻ تائين جهڙو غير انساني عمل ڪرائڻ تي مجبور ڪري ڇڏينديون آهن. چو جو زندگيءَ کي قائم رکڻ فطري ڳالهہ آهي.

تنهن ڪري آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي لاءِ ضروري آهي تہ معاشري جي طبقاتي نظام کي ختم ڪيو وڃي تہ جيئن صحيح انساني اخلاق پيدا ٿي سگهن.

مولانا آزاد انهيءَ موضوع تي تفصيل سان ٻڌايو آهي تہ عدالت جي اها گهرج آهي تہ معاشرو عدل ۽ انصاف تي قائم رهي. پر ربوبيت ۽ ٻاجهہ وانگر عدالت جي باري ۾ بہ انساني تاريخ کي نظر انداز ڪيو ويو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ منڍ کان ئي انساني معاشرو عدل ۽ انصاف ۽ برابري ۽ ترڪيب واري واٽ کان هٽي ويو هو. جڏهن هابيل کي قابيل رڳو پنهنجي هوس جي پورائي لاءِ قتل ڪيو هو تہ هن هڪ اهڙي معاشرتي نظام جي شروعات ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ فرد پنهنجي لالچ ۽ هوس جي لاءِ هر قسم جي اخلاقي حدن کي اورانگهي سگهي پيو. ايئن زراعت واري زماني کان وٺي انساني معاشرو آقا ۽ غلام جي مخالف طبقن ۾ ورهائجي ويو. جنهن معاشرتي ارتقا سان گڏ جاگيردار ۽ زرعي غلام ۽ ڪارخانيدار ۽ پگهاردار غلام جي شڪل اختيار ڪري ورتي. انهيءَ طبقاتي ورڇ سان انساني معاشرو انهيءَ عدل ۽ انصاف ۽ برابري ۽ ترڪيب واري واٽ کان هٽي ويو جنهن تي هن سموري ڪائنات جو نظام بيٺل آهي.

انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ نبين سڳورن کي اهو ئي مقصد ماڻڻ لاءِ موڪلڻ جي شروعات ٿي تہ جيئن انساني معاشري کي ٻيهر عدل ۽ انصاف تي بيهاريو وڃي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ سورت الحديد ۾ فرمائي ٿو:

”لَقَدْ أَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنَاتِ وَأَنزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتَابَ وَالْمِيزَانَ لِيَقُومَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ وَأَنزَلْنَا الْحَدِيدَ فِيهِ بَأْسٌ شَدِيدٌ وَمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللَّهُ مَن يَنصُرُهُ وَرُسُلَهُ بِالْغَيْبِ إِنَّ اللَّهَ قَوِيٌّ عَزِيزٌ“

﴿الحديد: ٢٥﴾

ترجمو: ”بيشڪ پنهنجن پيغمبرن کي پڌرين نشانين سان موڪليوسون ۽ ساڻن ڪتاب ۽ تارازي هن لاءِ موڪليوسون ته ماڻهو انصاف سان بيهڪ وٺن. ۽ لوهه موڪليوسون جنهن جي ڪري سخت ويڙهه آهي ۽ ماڻهن لاءِ (ٻيا) فائدا (بہ) آهن ۽ ته جيڪو الله ۽ سندس پيغمبرن کي پرپُٺ مدد ڏئي تنهن کي الله معلوم ڪري. بيشڪ الله سگهارو غالب آهي.“

هن آيت سڄوريءَ ۾ لفظ ”قسط“ وڏي اهميت رکي ٿو. ان جو مطلب هي آهي ته جيئن ته معاشرو ”قسط“ يعني انصاف واري ڏگ کان هٽي ويو آهي، تنهن ڪري نبين سڀڻن کي انهيءَ لاءِ موڪليو پيو وڃي ته جيئن اهي معاشري کي ٻيهر ”قسط“ تي قائم ڪن. ”قسط“ جي معنيٰ عام طور تي عدل جي ورتي ويندي آهي، پر انهن ٻنهي لفظن ۾ ٿورو فرق آهي.

عدل جو لفظ قانوني معاملن سان وڌيڪ تعلق رکندو آهي، يعني جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي. انهيءَ ڪري قرآن انساني محنت جي معاملي ۾ عدل جو مطلب هي وٺي ٿو ته ”جيتري محنت ڪريو انهيءَ جي مطابق پيداوار حاصل ڪريو“. جڏهن ته طبقاتي معاشري ۾ ايئن ٿيندو آهي ته مزدور جيتري محنت ڪندو آهي، اوترو سندس محنت مان ٿيندڙ پيداوار تي حق حاصل نہ هوندو آهي. ٻئي پاسي ڪارخانيدار يا جاگيردار ان جي محنت مان ٿيندڙ پيداوار جي گهڻي حصي تي، پاڻ قبضو ڪري ويهي رهندو آهي ۽ ٿورڙي حصي مان ان کي مزدوري ڏيندو آهي. معاشيات جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي نہ ادا ڪيل (Unpaid) مزدوري چيو ويندو آهي. اها مالڪ جي تجوڙيءَ ۾ ويندي آهي، جنهن سان ان جي ڪارخانن جي تعداد يا زمين جي ايراضيءَ ۾ واڌارو ٿيندو رهندو آهي ۽ بئنڪ بئلنس وڌندو رهندو آهي. ٻئي پاسي مزدور رڳو انهيءَ ٿي ڏهاڙيءَ تي گذارو ڪندو آهي، جيڪا کيس ملندي آهي. انهيءَ جو مقدار ايترو ته ٿورو هوندو آهي جو تمام ئي مشڪل سان پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي ضرورتن کي پورو ڪري سگهي ٿو.

پر ”قسط“ ۾ برابري ۽ مساوات (Equity) جو تصور موجود آهي. يعني انسانن جو پنهنجي محنت جي حقن ۽ فائدن مان برابريءَ جي بنياد تي فائدو ماڻڻ. جڏهن ته عدل جي لاءِ (Justice) جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. سورت النساء ۾ آهي ته ”وَإِنۡ خِفۡتُمۡ أَلَّا تُقۡسِطُوا فِي الۡيَتَامَىٰ“ (آيت نمبر 4).

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني ڏسو، جيڪڏهن توهان کي ان ڳالهه جو خوف هجي تہ يتيم ٻارن ۽ بيواهہ عورتن جي حقن کي پورو نہ ڪري سگهو. هتي لفظ “قسط” جو مطلب برابري ۽ هڪجهڙائي آهي.

جيئن تہ انساني معاشري ۾ پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي ذاتي قبضي سان دولت جي ورڇ ۾ اڻبرابري پيدا ٿي وئي آهي، انهيءَ ڪري نبوت جو مقصد ئي هي آهي تہ اها پيداواري وسيلن کي فردن جي ذاتي قبضي مان ڪڍي، عوام جي ملڪيت ۾ آڻي تہ جيئن هر فرد پنهنجي محنت ۽ ان جي پيداوار ۾، ٻئي ڪنهن جي ڀائيواريءَ کانسواءِ ئي مالڪ بڻجي سگهي. قرآن ڪريم انهيءَ مقصد جي نہ رڳو نشاندهي ڪئي آهي، پر ان سان گڏوگڏ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ طاقت جي ذريعي پيداوار تان، فردن جي ذاتي قبضي کي ختم ڪري انهن کي عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي. انهيءَ جي لاءِ ئي اقبال چيو هو:

رشی کے فاقوں سے ٹوٹا نہ برہمن کا طلسم، عصا نہ ہو تو کلیمی ہے کار بے بنیاد

يعني مهاتما ٻڌ جي رياضتن سان، برهمڻي ڏاڍ ۽ ظلم جي نظام کي ختم نٿو ڪري سگهجي. اهو ايئن ئي شودر جو رت چوسيندو رهندو. قرآن چوي ٿو تہ طبقاتي نظام کي رڳو طاقت سان ختم ڪرڻ ئي نبوت جو مقصد ۽ خدائي ارادو آهي. انهيءَ مقصد لاءِ ئي ڪتاب ۽ تارازيءَ سان گڏ لوهہ بہ نازل ڪيو ويو.

ان جو وڏو سبب هي آهي تہ قرآن ڪريم جي نظر ۾ هر انساني فرد جي بناوت مٽي (Mud) ۽ خدائي روح جي ڦوڪ جو مرڪب آهي. ٻئي پاسي فردن جي زندگيءَ جو مقصد هي آهي تہ اهي مٽي يعني، جسم جي گهرجن کي، خدائي نور جي گهرجن هيٺان رکن ۽ ان جي ارتقا ڪن تہ جيئن هو پنهنجي حياتيءَ جي مقصد کي ماڻي سگهي. اها ارتقا ان وقت تائين ناممڪن آهي، جيستائين جو جسم جون ضرورتون پوريون ٿي نہ سگهن. جيڪڏهن ضرورتون پوريون نہ ٿي سگهنديون تہ فرد کي اطمينان ۽ سڪون ملي نہ سگهندو ۽ مڪمل توجهہ سان ”عمل صالح“ جي ذريعي، خدائي نور جي گهرجن کي پورو نہ ڪري سگهندو. جنهن سان نہ رڳو دنيا ۾ پنهنجي مقصدن ماڻڻ کان محروم رهندو پر آخرت واري زندگيءَ ۾ بہ نقصان کي منهن ڏيندو. انهيءَ ڪري ئي سمورن مذهبن (توحيد پسند توڙي بت پرست) جو مقصد بہ اهو ئي آهي تہ فرد پنهنجي اخلاقي ۽ معاشرتي عملن کان وڌيڪ

خدائي قرب حاصل ڪري.

مارڪس جي مذهب کي رد ڪري ڇڏڻ واري عمل، سماجي معيشت کي زندگيءَ جي انهيءَ بنيادي مقصد کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ فرد کي رڳو جسماني گهرجن جي پورائي تائين محدود ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري سوشلسٽ معاشرتي نظام فطرت سان بغاوت تي آڌارجي ويو ۽ ناڪام ٿي ويو. سورت الڪهف جي آخر ۾ انهيءَ ناڪاميءَ جو سبب اهو ئي ٻڌايو ويو آهي ته اها جهنم جي سزا، يعني تباهي انهيءَ ڪري آئي جو انهيءَ نظام جي پيروڪارن الله تعاليٰ جي رسولن ۽ پاڪ ڪتابن جي آيتن تي ٺٺوليون ڪيون.

مولانا آزاد جهڙي طرح ربوبيت ۽ رحمت جي برڪتن ۽ فائدن کي هر فرد تائين پهچڻ واري واٽ ۾ پيداواري وسيلن تي قابض طبقي جو رڪاوٽ بنجڻ جو ذڪر نه ڪيو آهي ۽ نه ئي انهيءَ طبقي جي نشاندهي ڪري انهيءَ کي هٽائڻ نبوت جو مقصد سڏيو آهي، اهڙي طرح عدالت يعني عدل ۽ قسط جي گڏن کي عوام تائين پهچائڻ واري واٽ ۾ به انهيءَ طبقي جي ذريعي، معاشري جي عدل ۽ انصاف کان هٽي وڃڻ جي وضاحت به نه ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪائنات ۾ مخلوق ۾ ربوبيت، رحمت ۽ عدالت جا معنوي عنصر ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڪائنات جو هر مظهر پنهنجي مقرر ڪيل عدل ۽ قسط جي رستي کان هٽي چڪو آهي ته ان جو بنيادي سبب انسان جو آزاد ارادو ۽ آزاداڻي اختيار جي صلاحيت جي موجودگي آهي. انهيءَ ئي صورتحال جي سڌاري لاءِ نبوت جي شروعات ٿي.

اسان جي عالمن ۽ مفسرن هابيل ۽ قابيل جي واقعي جو سرسري نظر سان ئي مطالعو ڪيو آهي، جنهن ڪري ان جي منطقي نتيجي تي نه پهچي سگهيا آهن. جيستائين تاريخ کي طبقاتي نقطي نگاهه سان مطالعو نه ڪيو ويندو ، قرآن ۾ ذڪر ڪيل آدم جي قصي جا فائديمند نتيجا ڪڏهن به سمجهه ۾ ڪونه ايندا.

سماجي معيشت کي قائم ڪرڻ لاءِ جڏهن طاقت جو استعمال ڪيو ويندو آهي ته اعتراض ڪيو ويندو آهي، ايتري تائين جو غلام احمد پرويز به اعتراض ڪيو آهي. جڏهن ته قرآن ڪريم ”قسط“ وارو نظام قائم ڪرڻ جي لاءِ طاقت جي استعمال کي اٽڪر سڏي ٿو. اجا به حڪم ڏئي ٿو ته انهيءَ غير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني معاشي نظام کي، طاقت جي استعمال سان ختم ڪيو وڃي. پيداواري وسيلن تي قابض طبقو واعظن ۽ نصيحتن سان ڪڏهن به ختم نٿو ٿي سگهي ۽ نه ئي اڄ تائين ختم ٿي سگهيو آهي. انهيءَ ڪري تشدد ۽ طاقت جو استعمال جائز آهي ۽ اها ئي جهاد جي صحيح معنيٰ آهي. اهو جهاد ڪوشش ۽ جاکوڙ سان به ٿي سگهي ٿو ۽ هٿيار جي استعمال سان به ٿي سگهي ٿو. ڪتاب ۽ تارازيءَ سان گڏ لوهه نازل ڪرڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته انهيءَ ظالم ۽ غير انساني طبقاتي نظام کي طاقت جي استعمال سان ختم ڪيو وڃي.

اسلام ۽ سمورن مذهبن جي مذهبي پيشوائيت، نبين کي موڪلڻ ۽ وحي جي نازل ٿيڻ واري بنيادي مقصد کي، جيڪو معاشري کي عدل ۽ قسط کان هٽي وڃڻ کانپوءِ ان کي ٻيهر ساڃي ئي وات تي آڻڻ هو عوام جي نظرن کان لڪائي ڇڏيو ۽ ان جي جاءِ تي عبادتن ۽ ٻين ظاهري رسمن جي ادائگي کي ئي آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي وات ٻڌائي ڇڏيو. هاڻي حالت اها رهي آهي ته ڪنهن به مذهب جو پيرو ڪار عبادتن جي ظاهري شڪل جي ادائگي ۽ پنهنجي مذهب کي ٻين مذهبن کان مٿانهون ثابت ڪرڻ ۽ پنهنجي مذهبي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ کي ئي آخرت جي ڇوٽڪاري لاءِ لازمي سڏڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان جي نتيجي ۾ مذهب جي بنياد تي جهيڙا پيدا ٿين ٿا ۽ مذهبن جي پيروڪارن ۾ نفرت ۽ دشمني جا جذبا اڀرن ٿا. معاشري جي سڌاري لاءِ ڪو قدم کڻڻ نه ته ديني عمل رهيو آهي ۽ نه ئي آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي لاءِ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.

جيڪڏهن ڪا ڪوشش ڪئي به وڃي ٿي ته رعايتون ڏنل طبقي کي قائم رکندي ڪئي وڃي ٿي. جڏهن ته اِهي ئي اُهي طبقا آهن، جن جي ڪري معاشرو عدل ۽ قسط جي رستي کان هٽي ويو. هاڻي ان کي ساڃئي رستي تي آڻڻ لاءِ نبين سڀورن جو سلسلو شروع ٿيو. تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو ته مزدور ۽ پنتي پيل طبقن ۾ اها سجاڳي پيدا ڪجي ته. پيداواري وسيلا الله تعاليٰ پنهنجي ربوبيت واري صفت جي بنياد تي، سيني جي فائدي لاءِ پيدا ڪيا آهن جن تي آسودن، وڏائي ڪندڙن ۽ سردارن پنهنجي طاقت ۽ ٺڳي سان قبضو ڪري ورتو آهي. ان شعور سان انهن جي ذهنن کي منظم ڪري ۽ انهن ۾ لوهي تنظيم پيدا ڪئي وڃي ته انهيءَ گڏيل طاقت جي زور

سان اهڙي غير عادل ۽ قسط يا برابريءَ کان هٽيل معاشري کي ٻيهر عدل ۽ قسط واري واٽ تي آندو ويجي.

## اهو مقصد ڪيئن حاصل ٿيندو؟

انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي. پهريون هي ته اسان جي موجوده دؤر ۾، جنهن ۾ معلومات جي هڪٻئي تائين ترت رسائي (Communication) ۽ علم جي اشاعت يا پکيڙ جا وسيلا تمام گهڻي ترقي ڪري چڪا آهن ۽ عملي طرح سان دنيا هڪ عالمي ڳوٺ (Global Village) بڻجي چڪي آهي، ان ڳالهه جي اهميت تمام گهڻي وڌي وئي آهي ته قرآن ڪريم جي تعليم موجب اهو ثابت ڪيو وڃي ته دنيا جي سمورن مذهبن جي بنيادي تعليم هڪ آهي. سيئي نبي، پوءِ پلي اهو سامي نسل مان هجي يا آريائي يا وري زرد قوم سان واسطو رکندو هجي، خدائي هيڪڙائي، قيامت تي ايمان، اخلاقي ۽ روحاني گڻن (عمل صالح) جي ترقي تي زور ڏيندا رهيا. انهيءَ ڪري سمورن پاڪ ڪتابن جو بنياد ۽ مرڪزي تعليم به اها ئي آهي ۽ اها تعليم اڄ به، پنهنجي ڦير ڦار باوجود انهن ڪتابن ۾ موجود آهي. انهيءَ ئي بنياد تي دين يا دينن جي هيڪڙائي واري بنيادي مقصد کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

ٻي ڳالهه هيءَ آهي ته دين جي هيڪڙائيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ مذهبي پيشوائيت واري اداري کي ختم ڪرڻو پوندو. ڇو جو اِهو ئي اُهو ادارو آهي، جيڪو پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ مذهبن جي وچ ۾ نفرت ۽ دشمنيءَ جو ٻج پوکي ٿو. ان جو مقصد انساني جماعتن کي ٻيهر هيڪڙائيءَ واري پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ نه آهي، پر پنهنجي مذهبي جي، ٻين مذهبن مٿان برتري ثابت ڪرڻ لاءِ، عوام جي جذبن کي اڀارڻو آهي. جڏهن ته اسلام ۾ ختم نبوت جو ئي اهو مقصد هو ته وڏيڪ مذهبي ٽولا ناهڻ بدران، ٿهيل مذهبي ٽولن کي ديني هيڪڙائيءَ جي بنياد تي گڏ ڪري، وحدت انسانيت واري واٽ تي آندو وڃي.

انهيءَ ڪري ئي قرآن ڪريم سمورن نبين سڳورن تي ايمان آڻڻ ضروري ٻڌائي ٿو. قرآن ڪريم آخري ڪتاب آهي ۽ اهو دنيا جي سمورين قومن سان ڳالهائي ٿو. قرآن چوي ٿو ته دنيا جي هر ڳوٺ (قريہ) ۾ اسان هڪ

ڏيڇارينڌڙ موڪليو. ان جو مطلب هي ٿيو تہ انهن سامي، آريائي ۽ زرد قومن جي مذهبن ۽ ان جي مقدس بانين کي بہ مڃيو وڃي. ان سان گڏوگڏ قرآن ڪريم هي بہ چوي ٿو تہ الله تعاليٰ سمورن نبين سڳورن کي بنيادي طور تي ساڳي ئي تعليم ڏئي ڪري موڪليو هو.[1]

تنهن ڪري جيستائين دينن جي بنيادي تعليم کي هڪجيتري مڃوتي نہ ڏني ويندي ۽ مذهبي ٺيڪيداري واري منظم اداري کي ختم نہ ڪيو ويندو، قرآن ڪريم جا ٻڌايل مقصد حاصل ٿي نہ سگهندا. انهيءَ لاءِ اقبال ڪيڏي نہ سهڻي ڳالهہ ڪئي آهي:

کيون خالق و مخلوق ميں حائل رہيں پردے
پيران کليسا کو کليسا سے ہٹا دو۔

## انقلاب جي ضرورت

سوال هي آهي تہ ڪيترائي اهڙا واقعا آهن، جو باوجود پنهنجي بڇڙائين جي، ڪيترائي ماڻهو ۽ مختلف قومون هن دنيا ۾ پنهنجي بد عمليءَ جي سزا نٿيون پوڳن. اجا بہ ڊگهي عرصي تائين پنهنجي ظلمن ۽ بڇڙائين سان دنيا وارن کي تنگ ڪندا رهندا آهن. ان جو سبب قرآن ڪريم هي ٻڌائي ٿو تہ مظلوم قومون يا فرد، پاڻ ئي انهيءَ لاءِ ذميوار آهن. انهن جو فرض هو تہ اهي منڊ ڪان ئي ظالمن جي خلاف جهاد شروع ڪري ڏين ها، يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ جي تياريءَ ۾ ئي مري وڃن ها. پوءِ اڳتي هلي جيئڻ جيئڻ واڳ ڏٺين، آسودن ۽ انهن جي پنيرائي ڪندڙ مذهبي پيشوائيت جي خلاف شعور کي منظم ڪندي، جيڪڏهن انهن کي موت بہ اچي وڃي ها تہ، اهو موت بہ نهايت ئي عزت ڀريو هجي ها ۽ اڳتي واري زندگي ۾ بہ انهن کي ان جو عظيم اجر ملي ها. پر ظالمن ۽ بدڪارن کي سدائين اهو ٻڌايو ويو تہ، اهو نہ سمجهو تہ هن دنيا ۾ ظلم ڪندؤ مري کپي ويندؤ ۽ توهان جو خلقڻهار توهان کي ٻيهر پيدا ڪري توهان جي بدعمليءَ جي سزا نہ ڏيندو.

پر الله تعاليٰ مالڪ يوم الدين آهي، ان ڏينهن هو ذري ذري جو بہ حساب وٺي آخري فيصلو ڪندو. هيءَ دنيا آخري فيصلي جي جاءِ نہ آهي. هتي انسان

[1] باقي شرعي حڪم وقت ۽ حالتن جي لحاظ کان هر قوم جي لاءِ جدا جدا رهيا. (سنڌيڪار)

پنهنجي عملن جي معاملي ۾ آزاد آهي.

هتي هڪ سوال ھيءُ ٿو پيدا ٿئي تہ ”گناھ“ جي ڪمائيءَ ۾ آقا ۽ غلام، جاگيردار ۽ زرعي غلام ۽ ڪارخانيدار ۽ پگهاردار غلام ڇا برابر جا ڀائيوار آهن؟ قرآن ڪريم ۾ خاص طرح سان ۽ ٻين پاڪ ڪتابن ۾ عام طرح سان رعايتون ڏنل طبقي ڪي ئي ظلم ۽ ڏاڍ، محنت جي استحصال، دنيا جي هوس، خود غرضي ۽ جنسي ڇڙواڳي جهڙن وڏن گناهن ۾ قاتل سڏيو آهي. ڇو جو ان وٽ طاقت ۽ پئسو هوندو آهي. پيداواري وسيلن تي ان جو قبضو هوندو آهي ۽ پئسي ڏڪڙ جي جهجهائي بہ ان وٽ ئي هوندي آهي. اها دولت حاصل ڪرڻ لاءِ هو مزدورن ۽ پورهيتن کان ڏاڍائيءَ سان پورهيو ڪرائيندو آهي ۽ انهن جي محنت مان ٿيندڙ پيداوار جو انهن کي پورو معاوضو نہ ڏيندو آهي. رڳو ايترو ئي ڏيندو اٿن جنهن سان اهي پاڻ ۽ سندن اولاد سندس دولت ۾ واڌاري لاءِ جيئرا رهي سگهن. انهيءَ دولت سان هو شريفن جون عزتون پئسا ڏئي يا ڏاڍائيءَ سان خريد ڪندو يا حاصل ڪندو آهي. ان جا بنگلا ۽ محلاتون بہ ساڳيو ئي مزدور اڏيندو آهي ۽ ان جي تجوڙين ۽ بئنڪن ۾ بئلنس بہ انهيءَ مزدور جي ئي محنت جو نتيجو هوندو آهي. سموري انساني تاريخ ان ڳالھ جي شاهد آهي تہ قرآن ڪريم سورت العصر ۾ انهيءَ ئي تاريخ کي شاهد ڪري پيش ڪيو ويو آهي. سموريون تهذيبون انهيءَ ئي طبقي جي بدڪارين، ظلمن ۽ ڏاڍ جي ڪري تباھ ٿي ويون آهن (فَقُطِعَ دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِينَ ظَلَمُوا) ”اسان ظالمن جي پاڙ پٽي ڦٽو ڪندا آهيون.“ اڄ بہ اولھ جي تهذيب ملٽي نيشنل ڪارپوريشنن ۽ واپاري ادارن تي قبضو ڪري ويٺل جي سيون (G_7) جهڙن مالدارن جي عياشين، محنت جي استحصال، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي هيٺن ۽ پنتي پيل قومن (جن کي جاٽي واٽي انهيءَ حالت ۾ رکيو ويو آهي) جي خام مال (Raw Material) جي ذخيرن جي ڦر لٽ ۽ انهن پورهيتن جي سستي اگھ تي خريد ڪيل محنت جي وسيلي، يورپ ۽ آمريڪا جي تهذيب پنهنجي چمڪاٽ، تشدد ۽ جنسي ڇڙواڳيءَ جي ڪري تباهيءَ جي رستي تي وڃي رهي آهي. ٻہ عالمي جنگيون ٿي چڪيون آهن ۽ ٽئين جي لاءِ تياري ٿي رهي آهي. جيڪڏهن يورپ جي سياڻن ان ڳالھ جو احساس نہ ڪيو تہ انهن تهذيبن جي مڪمل طرح سان تباهي ۾ ڪو گمان نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جي پيٽ ۾ مزدور ۽ پنتي پيل فردن وٽ پنهنجي محنت وڪٽي پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ٻي ڪا ٻه شيءِ نه هوندي آهي جو ان جي وسيلي اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪا خوشحالي پيدا ڪري سگهن. ڇو جو دولت، تعليم ۽ تهذيب جي سمورن وسيلن تي ڏاڍن طبقن جي ٺيڪيداري هوندي آهي. محنت ڪري ٿڪجي چُور ٿيلن وٽ مستقبل جي باري ۾ مايوسي ۽ نااميدي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ نه هوندو آهي . انهن وٽ نه ته ايتري دولت هوندي آهي ۽ نه ئي ايترو وقت، جو هو ٻئي ڪنهن پاسي ڌيان ڏئي سگهن. نه ئي هو پنهنجي خواهشن کي خدا ٻڌائي انهن جي پورائي لاءِ ڪوشش ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري امام شاهه ولي الله﷫ ”حجة الله البالغه“ ۾ لکيو آهي ته: اميرن جي عيش ۽ ناهه نوهه لاءِ سخت محنت جي ڪري، مزدور انساني سطح کان ڪري حيواني سطح تي اچي وڃي ٿو. ايئن هو آخرت جي اوچن علمن ڏانهن ڌيان ئي نٿو ڏئي سگهي. اها حالت الله تعاليٰ جي ڏمر کي سڏيندي آهي ۽ پوءِ انهيءَ تهذيب کي تباهه ڪيو ويندو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته سموريون تهذيبون ۽ موجوده تهذيب جي تباهيءَ جو ڪارڻ به اها ئي ڳالهه ٿي رهي آهي.

## تصوف ۽ يوم الدين

حضرت عبيد الله سنڌي﷫ پنهنجي ڪتاب ”امام ولی اللہ کی حکمت کا اجمالی تعارف“ جي تصوف واري باب ۾ فرمايو آهي ته آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪاري لاءِ تصوف ئي تمام ئي وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو جو انهيءَ ۾ فرد گهڻي عبادت ۽ رياضت جي سبب خدا ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي معاملي ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندو ويندو آهي ۽ انهيءَ عمل سان انسان پنهنجي جبلتن جي گهرجن کي خدائي طاقت مطابق ڪري ڇڏيندو آهي. اها خدائي طاقت هر فرد ۾ موجود هوندي آهي. ان جي پاڪائي ۽ پورائي سان ماڻهو خدائي نور مان فائدو حاصل ڪندي، موت کان پوءِ خدائي ويجهڙائيءَ وارو درجو حاصل ڪري وٺندو آهي.

علامه اقبال پنهنجي ڇهين خطبي ۾ امت جي زوال جا سبب ڄاڻائيندي، معتزله جي عقليتي زوال ۽ بغداد تي تاتارين جي حملي سان گڏ ازمنه وسطي جي تصوف جي به نشاندهي ڪئي آهي. ڇو جو اهو تصوف

زندگيءَ کي پنهنجي لاءِ روشن بنائڻ بدران، زندگيءَ کان بيزاري واري حيثيت حاصل ڪري چڪو هو. اصل ۾ بزرگ عالم عام طور تي عالمن جي فڪرن جي ئي پيروي ڪندا آهن ۽ عالمن وري نبوت جو مقصد عبادتن ۽ ظاهري رسمن جي ادائگي ٻڌائي ڇڏيو آهي ۽ معاشري جي تبديليءَ کي ديني عملن ۾ شامل نه ڪيو آهي. جڏهن ته قرآن ڪريم نبين سڀني جي موڪلڻ جو مقصد عدل ۽ انصاف کي قائم ڪرڻ ٻڌايو آهي، جيڪو سراسر معاشرتي عمل آهي. تنهن ڪري عام طور تي بزرگن ۽ وڏن صوفين سڀني جي مسلڪ ۾ معاشري جي تبديلي کي نظر انداز ڪيو ويو اجا به صوفياڻي رياضتن جو مقصد ئي روحاني رمزن جي مرڪزن کي جاڳائڻ ٻڌايو آهي.

شريعت ته اسان جي نمازن کي به خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ۽ انهيءَ کي فرد جي روحاني ترقي لاءِ ڪافي سمجهيو آهي. ڇو جو سورت المزمل ۾، نبي اڪرم ﷺ کي چيو ويو ته عبادت جي لاءِ اڌ رات جي چوٿين حصي کي مقرر ڪن. ڇو جو ڏينهن جو اسلامي انقلاب آڻڻ لاءِ ڳري ذميواري کي نڀائڻو آهي ۽ انهيءَ لاءِ ڏکي جاکوڙ ڪرڻي آهي. انهن آيتن ۾ معاشري کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪرڻ کي پهرين حيثيت ڏني وئي آهي ۽ انهيءَ مقصد هيٺ رات جو جاڳڻ واري وقت کي گهٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پر بادشاهت جي گهرجن هيٺ، معاشرتي تبديليءَ جو عمل نظر انداز ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي امت ۾ اها نظراندازي ديني حيثيت سان رواج هيٺ اچي وئي. انهيءَ جو ئي نتيجو آهي جو اڄ سموري امت اولهه جي جمهوريت کي پنهنجايون ويٺي آهي ۽ قرآن ڪريم هن امت کي "وچٿري امت" سڏيندي دنيا جي قومن جي سڌاري جي ذميواري حوالي ڪئي هئي، امت انهيءَ عظيم فرض کان پاسيري ٿي وئي آهي.

علامه اقبال چواڻي، بزرگن جون گاديون اڄ بازن جا ٽڪاڻا بڻجڻ بدران، ڳجهن جا آکيرا بڻجي چڪا آهن. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته پهريان ته مسلمان قومون اولهه وارن جي غلاميءَ ۾ ڦاسي ويون ۽ هاڻي وري جڏهن آزاد ٿيون ته انهن کي اها به خبر نه رهي آهي ۽ نه ئي عالم انهن کي ٻڌائي سگهيا آهن ته انهن جا مسئلا ڪهڙي طرح سان اسلامي شريعت هيٺ حل ٿي سگهن ٿا. عالمن جي نظر ۾ اسلام جو قائم ۽ نافذ هئڻ ان ڳالهه ۾ آهي ته، تعزيري حڪمن کي نافذ ڪيو وڃي ۽ پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت

جي تقدس کي قائم رکندي، زکوات جي ادائگي ۽ ميراث جي ورهاست کي جاري رکيو ويجي. پر موجوده دؤر جي معاشي ضرورتن کي. اهو پروگرام پورو نٿو ڪري سگهي. اقبال تہ چيو هو تہ قرآن ڪريم ۾ تہ پي هٽي ”قل العفو“ جي حقيقت کي سمجهيو ويجي، پر هتي وڌ ۾ وڌ سورت الحشر جي انهيءَ آيت تي زور ڏنو ويجي ٿو تہ ”دولت کي اميرن جي ئي ٽولي ۾ گردش نہ ڪرڻ گهرجي، پر ان کي هيٺين درجي جي ماڻهن ۾ بہ لهڻ گهرجي“ جڏهن تہ هن آيت سڳوريءَ جي سمجهڻ جي معاملي ۾، عالمن سڳورن تاريخ کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ اميرن جي طبقي مان جڏهن بہ دولت هيٺ لهي ٿي تہ اها يا تہ مزدوريءَ جي شڪل ۾ هوندي آهي يا وري خيرات جي شڪل ۾. ٽئين ڪا شڪل اڄ تائين سامهون نہ آئي آهي. ٽئين شڪل جيڪا ٻڌائي ويجي ٿي، سا ڪڙمت ڪانسواءِ لميٽڊ ڪمپنين ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج جي شڪل ۾، اميرن جي طرف کان سرمائي ڪاري ڪرڻ آهي. اسٽاڪ ايڪسچئنج تہ چٽيءَ طرح سان جوا جي هڪ شڪل آهي. سڀ کان پهرين ڳالهہ جنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، سا هيءَ آهي تہ ”اميرن“ وٽ اهو سرمايو اچي ڪٿان ٿو؟ اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت ان جي هڪڙي شڪل واپار هو. جيڪو موجوده وقت ۾ تمام ئي منجهيل شڪل اختيار ڪري ويو آهي، جنهن ۾ محنت جو استحصال ۽ غير قانوني حيلن وارا عمل شامل ٿي چڪا آهن. اڄ جي دؤر جو سڀ کان وڏو وسيلو زمين ۽ مشين آهي. اهي ٻئي وسيلا زرعي ۽ پگهاردار غلامن جي محنت جو چٽو پٽو ۽ ڏاڍ جي بنياد تي استحصال ڪندڙ آهن. انهيءَ استحصال سان فرد وٽ سرمايو گڏ ٿي ويجي ٿو جيڪو کيس ”امير“ بڻائي ڇڏي ٿو ۽ جو ان سان سندس بئنڪ بئلنس ٻيڻو ٽيڻو ٿي ويجي ٿو.

انهيءَ معاملي ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن انهن معاشي شڪلن کي مڃيو بہ ويجي تہ زمين، مشين ۽ لميٽڊ ڪمپنين وغيره ۾ جيڪي ماڻهو ڪم ڪندا ، تن کي ”ڏهاڙي“ جي شڪل ۾ معاوضو ملندو. سو ڳالهہ تہ ساڳي ٿي تہ جيڪا بہ صورت هوندي اميرن وٽان دولت يا تہ مزدوريءَ جي شڪل ۾ يا وري خيرات جي شڪل ۾ ئي غريب عوام ڏانهن ويندي آهي. اها صورتحال رڳو ان وقت ئي تبديل ٿي سگهي ٿي، جڏهن پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ اچي وڃن ۽ انهن لاءِ جوڙيل ڪميٽيون انهن کي ڪم ۾

آڻن. اهڙي طرح مزدور ”ملازم“ يا ”نوڪر“ (جنهن کي ٻين لفظن ۾ ”غلام“ سڏيو ويجي ٿو) جي حيثيت بدران، مالڪ جي حيثيت اختيار ڪري ويجي ٿو. ڇو جو هو پنهنجي محنت ۽ ان جي پيداوار جو پاڻ ئي مالڪ هوندو آهي، جنهن مان هو سماجي ڀلائي جي لاءِ حڪومت يا ٻئي ڪنهن منظم اداري کي ٽيڪس ادا ڪري، باقي بچي ويل رقم کي پنهنجي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪري سگهي ٿو. ان ڪانسواءِ ٻيون سيئي شڪليون استحصال جو وسيلو آهن.

انهيءَ ڪري امام ولي الله ﷺ پنهنجي ڪتاب ”حجة الله البالغہ“ ۾ چيو آهي تہ فرض عبادتن کان پوءِ جيترو وقت بچي، اهو دين جي اسرارن کي سمجهڻ واري علم ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي. دين جي اسرارن جو مطلب ئي اهو آهي تہ وقت جي جديد گهرجن ۽ ضرورتن کي سامهون رکندي، قرآن ۽ سنت ۾ ٽٻي هڻي، انهن جو حل تلاش ڪيو ويجي. ڊاڪٽر فضل الرحمان فرمايو آهي تہ قرآن ڪريم جو هڪ حصو اسان جي سامهون آهي، جڏهن تہ ان جا نَوَ حصا تاريخ جي پاڻيءَ ۾ ٻڏل آهن. قدامت پسندي ۽ تقليد واري روش انهيءَ عظيم حقيقت کان مسلمانن جي ذهنن کي اوجهل رکي ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ امت جو نوجوان نسل اولهہ جي تهذيب کي پنهنجائيندو پيو وڃي.

تنهن ڪري صوفياڻي رياضت ۽ عبادتن سان گڏوگڏ، معاشري کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪرڻ لاءِ، جيڪا نبين سڳورن جي اچڻ جو بنيادي مقصد آهي، ڪوشش ڪئي ويجي تہ دين جو مقصد پورو ٿيندو. ٻي صورت ۾ اولهہ جي علمي، معاشي، سياسي ۽ تهذيبي غلاميءَ ۾ رهندي، رياضت جي وسيلي روحاني مرڪزن کي جاڳائڻ فرد توڙي امت لاءِ فائديمند ثابت نہ ٿي سگهندو ۽ نہ ئي هن کان اڳ وارين ڪيترين ئي صدين ۾ فائديمند ٿي سگهيو آهي.

## شڪل مٽائڻ وارو تصور

آڳاٽن مصري شهرين ۾ اهو تصور عام هو تہ مرڻ کان پوءِ انسان جو روح مري نٿو پر اهو سج جي مختلف برجن ۾ جادوءَ جي زور تي گردش ڪندي، نور اعظم يا ”را“ تائين پهچي ويجي ٿو. ساڳيو ئي خيال ٻئي شڪل ۾ آڳاٽي بابل ۾ بہ هو. هندي آرين جي فلسفين ۽ ڪن يوناني ۽ مصري فلسفين ۽ ڪجهہ وحشي قومن ۾ بہ اهو ئي خيال هو تہ انسان ئي نہ، پر حيوان جي مرڻ سان ئي ان جو روح ڪنهن ٻئي شڪل ۾ پيدا ڪيو ويندو آهي ۽ پنهنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذري ويل زندگيءَ جي عملن جي جزا يا سزا ماڻيندو رهندو آهي. اهو شڪلين متائڻ يا پيدائش جو عمل لڳاتار جاري رهندو آهي ۽ نيڪ عمل ڪرڻ سان ئي ڪيس انهيءَ جهنجهٽ مان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. مهاوير (مهابير) ۽ گوتم ٻڌ بہ شڪلين متائڻ سان ڇوٽڪاري کي دائمي ڇوٽڪارو سڏي ٿو. قرآن ڪريم انهيءَ کي نفس مطمئنہ جو نالو ڏئي ٿو. بهرحال خيالن کي ادا ڪرڻ جا مختلف طريقا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ قيامت جي ڏينهن ۽ مرڻ کان پوءِ جيئرو ٿي اٿڻ . ٻنهي جو مقصد ساڳيو ئي آهي تہ برن عملن جو نتيجو سخت عذاب ۽ نيڪ عملن جو نتيجو ثواب ۽ دائمي خوشي آهي. الله تعاليٰ عملن جو بدلو ڏيڻ وارو آهي جو هو مالڪ يا قاضي آهي جيڪو ضرور انصاف وارو فيصلو ڪندو.

شڪليون متائڻ واري عقيدي تي اهو اعتراض تہ فرد جي چڱي يا بري زندگيءَ بابت ڪيس خبر ئي نہ هوندي آهي تہ سندس موجوده شڪل ڪهڙي عمل جو نتيجو آهي، اهو اعتراض غير ضروري آهي. ڇو جو جڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجي پرسڪون ۽ عذابن سان گهيريل زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل هوندي آهي تہ اها سندس گذريل جنم يا چڱي يا خراب عمل جو نتيجو آهي، تہ اها ڳالهہ بلڪل ئي غير ضروري آهي تہ هو پنهنجي گذريل زندگيءَ جي باري ۾ سمجهي نٿو سگهي تہ اها سندس ڪهڙن عملن جو نتيجو آهي. جهڙي طرح مرڻ کان پوءِ ٻئي وقت ۽ جاءِ جي باري ۾ فرد جو ايمان هوندو آهي، تہ اتي سزا ۽ جزا سندس هن دنيا ۾ ڪيل نيڪ ۽ بد عملن جو نتيجو آهي يا هوندو. تہ بلڪل ايئن ئي شڪليون متائڻ وارو عقيدو رکندڙ ماڻهوءَ جو بہ ايمان هوندو آهي تہ سندس موجوده چڱي يا خراب زندگي سندس گذريل زندگيءَ جي عملن جو نتيجو آهي.

جهڙي طرح موت کان پوءِ ماڻهو کي ان ڳالهہ جو ويساهہ بہ هجي ٿو تہ هن دنيا کانسواءِ ٻئي ڪنهن دنيا (جهڙوڪ برزخ) ۾ پنهنجي عملن جي سزا ۽ جزا کي منهن ڏيڻو پوندو. پر ان هيءَ ايمان باوجود بہ هو تمام ئي ڪريل ۽ غير انساني عملن کان نٿو مڙي، اهڙي طرح شڪليون متائڻ واري عقيدي تي ويساهہ رکندڙ بہ غير اخلاقي ۽ غير انساني عملن ۾ ڦاسڻ کان نٽا مڙن. ان جو سبب کان وڏو سبب استحصال پسند معاشي نظام جي ڪري، معاشري جو عدل ۽ قسط جي رستي کان هٽي وڃڻ آهي.

اها ڳالھ تجربي مان ثابت ٿي چڪي آهي تہ سوشلسٽ معاشرو مذهب جي اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي پنهنجائڻ ڪانسواءِ پنهنجو پاڻ کي قائم رکي نٿو سگهي ۽ نہ ئي وري ڏوهن جي روڪ ٿام جي ضمانت ڏئي سگهي ٿو. اهڙي طرح سرمائيداري نظام معيشت وارو معاشرو مذهب کي پنهنجائڻ باوجود، فردن جي نفسيات ۾ اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي ڪُپائي نٿو سگهي. اهي ٻئي ڳالهيون تاريخي تجربن سان هڪ حقيقت بڻجي چڪيون آهن. انهيءَ ڪري سوشلسٽ معاشي نظام جو نظرياتي بنياد، مذهب جي معبود واري تصور، مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ اخلاقي ۽ روحاني قدرن تي قائم ڪرڻ، انسان جي سڌاري ۽ تڪميل ۽ آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪاري لاءِ ضروري ۽ اٽل آهي. ان ڪانسواءِ انسان ناڪاميءَ جي رڻ پٽ ۾ تباهہ ۽ برباد ٿيندو رهندو ۽ هن وقت بہ ٿي رهيو آهي. انهيءَ جي لاءِ مارڪس جا معاشرتي تجزيا ۽ پاڪ ڪتابن جو گڏوگڏ مطالعو ضروري آهي.

## نفسيات ۽ آخرت واري زندگي

”الله“ واري باب ۾ ”اولھ جي ڏاهن جو مذهب ڏانهن لاڙو“ جي عنوان هيٺ، يورپ جي وڏن سائنسدانن ۽ فلسفين جي فڪرن جو تت ڏنو ويو آهي. انهن فڪرن جو بنيادي خيال هي آهي تہ ڪائنات جي حقيقت مادو نہ پر شعور آهي. ڪائنات، حيوان ۽ انسان جي اندر هڪ مقصد ڪم ڪري رهيو آهي. هڪڙو سوچيل سمجهيل منصوبو (Plan) آهي، جيڪو ارتقا کي هڪ خاص طرف ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. ان جو مقصد انساني دماغ جي اهڙي تڪميل آهي، جيڪا الله تعاليٰ جي صفتن جو مظاهرو ڪري سگهي ۽ ان جي تجلين کي برداشت ڪري سگهي. اهو منصوبو هڪ روحاني ۽ مادي عمل آهي.

پر اولھ جي ڏاهپ انهيءَ حد تائين محدود نہ رهي آهي. سڀ کان وڏو مسئلو جيڪو هن دؤر جي ڏاهپ اڳيان آهي ۽ جنهن جو لاڳاپو نفسيات سان آهي، سو هي آهي تہ انساني عملن کي ڪهڙي ڳالھ اڀاري ٿي؟ ميڪ ڊوگل (Mc Dougall) جي نظر ۾ اهي جبلتون آهن، فرائڊ ان کي جنسيت (Sex) سڏي ٿو. ايڊلر ان کي پاڻ پڌائڻ جو جذبو ٻڌائي ٿو. انهن نظرين انسان جي حيواني حيثيت کي چٽو ڪيو آهي، پر ان جي انساني شخصيت بابت ڪابہ وضاحت

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪئي آهي. نتيجو اهو نڪتو آهي جو اولهہ جنهن تهذيب کي پيدا ڪيو آهي، ان ۾ انسان جي حيثيت جو رڳو هڪڙو پاسو هاڪاري انداز ۾ سامهون آيو آهي ۽ اهو آهي فطرت جو سائنسي مطالعو ۽ سماجي ادارن جي تنظيم. پر انهن ٻنهي ڳالهين سان جيڪا شيءِ پيدا ٿي پئي آهي آهي ۽ جيڪو رويو ظاهر ٿيو آهي، تنهن جو بنياد اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني قدرن تي هئڻ بدران، جبلتن جي حيواني گهرجن ۽ جنسي خواهشن جي پورائي تي آهي.

## اشتراڪي نظام جي ناڪامي

اولهہ جي سرمائيداراڻي ۽ سامراجي نظام کان تہ اها اميد لازمي هئي تہ انهيءَ نظام سان اخلاقي ۽ روحاني خواهشن جو اڀرڻ ناممڪن آهي، پر زندگيءَ جي اشتراڪي نظام مان اها اميد نہ هئي تہ اهو سوشلسٽ معيشت جي منطقي گهرجن باوجود، جيڪي محبت، برابري، امن، عدل ۽ فڪر ۽ عمل جي آزادي جهڙن اعليٰ اخلاقي ۽ انساني گڻن تي مشتمل هئا، سرمائيداراڻي نظام مان پيدا ٿيندڙ جنسي ڇڙواڳي، تشدد، نفرت، هيٺن فردن ۽ قومن تي فوجي قبضي ۽ ڪليل طرح سان محنت جي استحصال کي پنهنجائڻ جي ڪوشش ڪندو. ماديت جي فلسفي يا جدلياتي ماديت تي آڌاريل نظرياتي بنياد، آخرڪار اشتراڪي معاشري ۽ ان جي فردن کي سرمائيداراڻي يا طبقاتي نظام مان پيدا ٿيندڙ غير انساني ۽ غير اخلاقي روين کي پنهنجائڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. اشتراڪي فرد بہ اولهہ واري سرمائيداري مان اڀرندڙ مورثي آزادي جو عاشق بڻجي ويو ۽ سندس اخلاقي رويا حيواني خواهشن جي پورائي واري جاکوڙ سان واڳجي ويا ۽ آخرڪار اشتراڪي معاشرو بگڙجي ويو.

تنهن ڪري هن دؤر جي صورتحال، انهن ٻنهي نظامن جي ڪري تمام ئي غير انساني ۽ غير اخلاقي بڻجي وئي آهي. ان ڳالهہ جي سخت ضرورت آهي تہ اولهہ جي ڏاهپ کي مذهب ڏانهن موٽائڻ واري ڪوشش کي هٿي ڏني وڃي ۽ هن دؤر جي انساني شعور کي ضروري جزو بڻايو وڃي ۽ نفسياتي روين کي جبلت جي حيواني گهرجن ۽ جنسي لذت ڏانهن وڃڻ بدران، اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني مقصدن جي حاصلات سان وابستہ ڪيو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهريان ميڪ ڊوگل جي جبلت واري نظرئي تي تنقيدي نظر وڌي وڃي ٿي. (بسم الله واري باب ۾ اولهہ جي نفسيات تي علامہ

اقبال جي خيال کي پيش ڪيو ويو آهي).

## ميڪ ڊوگل

ميڪ ڊوگل جي نظر ۾ حيوان جا سمورا ڪم جبلتن جي اثر هيٺ ٿيندا آهن. جڏهن ته جبلت هڪ خاص اندروني حياتياتي دٻاءُ جو نالو آهي، جنهن لاءِ حيوان جي عصبي نظام يا دماغ ۾ ڪي خاص مرڪز هوندا آهن. هر جبلت جي هڪ قدرتي فعليت، هڪ خاص اندروني ۽ ٻاهرين هلچل هيٺ، هڪ خاص مقصد سان شروع ٿيندي آهي. پوءِ جيستائين اهو مقصد حاصل نه ٿيندو آهي، اها هلچل لڳاتار جاري رهندي آهي. جبلن جي عمل جو قدرتي مقصد انسان جي زندگي ۽ نسل جي حفاظت ۽ ان کي باقي رکڻ آهي. انسان جي اندر به اهي ساڳيون ئي جبلتون هونديون آهن، جيڪي حيوانن ۾ موجود آهن؛ جهڙوڪ بک، ڪاوڙ، جنسيت وغيره ۽ انهن جو مقصد به حيوانن جي زندگي ۽ نسل کي قائم رکڻ آهي.

ايتري حد تائين ته ڳالهه ٺيڪ آهي، پر ميڪ ڊوگل جو اهو خيال غلط آهي ته انساني فطرت رڳو جبلتن ۾ ئي هوندي آهي ۽ ان جي عمل جو مآخذ ۽ سرچشمو به اها ئي آهي. گهرائيءَ سان مطالعي جي صورت ۾ خبر پئي ٿي ته انساني فطرت جا اهڙا ڪيترائي پاسا آهن جيڪي حيوان جي اندر نه آهن. مثال طور، حيوان رڳو سوچيندو، چاهيندو ۽ محسوس ڪندو آهي، پر انسان چاهيندو آهي ته هو سوچي به ٿو ۽ محسوس به ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته حيوان رڳو شعور (Consciousness) رکي ٿو جڏهن ته انسان پاڻ کي سمجهڻ (Self Consciousness) جي صلاحيت به رکي ٿو.

ٻئي ڳالهه اها ته حيوان پنهنجي جبلتن جي مخالفت نٿو ڪري سگهي. انهن جي طبعي مطالبن کي رد نٿو ڪري سگهي. جڏهن ته انسان انهن جي مخالفت ڪري سگهي ٿو. انهن کي رد ڪري سگهي ٿو ۽ انهن کي پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان اجارو ۽ غير مطمئن به رکي سگهي ٿو. جهڙوڪ روزي ۾ سخت اڃ ۽ بک جي باوجود هو غذا نٿو وٺي سگهي. جنسي مطالبي باوجود انهيءَ اڃ کي اجهائي نٿو سگهي ۽ پنهنجي اختيار ۽ ارادي سان جنسي لاڳاپن کان پاڻ کي پري رکي ٿو. انهن سڀني ڳالهين مان اها ڄاڻ ملي ٿي ته انسان ۾ ارادي جي پختگي موجود آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئين ڳالهه اها آهي ته حيوان پنهنجي جبلت جي طبعي مطالبي واري حد کي اورانگهي نٿو سگهي، جيئن انسان پنهنجي جنسي لذت کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هر وقت وس رکي ٿو. جبلت کي ان جي طبعي حدن ۽ ضرورت کان وڌيڪ مطمئن ڪري سگهي ٿو جڏهن ته حيوان ايئن نٿو ڪري سگهي. هو پنهنجي طبعي فعليت کان اڳتي وڃي نٿو سگهي.

چوٿين ڳالهه اها آهي ته انسان پنهنجي مقصد جي پورائي لاءِ جبلي گهرجن کي قربان ڪري ڇڏيندو آهي، جڏهن ته حيوان ايئن نٿو ڪري سگهي. ان جي اندر عمل جو اهڙو ڪو جذبو موجود ئي نه آهي. انساني تاريخ اهڙين شاهدين سان پري پئي آهي ته انسان پنهنجي ڪنهن اوچي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو سر ساهه صدقو ڪري ڇڏيو ۽ زندگيءَ جي سمورن سهولتن کان منهن موڙي ڇڏيو ۽ سخت جاکوڙ ۽ محنت سان، پنهنجو مقصد ماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. حيوان جي اندر ته پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جي ئي صلاحيت نه آهي، ان ڪري ان جي اندر ڪنهن مقصد جي محبت به نه هوندي آهي.

پنجين ڳالهه هيءَ آهي ته انسان اخلاق جي عالمگير اصول جي پيروي ڪندو آهي. علم حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندو آهي، هنر لاءِ ڪوشش ڪندو آهي. حيوان جي اندر به هڪ ڳولا جو ذوق (Curiousty)هوندو آهي، پر اهو سندس جبلتن جي پورائي لاءِ مددگاري پيدا ڪندو آهي، پر انسان وانگر سچائي، اخلاق، علم ۽ هنر، فلسفي ۽ سائنسي ڳولا جي مقصد سان نه ڪندو آهي. ان جي جاکوڙ يا محبت رڳو آزاد شعوري گڻ آهي، جيڪو يا ته خدا تعاليٰ ۾ آهي يا وري انسان جي اندر رکيو ويو آهي.

ڇهين ڳالهه هيءَ آهي ته انسان اخلاقي گڻن کي انهن گڻن لاءِ ئي گهرندو آهي. انهن کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هو پنهنجي جبلي گهرجن جي پورائي جي پرواهه ناهي ڪندو. اهو گڻ رڳو انسان جي اندر ئي موجود آهي. مذهب، اخلاق، سياست، قانون وغيره انسان جي سمجهه جي انهيءَ پاسي جا نتيجا آهن.

ستين ڳالهه اها آهي ته انسان سونهن کي سونهن لاءِ، آزاداڻي طور تي گهر ڪندو آهي ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ به پنهنجي فن جو اظهار ڪندو آهي. ان جي هڪ نندڙي شڪل هنر يا فن (Art) آهي. حيوان به پنهنجي فن

جو مظاهرو ڪندو آهي. مثال طور هو آڪيرو جوڙيندو آهي، وغيره. پر حيوان ۾ سونهن جي اظهار هڪ مقرر ٿيل ۽ نه تبديل ٿيندڙ شڪل ۾ هوندو آهي ۽ جبلت جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي. انهيءَ ڪري ئي انسان فن يا فن لطيفه جا اڻ ڳڻيا نمونا ملندا آهن.

ائين ڳالهه اها ته انسان جا جذبا حيوان جي جذبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قسم جا هوندا آهن. ان جو سبب اهو آهي ته جذبا پاڻ سمجهڻ سان لاڳاپو رکندا آهن، جبلتن سان انهن جو ڪو به واسطو نه هوندو آهي. جذبا پاڻ سڄاڻپ وارا گڻ آهن. جيئن ته هر جبلت پاڻ سڃاڻپ جي ڪنهن نه ڪنهن گڻ کي ظاهر ڪندي آهي، تنهن ڪري هر جبلي لاڙي سان گڏ هڪ جذباتي ڪيفيت به واڳيل هوندي آهي. جڏهن جبلتي لاڙو ظاهر ٿيندو آهي ته اها جذباتي ڪيفيت به ان گڏ ئي ظاهر ٿيندي آهي. حيوان ۾ پنهنجي سڃاڻ آزاد نه هوندي آهي ۽ هو پنهنجي سمورن گڻن جو اظهار نٿو ڪري سگهي. انهيءَ ڪري ان جا سمورا جذبا ظاهر نه ٿيندا آهن، رڳو انسان ۾ ئي ظاهر ٿيندا آهن. ڇو جو انسان ۾ خود شعوري آزادي هوندي آهي. اها ڳالهه ڌيان ۾ رهي ته رڳو سمجهه ئي جذباتي احساس نه آهي.

نائين ڳالهه هيءَ آهي ته صوفين سڳورن کي اهڙا روحاني تجربا حاصل هوندا آهن جنهن سان انهن جون خوشيون پنهنجي عروج تي پهچي ويندیون آهن. اهڙي خوشي ڪنهن جبلت جي اطمينان سان نٿي ملي سگهي. ان جو سبب هي آهي ته اهڙي قسم جي تجربي دوران انهن جو محبت وارو جذبو مڪمل اطمينان حاصل ڪري ٿو. حيوان اهڙي اطمينان کان محروم هوندو آهي. ان جي حصي ۾ جبلتي خواهشن جي اطمينان سان رڳو ڪريل قسم جي خوشي واڳيل هوندي آهي.

ميڪ ڊوگل جي جبلت بابت نظريي تي مٿين تنقيد مان هي نتيجو نڪري ٿو:

پهريون هي ته حيواني جبلتن کي انساني عملن جو سرچشمو سڏڻ ڪان پوءِ، حيوان ۽ انسان جي فطرت ۾ اَئن چٽن اختلافن بابت ميڪ ڊوگل خاموش آهي. وٽس انهن اختلافن جي موجودگيءَ جو ڪوبه جواب نه آهي. يعني اهي جبلتون حيوان جي اندر اهي فرق ڇو نٿيون پيدا ڪن ۽ انسان جي اندر ڇو ٿيون پيدا ڪن؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو ھي تہ ميڪ ڊوگل رڳو عزم ۽ ارادي جي تشريح ڪري ٿو پر اھا بہ عقل کان مٿاھين تشريح آھي.

ٽيون ھي تہ ميڪ ڊوگل ارادي ۽ ڪردار کي عقل جو نتيجو سڏي ٿو، پر پوءِ وري تشريح ڪندي ارادي کي جبلت سان واڳيل ٻڌائي ٿو. ان ڳالھ ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ ميڪ ڊوگل ان ڳالھ کي مڃي ٿو تہ انسان جي اندر عقل ۽ ارادو اھڙا گڻ موجود آھن، جيڪي حيوان جي اندر نہ آھن. پر سمجھي ٿو تہ انسان پنھنجي عقل ۽ ارادي، ٻنھي کي پنھنجي جبلتي خواھشن جي تسلي ۽ اطمينان جي لاءِ ڪم ۾ آڻي ٿو. اھڙي طرح ھو لکي ٿو: ”انسان جي سمورن عملن يا ڪمن جو سرچشمو سندس جبلتون آھن. خيالن جا سيئي سلسلا، پوءِ ڀلي اھي جذبن کان ڪيترو بہ خالي ۽ خشڪ نظر ڇونہ ايندا ھجن، ڪنھن نہ ڪنھن طرح سان جبلت ۾ ھلچل مچائيندڙ سگھہ جي ڪري، پنھنجي مقصد کي پھچن ٿا. ھڪ تمام ئي اوچي درجي جي ترقي يافتہ ذھن جي فڪري ڪِلَ جا سمورا پرزا ملڻ کان پوءِ بہ، رڳو ھڪ اھڙي اوزار جي حيثيت اختيار ڪن ٿا، جنھن جي وسيلي اھي جبلتون پنھنجي لاءِ تسلي ۽ اطمينان حاصل ڪن ٿيون. انھن جبلتي خواھشن کي ان جي زبردست مادي حياتياتي پرزن سميت، انساني دماغ کان خارج ڪري ڇڏيو تہ توھان ڏسندا تہ جسم جي لاءِ اھو ناممڪن آھي تہ ھو ڪنھن قسم جي سرگرمي يا ڪنھن عمل جو اظھار ڪري، اھو بلڪل ئي بي عمل ۽ بي حرڪت ٿي ويندو.

ان جو مطلب چٽيءَ طرح سان ھي ٿيو تہ جيڪڏھن انسان جي مزاج ۾ ڪي اھڙيون قوتون موجود آھن، جن کي عقل ۽ ارادو سڏيو وڃي ٿو، تہ اھي بہ ان وقت تائين ڪوبہ فائدو نٿيون ڏئي سگھن، جيستائين جو جيستائين ڪا جبلتي خواھش انھن کي پنھنجي قرار ۽ اطمينان جي لاءِ ڪم ۾ نہ آڻي. جيستائين ڪنھن غلط خواھش کي روڪڻ لاءِ اسان عقل ۽ ارادي کان ڪم نہ وٺون، اسان ان کي روڪي نٿا سگھون. جڏھن تہ عقل ۽ ارادي کي ڪم ۾ آڻڻ جي خواھش اسان جي حيواني جبلتن جي ماتحت آھي. انھيءَ نقطي نگاھ کان انسان رڳو ھڪ ترقي يافتہ ذھن رکڻ وارو ھڪ حيوان ثابت ٿئي ٿو، جيڪو پنھنجي بھتر دماغي صلاحيتن جي باوجود، پنھنجي حيواني مزاج کان ٻاھر قدم رکي نٿو سگھي.

ان سان گڏوگڏ ان جو مطلب ھي آھي تہ انسان جي بھترين

سرگرميون، جيڪي خاص ان سان لاڳاپو رکن ٿيون ۽ ڪيس حيوان کان جدا ڪن ٿيون، جهڙوڪ مذهب، اخلاق، سياست، علم، فن، سهڻا خيال وغيره، سي جبلتن مان ۽ جبلتن جي اطمينان جي لاءِ (يعني فرد ۽ نسل جي بقاءَ جي مقصد هيٺ) پيدا ٿينديون آهن ۽ انهن جو ڪو اوچو مآخذ يا مقصد انسان جي فطرت اندر موجود نہ آهي.

انهيءَ تنقيد مان معلوم ٿئي ٿو تہ ميڪ ڊوگل ذهني مونجهارن ۾ مبتلا آهي. انساني فطرت جون ڪيتريون ئي اهڙيون حقيقتون آهن جن کي هو پنهنجي جبلت واري نظرئي سان حل نٿو ڪري سگهي.

ميڪ ڊوگل جي ڏکيائيءَ جو حل رڳو اسلام يا دنيا جي مذهبن جي حقيقي تعليم ۾ آهي. جيئن تہ اسلام جي دعويٰ آهي تہ ان جي تعليم ۾ سمورن حقيقي مذهبن جي تعليم ساڳي ئي آهي، تنهن ڪري هتي سمورا حوالا اسلام ۽ قرآن مان ڏنا ويا آهن ٿا ۽ اهي ئي ڳالهيون ۽ تعليم دنيا جي مذهبن جي حقيقي تعليم ۾ بہ موجود آهن.

قرآن جي نظر ۾ انساني عملن جي قوت ڏيندڙ ان جون حيواني جبلتون نہ، پر الله تعاليٰ جي عبادت ۽ محبت جو زبردست جذبو آهي. قرآن چوي ٿو:

فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ حَنِيفًا فِطْرَتَ اللَّهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا لَا تَبْدِيلَ لِخَلْقِ اللَّهِ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿الروم: ٣٠﴾

ترجمو: ”پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار. الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين. الله جي خلقڻ (واري قانون) کي ڪا مٽ سٽ نہ آهي، اهو سِڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.“

ٻئي جاءِ تي فرمايو ويو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ ﴿الذاريات: ٥٦﴾

ترجمو: ”۽ جِنّن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيوسون.“

هڪ جاءِ تي ايئن بہ فرمايو ويو:

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِن بَنِي آدَمَ مِن ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰ أَنفُسِهِمْ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوا بَلَىٰ شَهِدْنَا﴿الأعراف: ١٧٢﴾

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين. (۽ پڇيائين) تہ (آءٌ) اوهانجو پالڻهار نہ آهيان ڇا؟ چيائون تہ هائو (آهين)، گواهہ ٿيا آهيون.“

اهي آيتون ٻڌائن ٿيون تہ قول ۽ فعل ۾ الله تعاليٰ جي ربوبيت ۽ محبت جو اقرار انسان جي فطرت ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو:

”قال الله عز و جل اني خلقت عبادي حنفا فجاء تهم الشياطين فاجتالتهم عن دينهم و حرمت عليهم احللت لهم“.

ترجمو: ”الله تعاليٰ فرمائي ٿو، تہ مون پنهنجي ٻانهن جي فطرت ۾ اڪيلي الله جي عبادت جي خواهش رکي آهي، پر شيطانن اچي کين پنهنجي فطرتي دين کان گمراهہ ڪري ڇڏيو ۽ هو انهن شين کي حرام سمجهڻ لڳو جيڪي مون مٿس حلال ڪيون هيون.“

مٿين آيتن ۽ حديث مان خبر پئي ٿي تہ انساني زندگيءَ جو مقصد الله تعاليٰ جي ٻانهپ آهي. پر هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن ٻانهپ يا عبادت جو مطلب رڳو نماز (صلواة) جو ورتو وڃي تہ پوءِ ڇا نماز کان پوءِ واري زندگي عبادت کان خالي هوندي؟ قرآن ڪريم جي اها دعويٰ تہ انسان جي زندگيءَ جو هر فعل عبادت جي جذبي سان ظاهر ٿئي ۽ ان جي عبادت تي مشتمل هجي، تہ عبادت جو مفهوم رڳو نماز ادا ڪرڻ غلط ٿيندو. جيتوڻيڪ قرآن ڪريم جي اها دعويٰ وڏو انقلاب رکندڙ آهي ۽ انساني فطرت جي سمورن قديم ۽ جديد فلسفياڻن نظرين جي لاءِ هڪ چئلنج بہ آهي ، پر جڏهن اسان انهيءَ نظرئي تي غور ڪريون ٿا تہ سڀ کان پهريون سوال هي پيدا ٿيندو آهي تہ خدا جو مطلب ڇا آهي ۽ عبادت جي معنيٰ ڇا آهي؟

## لفظ خدا جي معنيٰ

اها ذات، جيڪا سمورن اهڙن گڻن واري آهي، جيڪي واڪاڻ ۽

ساراهه جوڳا آهن. قرآن ڪريم انهن گڻن کي اسماءُ الحسنيٰ سڏي ٿو ۽ انهن جي هڪ فهرست ڏئي ٿو. هر قوم يا مذهب خدا تعاليٰ جي لاءِ جيڪو به نالو ڏنو آهي سو اسم ”حسنيٰ“ آهي. اهي گڻ ۽ نالا الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي ڪنهن ذات ۾ نه آهن. جيڪڏهن ٻئي ڪنهن ذات ۾ آهن، ته به اهي الله تعاليٰ جي گڻن جو عڪس آهن، جيڪي عارضي ۽ ڪنهن حصي تائين ڪيس بخشيا ويا آهن. اُها ئي ذات سراسر حقيقي سونهن آهي، جنهن ۾ سونهن جي ڪمال جو مفهوم به شامل آهي. عيبدار سان محبت نٿي ڪري سگهجي، الله تعاليٰ خلقيندڙ ۽ مربي آهي.

## عبادت جو مطلب

عبادت جو هڪ مفهوم ته هي آهي ته محبوب، جيڪو سونهن سوڀيا وارو آهي، جي ساراهه ۽ واکاڻ ڪرڻ، سندس ويجهو ٿيڻ، ان جي اڳيان نياز ۽ نوڙت جو اظهار ڪرڻ، ان جي فرمانبرداري ڪرڻ ۽ هر ڏينهن ۽ هر گهڙي سندس رضامندي جي لاءِ جاکوڙيندو رهڻ. اهو مطلب ته فرد سان لاڳو آهي، جنهن جي هڪ شڪل نماز آهي. پر نماز کان پوءِ واري زندگي ۾ انهيءَ مفهوم بابت ڊاڪٽر يوسف گوراڻي وضاحت ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو:

هي اصطلاح هڪ اهڙي اڏاوت جي گهر ڪري ٿو جيڪو جديد دؤر ۾ عقيدن، اخلاق، عبادتن، ملڪي ۽ حڪومتي معاملن، معاشرتي، سياسي، تهذيبي ۽ تمدني معاملن ۽ وسيلن ۾ الله تعاليٰ جي مرڪزيت کي ثابت ڪري وجي.

انهيءَ لحاظ کان رسمي عبادتون (نماز ۽ نفل) انهيءَ پکڙيل خدائي عباتن جو هڪ حصو آهن. حڪم، حڪومت ۽ رياست جا سمورا معاملا، سياست، معاشرت ۽ معيشت جا سمورا معاملا، انفرادي اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي لاڳاپن ۽ رابطن جي سمورن اصولن ۽ قاعدن قانونن کي توحيد تي بيهارڻ، خدائي عبادت جا مختلف پاسا آهن. سموري معاشرتي نظام کي بدلائي، ان کي توحيد جي اصولن تي بيهر قائم ڪرڻ ئي نظام الصلواة آهي. لفظ صلواة جي مطلب جي وضاحت شعيبؑ جي قوم جي انهيءَ سوال سان ٿئي ٿي، جيڪو هنن حضرت شعيبؑ کان ڪيو هو ته، ڇا تنهنجي نماز اهو سيکاري ٿي ته جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، اسان انهن کي ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيون يا پنهنجي مالن ۾ جيئن خرچ ڪرڻ چاهيون تا تيئن نہ ڪريون؟

ڪائنات ڪي پنهجي ڪم ۾ آڻڻ، انسانيت جي سمورن معاملن ۽ خالق، مخلوق ۽ ڪائنات جي لاڳاپي وارن فطري اصولن ڪي ڳولي لهڻ ۽ انهن موجب انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ ئي خدائي عبادت يا ٻانهپ آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن الله تعاليٰ انسان جي فطرت ۾ پنهنجي ٻانهپ ۽ محبت جو جذبو رکي ڇڏيو آهي، تہ پوءِ انسانن جي گهڻائي انهيءَ تي عمل ڇو ڪونہ ٿي ڪري؟ جڏهن تہ انسان جي فطرت جا قانون تبديل ٿيڻ جوڳا آهن ئي ڪونہ. ٿيندو اصل ۾ هيئن آهي تہ انسان پنهنجي جبلتن جي حيواني گهرجن جي دٻاءَ ۾ اچي، پنهنجي فطرت جي عبادت وارن گهرجن ڪي وساري ويهندو آهي. انهيءَ ڪري هو سچي الله جي جاءِ تي پنهنجي جوڙيل خدا جي فرمانبرداري ۽ ان جي سامهون نياز ۽ نوڙت جو اظهار شروع ڪري ڏيندو آهي . اهي هٿراڏو ناهيل معبود سندس نفساني خواهشون تي بہ سگهن ٿيون ۽ ڪو ڪوڙو محبوب بہ ٿي سگهي ٿو. ايئن ئي پٿر يا وري پنهنجي خيالن جا گهڙيل بت بہ ٿي سگهن ٿا. انسان فطرت جي طاقتن ڪي شڪل ڏئي، ان جو بت ناهي، ان ۾ خدائي گڻ واڳي، پنهنجي خيال ۾ خدائي قرب حاصل ڪرڻ جو هڪ وسيلو جوڙي وٺندو آهي ۽ ان جي پوڄا شروع ڪري ڏيندو آهي.

انهيءَ صورتحال جو پهريون سبب تہ انسان جي علمي اڻ ڄاڻائي آهي. سندس سمجهہ بي سمجهي جي ڪري مختلف قسم جي گمانن ۾ گهيرجي ويندي آهي، جنهن ڪري هو محسوس ڪان مٿانهون ٿي، غير محسوس حقيقت جي سمجهہ حاصل ڪرڻ ڪان لاچار ٿي ويندو آهي.

ان جو ٻيو سبب معاشري جي طبقاتي ورڇ آهي، جنهن ۾ هڪ ٿورڙو طبقو پيداواري وسيلن تي قابض هوندو آهي ۽ انسانن جي گهڻائي انهن وسيلن مان فائدو وٺڻ ڪان محروم هوندي آهي. انهيءَ ڪري پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري وينل طبقي وٽ دولت جي جهجهائي هوندي آهي ۽ اها جهجهائي دولتمند ڪي عيش ۽ آرام تي اپاريندي آهي. انهيءَ ڪري هو وڌيڪ دولت حاصل ڪرڻ لاءِ مزدور ۽ پنتي پيل فردن تي ظلم ۽ ڏاڍ ۽ انهن جي محنت جو ڪليل طرح سان استحصال تي آماده ٿي ويندو آهي. علم ۽ تهذيب جا وسيلا بہ انهيءَ ئي طبقي جي ڪم ايندا آهن، جنهن ڪري اهو

طبقو مزدور ۽ پنتي پيل عوام کي جاٽي واٽي علم ۽ تهذيب جي روشنيءَ کان محروم رکندو آهي تہ جيئن هو انهن جي علمي اٽچاٽائيءَ جو فائدو وٺندي، انهن جي محنت جو استحصال جاري رکي سگهي.

ٻئي پاسي پيداواري وسيلن کان محروم طبقي جي فردن وٽ رڳو انهن جي محنت ئي هوندي آهي جنهن کي وڪڻي هو پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالي سگهندا آهن. انهيءَ محنت جو معاوضو يا مزدوريءَ جي رقم بہ زمين، ڪارخاني، تيل جي کوهہ، ڪوئلي يا ٻين ڌاتن جي کاڻين تي قبضو ڪري ويٺل طبقي جا فرد ئي طئي ڪندا آهن. اهي ڪيس ايترو ڏيندا آهن جنهن سان هو رڳو جسم ۽ روح جي رشتي کي جاري رکي سگهي تہ جيئن هو پنهنجي محنت سان انهن جون تجوريون ڀري سگهي. بقول امام ولي اللهؒ مزدور پنهنجي سخت پورهئي جي ڪري، آخرت جي مٿانهن علمن تي ڌيان ڏئي نٿو سگهي. پر ان سان گڏوگڏ اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ واڳ ڌڻي توڙي دولتمند ماڻهو بہ دولت جي جهجهائي جي ڪري، آخرت جي عالي علمن ڏانهن ڌيان ڏئي نٿا سگهن. تنهن ڪري انهيءَ طبقاتي نظام جي ڪري، انسانن جي گهڻائي اخلاقي لحاظ کان برباد ٿي ويندي آهي. انسان جي سموري تاريخ انهيءَ هاڃي کي ڏسندي رهي آهي ۽ رياست جي حدن جي پکيڙ، غنيمت جي مال جي جهجهي مقدار حاصل ڪرڻ لاءِ ۽ غلامن ۽ ٻانهين جي تعداد ۾ واڌاري لاءِ هڪٻئي سان جنگاڻ ۽ رت ۾ ريٽي ٿيل آهي.

ٽيون سبب دنيا جي مذهبن جي مذهبي پيشوائيت آهي. مذهبي پيشوا، مادي زندگيءَ جي سهولت ۽ پنهنجي اڳواٽيءَ واري حيثيت جي تقدس کي قائم رکڻ لاءِ، دولتمند ۽ اقتداري طبقن جي مفاد کي تحفظ ڏيندي، مذهبن جي پاڪ بانين جي پاڪ مقصد يعني محروم پورهيت عوام جي معاشي حالت سڌارڻ، انهن کي پيداواري وسيلن مان فائدو ماڻڻ جو حق ڏيارڻ، انهن وسيلن کي هڪ ٿورڙي طبقي جي قبضي مان ڇڏائي عوامي ملڪيت ۾ ڏيڻ لاءِ انهن کي انقلابي تعليم ۽ معاشري کي معاشي طبقن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ انقلابي شعور بيدار ڪرڻ جهڙي جاکوڙ جي عمل کي بگاڙي ڇڏي ٿو. عوام جي اٽچاٽائيءَجو فائدو وٺندي هو پاڪ ڪتابن جي اهڙي تشريح ۽ تفسير ڪري ٿو جنهن ۾ معاشري کي تبديل ڪرڻ واري تعليم بدران، رڳو رسمن ۽ ظاهري عبادتن جي ادائگي، عبادتگاهن جي ٺاهہ ٺوهہ ۽ سينگار ۽ پنهنجي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي تقدس جي احترام تي زور ڏئي ٿو. مذهبي پيشوا پنهنجي مذهب کي ٻين مذهبن کان مٿانهون ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏئي ٿو ۽ آخرت جي ڇوٽڪاري کي پنهنجي مذهبي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ سان مشروط ٻڌائي ٿو. اهڙي طرح هو مذهبن جي پيروڪارن وچ ۾ نفرت ۽ هڪٻئي سان دشمنيءَ جو ٻج پوکي ٿو جنهن سان انسانن وچ ۾ ويڇا پيدا ٿي پون ٿا.

تنهن ڪري جيستائين پيداواري وسيلن تي قابض طبقي ۽ مذهبي پيشوائيت واري اداري کي ختم نه ڪيو ويندو ۽ عوام کي علم ۽ تهذيب جي روشنيءَ مان فائدو ماڻڻ نه ڏنو ويندو، انسان پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کان ايترو واقف نه ٿي سگهندو، جيترو حق آهي. جيستائين توحيدي معاشري جي جوڙجڪ ۽ نفس جي پاڪائي وسيلي اعليٰ اخلاقي ۽ روحاني گڻن کي پنهنجي اندر پيدا نٿو ڪيو وڃي، ان وقت تائين انسان جي دنياوي ۽ آخرت واري زندگيءَ جي ڪاميابي نا ممڪن آهي.

فرائڊ جي نظريي جي مختصر تشريح ڊاڪٽر رفيع الدين جي پنهنجي لکت مان ڏني وڃي ٿي ته جيئن انهيءَ نظرئي کي سمجهڻ ۾ ڏکيائي نه ٿئي.

## فرائڊ جو نظريو

ميڪ ڊوگل انساني عملن جو محرڪ حيواني جبلتون ٻڌائي ٿو. ڪجهه جبلتون انسان ۾ ته آهن، جن ۾ ”ارادو“ به آهي، پر حيوانن ۾ موجود نه هونديو آهن. حيواني جبلتن تي تنقيدي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته سموريون جبلتون انسان جي اندر حيوان کان بلڪل جدا ٿي وڃن ٿيون، جنهن جو ميڪ ڊوگل ڪو جواب ڏئي نه سگهيو آهي.

ميڪ ڊوگل کان پوءِ ٻيو وڏو نفسيات دان ڊاڪٽر فرائڊ آهي. ان جي نظر ۾ عملن ۾ هلچل پيدا ڪندڙ جذبو جنس (Sex) آهي. اجا به ايئن چوڻ گهرجي ته عملن ۾ هلچل پيدا ڪندڙ جذبو لاشعور (Sub consciousness) آهي. انهيءَ جذبي جي نوعيت جنسي محبت آهي ۽ اها ڳالهه قرآن جي خلاف آهي. قرآن جي نظر ۾ عملن جو محرڪ خدا تعاليٰ جي محبت ۽ عبادت جو جذبو آهي، جنهن جو ذڪر ميڪ ڊوگل جي مضمون ۾ ڏنو ويو آهي. هن جا دليل هي آهن:

1. انسان جي سمورن عملن جي سرچشمو رڳو هڪڙو ئي آهي ۽ اهو

زبردست جذبو محبت جي شڪل ۾ آهي. فرائڊ انهيءَ جذبي کي جنسي محبت سڏي ٿو، پر قرآن حقيقي مذهب، جيڪو سمورن مذهبن جو مرڪزي نظريو آهي، جي نظر ۾ خدا جي محبت آهي. آيتن جو حوالو ميڪ ڊوگل تي تبصري ۾ ڏنو ويو آهي.

2. اهو جذبو لاشعوري آهي. ڇو جو انسان ان کي ڄاڻڻ يا سمجهڻ کانسواءِ بہ ان موجب عمل ڪرڻ تي مجبور آهي. جڏهن تہ هو انهيءَ جذبي سان ڪيس مجبو ڪيو ويندو آهي.

گمراهي ۽ هدايت جي قرآني اصطلاحن جو مطلب لاشعور جو غلط يا صحيح تصور آهي. جيڪڏهن انهيءَ جذبي کي صحيح طرح سان ڄاتو ۽ سمجهيو نہ وڃي، تہ اهو جذبو ڀٽڪجي وڃي ٿو ۽ اها گمراهي آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي چڱيءَ طرح سان سمجهي، ان کي مطمئن ڪيو وڃي تہ اها هدايت آهي. گمراهي انهيءَ جذبي جي لاشعوري فرمانبرداري آهي ۽ هدايت ان جي سمجهہ سان اطاعت يا فرمانبرداري آهي.

3. ننڍپڻ ۾ اسان جو لاشعوري جذبو پيءُ ماءُ، استادن ۽ بزرگن جي محبت ۾ يا سنگت ۾ ظاهر ٿيندو آهي، پر پوءِ اڳتي هلي اهي ان جو معيار يا مثالي نمونا (Ideals) ٿي ويندا آهن.

4. اهي مثالي نمونا ارتقا ڪندا آهن ۽ وڌ ۾ وڌ ڪامل بڻجي ويندا آهن. جيئن جيئن اهي ارتقا ڪندا آهن، اهي مادي کان پاڪ گڻ (Abstract Quality) تي آڌارجي ويندا آهن.

5. انساني نفس جا ٽي ڪم آهن جيڪي ان جي ٽن حصن جي حوالي ٿيل آهن. فرائڊ جي نظر ۾ انهن جا نالا هي آهن:

أ. لاشعور: انساني نفس جو اهو حصو آهي جيڪو سندس سمورن عملن جو بنيادي محرڪ آهي.

ب. شعور: انساني نفس جو اهو حصو آهي، جيڪو مثالي نموني جي صورت ۾ لاشعور جي خواهشن جي ترجماني ڪري، ان جي اطمينان جو بندوبست ڪندو آهي.

ت. فوق الشعور: انساني نفس جو اهو حصو آهي، جيڪو شعور جي ترجماني ڪندو آهي. انهيءَ جي ڪري شعور ۽ لاشعور جي اطمينان جي لاءِ مثالي نمونن کي پيدا ڪري انهن جي پيروي ڪري

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو.

6. انسان پنهنجي لاشعوري جذبي کي، پنهنجي ذهني صحت (Mental health) کي نقصان پهچائڻ کانسواءِ دٻائي نٿو سگهي. جيڪڏهن سندس لاشعور جو جذبو اطمينان حاصل ڪرڻ کان رڪجي وڃي، مايوس، محروم يا ناڪام ٿي وڃي ته انسان ذهني مرضن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ته صدمي جي ڪيفيت يا شدت موجب سخت اعصابي گڙٻڙ يا جنون جي شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي.

قرآن ٻڌائي ٿو ته جنتي ماڻهو خوف ۽ ڳڻتي کان محفوظ هوندا. ان جو سبب هي آهي ته جنت وارن جي الله تعاليٰ سان محبت، بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ترقي ڪندي رهندي. حسن يا خدا جي محبت ۾ رڪاوٽ گناهه سان پيدا ٿيندي آهي. جنتي اهي ماڻهو هوندا، جيڪي يا ته گناهن کان پاڪ هوندا يا وري گناهن جي سزا ڀوڳڻ کان پوءِ، انهن رڪاوٽن کي پار ڪري چڪا هوندا.

7. مذهب جي پيروي، اخلاقي اصولن جي پيروي، علم جي لاءِ جاکوڙ ۽ فن (Art)جو شوق اهڙيون سرگرميون آهن، جيڪي مايوس يا ناڪام لاشعوري جذبي کي اطمينان ڏين ٿيون ۽ انسان کي ذهني مرضن کان بچائن ٿيون، جيڪي انهيءَ جذبي کي روڪڻ سان پيدا ٿينديون آهن.

فرائڊ غلطي سان انهيءَ مظهر کي اوچائي (Sublimation) جو نالو ڏئي ٿو. سندس خيال آهي ته جڏهن انسان سماج جي خوف سبب، پنهنجي جنسي خواهشن کي چڱيءَ طرح سان مطمئن نٿو ڪري سگهي، ته پوءِ مجبور ٿي هو ان کي علم، فن، مذهب ۽ اخلاقي خواهشن جي شڪل ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. ڇڻ ته جنسي خواهشن کي پنهنجي جاءِ تان ڪٽي، ڪنهن مٿانهن جاءِ تي رکي ٿو. اهڙي طرح هو انهن پاڪ سرگرمين کي اصلي ۽ فطرتي نٿو سمجهي، پر دٻيل جنسي خواهشن جي بدليل غير فطري شڪل سڏي ٿو. قرآن جي نظر ۾ اهي سيئي سرگرميون اصلي ۽ فطري آهن ۽ انهن جي اطميناني جو سبب هي آهي ته اهي سيئي سونهن جي ڳولا يا خدا جي ذڪر جون شڪليون آهن. سونهن جي محبت جو لاشعوري جذبو آهن. سونهن ۽ جمال خدا ئي آهي، جنهن جي ذڪر سان دلين کي قرار حاصل ٿيندو آهي: ”اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿الرعد: ٢٨﴾“

8. هر ڪم جيڪو انسان ننڍپڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين ڪندو آهي، پوءِ پلي اهو ننڍڙو هجي يا وڏو، خسيس هجي يا تمام ئي اهم، انساني نفس ۾ اهڙي طرح سان چٽجي ويندو آهي جو وري ڪڏهن به نٿو مِٽجي، پوءِ پلي انسان ان کي بلڪل ئي وساري چڪو هجي ۽ ياد ڏيارڻ سان به ياد نه ايندو هجي.

فرائڊ تجربن سان ڄاڻي ورتو ته انسان جو هر عمل، پوءِ پلي اهو ننڍڙو هجي يا وڏو، ان جي لاشعور ۾ سدائين جي لاءِ محفوظ ٿي ويندو آهي ۽ وقت جي گذرڻ سان ان ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه ايندي آهي. قرآن ڪريم انساني نفس جي انهيءَ قانون جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

وَإِنَّ عَلَيْكُمْ لَحَافِظِينَ كِرَامًا كَاتِبِينَ يَعْلَمُونَ مَا تَفْعَلُونَ

﴿الإنفطار: ١٠-١٢﴾

ترجمو: ”بيشڪ توهان جي مٿان سڳورا لکڻ وارا مقرر آهن، جيڪو ڪجهه توهان ڪريو ٿا سو ڄاڻن ٿا“.

ٻئي جاءِ تي فرمايو ويو:

وَكُلَّ إِنسَانٍ أَلْزَمْنَاهُ طَائِرَهُ فِي عُنُقِهِ ﴿الإسراء: ١٣﴾

ترجمو: ”۽ سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳچيءَ ۾ سندس عمل نامو ٻڌوسون“

ان لاءِ کيس چيو ويندو:

”اقْرَأْ كِتَابَكَ كَفَىٰ بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيبًا ﴿الإسراء: ١٤﴾“

ترجمو: ”(چيو ويندو ته) پنهنجو ڪتاب پڙهه اڄ تنهنجو جيءُ تو تي حساب وٺندڙ بس آهي.“

هر انسان جي پاڳ ۽ نياڳ جو اعمالنامو اسان ان جي ڳچيءَ ۾ ٽنگي ڇڏيو آهي. سو هاڻي تون پنهنجي عملن جي تفصيل کي پڙهي وٺ. اڄ تون پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي ڪافي آهين:-

لَا يُغَادِرُ صَغِيرَةً وَلَا كَبِيرَةً إِلَّا أَحْصَاهَا ﴿الكهف: ٤٩﴾

ترجمو: ”(هيءَ لکت به عجيب آهي ته) ڪو ڪم ننڍو هجي يا وڏو اهڙو نه آهي، جنهن جو ذڪر هن لکت ۾ موجود نه هجي.“

فَمَن يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَرَهُ وَمَن يَعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَرَهُ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ پاڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

﴿الزلزلة﴾

ترجمو: ”پوءِ جنهن ذري جيترو چڱو ڪم ڪيو هوندو سو اُن کي ڏسندو ۽ جنهن ذري جيترو بد ڪم ڪيو هوندو سو اُن کي ڏسندو.
“

فرائڊ چوي ٿو ته انساني شخصيت يا انساني نفس رڳو اهو ئي نہ آهي، جنهن کي اسان شعور سڏيون ٿا ۽ جنهن جي مدد سان سوچيون، ڄاڻون ۽ محسوس ڪريون ٿا ۽ اوسي پاسي جي حالتن ۾ تبديلي آڻڻ جي لائق هوندا آهيون. ان ڪانسواءِ بہ انساني نفس جو هڪ حصو اهڙو آهي، جيڪو اسان جي شعور جي سطح ڪان هيٺ موجود هوندو آهي. اهو حصو جنهن کي فرائڊ لاشعور (Unconsciousness) جو نالو ڏئي ٿو ان جي خيال ۾ انساني شخصيت جو سڀ ڪان وڏو حصو آهي. ائين چئجي تہ انسان جي سموري شخصيت يا انساني نفس ۾ اهو لاشعور ئي آهي، جيڪو شعور جو هڪ جزو آهي جيڪو ٻاهرين دنيا جو جائزو وٺڻ لاءِ مٿي اڀري آيو آهي. انساني نفس جو مثال ايئن آهي، جيئن سمنڊ ۾ ترندڙ برف جي هڪ ڇپ، جيڪا پنهنجي تمام ئي ٿورڙي، لڳ ڀڳ ڏهين، حصي ڪان سواءِ سڄي جا سڄي سمنڊ جي اندر هوندي آهي. پر اها پيٽ بہ شعور ۽ لاشعور جي ڀاڱ ۾ نسبت کي چٽو ڪرڻ لاءِ اڻپوري آهي. ايئن چوڻ گهرجي تہ شعور جي لاشعور سان اها ئي نسبت آهي، جيڪا سمنڊ جي ان جي جهڳ سان آهي. ڇو جو شعور جي اندر موجود سموريون ڳالهيون ۽ جذبا، احساس ۽ خيال لاشعور مان ئي ايندا آهن.

## خواهش جو طوفان

لاشعور ۾ خواهشن جو هڪ طوفان هر وقت برپا هوندو آهي. اها خواهش هڪ زبردست جنسي خواهش آهي، جنهن کي هر عورت ۽ مرد جو لاشعور آخري حد تائين مطمئن ڪرڻ گهرندو آهي. پر لاشعور پنهنجي جنسي خواهشن کي شعور جي وسيلي ئي پورو ڪندو آهي. تنهن ڪري اهو شعور کي مجبور ڪندو آهي تہ هو ان جي اطمينان جو سامان پيدا ڪري. جيتوڻيڪ شعور، جيڪو حقيقت ۾ لاشعور جو ئي هڪ حصو ۽ ان جي پيداوار آهي، لاشعور جي خواهشن کي پورو ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندو آهي. تنهن هوندي بہ گهڻائي دفعا انهن کي پورو ڪرڻ ڪان لاچار

هوندو آهي. ان جو سبب هي هوندو آهي تہ هڪ مخالف پاسي کان ان جي خلاف هڪ زبردست دٻاءُ موجود هوندو آهي، جيڪو ڪيس سندس خواهشن جي پورائي کان روڪيندو آهي. اها مخالف قوت سماج آهي. فرد مجبور هوندا آهن تہ سماج ۾ پنهنجو نالو ۽ پت رکڻ لاءِ پنهنجي لاشعوري حصي جي ڪيترن ئي خواهشن کي ٻنجو ڏين. پر انهن خواهشن کي روڪڻ سان فرد کي هڪ بي چيني ۽ بي قراري پيدا ٿي پوندي آهي ۽ سندس دماغي حالت خراب ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. ڪيترائي دفعا هو پريشاني، جنون، چرياڻپ وغيره جهڙن دماغي مرضن ۾ ڦاسي ويندو آهي تہ جيئن فرد انهن مرضن کان بچي وڃي ۽ سماج ۾ پنهنجي نيڪ نامي جي گهرجن کي بہ پورو ڪري سگهي. سماج ڪي اجايون ڳالهيون بہ جوڙي ڇڏيون آهن، جن جي پيروي سان فرد جو ڌيان انهن خواهشن کان ڪنهن حد تائين هٽي وڃي ٿو ۽ ان جي لاءِ ممڪن ٿي پوي ٿو تہ هو انهن مرضن کان ڪنهن حد تائين محفوظ ٿي وڃي. سماج جون اهي اجايون ڳالهيون مذهب، اخلاق، فلسفي، علم ۽ هنر جي نالن سان مشهور آهن.

## جنسيت ۽ پالڪپڻ

جيئن تہ انسان پنهنجي پيدائش وقت پنهنجو لاشعور پاڻ سان گڏ کڻي ايندو آهي، تنهن ڪري، فرائڊ جي نظرئي مطابق ضروري آهي تہ ان جي جنسي خواهشن جو عمل ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي وڃي. پر عام خيال هي آهي تہ جنسي خواهشون جوانيءَ ۾ پيدا ٿينديون آهن. انهيءَ اعتراض جي جواب ۾ فرائڊ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ٻار جو آڱوٺو چوسڻ يا ماءُ جا پستان چوسڻ يا پيشاب ۽ پائخانو خارج ڪرڻ ٻار جا جنسي ڪم آهن، جن سان ان کي جنسي لذت حاصل ٿيندي آهي. پوءِ وري جڏهن ٻار ٿورو وڏو ٿيندو آهي تہ ان جي دل ۾ جيڪڏهن ڇوڪري آهي تہ پنهنجي پيءُ سان ۽ جيڪڏهن ڇوڪرو آهي تہ پنهنجي ماءُ سان هڪ جنسي نوعيت جي محبت پيدا ٿي ويندي آهي. انهيءَ جنسي محبت جي رد عمل ڪري ئي ٻار جي دل ۾ جيڪڏهن ڇوڪري آهي تہ ماءُ جي خلاف ۽ جيڪڏهن ڇوڪرو آهي تہ پيءُ جي خلاف هڪ قسم جي رقابت جو جذبو پيدا ٿيندو آهي. محبت جي انهيءَ جذبي کي فرائڊ خانداني الجهاءَ (Oedipus Complex) جو نالو ڏنو آهي. اهو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانداني الجهاءُ فرائڊ جي لاشعور واري نظرئي جو مرڪزي نقطو آهي، جنهن مان هو پنهنجا سمورا نتيجا ڪڍي ٿو.

## اميد ۽ خوف

پيءُ ماءُ ٻار جي محبت جي جواب ۾ ساڻس محبت ڪن ٿا. پر جيڪڏهن هو انهن جي خواهش موجب ڪم نه ڪري ته ان سان سختيءَ سان پيش ايندا آهن. سختي ۽ نرميءَ جي انهيءَ ٻٽي ورتاءَ جي ڪري، اهي ٻار جي شخصيت تي پنهنجو مڪمل ضابطو حاصل ڪري وٺندا آهن. ٻار هميشه پنهنجي پيءُ ماءُ جي محبت جي خواهش ۽ ان جي ڪوٺ جي خوف جي ڪري ٻن متضاد جذبن وچ ۾ رهندو آهي، جيڪي سندس شعور ۾ هڪ مستقل جاءِ والاري وٺندا آهن ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سندس ذهن تي سوار رهندا آهن. جيئن جيئن ٻار جي عمر وڌندي ويندي آهي، ان جا اهي ٻئي جذبا، يعني محبت جي اميد ۽ ان جي خاتمي جو خوف، پيءُ ماءُ کان هٽي ان جي مثالي نمونن (Ideals) ڏانهن وڃڻ لڳندا آهن. ٻار جي دل ۾ پيءُ ماءُ لاءِ محبت گهٽجي ويندي آهي ۽ مثالي نمونن جي محبت وڌي ويندي آهي. فرائڊ جي لفظن ۾ چئڻ ته ٻار خانداني الجهاءَ تي سوپارو ٿي ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ فوق الشعور ان جي جاءِ والاريندو آهي. فوق الشعور، شعور جو ئي هڪ گڻ آهي، جيڪو فرائڊ جي خيال مطابق خانداني الجهاءَ جي گهٽجڻ سان وجود ۾ ايندو آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن سگهارو ٿيندو ويندو آهي. فوق الشعور جو ڪم هي هوندو آهي ته شعور جي سامهون هڪ معيار پيش ڪري. ان جي ڪري فرد ضمير، اخلاق، مذهب ۽ مقصد جي مقرر ڪيل عمل واري اصول جو زور يا دٻاءُ محسوس ڪندو آهي.

## پيءُ ماءُ جي نائبي

فوق الشعور جيئن ته خانداني الجهاءَ يا پيءُ ماءُ جي محبت جو قائم مقام هوندو آهي، تنهن ڪري اهو فرد سان اهو ئي ورتاءُ ڪندو آهي جيڪو اڳي پيءُ ماءُ ساڻس ڪندا هئا. هو پيءُ ماءُ وانگر انهن جهڙي سرپرستي ۽ اڳواڻيءَ جي هام هڻندو آهي. ڪن ڪمن کان روڪيندو آهي ۽ ڪن جي تاڪيد ڪندو آهي. وري فرد جذهن ڪو اهڙو ڪم ڪندو آهي، جيڪو

سندس مرضيءَ جي خلاف هوندو آهي تہ هو ان کي پنهنجي پيءُ ماءُ وانگر ئي ڊيڄاريندو ۽ ڌمڪائيندو آهي ۽ پريشان ڪري سزا ڏيندو آهي. تنهن هوندي بہ فوق الشعور جو ورتاءُ انهيءَ لحاظ کان پيءُ ماءُ کان مختلف هوندو آهي، جو اهو پيءُ ماءُ وانگر محبت نہ ڪندو آهي. اهو بہ ضروري نہ آهي تہ سندس ڏڙڪو دهمان ڪيس خانداني الجهاءَ کان ورثي ۾ مليو هجي. پيءُ ماءُ ٻار کي پلي ڪيتري بہ محبت سان پاليو هجي ۽ سندس پالنا جي دوران ڏڙڪي دهمان کان ڪيترو بہ پاسو ڪيو هجي، فوق الشعور هر حالت ۾ نرمي ۽ سختي کان ڪم وٺي ٿو ۽ ان جي ڏڙڪي دهمان ۾ ڪو بہ فرق نٿو اچي.

## فوق الشعور جا گڻ

فرائڊ چوي ٿو تہ جيڪڏهن فرد خانداني الجهاءَ تي پوري طرح سان سوڀارو نہ ٿي سگهيو تہ ان جو فوق الشعور پوري سگهہ ۽ پوري واڌ ويجهہ حاصل ڪري نہ سگهندو. ٻين لفظن ۾ جيستائين فرد جي دل ۾ پيءُ ماءُ جي ٻالڪپڻ واري محبت موجود رهندي آهي، هو مثالي نمونن سان پوري طرح محبت نٿو ڪري سگهي. وري فوق الشعور انهن ماڻهن جو اثر بہ قبوليندو آهي، جيڪي پيءُ ماءُ سان قائم مقام جي حيثيت اختيار ڪري چڪا هجن. يعني اهڙا ماڻهو جيڪي ٻار جي تربيت ۾ حصو ڳنڍي رهيا هجن ۽ جن کي ٻار عظمت ۽ ڪمال جو نمونو سمجهندو هجي.

عام طور تي فوق الشعور پيءُ ماءُ کان لڳاتار پري ٿيندو ويندو آهي. جڻ ماڻهن کان جدا ٿي، خيالن جي دنيا ڏانهن هليو ويندو آهي. ٻار پنهنجي عمر جي مختلف حصن ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ جي اهميت جو اندازو مختلف طرح سان ڪندو آهي. فوق الشعور جي ظاهر ٿيڻ ۽ خانداني الجهاءَ جي ميسارجي وڃڻ کان اڳ، پيءُ ماءُ ٻار کي ڪامل ۽ اعليٰ درجي جا انسان محسوس ٿيندا آهن. پر اڳتي هلي جڏهن خانداني الجهاءَ ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ فوق الشعور سگهارو ٿي ويندو آهي، تہ ٻار جي نظر ۾ انهن جي گڻن ۽ ڪمال ۾ عيب پيدا ٿي ويندو آهي. پوءِ شعور جو ڌيان ڪنهن نہ ڪنهن مثالي نموني ڏانهن ٿي ويندو آهي. اهو مثالي نمونو ڪائنس گهُر ڪندو آهي تہ هو سندس پيروي ۾ اڳ کان اڳرو ٿيندو وڃي. شعور سندس انهن گهرجن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان جي لاءِ هٿ پير هڻندو آهي ۽ ان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پنهنجو مقابلو ڪري، پنهنجي حيثيت جو جائزو وٺندو آهي. فوق الشعور شعور جي مثالي نموني جي ترجماني ڪندو آهي.

## فوق الشعور جو سبب

فرائڊ جي خيال ۾ شعور جو اهو مثالي نمونو جنهن جي ترجماني فوق الشعور ڪندو آهي، فرد جي پراڻي مثالي نموني يعني پيءُ ماءُ جي ئي هڪ شڪل آهي، جيڪا باقي رهجي وئي آهي. ڇو جو فرد ان کي ايئن ئي شڪرگذاري ۽ واکاڻ لائق سمجهندو آهي، جيئن هو پنهنجي پيءُ ماءُ کي سمجهندو هو. هو چوي ٿو ته فوق الشعور سمورن اخلاقي ۽ مذهبي پابندين جو سرچشمو ۽ پوري خواهش جو حامي ۽ مددگار آهي. عام طور تي پيءُ ماءُ ۽ انهن جهڙا ٻئي بزرگ ٻارن جي تربيت ڪرڻ وقت، پنهنجي پنهنجي فوق الشعور جي گهرجن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. نتيجو اهو ٿيندو آهي ته ٻار جو فوق الشعور سندن والدين جي نموني تي نه اڏبو آهي، پر سندس پيءُ ماءُ جي فوق الشعور جي نموني تي اڏبو آهي.

## لاشعور جا ڳڻ

فرائڊ لکي ٿو:

”لاشعور اڻرندڙ خواهش جي هڪ ديڳ آهي. ان جي اندر ڪو نظم ۽ ڪو سوچيل سمجهيل ارادو نه آهي.رڳو لذت جي لاءِ جنسي خواهشن جي پورائي جو جذبو آهي. منطق جا قانون توڙي ضدن جا اصول به لاشعور جي عمل تي حاوي نٿا ٿين. مخالف خواهشون هڪ ٻئي کي وڃائڻ کانسواءِ ان سان هميشه گڏ گڏ رهنديون آهن. لاشعور ۾ ڪا به اهڙي شيءِ نه آهي جيڪا نفي سان هڪجهڙائي رکندي هجي. اسان کي اهو ڏسي حيرت ٿئي ٿي ته فلسفي جي اها دعويٰ ته وقت ۽ وٿي اسان جي عملن جا لازمي عنصر آهن، لاشعور جي دنيا ۾ غلط ٿي ويندي آهي. لاشعور جي اندر ڪابه اهڙي شيءِ نه آهي جيڪا وقت جي تصور سان واسطو رکندي هجي. لاشعور ۾ وقت گذرڻ جو ڪوبه نشان نه آهي. اها هڪ حيرت ۾ وجهندڙ حقيقت آهي، جنهن جي معنيٰ کي سمجهڻ جي باري ۾ اڃا تائين فيلسوفن ڌيان نه ڏنو آهي، ته وقت جي گذرڻ سان لاشعور جي عمل ۾ ڪابه تبديلي نٿي اچي. عمل جون اهڙيون خواهشون،

جيڪي لاشعور مان ڪڏهن بہ ٻاهر نہ نڪتيون آهن. اجا بہ اهي ذهني تاثر بہ جن کي روڪي لاشعور ۾ دٻايو ويو هجي. لاشعور ۾ هر لحاظ کان غير فاني هوندا آهن ۽ سالن تائين اهڙي طرح محفوظ رهندا آهن جو ڄڻ تہ ڪالهہ ئي وجود ۾ آيا آهن.“

## شعور جا ڳڻ

شعور لاشعور جو اهو حصو آهي، جيڪو ٻاهرين دنيا سان ويجهو هجڻ ۽ ان کان متاثر هئڻ جي ڪري بدلجي ويو آهي. شعور پنهنجي مٿان اها ذميواري رکي آهي تہ لاشعور جي لاءِ ٻاهرين دنيا جي ترجماني ڪري کيس بچائي. ڇو جو جيڪڏهن لاشعور پنهنجي جنسي خواهشن جي انڌي اطمينان لاءِ ٻاهرين طاقتن کي، جيڪي ڪائنس وڌيڪ سگهاريون آهن. بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏي تہ سندس زندگي ئي خطري ۾ پئجي ويندي. عام لفظن ۾ ايئن چئجي تہ شعور هوش ۽ احتياط جو حامي آهي ۽ لاشعور غير مهذباڻن ۽ اڻ گهڙيل خواهشن جو. شعور فعاليت جي لحاظ کان ڪمزور آهي ۽ پنهنجي سموري سگهہ لاشعور کان اڌارو وٺي ٿو. جنهن جو هي پاڻ هڪڙو حصو آهي. اهو لاشعور جي گهرج سان پنهنجو پاڻ کي واڳي لاشعور جي خوشنودي جو دعويدار پيدا ڪرڻ آهي ۽ انهيءَ طرح سان اهو لاشعور جي عمل واري سگهہ ۾ حصو وٺي ٿو. لاشعور جي خواهشن جي تڪميل شعور جو ڪم آهي. جيڪڏهن اهي حالتون پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، جيڪي انهن خواهشن جي پورائي جي لاءِ مددگار هجن. تہ ان جو فرض پورو ٿي وڃي ٿو.

## شعور ۽ لاشعور جو لاڳاپو

شعور ۽ لاشعور جو پاڻ ۾ لاڳاپو اهڙو ئي آهي جهڙو هڪ سوار ۽ ان جي گهوڙي جو پاڻ ۾. گهوڙو سوار جي لاءِ چرپر جا وسيلا مهيا ڪندو آهي ۽ سوار ان ڳالهہ جو حق رکندو آهي تہ هو ان جي ۽ پنهنجي لاءِ ڪا منزل مقرر ڪري ۽ گهوڙي جي چرپر کي ان پاسي موڙي ڇڏي. پر شعور ۽ لاشعور جي صورت ۾ گهڻو ڪري ايئن ٿيندو آهي تہ سوار مجبور هوندو آهي تہ گهوڙي کي انهيءَ ئي پاسي وٺي وڃي، جنهن پاسي گهوڙو پاڻ وڃڻ گهرندو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شعور لاءِ ڏکيائيون

پهاڪو مشهور آهي تہ ڪوبہ ماڻهو ٻن مالڪن کي خوش نٿو رکي سگهي. پر ويچاري شعور جو ڪم ان کان بہ وڌيڪ ڏکيو آهي. کيس هڪ ئي وقت ٽن مالڪن کي خوش ڪرڻو ۽ انهن جي مطالبن کي پورو ڪرڻو هوندو آهي. اهي مطالبا سدائين هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري انهن ۾ هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ ناممڪن هوندي آهي. ان ۾ ڪابہ حيرت جي ڳالهہ نہ آهي تہ شعور گهڻو ڪري همت هاري ويهندو آهي. اهي ٽئي ڏاڍائي ڪندڙ مالڪ ٻاهرين دنيا، فوق الشعور ۽ لاشعور هوندا آهن. شعور ٻاهرين دنيا جا مطالبا پيش ڪرڻ لاءِ آيو آهي، پر اهو ان ڳالهہ لاءِ بہ لاچار آهي تہ لاشعور جو بہ فرمانبردار خادم بڻجي رهي. پنهنجو پاڻ کي لاشعور جي گهربل حيثيت ۾ پيش ڪري ۽ لاشعور جي عمل واري سگهہ سان حصو وٺي. لاشعور ۽ ٻاهرين دنيا وچ ۾ ناهہ ڪرائڻ جي ڪوشش دوران هي گهڻو ڪري مجبور ٿي پوندو آهي ۽ لاشعور جي غير شعوري حڪمن کي معقوليت جو ويڳو ڍڪائي ، لاشعور ۽ ٻاهرين دنيا جي اختلافن کي دوکي سان نظر انداز ڪندو رهي. اهڙي حالت ۾ بہ، جڏهن لاشعور پنهنجي ضد ۽ نہ مڃڻ واري روش تي زور ڀڏي رهيو هجي، تہ هو ٻاهرين دنيا جي احترام جي ڪوڙي دعويٰ ڪندو رهي. ٻئي پاسي سندس هر چر پر سخت قسم جي فوق الشعور جي نظر ۾ رهندي آهي، جيڪا لاشعور ۽ ٻاهرين دنيا ڏانهن پيدا ٿيندڙ ڏکيائن کان منهن موڙي، عمل جا اصول مقرر ڪندي آهي. پر جيڪڏهن شعور انهن اصولن تي عمل نہ ڪري، تہ اهو کيس پريشان ڪري سزا ڏيندي آهي ۽ سندس پريشاني احساس ڪمتري ۽ ڏوهہ جو احساس اختيار ڪندي آهي.

## شعور جي بيوسي

اهڙي طرح جڏهن شعور کيس پويان کان هڪلي رهيو هجي، فوق الشعور کيس اڳيان روڪي رهيو هوندو آهي ۽ سماج کي ملامت ڪري رهيو هوندو آهي. شعور انهن سمورين طاقتن کي، جيڪي سندس اندران ۽ ٻاهران متس اثر انداز ٿينديون آهن، هڪٻئي سان هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان گهڻو ڪري

دانهن ڪري چوندا آهيون تہ ”زندگي سراسر سور“ آهي. جڏهن شعور پنهنجي بيوسيءَ جو اعتراف ڪندو آهي تہ ان کي ٽن قسمن جون پريشانيون اچي گهيرينديون آهن: هڪ سماج جي طرف کان، ٻيو فوق الشعور جي طرف کان ۽ ٽيون لاشعور جي طرف کان.

## سماج جون نڳيون

جيئن تہ فرائڊ جي نظر ۾ انسان شرمائي ڇڏيندڙ جنسي خواهشن جو غلام آهي ۽ بڇڙائي ان جي فطرت ۾ شامل آهي، تنهن ڪري هو چوي ٿو تہ انسان جون اوچيون سرگرميون يعني علم، هنر، مذهب، فلسفو ۽ اخلاق پنهنجا ڪي مستقل گڻ يا حيثيت نٿا رکن، پر ان جي اطمينان نہ ٿيڻ جوڳين ۽ مجبور ٿي ڇڏيل جنسي خواهشن ڪي وندرائڻ جو هڪ ذريعو آهن. انهن جي پاڙ يا بنياد انسان جي اها ئي پليت فطرت آهي، جنهن کي هو سماج جي خوف کان، پنهنجي اصلي شڪل ۾ مطمئن نٿو ڪري سگهي ۽ هڪ ٻئي ويس ۾ ظاهر ڪرڻ تي مجبور ٿيندو آهي. مذهب جي حقيقت رڳو هي ءَ آهي تہ جڏهن انسان جي عمر ترقي ڪري ويندي آهي ۽ هو سمجهڻ لڳندو آهي تہ هاڻي سندس پيءُ ماءُ سندس حفاظت يا پالنا ڪرڻ کان لاچار آهن، تہ هو هڪ آسماني پيءُ جي خواهش پيدا ڪري وٺندو آهي. اخلاق جا اصول سماج جي پيدا ڪيل هڪ جڙتو رڪاوٽ آهن، تہ جيئن فرد جون جنسي خواهشون ڇڙواڳ بنجي ڪيس نقصان نہ پهچائن. ضمير جڻ تہ سماج جو سپاهي آهي جيڪو فرد جي شعور ۾ پهرو ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي.

## انسان جو پيدائشي نياڱ

ٿورن لفظن ۾ فرائڊ جي نظر ۾ انسان هڪ شهوت کان هار ڪاڌل حيوان آهي، جنهن کي قدرت هيٺ ڏنل ٽن متبادل طريقيڪارن مان هڪ کي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي.

1. هو پنهنجي لاشعور جي حد کان وڌيڪ شرمناڪ جنسي خواهشن کي پوري آزادي ۽ بي حيائي سان مطمئن ڪري. انهيءَ طرح عمل ڪرڻ جي صورت ۾ سماج ڪيس پڪ سان بڇڙو سڏيندو پر ڪيس ڪوشش ڪرڻ کپي تہ هو سماج جي پرواهہ نہ ڪري.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. هو سماج جي خوف کان پنهنجي سگهاري جنسي خواهشن کي همٿ سان دٻائي ڇڏي ۽ پوءِ پريشاني، چڙيائپ، خوف وغيره جهڙي دماغي مرضن ۾ ڦاسي وڃي.
3. هو پنهنجي جنسي خواهشن کي نظر انداز ڪندي، انهن جي بدران مذهب، اخلاق، علم ۽ هنر جهڙين سرگرمين سان پنهنجو پاڻ کي رُجهائي رکي ۽ ان سان گڏوگڏ چڱي طرح سان ياد رکي ته انهن سرگرمين جي حقيقت هڪ وهم کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي ۽ اصل ۾ سندس پنهنجي ڪا به حيثيت نه آهي، سواءِ ان جي ته هو ان جي ڏکايل دل کي دوکي ۾ رکڻ جو هڪ ذريعو آهن.

## فرائڊ جي مقبوليت

فرائڊ جو نظريو اولهه جي يونيورسٽين ۾ تعليمي نصاب جو لازمي جزو آهي. جديد نفسيات جي نالي سان ان تي هزارين ڪتاب لکجي چڪا آهن ۽ ڏينهن رات اجا به لکيا پيا وڃن. انهيءَ نظرئي جي اشاعت، اولهه وارن جي جنسي لاڳاپن بابت انهن پابندين کي، جيڪي مذهب يا سماج لاڳو ڪري ڇڏيون هيون، تمام ئي ڍلو ڪري ڇڏيو آهي. اتي هاڻي اهو خيال عام آهي ته اهي پابنديون صحت لاءِ هاجيڪار آهن. دماغي مرض پيدا ڪن ٿيون ۽ انهن سان چنبڙيو رهڻ هڪ خطرناڪ قسم جي پراڻي سوچ آهي.

## فحاشي

فحاشي پيلي ڪهڙي به قسم جي هجي، هاڻي يورپ ۾ هڪ معمولي ۽ ذاتي خواهش جي پورائي جو هڪ ذريعو سمجهي وڃي ٿي. ان ۾ ٻئي ڪنهن کي مداخلت ڪرڻ يا رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جو ڪوبه حق نه آهي. انهن وٽ جنسي خواهشن جو آزاداڻو پورائو ايئن آهي جيئن اڄ وقت پاڻيءَ جو هڪ گلاس پاڻيءَ پيئڻ. پوءِ پيلي اهو ڪٿان به ملي وڃي. جنسي خواهش انساني فطرت جي هڪ حياتياتي گهرج آهي جنهن کي دٻائڻ توڙي لڪائڻ ٻئي ناجائز آهن. انهيءَ ذهنيت اولهه ۾ هڪ تمام ئي وڏو ادبي ذخيرو پيدا ڪري ورتو آهي جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو پيو وڃي ۽ ان جو خاص گڻ اگهاڙپ آهي. انهيءَ ئي ذهنيت هيٺ يورپ ۾ ڪي اهڙا مذهب به پيدا ٿي پيا

آهن، جن جي نظر ۾ اگهاڙپ ۽ بي حيائيءَ کي مقدس سمجهيو وڃي ٿو. مثال طور جيئن نيچرزم (Naturism) ۽ نيوڊزم (Nudism) ۽ ان کان به بڇڙي قسم جا ڪيترائي ازم آهن، جن کي ذڪر ڪندي قلم به شرمائي وڃي ٿو.

## اسان جي نقالي

اسان وٽ به فرائڊ جو نظريو ساڳيا ئي اثر پيدا ڪري رهيو آهي. هي نظريو اسان جي يونيورسٽين ۾ نفسيات جي نصاب جو جزو آهي. انهيءَ تي هاڻي اردو ۾ ڪتاب لکيا پيا وڃن ۽ تمام ئي زور ۽ شور سان ان جي اشاعت ٿي رهي آهي. ان جي اثر سبب جنسي لاڳاپن جي پابندي يا آزادي جي باري ۾ اسان جو خيال به اولهه سان سهمت ٿيندو پيو وڃي. اسان به هڪ اگهاڙي قسم جو ادب پيدا ڪري رهيا آهيون، جيڪو تمام ئي پيارو ٿو لڳي. ان ڪانسواءِ اسان وٽ فرائڊ جي نفسيات تي اخبارون ۽ رسالا ماڪوڙن وانگر نڪري رهيا آهن ۽ هٿو هٿ ڪپي رهيا آهن. اها صورتحال پنهنجو پاڻ ئي ٻڌائي رهي آهي ته اهي نظريا اسان جي دين ۽ ايمان کي ڪيتري حد تائين تباهه ۽ برباد ڪري رهيا آهن.

## مرڻ کان پوءِ واري زندگيءَ جي ثابتي

فرائڊ کي اها ته خبر ئي نه آهي ته عملن جو انهيءَ احتياط ۽ حفاظت سان لاشعور ۾ ڳنڍيل رهڻ سمجهي ٿو، قدرت جي ڪارخاني ۾ ڪهڙي مقصد کي پورو ڪري ٿو. تنهن ڪري هو رڳو فلسفين کي دعوت ڏيڻ کي ڪافي سمجهي ٿو ته اهي ئي انهيءَ حقيقت تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ ان جو سبب ڳولي لهن ۽ ان جي اندر لڪل حقيقتن کي ظاهر ڪن.

پر قرآن جي نظر ۾ انسان جي لاشعوري اعمال نامي ۾، سندس عملن جو محفوظ رهڻ ان لاءِ آهي ته موت کان پوءِ انهن عملن کي انسان پنهنجي ارتقا جي لاءِ ڪم آڻي. يعني تمام ئي تڪليف ڏيندڙ حالتن مان گذري، غلط ڪمن جي بندشن ۽ رڪاوٽن کان ڇوٽڪارو ماڻي ۽ صحيح عملن جي طاقت سان ارتقا جي اوچي درجي تي وڪ ڏريندو وڃي. ڇو جو انسان جي خود شعوري جسم جي مري وڃڻ کان پوءِ به، پنهنجي گهربل مقصد واري منزل ڏانهن ارتقا ڪندي رهندي آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرائڊ جي نظرئي ۾ سڀ کان وڏي غلطي اها آهي تہ هو لاشعور جي جذبي کي، جنسي نوعيت جو جذبو سڏي ٿو. سندس ٻالڪپڻي جنسيت وارو نظريو تمام ئي هاڃيڪار آهي. جيتوڻيڪ اهو فرائڊجي نظرئي جو بنياد آهي، پر انهيءَ نظرئي بنسبت ڪيترا ئي نفسيات جا ماهر بہ قائل نہ ٿي سگهيا. ان جي ڪري مٿس الزام آهي تہ هو پاڻ ئي جنسي خواهشن جو غلام آهي ۽ دنيا جي هر شيءِ کي جنسي نقطي نظر سان ڏسندو آهي. نفسي تحليل واري نظرئي جي خلاف، تمام ئي سخت اعتراض انهيءَ ئي تصور سبب ڪيا ويا آهن. سندس پنهنجا ئي شاگرد، ايڊلر (Adler) ۽ يونگ (Jung) بہ سندس عقيدي سان متفق ٿي نہ سگهيا. ايڊلر جنسيت جي جاءِ تي اوچائيءَ جي چاهہ جو نظريو پيش ڪيو. پر يونگ جي نظر ۾ اهو جذبو نہ مرتبي لاءِ آهي ۽ نہ ئي جنسي جي لاءِ، پر اهڙي شيءِ جي لاءِ آهي، جيڪا انهن ٻنهي جي بلڪل وچ تي هجي.

فرائڊ مڃي ٿو تہ ٻار پنهنجي پيءُ ماءُ سان محبت ڪندو آهي، جو هو کين واکاڻ جوڳي شخصيت سمجهندو آهي. انهن جي لاءِ شڪرگذاريءَ وارو جذبو محسوس ڪندو آهي. انهن ڏانهن ڪماليت کي منسوب ڪندو آهي. هو پنهنجي استادن لاءِ بہ شڪر گذاريءَ وارا جذبا رکندو آهي، ڇو جو اهي سندس نظر ۾ ڪمال جو هڪ نمونو هوندا آهن. اڳتي هلي جڏهن فرد جي عمر ۾ ترقي ٿيندي آهي ۽ فوق الشعور خانداني الجهاءَ جي جاءِ والاريندو آهي تہ فوق الشعور ڪمال کي حاصل ڪرڻ واري خواهش جو حامي بڻجي ويندو آهي ۽ اڻ کٽ ڪمال جي لاءِ مطالبو ڪرڻ لڳندو آهي.

ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انسان جي لاشعور ، يعني روح جي طلب ۾ سونهن (يعني خدا جي طلب، جيڪو سونهن ۾ ڪامل آهي) جو جذبو آهي ۽ انسان پنهنجي سڄي ڄمار انهيءَ جذبي جي پورائو ۽ اطمينان جي لاءِ تمام ئي پلي، تمام ئي پوري ۽ تمام ئي اوڇي جي ڳولا ۾ ڪوشش ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن ڪا هڪ شيءِ سندس جذبي کي مطمئن نہ ڪري سگهي تہ وري ٻئي ڏانهن منهن ڪندو آهي، وري ٽئين شيءِ ڏانهن. اهو ئي جذبو ڪمال تي پهچڻ جي انهيءَ خواهش جو سبب آهي، جنهن جي پنيرائي فوق الشعور جي ذمي آهي. اڻ کٽ سونهن ۽ ڪمال جي لاءِ فوق الشعور جو مطالبو ان کانسواءِ ٻيو ڪهڙو مطلب رکي ٿو تہ هو الله تعاليٰ کي ئي گهري ٿو. ڇو جو انسان جي

اج تائين اڻ ڪٿ سونهن ۽ ڪمال ڪي، خدا جي تصور ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن تصور ڏانهن نسبت نٿي ڏئي سگهجي.

## هيگل جي خدا لاءِ واڪاڻ

هيگل جي نظر ۾ بجا طور تي خدا جي لاءِ ئي واڪاڻ آهي. ڇو جو هو هڪ اهڙي هستي آهي، جنهن جي سونهن ۽ ڪمال جي ڪا حد نہ آهي.

## ڏکيائن جو حل

جيڪڏهن اسان فرض ڪريون تہ لاشعور جو جذبو سونهن ۽ ڪمال جي لاءِ آهي ۽ فوق الشعور لاشعور جي خواهشن جي اها ترجماني آهي، جيڪا شعور ڪڏهن ڪندو رهندو آهي، تہ اسان کي فرائڊ جي نظرئي تي اٿيل سمورن سوالن جو تسلي جوڳو جواب ملي ويندو. مثالي نمونن جي محبت جو ڪارڻ ، سڏو سنئون لاشعور جو دٻاءُ آهي. تنهن ڪري اها محبت، انساني نفس جو هڪ مستقل ۽ قدرتي وظيفو آهي، جيڪو ڪنهن خانداني الجهاءَ جو نتيجو نہ، پر خانداني الجهاءَ ان جو نتيجو آهي. جيئن تہ لاشعور جو سونهن ۽ ڪمال وارو نظريو انسان جي فطرت جي هڪ مستقل گهرج آهي، ان جو ڪمال زندگيءَ جي منڍ کان ئي شروع ٿي ويندو آهي. ننڍپڻ ۾ اهو جذبو پهريان ماءُ پيءُ ۽ پوءِ استادن ۽ بزرگن جي محبت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. جڻ تہ اهي شخصيتون ٻار جي لاءِ مثالي نمونو ٿيندا آهن. پر جيئن جيئن شعور جي چاڙ ترقي ڪندي ويندي آهي، تيئن تيئن اهو جذبو ڪامل ترين مثالي نمونن ۾ ڳولا ۾ ظاهر ٿيندو آهي. انهيءَ مفروضي جي مدد سان، ٻالڪپڻي محبت ۽ ٻالڪپڻي بندشن جي اهڙي صحيح تشريح ٿي ويندي آهي جو پوءِ ان جي تشريح لاءِ ٻالڪپڻي جنسيت جو نظريو جيڪو فرائڊ پيش ڪيو آهي، جنهن جي ڪري ڪيس ڪيترن ئي نفسيات جي ماهرن طرفان ملامت ڪي منهن ڏيڻو پيو غير ضروري ٿي وڃي ٿو.

## مرڻ کان پوءِ جي زندگي

انسان جو هر عمل خود شعوري عمل هوندو آهي، جسم جو عمل نہ هوندو آهي. خود شعوري جسم کي پنهنجي عمل لاءِ وسيلي جي طور تي ڪم

آڻيندي آهي. تنهن ڪري هر عمل آخرڪار هڪ ذهني ڪيفيت جو نالو آهي ۽ اها ذهني ڪيفيت يا تہ خود شعوري کي محبوب حقيقي (خدا تعاليٰ) جي ويجهو آڻي ٿي، يا ان کان پري ڪري ڇڏي ٿي. تنهن ڪري اها سگهہ يا سڪون واري هوندي آهي يا ڏکن واري، يا جنت واري هوندي آهي يا دوزخ واري. پر خود شعوري جو مطلب ڇا آهي؟

انسان جي اصل حقيقت انسان جو شعور يا خود شعوري آهي، جنهن کي علامہ اقبال اجا بہ مختصر ڪري خودي (Self Ego) سڏيو آهي. تنهن ڪري اسان ان کي شعوري، خود شعوري يا خودي وارو فلسفو سڏي سگهون ٿا. وري جيئن تہ انسان جي خوديءَ جا سمورا گڻ سندس مرڪزي خاصيت مان پيدا ٿيندا آهن، جو اهو هڪ مقصد سان محبت ڪندو آهي ۽ انهيءَ مان ئي پنهنجي زندگيءَ جو نظريو اخذ ڪندو آهي، تنهن ڪري اسان ان کي زندگيءَ جي مقصدن وارو نظريو (Philosophy of Ideals) بہ سڏي سگهون ٿا. اسلام ۽ دنيا جي مذهبن جي حقيقي تعليم هڪ ئي جملي ۾ بيان ٿي سگهي ٿي:

”زندگيءَ جي مقصدن سان محبت جو جذبو، جيڪو انسان جي سمورن عملن جو سرچشمو آهي، رڳو هڪڙو مڪمل زندگيءَ جي مقصد (يعني الله تعاليٰ جي ذات) سان ئي مڪمل طرح مطمئن ٿي سگهي ٿو. انساني فطرت جو هڪ مستقل ۽ پيدائشي مطالبو آهي“.

خودي يا خود شعوري اها ئي خدائي يا نوراني توانائي آهي، جيڪا خدا تعاليٰ جي پنهنجي روح ڦوڪڻ سان پيدا ٿي. قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جڏهن ماءُ جي ڳنڀيرڻيءَ ۾ ٻار جو جسم ۽ دماغ مڪمل ٿيو تہ الله تعاليٰ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو:

﴿فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِن رُّوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ﴾ (ص: ٧٢)

ترجمو: ”پوءِ جڏهن کيس پورو ٺاهي رهان ۽ منجهس پنهنجو رُوح ڦوڪيان تڏهن کيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجو.“

اهو خدائي روح جبلتن کانسواءِ آهي. جبلتون تہ حيوان ۽ انسان ۾ هڪجهڙيون آهن. حيوان شعور تہ رکي ٿو، پر پنهنجو پاڻ کي سمجهي نٿو سگهي. يعني ان جي اندر خودشعوري نہ آهي. اها خود شعوري خدائي روح جي ڦوڪجڻ جو نتيجو آهي. اهو ئي روح زندگي آهي ۽ اهو موت سان مري نٿو پر پنهنجي عملن جي اثرن سان قائم ۽ هميشہ رهندي آهي. انهن ئي اثرن جي نوعيت موجب فرد موت کان پوءِ واري زندگيءَ ۾ جنت يا جهنم ۾ رهندو آهي.

وِٽي ۽ سگهہ جا قانون رڳو هن دنيا جي اندر رائج آهن. باقي جيڪڏهن موت کان پوءِ ٻئي ڪا دنيا آهي تہ اُها انهن قانونن جي عملي دائري کان ٻاهر آهي. موجوده زندگيءَ ۾ اسان جو هر شعوري عمل وقت ۽ وٿي جي قانونن موجب ظاهر ٿئي ٿو. پر جيڪڏهن فرائڊ جي نظرين موجب اسان جي اهڙي ڪا ذهني زندگي آهي، جيڪا انهن قانونن جي پابندي کان آجي آهي تہ ان جو مطلب چٽيءَ طرح سان اهو ٿيو تہ. اسان جي هيءَ زندگي موت کان پوءِ بہ جاري رهندي. ڇو جو موت کان پوءِ موجوده وقت ۽ جاءِ جا قانون باقي نہ رهندا. اسان جو موت پاڻ ئي وٿي ۽ وقت جي قانونن جي عمل جو نتيجو آهي، جڏهن تہ لاشعور انهن قانونن جي عمل کان مٿانهون آهي. انهيءَ ڪري ئي موت ان تي نٿو اچي، پر رڳو جسم تي اچي ٿو. جيئن تہ لاشعور عملن کي سنڀالي رکي ٿو، تنهن ڪري اهو ثابت ٿئي ٿو تہ لاشعور جسم جو نتيجو آهي. جسم جو هر ذرڙو ٽن سالن کان پوءِ بدلجي ويندو آهي. جيڪڏهن اهو عملن جو دفتر جسم سان واسطو رکي ٿو تہ پوءِ انهيءَ تبديليءَ جي منهن ڇونہ ٿو اچي ۽ ڪٿي ٿو رهي؟

## دوزخ

ڪامل سونهن جي خواهش جي گهُر. خود شعور جي فطرت جو هڪ مستقل گڻ آهي، جيڪو جسم جي موت کان پوءِ بہ ان کان جدا نٿو ٿئي. جيڪڏهن هو انهيءَ خواهش کي هن دنيا ۾ پورو نہ ڪري سگهيو. تہ اهو ضرور موت کان پوءِ ان کي پورو ڪرڻ ۽ ان جي پورائي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ کي جاري رکڻ تي مجبور هوندو. انهن رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ ۾ جيڪا تڪليف اچي ٿي، اهو ئي دوزخ آهي.

## جنت

جيڪڏهن اهو هن دنيا ۾ حقيقي سونهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سمورين ڏکيائن ۽ رڪاوٽن کي پار ڪري وڃي ۽ سمورين آزمائشن ۾ پورو لهي ٿو تہ اڳين دنيا ۾ پهچي، محبت واري رستي جون سموريون ڏکيائيون ۽ رڪاوٽون هڪدم ختم ٿي وينديون ۽ ان کي جيڪا خوشي پيدا ٿيندي، تنهن جو تصور هن دنيا ۾ نٿو ڪري سگهجي. اها ئي اُها خوشي آهي جنهن جو نالو جنت آهي. قرآن ڪريم ٻڌائي ٿو:

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ أُخْفِيَ لَهُم مِّن قُرَّةِ أَعْيُنٍ جَزَاءًۢ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

﴿السجدة: ١٧﴾

ترجمو: ”پوءِ جيڪو اکين جو ٺار انهن لاءِ لڪايو ويو آهي سو ڪو جيءَ نہ ڄاڻندو آهي، اُهو بدلو هنن جيڪي ڪمايو هو تنهن سببان آهي.“

رسول الله ﷺ جن جي حديث آهي تہ: ”لَا عَيۡنٌ رَاتُ وَلَا اذنٌ سَمِعَتُ وَلَا خَطَرَ عَلٰي قلب بشر“ يعني نہ ڪنهن اک ان کي ڏٺو آهي نہ ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نہ ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو پوري طرح سان خيال ئي آيو آهي.

پاڻ هيئن بہ فرمايائون: ”الدنيا سجن المؤمن و جنته الكافر“ يعني دنيا مؤمن جي لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر جي لاءِ جنت آهي.

## موت کان پوءِ ذهني ڪيفيتن جي حالت

خود شعوري اڳئين دنيا ۾ پنهنجي ذهني ڪيفيتن کي هڪ ٻاهرين شڪل ڏيندي ۽ ايئن ڪرڻ وقت اها انهن شين کي ڪم ۾ آڻيندي، جيڪي هن دنيا ۾ سندس تجربي ۾ اچي چڪيون هونديون ۽ جيڪي ان جي ذهني ڪيفيتن جي ٻاهرين جسامت ۽ شڪل جي لاءِ تمام ئي مناسب هونديون. ايئن قرآن ڪري چيو: ”قَالُوا هٰذَا الَّذِي رُزِقۡنَا مِن قَبۡلُ وَأُتُوا بِهِ مُتَشَابِهًا ﴿البقرة: ٢٥﴾“ يعني جنتي چوندا تہ هي تہ ساڳيون ئي نعمتون آهن، جيڪي اسان کي دنيا ۾ ڏنيون ويون هيون. حقيقت ۾ اهي نعمتون هن دنيا جي نعمتن سان ملندڙ جلندڙ هونديون.

تنهن ڪري برڪلي (Berkeley)، هيگل (Hegel)، ڪروچي (Croce)، جينٽلي (Gentiley) جهڙا فيلسوف ۽ ايڊنگٽن (Edingtin) جهڙا سائنسدان بلڪل صحيح چون ٿا تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪنهن شيءِ جي موجودگيءَ جي اسان کي پڪ ٿي سگهي ٿي، تہ اهي اسان جون ذهني ڪيفيتون آهن. سو جهڙي طرح هن دنيا جي ذهني ڪيفيتن کانسواءِ ڪا شيءِ حقيقت ۾ موجود نہ هوندي، جهڙي طرح هن زندگيءَ ۾ ٻاهرين دنيا اسان جي ذهني ڪيفيتن جي تصوير آهي، اهڙي طرح اڳئين جهان ۾ بہ ٻاهرين دنيا اسان جي ذهني ڪيفيتن جي تصوير هوندي.

## خواب واري جهان جو مثال

اسان جي خوابن ۾ جيڪا شيءِ اصل ۾ موجود هوندي آهي، سا اسان جي ذهني ڪيفيت هوندي آهي. پر انهيءَ ذهني ڪيفيت موجب اسان ٻاهر هڪ دنيا پيدا ڪري وٺندا آهيون، جنهن ۾ اسان ڏسندا، ٻڌندا، ڇهندا، سنگهندا، چرپر ڪندا، سوچيندا، چاڙيندا ۽ محسوس ڪندا آهيون. جڏهن ته اسان جو جسم هڪ جاءِ تي پيو هوندو آهي ۽ اسان جي ظاهري طاقتن جو عمل بيئنل هوندو آهي.

## اڳئين دنيا جون شيون

تنهن ڪري اڳئين دنيا اندر دوزخ جي باهه ۾ ضريع (هڪ قسم جو ڪنڊيدار ٻوٽو يا گاهه جنهن جي ڪائڻ سان جانور ڏٻرو ٿي ويندو آهي)، زقوم (ٿوهر) ۽ حميم (ٿهڪندڙ پاڻي) ۽ جنت ۾ حورون، غلمان، واهيون ۽ باغ باغيچا، اهي سموريون شيون اسان جي ذهني ڪيفيتن جون ٻاهريون شڪليون هونديون. ڇو جو اهي انهن جي ٻاهرين جوڙجڪ جي لاءِ تمام ئي موزون هونديون. اهي شيون مادي دنيا جي شين کان گهٽ اصلي نه هونديون، ڇو جو مادي دنيا جون اهي شيون، اسان جي ذهن کان جدا ڪوبه وجود نٿيون رکن. انهيءَ ڪري اڳئين دنيا ۾ ٻاهر جون شيون هر لحاظ کان اهڙيون ئي سچيون پچيون شيون هونديون، جهڙيون اسان هن دنيا ۾ ڏسون ٿا.

جيئن ته خود شعوري پنهنجي گذريل (دنياوي) زندگي جي واقعن ۽ تجربن کانسواءِ ڪنهن اهڙي مواد يا سامان کي نٿيون ڄاڻن، جنهن جي وسيلي هو انهن جي ٻاهرين جوڙجڪ ڪري سگهي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جنت جي نعمتن ۽ دوزخ جي سزائن جي تشريح ڪندي، انهن شين جو ذڪر ڪيو آهي، جن کان اسان واقف آهيون. قرآن ڪريم جو اهو ذڪر استعارن ۽ تشبيهن جي طور تي نه، پر انهيءَ لاءِ آهي ته جنت ۽ دوزخ ۾ اهي شيون قرآن جي تشريح مطابق موجود هونديون. فرق رڳو اهو هوندو ته دوزخ ۽ جنت جون اهي شيون، دنيا جي شين کان وڌيڪ خوفناڪ هونديون يا وري وڌيڪ خوشي ۽ فرحت ڏيندڙ هونديون.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جنت ۽ دوزخ جا مختلف درجا

جيئن تہ اڳئين دنيا ۾ هر فرد جون ذهني ڪيفيتون مختلف هونديون، تنهن ڪري انهن ڪيفيتن جي مقابلي ۾ هر فرد جي لاءِ ٻاهريون شيون بہ پنهنجي مقدار ۽ نوعيت جي لحاظ کان مختلف هونديون. هر خود شعوري هڪ جدا دنيا هوندي، جيڪا هُن دنيا جي زندگي ۾ پنهنجي لاءِ تيار ڪري رکي هئي. هر خود شعوري جي دوزخ جو گرمي پد جدا هوندو ۽ هر خود شعوري جي غلمانن ۽ حورن جي سونهن سوڀيا ۽ پيار محبت جي ڪيفيت جدا هوندي. اها ڪيفيت خود شعوري جي محبت واري مرتبي سان نسبت رکندڙ هوندي. جيئن تہ دوزخ ۽ جنت رڳو خود شعوري جي ذهني ڪيفيتن منجهان پيدا ٿيندا، تنهن ڪري جيئن جيئن خود شعوري جي محبت جي ارتقا ٿيندي ويندي ۽ سندس ذهني ڪيفيتون پنهنجي تڪليف ڏيندڙ عنصرن کي وساريندي وينديون، ان لاءِ دوزخ جو عذاب گهٽبو ويندو ۽ جنت جون خوشيون وڌنديون وينديون.

## اعمال نامو

موت کان پوءِ اسان جون شعوري سرگرميون ختم ٿي وينديون آهن. تنهن ڪري اسان جي خود شعوري جا گذريل سمورا عمل، جيڪي لاشعور ۾ ويڙهيل ۽ محفوظ هوندا آهن، ذهني ڪيفيتن جي هڪ سلسلي طور ان جي سامهون اهڙي طرح کلي ويندا آهن، جيئن سينيما جو ويڙهيل ريل کُلي ويندو آهي:

وَنُخۡرِجُ لَهٗ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ كِتَابًا يَّلۡقَاهُ مَنۡشُوۡرًا ﴿الإسراء: ١٣﴾

ترجمو: ”۽ قيامت جي ڏينهن اسان هڪ اهڙي لکت ان جي سامهون آڻينداسين جنهن کي هو پنهنجي سامهون کليل ڏسندا.“

خود شعوري مجبور هوندي آهي، تہ نہ رڳو انهيءَ ريل جي هر فوٽو گراف ۾ ٻيهر پنهنجو مشاهدو ڪري، پر هر فوٽوگراف ان جي جنهن منظر کي محفوظ ڪري ٿو ان کي ٻيهر هلائي ۽ پنهنجي عمل کي ٻيهر ورجائي، هڪ هڪ ڪري هر ذهني ڪيفيت مان ٻيهر گذري. جيڪڏهن اهي ذهني ڪيفيتون خوشين واريون هونديون، تہ انهن جي خوشي انهن سمورن ڏکن

ڪان، جيڪي دنياوي زندگيءَ ۾ خود شعوري جي چڪتاڻ ۽ جاڪوڙ مان پيدا ٿي ڪيس بگاڙي رهيون هونديون آهن، وڌيڪ هوندي آهي. پر جيڪڏهن اهي ڏکن سان پريل هونديون تہ انهن جو ڏک انهن سمورن ڪوڙين خوشين ڪان، جيڪي خود شعوري جي غلط فهمين سان پيدا ٿي ان جي اصليت کي لڪائي رهيون هيون، وڌيڪ هوندو آهي. خود شعوري پنهنجي انهن گذريل ذهني ڪيفيتن مان ڇو گذرندي آهي؟ ان جو سبب هي آهي تہ ڪيس پنهنجي گهربل منزل ڏانهن ارتقا ڪرڻي هوندي آهي. اها گهربل منزل حقيقي سونهن (خدا) جي محبت جو اهو ڪمال آهي، جنهن کي سندس فطرت هر حال ۾ ماڻڻ گهري ٿي. هن دنيا ۾ خود شعوري جو هر عمل يا تہ ڪيس محبوب جي ويجهو آڻي ٿو يا ان کان پري ڪري ڇڏي ٿو. غلطين جي ڪري پنهنجي وڃايل مرتبن کي حاصل ڪرڻ واري انهيءَ جاڪوڙ ۾، خود شعوري کي پنهنجي نيڪ عملن، جيڪي ڪيس محبوب (خدا) جي ويجهو آڻڻ جو سبب ٿيا هئا، آسانيون پيدا ڪن ٿيون. اهي ڪيفيتون ان جي ڪوتاهين جي تلافي جي ڪوشش ۾ ان جي مدد ڪنديون آهن.

## حساب جي نوعيت

تنهن ڪري موت ڪان پوءِ، پنهنجي دوزخ يا پنهنجي جنت جي جنهن جاءِ ڪان خود شعوري پنهنجي ارتقا جي شروعات ڪري ٿي، سا آخرڪار انهيءَ ڳالهہ تي دارومدار رکندي آهي تہ دنيا جي زندگي ۾ خود شعوري پنهنجي محبوب ڏانهن جيترو اڳتي وڌي هئي ۽ جيترو پوئتي هٽي هئي، انهن ٻنهي وٿين جو فرق ڇا آهي؟ اهو ئي خود شعوري جو ”حساب“ آهي. انهيءَ حساب جو نتيجو اهو هوندو آهي جو ڪي دوزخ مان پنهنجي ارتقا جي شروعات ڪندا آهن ۽ ڪي وري جنت ڪان. ڪي وري بد قسمت هوندا آهن ۽ ڪي خوش قسمت هوندا آهن. انهن ٻنهي حالتن ۾ زمين آسمان جو فرق هوندو آهي.

## فرد جا عمل ۽ انسانذات

هر فرد پنهنجو هڪ جدا وجود رکي ٿو. پر ان جي باوجود هو هڪ وڏي وجود جو اڻٽٽ جزو آهي ۽ اهو وجود سموري انسان ذات جو آهي. تنهن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري فرد جي موت کان پوءِ ان جا عمل ختم نہ ٿيندا، پر جاري رهندا آهن ۽ انسانذات جي ارتقا تي چڱو يا خراب اثر پيدا ڪندا رهندا آهن. انهن جي موت کان پوءِ جو دفتر بيِن فردن جي لاشعور ۾ پابند ٿيندو رهندو آهي.

## صالح ۽ غير صالح عمل

سنو عمل اهو آهي جيڪو فرد جي پنهنجي خود شعوري ۽ سموري انسانذات جي خودشعوري جي ارتقا ۾ مدد ڪري ٿو. جڏهن تہ برو عمل اهو آهي جيڪو انهيءَ ارتقا تي برو اثر وجهي ٿو. تنهن ڪري ضروري آهي تہ فرد جي عملن جا موت کان پوءِ وارا اثر بہ ان جي دوزخ ۽ جنت ۾ پنهنجو پنهنجو حصو ڳنڍيين.

## قيامت کان پوءِ وارن عملن جو آخري جائزو

پر سموري انسانذات جي ارتقا جي تائيدي يا مخالف، قوت جي طور تي، ڪنهن انساني فرد جي عملن جي حيثيت جو جائزو رڳو ان وقت وٺي سگهجي ٿو جڏهن انهن عملن جا اثر ۽ نتيجا ختم ٿي وڃن. يعني جڏهن هيءَ مادي دنيا ختم ٿي وڃي. تنهن ڪري جڏهن هيءَ دنيا ختم ٿيندي تہ ان وقت هر فرد جي عملن جو هڪ ٻيو حساب ٿيندو. انهيءَ حساب جي نتيجي ۾ هر انسان جي لاءِ جنت يا دوزخ ۾، آخري نڪاڻي طور جاءِ مقرر ڪئي ويندي.

## انسانذات جي عملن جو حساب

سموري ڪائنات اڪيلي فرد سان هڪجهڙائي رکي ٿي. امام ولي الله جي نظر ۾ ان جو نالو ”شخص اڪبر“ آهي. جهڙي طرح سان هڪ انسان جي موت کان پوءِ ان جي خود شعوري جو حساب ٿيندو آهي، جنهن ۾ ان جي سموري زندگي جي عملن کي جاچيو ويندو آهي، اهڙي طرح ڪائنات جي موت يا قيامت کان پوءِ ڪائنات، يعني انسانذات جي خود شعوري جو حساب ٿيندو جنهن ۾ ماضي ۽ مستقبل جي پوري زندگي جي عملن کي جاچيو ويندو.

## فرد ۽ انسانذات ۾ هڪجهڙائي

انسانذات جي ارتقا هڪ انساني فرد جي واڌ ويجهہ سان

هڪجھڙائي رکي ٿي. انسانذات جي هر نسل جا بيشمار فرد، هڪ انساني فرد جي جسم ۾ موجود بيشمار جيو گھرڙن (Cells) سان هڪجھڙائي رکن ٿا. هڪ جيئري انساني جسم جا جيو گھرڙا پيدا ٿيندا آهن، جيئرا رهندا آهن، وڌندا ويجهندا آهن، ڪم ڪندا آهن، پنهنجو نسل پيدا ڪندا آهن ۽ انهن جي ڪري جسم قائم رهندو آهي ۽ تربيت وٺندو آهي. اهي جيو گھرڙا ڪمزور ٿي مرندا رهندا آهن ۽ ٻئي وڌيڪ صحتمند ۽ وڌيڪ سگهارا جيو گھرڙا پيدا ٿي، انهن جي جاءِ والاريندا رهندا آهن ۽ پنهنجي واري سان اهي ئي ڪم ڪندا آهن، جيڪي انهن کان اڳيان جيوگھرڙا ڪندا هئا. اهڙي طرح سان هر سال جسم جي واڌ ويجهه جاري رهندي آهي.

ساڳيو ئي حال اڪيلي جسم جو آهي، جنهن کي اسان انسانذات سڏيون ٿا. انسانذات جي هر نسل ۾ ڪيترائي فرد پيدا ٿيندا آهن، جيئرا رهندا آهن، وڌندا ويجهندا آهن، ڪم ڪندا آهن، پنهنجو نسل پيدا ڪندا آهن ۽ انهن جي ڪري انساني نسل قائم رهندو آهي ۽ تربيت وٺندو آهي. فرد ڪمزور ٿي مرندا رهندا آهن ۽ ٻئي وڌيڪ تندرست ۽ وڌيڪ سگهارا فرد پيدا ٿي اڳين جي جاءِ والاريندا رهندا آهن ۽ پنهنجي واري سان اهي ئي ڪم ڪندا آهن، جيڪي ان کان اڳ وارا فرد انجام ڏيندا هئا. اهڙي طرح هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين انسانذات جي ترقي جاري رهندي آهي.

## فرد ۽ ڪائنات جي زندگيءَ جا مرحلا

هڪ انساني فرد جي زندگيءَ جا مرحلا هي آهن: پيدائش، ٻالڪپڻ، جواني، ڪرڙوڙ عمر، ڪراڙپ، موت ۽ موت کان پوءِ جي زندگي. فرد جو مادي جسم پيدا ٿيندو آهي، وڌندو ويجهندو آهي، هيڻو ٿيندو آهي ۽ مري ويندو آهي. پر ان جي خود شعوري لڳاتار ترقي ڪندي رهندي آهي ۽ ان جي ارتقا جو عمل. مادي جسم جي فنا ٿي وڃڻ کان پوءِ به جاري رهندو آهي. جسم جي فنا ٿي وڃڻ کان پوءِ خود شعوري جي سموري ترقي جو حساب ٿيندو آهي. ان کان پوءِ خود شعوري جي ترقي جاري رهندي آهي، جنهن سان ان جو دوزخ، آهستي آهستي جنت جي شڪل اختيار ڪندو ويندو آهي، جڏهن تہ جنت وري اڳي کان وڌيڪ بهتر ٿيندو ويندو آهي.

ڪائنات جي زندگيءَ ۾ بہ هڪ پيدائش آهي. ٻالڪپڻ آهي، جواني

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اڏروت پٽو آهي، ڪراڙپ آهي، موت آهي ۽ موت کان پوءِ وري زندگي آهي. ڪائنات (انسانذات) جو مادي جسم پيدا ٿيندو آهي، وڌندو ويجهندو آهي، هيٺو ٿيندو آهي ۽ مري ويندو آهي. پر ڪائنات يعني انسانذات جي خودشعوري لڳاتار ارتقا ڪندي رهندي آهي ۽ ان جي ارتقا جو عمل ڪائنات جي مادي جسم جي فنا ٿيڻ کان پوءِ بہ جاري رهندو آهي. جيئن تہ مادي ڪائنات جي فنا کان پوءِ، هر فرد جا عمل آخري طور تي ختم ٿي ويندا، تنهن ڪري انسانذات جي خود شعوري جي سموري ترقي جو حساب ٿيندو، جنهن جي ڪري انسانذات جي گڏيل ارتقا ۾ هر انساني فرد جو سمورو حصو اتي جو اتي دوزخ يا جنت ۾، ان جي جاءِ تي اثر انداز ٿيندو. انهيءَ آخري حساب کان پوءِ انسانذت جي ترقي جاري رهندي، جنهن سان ان جو دوزخ آهستي آهستي جنت جي شڪل اختيار ڪندو ۽ جنت وري اوچي کان اوچو ٿيندو ويندو. ايستائين جو ڪائنات جي خالق جو مقصد پورو ٿي ويندو ۽ پوءِ وري هڪ نئي ڪائنات جي پيدائش ڏانهن ڏيان ڏيندو.

## جنت ۽ خدا

هن دنيا ۾ اسان ڪائنات جي خلقڻهار جي خود شعوري ۾، تصورن جي طور تي جيئرا آهيون ۽ ارتقا ڪري رهيا آهيون. اڳيئن جهان ۾ بہ اسان جي حيثيت ساڳي ئي هوندي. جڏهن اسان ارتقا جي ڪمال کي پهچنداسين تہ اسان ڪائنات جي خالق جي هڪ اهڙي مثالي نموني جي حيثيت سان، جيڪو حاصل ٿي چڪو هجي، سدائين جيئرا رهنداسين ۽ ڪاميابي اسان جي لاءِ ۽ اسان جي خالق لاءِ تمام ئي ابدي درجي جي خوشين جو سبب هوندي. هو اسان کان راضي هوندو ۽ اسان ان کان راضي هوندا سين ۽ اِها اُها جنت هوندي، جنهن کي ڪڏهن بہ زوال نہ هوندو.

## قيامت جا سائنسي دليل

ڪائنات جي موت يا قيامت جي سلسلي ۾ هتي انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ بي وقتو نہ ٿيندو تہ طبيعيات جي هڪ قانون جي لحاظ کان، جنهن کي ڪارنات (Carnot) جو اصول يا ٿرمو ڊائنا مڪس (Thermodynamics) جو ٻيو قانون سڏيو ويندو آهي، هاڻي اهو مڃيو ويو آهي تہ ڪائنات هڪ شروعات ۽ هڪ پڇاڙي رکندي آهي. يعني ماضي ۾

هڪ خاص وقت تي ظاهر ٿي هئي ۽ مستقبل ۾ هڪ خاص وقت تي ختم ٿي ويندي.

انهيءَ سموري بحث ۾ ڊاڪٽر رفيع الدين آخرت واري زندگيءَ ۾ آسودن، وڏائي ڪندڙن ۽ وڏيرن ۽ انهن جي پيٽ ۾ مسڪين، عوام تي آڏاريل طبقن بابت اهو نہ ٻڌايو آهي انهن ٻنهي طبقن مان ڪهڙو طبقو آخرت واري زندگيءَ ۾ وڏيڪ ڪامياب ٿيندو ۽ ڪهڙو وڏيڪ عذاب ۾ مبتلا ٿيندو. اهي ٻئي معاشي طبقا آهن. هڪڙو طبقو پيداواري وسيلن تي قابض هئڻ ڪري محنت جو استحصال ٿو ڪري ۽ ٻيو طبقو محروم هئڻ سبب پنهنجي محنت وڪڻي رڳو پيٽ ٿو پالي. ٻنهي طبقن جا معاشي حالتن جي ڪري، بہ مختلف اخلاق پيدا ٿين ٿا. اهي طبقا تاريخ ۾ آقا، جاگيردار ۽ صنعتي سرمائيدار ۽ ان جي مقابلي ۾ غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام جي شڪل ۾ هوندا آهن.

قرآن ڪريم جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل طبقو، آخرت واري زندگيءَ ۾ پنهنجي دولت جي جهجهائيءَ سبب پيدا ٿيندڙ اخلاقي بڇڙائين جي ڪري، وڏيڪ عذاب ۾ گرفتار هوندو. اهو ئي طبقو اقتدار تي بادشاهت ۽ سرمائيداراڻي جمهوريت جي شڪل ۾ پڻ قبضو ڪري ويٺل هوندو آهي. انهيءَ طبقي جا ساٿي بدديانتي، رشوت خوري ۽ وڏين وڏين رقمون ڦبائڻ سان پنهنجي لاءِ دولت پيدا ڪندا آهن. انهيءَ طبقي ۾ بئنڪن جا ڊائريڪٽر، انهن کان قرض کڻندڙ اعلي عملدار، ڊرگ مافيا ۽ ٻئي چالاڪ، ٺڳ ۽ مفاد پرست ماڻهو شامل هوندا آهن.

مزدور پنهنجي غربت، مسڪيني ۽ هيٺائپ جي ڪري چوري، ڌاڙي يا اهڙي قسم جي ٻين ڏوهن ۾ ملوث ٿي وڃن ٿا، پر اهڙا ماڻهو تمام ئي ٿورڙا هوندا آهن. انهن مان بہ اهڙن ڦورن جي پٺڀرائي دولتمند ۽ اعلي عملدارن جا فرد ئي ڪندا آهن. انهيءَ بابت شرڪ واري باب ۾ آيتون ڏنيون ويون آهن، جن جو اتي مطالعو ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب نائون

# اياڪ نعبد

هن آيت سڳوري جي ذريعي سورت الفاتحہ ۾ زندگيءَ جي سڌاري ۽ تڪميل لاءِ بنيادي اصول ۽ قانون بيان ڪرڻ کان پوءِ، دعا وارو انداز اختيار ڪيو ويو آهي. اهو انداز ٻڌائي ٿو تہ جن عملن ۽ عقيدن سان انسان تباهي ۽ برباديءَ جو شڪار ٿئي ٿو انهيءَ کي وحي جي ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ بدران، انسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ انهن جو اقرار ڪري. بيان جو اهو انداز فرد جي نفسيات ۾ هاڪاري ۽ ناڪاري، ٻئي عقيدا ۽ عمل مضبوط ڪرڻ ۾ تمام ئي مددگار آهي. ڇو جو ان ۾ انسان ٻئي جي زبان سان نٿو ٻڌي، پر پنهنجي زبان سان مڃي ٿو ۽ انهن کان بچڻ لاءِ پنهنجي پالڻهار کان دعا گهري ٿو. علامہ اقبال فرمايو آهي تہ دعا انسان جي نفسيات کي بہ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي ۽ انهيءَ سان انسان پاڻ ئي بدلجي ويندو آهي.

اهڙي طرح خدا تعاليٰ جي هستي، ان جي ربوبيت ان جي عام رحمت ۽ دنياوي ۽ آخرت واري عدالت جي عقيدي تي ايمان آڻڻ کان پوءِ، فرد انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ انساني زندگي کي ڪامياب ڪرڻ وارن انهن عقيدن کانسواءِ ٻيو ڪو رستو ئي نہ آهي. تنهن ڪري هو دعا ڪري ٿو. اقرار ڪري ٿو ۽ واعدو ڪري ٿو تہ هو انهن عقيدن ۽ انهيءَ رستي کانسواءِ ٻئي ڪنهن عقيدي کي پنهنجائڻ ۽ ٻئي ڪنهن رستي تي هلڻ جي ڪوشش نہ ڪندو. اها دعا، اهو اقرار يا واعدو هڪ فرد پنهنجي خالق سان بہ ڪندو آهي ۽ پنهنجي فطرت جي اعليٰ حصي سان بہ ڪندو آهي، جيڪو خدائي روح تي مشتمل هوندو آهي. ڇو جو خدا انسان کان پري نہ آهي، ان جي فطرت جو حصو آهي ۽ انسان جي ساهہ واري رڳ کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي. الله تعاليٰ سان واعدو پنهنجي فطرت جي اعليٰ حصي کي پنهنجي ادنيٰ حصي تي سوڀارو رکڻ جو اقرار آهي. قرآن کان سواءِ گيتا بہ انهيءَ فلسفي تي ڀرپور روشني وڌي آهي.

گيتا جي نظر ۾ جسم ۽ ان جي جبلتن جون حيواني گهرجون انسان جي ادنيٰ فطرت آهي. گيتا انهيءَ کي ”اپراپر ڪرتي“ سڏي ٿو. اها ادنيٰ فطرت ٽن بنيادي جذبن، ڪم (جنسي خواهش)، لوڀ (لالچ ۽ خود غرضي) ۽ ڪروڌ (ڪاوڙ ۽ نفرت ڀريل جذبن)تي آڌاريل آهي. قرآن ڪريم وري ٻڌائي ٿو:

انطَلِقُوا إِلَىٰ ظِلٍّ ذِي ثَلَاثِ شُعَبٍ (٣٠) لَّا ظَلِيلٍ وَلَا يُغْنِي مِنَ اللَّهَبِ (٣١)

﴿المرسلات﴾

ترجمو: ”(ڇئبن تہ اي بدڪارؤ) ٽن شاخن واريءَ ڇانوَ ڏانهن وڃو. نہ ٿڌي ڇانوَ هوندي ۽ نہ (باهہ جي) توَ کان توکي بچائيندي.“

يعني اهو تہ رخو پاڇو شهواني قوت، لوڀ ۽لالچ ۽ ڪروڌ ۽ ڪاوڙ وارن جذبن جو عڪس آهي.

انساني فطرت جو ٻيون درجو جيڪو تمام ئي نازڪ آهي، حواس، عقل ۽ چاهت (دل) وغيره آهي. گيتا انهيءَ کي ”پاپر ڪرتي“ سڏي ٿو. فطرت انساني جو ٽيون درجو روح آهي، جنهن کي قرآن ڪريم خدائي روح جو ڦوڪجڻ چوي ٿو. اهو حقيقي انسان آهي ۽ هي موت کان پوءِ پنهنجي عملن جي اثرن سان جسم کان جدا ٿي ويندو آهي. پهريان ٻہ درجا جسم ۽ عقل وغير روح جي لاءِ لباس جي حيثيت رکندا آهن. انهيءَ روح کي علامہ اقبال خودي (Ego) سڏي ٿو.

گيتا جي نظرئي موجب اهو روح قائم رهي ٿو ۽ ڪڏهن بہ فنا نٿو ٿئي. ٻالڪپڻ ۾ ساڳيو تہ جواني ۽ ڪراڙپ ۾ بہ ساڳيو ئي هوندو آهي. اهو ڪڏهن بہ بدلجي نٿو ۽ اهو ئي اصل شيءِ آهي. انسان نہ جسم جو نالو آهي نہ عقل جو ۽ نہ ئي چاهت جو پر اهو روح جو نالو آهي. اهو روح هميشہ رهندڙ آهي ۽ اهو ئي الاهي قوت (Divine Energy) آهي. گيتا انهيءَ کي اعلي فطرت سڏي ٿو.

قرآن چيو آهي تہ فرد جيڪو بہ نيڪ ڪم ڪري ٿو. عبادت، رياضت وغيره، اهي سڀ سندس ئي ڀلي جا عمل آهي.

مَّنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ

﴿فصلت: ٤٦﴾

ترجمو: ”جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ (ڪندو) تنهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ئي اُن جو نقصان) آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار ٻانهن تي ظلم ڪرڻ وارو آهي.“

گوتم ٻڌ ٻه فرمائي ٿو ته چور انهيءَ لاءِ چوري ڪري ٿو ته هو ڀاڱئي ڪي وڏيڪ واپس ڪري. قاتل جو خنجر آخر ڪار ڏانهن ئي واپس ايندو آهي. بدڪار جي بدڪاري باهه وانگر سندس ئي ذات کي ساڙي ڇڏيندي آهي. مهاتما جي اهڙي اعلي تعليم جا لفظ بهار صوبي ۾ ٻڌ ڌرم جي نالنده يونيورسٽيءَ جي مک دروازي تي لکيل آهن. انهن جو مطلب به اهو ئي آهي ته، فرد کي نيڪ ۽ بد عملن جا نتيجا ڪيس ئي ڀوڳڻا پوندا آهن. الله تعاليٰ سان انهن جو ڪوبه واسطو نه آهي.

فرد جڏهن پنهنجي خالق کي ايئن چوي ٿو ته توکانسواءِ ٻيو ڪنهن جي به عبادت نه ڪندس، ته ان جو مطلب هي هوندو آهي ته ڪجهه هستيون ۽ شيون اهڙيون به آهن، جن جي اطاعت ۽ پوڄا به ٿي سگهي ٿي. قرآن ڪريم ۾ جڏهن غور ڪري ڏسبو ته خبر پوندي ڀهرين ڳالهه جنهن جي قرآن مخالفت ڪئي آهي سا بت پرستي آهي. فطرت جي جلالي ۽ جمالي قوتن کي شخصي روپ ڏئي، انهن ۾ خدائي صفت منسوب ڪري انهن جي پوڄا ڪرڻ، عبادت جو غلط طريقو ۽ جاءِ آهي. ان جو سبب هي آهي ته هڪ ته اها ڳالهه انسان جي عظمت جي خلاف آهي. ڇو جو انسان پاڻ ڪائنات جي سمورين قوتن، ويندي ملائڪن کي به فرمانبردار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هو پاڻ ئي انهن جي عبادت ۾ لڳي وڃي ٿو. ان جو ٻيو سبب هي آهي ته عبادت جو اهو طريقو انسانن ۾ وهمن کي پکيڙي ٿو. جنهن ڪري اهي پنهنجي خالق حقيقي الله تعاليٰ جي ذات سان سڌو سنئون پنهنجو لاڳاپو قائم ڪري نٿا سگهن. تيون اهو ته عبادت جي انهيءَ طريقي ۾ مذهبي پيشوائيت جي ضرورت هوندي آهي ۽ اها پيشوائيت مختلف طريقن سان عوام کان پئسو ڦريندي آهي. پنهنجو پاڻ کي انهن لاءِ ڇوٽڪارو ڏياريندڙ ٻڌائيندي آهي ۽ عوام کي عام تعليم کان وانجهيل ڪري ڇڏيندي آهي ته جيئن اهي پاڪ ڪتابن جو پاڻ مطالعو نه ڪري سگهن. انهيءَ مذهبي ٺيڪيداري واري نظام پويان رعايتون ڏنل طبقو پنهنجو پاڻ کي لڪائي ويٺندو آهي. اهو طبقو مذهب جي نالي تي ۽ پاڪ ڪتابن جي سند سان، مزدورن جي محنت جي استحصال جو جواز حاصل ڪري وٺي ٿو. ٻئي پاسي مذهبي پيشوا عوام

اڳيان هيءَ مرني وڃائيندو رهي ٿو تہ دولتمند جي دولت خدا تعاليٰ جي طرف کان آهي، اهو ئي تقديرون لکڻ وارو آهي. اهڙي طرح معاشري جي طبقاتي ورڇ کي خدا جي نالي تي قائم رکيو ويندو آهي ۽ عوام کي مختلف ديوتائن وغيره ۽ خدا جي نالي تي ڦريو ويندو آهي.

ٻئي ڳالهہ انسان جو پنهنجي نفساني خواهشن کي الہ يعني مقصد بڻائي ڇڏڻ آهي. شرڪ واري باب ۾ اڳي ئي ٻڌائي چڪا آهيون تہ نساني خواهشن جي پورائي لاءِ جاکوڙيندڙ طبقو، حڪمران ۽ دولتمند ماڻهن تي مشتمل هوندو آهي. غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام تہ پنهنجي محنت سان ايترو ٿڪجي پوندو آهي، جو هو ٻئي ڪنهن ڳالهہ تي ڌيان ئي نہ ڏئي سگهندو آهي. نہ ئي وٽس اهڙا موقعا ۽ ايتري دولت هوندي آهي، جو هو پنهنجي خواهشن جي پورائي لاءِ ٻين کي دوکو ڏئي سگهي؛ جهڙي طرح سان رعايتون ڏنل طبقي جا فرد ڪندا آهن. سورت الجاثيہ جي آيت ۾ انهيءَ موضوع تي تفصيلي بحث ٿي چڪو آهي.

ٽئين ڳالهہ توحيد پرست مذهبن جو اڪيلي الله جي عبادت بابت آهي. انهيءَ سلسلي ۾ عبادت جو مطلب نماز ورتو ويندو آهي ۽ ان کي ئي عبادت سڏيو ويندو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ظاهري ادبن سان الله تعاليٰ جي اڳيان بيهڻ ۽ رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ بہ خدائي عبادت جي هڪ شڪل آهي، جنهن سان فرد جو پنهنجي مالڪ حقيقي يا پنهنجي فطرت جي اعليٰ حصي سان لاڳاپو قائم ٿي ويندو آهي ۽ فرد انهيءَ عبادت ڪرڻ ۾ پنهنجي نفساني خواهشن کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي طرح سندس نفس جو سڌارو ۽ صفائي ٿيندي آهي ۽ هو جبلتن جي حيواني گهرجن تي، پنهنجي خدائي فطرت جي مطالبن کي سوڀارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

پر انهيءَ ظاهري عبادت کانسواءِ عبادت جو هڪ ٻيو قسم بہ آهي. اهو آهي معاشري جي طبقاتي بيهڪ کي بدلائڻ لاءِ ڪوشش ۽ ان جي بدلي ۾ ايندڙ تڪليفن تي صبر ڪرڻ. سورت المزمل ۾ جتي پاڻ سڳورنﷺ کي رات جي وقت ۾ بيهڻ ۽ رڪوع ۽ سجدن جي اجازت ڏني وئي آهي، اتي ڪين اهو بہ حڪم ڪيو ويو آهي تہ ڏينهن جي وقت سندن مٿان هڪ عظيم ذميواري حوالي ڪيل آهي، ان کي نڀائڻ لاءِ رات جو بيهڻ (قيام)، رڪوع ۽

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجدي واري وقت کي گهٽ ڪن. شروع ۾ سورت الم نشرح ۾ چيو ويو آهي تہ قوم جي سڌاري جي ڳري بار جو غم تنهنجي چيلهہ ڀڃي رهيو هو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ رات جو قيام، انهيءَ ڳري بار کي برداشت ڪرڻ ۽ معاشري جي انقلابي سڌاري کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ تياري جو هڪ ذريعو بہ هو. ڇو جو خدائي توحيد جي روشني ۾ معاشري جي طبقاتي طريقي کي بدلائي، جيڪو هڪٻئي ۾ جدائي ۽ شرڪ جو سبب آهي، وحدت قائم ڪرڻ ۽ طبقن کان مٿانهون غير طبقاتي معاشرو اڏڻ ئي نبوت جي ذميواري آهي. جيڪڏهن قيام ۽ سجدا معاشري جي غير طبقاتي اڏاوت واري مقصد کان هٽي، پنهنجو پاڻ ئي مقصد بڻجي وڃن تہ اها ڳالهہ خدائي مرضي ۽ نبوت جي ذميوارين جي خلاف ڳالهہ هوندي.

افسوس ان ڳالهہ جو آهي تہ اسلام ۽ ٻين مذهبن جي مذهبي پيشوائيت قيام ۽ سجدن (نماز)کي ئي رڳو مقصد بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ کي ئي ”عبادت“ ٻڌائي ڇڏيو آهي. جڏهن تہ معاشري جي طبقاتي بناوت کي تبديل ڪرڻ جي عمل کي عبادت جي عنوان مان ئي ڪڍي ڇڏيو ۽ ان کي هڪ دنياوي ڪاروبار سمجهي ورتو.

سمورا نبي سڳورا، پوءِ ڀلي اهي سامي نسل جا هجن يا آريائي ۽ زرد قومن سان واسطو رکندا هجن، سڀني جي عمل ۾ اها ڳالهہ ساڳي نظر اچي ٿي تہ انهن نمازن کانسواءِ معاشري جي اصلاح لاءِ ڏاڍن سان مٿو اٽڪايو. انهيءَ لاءِ ڪين سخت سورن سان منهن ڏيڻو پيو، جلاوطن ٿيڻو پيو يا وري ڪين قتل ڪيو ويو. جيڪڏهن اهي نبي سڳورا خاموشيءَ سان ظاهري عبادتن ۽ رياضتن ۾ رُڌل رهن ها ۽ انهيءَ ئي طريقي تي رهڻ لاءِ تبليغ ۽ تاڪيد ڪن ها، جنهن کي اسان جي ڪجهہ عالمن ”دعوت و ارشاد“ جو نالو ڏئي ڇڏيو آهي، تہ رعايتون ڏنل ۽ حڪمران طبقي سان مهاڏو اٽڪائڻ جي انهن کي ڪابہ ضرورت نہ هئي.

جيڪڏهن ايئن چئجي تہ اهي بتن جي خلاف تبليغ ڪندا هئا، تنهن ڪري انهن جي مخالفت ڪئي ويندي هئي، تہ هن ڳالهہ کان اڳ ٻڌايو ويو آهي تہ بتن جي مخالفت اصل ۾ انهن تي قائم ڪيل ٺيڪيداري ۽ مذهبي پيشوائيت واري نظام جي مخالفت هئي، جيڪا انهن بتن جي نالي تي رعايتون ڏنل طبقي رائج ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ ڪري قرآن ٻڌايو آهي تہ نبين

سڳورن کي چيو ويو ته تنهنجي نماز اسان جي دولت ۾ هٿ ٿي وجهي. صفا جبل تي جيڪا دعوت ڏني وئي ته پاڻ سڳورن ﷺ جي چاچي ام جميله چيو هو ته توکي انهيءَ لاءِ پاليو سين ته تون اسان جي دولت ۾ هٿ وجهه؟ انهيءَ سلسلي ۾ سورت القصص جي آيت نمبر 5 تمام ئي اهم حيثيت رکي ٿي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نبين سڳورن جي موڪلڻ جو مقصد ئي اهو آهي ته محروم، مزدور ۽ پٺتي پيل فردن کي، جن جو وڏو تعداد غلامن تي مشتمل هوندو هو. تن کي ذلت واري زندگيءَ مان ڇوٽڪارو ڏئي، انهن کي معاشي خوشحالي، سياسي اقتدار ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن سان نوازيو وڃي. آيت جا لفظ هي آهن جن ۾ فرعون سان ڳالهايو پيو وڃي:

وَنُرِيدُ أَن نَّمُنَّ عَلَى الَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا فِي الْأَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ أَئِمَّةً وَنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِينَ (٥) وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْأَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَجُنُودَهُمَا مِنْهُم مَّا كَانُوا يَحْذَرُونَ (٦) ﴿القصص﴾

ترجمو: ”۽ گهُريوسون ته جن کي مُلڪ ۾ هيٺو ڪيو ويو تن تي اِحسان ڪريون ۽ ڪين سردار بڻايون ۽ ڪين وارث ڪريون. ۽ ڪين مُلڪ ۾ دٻدٻو ڏيون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪرن کي اُنهن (هيٺن) کان اُها (ڳالهه) ڏيکاريون جنهن کان ڊڄندا هوا.“

ان ڪانسواءِ قرآن ڪريم ڪيترن ئي جائن تي اهڙي قسم جي ارادي ۽ خيالن جو پٺتي پيل ۽ محروم طبقن جي حق ۾ اظهار ڪيو آهي. قرآن ڪانسواءِ ٻين پاڪ ڪتابن ۾ پڻ اهڙي قسم جي خيالن جو اظهار موجود آهي. ڊاڪٽر علي شريعتي ٻڌائي ٿو ته، هابيل جي قتل کان پوءِ آدم جو اولاد قابيل جي قبضي ۾ اچي ويو. اهو قابيل انساني تاريخ ۾ ٽن شڪلين ۾ وري وري ظاهر ٿيندو آيو آهي: پهريون حڪمران (فرعون)، ٻيو دولتمند (قارون) ۽ ٽيون مذهبي پيشوا (هامان يا بلعم باعور). اهي ٽئي ناپاڪ عنصر اڄ تائين آدم جي اولاد جي ڪنڌ تي سوار آهن. انهن جي قائم ڪيل قابيلي نظام زندگيءَ کي ختم ڪري، هابيلي زندگيءَ وارو نظام آڻڻ ۽ اخلاقن کي رائج ڪرڻ لاءِ نبي سڳورا موڪليا ويا، جن جي مقصد کي حڪمران ۽ دولت مند طبقن مذهبي پيشوائن سان ملي، عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، رڳو ظاهري رسمن جي ادائگي واري عبادت کي زندگيءَ جو اصل مقصد ٻڌائي ڇڏيو.

ڊاڪٽر شريعتي چوي ٿو ته توحيد ۾ خدا تعاليٰ جو هڪڙو ئي چهرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي ۽ اهو عوام جو چهرو هوندو آهي. پر مسلمان ۽ غير مسلمان مذهبي پيشوائيت، توحيد کي رڳو زباني اقرار تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ جي بنياد تي لا طبقاتي معاشري جي اڏاوت واري مقصد کي پنيءَ پويان اڇلائي ڇڏيو اجا بہ ان کي ”دنياوي معاملو“ سڏي عبادت واري معنيٰ مان ئي ڪڍي ڇڏيو هاڻي مسلمان، عيسائي، يهودي ۽ ٻين مذهبن جا پيروڪار عبادت کي عبادتخانن اندر ڪجهہ ظاهري رسمن کي پورو ڪرڻ جي معنيٰ ۾ وٺن ٿا. حضرت شعيبؑ جي قوم جي تباهي ۽ بربايءَ بابت چيو ويو تہ انهن جي تباهيءَ انهيءَ ڪري ٿي جو هنن پنهنجي ”نماز“ وڃائي ڇڏي هئي. جنهن جو مطلب اهو اهڙن اخلاقن، عقيدن ۽ عملن کان منهن موڙڻ آهي، جنهن ۾ امير ۽ غريب وچ ۾ موجود تمام وڏي وٿي کي پيداواري وسيلن تي ڏاڍي سان قبضو ڪري وينل طبقي بدران عوام جي ملڪيت کي قائم ڪرڻ واري عمل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، تہ جيئن عام ماڻهو معاشي خوشحالي، سياسي ۽ فڪري آزادي ۽ تهذيب ۽ علم جي روشنيءَ مان لاڀ پرائيندي ، پنهنجي خالق حقيقي سان تعلق قائم ڪرڻ جي لائق نہ رهن. ڇو جو اهڙي طرح سان مادي ۽ ذهني ضرورتن جي پورائي سان عوام کي ڪجهہ دلي اطمينان ۽ واندڪائي نصيب ٿي وڃي ٿي ۽ هو پنهنجي مالڪ حقيقي سان تعلق قائم ڪرڻ جي لائق بڻجي وڃن ٿا.

تنهن ڪري اهي سمورا عمل ۽ ڪوشش، جيڪا معاشري کي توحيدي معاشري (جنهن ۾ پيداواري وسيلا عوام جي ملڪيت ۾ هوندا) بڻائڻ ۾ خرچ ٿيندي، سا خدائي عبادت ۾ شامل هوندي. اصل ۾ نماز جي ظاهري عبات جو مقصد بہ معاشرتي سڌاري جي لاءِ ڪم ڪرڻ آهي جيڪو ڪم هڪ لڳاتار عبادت آهي. اها ئي ڳالهہ سمورين نبين سڳورن ۽ انهن جي پيروڪارن جو مقصد هئي ۽ اهو ئي مقصد خاتم النبيين، سيد المرسلين حضرت محمد ﷺ ۽ سندن صحابن سڳورن جو هو. عام مزدور ماڻهن کي، رعايتون ڏئي طبقي ۽ مذهبي پيشوائيت جي ملي ڀڳت سان تيار ڪيل سازش کان خبردار رهڻ لازمي آهي.

مسلمان توڙي غير مسلمان مذهبي عالم جيڪڏهن سياست ۾ حصو وٺن ٿا، تہ انهن جو مقصد معاشري جي طبقاتي طريقي کي تبديل ڪرڻ نہ هوندو آهي، پر خيرات ۽ زڪوات جي ورهاست وسيلي، دولتمندن وٽان

ڪجھ پئسا وٺي عوام کي ڏيڻ گهربل هوندو آهي. دنيا جي مذهبن جي مذهبي پيشوائيت، پيداواري وسيلن کي هڪ خاص ۽ محدود طبقي جي ملڪيت کان آزاد ڪري، عوام جي ملڪيت ۾ ڏيڻ کي خدائي عبادت نٿي سمجهي. ايئن ڪرڻ سان اهي نبين سڳورن جي طريقي تي هلڻ جي سعادت کان نہ رڳو پاڻ ئي محروم ٿي وڃن ٿا، پر عوام کي محروم ڪري ڇڏن ٿا.

اهڙي طرح ”اياڪ نعبد“ جو مطلب هي ٿيندو تہ ماڻهو واعدو ڪري ٿو تہ هو نہ تہ بتن جي پوڄا ڪندو، نہ پنهنجي نفساني خواهشن کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي وڃائيندو ۽ نہ ئي پيداواري وسيلن جهڙوڪ زمين، ٻيلن، مشينن، پيٽرول ۽ ٻين شين جي کاڻين تي قبضو ڪري ويٺلن جي قبضي کي مڃيندو. ڇو جو اهي سمورا پيداواري وسيلا الله تعاليٰ انسان جي فائدي لاءِ پيدا ڪيا آهن. انهن وسيلن تي طاقت ۽ ٺڳيءَ سان ڪي ٿورڙا ماڻهو قبضو ڪري پاڻ معبود بڻجي ويٺا آهن. ماڻهن جي گهڻائي کي، ڪوڙن معبودن جي هٿان، پنهنجي محنت وڪڻي پيٽ پالڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي.

”اياڪ نعبد“ اصل ۾ انهن سمورن ڪوڙن خدائن جي خلاف بغاوت جو اعلان آهي. ڇو جو انهن رزق جي وسيلن تي قبضو ڪري، عام انسان کي پنهنجي اڳيان جهڪڻ ۽ فرمانبرداري لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي. جيئن هن کان اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ تاريخ ٻڌائي ٿي تہ حڪمران، دولت مند ۽ مذهبي پيشوائيت جي ٽہ ياري، انسانن جي مٿان ظلم جا جبل ڪيرائي ڇڏيا آهن. جيستائين پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت جو نظام قائم رهندو، اهو ظلم ۽ ڏاڍ ٿيندو رهندو. خدا جي عبادت جو مطلب سمورن غير خدائن جي فرمانبرداري ۽ انهن جي اڳيان جهڪڻ کان بغاوت ڪرڻ آهي. انهيءَ بغاوت ۽ انقلاب کي مذهبي پيشوائيت لاديني عمل سڏي، عوام کي ٺڳيندي آهي. عوام انهن جي واعظن، تقريرن، تفسيرن ۽ عالمن جي احترام کان متاثر ٿي، انهيءَ ڏاڍائي ڪندڙ طبقي جي فرمانبرداري جاري رکيون ايندو آهي.

سمجهڻ گهرجي تہ جنهن هاري، مزدور، اڳواڻ ۽ واپاري يونين جو مقصد پيداواري وسيلن کي عوام جي ملڪيت ۾ آڻي، غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ نہ آهي، سو مزدور جي مقصد سان غداري ڪندڙ آهي. مزدور عوام جو فرض آهي تہ اهڙي اڳواڻ ۽ واپاري يونين کي مڃڻ کان انڪاري ٿي وڃن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ پيلي اهو اڳواڻ ڪيترو ئي وڏي مذهبي فڪر جي سند ڪٽي آيو هجي. مزدور عوام جي انقلاب جو رستو روڪڻ لاءِ ڪجهه مذهبي جماعتن واپاري يونينون ناهي ڇڏيون آهن، جن جو فلسفياڻي بنياد هي آهي تہ پيداواري وسيلن تي ڪجهه فردن جو ذاتي ملڪيت جي حيثيت سان قبضو جائز آهي. انهن جو اهو بہ خيال آهي تہ طبقا ۽ طبقاتي معاشرو خدا تعاليٰ جي مرضيءَ مطابق ٺهي ٿو. ٺيڪ ايئن گهرجي تہ زڪوات، خيرات ۽ ميراث جي ورهاست وسيلي مزدور جي پگهار ۾ واڌارو ڪيو وڃي ۽ ان جي لاءِ سستي اگهہ تي شيون مهيا ڪرڻ لاءِ يوٽيلٽي اسٽور قائم ڪيا وڃن. يعني هڪ فلاحي رياست قائم ڪئي وڃي، جيڪا انقلاب کي روڪڻ لاءِ هڪ سازش آهي. انهيءَ باري ۾ ڊاڪٽر انور سجاد لکيو آهي:

”مارڪس چيو هو تہ سوشل وجود ئي سوشل سوچ جو تعين ڪندو آهي. انهيءَ ڪري حاڪم طبقا، عوام جي لاءِ ڏکين وقتن ۾، انهن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندا آهن ۽ سڌارا نافذ ڪندا آهن، تہ جيئن غير مطمئن ماڻهو مڪمل طور تي غير مطمئن بڻجي انقلابي نہ بڻجي وڃن. يعني گهٽ بڪ.... گهٽ انقلاب!“

”انهيءَ ڪري سرمائيدار ملڪن جي فلاحي رياستن ۾ انقلابي جذبو نہ رڳو گهٽو گهٽ هوندو آهي، پر ڪن حالتن ۾ ان جي محروم عوام رجعت پسند ٿي ويندي آهي (جيئن يورپ ۾ مزدور طبقو غير انقلابي بڻجي چڪو آهي). اهڙن اولهہ جي ملڪن ۾ مزدورن جي سوچ، ٽئين دنيا جي انهيءَ عوام کان بلڪل مختلف هوندي آهي، جيڪي گندگيءَ ۾ رهندا آهن، جن کي بک، بيماري، بيڪاري جي خلاف ڪوبہ بچاءُ نہ هوندو آهي“.

(تلاش وجود، ص 214)

طبقاتي معاشري ۾ انسان جي حالت ڇا هوندي آهي؟ انهيءَ باري ۾ ڊاڪٽر سجاد لکي ٿو:

”طبقاتي معاشري ۾ انسان جو وجود ان کان وڌيڪ ڪجهه بہ نہ هوندو آهي تہ هو پنهنجي ذات کي وساري، پاڻ کي ترڪ ڪري، غير انسان بڻجي ويندو آهي. بي عملي، بي مقصد جاڪوڙ جيڪا هو اڪيلي طور منظم بي انصافين جي خلاف ڪندو آهي، ان جو مقدر بڻجي ويندي، “.

(تلاش وجود، ص 43)

تنهن ڪري فلاحي رياست، رعايتون ڏنل طبقي ۽ مذهبي پيشوائيت

جي مليل سازش آهي ته جيئن مزدور عوام انقلابي قدم نه کڻي سگهي. ”اياڪ نعبد“ هڪ مڪمل طور تي انقلابي نعرو آهي. جڏهن ته فلاحي رياست جو قيام انهيءَ نعري جي خلاف سازش آهي.

## عبادت جي معنيٰ بابت وڌيڪ وضاحت

هتي ڊاڪٽر يوسف گوارڀه جي عبادت جي معنيٰ بابت ڪجهه لفظ لکيا وڃن ٿا، جن مان خبر پئي ٿي ته عبادت رڳو نماز جوئي نالو نه آهي، پر اها معاشري جي سموري زندگي ۽ تنظيم تي حاوي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته انسان جي پيدائش جو مقصد عبادت آهي، جئين قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ ﴿الذاريات: ٥٦﴾

ترجمو: ”۽ جِنّن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيوسون.“

سمورن نبين سڳورن جي موڪلڻ جو مقصد اها ئي دعوت هئي. ڇو جو الله تعاليٰ جي عبادت ئي انسان جو حقيقي مقصد آهي.

جڏهن خدائي عبادت زندگيءَ جو حقيقي مقصد آهي ته پوءِ انهيءَ مقصد جو صحيح تعين ۽ ان جي معنيٰ ۽ مطلب جي صحيح سمجهه حاصل ڪرڻ پهرين ترجيح ٿيندي. اهو اصطلاح هڪ اهڙي تعبير جي گهرج ڪري ٿو. جيڪو جديد دؤر جي عقيدن، عبادتن ۽ اخلاقي رياستي يا حڪومتي، معاشرتي، معاشي، سياسي، تهذيبي ۽ تمدني معاملن ۽ مسئلن ۾ الله تعاليٰ جي مرڪزيت کي ثابت ڪري وٺي.

انهيءَ لحاظ کان رسمي عبادتون انهيءَ پکڙيل ۽ همه گير خدائي عبادت جو جزو آهن. حڪم، حڪومت ۽ رياست جي سمورن معاملن، معاشرت، معيشت ۽ سياست جي سمورن معاملن، انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ بين الاقوامي لاڳاپن ۽ رابطن جي سمورن اصولن ۽ قانونن کي توحيد تي بيهارڻ خدائي عبادت جا مختلف پاسا آهن.

إِنِ الْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ أَمَرَ أَلَّا تَعْبُدُوا إِلَّا إِيَّاهُ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿يوسف: ٤٠﴾

ترجمو: ”الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي حڪومت نه آهي، حُڪم

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيائين تہ خاص اُن (الله) ڪانسواءِ ڪنهن جي عبادت نہ ڪريو. اُهو دين قائم آهي پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن. “

معاشرتي ۽ معاشي نظام ڪي بدلائي ان ڪي توحيدي اصولن تي ٻيهر قائم ڪرڻ ئي نماز جون نظام آهي. انهيءَ تي ئي شعيبؑ جي قوم حيران ٿي ڪائنس پڇيو هو:

قَالُوا يَا شُعَيْبُ أَصَلَاتُكَ تَأْمُرُكَ أَن نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ آبَاؤُنَا أَوْ أَن نَّفْعَلَ فِي أَمْوَالِنَا مَا نَشَاءُ ﴿هود: ٨٧﴾

ترجمو: ”چيائون تہ اي شعيب تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي ڇا تہ جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هوا تنهن کي يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون “.

”ڪائنات جي تسخير، انسانيت جي سمورن معاملن ۽ خالق، مخلوق ۽ ڪائنات جي لاڳاپن جي فطري اصولن کي سمجهڻ ۽ انهن مطابق انفرادي ۽ اجتماعي زندگي گذارڻ ئي خدائي عبادت آهي.“ توحيد جي عبادت ۽ نماز واري معنيٰ کي عملي جامو پهرائڻ، يعني ان کي معاشرتي حالتن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر گواريہ چوي ٿو تہ خدائي عبادت جي انهيءَ وسيع تصور کي عملي جامو پهرائڻ جو فطري ۽ سائنسي ذريعو اها هدايت آهي، جيڪا قرآن ۾ محفوظ آهي. موجوده دؤر ۾ قرآن ڪريم ڏانهن سڏڻ جو مطلب، انهيءَ فطري ۽ سائنسي طريقي جي دريافت ۽ زندگي ۽ ڪائنات جي سمورن معاملن کي انهيءَ تي ٻيهارڻ جي لاءِ ڪو عملي پروگرام جوڙڻ آهي. انهيءَ پروگرام جا ڪجهہ اصول هن طرح آهن:

1. جديد سائنسي، ٽيڪنيڪي، حياتياتي، نفسياتي، معاشي ۽ جمهوري نظرين ۽ تصورن جي عظمت کي مڃيندي، انهن جي اصولن تي تحقيق ڪرڻ ۽ ڏسڻ تہ اهي ڪيتري حد تائين خدائي عبادت جي قرآني عقيدي سان هڪجهڙائي رکن ٿا ۽ ڪنهن حد تائين ٽڪراءَ ۾ آهن.
2. فرد، خاندان، قبيلن ۽ قوم جي لاڳاپن، رياستي ۽ حڪومتي معاملن ۽ معاشرتي لاڳاپن کي الاهياتي عقيدن سان جاري ٽيڪ وارن ديني، اخلاقي ۽ روحاني گڏن تي ٻيهارڻ، تہ جيئن فرد ۽ معاشري جا لاڳاپا ۽ فرد، معاشري ۽ رياست جا رابطا، خدائي عبادت واري عقيدي سان

ڳنڍجي وڃن.

3. عقيدن، عبادتن ۽ معاملن جي اهڙي طرح سان تعبير ڪرڻ جو اهي هڪٻئي جا مددگار هجن ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ نه هجن. حقوق الله ۽ حقوق العباد ۾ انهيءَ توازن ۽ مناسبت کي اجاگر ڪرڻ، جنهن کي قرآن “فطرت الله” سڏيو آهي:

“فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا لَا تَبۡدِيلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ

﴿الروم: ٣٠﴾

ترجمو: ”الله جي فطرت کي جنهن تي انسان کي پيدا ڪيو آهي (اختيار ڪري رک) الله تعاليٰ جي بڻايل فطرت ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نٿي ٿي سگهي.“

4. گذريل زماني جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام جي جياپي ۽ ان کي پيهر ترقي وٺرائڻ بدران، اسلام جي فطري، دائمي، هميشه قائم رهندڙ ۽ آفاقي اصولن کي صاف ۽ ڪليل انداز ۾ پيش ڪرڻ، ته جيئن انهن جي بنياد تي نئون سياسي، معاشي ۽ معاشرتي نظام وجود ۾ آندو وڃي. فطرت جو نظام پنهنجو پاڻ ئي ارتقا ڪندڙ آهي. ڪنهن دؤر جو سياسي نظام ڪيئن مستقل ٿي سگهي ٿو؟ زماني ۾ تبديلي اٽل آهي. جنهن نسبت سان فطرت ۽ معاشرت ارتقا ڪن ٿا، انهيءَ نسبت سان قرآني قدرن جي بنياد تي نئون نظام، لازمي طور وجود ۾ اچڻ جي گهُر ڪري ٿو.

5. قرآن ڪريم جي تعليم کي پيش ڪرڻ وقت انهيءَ اصول کي سامهون رکڻ گهرجي ته، قرآني تعليم جي هڪڙي تعبير ٿي چڪي آهي ۽ جديد تعبير ممڪن آهي. جنهن تعليم جي تعبير ماضي واري دؤر ۾، ٻاهرين گهرجن جي ڪوٽ جي ڪري هن وقت تائين نه ٿي سگهي، انهيءَ تعبير کي پهريان مجوتي ڏيڻ ۽ ان جي پنيرائي ڪرڻ ئي قرآن ڏانهن دعوت ڏيڻ آهي. قرآن ڪريم پنهنجي اندر هر زماني جي گهرجن لاءِ هدايت رکي ٿو. هن زماني جي ماڻهن جو اهو فرض آهي ته اهي پنهنجي دؤر جي لاءِ محفوظ هدايت ڳولن. گذريل دؤر جي رهنمائن، پنهنجي پنهنجي دؤر جي گهرجن جي لاءِ هدايت ڳولي هئي. موجوده دؤر يا مستقبل جون حالتون يا گهرجون انهن جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون نہ هيون. اهي انهن تي پنهنجي فڪرن جو اظهار ڪيئن ڪن ها؟ قرآن ڪريم جي تعليم ڦير ڦار کان پاڪ آهي، پر مختلف حالتن ۾ ان جون تعبيرون تبديل ٿينديون آهن. شريعت خدا تعاليٰ جي ڏنل آهي ۽ اها تبديل نٿي ٿي سگهي. جڏهن تہ شريعت جي تعبير انسان جي آهي، تنهن ڪري ان ۾ تبديلي ممڪن آهي. اها بہ قرآن ڏانهن ئي دعوت آهي تہ دائمي، آخري، اٽل ۽ نہ تبديل ٿيندڙ کي وقتي، عارضي، تبديل ٿيندڙ کان جدا ڪيو وڃي ۽ ”لومة لائمر“ سان شريعت کي شريعت ۽ تعبير شريعت کي تعبير شريعت سڏيو وڃي. (انقلاب مکہ اور فہم قرآن کے جدید مناہج ص207،210، از الطاف جاوید)

باب ڏهون

# اياڪ نستعين

الله تعاليٰ کان مدد گهرڻ جي عملي شڪل عام طور تي دعا کي سمجهيو ويندو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اهو به هڪ اهم ذريعو آهي. الله تعاليٰ دعائن کي ٻڌندو آهي ۽ انهن کي قبوليندو آهي. شرط رڳو هي آهي ته ماڻهو تمام ئي عاجزي ۽ انڪساري ۽ مڪمل ڌيان سان الله تعاليٰ جي اڳيان پنهنجو عرض رکي. هونئن به ڪنهن مجبور ۽ مظلوم انسان جي لاءِ ظلم کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ دعا به هڪ اهم ذريعو آهي. هو ظالم کي پاراتو ڏيندو آهي ۽ ان جي بربادي جو انتظار ڪندو رهندو آهي. پر ان سان گڏوگڏ هڪ دولتمند به پنهنجي دولت ۾ واڌاري جي لاءِ دعا ڪندو آهي، جنهن جو بيو مطلب هي هوندو آهي ته خدا تعاليٰ کيس محنت جي استحصال جي وڌيڪ توفيق عطا فرمائي. ڇو جو دولت کي حاصل ڪرڻ جو ذريعو مزدور جي محنت جو استحصال هوندو آهي. اهڙي طرح هڪ حڪمران پنهنجي رياست جي حدن ۾ واڌاري لاءِ ۽ وڌ کان وڌ غلام، ٻانهيون ۽ غنيمت جو مال حاصل ڪرڻ لاءِ به دعا ڪري سگهي ٿو. اجا به ائين ڇئجي ڪندو رهيو آهي. اهي سموريون جائز توڙي ناجائز دعائون الله تعاليٰ وٽ پهچن ٿيون ۽ رڳو جائز دعائون ئي الله تعاليٰ وٽ قبول ٿينديون آهن. انفرادي دعائن جي ڀيٽ ۾ اجتماعي دعا رڳو اها ئي قبول ٿيندي آهي، جيڪا اجتماعي مفادن جي معاملي ۾ ڀلي هجي.

دعا سان، دعا گهرڻ واري جي نفسيات ۾ هڪ بنيادي تبديلي پيدا ٿي ويندي آهي، جيڪا کيس نيڪيءَ جي رستي تي وڃي وڃڻ لاءِ همت پيدا ڪندي آهي. هو الله تعاليٰ کان دعا جي منظوري جي لاءِ، سمورن دنياوي لاڳاپن کي ٽوڙي الله تعاليٰ جي اڳيان اچي ويهندو آهي. اهو عمل ڀلي وقتي ئي هجي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيڪڏهن دعا ۾ تسلسل پيدا ڪيو وڃي ۽ نماز اندر عاجزي ۽ انڪساريءَ ۾ گهرائي پيدا ڪئي وڃي تہ الله تعاليٰ ڏانهن ڌيان ڪرڻ واري ڪيفيت مستقل ۽ دائمي ٿي پوندي آهي.

الله تعاليٰ کان مدد گهرڻ جا ٻئي وسيلا بہ آهن. جن مان هڪڙو طبقاتي معاشري کي توحيدي معاشرو بنائڻ جي لاءِ ۽ ان کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪرڻ جي لاءِ انقلابي جاکوڙڻ آهي ۽ پڻ انهيءَ رستي ۾ اچڻ وارين تڪليفن کي برداشت ڪرڻ آهي. اها هڪ اهڙي مقدس جاکوڙ آهي جو جيڪڏهن انهيءَ رستي ۾ ساهہ هليو وڃي تہ شهادت جو مرتبو حاصل ٿي ويندو آهي. قرآن ڪريم چوي ٿو تہ انهيءَ سلسلي ۾ صبر (ثابت قدمي) ۽ صلواة (الله تعاليٰ جي ذات تي ڀروسو ۽ لڳاتار جاکوڙ) کان مدد وٺڻ گهرجي. وري اهو بہ فرمايو تہ انهيءَ رستي ۾ مري ويلن کي مئل نہ چئو پر اهي جيئرا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ توهان انهن جي زندگيءَ جي نوعيت جي باري ۾ شعور نٿا رکو. انهيءَ جاکوڙ ۾ خوف کي منهن ڏيڻو پوندو. ڇو جو مخالف قوتون طاقت جو استعمال ڪرڻ کان بہ نہ مڙنديون. خوف ڪانسواءِ بک، مالن جي تباهي ۽ جاني قرباني کي بہ منهن ڏيڻو پوندو. جيڪو ڏاڍن طبقن جي تشدد جو نتيجو هوندو ۽ ميون سان ستيل باغن ۽ پوکن جي تباهي سان، اپت ۾ نقصان پڻ ڏسڻو پوندو. انهيءَ انقلابي جاکوڙ ۾ اچڻ وارين تڪليفن ۽ نقصانن تي جيڪي ماڻهو (ڪارڪن ۽ اڳواڻ) صبر ڪن ٿا، تن کي انهن مصيبتن اچڻ وقت چوڻ گهرجي تہ اسان الله جا آهيون ۽ الله تعاليٰ ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي. انهن انقلابي جاکوڙ ڪرڻ وارن تي الله جون وڏيون مهربانيون آهن ۽ ان جي رحمت جو پاڇو انهن جي مٿان هوندو. اهي ئي ماڻهو هدايت واري واٽ تي آهن. (البقره. 153_157)

قرآن ڪريم ۽ ٻين آسماني ڪتابن جو مقصد، معاشري جي طبقاتي نظام کي تبديل ڪري غير طبقاتي بنائڻ هو. ڇو جو طبقاتي معاشري ۾ انساني فطرت جي ننڍڙي حصي (جبلتن جي حيواني گهرجن) کي اڀاريو ويندو آهي، جڏهن تہ ان جي فطرت جو اوچو حصو (خدائي روح جي قوڪ) دٻجي وڃي ٿو. نبين سڳورن جي تعليم اها هئي تہ معاشرتي حالتن کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪيو وڃي. ان جو مطلب هي آهي تہ پيداواري وسيلن کي ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي مان ڪڍي، عوام جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي، تہ جيئن

هر فرد پنهنجي جسماني ۽ ذهني محنت جو بدلو ماڻي سگهي ۽ پنهنجي مادي ۽ جسماني ضرورتن جي پورائي کان پوءِ هو الله تعاليٰ ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري سگهي. اها ئي ڳالهه سندس زندگيءَ جو بنيادي مقصد آهي. معاشرتي تبديليءَ ۾ رعايتون ڏنل طبقي کان پوءِ، سڀ کان وڏي رڪاوٽ مذهبي پيشوائيت آهي، جيڪا پنهنجي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ، رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي حمايت ۾ پاڪ ڪتابن جي سند پيش ڪري ٿي.

سورت البقره جون هي آيتون بيعت رضوان ۽ مڪي جي فتح سان لاڳاپو رکن ٿيون. بيعت رضوان ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي هٿ تي اصحابن سڀني مڪي جي فتح لاءِ، پنهنجو سِرُ قربان ڪرڻ جي بيعت ڪئي هئي، جنهن سان يهودي ۽ مڪي جا مشرڪ تمام گهڻو پريشان ٿي ويا، اجا به ايئن چئجي ته ڏڪي ويا. صفا جبل جي دعوت کان وٺي مڪي جي فتح تائين، پاڻ سڳورن ﷺ جن جو سمورو عمل، معاشري کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪرڻ جي لاءِ هو. انهيءَ ۾ بنياي ڳالهه هيءَ آهي ته اسلام جي ظاهر ٿيڻ واري زماني ۾ واپار رياست يا شورائي جمهوريت ۾ شامل نٿي ٿي سگهيو. ڇو جو قبائلي معاشري جي ڪري ان جي نوعيت ئي اهڙي هئي، پر زمين تي گڏيل ملڪيت قائم ٿي پئي سگهي. تنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ ڪڙمت کي وياج تي مبني ڪاروبار ٻڌايو. پاڻ ٻڌاياڻون ته زمين ان جي ئي ملڪيت هوندي، جيڪو ان کي کيڙيندو. بغداد ۾ ظاهر ظهور بادشاهت قائم ٿيڻ کان پوءِ امام ابويوسف رحمة الله عليه حالتن جي نزاڪت کي سامهون رکندي، ڪڙمت جي اجازت ڏني، پر اهو حڪم دائمي نه هو. اڳتي هلي پڪي تقليد جي حامي عالمن انهيءَ کي دائمي حڪم ٻڌائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري اهو چوڻ ته اسلام ۾ پيداواري وسيلن تي فردن جي ذاتي يا نجي ملڪيت جائز آهي، هڪ غلط ڳالهه آهي. حضرت عثمان رضي الله عنه زميندار نه هو پر واپاري هو. اهڙي طرح ٻئي مالدار اصحابي سڳورا به واپاري هئا. زمينداري ۽ جاگيرداري جو عمل حضرت عثمان رضي الله عنه جي پوئين دؤر ۾ شروع ٿيو، جنهن جو رياستي سيڪريٽري مروان به حڪم هو مروان بنو اميه خاندان جي مفادن جو نمائندو هو. ان کان پوءِ اصحاب سڳورا خانه جنگي جو شڪار ٿي ويا، ايتري تائين جو حضرت معاويه رضي الله عنه جي زماني ۾ اسلام جي شورائي نظام کي دمشق ڏانهن منتقل ڪري، بادشاهت ۾ تبديل ڪيو ويو. حضرت امير معاويه رضي الله عنه پنهنجي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي پائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ يزيد جي حق ۾ ڏاڍ سان بيعت ورتي ۽ اڳتي هلي اها حڪومت بغداد ۾ ظاهر ظهور بادشاهت جي شڪل اختيار ڪري وئي. ايئن دنيا اسلام جي سياسي، معاشي ۽ تهذيبي برڪتن کان مستفيد نہ ٿي سگهي.

بيعت رضوان اصل ۾ اسلام جي عالمگير انقلاب جو بنياد هئي. ڇو جو صلح حديبيہ کان جلد ئي پوءِ پاڻ سڳورن اوسي پاسي جي رياستن جي اڳواڻن کي اسلام جي دعوت جا خط لکيا ۽ ايئن اهو ثابت ڪري ڇڏيو تہ اسلام رڳو عربي معاشري جي سڌاري لاءِ ئي نہ، پر ختم نبوت جي ڪري، دنيا جي سمورين قومن جي معاشرن کي عدل ۽ قسط تي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ عالمگير انقلاب آڻڻ آيو آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ کان مدد گهرڻ جي هڪ اهم شڪل انقلابي جاکوڙي کي سڏيو ويو آهي. مفسرن ۽ عالمن انهيءَ تاريخي حقيقت کي سمجهڻ ۽ انهيءَ جي لاءِ امت کي تيار ڪرڻ بدران، اسلام کي رڳو ظاهري عبادتن ۽ رسمن تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي. رعايتون ڏنل طبقي جي مالي مدد تي آسائش واري زندگي گذارڻ کي پنهنجو مقصد بڻائي ورتو ۽ انقلابي جاکوڙ سان لاڳاپيل آيتن جو مطلب رڳو فرد جي ترقي ٻڌائي ڇڏيو. اهڙي طرح اسلام جي اجتماعي مقصد جي جاءِ انفرادي مقصدن والاري ورتي.

انهن آيتن کان اڳ قرآن ڪريم قبلي جي تبديليءَ جي معاملي ۾ بہ مسلمانن کي وچٿري امت، يعني انقلاب آڻڻ واري مرڪزي جماعت سڏيو آهي. اهو انقلاب قومي بہ آهي ۽ بين الاقوامي بہ. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي تہ توهان ماڻهن (دنيا جي قومن) تي شاهد آهيو ۽ رسول توهان جي مٿان شاهد آهي. ان جو مطلب ئي اهو آهي تہ قيامت جي ڏينهن توهان کان اهو پڇيو ويندو تہ رسول الله ﷺ جيڪا توهان کي تعليم پهچائي هئي، توهان انهيءَ جي بنياد تي نہ رڳو پنهنجي معاشري ۾، پر عالمي معاشرن ۾ ڪيتري تائين انقلابي تبديلي پيدا ڪئي؟ ٻئي پاسي رسول الله ﷺ پاڻ بہ شاهدي ڏيندا تہ امت کي اها تعليم پهچائي وئي هئي.

بيعت رضوان کان پوءِ پاڻ سڳورن عالمگير انقلاب جا بنياد رکي ڇڏيا هئا. پر افسوس جو عالمن سڳورن انهيءَ حقيقت کي وساري ڇڏيو ۽ گهٽي عرصي کان پوءِ انهيءَ انقلاب کي، اڌوري شڪل ۾ بين الاقوامي سطح تي ڪميونسٽ پارٽي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. زندگيءَ جي انهيءَ فلسفي

کي مڃڻ وارن، وڏي پيماني تي پنهنجي جان ۽ مال جون قربانيون ڏنيون. سوويت يونين، چين، ڪيوبا، اتر ڪوريا، ويٽ نام وغيره ۾ انهن قربانين سان سوشلسٽ رياستون قائم ٿي ويون.

ڪميونزم، جنهن کي بالشوازم چيو ويجي ٿو جي باري ۾ علامہ اقبال نوجوان مڙس (Young Husband) جي هڪ خط جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو هو تہ جيڪڏهن بالشوزم ۾ خدا جي تصور جو واڌارو ڪيو وڃي، تہ اهو اسلام جي تصور جي بلڪل ويجهو اچي وڃي ٿو. اهو خط سول اينڊ مليٽري گزيٽ ۾ شايد 30 مئي 1931ع ۾ ڇاپيو ويو.

نئون تماشو هي آهي تہ عالم ۽ مفسر سڀُورا انهيءَ واقعي مان سبق سکن ها، پر الٽو ڪميونزم تي ٺٺوليون ڪري چپ ٿي ويا. تنهن ڪري الله تعاليٰ کان مددگهرڻ جي بئي شڪل معاشري کي انقلابي جاکوڙ سان، توحيدي مقصدن تي قائم ڪرڻ آهي. اهو انقلاب نہ رڳو قومي هوندو، پر بين الاقوامي نوعيت وارو پڻ هوندو. ڇو جو مسلمانن جي حيثيت رڳو وچٿري امت جي آهي.

الله تعاليٰ کان مدد جي ٽئين شڪل عوامي مفادن وارو آئين ۽ قانون جوڙڻ آهي. جيئن ٻڌايو ويو آهي تہ قرآن ڪريم جو مقصد انساني معاشري کي توحيد جي اصولن تي قائم ڪرڻ آهي، جنهن کي عدل ۽ قسط بہ سڏيو ويو آهي.

سياست جي اصول (Political Science) جو هي بہ هڪ قانون آهي تہ امن، عدل، قسط، فڪرجي آزادي، سياسي آزادي ۽ معاشي برابري جي قدرن مان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ انهن کي آئين جي شڪل ۾ آندو ويندو آهي، جنهن جي بنياد تي قانون ٺهندا آهن. قرآن ڪريم جنهن انقلاب کي آڻڻ جي تاڪيد ڪئي آهي، ان جي نوعيت ۽ نصاب بہ عوامي آهي. ڇو جو معاشري تي رعايتون ڏنل طبقي جي پهچ ۽ قبضي جي موجودگيءَ ۾، انسانن جي گهڻائي پنهنجي بنيادي انساني حقن حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي چڪي هئي. نہ رڳو قرآن ڪريم، پر سمورا آسماني ڪتاب ۽ نبوت جو ادارو بہ انهيءَ ئي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو هو.

هن انقلاب جي ڪاميابي کان پوءِ ان جي نتيجن مان عملي فائدو ماڻڻ لاءِ ان کي آئين جي شڪل ۾ جوڙڻ، تہ جيئن ان جي روح مطابق قانون

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺاهيا وڃن، الله تعاليٰ جي مدد جي هڪ اهم شڪل آهي. ”شريعت“ جي معنيٰ ئي اها آهي تہ هدايت جي اهڙن بنيادي قانونن جي جوڙجڪ، جيڪي ديني مقصدن يا ديني انقلاب جي برڪتن کي عوام تائين پهچائي سگهن. اهي هدايتون پاڪ ڪتابن ۾ خدائي وحي وسيلي نازل ٿينديون رهيون آهن. جڏهن تہ مذهبي پيشوائيت هر دفعي انهن هدايتن جي عوامي ڀلائي ۽ انسان دوست مقصدن کي ميساري، انکي رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي حق ۾ ٻڌائي ڇڏيو. جڏهن تہ ”مذهب“ يا ”دين“ ۽ ”نبوت ۽ رسالت“ انهن ڏاڍن ۽ رعايتون ڏنل طبقن جي وجود کي ختم ڪرڻ جي لاءِ عمل ۾ آندا ويا هئا.

ڊاڪٽر طٰہٰ حسين ”الفتنة الڪبريٰ“ جي پهرين جلد ۾ لکيو آهي تہ، جيڪڏهن عربي تهذيب ترقي ڪيل هجي ها تہ قرآن جي حڪمن کي هڪ ”دستور“ جي شڪل ۾ سهيڙي ها ۽ پوءِ اچڻ وارو هر خليفو يا رياست جو سربراهہ انهيءَ آئين يا دستور جي پيروي ڪري ها. حضرت عثمانؓ جي خلافت جي آخري سالن ۾ جيڪا افراتفري پيدا ٿي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي جمل ۽ صفين واريون جنگيون لڳيون ۽ پوءِ خلافت کي بادشاهت ۾ بدلايو ويو، اهي سڀئي واقعا نہ ٿين ها.

جيتوڻيڪ فقيهن سڀورن اسلام جي عوامي ڀلائي ۽ انسان دوستي واري روح کي، هر تهذيب جي خاص گهرجن باوجود، فقهي جزئيات ۾ سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ”رعايتون ڏنل طبقي ۽ ان جي خاص مقصدن“ جي چٽيءَ طرح سان نِشاندهي نہ هئڻ سبب، بادشاهت جون گهرجون ان جي روح کي هر دفعي ڦِٽينديون رهيون ۽ اڄ تائين اهو سلسلو جاري آهي.

دستورن ۽ قانونن جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ زراعت واري زماني جي شروع کان وٺي، جڏهن معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل طبقي حڪومت، تهذيب ۽ علم جي سرچشمن تي بہ قبضو ڪري ورتو تہ ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين عوام (مزدور ۽ ٻئي پنتي پيل ماڻهن) جو دولت جي پيداور ۾ تہ حصو رهيو آهي، پر اهي پاڻ دولت کان محروم رهندا آيا آهن. ڇو جو انهن جي محنت جي پيداوار کي دولت جي وسيلن جهڙوڪ ٻيلن، مشينن، پيٽرول، ڪوئلي، سون چاندي ۽ ٻين ڌاتن جي کاڻين تي قبضو ڪري ويٺل طبقو ڦٻائيندو رهيو. نہ عوام کي اقتدار ۽ قانون سازي ۾ ڪو حصو مليو ۽ نہ ئي ان کي تعليم ۽

تهذيب جي روشنيءَ مان ڪجهه حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته عدالتون، دستور ۽ قانون، سيئي ۽ ان سان گڏ فوج، پوليس، بيوروڪريسي وغيره، يعني رياست جا سمورا ادارا رڳو رعايتون ڏنل طبقي جي مفادن جي ئي حفاظت ڪندا آهن. هابيل جي بادشاهه حموربي کان وٺي اڄ تائين سمورن قانونن ۾ ”عوام“ کي رڳو ايترو ئي حق ڏنو ويو آهي، جنهن سان رڳو انهن جي ڳوڙهن ۽ دانهن ڪوڪن کي جهڪو ڪري سگهي. عوام کي ڏنل رعايتن سان ”غلام“، ”زرعي غلام“ ۽ ”پگهاردار غلام“ جي معاشي حالت نه بدلي سگهي. عوام ساڳي طرح سان رعايتون ڏنل ۽ ڏاڍي طبقي جو ”غلام“ ئي رهيو آهي. مزدور پنهنجي محنت وڪڻي، جنهن جو معاوضو زمين يا ڪارخاني يا تيل جي چشمن ۽ کاڻين جا مالڪ طئي ڪندا آهن، پنهنجي روزي ڪمائڻ تي مجبور رهيا آهن. جڏهن ته دنيا جي مذهبن جي مذهبي پيشوائيت انهيءَ غير عادلاڻي، غيرانصاف ۽ غير انساني حالت کي پاڪ ڪتابن منجهان جواز جي سند ڏيندي رهي آهي ۽ اڄ تائين ڪري رهي آهي.

پاڪ ڪتابن ۽ خاص ڪري قرآن ڪريم کي جيڪڏهن گهرائيءَ سان مطالعو ڪريو ته خبر پوندي ته دعا جي باري ۾ جتي به ذڪر ٿيو آهي، اتي انهيءَ مجبور ۽ محڪوم عوام جي دعائن جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ڇو جو دعا جي ضرورت ظلم ۽ ڏاڍ، غربت ۽ جهالت ۽ غلامي ۽ محڪوميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ پيدا ٿيندي آهي. واڳ ڌڻي، دولتمند ۽ مذهبي پيشوائن کي دعائن جي ضرورت نه هوندي آهي. ڇو جو انهن وٽ هر قسم جي مادي ۽ مالي نعمت موجود هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسلامي معاشري ۾ (۽ٻين سمورن مذهبن جي معاشرن ۾ به) جيئن جيئن بادشاهت، قارونيت ۽ مذهبي پيشوائيت جو عمل دخل وڌندو ويو، عبادتخانن ۽ مسجدن ۾ دعا هڪ رسم جي حيثيت اختيار ڪري وئي. انهن رسمي دعائن، جيڪي طبقاتي معاشري کي قائم رکندي ڪيون پئي وينديون آهن، نه ته عوام جي معاشي، سياسي، تهذيبي ۽ عملي حيثيت کي بدلايو آهي ۽ نه ئي انهن مسلم ۽ غير مسلمان قومن کي پنهنجي پنتي پيل حالت جي ڪري، غلاميءَ ۾ ڦاسڻ کان پوءِ آزادي ڏياري آهي.

انساني تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿي ٿو ته جڏهن به معاشي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزوري، غلامي ۽ محڪومي کان آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تہ انهيءَ لاءِ دعائن بدران هڪ اڻٽڪ جاکوڙ ڪئي وئي آهي، اها جاکوڙ هٿياربند بہ هوندي آهي ۽ بنا هٿيارن جي بہ هوندي آهي. سموري تاريخ انهيءَ جاکوڙ ۽ ان جي خونخوار نتيجن سان ڀري پئي آهي. اسان جي دؤر ۾ روسي قوم لينن جي ۽ چيني قوم مائو زي تنگ جي اڳواڻي ۾ معاشي انصاف جي لاءِ هڪ زبردست جنگ وڙهي آهي. الجزائر ۽ ويٽنام ٻاهرين قبضي مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ لکين جانيون قربان ڪيون آهن. اهڙي طرح ٻيون مسلمان ۽ غير مسلمان قومون مارڪس جي فڪرن جي روشنيءَ ۾، پنهنجي قومي ڏاڍن طبقن ۽ ٻاهرين حاڪمن جي خلاف ڪيتريون ئي جنگيون وڙهيون آهن. پر "إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ" جي تفسير ڪرڻ وارن ڪڏهن بہ محڪومي، غربت، سياسي ۽ معاشي ڏاڍ ۽ استحصال جي خلاف ڪو واعظ، ڪو خطبو يا ڪنهن آيت جو تفسير بيان نہ ڪيو آهي. اها حالت نہ رڳو مسلمان، پر ٻين مذهبن جي پيروڪارن جي بہ آهي. ڇو جو مذهبي پيشوائيت جو مزاج هر جاءِ، هر قوم ۽ هر زماني ۾ ساڳيو ئي رهيو آهي.

اڳاٽن جابر ۽ ظالم طبقن بابت ڳالهائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر، اڄ جي نالي ۾ نهال جمهوريت جي دؤر ۾ بہ عوام کي انصاف، علاج، اجهو، لٽو ۽ تعليم وغيره جي حاصل ڪرڻ لاءِ جن ڏکيائن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تنهن کان هر ڪو ماڻهو واقف آهي.

ايران جي شاعر "انوري" جي هڪ نظم جو ترجمو (علامہ اقبال) بال جبريل ۾ ڪيو آهي. انهيءَ نظم ۾ هن سموري انساني تاريخ ۾، زندگيءَ جي مختلف نظامن، پيداواري اوزان ۽ ارتقا جي مخلف دؤرن ۾ عوام جي جيڪا حالت رهي آهي، تنهن جو هڪ ڪامياب نقشو چٽيو آهي. ان جو ترجمو هيٺ ڏنو وڃي ٿو:

> "مئخاني جي هڪ داناءُ درويش هڪ ڏينهن پنهنجي حڪمرانن جي حالت تي تبصرو ڪندي چيو تہ اسان جي شهر (ملڪ) جا حڪمران هڪ پينو فقير وانگر بي حيا ٿي ويا آهن، انهن جي مٿي تي تاج سجائڻ لاءِ بہ گهڻن کي ذليل ٿيڻو پيو آهي، انهن جي قيمتي لباس لاءِ ڪيترن ئي انسانن کي اگهاڙو ٿيڻو پيو آهي، انهن جي شراب ۾ ڪيترنئي هارين ۽ مزدورن جي رت (۽ پگهر) جي

ڳاڙهاڻ مليل آهي، ڇو تہ هر پوکيءَ لائق زمين تي انهن قبضو ڪري رکيو آهي، انهن جي استعمال جي هر شيءِ غريب عوام کان کسيل آهي، پوءِ ڪڏهن اها خيرات جي شڪل ۾ کسيل آهي تہ ڪڏهن ڍل جي شڪل ۾، بهرحال هتي شاهہ هجي يا گدا، سڀڪو فقير ئي آهي.“

## مولانا ابوالڪلام آزاد جي تفسير تي تبصرو

حضرت مولانا ابوالڪلام آزاد ”إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ“ جي تفسير ۾الٰہ (معبود) جي گھڻن جي ارتقا تي هڪ تمام ئي اهم مقالو لکيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هن سڀ کان پهرين ڳالهہ اها لکي آهي تہ مذهب جو ارتقائي تصور غلط آهي. سندس چوڻ آهي تہ، شروع ۾ انسان رڳو خدائي توحيد جي تصور کان واقف ٿيو، ان کان پوءِ گھڻن معبودن جو تصور پيدا ٿيو. انهيءَ نظرئي جو تاريخي پس منظر هي آهي تہ آدم ۽ ان جي اولاد ۾ وحدت قائم هئي ۽ هي تنهنجو، هي منهنجو وارا لفظ اڃا وجود ۾ ئي ڪونہ آيا هئا ۽ نہ ئي اسان (we) جي بدران تون ۽ مان جو تصور اڀريو هو. آدم جي پٽن ۾ جهيڙي جي ڪري قابيل هابيل کي ماري ڇڏيو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ زراعت جي دؤر، شڪار واري دؤر کي ختم ڪري ڇڏيو.

زراعت واري دؤر ۾ انسان انسان جو دشمن بڻجي ويو ۽ انساني هيڪڙائي ۽ برابريءَ واري جنت مان اهو نڪري ويو. هاڻي زميني زندگيءَ ۾ هو هڪٻئي سان ٽڪر ڪائيندڙ معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو ۽ غلاميءَ جو ادارو قائم ٿي ويو. زمين ۽ ٻين پيداواري وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت سان، انسان منهنجي ۽ تنهنجي ۽ مان ۽ تون ۾ ورهائجي ويو. انسان جي هيڪڙائيءَ واري حالت ختم ٿي وئي ۽ قبيلن جو هڪٻئي کان ڌار ٿي وڃڻ جي ڪري، هر قبيلي جو بت بہ جدا پيدا ٿي پيو ايستائين جو نبين سڳورن جي اچڻ کان پوءِ بہ هر نبيءَ جي پيروڪارن پنهنجو هڪ جدا ٽولو ٺاهي ورتو. اڄ نہ رڳو بت پرست، پر توحيد کي مڃڻ وارا بہ پنهنجي پنهنجي قومي خدائن جي گروهہ بنديءَ واري ڄار ۾ ڦاسي چڪا آهن. اهڙي طرح انساني هيڪڙائي، جنهن جو بنيادي هڪ ئي معبود تي هو، انساني ورهاست جي ڪري پڄجي پورا ٿي وئي آهي. انسان مختلف ٽولن، نسلن، قومن، ٻولين ۽ رنگن جي بنياد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهائجي ويو آهي. ان کان بہ وڌيڪ ڳالھ اها ٿي تہ پيداواري وسيلن تي انسان جي ذاتي قبضي سان، انسان هڪٻئي سان ضد رکندڙ معاشي گروهن ۾ ورهائجي ويو آهي. ايئن انساني هيڪڙائي گروھ بندي ۾ بدلجي وئي آهي.

مولانا صاحب خدائي صفتن واري تصور جي ارتقا جو جائزو پنجن بنيادي ديني تصورن ۾ ورتو آهي يعني: (1) چيني، (2)هندستاني، (3) ايراني يا مجوسي، (4) يهودي ۽ (5) عيسائي. ان کان پوءِ ڇهين نمبر تي مسلمان ۽ اسلام اچن ٿا. انهن امتن جي ديني ادب مان جاڻ ملي آهي تہ خدائي صفتن جي باري ۾ انهن جو خيال ڇا هو.

خدائي صفتن جي ارتقا ٽن ڳالهين جي بنياد تي ٿيندي رهي آهي:

1. خدا جي مجسم هئڻ واري عقيدي کان پاڪائي ڏانهن
2. گهڻن ڀائيوارن (Polytheism) کان توحيد (Monotheism) ڏانهن
3. قهر ۽ جلال وارن گڻن کان ٻاجھ ۽ جمال واري گڻ ڏانهن

مولانا صاحب انهيءَ موضوع تي تمام ئي بهترين تبصرو ڪيو آهي جيڪو مطالعي لائق آهي. مولانا صاحب پاڪائي ۽ بيڪاري ۽ خدا تعاليٰ جي مجسم هئڻ مشابهت واري عقيدي وچ ۾ فرق کي چٽو ڪيو آهي. سمورن مذهبن جي گڻن جي ارتقا تي پڻ بحث ڪيو آهي. آخر ۾ اسلام ۽ قرآن جي مؤقف جي وضاحت ڪندي ٻڌايو آهي تہ قرآن انهن سمورن توحيدي ۽ مشرڪاڻن خيالن تي بحث ڪري، شرڪ جي هر خيال کي رد ڪري ڇڏيو آهي. قرآن جي انهيءَ تنقيد جو نتيجو آهي جو مسلمانن ۾ بت پرستي، شخصيت پرستي ۽ماديت پرستي وغيره جا لاڙا پنهنجا پير ڄمائي نہ سگهيا. مسلمانن جو واسطو بہ پنهنجي پيل بت پرست تهذيبن سان پوندو رهيو آهي. اهي پنهنجي اندر جذب ڪرڻ لاءِ، پنهنجي توحيدي مسلڪ کان هڪ انچ بہ پوئتي نہ هٽيا. جڏهن تہ عيسائيت ۽ ٻين مذهبن جا پير وڪار انهيءَ سلسلي ۾ ٿڙي ويا.

مولانا صاحب جي انهيءَ سموري تحقيق سان هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ بت پرست ۽ توحيد پرسست، ٻنهي مذهبن جي پيروڪارن جي پيداواري وسيلن تي قابض فردن ۽ انهن وسيلن کان محروم فردن جي گهٽائي جي مسئلي کي، بت پرستي ۽ توحيد پرستي حل ڪرڻ کان لاچار رهي آهي. جيڪڏهن ڪو مذهب پنهنجي پيروڪارن کي اهو ويساھ ڏياري تہ بت

پرستي، شخصيت پرستي ۽ ماديت پرستي وغيره جا مسلڪ غلط آهن ۽ اڪيلي الله تي ئي ايمان آڻڻ صحيح دين آهي. تہ پوءِ ڇا جي ڪري الله تعاليٰ جي توحيد جي زباني اقرار باوجود اڄ تائين رعايتون ڏنل طبقن جي اقتدار، مال ميڙڻ جي هوس، دولت حاصل ڪرڻ لاءِ محنت جي استحصال ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي ۽ ڇا جي ڪري مذهبي پيشوا انهن رعايتون ڏنل طبقن جي مفاد جي ساڳي طرح سان پنيرائي ڪندا رهيا آهن؟ اهو عمل اسلام ۽ ٻين سيني مذهبن ۾ ورجائبو رهيو آهي ۽ اڄ تائين اهو عمل جاري آهي. بت پرست ۽ توحيد پرست، ٻئي پنهنجي غلامن، هارين ۽ مزدورن تي ظلم ۽ ڏاڍ سان سندن محنت جي استحصال سان پنهنجي دولت ۾ واڌارو ڪندا رهيا آهن. انساني تهذيب ۽ تمدن جي سموري تاريخ، مذهبن جي پيروڪارن مان وقت جي واڳ ڌڻين (فرعون)، دولتمندن (قارون) ۽ مذهبي پيشوائن (هامان ۽ بلعم باعور) جي ظلمن سان ڀري پئي آهي. اسلام ۾ بادشاهت جي اچڻ کان پوءِ مسلمانن ۾ بہ ساڳي ئي ڳالهہ ورجائبي پئي رهي آهي.

اسان جي موجوده زماني ۾، جڏهن جو ويهين صدي عيسوي ختم ٿيڻ تي آهي، (هينئر ويهين صدي ختم ٿي وئي ۽ ايڪويهين صديءَ جو ٻيو ڏهاڪو بہ پنهنجي پڄاڻي ڪي ويجهو آهي: سنڌيڪار) انجيل، گيتا ۽ توريت تي ايمان رکندڙ عيسائن، هندن ۽ يهودين بوسنيا، ڪشمير ۽ فلسطين جي مردن ۽ عورتن تي اهو ڪهڙو ظلم آهي جيڪو آزمايو نہ هجي. ايتري تائين جو مسلمانن بہ پاڻ ۾ جنگين ڪانسواءِ پاڪستان جوڙڻ جي سلسلي ۾، اوير بنگال جي هندو مردن ۽ عورتن جي قتل جي بازار گرم ڪري ڇڏي.

انهيءَ صورتحال کي سامهون رکندي، خدائي صفتن جي باري ۾ صحيح ۽ غلط خيال رکندڙ ٻنهي معاشرن جي فردن جو عمل هڪجهڙو آهي. هندو زميندار ۽ ڪارخانيدار پنهنجي ڪڙمين ۽ مزدورن جي محنت جو استحصال ايئن ڪندو آهي، جيئن مسلمان، عيسائي، ٻڌ ڌرم ۽ يهودي مذهبن جا پيروڪار پنهنجي ڪڙمين، مزدورن ۽ ٻين پنتي پيل فردن جو ڏاڍ ۽ ظلم سان استحصال ڪندا آهن. جڏهن تہ مسلمان پنهنجي خدائي گڻن جي خيال ۾ صحيح مؤقف تي آهن ۽ بت پرست توحيد پرستيءَ کان بلڪل مخالف آهن. پر معاشي معاملن ۾ ٻنهي جو مؤقف ساڳيو ئي آهي. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ مذهب جي نالي تي ۽ مذهبي پيشوائيت جي


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجازت ۽ مرضيءَ سان ٿي رهيو آهي. آخر انهيءَ جو ڪهڙو حل آهي؟

انهيءَ مسئلي جو هڪڙو حل تہ ڪارل مارڪس پيش ڪيو. پر ان هن مذهب کي وري بلڪل ئي رد ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ سندس طبقاتي معاشري جو سائنسي ۽ سماجي تجزيو سؤ سيڪڙو صحيح آهي. اقبال مذهب جي باري ۾ جيڪي تشريحون ڏنيون آهن، سي ڏاڍن ۽ رعايتون ڏنل طبقن جي خلاف آهن، پر مزدور ۽ پنتي پيل طبقن جي حق ۾ آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ اقبال جي نظر ۾ نبين سڳورن جو آندل حقيقي مذهب طبقاتي ورڇ کي ختم ڪرڻ جي حق ۾ هو ۽ عقيدي توحيد ۾ بہ اها ئي ڳالهہ گهربل آهي.

اقبال جي مذهب بابت انهيءَ تصور جو سڀ کان وڏو شارح ايران جو شهيد دانشور ڊاڪٽر علي شريعتي آهي. هن ٻڌايو آهي تہ توحيد جي عقيدي جو مقصد، جيڪو سمورن حقيقي مذهبن جو گڏيل عقيدو آهي، رڳو زبان سان خدا جي هيڪڙائيءَ جو اقرار ڪرڻ ڪافي نہ آهي، پر هڪ توحيدي معاشري جي جوڙجڪ ئي مسئلي جو صحيح حل آهي. توحيدي معاشرو غير طبقاتي معاشرو آهي، جڏهن تہ طبقاتي معاشرو مشرڪاڻو معاشرو آهي.

توحيدي معاشري جي جوڙجڪ ان لاءِ ضروري آهي تہ فرد هڪ معاشري ۾ ئي اک کوليندو آهي. معاشري ۾ فرد جي پيدائش کان پهريان ئي هڪ خاص نوعيت جو معاشي، سياسي، تهذيبي ۽ تعليمي نظام قائم هوندو آهي. فرد جا پيءُ ماءُ ڪنهن نہ ڪنهن مذهب جا پيروڪار هوندا آهن ۽ ڪنهن معاشي طبقي سان لاڳاپو رکندا آهن. اهي سمورا عنصر ۽ ماحول، فرد جي تقدير کي جوڙيندا آهن ۽ فرد جي سوچ ۽ فڪري نظر جي بناوت ۾ حصو وٺندا آهن.

جيڪڏهن معاشرو طبقاتي آهي تہ پوءِ فرد يا تہ استحصال پسند، رعايتون ڏنل طبقي سان واسطو رکندڙ هوندو يا وري استحصال ڪيل مزدور ۽ پنتي پيل طبقي سان واسطو رکندو هوندو. ٻنهي صورتن ۾ فرد جي تقدير، ڪردار، نقطي نظر ۽ سوچ جا پاسا مختلف هوندا. جيڪڏهن حڪمران دولتمند طبقي سان لاڳاپو رکندڙ هوندو تہ دولت جي جهجهائيءَ جي ڪري وڌيڪ دولت گڏ ڪرڻ لاءِ ڏاڍ تي آڌاريل نوان طريقا سکندو، عيش ۽ آرام جي زندگي گذاريندو، پنهنجي راتين کي خريد ڪيل عزتن سان مزيدار بڻائيندو، سندس اولاد يورپ جي يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪندو وغيره.

پر جيڪڏهن فرد مزدور، ڪنهن ننيڙي دوڪاندار يا ڪنهن پنتي پيل طبقي سان واسطو رکندڙ هوندو تہ هو پاڻ ۽ ان جو اولاد دولت، تعليم، انصاف، روشن ۽ هوادار گهر ۽ سٺي لباس کان محروم رهندو. هو زميندار، جاگيردار، ڪارخاني جو مالڪ، ڪاٽين ۽ تيل ۽ گيس جي چشمن تي قبضو ڪري ويٺلن جي رحم ۽ ڪرم تي پلبو. ڇو جو هو انهن جو ”ڏٽي سائين“ ۽ رب آهي. جيڪڏهن هو انهن جي محنت خريد نہ ڪندو تہ اهو لنگهڻ تي مجبور ٿي ويندو.

طبقاتي معاشري ۾ رعايتون ڏنل طبقي جو مذهب ۽ اخلاق جي باري ۾ نقطي نظر ٻجهي قسم جو هوندو آهي. يا تہ اهو طبقو مذهب کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي ۽ يا وري ان کي پنهنجي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندو آهي. ٻئي پاسي مزدور ۽ پنتي پيل محروم طبقا مذهبي وهمن ۾ گهيريل هوندا آهن، جن کي گهڙڻ ۽ پکيڙڻ ۾ مذهبي پيشوائيت بنيادي ڪردار ادا ڪندي آهي. مذهبي پيشوائيت مذهبي معاشري جي طبقاتي طريقي کي بدلائي ڇڏيندڙ انقلابي تعليم کي (عوام جي جهالت مان فائدو وٺندي، جنهن ۾ انهن کي ڄاڻي واڻي ڦاسايو ويندو آهي) انهن جي نظرن کان لڪايو ويندو آهي. اهو سمجهڻ تہ انفرادي طور تي سڌارا آڻڻ سان معاشرو صحيح دڳ تي اچي ويندو هڪ خام خيالي آهي. گذيل ڏهہ هزار سالن کان وڌيڪ عرصي جي تجربي، انهيءَ حقيقت کي چٽو ڪري ڇڏيو آهي تہ انفرادي سڌاري سان اجتماعي عمل ۾ ڪوبہ سڌارو وجود ۾ نہ ايندو آهي. تنهن ڪري جيستائين توحيدي يا لاطبقاتي معاشرو وجود ۾ نہ ايندو، هر فرد جي ذاتي تڪميل جو سامان ميسر ٿي نہ سگهندو. طبقاتي معاشري ۾ فرد جي معاشي ڪفالت غير يقيني هوندي آهي. ڪيس سخت محنت جي ڪري عبادت ۽ نفس جي پاڪائيءَ لاءِ موقعو ئي نہ ملندو آهي. ٽيڪنالاجي جي ارتقا، فرد جي محنت واري بار کي گهٽو گهٽائي ڇڏيو آهي، جنهن سان فرد کي پنهنجي تهذيبي ۽ اخلاقي ترقيءَ جي لاءِ گهڻو وقت ملي سگهي ٿو. پر طبقاتي معاشري ۾ هو انهيءَ سهولت کان بہ ساڳي طرح ئي محروم رهي ٿو.

رعايتون ڏنل طبقو عملي طور تي لا مذهب هوندو آهي. ڇو جو ڪيس پنهنجي دولت ۾ واڌاري لاءِ ڏاڍ ۽ ظلم جي ضرورت هوندي آهي ۽ دولت جي جهجهائي ڪيس عيش تي اپاريندي آهي. انهيءَ ڪري هو خدا ۽ قيامت جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن واري تصور کي مڃيندو ئي نہ آهي. دنيا کي ڏيکارڻ لاءِ هو رسمن ۽ ظاهري عبادتن جي ادائگي ۽ عبادتخانن جي اڏاوت ۾ زور شور سان حصو وٺندو آهي. يورپ جي ملٽي نيشنل ڪمپنين جو مالڪ تہ مذهب کي ڌيان لائق ئي نٿو سمجهي ۽ پنهنجو پاڻ کي هر قسم جي اخلاقي قاعدن کان بلڪل ئي آزاد سمجهي ٿو. اولهہ جي تهذيب موروثي آزاديءَ واري تصور تي آڌاريل آهي. انهيءَ سيڪيولرازم جي بنياد تي، فرد کي هر قسم جي اخلاقي ذميواري ۽ جوابداريءَ کان بلڪل ئي آجو ڪري ڇڏيو آهي. علي شريعتي چواڻي، انسان جي آزادي واري انهيءَ تصور، کيس وڏ ماڻهپي وارو بنائڻ بدران ڏوهاري بڻائي ڇڏيو آهي.

تنهن ڪري جيستائين توحيدي، يعني غير طبقاتي معاشرو قائم نٿو ٿئي، جنهن ۾ هڪ پاسي پيداواري وسيلن تي عوام جي ملڪيت هوندي آهي تہ ٻئي پاسي اخلاقي ۽ روحاني قدرن کي انساني روح ۾ ڪُپائڻ، دنياوي ۽ آخرت واري زندگيءَ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ ضروري هوندو آهي. اشتراڪي معيشت حقيقي مذهب کانسواءِ ۽ مذهب اشتراڪي معيشت کانسواءِ، پنهنجن فائدن کان فرد ۽ معاشري کي لاڀ نٿو ڏئي سگهي. نہ ئي وري معاشري جو هر فرد ربوبيت، رحمت ۽ عدالت وارين برڪتن جو فائدو وٺي سگهي ٿو.

تنهن ڪري "اياک نعبد" جي تصور موجب، جيستائين سمورن هٿراڌو خدائن ۽ انهن ديوتائن خلاف، جيڪي پيداواري وسيلن تي ناجائز قبضو ڪرڻ سبب انسان جي تقدير جا مالڪ بڻجي ويا آهن، بغاوت ڪري خالق حقيقيءَ جي اڳيان نٿو جهڪيو وڃي، جنهن پنهنجي مخلوق جي جسماني ۽ معنوي ربوبيت ۽ واڌ ويجهہ لاءِ هر قسم جا وسيلا خلقيا آهن ۽ پوءِ انهن نتيجن کي عملي طور تي حاصل ڪرڻ لاءِ عوامي مفادن تي آڌاريل دستور ۽ قانونن جي جوڙجڪ عمل ۾ نٿي اچي، فرد جي اها دعوا تہ هو رڳو اڪيلي الله جي ئي عبادت ڪندو ۽ ان کان ئي مدد گهرندو، رڳو هڪ دعويٰ جي حيثيت ۾ ئي هوندي.

تنهن ڪري "إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ " جي روح جي گهرجن جي پورائي لاءِ ضروري آهي تہ:

1. سمورن پيداواري وسيلن کي استحصالي ۽ رعايتون ڏنل طبقي جي قبضي مان ڇڏائي "عوامي ملڪيت" ۾ ڏنو وڃي.

2. معاشري جي اهڙي تبديليءَ لاءِ اڻٿڪ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي وڃي.
3. انهيءَ جاکوڙ ۾ صبر، ثابت قدمي ۽ الله تعاليٰ تي ڀروسي کان مدد ورتي وڃي.
4. سمورن آئينن ۽ قانونن کي رعاتون ڏنل طبقن جي فائدي بدران عوام جي مفادن جي حق ۾ جوڙيو وڃي.
5. انهيءَ سموري عمل ۾ دعا، نماز ۽ عبادت يعني راتين جي اوجاڳن سان مدد ورتي وڃي.

هتي قانونن ۽ آئينن مان مدد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اسلام جي تاريخ مان مثال ڏنو وڃي ٿو. اهو مثال ڊاڪٽر يوسف گورايہ جي ڪتاب ”دعوت الي القرآن“ مان ورتو ويو آهي. ان جو هڪڙو حصو ”اياک نعبد“ واري باب ۾ ڏنو ويو آهي، جتي عبادت ۽ نماز جي معنيٰ تي وضاحت ڪئي وئي آهي. انهيءَ وضاحت کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ ڏنو وڃي تہ دعوت الي القرآن حقيقت ۾ اجتهاد جو ٻيو نالو آهي (ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم اجتهاد جي سڃاڻ تخليقي زبان (Creative Synthesis) سان ڪئي آهي). قرآن ڪريم جيئن تہ دائمي هدايت آهي، انهيءَ ڪري اجتهاد قرآن ڪريم جو مستقل اصول آهي. اصول فقہ جو قانون آهي: ”تغير الاحڪام بتغير الاحوال“ يعني حالتن جي تبديليءَ سان حڪمن ۾ تبديلي ايندي آهي.

قرآن ڪريم موجب الله تعاليٰ بنيادي اختيار عوام جي حوالي ڪيا آهن:

وَهُوَ الَّذِي جَعَلَكُمْ خَلَائِفَ الْأَرْضِ ﴿الأنعام: ١٦٥﴾ يعني اهو ئي تہ آهي جنهن توهان سيني (عوام) کي زمين ۾ (پنهنجو) نائب بڻايو آهي. جن اختيارن جي نائبي عوام جي حوالي ٿي آهي، تن ۾ تي ڳالهيون خاص طور تي ذڪر جوڳيون آهن:

(1) حڪمرانيءَ جو اختيار، (2) قانون سازي ۽ (3) معاشي وسيلن جو اختيار

خلافت راشده ۾ عوام ئي انهن اختيارن جي مالڪ هئي. اڳتي هلي حالتون تبديل ٿيون، ملوڪيت قائم ٿي ۽ بادشاهہ انهن اختيارن تي قبضو ڪري ويٺا ۽ عوام انهن کان محروم ٿي ويو.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فقہ خلافت

هاڻي انهن ٻنهي نظامن (خلافت راشده ۽ بادشاهت) جي ڀيٽ ڪئي وڃي تہ چٽيءَ طرح سان نظر ايندو تہ، خلافت واري زماني ۾ ”دعوت الي القرآن“ جو مطلب توحيد ۽ خدائي عبادت جي بنياد تي شريعت جي اهڙي تعبير ڪرڻ هو جنهن هيٺ حقن ۽ اختيارن جي مالڪ عوام هجي، اها فقہ خلافت هئي.

## فقہ ملوڪيت

جڏهن تہ بادشاهت واري دؤر ۾ ”دعوت الي القرآن“ اهڙي فقہ سازي هئي، جنهن هيٺ سمورن حق ۽ اختيار جا مالڪ بادشاهہ هجن ۽ عوام ”سمعنا و اطعنا“ (ٻڌوسون ۽ مڃيوسون) واري اصول هيٺ فرمانبردار رعيت هجي، اها فقہ ملوڪيت هئي.

## فقہ جمهوريت

هاڻي جمهوريت جو دؤر آهي. انهيءَ ۾ ”دعوت الي القرآن“ جو مطلب هي آهي تہ قرآني تعليم جي هڪ اهڙي نئين تعبير ٿئي، جيڪا عوام کي انهن جا ڦٻايل حق ۽ اختيار بحال ڪري ڏئي. جهڙي طرح خلافت واري دؤر جي شريعت بابت تعبير، بادشاهت واري دؤر کي پاڻ نہ پئي ۽ پنهنجو پاڻ کي قائم رکڻ لاءِ ان فقہ ملوڪيت تيار ڪئي هئي، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح بادشاهت واري دؤر جي فقہ ملوڪيت، جمهوريت واري دؤر لاءِ ناسازگار آهي. جمهوريت جو دؤر فقہ جمهوريت جي لاءِ سخت گهُر ڪري رهيو آهي. اهڙي ”دعوت الي القرآن“ ضرور ڪامياب ٿيندي، جيڪا انهيءَ گهُرج سان هڪجهڙائي رکندڙ هوندي.

هتي هڪڙي ڳالهہ جي وضاحت ضروري آهي تہ لفظ جمهوريت جو مطلب هتي سرمائيداراڻي جمهوريت نہ آهي، جنهن ۾ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنن جا نمائندا، جاگيردار ۽ ڪارخانن جا مالڪ، يعني پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت رکندڙ فرد، ٻرگ مافيا ۽ اسمگلرن جا نمائندا چونڊجي ايندا آهن. انهيءَ قسم جي جمهوريت اولهہ ۾ چڱو وڏي ويجهي ۽

هن پنهنجي فائدن جي لاءِ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي هيٺن ۽ پنتي پيل ملڪن جي خام مال جي ذخيرن کي لٽيو ۽ اتي جي عوام ۽ ان جي محنت کي سستي اگهه تي خريد ڪري انهن جو استحصال ڪيو. انهن تي فوجي ۽ معاشي غلامي لاڳو ڪئي ۽ پنهنجي ڪارخانن ۾ تيار ٿيل شين کي وڪڻڻ لاءِ انهن ملڪن جي عوام کي، انهن جي تهذيبي بنيادن کان جدا ڪري انهن کي صاحب لوڪ بڻائي ڇڏيو.

ان جي برخلاف اشتراڪي معاشري جي عوامي ۽ پئنچائتي جمهوريت ئي اسلامي گهرجن کي پورو ڪري سگهي ٿي ۽ ان پورو به ڪيو. غلطين جو بهانو بڻائي پرائيويٽائيزيشن ۽ آزاد منڊي جي معيشت کي پنهنجائڻ، جنهن جي نتيجي ۾ عوام کي وري وري بربادي جو منهن ڏسڻو پيو آهي، عقلمندي جو دليل نه آهي. تنهن ڪري ڊاڪٽر موصوف جتي به جمهوريت جو لفظ استعمال ڪيو آهي، ته انهيءَ جو مطلب سوشلسٽ جمهوريت ورتو وڃي، ٻي صورت ۾ مطلب غلط ٿي ويندو. سرمائيداراڻي جمهوريت، جيڪا اسان جي ملڪ ۾ به رائج آهي، ڊاڪٽر موصوف جي اسلامي تشريح جي بلڪل خلاف آهي.

علامه اقبال پنهنجي ڇهين خطبي ۾ ترڪي جي جمهوريت جي وڏي واکاڻ ڪئي آهي. جنهن مان اهو مغالطو پيدا ٿئي ٿو ته حضرت علامه به اولهه جي سرمائيداراڻي جمهوريت جو حامي هو. اصل ۾ ڳالهه هيءَ هئي ته ٻارنهن سئو سالن جي اسلامي دنيا تي ڇانيل بادشاهت جي ڪاري رات کان هي باک ڦٽي هئي. انهيءَ ڪري حضرت علامه انهيءَ جو خير مقدم ڪيو هو. ان جو خيال هو ته اهي وکون اڳتي وڌي صحيح اسلامي اشتراڪي معيشت کي پنهنجائڻ جي ڪري، محنت ڪشن جي عوامي يا پنچائتي جمهوريت تائين پهچي وينديون. پر ترڪي جي رعايتون ڏنل طبقي اولهه جي سامراجي نظام سان واڳجي، اها باک ڦٽڻ ئي نه ڏني. حضرت علامه جا بيشمار شعر انهيءَ سرمائيداراڻي جمهوريت جي خلاف آهن. ”حضر راه“نظم ۾، جيڪو 1920ع ۾ اشتراڪي انقلاب کان متاثر ٿي لکيو ويو هو، انهيءَ ئي سرمائيداراڻي جمهوريت جو تمام ئي چٽو ۽ بهترين نقشو چٽيو آهي.

اهڙي طرح فارسي ۾ به سرمائيداراڻي جمهوريت جي خلاف شعر موجود آهن جنهن ڪري ننڍڙي سوچ رکندڙ ماڻهو اقبال کي جمهوريت دشمن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏين ٿا. اجا بہ هڪ اولهہ جي مفڪر پنهنجي خيالن کي هنن لفظ ۾ پيش ڪيو آهي: ”جمهوريت هڪ اهڙي طرز حڪومت آهي جنهن ۾ فردن کي ڳڻيو ويندو آهي، توريو نہ ويندو آهي. سرمائيداراڻي جمهوريت جي ايوانن ۾ وينل مفاد پرست ماڻهن کي، جيڪي پنهنجي سياستداني، دولت ۽ عقلمندي جي باوجود هيٺي عوام جي ڀلائي لاءِ نٿا سوچي سگهن، گڏهن سان تعبير ڪيو آهي. يعني ”از مغز دو صد خر فڪر انسان نمي آيد“

تنهن ڪري اسلام جي معاشي، سياسي، معاشرتي، تهذيبي، علمي ۽ تمدني گهرجن کي رڳو اشتراڪي جمهوريت ئي پورو ڪري سگهي ٿي، جنهن جو بنياد پيداواري وسيلن تي عوام جي ملڪيت واري اصول تي قائم هوندو آهي.

آخر ۾ انهيءَ ئي خطبي مان هڪڙو اقتباس ڏنو وڃي ٿو، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ بادشاهت (۽ اڄوڪي سرمائيداراڻي جمهوريت) جي گهرجن هيٺ، فقہ تي آڏاريل ڪتاب ڪيئن مرتب ٿيندا هئا؟ فقيهن جي اڳيان بنيادي اصول ڪهڙو هو؟ مشهور محقق ضياءُ الدين برني جي ”فتاويٰ جهانداري“ مان اهو اصول ملي ٿو، جيڪو فيروز شاه تغلق جي دؤر ۾ مرتب ٿيو. ان جا اهم نڪتا هن طرح آهن:

”برني رسولِ خدا ﷺ ۽ خليفن جي روايتن کي اهو چئي ڪري پاسي ڪري ڇڏيو تہ اهي اصول هڪ اهڙي دؤر جي يادگار آهن، جيڪو رڳو وقتي هو ۽ جنهن جو ٻيهر ظاهر ڪرڻ ان لاءِ ناممڪن آهي جو اها هڪ مثالي شيءِ هئي ۽ بدليل حالتن ۾ انهيءَ جي لاءِ ڪوشش بيڪار آهي. نبي ڪريم ﷺ تي الله تعاليٰ جي طرف کان وحي نازل ٿيندي هئي ۽ خلفاءِ راشدين جي پاڻ تربيت ڪئي هئائون. نتيجو ظاهر آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ جيڪي واقعا گذري ويا آهن، تن جو ورجاءِ ناممڪن آهي. جهانداري جيئن تہ حڪمران طبقي جو حق آهي، انهيءَ ڪري سماجي نظام کي وراثت جي ذريعي برقرار رکڻ ضروري آهي تہ اهي عوام جي ديني رسمن جهڙوڪ نماز، روزي، حج ۽ زڪوات جي ادائگي کان متاثر ٿين، بئي ڪابہ تعليم نہ ڏين. باقي اهي ماڻهو جيڪي رعيت آهن ۽ اسلام قبولي چڪا آهن، مثلاً هندو ۽ منگول، تن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت انهيءَ لاءِ نہ آهي تہ، توحيد جو تصور انهن کي جسماني طور تي ورثي ۾ نہ مليو آهي ۽ نہ اهڙي قسم جو ڪو عقيدو انهن جي رت ۾ شامل آهي.

اڳتي هلي برني چئي ٿو ته، نه ته اسان ۾ اهي مسلمان بچيل آهن ۽ نه ئي اسان کي اهي مسلمان ملن ٿا. جن تي اسان ابوبڪر ۽ عمر وانگر حڪومت ڪري سگهون. پنهنجي دليل کي سگهارو ڪرڻ لاءِ برني چوي ٿو ته اسان انهيءَ واقعي کي نظر انداز نه ڪريون ته چئن خليفن مان، جن رسول اللهﷺ جي ٻڌايل رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي، ٽن مان ٽن کي رڳو انهيءَ ڪري شهيد ڪيو ويو جو اهي حڪمرانن وانگر پنهنجو ذاتي تحفظ ضروري نه سمجهندا هئا.[1]

اها آهي انهيءَ بادشاهت ۽ بگاڙيل اسلام جي صحيح تصوير جيڪا بادشاهت جي انهيءَ وڻ جو پڪل ميوو آهي، جنهن جو ٻج اموي دؤر جي شروعات سان دمشق ۾ پوکيو ويو هو. انهيءَ اسلام ۾ دمشق جي خلافت مان ئي، عوام ۽ ان جي مفادن کي اقتدار، قانون سازي ۽ معاشي وسيلن جي ملڪيت کان ٻاهر ڪڍيو ويو هو. خلافت جي اداري تي بادشاهه، جاگيردار ۽ انهن جي نوازيل طبقي قبضو ڄمائي ورتو هو. وري انهيءَ بادشاهت کي نسلي ۽ موروثي شڪل ۾ بدلايو ويو. عوام کي ”غلام“ بڻايو ويو. انهيءَ ئي اسلام کي ڊاڪٽر علي شريعتي بگاڙيل اسلام سڏي ٿو ۽ اهو هابيل جي قتل ڪري ڇڏڻ کان پوءِ، قابيلي نظام جي بنيادي شڪل آهي. فرعون (واڳ ڌڻي)، قارون (پيداواري وسيلن تي قابض) ۽ هامان يا بلعم باعور (مذهبي پيشوا) انهيءَ ناپاڪ ٽه ياري سموري انساني تاريخ ۾ عوام کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

******

[1] خليق احمد نظامي، تاريخ مشائخ چشت، تعارف از محمد حبيب، صدر شعبہ سياسيات، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه 1953ع ص 23_24.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب يارهون

# اهدنا

جهڙي طرح ربوبيت ۽ رحمت جو ضد پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل رعايتون ڏنل طبقو آهي، اهڙي طرح هدايت جو ضد مذهبي پيشوائيت آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد هدايت جي قسمن ۽ الهديٰ تي جيڪو مقالو لکيو آهي، سو پنهنجي نوعيت ۾ ڏيڍ هزار سال جي تفسيري ادب ۾ پهرين لکت آهي. ان جو سبب هي آهي تہ اسلام ڪي ختم نبوت جي سماجي ۽ بين الاقوامي اصولن جي روشنيءَ ۾ مطالعو نہ ڪيو ويو. ختم نبوت کان پوءِ اسلام هڪ عالمگير انقلاب جو پروگرام ۽ دائمي مذهب بڻجي چڪو آهي. ان ڪي رڳو مذهبن جي هجوم ۾، هڪ وڏيڪ مذهب جي حيثيت سان مطالعو ڪرڻ، ان جي روح ۽ بنيادي مقصدن کي بگاڙي ڇڏڻ برابر آهي.

مولانا صاحب اسلام ڪي انساني هيڪڙائيءَ کي قائم رکڻ واري مقصد رکندڙ مذهب يا دين جي حيثيت سان ڏٺو آهي. اها ڳالهہ چٽي آهي تہ هڪ بين الاقوامي فڪر کي، عالمي سطح تي سڃاڻ ڪرائڻ ۽ ان جو غلبو قائم ڪرڻ جي لاءِ رڳو ٻہ رستا ٿي آهن. هڪ رستو تہ هي آهي تہ اهو فڪر پنهنجي اندر انساني مسئلن کي حل ڪرڻ جي ايتري صلاحيت رکندو هجي، جو ان جي روشني کان سواءِ ڪابہ ڪوشش ڪامياب نہ ٿي سگهي. ان وٽ بنيادي اصولن ۽ اٽمت قانونن (Fundamentals) جو هڪ اهڙو ذخيرو هجي، جيڪو زندگيءَ جي هر پاسي کان پيش ايندڙ مسئلن جو حل پيش ڪري سگهڻ جي صلاحيت رکندو هجي.

جيئن تہ هي عالمگير نوعيت رکندڙ دين آهي، انهيءَ ڪري ان لاءِ ضروري آهي تہ اهو دنيا ۾ موجود قومن جي مذهبي، معاشي، سياسي ۽ تهذيبي مسئلن ۾ اختلافن باوجود، انهن کي قائم رکندي، انهن لاءِ اهڙو علمي ۽

قانوني مواد ڏئي سگهي، جن جي موجودگيءَ ۾ انهن اختلافن جي انسان دشمن ۽ محنت جي استحصال جهڙن غير معاشرتي پاسن جو سڌارو ٿي سگهي. انهيءَ ڪري انهيءَ فڪر ۾ اهي صلاحيتون هئڻ گهرجن ته جيئن اهو دنيا جي مذهبن جي گڏيل بنيادي نظرين کي پاڻ سان گڏ ڪٺي سگهي ۽ پنهنجي بنيادي اصولن جي روح موجب انهن کي پنهنجي فڪر جو حصو بڻائي سگهي. اهڙي طرح ديني وحدت جي عالمگير اصول واري بنياد تي اهو انساني هيڪڙائي کي ٻيهر قائم ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙي سگهي. مذهبن جي پاڻ ۾ اختلاف جو اهو رستو نه رڳو تقابلي ۽ اونهي مطالعي ڪرڻ جهڙو آهي، پر انهيءَ عالمگير مذهب جي بنيادي اصولن جي روشنيءَ ۾، انهن اختلافن کي هر ممڪن حد تائين ختم ڪرڻ جي ڪوشش وارو آهي. انهيءَ ڪري انهن عالمگير مذهبن جي عالمن ۽ دانشورن کي پنهنجي شعور ۾، انساني نقطي نظر پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن اهي قومي، مقامي ۽ معمولي اختلافن جي ڏيڻ ۾ ڦاسي نه وڃن. انهن اختلافن کي سمجهڻ ۽ ختم ڪرڻ جي لاءِ محبت، برابري، امن پسندي، رواداري ۽ برداشت جي گڻن کي پنهنجي شعور جو حصو بنائڻو پوندو. اجا به انهن کي پنهنجي اندر سگهارو ڪرڻو پوندو، ته جيئن مطالعي جي وقت پنهنجي مذهب جي برتري جو جو غلط تصور انهن جي شعور تي سوڀارو نه ٿي سگهي.

ٻيو رستو هي آهي ته اهو فڪر يا مذهب، طاقت جي زور تي ٻين مذهبن يا فڪرن تي سوڀارو ٿي انهن کي ايترو ته دٻائي ڇڏي جو اهي اڀرڻ جي لائق ئي نه رهن. پر تشدد ۽ قوت جو اهو رستو وقتي ۽ عارضي هوندو. جيئن ئي انهيءَ فڪر يا مذهب وارين قومن جي ذهني ۽ عملي طاقت ۾ ڪمزوري ۽ جهول اچڻ شروع ٿيندو، دٻيل مذهب يا فڪر ان جي مخالفت، اجا به تباهيءَ لاءِ تيار ٿي ويندا. انهيءَ عمل سان انساني هيڪڙائيءَ بدران ويڇن ۽ نفرت جا جذبا وڌيڪ خرابي پيدا ڪري ڇڏيندا.

اسلامي تاريخ ۾ پهريون رستو صوفين سڳورن پنهنجايو هو. انهن اسلامي تعليم جي امن پسند، برابري، محبت، انسان دوستي، عوامي ڀلائي، بردباري ۽ سهپ جي گڻن کي پنهنجايو ۽ ان کي عدم تشدد (Non Violance) واري رويي سان ٻين مذهبن جي پيروڪارن وٽ روشناس ڪرايو. اهڙي طرح اسلام پکڙبو ويو. صوفين سڳورن کانسواءِ واپارين به انهيءَ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ حصو ورتو. جيئن ته واپاري پنهنجي واپاري ضرورت هيٺ طبعي طور تي بردبار ۽ سهپ وارو هوندو آهي، انهيءَ ڪري هو اهو تبليغ جو ڪم به سٺي نموني ڪري سگهيو. شروعاتي وقتن ۾ اسلام روح وارن اصحابن سڳورنن جي واپاريءَ جي حيثيت سان مختلف ملڪن ۾ رهائش اختيار ڪرڻ سان مقامي ماڻهو انهن جي سهڻن اخلاقن کان متاثر ٿي اسلام قبوليندا رهيا.

اهو سمجهڻ گهرجي ته مسلمانن جون جنگيون عام طرح سان دفاعي نوعيت جون هيون، پر بادشاهت جي منطقي گهرجن هيٺ مسلمان نه رڳو غير مسلمانن، پر پنهنجي ئي جماعتن خلاف جنگن ۾ شروع ٿي ويا. ان جي باوجود به مسلمان بادشاهن، ڪڏهن به طاقت جي زور تي، غير مسلمانن کي پنهنجي مذهب جي دائري ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي.

مولانا ابو الڪلام آزاد به پهريون رستو اختيار ڪيو آهي. پر اهو رستو انهيءَ دؤر جي سائنسي مزاج موجب آهي. مولانا فرمائي ٿو ته بردباري پڪ سان هڪ پلو گڏ آهي، پر ان سان گڏوگڏ عقيدي جي مضبوطي، راءِ ۽ فڪر جي پختگي جهڙن گڻن جو انڪار به نٿو ڪري سگهجي. سو هتي ڪا نه ڪا حد بندي جي ليڪ ضرور هئڻ گهرجي، جيڪا انهن سمورن گڻن کي پنهنجي جاءِ تي قائم رکي. اخلاق جا سمورا حڪم انهن ئي حدن جي اندران اپرندا ۽ جڙندا آهن. جيئن ئي اهي لڏڻ لڳندا آهن، اخلاق جو سمورو ڪوٽ ڪرڻ لڳندو آهي. وري فرمائي ٿو:

”بردباري اها آهي ته پنهنجي اعتقادي حق ۽ عمل سان ٻئي جي اعتقادي حق ۽ عمل کي به مڃتا ڏني وڃي. جيڪڏهن ٻئي جي واٽ توهان کي بلڪل غلط ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ته به ان جي حق جو انڪار نه ڪريو. ڇو جو هو پنهنجي غلط واٽ تي به هلي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن بردباريءَ جون حدون ايترو وڌايون ويون جو اهي توهان جي عقيدي ۾ به مداخلت ڪري سگهن ۽ توهان جي فيصلن کي به نرم ڪري سگهن ته پوءِ اها بردباري نه ٿي، پر فڪري پختگي جو انڪار ٿيندو“. (قرآن اور صفات الاہی کا تصور، 172)

هن اقتباس مان خبر پئجي وڃي ٿي ته مولانا موصوف، قرآن حڪيم جي، دنيا جي مذهبن لاءِ ”مهيمن“ (Watcher) هئڻ واري حيثيت کي قائم رکندي، ٻين مذهبن ڏانهن اصلاح وارو رويو پنهنجائي ٿو. هو قرآن جي فڪري پختگي جو دامن نٿو ڇڏي. انهيءَ سان متس آيل هي اعتراض به ختم ٿي وڃي

ٿو ته هن اسلام ۽ ٻين مذهبن جي ڦير ڦار ڪيل تعليم ۽ عقيدن کي پاڻ ۾ ملائي، ديني هيڪڙائي واري تصور کي سهيڙيو هو. اهو اعتراض احمد پرويز ۽ ٻين ٻي عقل ۽ طاقت جي زور تي اسلام جو ٻين مذهبن مٿان سوڀارو ٿيڻ وارن، اسلام پسند دانشورن ۽ عالمن ”ترجمان القرآن“ جي ڇاپڇڻ کان پوءِ ڪيو هو. غلام احمد پرويز مولانا موصوف جي اسلام واري تصور کي گنگا جمنا يا برهمو سماجي اسلام سان تعبير ڪيو هو. اهو اعتراض ڪندي، پرويز پنهنجي برطانوي حڪومت جي ملازم هئڻ واري حيثيت ۽ ان لاءِ وفاداري وارن جذبن کي نظر انداز ڪري ڇڏيو هو. ايتري تائين جو هندستان ۾ آزاديءَ جي جنگ وڙهڻ جي بدلي ۾ پنجويهن سالن جي جلاوطني ڪاٽي ايندڙ عظيم مجاهد حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه تي، پنهنجي نالي ماتر اسلامي تصور جي نظر سان اعتراض ڪيا هئا. ڪٿي حضرت ابوالڪلام ۽ عبيد الله سنڌي جهڙا عظيم مجاهد ۽ علم جا ٻي ڪنار سمنڊ ۽ ڪٿي برطانوي حڪومت جو ملازم غلام احمد پرويز! جيڪو پنهنجي آخري عمر ۾ علامه اقبال تي به ٺوڪون ڪرڻ کان نه مڙيو. اهو سڀ ڪجهه ”ڪوئي جو سوپاري لهڻ تي پساري تي ويهڻ“ وانگر آهي. اقبال صحيح چيو آهي:

قوموں کی تقدیر وہ مرد درویش — ڈھونڈی نہ جس نے سلطان کی درگاہ

هدايت جي عالمگيريت ۽ اسلام جي مؤقف تي روشني وجهندڙ انهيءَ تمام ئي قيمتي مقالي (وحدت دين کي اصل عظيم اور قرآن حڪيم) بابت ڪجهه تشريحي ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون ته جيئن علم دوست پڙهندڙ هن مقالي جي اهميت کي، ان جي روح مطابق سمجهي سگهن.

سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ آهي ته الله تعاليٰ جي ربوبيت ۽ رحمت کي عوام جي هر فرد تائين پهچائڻ جي لاءِ، پيدا واري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل فردن جي ملڪيت واري حق کي ختم ڪري، انهن وسيلن کي عوام جي ملڪيت ۽ پهچ ۾ ڏيڻو پوندو. تاريخ ٻڌائي ٿي، ته غلام، زرعي غلام ۽ پگهاردار غلام تائين گذريل هزارين سالن کان وٺي اڄ تائين خدا تعاليٰ جي ربوبيت ۽ رحمت پهچي نه سگهي ۽ اهو مزدور ۽ دولت کان خالي طبقا اڄ تائين زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان به محروم آهن. هڪ حديث پاڪ ۾ چيو ويو آهي ته ”الخلق عيال الله“ جڏهن ته اسان ڏسون ٿا ته خدا تعاليٰ جي عيال جو نوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪڙو حصو، الله تعاليٰ جي پيدا ڪيل ربوبيت جي سامان ۽ رحمت کان هزارين سالن کان محروم آهي. انهن کي الله تعاليٰ جي ربوبيت جي وسيلن مان برابري جي بنياد تي نفعو پهچائڻ لاءِ رڳو زڪوات، خيرات، صدقن، ميراث جي ورهاست ۽ انفاق جون ٻئي شڪليون ڪافي نه آهن، پر رزق جي خرچ جو هي پهريون مرحلو آهي، ته سمورن پيداواري وسيلن کي عوام جي ملڪيت ۾ ڏيڻ سان ئي انسان جي خودداريءَ جي حفاظت ٿي سگهي ٿي ۽حلال رزق به ملي سگهي ٿو، جيڪو فرد جي محنت جي پيداوار هوندو آهي ۽ رزق جي خرچ جو هي ٻيو ۽ آخري مرحلو آهي.

اهڙي طرح هدايت کي عام انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ مذهبي پيشوائيت جي اداري کي ختم ڪرڻو پوندو ۽ ان جي جاءِ تي غير پيشه ور مذهبي محققن کي اڳتي آڻڻو پوندو. ڇو جو مذهبي پيشوائيت وارو ادارو دنيا جي مذهبن وچ ۾ ويڇو ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جو سڀ کان وڏو وسيلو آهي. هر مذهب جو مذهبي پيشوا، ٻين مذهبن تي پنهنجي مذهب جي مٿيراڻپ ثابت ڪرڻ لاءِ توهين ڪندڙ رويو اختيار ڪندو آهي. هر مذهبي پيشوا دعويٰ ڪندو آهي ته جيڪو ماڻهو هن مذهبي ٽولي ۾ شامل نه ٿيندو، سو آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙن مان نه هوندو. ٻين لفظن ۾ هنن جو مطلب هي آهي ته ڇوٽڪاري جو نيڪ عمليءَ سان ڪوبه لاڳاپو نه آهي، پر اهو ڪنهن خاص ٽولي يا جماعت ۾ شموليت سان لاڳاپو رکي ٿو. هر مذهب جي مذهبي پيشوا، پنهنجي مذهب جي پاڪ باني جي تعليم کي بگاڙي پيش ڪيو آهي. يعني معاشري کي توحيد جي گهرجن تي قائم ڪري، ان کي متضاد معاشي طبقن کان پاڪ ڪرڻ بدران رڳو رسمن ۽ ظاهري عبادتن جي ادائگي، عبادتخانن جي اڏاوت ۽ سينگار ۽ مذهبي پيشوائن جي ٻڌايل عقيدن کي مڃڻ تي زور ڏنو آهي. قرآن ڪريم ٻڌايو آهي ته خدائي وحي جي پيروي سان خوف (ويڙهه جهيڙي) ۽ حزن (غربت، غلامي، جهالت ۽ معاشي هيٺائي) کان پاڪ معاشرو قائم ٿي سگهندو، جنهن کي ٻين لفظن ۾ جنت يا جنتي معاشري جو ٻيهر حاصل ڪرڻ سڏي سگهجي ٿو ۽ پهرين جنت جي کسجي وڃڻ سان، جيڪا رڳو هڪ خدائي بخشش هئي، هاڻي انسانن کي اهڙي جنت جي اڏاوت ۽ جوڙجڪ جي لاءِ پنهنجي رت پگهر هڪ ڪرڻو پوندو. ڇو جو معاشري جي سالميت ختم ٿي وئي آهي ۽ اهو متضاد معاشي طبقن ۾

ورهائجي چڪو آهي.

تنهن ڪري خدائي هدايت ڪي، جيڪا سموري عوام جي لاءِ آهي، هر فرد تائين پهچائڻ لاءِ نه رڳو مذهبي پيشوائيت جي پاڻ پڏائڻ واري لاڙي کي ختم ڪرڻو پوندو، پر انهي پيشه ور اداري کي هميشه جي لاءِ ختم ڪرڻو پوندو. جيستائين انهيءَ مذهبي پيشوائيت جي منظم اداري کي ختم نٿو ڪيو وڃي، مذهب انساني ٻڌي ۽ هيڪڙائي جي قيام ۾ ڪابه مدد ڪري نه سگهندو.

نبوت جي خاتمي جو مطلب ئي اهو هو ته وڏيڪ مذهبي گروهه پيدا نه ٿي سگهن ۽ انسانيت هڪٻئي جي خلاف وڏيڪ مذهبي ٽولن ۾ ورهائجي نه سگهي. انهيءَ ڪري قرآن خدائي وحي جي عواميت تي زور ڏنو آهي ته جيئن دينن جي هيڪڙائيءَ وارو نظريو انساني هيڪڙائيءَ جو بنياد بڻجي سگهي. قرآن ڪريم، جيئن هن مقالي مان ثابت ٿئي ٿو مذهبن جي گڏيل اخلاقي ۽ روحاني قدرن تي زور ڏنو آهي ۽ رسمن ۽ ظاهري ناهه نوهه (Formalism) ۽ رسم پرستي (Ritualism) تي زور نه ڏنو آهي. ڇو جو اهي ٻئي ڳالهيون مذهب ۾ فرقه واريت ۽ پاڻ پڏائڻ واري رويي جو سبب بڻجنديون آهن.

تنهن ڪري مذهبي پيشوائن جي جاءِ، جيڪي خلافت جي قيام ۽ اسلام نافذ ڪرڻ واري شور سان پنهنجي دڪانداري چمڪائي رهيا آهن، مذهبن جي تحقيق ڪندڙن کي ڏيڻ گهرجي ته جيئن بنا ڪنهن لالچ جي، سائنسي تحقيقي طريقي سان، دنيا جي مذهبن جي گڏيل تعليم کي مرتب ڪري سگهن. هي اهو طريقو آهي، جنهن سان موجوده دؤر جي سائنسي زماني ۾، مذهبي گروهه بندي ۽ ان سان آخرت جي ٺيڪيداري جي وابستگيءَ کي ختم ڪري سگهجي ٿو. مذهبن جي تعليم وچ ۾ ٻولين جي اختلاف جيڪي پردا ڏئي ڇڏيا آهن، انهن پردن کي علم وارا ئي هٽائي سگهن ٿا. ڇو جو اهي محقق ۽ علم ۽ سمجهه وارا، مذهب کي مذهبي پيشوا وانگر، پنهنجي ذات جي لاءِ مالي، سياسي ۽ معاشرتي مرتبا حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال نه ڪندا. علم جو شان ۽ فائدو تحقيق ۾ غير جانبدار رويي تي آڌاريل هوندو آهي ۽ اهو ئي لاڙو سچي علم واري جي سڃاڻ ٿيندو آهي. مذهبي پيشوائيت نه رڳو دنيا جي مذهبن وچ ۾ فرق، نفرت ۽ جارحاڻي مذهبي گروهه بندي پيدا ڪري ڇڏي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر پنهنجي ئي مذهب جي پيروڪارن وچ ۾ تشدد پسند عقيدن جي ڪري، ويڙهاڪ فرقيواريت کي پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

اسلام ۾ نمازين کي ان ڳالهه جي اجازت آهي ته اهي پاڻ مان ڪنهن به ماڻهو کي امامت لاءِ چونڊن. پگهاردار امامت جو بنياد بادشاهت واري زماني ۾ پيدا ٿيو ۽ اها ئي ڳالهه مذهبي پيشوائيت ۽ ان جي مذهب تي ٺيڪيداري قائم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي آهي.

ٽئين اهم ڳالهه جيڪا مولانا موصوف جي هن قيمتي مقالي مان ظاهر ٿئي ٿي، سا هيءَ آهي ته قرآن جو مقصد هر مذهب جي پيروڪار کي، ان جي پنهنجي ئي مذهب جي (اصلي) اخلاقي ۽ روحاني تعليم جو سچو پيروڪار بنائڻ آهي نه جماعت بدلائڻ. الله تعاليٰ جي عدالت واري ڳڻ جي معاملي ۾، اها ڳالهه چٽي ڪئي وئي آهي ته قرآن ڪريم جي نظر ۾ آخرت جو ڇوٽڪارو عملن سان واڳيل آهي. هڪ مذهبي جماعت مان نڪري ٻئي مذهبي جماعت ۾ شامل ٿيڻ سان نه آهي. قرآن ڪريم چٽائيءَ سان ٻڌائي ٿو ته هر امت جي لاءِ عبادت ۽ قربانيءَ جا طريقا مقرر ڪيا ويا آهن. قبلي جي متجڻ واري معاملي ۾ ان ڳالهه جي چٽائي ڪئي وئي آهي ته اوڀر ڏي منهن ڪرڻ يا اولهه ڏي منهن ڪرڻ ۾ نيڪي نه آهي. ان جو مطلب هي آهي ته ڪعبة الله ڏي منهن ڪري نماز پڙهڻ امت جي تنظيم جي لاءِ ضروري آهي، عبادت جي لاءِ نه. ڇو جو عبادت ته ڪنهن به پاسي منهن ڪري ادا ڪري سگهجي ٿي.

قرآن ڪريم انهن سمورن نبين سڳورن ۽ انهن تي وحي وسيلي نازل ٿيندڙ تعليم تي ,مسلمان جي لاءِ ايمان آڻڻ لازمي سڏيو ويو آهي. قرآن ڪريم شرع ۽ دين کي جدا جدا ڪري ڇڏيو آهي. پر ٿيو ايئن ته عالمن سڳورن اسلام جي دائمي ۽ عالمگير ڪردار کي نه سمجهندي ,نبين سڳورن جي تعداد کي نه رڳو سامي نسل تائين محدود ڪري ڇڏيو پر سامي نسل ۾ به اهي نبي سڳورا، جن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ آهي، تائين محدود ڪري ڇڏيو. آريائي ۽ زرد قومن جي نبين کي پيغمبر مڃڻ کان پاسو ڪيو ويو. نتيجو اهو ٿيو جو قرآن ۽ اسلام جي تعليم جو دائرو تمام ئي سوڙهو ٿي ويو ۽ دينن جي وحدت واري فلسفي ۽ مسلڪ کي سخت نقصان پهتو. اهو لاڙو انساني هيڪڙائي جي قيام ۾ وڏي رڪاوٽ بڻجي چڪو آهي. انهيءَ تي

وڏيڪ ظلم هي ٿيو آهي تہ قرآن ڪريم ڪانسواءِ سمورن پاڪ ڪتابن کي مڪمل طور تي ڦير ڦار ٿيل سڏي رد ڪيو ويو آهي.

قرآن ٻڌايو آهي تہ قرآن جي ٻين مذهبن جي ڀيٽ ۾ اهميت ان ڪري آهي تہ هي آخري ۽ دائمي مذهب آهي. انهيءَ لحاظ کان ان جو فرض بڻجي ٿو تہ هو سمورن مذهبن ۾ ، وقت گذرڻ سان، انهن مذهبن جي مذهبي پيشوائن جي غلفت ۽ تنگ نظري جي ڪري، اهڙي تعليم شامل ٿي وئي، جيڪا خدائي وحي مطابق نہ هئي، تنهن جي ڇنڊائي ڪري ۽ اصل حقيقت کي کولي بيان ڪري. قرآن ڪريم عيسائيت ۽ يهوديت جي غلط عقيدن تي پاڻ بہ تنقيد ڪندي، مسلمان محققن جي رهنمائي ڪئي آهي تہ جيئن اهي قرآن کي ”مهيمن“ سمجهندي، آريائي ۽ زرد قومن جي پاڪ ڪتابن جو جائزو وٺن ۽ انهن جي صحيح تعليم کي اجاگر ڪن. لفظ ”مهيمن“ جو مطلب ڪسوٽي يا معيار (Criterion or Watcher) آهي، جنهن تي مختلف عقيدن جي تعليم صحت کي جاچي سگهجي ٿو ۽ انهن جي حفاظت ڪري سگهجي ٿي.

هي تمام ئي عظيم علمي ڪم ڏيڍ هزار سالن کان نہ ٿي سگهيو جنهن جو سڀ کان وڏو سبب بادشاهت، جاگيرداري ۽ مذهبي عالمن جو پنهنجي دينوي مرتبي کي قائم رکڻ آهي. اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ اسلام پنهنجي تعليم کي تشدد ۽ زور زبردستيءَ سان، ٻين مذهبن ۽ قومن تي نٿو مڙهي، پر حڪمت ۽ ڏاهپ سان انهن جي غلطين جي نشاندهي ڪري ٿو. جيتوڻيڪ اسلام جي آمراڻي تعبير ڪرڻ وارن ذهنن دين اسلام کي، جيڪو اصل ۾ سمورن نبين سڳورن جو آندل حقيقي دين آهي، دنيا جي دينن تي ظاهر ڪرڻ لاءِ ”ولو ڪره المشرڪون“ جو سهارو ورتو آهي، پر ان جو مطلب تشدد ۽ جنگ جي ذريعي اظهار نہ، پر ڏاهپ ڀري نصيحت ۽ حڪمت ذريعي ظاهر ڪرڻ آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ اهڙي طرح سان ظاهر ڪرڻ بہ مذهبي پيشوائيت جي لاءِ ڏکيائيءَ جو سبب بڻجندو آهي. ڇو جو انهيءَ تنقيد سان انهن جي پنهنجي تقدس ۽ ٺيڪيداري جو لاڙو ۽ مرتبو خطري ۾ پئجي ويندو آهي. پر قرآن اهو ٿو چوي تہ حڪمت ۽ ڏاهپ ڀري نصيحت سان ڪيل تنقيد جي ڪري، انهن ٺيڪيدار جماعتن کي تڪليف ۽ ڏک پهچي ٿو تہ انهيءَ جي پرواهہ بلڪل نہ ڪرڻ گهرجي. هر مذهب جي پيروڪارن ۾ اهڙا

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داناءَ انسان ۽ کليل ذهن وارا ماڻهو گهٽا ئي هوندا آهن. جيڪي حق جي ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکندا آهن.

انهيءَ سلسلي ۾ مسلمان محقق جو فرض آهي تہ اهي قرآن ڪريم ۽ ٻين پاڪ ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ وقت ”لفظ پرستي“ کان پاسو ڪن ۽ لفظ جي اندر لڪيل معنيٰ ۽ مطلب کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. اهو لفظ پرستي جو ئي نتيجو آهي جو جڏهن بہ اسلام جي نفاذ جي چرچو ٿيڻ لڳندو آهي تہ، سدائين انهيءَ جو مطلب هٿ ڪٽڻ ۽ ڪوڙا هڻڻ ورتي ويندي آهي. اهو سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي آهي تہ انهن تعزيرن جي پويان ڪهڙا مقصد لڪل آهن جن کي حاصل ڪرڻ ئي دين جو بنيادي مقصد آهي. ساڳيو ئي لاڙو ٻين شرعي حڪمن جي باري ۾ رکيو ويندو آهي. حضرت عمرؓ جي اجتهادن مان لفظ پرستي جي خلاف سبق وٺي سگهجي ٿو. حضرت عمرؓ جا اجتهاد، لفظن جي پويان لڪل مقصدن تي روشني وجهن ٿا جن مقصدن کي حاصل ڪرڻو هوندو آهي. امت جي زوال واري زماني ۾ پلجندڙ ذهن، لفظ پرستيءَ کي پنهنجي سڃاڻ بڻائي ورتو. جڏهن تہ قرآن چٽيءَ طرح سان ٻڌايو آهي تہ نبي يا رسول جي حقيقي ذميواري آيتن جي تلاوت سان گڏوگڏ قانون (ڪتاب) ۽ ان جي حڪمت کي بہ بيان ڪرڻ هوندو آهي. روايت پرست عالمن قانون تي تہ زور ڏنو پر ان جي حڪمت کي پٺ پويان اڇلائي ڇڏيو ڪيو. قانون سدائين وقتي ۽ مقامي هوندو آهي، جڏهن تہ حڪمت دائمي ۽ آفاقي هوندي آهي.

مولانا موصوف جي ذڪر ڪيل مقالي کي غور سان مطالعو ڪرڻ سان خبر پئي ٿي تہ اسلام جي تبليغ جا بہ مرحلا آهن. پهرين مرحلي ۾ سمورن سامي، آريائي ۽ زرد قومن جي نبين تي ايمان آندو ويندو آهي. يعني انهن جي تاريخي ۽ انساني اهميت کي سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ مرحلي ۾ اسلام جي باني تي اهڙي قسم جو اجمالي ايمان ضرور هوندو آهي، جهڙوڪ هڪ مسلمان سمورن نبين تي اجمالي ايمان رکي ٿو. ان جو مطلب هي آهي تہ نبين سڀني جي سچائي ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن کي خدا جي طرف کان نازل ڪيل سمجهيو ويندو. انهيءَ صورت ۾ ڪنهن مذهب جو پيروڪار پنهنجي مذهبي

ٿولي مان نڪري مسلم ٿولي ۾ نہ ايندو[1] پر پنهنجي ٿولي ۾ رهندي پنهنجي مذهب جي مشرڪاڻي تعليم جي مخالفت ڪندو ۽ خدا تعاليٰ جي هيڪڙائي، آخرت جي زندگي ۽ نيڪ عملن جي بنياد ڪي، جيڪو هر مذهب جو بنياد آهي، پنهنجي پاڪ ڪتاب مان ظاهر ڪندو. اها ئي مذهب جي بنيادي ۽عالمگير تعليم آهي ۽ قرآن انهيءَ ئي بنياد تي دينن جي هيڪڙائيءَ واري فلسفي جي عمارت اڏي آهي. قرآن ڪريم "لا نفرق بين احد من رسلہ" جي اصول تي انهيءَ ڪري ئي زور ڏئي ٿو.

جيئن تہ قرآن آخري ڪتاب آهي، اهو دنيا جي سمورين قومن سان ڳالهائي ٿو ۽ قيامت تائين انهيءَ جي تعليم قائم ۽ دائم آهي، تنهن ڪري قرآن چيو آهي تہ ڪن نبين سڳورن جا نالا ڪنيا ويا آهن ۽ ڪن جا نہ. اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ قرآن ڪريم پنهنجو فڪري بنياد دين ابراهيم تي رکيو آهي. ايئن ڇو ٿيو؟ انهيءَ جي لاءِ امام شاهہ ولي اللهؒ جي ڪتاب "تاويل الاحاديث" ۽ ان جي فلسفي جي شرح مولانا عبيدالله سنڌيؒ جي حوالي سان مطالعو ڪرڻ گهرجي. انهيءَ ڪتاب ۾ مولانا موصوف صابيت (آريائي ۽ زرد قومن) ۽ حنفيت جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي تي روشني وڌي آهي. امام ولي الله جي نظر ۾ خدائي هدايت جو مرڪز، فطرت جي نظارن مان انساني دل ڏانهن هليو ويڃڻ آهي. انهيءَ فلسفي سان، گذريل قومن جي ستارا پرستي ۽ شخصيت پرستي جو حل نڪري اچي ٿو ۽ شرڪ جو مطلب چٽو ٿي وڃي ٿو جنهن سان انهن قومن کي خوار ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ڪتاب ۾ مولانا موصوف فرمايو آهي تہ آريائي قومن جي حڪمت ۽ سامي نبوت ٻئي هڪ ئي سلسلي جا ٻہ پاسا آهن.

قرآن ڪريم کي جنهن نقطي نظر سان مطالعو ڪيو پئي ويو آهي، سو بلڪل ئي علائقائي ۽ محدود آهي. جڏهن تہ قرآن ڪريم ختم نبوت جي ڪري هڪ دائمي ۽ عالمگير داعي آهي. اها ڳالهہ چٽي آهي تہ ڌرتيءَ جي گولي تي رڳو سامي نسل جون قومون ئي نہ ٿيون رهن، پر انهن کان تعداد ۾ گهڻو وڌيڪ، آريائي ۽ زرد قومون بہ آباد آهن. ٻئي پاسي قرآن ڪريم جي اها دعويٰ

[1] اسلام تہ آهي ئي ان ڳالهہ جو نالو تہ الله تعاليٰ طرفان سمورن قومن ڏانهن موڪليل رسولن کي مڃيو وڃي ۽ آخري پيغمبر ﷺ جي بنيادي تعليم کي جيڪا سمورن نبين وٽ ساڳي رهي آهي، مڃي ۽ انهيءَ جي ئي روشنيءَ ۾ زندگي گذاري. (سنڌيڪار)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته الله تعاليٰ هر ڳوٺ ۾ پنهنجو پيغمبر موڪليو آهي. پوءِ جيڪڏهن آريائي ۽ زرد قومن ۾ نبين سڳورن کي موڪليو وڃڻ واري ڳالهه کي نه مڃيو ويندو ته قرآن جي اها دعويٰ سچائيءَ واري نٿي رهي. وري جيڪڏهن اهو ڪمزور بهانو اختيار ڪيو وڃي ته، جيئن ته قرآن ڪريم انهن جا نالا نه ڪنيا آهن، تنهن ڪري اسان انهن تي ايمان آڻڻ لاءِ پابند نه آهيون ته انهيءَ بهاني کي ختم ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ سورت لقمان نازل فرمائي. حضرت لقمان جي باري ۾ مفسرن جي گهڻائي ان ڳالهه تي متفق آهي ته هو نبي نه هو خدائي حڪيم هو. ان جو مطلب هي آهي ته الله تعاليٰ وٽ انهيءَ تعليم جي اهميت آهي، جنهن ۾ شرڪ جو انڪار، خدائي هيڪڙائيءَ جو اقرار، آخرت جي زندگيءَ تي ايمان ۽ نيڪ عملن تي زور ڏنو ويو هجي. انهيءَ تعليم کي پيش ڪرڻ واري جي لاءِ نبي هئڻ ضروري ۽ لازمي نه آهي. انهيءَ باري ۾ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته حڪمت مومن جو گم ٿيل مال آهي، ڪيس جتان به ملي ته ان کي حاصل ڪري. هاڻي جيڪڏهن انهيءَ معيار تي دنيا جي مذهبن جي پاڪ ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي ته، نبوي تعليم جو اهو بنياد جيڪڏهن انهن ۾ موجود آهي، ته اهي ڪتاب ۽ انهن جا مقدس باني پنهنجي دعويٰ ۾ سچا ٿين ٿا ته اهي خدا تعاليٰ جي طرف کان آهن.

دنيا جي بين مذهبن جي ڀيٽ ۾ مسلمان مفڪرن جو اهو فرض بڻجي ٿو ته، اهي قرآن ۽ دنيا جي مذهبن جي پاڪ ڪتابن جو گڏوگڏ مطالعو ڪن ۽ انهن جي بنيادي تعليم کان سواءِ، جيڪڏهن ڪا ڳالهه قران ڪريم جي ٻڌايل هدايت جي خلاف هجي، ته ان جي نشاندهي ڪن ۽ ان مذهب جي عالمن سان حڪمت ۽ ڏاهپ پري نصيحت سان خيالن جي ڏي وٺ ڪن ۽ انهن کي قرآن جي تعليم تي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. افسوس، جو ڏيڍ هزار هزار سالن ۾ مسلمان، عالمن قرآن ڪريم طرفان انهن تي لاڳو ڪيل انهيءَ فرض کي ادا نه ڪيو. اشعريت جي زهر جي اثر ۾ اچي اهي هر غير مسلم تعليم کان نفرت ڪندا رهيا. انهيءَ سلسلي ۾ صوفين جون ڪجهه ڪوششون موجود آهن، پر اهي به عالمن جي نظر ۾ مستند نه آهن.

اڪبر اعظم، داراشڪوه، حضرت مرزا مظهر جان جانان جهڙن صوفي عالمن جيڪي ڪوششون ڪيون آهن ۽ ان سلسلي ۾ انهن کان جيڪي غلطيون ٿي ويون، بجاءِ ان جي جو انهن غلطين کي سڌاري دينن جي

هيڪڙائي ۽ انساني هيڪڙائي واري مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها، ان جي برخلاف انهن فردن جي خلاف ڪفر سازي جو محاذ قائم ڪيو ويو ۽ ڪن کي قتل ڪيو ويو. ڀڳتي تحريڪ کي مذهبن جي هيڪڙائي ۽ هندو مسلم اتحاد جي معاملي ۾ هڪ هاڪاري ۽ انسان دوست قدم سڏيو وڃي ها، پر ان جي بدران انهيءَ تحريڪ کي اسلام دشمني سڏيو ويو ۽ چيو ويو تہ اها مسلمانن جي جميعت جي خلاف هڪ سازش هئي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو مسلمان امت انهن سمورن عالمي ۽ انساني مقصدن کي حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي وئي، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ قرآن نازل ڪيو هو ۽ نبوت جي سلسلي کي ختم ڪيو هو. امت جي انهيءَ رويي جي ڪري، قرآن هڪ وڏي ٻوڏ ۽ ٻي ڪنار سمنڊ ٻنجڻ بدران هڪ ننڍڙي ندي جي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي، جنهن جو ڪم دنيا جي مذهبن جي خلاف نفرت پکيڙڻ ۽ انساني ٻڌي ۽ هيڪڙائي کي قائم ڪرڻ بدران ويڇا پيدا ڪرڻ وڃي رهيو آهي. دنيا جي مذهبن جي ڪن غلط عقيدن جي اصلاح جي لاءِ، جيڪي انهن جي مذهبي پيشوائن پنهنجي گماني مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انهن ۾ داخل ڪري ڇڏيا هئا، يا وري صحيح عقيدن جي غلط تعبير ڪري ڇڏي، حڪمت ۽ دانائيءَ وارو طريقي ڪار اختيار ڪيو وڃي ها، پر ان جي جاءِ تي مناظري بازي واري طريقي کي اختيار ڪيو ويو جنهن ۾ خليفي عبدالحڪيم چواڻي تہ دماغ گرم ٿي ويندو آهي ۽ زبان تيز ٿي ويندي آهي، ان جي نتيجي ۾ حقيقت پنهنجو منهن لڪائي موڪلائي هلي ويندي آهي، باقي پاڻ ۾ مٿا ڦاڙ جهيڙن جو ڪاروبار رهجي وڃي ٿو.

تنهن ڪري تبليغ جي پهرين مرحلي ۾ اهڙا سڏارا، محبت ڀريل ماحول ۽ انسان دوست فضا قائم ڪرڻ آهي، جنهن ۾ مسلمان ۽ ٻين مذهبن جا پيروڪار، پنهنجن هڪٻئي سان اختلافن باوجود، هڪ ٻئي جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ پاڪ ڪتابن جو گڏوگڏ مطالعو ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن. مسلمان سامي، آريائي ۽ زرد نسل جي نبين سڳورن، انهن جي تعليم تي اجمالي طور ايمان آڻين ۽ غير مسلمان اسلام جي باني ۽ قرآن حڪيم تي ايمان آڻين ۽ ان ايمان کان پوءِ هر مذهب جو پيروڪار پنهنجي پنهنجي مذهبي گروهہ ۾ رهي، پنهنجي مذهب جي پيروڪارن کي، دنيا جي مذهبن جي بنيادي تعليم جو

قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته جيئن دينن جي هيڪڙائي جي هڪ عالمگير تحريڪ شروع ٿي سگهي ۽ اڳتي وڌي سگهي.

ٻئي مرحلي ۾ ڪنهن مذهب جي پيروڪار، جو پنهنجي مذهبي جماعت مان نڪري، پنهنجي عزيزن قريبن کان ناتو ٽوڙي مسلمانن جي جماعت ۾ شامل ٿي وڃڻ کي ممڪن سمجهي سگهجي ٿو. پر انهيءَ مرحلي لاءِ مسلمانن جي ئي ديني فڪر ۾ بنيادي تبديليون آڻيون پونديون. اها جماعت، جيڪا مسلمان سڏرائي ٿي، اسلام جي حقيقي تعليم ۽ مقصدن کان گهڻو پري هلي وئي آهي. هي اهو وقت آهي، جنهن لاءِ قرآن اڳي ئي چئي ڇڏيو ته اي ايمان وارؤ! الله جي رسول تي ايمان آڻيو (الصف). ايمان جي اها تجديد، پنهنجي شروعاتي دؤر ۾ جيتري اهميت رکي پئي، ان کان ڪروڙين دفعا وڌيڪ هن زماني ۾ اهميت رکي ٿو.

علامه اقبال جي هڪ اجتهاد جو هتي ذڪر ڪيو وڃي ٿو. جيڪو صورتحال تي صحيح معنيٰ ۾ روشني وجهندو. ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ”اقبال اور ملا“ ۾ انهيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن لکيو آهي ته هڪ ڏينهن هڪ هندو نوجوان، جيڪو معاشيات ۾ ايم اي ڪري چڪو هو، علامه اقبال وٽ آيو ۽ چيو ته مون اسلام ۽ ان جي معاشي نظام جو اونهائيءَ سان مطالعو ڪيو آهي ۽ مان اسلام جي حقانيت جو قائل ٿي ويو آهيان. پر ڏکيائي هيءَ آهي ته منهنجي زال تمام ئي نيڪ ۽ فرمانبردار آهي ۽ مون کي ٻارن سان به محبت آهي. مان جنهن عالم وٽ ويو آهيان ۽ انهن جي اڳيان پنهنجي اسلام جو اظهار ڪريان ٿو ته انهن سڀني مون کي هي چيو آهي ته توکي اسلام آڻڻ کان پوءِ پنهنجي ٻارن ٻچن ۽ ٻين عزيزن قريبن سان ناتا ٽوڙڻا پوندا، جڏهن ته اها ڳالهه منهنجي لاءِ اڻ ٽيٽي آهي. منهنجي زال ۽ ٻارن جو انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي جو مان انهن کي ڇڏي ڏيان؟ علامه اقبال انهيءَ هندو نوجوان کي چيو ته عالم غلط ٿا چون، تون پنهنجي اسلام جو اظهار ڪري ڇڏ ۽ پنهنجي ٻارن ٻچن سان گڏ رهه اچا به اڳي کان وڌيڪ سهڻي سلوڪ سان انهن سان پيش اچ ته جيئن اهي به تنهنجا هم خيال ٿي وڃن.

خليفو صاحب فرمائي ٿو ته ساڻس به هڪ اهڙو ئي واقعو پيش آيو. پاڻ جهانسي جي اسٽيشن تي گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو جو هڪڙي هندو شاگرد سان سندس ملاقات ٿي وئي. هو فلسفي ۾ ايم اي ڪري چڪو

هو ۽ پنهنجي مطالعي جي آڌار اسلام جي حقانيت جو قائل ٿي ويو هو. پر رڪاوٽ اها ئي هئي ته ڪيس پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ڀيڻ مٽڻ مائٽن کان جدا ٿيڻو ٿي پيو. خليفو صاحب فرمائي ٿو ته مون اقبال جي اجتهاد کي سامهون رکندي ان کي اها ئي صلاح ڏني ته هو اسلام جي اظهار کان پوءِ پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ رهي ۽ اڳي کان وڌيڪ انهن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪري ته جيئن اهي به سندس هم خيال ٿي وڃن.

اسان جي دؤر ۾ به هڪ اهڙو ئي مثال موجود آهي جو هڪڙو ماڻهو مارڪس جو پيرو ٿي خدا ۽ مذهب جو انڪار ڪري ڇڏي ٿو ۽ پنهنجي قوم جي رعايتون ڏنل طبقي جي خلاف جاکوڙ شروع ڪري ڏئي ٿو. پر ان جي باوجود هو پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ گهر وارن سان گڏ رهي ٿو. اصل ۾ هو هڪ مذهبي جماعت مان نڪري ٻئي مذهبي جماعت ۾ شامل ٿيڻ جي رسم، مذهبي پيشوائيت پنهنجي فائدي لاءِ شروع ڪئي آهي، باقي نه ته انهيءَ جي ضرورت بلڪل ئي نه هئي. آخرت واري زندگيءَ ۾ ڇوٽڪارو ڪنهن مذهبي جماعت ۾ شامل ٿيڻ تي آڌاريل نه آهي، پر نيڪ عمليءَ تي دارومدار رکي ٿو.

اسلام جي شروع واري زماني ۾ رسول الله ﷺ ۽ قرآن ڪريم تي ايمان آڻڻ جي نتيجي ۾ انهن جي مٿان سخت ظلم ڪيو ويندو هو. ايتري تائين جو آخرڪار انهيءَ شخص کي مجبور ٿي ڪري، پنهنجي جماعت مان نڪرڻو پوندو هو. پر هن دؤر ۾ جڏهن جو علمي قوتون تمام ئي ترقي ڪري چڪيون آهن ۽ اولهه وارن انسان پسندي ۽ آزاد فڪري وارن گڻن کي پنهنجي تهذيب جو بنياد بڻائي ڇڏيو آهي، هر سماجي ۽ فڪري تنظيم عالمي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي ته انهيءَ صورت ۾ مذهب جي مڃڻ يا نه مڃڻ جي ڪري فرد تي تشدد ڪرڻ هڪ پراڻي ۽ وساريل ڳالهه ٿي وئي آهي. مذهبي تشدد ۽ بنياد پرستي جي خلاف عالمي راءِ عامه سجاڳ ٿي چڪي آهي. پيغام رساني جي وسيلن ۾ ترقي ۽ علم جي اشاعت، دنيا کي هڪ عالمي ڳوٺ بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ دنيا جي سمورين يونيورسٽين ۾ هر مذهب سان تعلق رکندڙ ۽ هر ملڪ جا رهواسي پنهنجي ٻولي، تهذيب ۽ مذهب ۾ اختلاف رکڻ باوجود ٽولن جا ٽولا ٿي علم حاصل ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي چڪا آهن. عالمي راندين جي مقابلن ۾ به هر مذهب ۽ تهذيب جا فرد موجود هوندا آهن. انهن حالتن اهڙي فضا قائم ڪري ۽ اهڙو ماحول جوڙي ڇڏيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو مذهب ۽ تهذيب جي بنياد تي تشدد پريو اختلاف ممڪن ئي نہ رهيو آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ سمورن پاڪ ڪتابن جو هڪ ئي وقت مطالعو ڪري، دينن جي هيڪڙائي واري نظريي کي ترقي ڏني وڃي.

سوشلسٽ معيشت پيداواري وسيلن تي فرد جي ذات ملڪيت کي ختم ڪري، عوامي ملڪت قائم ڪرڻ جو فلسفو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ انهيءَ تي ڪيترين ئي رياستون قائم بہ ٿي ويون آهن. انساني هيڪڙائيءَ جي رستي ۾ اها هڪ وڏي رڪاوٽ هئي، جنهن کي ختم ڪيو ويو آهي. هاڻي انهيءَ کي عالمي سطح تي سوپارو ڪرڻ رهجي ويو آهي، جنهن لاءِ مزدور عوام ان ڏانهن اچي رهيو آهي.

مارڪس پيداواري وسيلن تي انفرادي ملڪيت جي خاتمي سان گڏ مزدورن کي، جيڪي مختلف مذهبن، تهذيبن رنگ نسل ۽ ٻولين سان واسطو رکن ٿا، جڏهن تہ انهن جا مفاد ساڳيا آهن، عالمي سطح تي متحد ڪرڻ جي لاءِ مذهب جو انڪار ڪري ڇڏيو. اها ڳالهہ مارڪس جي لاءِ ضروري هئي، ڇو جو دنيا جي مذهبن جي اصل تعليم کي انهن مذهبن جي پيشوائن، رعايتون ڏنل طبقن جي مفاد جي تحفظ لاءِ بگاڙي ڇڏيو آهي. هاڻي مذهبن جي تعليم معاشري کي توحيدي معاشرو يا غير طبقاتي معاشرو بنائڻ لاءِ جاکوڙڻ جي تاڪيد نٿي ڪري، پر رڳو خدا جي توحيد جو زباني اقرار کي ئي گهڻو سمجهي ٿو. تنهن ڪري مارڪس مذهب کي رد ڪري ماديت جي فلسفي کي پنهنجائي ڇڏيو. ڇو جو مادي جو پنهنجو ڪوبہ رنگ، ڪو خاص طرف يا جماعت نہ آهي. اهو تہ شڪل ڏيڻ کان مٿانهون آهي. هر صورت ۾ مظهر مادي جي ئي صورت ۾ مظهر آهي. انهيءَ ڪري هن خدا جي روحاني وحدت بدران، جنهن کي مذهبن جي تنگ نظر عالمن ورهائي ڇڏيو آهي، مادي هيڪڙائي کي ئي انساني هيڪڙائي جو بنياد سڏيو آهي.

مادو ۽ ان جو فلسفو پنهنجي اندر ناڪاري لاڙا رکي ٿو. مادو هاڪاري گڻن کان خالي آهي. اليڪٽران ۽ پروٽان ۾ ڪنهن قدر (Value) جو ملڻ، اسان جي بحث جو موضوع ئي نہ آهي. جڏهن تہ خدا جو تصور سمورن هاڪاري ۽ اعليٰ قدرن جو سرچشمو آهي. خدا تعاليٰ جي هستي مادي وانگر زندگي، شعور، ارادي ۽ مقصد کان خالي نہ آهي. اجا بہ اها پنهنجي ذات ۾ هميشہ زنده ۽ هميشہ قائم آهي. الله تعاليٰ جي ذات اڪيلي آهي. ڪيس

نسلي، تهذيبي ۽ مذهبي جماعتن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. هو زمين ۽ آسمان جو نور آهي. وجود جو هر مظهر ان سان ئي قائم آهي ۽ ان سان ئي زنده آهي. ڪائنات جا سمورا مظهر ۽ انسانيت سندس ساراهه ۽ تسبيح ڪري رهي آهي.

يورپ پنهنجي ترق جي لاءِ ڪيٿولڪ مذهب جهڙي متشدد ۽ تنگ نظر مذهب کي رد ڪري سيڪيولر ازم کي پنهنجائي ورتو. سيڪيولر ازم کي قرآن "لَا اِكْرَاهَ فِي الدِّيۡنِ" چيو آهي. خليفي عبدالحڪيم انهيءَ آيت کي دنيا جي مذهبن جي آزاديءَ جو منشور سڏيو آهي. افسوس آهي جو انسان پسندي، آزاد فڪري، روشن خيالي ۽ بردباري جي اها فضا، مسلمانن کي ئي قرآن ڪريم جي عالمگير ۽ انسان دوست تعليم جي بنياد تي جوڙڻ گهربي هئي، پر اها پڳ بہ يورپ وارن جي مٿي تي ٻڌجي وئي.

مان مسلمان عالمن کي اپيل ٿو ڪريان تہ اهي روايتي اسلام جي فضا مان نڪري، ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم، ڊاڪٽر رفيع الدين، ڊاڪٽر يوسف گوارين، ڊاڪٽر افضل الرحمان، ڊاڪٽر علي شريعتي ۽ ڊاڪٽر رشيد جالنڌري جهڙن روشن فڪر مسلمان عالمن جي لکڻين جو مطالعو ڪن. حافظ شيرازي جي لفظن ۾ اها اميد پري دعا آهي تہ:

کشتی شکست گانیم اے باد شرطہ برخیز　　　　شاید کہ باز بیم آں یار آشنارا

انهيءَ تمهيد ڪان پوءِ مولانا ابوالڪلام آزاد جي انهيءَ قيمتي مقالي کي وري وري پڙهو، توهان حقيقي اسلام جي ويجهو ٿيندا ويندا.

## "اِهدِنَا" (هدايت)

هدايت جو مطلب رهبري ڪرڻ، رستو ڏيکارڻ، دڳ لائڻ جي آهي. اجمالي طرح سان انهيءَ جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هتي اسان گهرون ٿا تہ هدايت جي مختلف مرتبن ۽ قسمن تي هڪ نظر وجهون، جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ڪيو آهي ۽ جن مان هڪ خاص مرتبو وحي ۽ نبوت جي هدايت آهي.

## وجود جي جوڙجڪ جا چار مرتبا

توهان هاڻي پڙهي چڪا آهيو تہ خدا تعاليٰ جي ربوبيت جهڙي طرح سان مخلوقن کي انهن جي مناسبت سان ئي جسم ۽ طاقت ڏني آهي. اهڙي طرح

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

انهن جي هدايت جو فطري سامان بہ پيدا ڪري ڇڏيو آهي. فطرت جي اها ئي هدايت آهي جيڪا هر وجود کي زندگي ۽ معيشت جي واٽ تي لڳائيندي ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جي جستجو ۾ رهنما هوندي آهي. جيڪڏهن فطرت جي اها هدايت موجود نہ هجي ها تہ اهو ممڪن نہ هو تہ ڪابہ مخلوق پنهنجي لاءِ زندگي ۽ بقا جو سامان گڏ ڪري سگهي ها. ايئن قرآن ڪريم جتي ڪٿي انهيءَ حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. هو چوي ٿو تہ هر وجود جي بنجڻ ۽ تڪميل جي درجي تائين پهچڻ جا مختلف مرتبا آهن ۽ انهن ۾ آخري مرتبو هدايت جو مرتبو آهي. سورت اعليٰ ۾ چار دفعا ذڪر ڪيو ويو آهي:

الَّذِي خَلَقَ فَسَوَّىٰ (٢) وَالَّذِي قَدَّرَ فَهَدَىٰ (٣) ﴿الأعلى﴾

ترجمو: ”جنهن (ساري مخلوق کي) خلقيو پوءِ سنئين لڳين ڪيائين. ۽ جنهن اندازو ڪيو پوءِ رستو ڏيکاريائين. “

يعني وجود جي جوڙجڪ جا چار درجا ٿيا: تخليق، سڌارو، تقدير ۽ هدايت

تخليق جو مطلب پيدا ڪرڻ آهي. اها ڳالهہ تہ ڪائنات خلقت ۽ ان جي هر وجود جو مادو عدم (غير موجودگيءَ) مان وجود ۾ اچي ويو، سا تخليق آهي.

سڌاري جو مطلب آهي تہ هڪ شيءِ کي جيئن هئڻ گهرجي، بلڪل ايئن ئي ان کي ٺيڪ ڪرڻ ۽ سينگارڻ.

تقدير جو مطلب اندازو ڪرڻ آهي ۽ ان جي تشريح مٿي گذري چڪي آهي.

هدايت جو مطلب آهي تہ هر وجود تي ان جي زندگي ۽ معيشت جي واٽ کولي وجي. ان جي تشريح بہ ربوبيت واري بحث ۾ ٿي چڪي آهي. مثال طور:

وجود جي جوڙجڪ جي انهن چئن مرحلن کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ لاءِ اسان مخلوق مان هڪ خاص قسم پکين جو ڪٺون ٿا. انهن بنسبت:

1. اها ڳالهہ تہ انهن جي خلقت جو مادو ظاهر ٿي ويو، تخليق آهي.
2. اها ڳالهہ تہ انهن جي سموري اندرين توڙي ٻاهرين جوڙ جڪ اهڙي طرح ٺاهي وئي جو بلڪل ٺي پوري ۽ اعتدال جي حالت تي پيدا ٿي وئي، سڌارو آهي.

3. اها ڳالهہ تہ انهن جي اندرين ۽ ٻاهرين جوڙجڪ جي عملن لاءِ هڪ خاص طرح جو اندازو ڪيو ويو آهي، جنهن کان هو ٻاهر نٿا وڃي سگهن، تقدير آهي. مثال طور اهو تہ اهي هوا ۾ اڏامندا، مڇين وانگر پاڻي تي تري نہ سگهندا.
4. اها ڳالهہ تہ انهن جي اندر وجدان ۽ حواسن جي روشني پيدا ٿي وئي، جنهن سان انهن کي زندگيءَ ۾ پنهنجي بقا جون واٽون نظر اچن ۽ زندگيءَ جي سامان جي مطلب ۽ حاصل ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪن ٿيون، هدايت آهي.

قرآن چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جي ربوبيت جي اها گهُر هئي تہ جهڙي طرح هن هر وجود کي ان جي هڪ خاص بيهڪ ڏني ۽ ان جياندروني توڙي ٻاهرين عضون کي بہ صحيح ڪري ڇڏي ۽ انهن جي عملن لاءِ هڪ مناسب اندازو بہ مقرر ڪري ڇڏيو اهڙي طرح انهن جي هدايت جو بہ سامان مهيا ڪري ڏئي.

رَبُّنَا الَّذِي أَعْطَىٰ كُلَّ شَيْءٍ خَلْقَهُ ثُمَّ هَدَىٰ ﴿طه: ٥٠﴾

ترجمو: ”اسان جو پالڻهار اهو آهي، جنهن هر شيءِ کي ان جي بناوت ڏني، پوءِ ان تي عمل جو ڏس کولي ڏنو.“

قرآن ڪريم حضرت ابراهيم عليہ السلام ۽ ان جي قوم جو هڪٻئي سان تڪرار جتي ڪٿي نقل ڪيو آهي. انهيءَ ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي عقيدي جو اعلان ڪندي فرمائي ٿو:

وَإِذْ قَالَ إِبْرَاهِيمُ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ إِنَّنِي بَرَاءٌ مِّمَّا تَعْبُدُونَ (٢٦) إِلَّا الَّذِي فَطَرَنِي فَإِنَّهُ سَيَهْدِينِ (٢٧) ﴿الزخرف﴾

ترجمو: ”۽ ياد ڪر جڏهن ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو تہ جنهن شيء کي (اوهين) پوڄيندا آهيو تنهن کان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان.“

الَّذِي خَلَقَنِي فَهُوَ يَهْدِينِ (٧٨) وَالَّذِي هُوَ يُطْعِمُنِي وَيَسْقِينِ (٧٩) وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ (٨٠) ﴿الشعراء﴾

ترجمو: ”جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي اُهو ئي مون کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي. ۽ اُهو آهي جو مون کي کارائيندو آهي ۽ مون کي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پياريندو آهي. ۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان تڏهن مون کي شفا ڏيندو آهي. “

يعني جنهن پروردگار جي پروردگاريءَ منهنجي زندگيءَ جي سمورين ضرورتن جو سامان مهيا ڪري ڏنو آهي، جيڪو مون کي بک ۾ کاڌو، اڃ ۾ پاڻي ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ شفا يا تندرستي عطا ڪندو آهي، ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي ته هن مون کي پيدا ته ڪيو هجي، پر منهنجي هدايت جو سامان پيدا نه ڪيو هجي؟ جيڪڏهن هن مون کي پيدا ڪيو آهي ته پڪ سان هوئي آهي جيڪو طلب ۽ ڪوشش ۾ منهنجي رهنمائي به ڪري ٿو.

سورت الصافات ۾ به اهو ئي مطلب هنن لفظن ۾ ادا ڪيو ويو آهي:

إِنِّي ذَاهِبٌ إِلَىٰ رَبِّي سَيَهْدِينِ ﴿الصافات: ٩٩﴾

ترجمو: ”مان (هر پاسي کان هڪ منو ٿي) پنهنجي پالڻهار ڏانهن مهاڙ ڪريان ٿو، هوئي مون کي هدايت ڪندو“.

”ربي“ جي لفظ تي غور ڪريو. هو منهنجو ”رب“ آهي ۽ جڏهن هو ”رب“ آهي ته ضروري آهي ته اهو ئي مون کي عمل جي رستو به کولي ڏئي!

## هدايت جا شروعاتي ٽي درجا

وري هدايت جا به درجا آهن جيڪي اسان حيوانن ۾ محسوس ڪندا آهيون.

سڀ کان پهريون درجو وجدان جي هدايت جو آهي. وجدان حيواني طبيعت جو فطري ۽ اندروني الهام آهي. اسان ڏسندا آهيون ته هڪ ٻار پيدا ٿيندي ئي غذا جي لاءِ روئڻ شروع ڪندو آهي ۽ پوءِ بنا ان ڳالهه جو جو ٻاهران ان کي ڪا رهنمائي ملي هجي، هو ماءُ جي ڇاتيءَ ۾ وات وجهي ان کي چوسڻ ۽ پنهنجي خوارڪ حاصل ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

وجدان کان پوءِ حواسن جي هدايت جو درجو آهي ۽ اهو وجدان کان مٿانهون درجو آهي. اهو اسان کي ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، ڇهڻ ۽ سنگهڻ جي سگهه ڏيندو آهي جن جي ذريعي اسان ٻاهرين جهان جي ڄاڻ حاصل ڪندا آهيون.

فطرت جي هدايت جا اهي ٻئي درجا انسان ۽ حيوان سيني جي لاءِ آهن. جيستائين انسان جو تعلق آهي، ته اسان ڏسون ٿا ته هڪ ٽيون درجو به آهي جيڪو انسان ۾ موجود آهي ۽ اهو عقل جي هدايت آهي. فطرت جي اها

ئي هدايت آهي، جنهن انسان جي اڳيان اڻ کٽ ترقين جو دروازو کولي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس هن زميني ڪائنات جي سمورين مخلوقن جو نتيجو ۽ تت بڻائي ڇڏيو آهي.

وجدان جي هدايت ان جي اندر ڪوشش ۽ سوڀارو ٿيڻ جو جذبو پيدا ڪري ٿي. حواس ڪيس لڳاتار معلومات پهچائيندا رهن ٿا ۽ عقل نتيجا ۽ حڪم ترتيب ڏيڻ ۾ ان جي مدد ڪري ٿو. حيوانن کي انهيءَ آخري درجي جي ضرورت نہ هئي. تنهن ڪري انهن جا پير وجدان ۽ حواسن کان اڳتي نہ وڌيا، پر انسان جي اندر اهي ٽئي درجا گڏ رکيا ويا.

عقل ڇا آهي؟ اهو اصل ۾ هڪ سگهہ جي ترقي يافتہ حالت آهي، جنهن حيوانن ۾ وجدان ۽ حواس جي روشني پيدا ڪري ڇڏي آهي. جهڙي طرح انسان جو جسم، زميني جسمن جي سڀ کان اوچي ڪڙي آهي، اهڙي طرح سندس معنوي سگهہ بہ سمورين معنوي سگهن جو بهترين جوهر آهي. حيواني روح جو اهو جوهر، جيڪو ٻوٽن ۾ ڳجهو ۽ حيوانن جي وجدان ۾ ڇٽو هو انسان جي درجي ۾ پهچي ڪمال جي درجي تائين پهچي ويو ۽ جوهر عقل جي نالي سان سڏيو ويو.

## هدايت جو هر درجو هڪ خاص حد تائين ڪارگر آهي

وري اسان ڏسون ٿا تہ فطرت جي هدايت جي انهن ٽنهي درجن مان هر درجو پنهنجي سگهہ ۽ عمل جو هڪ خاص دائرو رکي ٿو ۽ ان کان اڳتي نٿو وڌي. پوءِ جيڪڏهن انهيءَ درجي کان هڪ ٻيو مٿانهون درجو موجود نہ هجي ها، تہ اسان جون معنوي سگهون انهيءَ حد تائين ترقي نہ ڪري سگهن ها، جنهن حد تائين فطرت جي رهنمائيءَ سان ترقي ڪري رهيون آهن.

وجدان جي هدايت اسان ۾ طلب ۽ ڪوشش جو جوش پيدا ڪري ٿي ۽ زندگيءَ جي گهربل واٽ تي لڳائي ٿي. پر اها اسان جي وجود کان ٻاهر جيڪو ڪجهہ موجود آهي، ان جو ادراڪ حاصل نٿي ڪري سگهي. اهو ڪم حواس واري درجي جو آهي. وجدان جي رهنمائي جڏهن پوري ٿي ويندي آهي، تہ حواسن جي رهنمائي شروع ٿي ويندي آهي. اک ڏسندي آهي، ڪن ٻڌندو آهي، زبان چکندي آهي، هٿ ڇهندو آهي، نڪ سنگهندو آهي ۽ اهڙي طرح اسان پنهنجي وجود کان ٻاهر جي سمورين محسوس ٿيندڙ شين جو ادراڪ حاصل ڪري وٺندا آهيون.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر حواسن جي هدايت بہ هڪ خاص حد تائين ڪم ڏئي سگهي ٿي، ان کان اڳتي نٿي وڌي سگهي. اک ڏسندي آهي، پر رڳو انهيءَ حالت ۾ جو ڏسڻ جا سمورا شرط موجود هجن. پر جيڪڏهن انهن مان ڪو هڪ بہ شرط نہ هوندو، مثال طور روشني نہ هجي، يا مفاصلو وڌيڪ هجي تہ اسان اک هوندي بہ هڪ موجود شيءِ کي سڌي طرح سان ڏسي نٿا سگهون. ان ڪانسواءِ حواس جي هدايت رڳو ايترو ڪري سگهي ٿي تہ شين جو احساس پيدا ڪري، پر رڳو احساس بہ تہ ڪافي نہ آهي. اسان کي نتيجو ڪڍڻ جي بہ تہ ضرورت هوندي آهي، حڪمن جي ضرورت آهي، بنيادي اصولن جي ضرورت آهي ۽ اهو سڀ ڪم عقل جي هدايت جو آهي. هو انهيءَ سموري ڄاڻ کي، جيڪا هو حواس جي ذريعي حاصل ڪندو آهي، ترتيب ڏيندو آهي ۽ ان مان حڪم ۽ بنيادي اصول ٺاهيندو آهي.

## هدايت جو هر درجو پاڻ کان مٿين هدايت وٽان سڌاري ۽ نگراني جو متحاج آهي

ان ڪانسواءِ جهڙي طرح وجدان جي نگراني لاءِ حواس جي ضرورت هئي، اهڙي طرح حواسن جي سڌاري ۽ نگراني لاءِ عقل جي ضرورت ٿي. حواس جو ادراڪي وسيلو نہ رڳو محدود آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن غلطيءَ ۾ اچي پٽڪجي وڃڻ کان بہ محفوظ نہ آهي. اسان پري کان هڪ شيءِ ڏسندا آهيون ۽ محسوس ڪندا آهيون تہ اهو هڪ ڪاري ٽبڪي کان وڌيڪ پڪيڙ نٿو رکي، جڏهن تہ اهو هڪ تمام ئي وڏو قبو هوندو آهي. وري بيماريءَ جي حالت ۾ ماکيءَ جهڙي مني شيءِ اسان چکندا آهيون، پر اسان جو وقتي ذوق ٻڌائيندو آهي تہ ذائقو ڪؤڙو آهي. تلاءَ ۾ اسان ڪانيءَ جو هڪ عڪس ڏسندا آهيون، ڪاني تہ سڌي هوندي آهي، پر عڪس اسان کي ٽيڙو نظر ايندو آهي. ڪيترائي دفعا ايئن بہ ٿيندو آهي تہ ڪنهن بيماري وغيره جي ڪري اسان جا ڪن وڄڻ لڳندا آهن ۽ اسان کي اهڙا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن جن جو اصل ۾ ڪوبہ وجود نہ هوندو آهي. جيڪڏهن حواس واري درجي کان هڪ درجو مٿي هدايت جو وجود نہ هجي ها تہ ممڪن نہ هو تہ اسان حواسن جي انهن مجبورين ۾ حقيقت تي پهچي سگهون ها. پر انهن سمورين حالتن ۾ عقل جي هدايت ظاهر ٿيندي آهي. اها حواسن جي مجبورين واري وقت اسان

جي رهنمائي ڪندي آهي. اها اسان کي ٻڌائيندي آهي تہ سچ هڪ تمام ئي وڏو بال آهي. جيتوڻيڪ اسان جي اک ان کي هڪ سونهري ٿالهي کان وڌيڪ محسوس نٿي ڪري. اها اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ماکيءَ جو ذائقو هر حالت ۾ مٺو آهي ۽ جيڪڏهن اهو اسان کي ڪؤڙو لڳي ٿو تہ انهيءَ جي لاءِ جو اسان جي وات جو ذائقو بگڙي ويو آهي. اهڙي طرح اها اسان کي ٻڌائي ٿي تہ ڪڏهن ڪڏهن خشڪي وڏي وڄڻ جي ڪري ڪن وڄڻ لڳندا آهن ۽ انهيءَ حالت ۾ جيڪي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، سي ظاهري آواز نہ هوندا آهن. اسان جي پنهنجي ئي دماغ جو پڙاڏو هوندا آهن.

## فطرت جي هدايت جو چوٿون درجو

جهڙي طرح سان وجدان کان پوءِ حواس جي هدايت ظاهر ٿيندي آهي، ڇو جو وجدان جي هدايت هڪ خاص حد کان اڳتي وڌي نٿي سگهي ۽ جهڙي طرح حواس کان پوءِ عقل جي هدايت ظاهر ٿيندي آهي، ڇو جو حواس جي هدايت بہ هڪ خاص حد کان اڳتي وڌي نٿي سگهي، بلڪل اهڙيءَ ئي طرح اسان محسوس ڪندا آهيون تہ عقل جي هدايت کان پوءِ بہ هدايت جو هڪ وڌيڪ درجو هئڻ گهرجي. ڇو جو عقل جي هدايت بہ هڪ خاص حد کان اڳتي وڌي نٿي سگهي ۽ ان جي عملي ميدان کان پوءِ بہ هدايت جو هڪ ميدان باقي رهجي وڃي ٿو. عقل جو ڪم جيترو ۽ جو ڪجهہ بہ آهي، محسوس شين جي دائري ۾ محدود آهي، يعني اهو رڳو ايتري حد تائين ڪم ڏئي سگهي ٿو جيستائين ان کي اسان جا پنج حواس لڳاتار معلومات ڏيندا رهن ٿا. پر محسوس شين جي سرحدن کان اڳتي ڇا آهي؟ انهيءَ پردي جي پويان ڇا آهي، جنهن کان اڳتي اسان جا حواس نٿا وڃي سگهن؟ هتي پهچي عقل بہ لاچار ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي هدايت اسان کي ڪابہ روشني ڏئي نٿي سگهي.

ان کانسواءِ جيستائين انسان جي عملي زندگيءَ جو لاڳاپو آهي، عقل جي هدايت نہ تہ هر حالت ۾ ڪافي آهي ۽ نہ هر حال ۾ اثرائتي آهي. انساني نفس ڪيترن ئي قسمن جي خواهشن ۽ جذبن سان اهڙو تہ ڦاٿل آهي، جو جڏهن بہ عقل ۽ جذبن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿيندي آهي تہ گهڻو ڪري سوپ جذبن جي ئي ٿي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن عقل اسان کي پڪ ڏياريندو آهي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلاڻو ڪم نقصانڪار آهي، پر جذبا اسان کي ترغيب ڏيندا آهن ۽ اسان انهيءَ ڪم کان پنهنجو پاڻ کي روڪي نہ سگهندا آهيون. عقل جو تمام ئي وڏو دليل بہ اسان کي اهڙو نٿو بڻائي سگهي جو ڪاوڙ جي وقت اسان آپي کان ٻاهر نڪري نہ وڃون ۽ بک جي حالت ۾ نقصانڪار خوراڪ ڏانهن هٿ نہ وڌايون.

چڱو جيڪڏهن خدا تعاليٰ جي ربوبيت جي لاءِ ضروري هو تہ هو اسان کي وجدان سان گڏ حواس بہ ڏئي، جو وجدان جي هدايت هڪ خاص حد کان اڳتي نٿي وڃي سگهي ۽ حواسن سان گڏ عقل بہ ڏئي جو وجدان جي هدايت بہ هڪ خاص حد کان اڳتي نٿي وڌي سگهي تہ، ڇا اهو ضروري نہ هو تہ عقل سان گڏ ٻيو ڪجهہ بہ ڏي، جو عقل جي هدايت بہ هڪ خاص حد کان ڳتي وڌي نٿي سگهي ۽ عملن جي درستگي ۽ ترتيب لاءِ ڪافي نہ آهي؟ جيڪڏهن هُن وجدان سان گڏ حواس بہ ڏنا تہ جيئن وجدان جي غلطين ۾ ان جي نگراني ڪن ۽ حواسن سان گڏ عقل بہ ڏنو تہ جيئن حواسن جي غلطين ۾ قاضي ۽ حاڪم هجي تہ ڇا ضروري نہ هو تہ عقل سان گڏ ڪجهہ ٻيو بہ ڏئي ها تہ جيئن عقل جي لاچاري واري حالت ۾ صحيح فيصلو ٿي سگهي ها؟

قرآن چوي ٿو تہ ضرور هو. انهيءَ ڪري ئي الله تعاليٰ جي ربوبيت، انسان جي لاءِ، هڪ چوٿين درجي جي هدايت جو سامان بہ پيدا ڪري ڇڏيو. اهو ئي اُهو هدايت جو درجو آهي، جنهن کي وحي ۽ نبوت جي هدايت سان سڃاتو وڃي ٿو.

ايئن اسان ڏسون ٿا تہ هُن جتي ڪٿي هدايت جي انهن درجن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن کي خدائي ربوبيت جي سڀ کان وڏي بخشش ۽ ٻاجهہ سڏيو آهي:

إِنَّا خَلَقْنَا الْإِنسَانَ مِن نُّطْفَةٍ أَمْشَاجٍ نَّبْتَلِيهِ فَجَعَلْنَاهُ سَمِيعًا بَصِيرًا

(٢) إِنَّا هَدَيْنَاهُ السَّبِيلَ إِمَّا شَاكِرًا وَإِمَّا كَفُورًا (٣) ﴿الانسان﴾

ترجمو: ”بيشڪ اسان ماڻهوءَ کي هڪڙي (پاڻ ۾) گڏيل منيءَ مان پيدا ڪيو. تہ اُن کي پرکيون پوءِ کيس ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسون. بيشڪ اسان کيس سڌو دڳ ڏسيو (هاڻي هو) شُڪر ڪندڙ ٿئي يا بي شُڪر.“

(يعني يا تہ الله تعاليٰ جي ڏنل قوتن کي بلڪل صحيح ڪم ۾ آڻي ۽

چوٽڪاري ۽ ڪاميابي جي واٽ وٺي يا وري انهن کان ڪم نہ وٺي گمراهہ ٿي وڃي).

أَلَمْ نَجْعَل لَّهُ عَيْنَيْنِ (٨) وَلِسَانًا وَشَفَتَيْنِ (٩) وَهَدَيْنَاهُ النَّجْدَيْنِ (١٠) ﴿البلد﴾

ترجمو: ” ڪيس بہ اکيون نہ ڏنيون اٿون ڇا؟ ۽ جيڀ ۽ بہ چَپ بہ؟ ۽ بہ رستا ڏيکارياسونس. “

وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ ﴿الملك: ٢٣﴾

ترجمو: ” جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين. (اوهين) ٿورڙو احسان مڃيندا آهيو.“ (يعني الله تعاليٰ جي ڏنل قوتن کي بلڪل صحيح طريقي سان ڪم آڻيو)

انهن ۽ انهن سان ملندڙ جلندڙ معنيٰ رکندڙ آيتن ۾ حواس ۽ عقل جي هدايت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. پر اهي سموريون حالتون جتان انسان جي روحاني نيڪ بختي ۽ بد بختي جو ذڪر ڪيو ويو سي وحي ۽ نبوت واري هدايت سان لاڳاپيل آهن. مثال طور:

إِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدَىٰ (١٢) وَإِنَّ لَنَا لَلْآخِرَةَ وَالْأُولَىٰ (١٣) ﴿الليل﴾

ترجمو: ”بيشڪ سڌو رستو ڏيکارڻ اسان تي (لازم) آهي. ۽ بيشڪ آخرت ۽ دُنيا (ٻئي) اسان جي وس ۾ آهن. “

وَأَمَّا ثَمُودُ فَهَدَيْنَاهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمَىٰ عَلَى الْهُدَىٰ ﴿فصلت: ١٧﴾

ترجمو: ”۽ ثمود (قوم) سو اُنهن کي پڌرو رستو ڏيکاريوسون پوءِ هدايت کان انڌائي کي پسند ڪيائون “

وَالَّذِينَ جَاهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا وَإِنَّ اللَّهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِينَ ﴿العنكبوت: ٦٩﴾

ترجمو: ”۽ جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکارينداسون. ۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ آهي.“

## الهديٰ

اهڙي طرح انهيءَ سلسلي ۾ هو الله تعاليٰ جي هڪ خاص هدايت جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ان کي ”الهديٰ“ جي نالي سان سڏي ٿو. يعني الف لام تعريف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ:

قُلۡ إِنَّ هُدَى ٱللَّهِ هُوَ ٱلۡهُدَىٰۖ وَأُمِرۡنَا لِنُسۡلِمَ لِرَبِّ ٱلۡعَٰلَمِينَ ﴿الأنعام: ٧١﴾

ترجمو: ”چؤ تہ الله جي ڏسيل واٽ اهائي سڌي واٽ آهي، ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ جهانن جي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪريون.“

وَلَن تَرۡضَىٰ عَنكَ ٱلۡيَهُودُ وَلَا ٱلنَّصَٰرَىٰ حَتَّىٰ تَتَّبِعَ مِلَّتَهُمۡۗ قُلۡ إِنَّ هُدَى ٱللَّهِ هُوَ ٱلۡهُدَىٰ ﴿البقرة: ١٢٠﴾

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر) يهودي ايسين توکان ڪڏهن راضي نہ ٿيندا ۽ نڪي نصاريٰ جيسين تون سندن دين جي تابعداري ڪرين، (ڪين) چؤ تہ الله جي هدايت اها (اسلام) جي (حقيقي ۽ عالمگير) هدايت آهي.“

اها ”الهديٰ“ يعني هدايت جي هڪ ئي حقيقي واٽ ڪهڙي آهي؟ قرآن چوي ٿو تہ خدائي وحي ئي عالمگير هدايت آهي. جيڪا پهرئين ئي ڏينهن کان دنيا ۾ موجود آهي ۽ بنا فرق جي سموري انسانذات لاءِ آهي. هو چوي ٿو تہ جهڙي طرح الله تعاليٰ وجدان، حواس ۽ عقل جي هدايت جي معاملي ۾ نہ نسل يا ڪنهن قوم جو فرق رکيو آهي ۽ نہ ئي وقت ۽ جاءِ جو اهڙي طرح ان جي هدايت ”وحي“ بہ هر قسم جي گروهبندي ۽ فرق کان پاڪ آهي. اهو سڀ ڪجهہ انهيءَ ڪري ۽ سڀ ڪنهن کي ڏني وئي آهي جو انهيءَ هڪڙي هدايت کانسواءِ ٻيون جيتريون بہ هدايتون انسانن پنهنجي پر ۾ سمجهيون آهن، سيئي انسان جون پنهنجون هٿ ٺوڪيون آهن. جڏهن تہ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل رڳو هيءَ هڪڙي واٽ آهي.

انهيءَ ڪري هو هدايت جي انهن سمورن شڪلين کان هڪدم انڪار ڪري ٿو جيڪي انهيءَ جي اصل کان ڦري، ڀانت ڀانت جي مذهبي گروهہ بندين ۽ هڪٻئي جي خلاف ٽولين ۾ ورهائجي ويون آهن ۽ خوشبختي ۽ ڇوٽڪاري جي عالمگير حقيقت، ڪن خاص گروهن ۽ جماعتن جي ميراث بڻائي ورتي آهي. هو چوي ٿو تہ انساني بناوت جون اهي جدا جدا راهون آهن، جيڪي هدايت جي واٽ هرگز نہ ٿيون ٿي سگهن. هدايت جي واٽ تہ اها ئي عالمگير واٽ آهي. انهيءَ عالمگير وحي واري هدايت کي هو ”الدين“ جي نالي سان سڏي ٿو. يعني انسانذات جي لاءِ حقيقي دين ۽ انهيءَ

جوئي نالوان جي ٻوليءَ ۾ ”اسلام“ آهي.

## ديني هيڪڙائي جو عظيم اصل ۽ قرآن ڪريم

هيءُ عظيم اصل قرآن ڪريم جي دعوت جو سڀ کان پهريون بنياد آهي. هو جيڪو ڪجهه به بڌائڻ گهرندو آهي سو سمورو انهيءَ اصل تي آڌاريل آهي. جيڪڏهن انهيءَ اصل کان منهن ڦيريو وڃي ته ان جي دعوت جو ڪارخانو تباهه ۽ برباد ٿي وڃي. پر دنيا جي تاريخ جي عجوبن مان هي واقعو به سمجهڻ گهرجي ته، جيتري حد تائين قرآن ڪريم انهيءَ اصل تي زور ڏنو هو ايترو ئي وڌيڪ دنيا جي نظرن انهيءَ کان منهن موڙيو. ايتري تائين جو چئي سگهجي ٿو ته اڄ قرآن جي ڪابه ڳالهه، دنيا جي نظرن کان ايترو لڪل نه آهي، جيترو هي عظيم اصل لڪل آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو هر قسم جي خارجي اثرن کان ذهن کي خالي ڪري، قرآن جو مطالعو ڪري ۽ ان جي صفحن ۾ جتي ڪٿي انهيءَ عظيم اصل جي يقيني ۽ چٽن اعلانن کي پڙهي ۽ پوءِ دنيا ڏانهن نظر ڦيرائي، جيڪا قرآن جي حقيقت ان کان وڌيڪ نٿي سمجهي ته ڪيترن ئي گروهه بندين وانگر اها به هڪ گروهه بندي آهي، ته پڪ سان هو حيران ٿي دانهن ڪندو ته يا ته سنڌا نظرون ڪيس دوکو ڏئي رهيون آهن يا دنيا هميشه اکيون ٻوٽي پنهنجا فيصلا ٻڌائيندي رهندي آهي.

## دين جي حقيقت ۽ قرآن جي چٽائي

انهيءَ حقيقت جي چٽائيءَ جي لاءِ ضروري آهي ته هڪ دفعو تفصيل سان اها ڳالهه چٽي ڪئي وڃي ته جيستائين وحي ۽ نبوت، يعني دين جو لاڳاپو ڇا آهي؟ قرآن جي دعوت ڇا آهي ۽ ڪهڙي وات ڏانهن انسانذات کي وٺي وڃڻ گهري ٿي؟

## خوشخبري ڏنل جماعت جي شروعاتي وحدت، ۽ پوءِ اختلاف ۽ هدايت جو ظاهر ٿيڻ

هن باب ۾ قرآن ڪريم جيڪو ڪجهه بيان ڪيو آهي، ان جي تت هيٺ ڏجي ٿو:

هو چوي ٿو ته شروع ۾ انساني جماعت جو اهو حال هو ته ماڻهو قدرتي زندگي گذاريندا هئا. انهن ۾ نه ته ڪنهن قسم جو پاڻ ۾ اختلاف هو ۽ نه ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو جهيڙو جهٽو. سيني جي زندگي هڪجهڙي هئي ۽ سيئي پنهنجي قدرتي هڪجهڙائيءَ تي گذارو ڪندڙ هئا. اڳتي هلي ايئن ٿيو جو انساني نسل جي گهڻائي ۽ معاشي ضرورتن جي واڌاري سبب گهڻن ئي قسمن جا اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ انهن اختلافن فرقي بازي، ظلم ۽ فساد جي شڪل اختيار ڪرڻ شروع ڪئي. هر جماعت ٻئي جماعت ڪان نفرت ڪرڻ لڳي ۽ هر ڏاڍو هيٺي جي حقن جي لتاڙ ڪرڻ لڳو.

جڏهن اها صورتحال پيدا ٿي پئي، تہ ضروري ٿي پيو تہ انسانذات جي هدايت، عدل ۽ سچائيءَ کي قائم ڪرڻ لاءِ خدائي وحي جي روشني ظاهر ٿئي. اهڙي طرح اها روشني ظاهر ٿي ۽ خدا تعاليٰ جي رسولن جي دعوت ۽ تبليغ جو سلسلو قائم ٿي ويو. هو انهن سمورن اڳواڻن کي، جن جي وسيلي هدايت جو اهو سلسلو قائم ٿيو. "رسول" جي نالي سان تعبير ڪري ٿو. ڇو جو اهي الله تعاليٰ جي سچائيءَ جو پيغام پهچائيندڙ هئا ۽ "رسول" جي معنيٰ پيغام پهچائيندڙ آهي.

وَمَا كَانَ النَّاسُ إِلَّا أُمَّةً وَاحِدَةً فَاخْتَلَفُوا وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِن رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيمَا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿يونس: ١٩﴾

ترجمو: "۽ (اصل) ماڻهو هڪ ٽوليءَ کانسواءِ نہ هوا پوءِ اختلاف ڪيائون، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حُڪم اڳ ٿيل نہ هجي ها (يعني تہ انسانن ۾ اختلاف پيدا ٿيندا ۽ ماڻهو مختلف واٽون اختيار ڪندا) تہ جنهن (ڳالهہ) بابت اختلاف ڪن ٿا تنهنجو سندن وچ ۾ فيصلو پورو ڪيو وڃي ها".

كَانَ النَّاسُ أُمَّةً وَاحِدَةً فَبَعَثَ اللَّهُ النَّبِيِّينَ مُبَشِّرِينَ وَمُنذِرِينَ وَأَنزَلَ مَعَهُمُ الْكِتَابَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيمَا اخْتَلَفُوا فِيهِ ﴿البقرة:٢١٣﴾

ترجمو: "سڀ ماڻهو هڪ ٽولي هُئا. پوءِ (ڌري اِختلاف ۾ پيا تنهنڪري) الله پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ ساڻن سچ سان ڪتاب هن لاءِ لاٿائين تہ (اُهو ڪتاب) ماڻهن جي وچ ۾ جنهن (ڳالهہ) بابت جهڳڙو ڪندا آهن (تنهن بابت) نبيرو ڪري"

## عام هدايت

هيءَ هدايت ڪنهن خاص ملڪ، قوم يا زماني جي لاءِ نہ هئي، پر سموري انسانذات جي لاءِ هئي. ايئن هر دؤر ۽ هر ملڪ ۾ ان اها هڪجهڙي ظاهر ٿي. قرآن چوي ٿو تہ دنيا جي ڪابہ اهڙي ڪنڊ نہ آهي، جتي انساني نسل اچي آباد ٿيو هجي ۽ اتي الله تعاليٰ ڪو رسول نہ موڪليو هجي.

وَإِن مِّنْ أُمَّةٍ إِلَّا خَلَا فِيهَا نَذِيرٌ ﴿فاطر: ٢٤﴾

ترجمو: ”۽ دنيا ۾ ڪابہ قوم اهڙي نہ آهي جنهن ڏانهن (سندن بدعملي جي نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو (خدا تعاليٰ جو رسول) نہ گذريو هجي“.

إِنَّمَا أَنتَ مُنذِرٌ وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ﴿الرعد: ٧﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر) پڪ سان تون ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهين تہ (بدعملين جي نتيجن کان) ڊيڄاريندڙ آهين ۽ دنيا ۾ هر قوم جي لاءِ هڪ هدايت ڪرڻ وارو ٿيو آهي“

وَلِكُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولٌ فَإِذَا جَاءَ رَسُولُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُم بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ ﴿يونس: ٤٧﴾

ترجمو: ” ۽ سڀ ڪنهن اُمت لاءِ هڪ پيغمبر آهي، پوءِ جڏهن سندن پيغمبر آيو (تہ) سندن وچ ۾ اِنصاف سان نبيرو ڪيو ويو ۽ انهن تي ظلم نہ ڪيو ويو.“

## انساني نسل جو شروعاتي دؤر ۽ الله جا رسول

هو چوي ٿو تہ انساني نسل جي شروعاتي دؤر ۾ ڪيترائي پيغمبر ٿي گذريا آهن، جيڪي هڪٻئي پٺيان موڪليا ويا. انهن قومن کي حق جو پيغام پهچايو.

وَكَمْ أَرْسَلْنَا مِن نَّبِيٍّ فِي الْأَوَّلِينَ ﴿الزخرف: ٦﴾

ترجمو: ”ڪيترائي نبي آهن جيڪي اسان اڳين (يعني شروعاتي دور جي قومن) ۾ موڪليا.“

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رسولن جو موڪلڻ ۽ خدائي عدل جي گهرج آهي

هو چوي ٿو ته اها ڳالهه خدائي عدل جي خلاف آهي ته ڪنهن جماعت کي سندن عملن جو ذميوار بڻايو وڃي، جڏهن ته انهن جي هدايت لاءِ ڪو رسول نه موڪليو ويو هجي.

وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِينَ حَتَّىٰ نَبْعَثَ رَسُولًا ﴿الإسراء: ١٥﴾

ترجمو: ”۽ (اسان جو قانون هي آهي ته) جيستائين اسان هڪ پيغمبر کي نه موڪلي هدايت جي راهه نه ڏيکاريون، ان وقت تائين (عملن جي بدلي طور) عذاب ڏيڻ وارا نه آهيون“.

وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرَىٰ حَتَّىٰ يَبْعَثَ فِي أُمِّهَا رَسُولًا يَتْلُو عَلَيْهِمْ آيَاتِنَا وَمَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرَىٰ إِلَّا وَأَهْلُهَا ظَالِمُونَ ﴿القصص: ٥٩﴾

ترجمو: ”۽ (اي پيغمبر) تنهنجو پالڻهار ڳوٺن کي (ايسين) ڪڏهن به ناس ڪرڻ وارو نه آهي جيسين اُن جي ڪنهن وڏي شهر ۾ ڪو پيغمبر (نه) موڪلي جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائي، ۽ ڳوٺن کي ڪڏهن به ناس ڪرڻ وارا نه آهيون سواءِ ان حالت جي جو سندن رهڻ وارا ظالم هجن.“

## ڪن رسولن جو ذڪر ڪيو ويو ۽ ڪن جو نه...

خدا تعاليٰ جي انهن رسولن ۽ خدائي دين جي داعين مان ڪن جو ذڪر قرآن ڪريم ڪيو آهي ۽ ڪن جو نه ڪيو آهي:

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّن قَبْلِكَ مِنْهُم مَّن قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُم مَّن لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ﴿غافر: ٧٨﴾

ترجمو: ”۽ بيشڪ توکان اڳ ڪيترائي پيغمبر موڪلياسون منجهائن ڪنهن جو احوال توکي بيان ڪيوسون ۽ منجهائن ڪنهن جو احوال توکي بيان نه ڪيوسون“

## بيشمار قومون ۽ بيشمار رسول

نوح، عاد ۽ ثمود جي قومن کان پوءِ ڪيتريون ئي قوم گذري چڪيون آهن، ۽ انهن ۾ ڪيترائي رسول موڪلجي چڪا آهن، جن جي پوري ڄاڻ رڳو

الله تعاليٰ ڪري ٿي آهي:

أَلَمْ يَأْتِكُمْ نَبَأُ الَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوحٍ وَعَادٍ وَثَمُودَ وَالَّذِينَ مِن بَعْدِهِمْ لَا يَعْلَمُهُمْ إِلَّا اللَّهُ جَاءَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ فَرَدُّوا أَيْدِيَهُمْ فِي أَفْوَاهِهِمْ ﴿ابراهيم: ٩﴾

ترجمو: ”اوهان ڪي انهن جي سُڌ نہ پهتي آهي ڇا جيڪي اوهان کان اڳ نوح ۽ عاد جي قوم جا هوا، ۽ جيڪي ڪائنن پوءِ هوا. جن کي الله کان سواءِ ڪو ڪونہ ڄاڻندو هو. سندن پيغمبر وٽن پڌرن مُعجزن سان آيا پوءِ پنهنجا هٿ واتن ۾ ورايائون“

## نيڪ عملي ڏانهن سڏيندڙ هدايت سدائين ساڳي ئي رهي آهي

خدائي فطرت جي واٽ ڪائنات جي هر پاسي ساڳي ئي آهي. اها نہ تہ هڪ کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿي، نہ ئي پاڻ ۾ جدا جدا. سو ضروري هو تہ اها هدايت بہ پهرين ڏينهن کان هڪ ئي هجي ها ۽ هڪ ئي طريقي تي سمورن انسانن کي سڏي ها. ايئن قران چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جا جيترا بہ پيغمبر دنيا ۾ آيا، پوءِ پلي اهي زماني جي ڪنهن بہ پاسي ۾ ٿيا هجن، سيني جي واٽ هڪ ئي هئي ۽ سڀ الله تعاليٰ جي هڪڙي ئي عالمگير خوشبختي واري قانون جي تعليم ڏيڻ وارا هئا. اهو خوشبختي وارو عالمگير قانون ڇا هو؟ ايمان ۽ عمل صالح جو قانون آهي. يعني هڪڙي جهانن جي پالڻهار جي پوڄا ڪرڻ ۽ نيڪ عملي واري زندگي گذارڻ. ان ڪانسواءِ ۽ ان جي خلاف جيڪو ڪجهہ بہ دين جي نالي تي چيو وڃي ٿو، سو حقيقي دين جي تعليم نہ آهي.

وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِي كُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولًا أَنِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَاجْتَنِبُوا الطَّاغُوتَ ﴿النحل: ٣٦﴾

ترجمو: ”۽ بيشڪ سيڪنهن ٽولي ۾ (هڪ) پيغمبر موڪليوسون تہ الله جي عبادت ڪريو ۽ بتن (جي پوڄا) کان پري ٿيو.“

وَمَا أَرْسَلْنَا مِن قَبْلِكَ مِن رَّسُولٍ إِلَّا نُوحِي إِلَيْهِ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنَا فَاعْبُدُونِ ﴿الأنبياء: ٢٥﴾

ترجمو: ”۽ توکان اڳ جيڪو (بہ) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي ئي وحي ڪيوسون تہ مون ڪانسواءِ ڪو عبادت جو لائق

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آهي تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو.“

## سڀني نبين جي تعليم انساني هيڪڙائي جي هئي

هو چوي ٿو تہ دنيا ۾ ڪو بہ مذهب جو اهڙو باني پيدا نہ ٿيو آهي، جنهن هڪ ئي دين تي گڏجي رهڻ ۽ فرقيواريت ۽ اختلافن کان بچڻ جي تعليم نہ ڏني هجي. سڀني جي تعليم اها ئي هئي تہ خدا تعاليٰ جو دين وچڙيل انسانن کي گڏ ڪرڻ جي لاءِ آهي، جدا جدا ڪرڻ جي لاءِ نہ آهي. سو رڳو هڪ ئي پالڻهار جي ٻانهپ ۾ سڀئي هڪ ٿي وڃو ۽ فرقيواريت ۽ هڪٻئي کان جدائيءَ جي بدران محبت ۽ يڪ‌جهتي واري واٽ اختيار ڪريو.

وَإِنَّ هَٰذِهِۦٓ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَٰحِدَةً وَأَنَا۠ رَبُّكُمْ فَٱتَّقُونِ ﴿المؤمنون: ٥٢﴾

ترجمو: ” ۽ بيشڪ اوهان جو هيءُ دين هڪ دين آهي ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان تنهنڪري مون کان ڊڄو.“

هو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ توهان کي هڪ ئي لباس وارو انسانيت ڏنو هو. پر توهان گهڻن ئي قسمن جا ويس ۽ نالا اختيار ڪري ورتا ۽ انساني هيڪڙائي واري رشتي کي سوين ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو. توهان جا نسل ڪيترائي آهن، تنهن ڪري توهان نسل جي ناليءَ تي هڪٻئي کان جدا ٿي ويا. توهان جا گهڻا ئي وطن ٿي ويا، سو توهان وطن جي بنياد تي هڪٻئي سان وڙهي رهيا آهيو. توهان جي اڻ ڳڻيون ذاتيون آهن ۽ توهان مان هر ذات واري ٻئي ذات واري سان جنڊا پٽ ۾ لڳو پيو آهي. توهان جا رنگ جدا جدا آهن ۽ اهو بہ هڪٻئي سان نفرت ۽ دشمني جو وڏو ذريعو بڻجي ويو آهي. توهان جون ٻوليون جدا جدا آهن ۽ اها ڳالهہ بہ هڪٻئي کان جدا رهڻ جو وڏو دليل بڻجي وئي آهي. انهن سڀني ڳالهين کانسواءِ امير ۽ غريب، نوڪر ۽ مالڪ، لچ لوفر ۽ شريف، ٻڍو ۽ جوان، ننڍو ۽ وڏو، اهڙا اڻ ڳڻيا اختلاف پيدا ڪيا ويا آهن ۽ سڀني جو مقصد اهو ئي آهي تہ هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃو ۽ هڪٻئي کان نفرت ڪندا رهو. اهڙي حالت ۾ ٻڌايو تہ اهو ڪهڙو رشتو آهي، جيڪو ايترن سارن اختلافن هئڻ جي باوجود بہ انسانن کي هڪٻئي سان جوڙي ۽ انسانيت جو اجڙيل گهر هڪ دفعو وري آباد ٿي وڃي؟ هو چوي ٿو تہ رڳو هڪڙو ئي رشتو باقي رهجي ويو آهي ۽ اهو آهي خدا پرستيءَ جو پاڪ رشتو. اسان ڪيترو بہ جدا ٿي ويا هجون، پر توهان جا خدا جدا جدا نٿا ٿي سگهن. توهان سڀئي هڪ ئي پالڻهار جا ٻانها آهيو. توهان

سيني جي ٻانهپ جي لاءِ هڪڙو ئي معبود آهي. توهان اڻ ڳڻيا اختلاف رکڻ باوجود به ٻانهپ جي هڪڙي ئي ڌاڳي ۾ پوتل آهيو. توهان جو ڪوبه نسل هجي، کھڙو به وطن هجي، کھڙي به قوميت هجي، توهان ڪٿي ڪنهن به درجي ۾ ۽ ڪنهن به پڙ جا انسان هجو پر جڏهن هڪ ئي پالڻهار جي اڳيان پنهنجو ڪنڌ نوائيندا ته، اهو آسماني رشتو توهان جي سمورن زميني اختلافن کي ختم ڪري ڇڏيندو. توهان سيني جون وڇڙيل دليون هڪٻئي سان ملي وينديون. توهان کي محسوس ٿيندو ته سموري ڌرتي توهان جو ديس آهي، سمورا انساني نسل توهان جو ڪٽنب آهن ۽ توهان سيئي هڪ ئي پالڻهار جو عيال آهيو.

ايئن هو چوي ٿو ته خدا تعاليٰ جا جيترا به رسول پيدا ٿيا، سيني جي تعليم اها ئي هئي ته "الدين" تي يعني انسانذات جي هڪ ئي عالمگير دين تي قائم رهو ۽ انهيءَ وات ۾ هڪ ٻئي کان جدا نه ٿي وڃو.

شَرَعَ لَكُم مِّنَ الدِّينِ مَا وَصَّىٰ بِهِ نُوحًا وَالَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهِ إِبْرَاهِيمَ وَمُوسَىٰ وَعِيسَىٰ أَنْ أَقِيمُوا الدِّينَ وَلَا تَتَفَرَّقُوا فِيهِ

﴿الشورى: ١٣﴾

ترجمو: " اوهان لاءِ اهو دين مُقرّر ڪيائين جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو نُوح کي حُڪم ڪيو هوائين ۽ جيڪو توڏانهن به وحي ڪيوسين ۽ اُهو جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو ابراهيم ۽ مُوسيٰ ۽ عيسيٰ کي حُڪم ڪيوسون ته دين کي قائم ڪريو ۽ منجهس ڌار ڌار نه ٿيو "

انهيءَ ئي بنياد تي، هو هڪ دليل جي طور تي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته، جيڪڏهن توهان کي منهنجي تعليم جي سچائيءَ کان انڪار آهي ته، ڪنهن به مذهب جي الهامي ڪتاب مان ئي ثابت ڪري ڏيکاريو ته حقيقي دين جي وات هن ڪانسواءِ ٻي به ڪا ٿي سگهي ٿي. توهان جنهن به مذهب جي حقيقي تعليم ڏسندا ته ان جو اصل ۽ بنياد هيءُ ئي هوندو.

قُلْ هَاتُوا بُرْهَانَكُمْ هَٰذَا ذِكْرُ مَن مَّعِيَ وَذِكْرُ مَن قَبْلِي بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُونَ الْحَقَّ فَهُم مُّعْرِضُونَ (٢٤) وَمَا أَرْسَلْنَا مِن قَبْلِكَ مِن رَّسُولٍ إِلَّا نُوحِي إِلَيْهِ أَنَّهُ لَا إِلَٰهَ إِلَّا أَنَا فَاعْبُدُونِ (٢٥) ﴿الأنبياء﴾

ترجمو: " (اي پيغمبر ڪين) چئو ته پنهنجو دليل آڻيو هي (قرآن)

منهنجي سنگت جي نصيحت آهي ۽ (هي) مون کان اڳ وارن جي نصيحت آهي (يعني توريت ۽ انجيل انهن مان دليل ڏيو) بلڪ انهن مان گهڻا حق کي نہ ڄاڻندا آهن اُن ڪري اُهي مُنهن موڙيندڙ آهن. ۽ توکان اڳ جيڪو (بہ) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي ئي وحي ڪيوسون تہ مون کانسواءِ ڪو (بہ) عبادت جي لائق نہ آهي تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو.“

ايتروئي نہ، پر هو چوي ٿو تہ علم ۽ سڃاڻ جي معاملي ۾، ڪنهن بہ قوم يا ڪنهن بہ روايت سان توهان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ، جيڪو ڪجهہ مان ٻڌائي رهيو آهيان سا گذريل سمورين دعوتن جي تعليم نہ رهي آهي:

ائْتُونِي بِكِتَابٍ مِّن قَبْلِ هَٰذَا أَوْ أَثَارَةٍ مِّنْ عِلْمٍ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ

﴿الأحقاف: ٤﴾

ترجمو: ”مون کي ڏيکاريو تہ زمين (جي شين) منجهان ڪهڙي شيء پيدا ڪئي اٿن يا آسمانن (جي بڻائڻ) ۾ انهن جي ڪا ڀائيواري (ثابت) آهي ڇا؟ جيڪڏهن سچا آهيو تہ هن کان اڳ (آيل) ڪوبہ ڪتاب يا ڪا علمي سَند مون وٽ آڻيو“

## سمورن پاڪ ڪتابن جي هڪبئي جي تصديق مان قرآن جو استدلال

انهيءَ بنياد تي هو دنيا جي سمورن مذهبن جي هڪبئي بابت تصديق کي بہ هڪ دليل جي طور تي پيش ڪري ٿو. يعني هو چوي ٿو تہ انهن مان هر هڪ جي تعليم، هڪ ٻئي جي تعليم جي تصديق ڪري ٿي، ان کي ڪوڙو نٿي ڪري، پوءِ جڏهن هر تعليم ٻئي جي تعليم جي تصديق ڪري ٿي تہ ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن سمورن تعليمن جي اندر ڪا هڪ ئي ثابت ٿيل ۽ سدائين قائم حقيقت ضرور ڪم ڪري رهي آهي. ڇو جو جيڪڏهن مختلف وقتن، مختلف علائقن، مختلف قومن، مختلف نالن، مختلف لباسن ۽ مخلتف ٻولين سان ڪا ڳالهہ چئي وئي هجي ۽ انهن سمورن اختلافن باوجود انهن سمورن اختلافن جي ڳالهہ سدائين هڪ ئي نقطي تي اچي پڄندي هجي ۽ هڪ ئي مقصد تي زور ڏيندي هجي تہ قدرتي طور تي اهو مڃڻو پوندو تہ اهڙي ڳالهہ اصليت کان خالي نہ آهي.

نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتَابَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَأَنزَلَ التَّوْرَاةَ

وَالْإِنجِيلَ (٣) مِن قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَأَنزَلَ الْفُرْقَانَ (٤)
﴿آل عمران﴾

ترجمو: ”توتي (اُهو) ڪتاب سچ سان لاٿائين (جو) جيڪي (ڪتاب) ڪانئس اڳي آهن تن جو سچو ڪندڙ آهي ۽ توريت ۽ اِنجيل ڪي لاٿائين. اڳي ئي ماڻهن جي هدايت لاءِ ۽ (سچ ۽ ڪُوڙ ۾) سنڌو وجهندڙ لاٿائين“

وَآتَيْنَاهُ الْإِنجِيلَ فِيهِ هُدًى وَنُورٌ وَمُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ مِنَ التَّوْرَاةِ ﴿المائدة: ٤٦﴾

ترجمو: ”۽ کيس انجيل ڏنوسون جنهن ۾ هدايت ۽ نُور آهي، ۽ توريت جيڪو ڪانئس اڳ هو تنهنجو سچو ڪندڙ هو“

اهو ئي سبب آهي جو اسان ڏسون ٿا تہ ان جي بيان ۽ نصيحت جو هڪ وڏو موضوع گذريل زماني جي هدايتن ۽ رسالتن جو ذڪر آهي. هو انهن جي هڪجهڙائي ۽ تعليمي هيڪڙائي مان مذهبي سچائيءَ جي سمورن مقصدن تي شاهدي پيش ڪري ٿو.

# ”الدين“ ۽ ”الشرع“

## دينن جو اختلاف

چڱو جيڪڏهن سموري انسانذات جي لاءِ دين هڪ ئي آهي ۽ سمورن مذهبن جي بانين هڪ ئي اصل ۽ قانون جي تعليم ڏني آهي تہ پوءِ مذهبن ۾ اختلاف ڇو ٿيو؟ ڇو سمورن مذهبن ۾ ساڳئي ئي قسم جا حڪم آهن، ساڳيا ئي عمل، ساڳي قسم جون ريتون رسمون ۽ ظاهري عبادتون نہ ٿيون؟ ڪنهن مذهب ۾ عبادت جي هڪ خاص شڪل اختيار ڪئي وئي آهي تہ ڪنهن ۾ ٻئي. ڪنهن مذهب جا پيروڪار هڪ پاسي منهن ڪري عبادت ڪن ٿا تہ ڪنهن مذهب جا مڃيندڙ ٻئي پاسي، ڪنهن جا حڪم ۽ قانون هڪ خاص نوعيت جا آهن تہ ڪنهن وٽ ٻئي قسم جا.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اختلاف دين ۾ نہ، پر شرع ۾ ٿيو

قرآن چوي ٿو تہ مذهبن جو اختلاف ٻن قسمن جو آهي، هڪڙو اختلاف تہ اهو آهي جيڪو مذهب جي پيروڪارن مذهب جي حقيقي تعليم کان ڦري وڃڻ سبب پيدا ڪري ورتو. اهو اختلاف مذهب جو اختلاف نہ آهي، پر ان جي پيروڪارن جي مذهبي گمراهيءَ جو نتيجو آهي. ٻيو اختلاف اهو آهي، جيڪو حقيقت ۾ مذهب جي حڪمن ۽ عملن ۾ موجود آهي. مثال طور، هڪ مذهب ۾ عبادت جي ڪا خاص شڪل اختيار ڪئي وئي آهي، ٻئي ۾ ڪا ٻي شڪل. تہ اهو اختلاف اصل ۽ حقيقت جو اختلاف نہ چئبو. اهو رڳو فروع ۽ ظاهر جو اختلاف آهي ۽ ضروري هئو تہ ايئن ٿئي.

هو چوي ٿو تہ مذهب جي تعليم ٻن قسم جي ڳالهين جو مرڪب آهي. انهن مان هڪڙو تہ اهو آهي جيڪو ان جو روح ۽ حقيقت آهي. ٻيو اهو آهي جنهن سان ان جي ظاهري شڪل ۽ صورت سينگاري وئي آهي. پهرين شيءِ اصل آهي ۽ ٻئي فروع آهي. پهرين شيءِ کي "دين" جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو؟ ۽ ٻئي "شرع" ۽ "نسڪ" سان ۽ انهيءَ جي لاءِ لفظ "رستو" بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. شرع جو مطلب رستو آهي ۽ "نسڪ" جو مطلب عبادت جو طريقو آهي. اڳتي هلي اصطلاحي معنيٰ ۾ شرع مذهب جي قانون کي سڏيو وڃڻ لڳو ۽ نسڪ عبادت کي. هو چوي ٿو تہ مذهبن ۾ جيترو بہ اختلاف آهي سو فروعي اختلاف آهي، اهو دين جو اختلاف نہ آهي. رڳو شرع يا رستي جو اختلاف آهي، يعني اصل جو نہ آهي، پر فروع جو آهي. حقيقت جو نہ، پر ظاهر جو آهي، روح جو نہ پر صورت جو آهي ۽ اهو ضروري بہ هو تہ اهو اختلاف ظاهر ٿئي. مذهب جو مقصد انساني جماعت جي سعادت ۽ اصلاح آهي، پر انساني جماعت جون حالتون ۽ انداز هر دور ۽ هر ملڪ ۾ ساڳيا نہ رهيا آهن ۽ نہ ئي ساڳيا رهي سگهن پيا. ڪنهن زماني جي معاشرتي ۽ ذهني پهچ هڪ خاص طرح جي نوعيت واري هئي تہ ٻئي زماني ۾ وري ٻئي قسم جي. ڪنهن ملڪ جون حالتون هڪ خاص قسم جي معيشت جون گهرجائو هيون تہ ٻئي ملڪ جو حالتون وري بلڪل جدا هيون. اهڙيءَ طرح جيڪو مذهب جنهن زماني ۽ جهڙي صلاحيتن ۽ طبيعتن وارن ماڻهن ۾ ظاهر ٿيو شرع ۽ رستي جي صورت بہ ان مطابق ئي اختيار ڪئي وئي. جنهن زماني ۽ جنهن ملڪ ۾

جيڪا صورت اختيار ڪئي وئي، سا ئي انهيءَ زماني جي لاءِ مناسب هئي. انهيءَ ڪري هر شڪل پنهنجي جاءِ تي ڀلي ۽ حق تي آهي. تنهن ڪري اهو اختلاف ان ڪان وڌيڪ اهميت نٿو رکي جيتري اهميت انسانذات جي سمورن معاشرتي ۽ طبيعي اختلافن کي ڏئي سگهجي ٿي.

لِّكُلِّ أُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنسَكًا هُمْ نَاسِكُوهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْأَمْرِ وَادْعُ إِلَىٰ رَبِّكَ إِنَّكَ لَعَلَىٰ هُدًى مُّسْتَقِيمٍ ﴿الحج: ٦٧﴾

ترجمو: ”سيڪنهن ٽوليءَ لاءِ هڪ شريعت مقرر ڪئي سون جنهن تي اُهي عمل ڪندڙ آهن پوءِ تہ هِن ڪم ۾ جهڳڙو نہ ڪن ۽ (تون) پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيندو رهہ. بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي آهين.“

## قبلي جي تبديلي ۽ قرآني حقيقت جو اعلان

جڏهن قبلو تبديل ٿيو يعني پيغمبر اسلامﷺ بيت المقدس جي بدران ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ لڳا تہ اها ڳالهہ يهودين ۽ عيسائين کي تمام ئي ڏکي لڳي. انهن جي خيال ۾ مذهب جو سمورو دارومدار ان طرح جي ظاهري ۽ فروعي ڳالهين تي هو. انهيءَ ئي ڳالهہ کي اهي حق ۽ باطل جو معيار سمجهندا هئا. پر اسان ڏسون ٿا تہ قرآن ڪريم انهيءَ معاملي کي بلڪل ئي جدا نظر سان ڏٺو آهي. هو چوي ٿو تہ توهان ان قسم جي ڳالهين کي ايڏي اهميت ڇوٿا ڏيو؟ اها ڳالهہ نہ تہ حق ۽ باطل جو معيار آهي ۽ نہ ئي مذهب جي اصل حقيقت ۾ ان جو ڪو عمل دخل آهي. هر مذهب پنهنجي پنهنجي حالتن ۽ گهرجن موجب عبادت جو هڪ طريقو اختيار ڪيو هو ۽ ماڻهو انهيءَ تي ڪاربند ٿي ويا. سيني جو اصلي مقصد هڪ ئي آهي ۽ اهو آهي خداپرستي ۽ نيڪ عملي. سو جيڪو ماڻهو سچائيءَ جو گهرجائو آهي تنهن کي گهرجي تہ پنهنجي اصل مقصد تي نظر رکي ۽ ان مطلب کي سامهون رکي هر ڳالهہ کي پرکي ۽ انهن ڳالهين کي حق ۽ باطل جو معيار نہ بڻائي.

وَلِكُلٍّ وِجْهَةٌ هُوَ مُوَلِّيهَا فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ أَيْنَ مَا تَكُونُوا يَأْتِ بِكُمُ اللَّهُ جَمِيعًا إِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿البقرة: ١٤٨﴾

ترجمو: ” ۽ سڀ ڪنهن لاءِ (ڪو) هڪڙو قبلو آهي جنهن ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُهو مهاڙ ڪندو آهي پوءِ چڱاين ڏانهن اڳرائي ڪريو. جتي هوندؤ (اُتان) الله اُوهان کي گڏ ڪري آڻيندو. ڇوته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.“

## قرآن جي نظر ۾ عقيدي ۽ عمل جون اصلي ڳالهيون

وري ساڳي ئي سورت ۾ اڳتي هلي صاف لفظن ۾چٽائي ڪئي وئي ته اصل دين ڇا آهي؟ ۽ ڪهڙين ڳالهين سان ماڻهو دين جي سعادت ۽ ڪاميابي حاصل ڪري سگهي ٿو؟ هو چوي ٿو ته دين رڳو ان قسم جي ڳالهين ۾ نه آهي ته ڪنهن ماڻهو عبادت جي وقت اوڀر منهن ڪيو يا اولهه ڏانهن. پر اصل دين ته هي آهي ته ڏنو وڃي ته خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جي لحاظ کان هڪ انسان جو ڪهڙو حال آهي. ان کان پوءِ تفصيل سان ٻڌايو ته خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جو ڪهڙيون ڳالهيون آهن:

لَّيْسَ الْبِرَّ أَن تُوَلُّوا وُجُوهَكُمْ قِبَلَ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ وَلَٰكِنَّ الْبِرَّ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالْكِتَابِ وَالنَّبِيِّينَ وَآتَى الْمَالَ عَلَىٰ حُبِّهِ ذَوِي الْقُرْبَىٰ وَالْيَتَامَىٰ وَالْمَسَاكِينَ وَابْنَ السَّبِيلِ وَالسَّائِلِينَ وَفِي الرِّقَابِ وَأَقَامَ الصَّلَاةَ وَآتَى الزَّكَاةَ وَالْمُوفُونَ بِعَهْدِهِمْ إِذَا عَاهَدُوا وَالصَّابِرِينَ فِي الْبَأْسَاءِ وَالضَّرَّاءِ وَحِينَ الْبَأْسِ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ صَدَقُوا وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُتَّقُونَ ﴿البقرة: ١٧٧﴾

ترجمو: ”اوڀر ۽ اولهه ڏانهن اوهان جو پنهنجن مُنهَن کي ڦيرائڻ ڪا چڱائي نه آهي پر (اصل) چڱائي (ان لاءِ) آهي جنهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن ۽ ملائڪن ۽ ڪتابن ۽ پيغمبرن کي مڃيو ۽ جنهن (ماڻهوءَ پنهنجو) مال اُن جي پيار هوندي (به) مٽيءَ وارن ۽ ڇورن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن ۽ سوال ڪندڙن کي ۽ ٻانهَن جي گردنين (آجي ڪرڻ) ۾ ڏنو ۽ نماز پڙهيائين ۽ زڪوٰة ڏنائين. ۽ (اُهي ماڻهو جي) جڏهن انجام ڪندا آهن تڏهن پنهنجو انجام پاڙيندا آهن. ۽ سختيءَ ۽ اوکائيءَ ۾ ۽ جنگ مهل صبر ڪرڻ وارا آهن. اِهي سچا آهن. ۽ اِهي ئي پرهيزگار آهن.“

جنهن ڪتاب ۾ تيرنهن سئو سالن کان هيءَ آيت موجود آهي،

جيڪڏهن دنيا ان جي دعوت جي اصل مقصد کي سمجهي نٿي سگهي ته پوءِ بئي ڪهڙي ڳالهه آهي، جنهن کي دنيا سمجهي سگهي ٿي؟

## شريعتن جو اختلاف خدائي حڪمت هيٺ آهي

سورت المائده ۾ اسان ڏسون ٿا ته هڪ خاص ترتيب سان مختلف دعوتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ذڪر حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ توريت سان شروع ٿئي ٿو: "إِنَّا أَنزَلْنَا التَّوْرَاةَ فِيهَا هُدًى وَنُورٌ" ان کان پوءِ حضرت عيسيٰ جي اچڻ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو: "ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلَىٰ آثَارِهِم بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا بِعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ" ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کان پوءِ پيغمبر اسلام آيا "وَأَنزَلْنَا إِلَيْكَ الْكِتَابَ بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ" ان کان پوءِ انهن مختلف دعوتن جي ذڪر کان پوءِ ماڻهن کي سڏي هيئن ٿو چوي:

جَعَلْنَا مِنكُمْ شِرْعَةً وَمِنْهَاجًا وَلَوْ شَاءَ اللَّهُ لَجَعَلَكُمْ أُمَّةً وَاحِدَةً وَلَٰكِن لِّيَبْلُوَكُمْ فِي مَا آتَاكُمْ فَاسْتَبِقُوا الْخَيْرَاتِ﴿المائدة: ٤٨﴾

ترجمو: ”اوهان مان هر ڪنهن ٽوليءَ لاءِ شريعت ۽ (هڪ سنئين) واٽ مُقرّر ڪئي سون، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته اوهان مڙني کي هڪ ٽولي ڪري ها پر (گهريائين) ته جيڪي اوهان کي ڏنائين تنهن ۾ اوهان کي پرکي تنهنڪري چڱائيءَ ڏانهن اڳرائي ڪريو“

## مذهبي پيروڪارن جي اختلاف جو بنياد

هن آيت تي سرسري نظر وجهي اڳتي وڌي نه وڃو پر ان جي هڪ هڪ لفظ تي غور ڪريو. قرآن ڪريم جڏهن آيو ته دنيا جو اهو حال هو جو مذهبن جا سمورا پيروڪار، مذهبن کي رڳو انهن جي ظاهري ريتن رسمن جي بنياد تي ڏسندا هئا ۽ مذهبي عقيدن جو سمورو زور انهيءَ قسم جي ڳالهين تي هو. هر جماعت جو اهو ئي خيال هو ته انهن کانسواءِ ٻئي جماعت ڇوٽڪاري کان محروم آهي. ان جو سبب هي آهي ته جو اها ڏسندي هئي ته ٻئي جماعت جا عمل ۽ رسمون اهي نه آهن، جن کي انهن پنهنجايو آهي. پر قرآن ڪريم چوي ٿو ته اهي عمل نه ته دين جو اصل ۽ حقيقت آهن ۽ نه انهن جو اختلاف حق ۽ باطل جو اختلاف آهي. اهو رڳو مذهب جي عملي زندگيءَ جو هڪ ٻوتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر روح ۽ حقيقت انهن ڪان مٿانهان آهن ۽ اهو ئي اصل دين آهي. اهو اصل دين ڇا آهي؟ هڪ خداجي پوڄا ۽ نيڪ عمليءَ واري زندگي آهي. اها ڪنهن هڪ جماعت جي ميراث نہ آهي جو ان هڪڙي انسان ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن کي نہ ملي هجي. اها سمورن مذهبن ۾ هڪجيتري موجود آهي، جيئن تہ اهو اصل دين آهي، تنهن ڪري نہ تہ ان ۾ تبديلي آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن جو ڪو اختلاف ظاهر ٿيو. عمل ۽ رسمون فروع آهن. جنهن ڪري هر دؤر ۽ هر ملڪ جي حالت موجب بدلجندا رهيا آهن ۽ جيترو بہ اختلاف ٿيو ان ۾ ئي ٿيو.

وري هو چوي ٿو تہ عملن ۽ رسمن جي انهيءَ اختلاف کي توهان ايتري اهميت ڇو ڏئي رهيا آهيو؟ الله تعاليٰ هر زماني ۽ هر ملڪ جي لاءِ هڪ خاص طور طريقو مقرر ڪري ڇڏيو هو. جيڪو ان جي حالت ۽ ضرورت موجب مناسب هو ۽ اهو ان لاءِ پابند ٿي ويو. جيڪڏهن الله تعاليٰ گهري ها تہ سموري انسانذات کي هڪ ئي قوم يا جماعت ڪري ڇڏي ها ۽ فڪر ۽ عمل جو اختلاف پيدا ئي نہ ٿئي ها. پر الله تعاليٰ ايئن نہ گهريو. ان جي حڪمت جي گهُر ئي اها ٿي، تہ فڪر ۽ عمل جون مختلف حالتون پيدا ٿين. سو انهيءَ اختلاف کي حق ۽ باطل جو اختلاف ڇو بڻايو وڃي؟ ڇو انهيءَ اختلاف جي بنياد تي هڪ جماعت ٻئي جماعت سان وڙهي رهي آهي؟ اصل شيءِ جنهن تي سمورو ڌيان ڇڪڻ گهرجي "خيرات" آهي، يعني نيڪيءَ جا ڪم آهن ۽ سمورا عمل ۽ رسمون بہ انهيءَ لاءِ ئي آهن.

انهيءَ آيت تي غور ڪري ڏسو ان ۾ "لكل جعلنا منكم شرعة و منهاجا" چيو. يعني توهان مان هر هڪ جماعت لاءِ اسان هڪ "شرع" ۽ "واٽ" مقرر ڪئي. ايئن نہ چيو تہ "دين" مقرر ڪيو. ڇو جو دين تہ سڀني جي لاءِ هڪ ئي آهي. ان ۾ گهٽائي نہ آهي. باقي شرع يا واٽون سڀني جي لاءِ ساڳيون نٿيون ٿي سگهن. ضروري هو تہ هر دؤر ۽ هر ملڪ جي حالتن ۽ طور طريقن موجب مختلف هجن. سو مذهبن جو اختلاف اصل جو اختلاف نہ هو. رڳو فروع جو اختلاف هو.

هن موقعي تي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ جتي بہ قرآن انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏنو آهي، تہ جيڪڏهن خدا گهري ها تہ سمورا انسان هڪ ئي واٽ تي گڏ ٿي وڃن ها. يا هڪ ئي قوم بڻجي وڃن ها. جيئن مٿي ڏنل آيت ۾ آهي تہ

انهن سيني جو مقصد مٿي بيان ڪيل حقيقت جو اظهار آهي. هو گهري ٿو ته ماڻهن جي دلين ۾ اها ڳالهه ويهاري ته فڪر ۽ عمل جو اختلاف، انساني طبيعت جو قدرتي گڻ آهي. جهڙي طرح اهو گڻ هر پاسي ۾ موجود آهي، اهڙي طرح مذهب جي معاملي ۾ به موجود آهي. سو انهيءَ اختلاف کي حق ۽ باطل جو معيار نه سمجهڻ گهرجي. هو چوي ٿو ته جڏهن الله تعاليٰ انسان جي طبيعت ئي اهڙي ٺاهي آهي جو هر انسان هر قوم، هر دؤر پنهنجي پنهنجي پسند ۽ پنهنجو پنهنجو طور طريقو رکي ٿو ۽ ممڪن ئي نه آهي ته ڪنهن هڪ ننڍڙي کان ننڍڙي ڳالهه ۾ به سمورن انسانن جي طبيعت هڪجهڙي ٿي وڃي ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي پيو ته، مذهبي عمل ۽ رسمن جون راهون مختلف نه هجن ها ۽ سڀئي هڪ ئي شڪل ۽ حالت اختيار ڪري وڃن ها؟ هتي به اختلاف ٿيڻو هو ۽ ٿيو. ڪنهن هڪ طريقي سان اصل گهربل مقصد حاصل ڪرڻ گهريو ته ڪنهن ٻئي طريقي سان. پر اصل مقصد، يعني خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جي تعليم جي معاملي ۾ سڀ متفق رهيا. سو جڏهن اصل مقصد سيني جو هڪ ئي آهي، ته رڳو ظاهري عملن جي اختلاف سان ڇا جي ڪري هڪ ٻئي جا مخالف ۽ دشمن بڻجي وڃن؟ ڇو هر جماعت ٻئي جماعت کي ڪوڙو ڪري؟ ڇا جي ڪري مذهبي سچائي ڪنهن هڪ ئي جماعت جي ميراث سمجهي وڃي؟

ايئن اسان ڏسون ٿا ته هو شريعتن جي انهيءَ اختلاف جي ڪري ئي نه، پر فڪر ۽ عمل جي هر اختلاف جي لاءِ بردباري ۽ وڏي سوچ جي تعليم ڏئي ٿو. ايستائين جو ماڻهو انهيءَ دعوت جي خلاف ڏاڍ ۽ تشدد کي ڪم آڻي رهيا هئا، انهن طرفان به ڪيس معذرت ڪرڻ ۾ ڪا جهجهڪ نه آهي. هڪ دفعي پيغمبر اسلامﷺ کي به چئي ٿو ڏئي ته تون دعوت جي جوش ۾ گهرين ٿو ته هر انسان کي حقيقت جي راهه ڏيکارين، پر توکي اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته فڪر ۽ عمل جو اختلاف انساني طبيعت جو قدرتي گڻ آهي. تون ڪنهن جي اندر ڏاڍائيءَ سان ڪا هڪ ڳالهه به وجهي نٿو سگهين.

وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ لَآمَنَ مَن فِي الْأَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيعًا أَفَأَنتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتَّىٰ يَكُونُوا مُؤْمِنِينَ ﴿يونس: ٩٩﴾

ترجمو: ”۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها ته جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀ سمورا ضرور ايمان آڻين ها. پوءِ تون ماڻهن کي زور

ڪندين ڇا تہ مؤمن ٿين؟“

هو چوي ٿو تہ انسان جي طبيعت اهڙي آهي جو هر جماعت کي پنهنجو ئي طور طريقو چڱو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو پنهنجي ڳالهين کي، ٻئي جي مخالفاڻي نظر سان نٿو ڏسي سگهي. جهڙي طرح سان توهان جي نظر ۾ سڀ کان وڏيڪ سٺي وات توهان جي آهي، بلڪل ايئن ئي ٻين جي نظر ۾ سڀ کان ڀلي وات سندن ئي آهي. سو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪا وات نہ آهي تہ انهيءَ باري ۾ صبر ۽ بردباري پنهنجي اندر پيدا ڪئي وڃي.

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِينَ يَدْعُونَ مِن دُونِ اللَّهِ فَيَسُبُّوا اللَّهَ عَدْوًا بِغَيْرِ عِلْمٍ كَذَٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ أُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّهِم مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُم بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿الأنعام: ١٠٨﴾

ترجمو: ”(اي مسلمانؤ) جن کي (مُشرڪ) الله ڪانسواءِ سڏيندا آهن تن کي گاريون نہ ڏيو جي متان (اُهي) بي سمجهائي جي ڪري دشمنيءَ کان الله کي ڳالهائين، اهڙي طرح هر ٽوليءَ لاءِ سندن ڪم سينگارياسون، وري سندن پالڻهار ڏانهن سندن موٽڻ آهي پوءِ جيڪي ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو. “

## ”تشيع[1]“ ۽ ”تحزب[2]“ جي گمراهي ۽ تجديد دعوت جي ضرورت

هاڻي جڏهن سمورن مذهبن جو اصل مقصد هڪ ئي آهي ۽ سيني جو بنياد سچائيءَ تي آهي، تہ پوءِ قرآن جي نازل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟

هو چوي ٿو تہ انهيءَ لاءِ جيتوڻيڪ سمورا مذهب سچا آهن، پر سمورن مذهبن جا پيروڪار سچائيءَ کان ڦري ويا آهن. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ سيني کي انهن جي گم ٿيل سچائي تي ٻيهر گڏ ڪيو وڃي.

انهيءَ سلسلي ۾ هن مذهبن جي پيروڪارن جون سموريون

---

1 تشيع: سمورن مذهبن جو هڪ ئي بنياد کان هٽي جدا جدا ٽوليون ٺاهڻ

2 تحزب: مذهبن جي پيروڪارن جو مذهب جي اصلي تعليم کان هٽي وڃڻ ۽ فرقي پرستي ۾ گرفتار ٿيڻ

گمراهيون هڪ هڪ ڪري ٻڌايون آهن. جيڪي اعتقادي توڙي عملي، ٻنهي طرح جون آهن. گڏيل طور تي انهن جي هڪ سڀ کان وڏي گمراهي جنهن بابت جتي ڪٿي زور ڏئي ٻڌايو ويو آهي سا اها آهي جنهن کي هن ”تشيع“ ۽ ”تحزب“ جي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. عربي ۾ ”تشيع“ ۽ ”تحزب“ جي معنيٰ آهي جدا جدا جماعتون ٺاهڻ ۽ انهن ۾ هڪ اهڙي روح جو پيدا ٿيڻ جنهن کي فرقي پرستي جي روح سان سڃاتو وڃي ٿو.

إِنَّ الَّذِينَ فَرَّقُوا دِينَهُمْ وَكَانُوا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِي شَيْءٍ إِنَّمَا أَمْرُهُمْ إِلَى اللَّهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُم بِمَا كَانُوا يَفْعَلُونَ ﴿الأنعام: ١٥٩﴾

ترجمو: ”جن پنهنجي دين کي ڏاروڏار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا تن سان تُنهنجو ڪو واسطو نہ آهي، سندن ڪم الله جي ئي حوالي آهي وري جيڪي ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو.“

فَتَقَطَّعُوا أَمْرَهُم بَيْنَهُمْ زُبُرًا كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ ﴿المؤمنون: ٥٣﴾

ترجمو: ”پوءِ (اُنهن قومن) پنهنجي ڪم کي پاڻ ۾ ذرا ذرا ڪري ڇنون، سيڪنهن ٽوليءَ وٽ جيڪي آهي تنهن سان اُها سرهي (رهندي) آهي.“

## ”تشيع“ ۽ ”تحزب“ جي حقيقت

تشيع ۽ تحزب جي گمراهيءَ جو ڇا مطلب آهي؟ انهيءَ کي چڱيءَ طرح ۽ وضاحت سان سمجهڻ گهرجي. هو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل دين جي حقيقت تہ اِها هئي تہ اهو انسان ذات تي خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جي واٽ کي کوليندڙ هو يعني خدا تعاليٰ جي انهيءَ قانون جو اعلان ڪندو هو تہ دنيا جي هر شيءِ وانگر انساني فڪر ۽ عمل جا بہ نتيجا آهن. چڱي فڪر ۽ عمل جو چڱو بدلو آهي، بري فڪر ۽ عمل جو برو بدلو آهي. پر ماڻهن انهيءَ حقيقت کي وساري ڇڏيو ۽ دين ۽ مذهب کي نسلن، قومن، ملڪن ۽ ڀانت ڀانت جي رسمن ۽ رواجن جو هڪ ميڙ ٺاهي ڇڏيو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو هاڻي انسان جي ڇوٽڪاري ۽ خوشبختي جي واٽ اها نٿي سمجهي وڃي تہ ڪنهن جو اعتقاد ۽ عمل ڪهڙو آهي، پر سڄو دارومدار

انهيءَ تي اچي بيٺو آهي تہ ڪير ڪهڙي ٽولي ۽ جماعت ۾ داخل آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ٻئي ڪنهن جماعت ۾ داخل آهي تہ پڪ سان سمجهيو وڃي ٿو تہ ڇوٽڪاري جو دروازو ان تي بند ٿي چڪو آهي ۽ دين جي سچائيءَ جو ان ۾ ڪوبہ حصو نہ آهي. جڏهن تہ دين جي سچائي، آخرت جو ڇوٽڪارو ۽ حق ۽ باطل جو معيار، سمورو ئي گروهہ بندي ۽ گروهہ پرستي ٿي ويو. اعتقاد ۽ عمل ڪابہ شيءِ نہ آهي. وري ان جي باوجود تہ سمورن مذهبن جو اصلي مقصد هڪ ئي آهي ۽ سيئي هڪ ئي جهانن جي پالڻهار جي پوڄا ڪرڻ جا دعويدار آهن، پر هر جماعت ويساهہ رکي ٿي تہ دين جي سچائي رڳو ان جي ئي حصي ۾ آيل آهي، جڏهن تہ باقي سموري انسانذات ان کان محروم آهي. ايئن هر مذهب جو پيروڪار ٻئي مذهب جي خلاف نفرت ۽ تعصب جي تعليم ڏئي ٿو. دنيا ۾ خدا پرستي ۽ دينداري واري واٽ سراسر بغض ۽ دشمني، نفرت ۽ خون خرابي جي واٽ بڻجي وئي آهي.

## انهيءَ باري ۾ قرآني دعوت جا ٽي وڏا ڪم

انهيءَ سلسلي ۾ قرآن جن وڏن ڪمن تي زور ڏنو آهي تن ۾ ٽي ڳالهيون ڇٽيون آهن:

1. انسان جي ڇوٽڪاري ۽ خوشبختي جو دارومدار اعتقاد ۽ عمل تي آهي، نہ ڪنهن خاص گروهہ بندي تي.
2. انسانذات جي لاءِ خدائي دين هڪ ئي آهي ۽ سيني کي هڪ ئي تعليم ڏني وئي آهي. تنهن ڪري مذهبن جي پيروڪارن دين جي هيڪڙائي ۽ عالمگير حقيقت وڃائي، هي جيڪي هڪٻئي جي مخالفت ڪندڙ ۽ وڙهندڙ ڪيتريون ئي جماعتون ٺاهي ورتيون آهن، سو عمل سراسر گمراهي آهي.
3. اصل دين توحيد آهي. يعني هڪ پروردگار عالم جي سڌو سنئون پوڄا ڪرڻ. سمورن مذهبن جي بانين بہ اها ئي تعليم ڏني آهي. ان جي خلاف جيترا بہ عقيدا ۽ عمل اختيار ڪيا ويا آهن، سي اصليت کان ڦري وڃڻ جو نتيجو آهن.

## يهوديت ۽ عيسائيت جي گروهه بندي ۽ ان جو رد

اهڙي طرح مٿي ذڪر ڪيل آيتن ڪانسواءِ هيٺين آيتن ۾ به انهيءَ ئي حقيقت کي چٽو ڪيو ويو آهي:

وَقَالُوا لَن يَدْخُلَ الْجَنَّةَ إِلَّا مَن كَانَ هُودًا أَوْ نَصَارَىٰ تِلْكَ أَمَانِيُّهُمْ قُلْ هَاتُوا بُرْهَانَكُمْ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ (١١١) بَلَىٰ مَنْ أَسْلَمَ وَجْهَهُ لِلَّهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهُ أَجْرُهُ عِندَ رَبِّهِ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ (١١٢)

﴿البقرة﴾

ترجمو: ”۽ (يهودي ۽ نصاريٰ) چون ٿا ته يهودين ۽ نصارن ڪانسواءِ بهشت ۾ ڪوئي نه گهڙندو. اِهي سندن سڌون آهن. (اي پيغمبر کين) چئو ته جيڪڏهن سچا آهيو ته پنهنجو ڪو دليل آڻيو. هائو جنهن پنهنجو مُنهن الله لاءِ نوايو ۽ اُهو ڀلارو هوندو تنهن لاءِ سندس پالڻهار وٽ سندس اجر آهي، ۽ نڪي کين ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا.“

ٻئي جاءِ تي اها حقيقت اجا وڌيڪ چٽائيءَ سان بيان ڪئي وئي آهي:

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ

﴿المائدة: ٦٩﴾

ترجمو: ”(جيڪي) مؤمن ۽ يهودي ۽ صابي ۽ نصاريٰ (آهن اُنهن مان) جن الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ڪو ڀؤ ڪونه آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا. “

مطلب ته دين جو مقصد خدا پرستي ۽ نيڪ عملي جي واٽ هئي. اهو ڪنهن خاص گروهه بندي جو نالو نه هو. ڪوبه انسان هجي، ڪنهن به نسل يا قوم مان هجي، ڪنهن به نالي سان سڏيو ويندو هجي، پر جيڪڏهن خدا تعاليٰ تي سچو ايمان رکي ٿو ۽ ان جا عمل به نيڪ آهن، ته اهو حقيقت خدا تعاليٰ جي ئي دين تي هلندڙ آهي ۽ ان جي لاءِ ڇوٽڪارو آهي. پر يهودين ۽ عيسائين هڪ خاص طرح جي نسلي ۽ جماعتي گروهه بندي جو قانون ٺاهي ڇڏيو. يهودين گروهه بندي جو هڪ پڙُ ٺاهيو ۽ ان جو نالو يهوديت رکي ڇڏيو. پوءِ انهن جي مطابق، جيڪو انهيءَ پڙ جي اندر آهي سو سچائيءَ تي آهي ۽ ان جي لاءِ ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوٽڪارو آهي ۽ جيڪو ان کان ٻاهر آهي سو باطل تي آهي ۽ ان جي لاءِ ڪوبہ ڇوٽڪارو نہ آهي. اهڙي طرح عيسائن بہ هڪ پڙ ٺاهيو ۽ ان جو نالو عيسائيت يا ڪليسا رکي ڇڏيو ۽ اعلان ڪيو تہ جيڪو ان ۾ داخل آهي، رڳو اهو ئي سچائيءَ تي آهي ۽ رڳو ان لاءِ ئي ڇوٽڪارو آهي. جيڪو ان کان ٻاهر آهي تنهن جو سچائيءَ ۾ ڪوبہ ڀاڱو نہ آهي ۽ اهو ڇوٽڪاري کان بہ بلڪل ئي محروم آهي. باقي رهيو عمل ۽ اعتقاد، تہ انهن جي نظر ۾ ان جو قانون بلڪل ئي بي اثر ٿي ويو. هڪ ماڻهو ڪيترو بہ خدا پرست ۽ نيڪ عمل ڇو نہ هجي، پر جيڪڏهن يهوديت جي نسلي گروه بندي يا عيسائيت جي جماعتي گروه بندي ۾ داخل نہ آهي تہ ان کي ڪوبہ يهودي ۽ عيسائي هدايت وارو انسان نٿو مڃي سگهي. ٻئي پاسي هڪ تمام ئي بدڪار ۽ بد اعتقاد ماڻهو بہ ڇوٽڪارو ماڻيندڙ سمجهيو ويندو، جيڪڏهن هو انهن گروه بندين ۾ داخل هوندو. قرآنِ ڪريم انهن جي انهيءَ عقيدي کي هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو: "كُونُوا هُودًا أَوْ نَصَارَىٰ تَهْتَدُوا" يعني هدايت واري واٽ اعتقاد ۽ عمل واري واٽ نہ آهي، پر يهوديت ۽ عيسائيت جي گروه بنديءَ واري واٽ آهي. جيستائين ڪو يهودي يا عيسائي نہ ٿو ٿي وڃي، هدايت وارو نٿو ٿي سگهي. وري انهن جي انهيءَ خيال کي رد ڪندي چوي ٿو تہ، خدا تعاليٰ جي هدايت جيڪا دنيا جو عالمگير قانون آهي، سو پلا انهن هٿرادو گروه بندين ۾ آخر ڪيئن ٿي محدود ٿي سگهي: "بَلَىٰ مَنْ أَسْلَمَ وَجْهَهُ لِلَّهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَلَهُ أَجْرُهُ عِندَ رَبِّهِ" تي غور ڪريو. ڪير بہ انسان هجي، پوءِ پلي ڪنهن بہ نسل، قوم يا گروه بندي سان تعلق رکندڙ هجي، جنهن بہ الله تعاليٰ جي اڳيان پنهنجي ٻانهپ لاءِ مٿو ٽيڪيو ۽ نيڪ عملي واري زندگي اختيار ڪئي، تنهن ڇوٽڪارو ۽ خوشنصيبي ماڻي ورتي ۽ ان جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جو ڏک يا ڳڻتي نہ آهي.

غور ڪريو مذهبي سچائيءَ جي عالمگير پکيڙ تي، ان کان وڌيڪ چٽو ۽ گهڻ رخو اعلان ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو:

وَقَالَتِ الْيَهُودُ لَيْسَتِ النَّصَارَىٰ عَلَىٰ شَيْءٍ وَقَالَتِ النَّصَارَىٰ لَيْسَتِ الْيَهُودُ عَلَىٰ شَيْءٍ وَهُمْ يَتْلُونَ الْكِتَابَ كَذَٰلِكَ قَالَ الَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ مِثْلَ قَوْلِهِمْ فَاللَّهُ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿البقرة: ١١٣﴾

ترجمو: ”۽ يهودي چون ٿا تہ نصاريٰ ڪنهن دين تي نہ آهن، ۽ نصاريٰ چون ٿا تہ يهودي ڪنهن دين تي نہ آهن ۽ (حقيقت ڪري) اُهي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) پڙهندا آهن، اهڙي طرح جيڪي نہ ڄاڻندا آهن سي (بہ) سندن چوڻ جهڙو چوندا آهن. پر الله قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ جنهن (ڳالهہ) بابت جهڳڙو ڪندا آهن تنهن جو نبيرو ڪندو.“

يعني ان جي باوجود جو خدا تعاليٰ جو دين هڪ ئي آهي ۽ خدائي ڪتاب يعني توريت ۽ انجيل ٻنهي جي سامهون آهي، مذهبي گروهہ بندي جي ڪري نتيجو اهو نڪتو آهي جو هڪٻئي سان وڙهندڙ ۽ ڪوڙو ڪندڙ جٿا قائم ٿي ويا آهن. هر جماعت ٻئي جماعت کي ڪوڙو ڪري ٿي ۽ هر جماعت رڳو پنهنجو پاڻ کي ئي ڇوٽڪاري ۽ خوشنصيبيءَ جو مالڪ سمجهي ٿي!

## عملي طرح وڃايل بنيادي سچائي

سوال هي آهي تہ جڏهن دين جي راهہ هڪ ٿيڻ بدران اڻ ڳڻين جماعتن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي وئي آهي ۽ هر جماعت هڪ ئي طريقي تي پنهنجي سچائيءَ جي دعويدار آهي ۽ هڪ ئي طريقي سان ٻين کي ڪوڙو ڪري رهي آهي، تہ هاڻي انهيءَ ڳالهہ جو فيصلو ڪيئن ٿئي تہ حقيقت ۾ سچائي آهي ڪٿي؟ قرآن چوي ٿو تہ سچائي اصل ۾ سڀني وٽ آهي، پر عملي طرح سان سڀني وڃائي ڇڏي آهي. سڀني کي هڪ ئي دين جي تعليم ڏني وئي هئي ۽ سڀني جي لاءِ هدايت جو هڪ ئي عالمگير قانون هو پر سڀني اصل حقيقت کي وڃائي ڇڏيو ۽ ”الدين“ تي قائم رهڻ بدران جدا جدا جماعتون جوڙي ورتيون. هاڻي هر جماعت ٻئي سان وڙهي رهي آهي ۽ سمجهي ٿي تہ دين جي سعادت ۽ ڇوٽڪارو رڳو ان جي ئي ورثي ۾ آيو آهي ۽ ٻين جو ان ۾ ڪوبہ حصو پتي نہ آهي.

## عبادتگاهن ۾ گروهہ بندي

سورت البقره ۾ مٿين آيتن کان پوءِ هن طرح سان بيان شروع ٿئي ٿو:

وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّن مَّنَعَ مَسَاجِدَ اللَّهِ أَن يُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ وَسَعَىٰ فِي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خَرَابِهَا أُولَٰئِكَ مَا كَانَ لَهُمْ أَن يَدْخُلُوهَا إِلَّا خَائِفِينَ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا خِزْيٌ وَلَهُمْ فِي الْآخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿البقرة: ١١٤﴾

ترجمو: ”۽ ڪير اُن کان وڌيڪ ظالم آهي جنهن الله جي مسجدين کي منجهس سندس نالي جي ياد ڪرڻ کان جهليو ۽ انهن (مسجدين) جي ڊاهڻ ۾ ڪوشش ڪيائين؟ اهڙن کي انهن (مسجدين) ۾ ڊڄندڙ ٿي گهڙڻ ڌاران (ٻئي طرح گهڙڻ) نه جڳائيندو آهي، انهن لاءِ دُنيا ۾ خواري آهي ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ وڏو عذاب آهي.“

يعني مذهبي گروهه بندي جي گمراهي جو نتيجو اهو آهي ته خدا تعاليٰ جون عبادتگاهه به جدا جدا ٿي ويون آهن ۽ باوجود ان جي ته دنيا جي سمورن مذهبن جا پيروڪار هڪ ئي خدا تعاليٰ جو نالو وٺندڙ آهن، ممڪن نه آهي ته هڪ مذهب جو پيروڪار ٻئي مذهب جي جوڙيل عبادتگاهه ۾ وڃي ڪري خدا جو نالو وٺي سگهي. ايترو ئي نه، پر هر جماعت رڳو پنهنجي ئي عبادتگاهه کي خدا تعاليٰ جي عبادتگاهه سمجهي ٿي، ٻئي جماعت جي عبادتگاهه جو ان جي نظر ۾ ڪوبه احترام نه آهي. ايتري تائين جو ڪڏهن ته هو رڳو مذهب جي نالي تي اٿي پوندي آهي ۽ ٻين جا عبادتخانا ڍاهي ڇڏيندي آهي. قرآن چوي ٿو ته ان کان وڌيڪ ظلم ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو ته الله تعاليٰ جي ٻانهن کي الله تعاليٰ جي ياد کان روڪيو وڃي ۽ رڳو ان جي ڪري روڪيو وڃي ته اهي هڪ ٻئي مذهبي جماعت سان واسطو رکن ٿا. هڪ عبادتخانو ڍاٺو وڃي ۽ صرف ان ڪري ڍاٺو وڃي ته اهو اسان جو جوڙيل نه آهي ۽ ٻئي ڪنهن جماعت جو جوڙايل آهي. ڇا توهان جي جوڙيل مذهبي جماعتن جي اختلاف سان خدا به جدا جدا ٿي ويا؟ ۽ ڇا رڳو ان ڪري ئي هڪڙي جماعت جو جوڙيل عبادتخانو ته الله تعاليٰ جو عبادتخانو ٿيو پر ٻئي جو بنايل خدا جو نه آهي؟

يعني يهودين جو عقيدو هي آهي ته وحي ۽ نبوت جي هدايت، جيڪا انهن کي ڏني وئي آهي، سا رڳو انهن جي لاءِ ئي آهي؛ اهو ممڪن ئي نه آهي ته ٻئي ڪنهن انسان يا قوم کي اها حاصل هجي. اهڙيءَ ڳالهه اهي ان بنياد تي چوندا آهن ته پنهنجي مذهب جي ماڻهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ جي سچائي ۽ بزرگي کي نه ٿا مڃن ۽ نه اها ڳالهه مڃن ٿا ته سندن خلاف

(يعني يهودين جي خلاف) ڪنهن ماڻهوءَجو ڪو دليل خدا تعاليٰ وٽ قبول پئجي سگهي ٿو. قرآن ڪريم انهن جي انهيءَ خوشفهميءَ کي رد ڪري ٿو ۽ چوي ٿو: ”ان الهدیٰ هدي الله“ هدايت واري واٽ ته اها ئي آهي جيڪا الله تعاليٰ جي هدايت آهي ۽ الله تعاليٰ جي پلائي ڪنهن هڪ انسان يا جماعت جي لاءِ نه، پر سڀني سان آهي. سو جيڪو انسان به هدايت واري واٽ تي هلندو هدايت وارو ٿيندو. پوءِ پلي يهودي هجي يا ڪو ٻيو. يهودي پنهنجو پاڻ کي ڇوٽڪارو ماڻيل امت سمجهندا هئا ۽ چوندا هئا ته جنهم جي باهه اسان جي مٿان حرام آهي.

يهودين جي گروهه بندي بنسبت گهمنڊ ايتري حد تائين وڌي ويو هو جو اهي چوندا هئا ته الله تعاليٰ جهنم جي باهه اسان جي مٿان حرام ڪري ڇڏي آهي، پر جيڪڏهن اسان منجهان ڪو ماڻهو جهنم ۾ داخل ڪيو به ويو ته ان لاءِ نه، ته ڪيس عذاب ڪيو ويندو پر انهيءَ لاءِ ته جيئن گناهن جي گدلاڻ کان پاڪ ۽ صاف ڪيو وڃي ۽ وري جنت ۾ داخل ڪيو وڃي. قرآن ڪريم انهن جي انهيءَ غلط گمان جو جتي ڪٿي ذڪر ڪيو آهي ۽ پوءِ ان کي رد ڪندي ڪانئن پڇي ٿو ته، ان ڳالهه جي توهان کي ڪٿان ڄاڻ ملي ته يهودي جماعت جو هر فرد ڇوٽڪارو ماڻيندڙ ۽ آخرت جي عذاب کان ڇوٽڪارو مليل آهي؟ ڇا الله تعاليٰ توهان کي غير مشروط ڇوٽڪاري جي ڪا سند ڏئي ڇڏي آهي ته جيڪو به ڪو انسان يهودي هجي ته ان جي مٿان دوزخ جي باهه حرام ڪئي وئي هجي؟ جيڪڏهن اهڙي سند نه ڏني آهي ۽ ڏني ئي نه وئي آهي، ته انهن جو خدا تعاليٰ جي باري ۾ اهڙو عقيدو الله تعاليٰ جي مٿان بهتان نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ ان کان پوءِ چٽن لفظن ۾ الله تعاليٰ جو قانون اعلان ڪري ٿو ته، جنهن به پنهنجي عمل سان ڪا برائي ڪمائي، تنهن جي لاءِ برو بدلو آهي ۽ جنهن به چڱائي ڪمائي هوندي ته ان لاءِ چڱو بدلو آهي. يعني جهڙي طرح سان زهر ڪائڻ سان هر ڪائڻ وارو مري ويندو آهي، پوءِ پلي اهو يهودي هجي توڙي ٻئي ڪنهن قوم وارو ۽ ڪير پيئڻ سان طاقت ۽ چستي ايندي آهي، پوءِ ان جي پيئڻ وارو ڪٿي ڪهڙي به قوم يا نسل سان واسطو رکندو هجي، اهڙي طرح معنوي جهان ۾ به هر عمل جو هڪ اثر آهي ۽ اهو ان ڪري بدلجي نٿو سگهي ته عمل ڪرڻ واري جو نسل يا جماعت ڪهڙي آهي.

اهڙي طرح سان سورت بقره ۾ آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَقَالُوا لَن تَمَسَّنَا النَّارُ إِلَّا أَيَّامًا مَّعْدُودَةً قُلْ أَتَّخَذْتُمْ عِندَ اللَّهِ عَهْدًا
فَلَن يُخْلِفَ اللَّهُ عَهْدَهُ أَمْ تَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ (٨٠) بَلَىٰ مَن
كَسَبَ سَيِّئَةً وَأَحَاطَتْ بِهِ خَطِيئَتُهُ فَأُولَٰئِكَ أَصْحَابُ النَّارِ هُمْ فِيهَا
خَالِدُونَ (٨١) وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ
هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ (٨٢) ﴿البقرة﴾

ترجمو: ”۽ چون ٿا تہ باھ ڳڻيلن ڏينهن کان سواءِ اسان کي ڪڏهن نہ ڇهندي. اي (پيغمبرڪين) چئو تہ الله وٽان اهڙو انجام ورتو اٿوَ ڇا؟ تہ الله پنهنجي انجام کي ڪڏهن نہ ڦيريندو يا الله تي اڻ ڄاتو (ڪوڙ) ڳالهائيندا آهيو. هائو جن مدائي ڪمائي ۽ سندن بڇڙائي کين ويڙهي وئي سي دوزخي آهن. اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشتي آهن. اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. “

## ڇوٽڪاري واري قانون جو عام اعلان

سورت النساءِ ۾ نہ رڳو يهودين ۽ عيسائين کي پر سيني کي سڌي ڇٽو اعلان ڪري ٻڌايو ويو آهي. اهڙو اعلان جنهن کان پوءِ ڪنهن بہ قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش باقي ناهي رهي.

لَّيْسَ بِأَمَانِيِّكُمْ وَلَا أَمَانِيِّ أَهْلِ الْكِتَابِ مَن يَعْمَلْ سُوءًا يُجْزَ بِهِ وَلَا
يَجِدْ لَهُ مِن دُونِ اللَّهِ وَلِيًّا وَلَا نَصِيرًا ﴿النساء: ١٢٣﴾

ترجمو: ” (۽) نڪي اوهان جي سَڌن تي نڪي ڪتاب وارن جي سَڌن تي (ڇوٽڪارو) آهي. جيڪو ڪا مدائي ڪندو تنهن کي ان جي سزا ڏبي ۽ الله کانسواءِ پاڻ لاءِ نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو مددگار لهندؤ.“

## يهودين جي غير مذهب وارن سان بدديانتي ۽ قراني رد

انهيءَ مذهبي گروهه بنديءَ جو ئي نتيجو هو جو يهودي سمجهندا هئا تہ سچائي ۽ ديانتداريءَ جا جيڪي بہ حڪم آهن، سي ان لاءِ نہ آهن تہ سمورن انسانن تي لاڳو ڪيا وڃن، پر رڳو انهن جي لاءِ آهن تہ يهودي ڪنهن ٻئي يهودي سان بدديانتي نہ ڪري. اهي چوندا هئا تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو

اسان جي مذهب ۾ نہ آهي تہ اسان جي لاءِ جائز ٿي وڃي ٿو تہ اسان جيئن بہ گهرون ان جو مال ڦٻائي وڃون. سچائي ۽ ديانتداري جي واٽ وٺڻ جي انهيءَ موقعي تي ڪابہ ضرورت نہ آهي. اهڙيءَ طرح معاملن ۾ وياج وٺڻ کان منع واري حڪم کي انهن رڳو پنهنجي مذهب وارن سان واڳي ڇڏيو هو ۽ اڄ تائين انهن جو طرز عمل اهو ئي آهي. اهي چوندا آهن تہ هڪ يهودي کي ٻئي يهودي کان، ظالماڻي طريقي سان وياج وٺڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن يهودي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کان وٺي تہ ڪابہ خرابي نہ آهي. قرآن ڪريم انهن جي انهيءَ عقيدي جو رد ڪندي انهيءَ کي تمام وڏي گمراهي سڏي ٿو:

وَأَخْذِهِمُ الرِّبَا وَقَدْ نُهُوا عَنْهُ وَأَكْلِهِمْ أَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ

﴿النساء: ١٦١﴾

ترجمو: ”۽ انهن جو وياج کائڻ، جڏهن تہ انهيءَ کان انهن کي روڪيو ويو هو ۽ انهن جي اها ڳالهہ تہ ماڻهن جو مال ناجائز طريقن سان کائي ويندا هئا“

اهڙي طرح جيڪي يهودي عرب ۾ آباد هئا، سي چوندا هئا تہ عرب جي انهن اڻ پڙهيل رهاڪن سان معاملو ڪرڻ ۾ سچائي ۽ ديانتداري ضروري نہ آهي. اهي ماڻهو بت پرست آهن، اسان انهن جا مال جيئن گهرون کائي ڇڏيون، اسان جي لاءِ سڀ ڪجهہ جائز آهي.

ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَالُوا لَيْسَ عَلَيْنَا فِي الْأُمِّيِّينَ سَبِيلٌ وَيَقُولُونَ عَلَى اللَّهِ الْكَذِبَ وَهُمْ يَعْلَمُونَ (٧٥) بَلَىٰ مَنْ أَوْفَىٰ بِعَهْدِهِ وَاتَّقَىٰ فَإِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ (٧٦) ﴿آل عمران﴾

ترجمو: ”(يهودين جو) اِهو (بدديانتي وارو معاملو) هن سبيان آهي جو چون ٿا تہ اڻ پڙهيلن (جي مال کسڻ) ۾ اسان تي ڪا پڪڙ پڇاڙ نہ آهي، ۽ الله تي اهي ڄاڻڻ هوندي بہ ڪوڙ چوندا آهن. هائو جنهن پنهنجو انجام پاڙيو ۽ ڊنو تہ بيشڪ الله ڊڄندڙن کي دوست رکندو آهي.“

يعني اهڙو عقيدو رکڻ الله تعاليٰ جي دين تي سراسر بهتان آهي. خدا تعاليٰ جو دين تہ هي آهي تہ هر انسان سان نيڪي ڪرڻ گهرجي ۽ هر حال ۾ سچائي ۽ ديانتداري واري واٽ وٺڻ گهرجي، پوءِ ڀلي کهڙو بہ انسان هجي ۽ ڪنهن بہ عقيدي يا جماعت سان تعلق رکندو هجي. ڇو جو اڄو سدائين اڄو

ئي رهندو ۽ ڪارو سدائين ڪارو. ڪا اڇي شيءِ ان ڪري ڪاري نہ ٿي ويندي تہ ڪهڙي قسم جي ماڻهو ڪي ڏني وئي ۽ ڪا ڪاري شيءِ ان ڪري اڇي نہ ٿي ويندي تہ ڪهڙي نسل ۽ ڪهڙي جماعت جي هٿن ۾ ڏني وئي آهي. تنهن ڪري ديانتداري سدائين ديانتداري آهي ۽ بدديانتي هر حال ۾ بدديانتي!

## حضرت ابراهيم عليہ السلام جي شخصيت مان شاهدي

قرآن پاڪ نازل ٿيڻ وقت عربن جون ٽي وڏيون مذهبي جماعتون هيون: يهودي، عيسائي ۽ مشرڪ عرب. اهي ٽئي جماعتون حضرت ابراهيم عليہ السلام جي شخصيت کي هڪجيترو عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسنديون هيون. ڇو جو ٽنهي جماعتن جو ابو ڏاڏو اهو ئي هو. سو قرآن ڪريم مذهبي گروهہ بندي جي گمراهيءَ کي ڇٽو ڪرڻ لاءِ، هڪ تمام ئي سادو سوال انهن ٽنهي جي اڳيان پيش ڪري ٿو ۽ پڇي ٿو تہ جيڪڏهن دين جي سچائي گروهہ بندين سان وابستہ آهي تہ ٻڌايو تہ، حضرت ابراهيم عليہ السلام ڪهڙي جماعت جو ماڻهو هو؟ ظاهر آهي، ان وقت تائين نہ تہ يهوديت پيدا ٿي هئي، نہ عيسائيت ۽ نہ ئي ڪا ٻي جماعت موجود هئي. پوءِ جيڪڏهن حضرت ابرهيم عليہ السلام ڪنهن بہ جماعت ۾ داخل نہ هئڻ باوجود بہ حق جي رستي تي هو تہ ٻڌايو تہ اها ڪهڙي واٽ هئي؟ قران چوي ٿو تہ اها انهيءَ حقيقي دين واري واٽ هئي، جيڪا توهان جي جوڙيل سمورين گروهہ بندين کان مٿانهين ۽ انسانذات جي لاءِ ڇوٽڪاري جو عالمگير قانون آهي. يعني اڪيلي الله جي پوڄا ۽ نيڪ عمليءَ واري زندگي:

وَقَالُوا كُونُوا هُودًا أَوْ نَصَارَىٰ تَهْتَدُوا قُلْ بَلْ مِلَّةَ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿البقرة: ١٣٥﴾

ترجمو: ”۽ (ڪتاب وارا مسلمانن کي) چون ٿا تہ يهودي يا نصاريٰ ٿيو تہ هدايت وارا ٿيندؤ. (اي پيغمبر ڪين) چؤ تہ اسين ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) جي دين جا تابعدار آهيون، ۽ اُهو مشرڪن مان نہ هو.“

سورت آل عمران ۾ ساڳيو ئي مضمون وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي:

يَا أَهْلَ الْكِتَابِ لِمَ تُحَاجُّونَ فِي إِبْرَاهِيمَ وَمَا أُنزِلَتِ التَّوْرَاةُ وَالْإِنجِيلُ إِلَّا مِن بَعْدِهِ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿آل عمران: ٦٥﴾

ترجمو: ”اي ڪتاب وارؤ! ابراهيم بابت ڇالاءِ جهڳڙو ڪريو ٿا؟ ۽ توريت ۽ انجيل نہ لاٿا ويا پر ڪانئس پوءِ. پوءِ اوهين نہ سمجهندا آهيو ڇا؟“

يعني هو يهودين ۽ عيسائين کان سوال ڪري ٿو تہ توهان جي انهن گروهہ بندين جي تاريخ وڌ کان وڌ توريت ۽ انجيل جي اچڻ تائين وڃي سگهي ٿي. ڇو جو انهن جي ئي نسبت سان توهان جي گروهہ بندين جون حدون ڇڪيل آهن. ڇڱو ٻڌايو تہ توريت کان اڳ بہ ڪي هدايت وارا انسان موجود هئا يا نہ؟ جيڪڏهن هئا تہ انهن جي ڪهڙي واٽ هئي؟ ويندي توهان جي ئي اسرائيلي گهراڻي جي سمورن نبين سڳورن جي ڪهڙي واٽ هئي؟ حضرت ابراهيمؑ پنهنجي پٽن ۽ پوٽن کي جنهن دين جي تاڪيد ڪئي هئي، سو ڪهڙو دين هو؟ حضرت يعقوبؑ جڏهن بستري تي پنهنجا آخري پساهہ پورا ڪري رهيو هو ۽ ان وقت بہ پنهنجي پٽن کي خدائي دين تي قائم رهڻ جي لاءِ وصيت ڪري رهيو هو تہ ان جو مطلب ڪهڙو دين هو؟ اهو ظاهر آهي تہ اها يهوديت يا عيسائيت جي گروهہ بندي نٿي ٿي سگهي، ڇو جو اهي ٻئي گروهہ بنديون حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت عيسيٰؑ جي نالي تي ڪيون ويون هيون ۽ اهي حضرت ابراهيمؑ ۽ حضرت يعقوبؑ کان ڪيترائي سئو سال پوءِ پيدا ٿيا. سو معلوم ٿيو تہ توهان جي انهن گهڙيل ڇوٽڪاري وارين جماعتن کان اڳا بہ ڪا مٿانهين ڇوٽڪاري واري واٽ موجود آهي، جيڪا ان وقت بہ انسانذات جي سامهون موجود هئي، جڏهن انهن جي گروهہ بندين جو نالو نشان بہ ڪونہ هو. قرآن چوي ٿو تہ اها ئي ڇوٽڪاري واري واٽ دين جي اصلي واٽ آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن جماعت جي نہ. پر عقيدي ۽ عمل جي ضرورت آهي:

أَمْ كُنتُمْ شُهَدَاءَ إِذْ حَضَرَ يَعْقُوبَ الْمَوْتُ إِذْ قَالَ لِبَنِيهِ مَا تَعْبُدُونَ مِن بَعْدِي قَالُوا نَعْبُدُ إِلَٰهَكَ وَإِلَٰهَ آبَائِكَ إِبْرَاهِيمَ وَإِسْمَاعِيلَ وَإِسْحَاقَ إِلَٰهًا وَاحِدًا وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿البقرة: ١٣٣﴾

ترجمو: ”(اي ڪتاب وارؤ) اوهين تڏهن حاضر هيؤ ڇا؟ جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعقوب کي موت ويجهو ٿيو جڏهن پنهنجن پٽن کي چيائين ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ (تڏهن) چيائون ته تنهنجي خُدا ۽ تنهنجي پيءُ ڏاڏي ابراهيم ۽ اسمعيل ۽ اسحق جي خدا جي جو اڪيلو خدا آهي عبادت ڪنداسون، ۽ اسين سندس حڪم مڃيندڙ آهيون.“

## اصل دين انساني هيڪڙائي ۽ يائپي آهي

هو چوي ٿو ته خدائي دين جو اصل انسانذات جي يائپي ۽ هيڪڙائي آهي نه فرقيواريت ۽ هڪٻئي سان نفرت. الله تعاليٰ جا جيترا به رسول دنيا ۾ آيا، سيني اها ئي تعليم ڏني هئي ته توهان سيئي اصل ۾ هڪ ئي امت آهيو ۽ توهان سيني جو پالڻهار هڪ ئي پروردگار آهي. سو توهان کي گهرجي ته سيئي انهيءَ هڪڙي ئي پالڻهار جي ٻانهپ اختيار ڪريو ۽ هڪ ئي گهراڻي جي ڀائرن وانگر گڏجي سڏجي رهو. جيتوڻيڪ هر مذهب جي داعي انهيءَ ئي وات واري تعليم ڏني، پر هر مذهب جي پيروڪار انهيءَ کان ڦري ويا. نتيجو اهو نڪتو ته هر ملڪ، هر قوم ۽ هر نسل وارن پنهنجون پنهنجون جماعتون ۽ ٽولا ٺاهي ڇڏيا ۽ هر جماعت پنهنجي طريقي تي مست ٿي وئي.

قرآن ڪريم گذري ويل رسولن ۽ مذهبن جي باني مان جن جن اڳواڻن جون نصيحتون نقل ڪيون آهن، تن سيني ۾ اصل اصول اها ئي حقيقت آهي. عام طرح سان گهڻو ڪري نصيحتن جو خاتمو دين جي هيڪڙائي ۽ انساني عالمگير يائپي واري تعليم تي ئي ٿيندو آهي. مثال طور، سورت المؤمنون ۾ سڀ کان اڳ حضرت نوح ﷺ جي دعوت جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

وَلَقَدۡ أَرۡسَلۡنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوۡمِهِۦ فَقَالَ يَٰقَوۡمِ ٱعۡبُدُواْ ٱللَّهَ مَا لَكُم مِّنۡ إِلَٰهٍ غَيۡرُهُۥٓۚ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿المؤمنون: ٢٣﴾

ترجمو: ”۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو اُن کانسواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي، پوءِ ڇونه ڊڄندا آهيو؟ “

ان کان پوءِ انهن دعوتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جيڪي حضرت نوح ﷺ کان پوءِ ٿينديون رهيون آهن:

ثُمَّ أَنشَأْنَا مِن بَعْدِهِمْ قَرْنًا آخَرِينَ (٣١) فَأَرْسَلْنَا فِيهِمْ رَسُولًا مِّنْهُمْ أَنِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ (٣٢) ﴿المؤمنون﴾

ترجمو: ”وري ڪائنن پوءِ ٻيو جُڳ پيدا ڪنداسون. پوءِ منجهن هڪ پيغمبر اُنهن (جي قبيلي) مان موڪليوسون (تنهن چين) تہ الله جي عبادت ڪريو اُن ڪانسواءِ اوهانجو ڪو معبود نہ آهي“

انِ ڪان پوءِ حضرت موسيٰ عليہ السلام جو ذڪر ڪيو ويو آهي:

ثُمَّ أَرْسَلْنَا مُوسَىٰ وَأَخَاهُ هَارُونَ بِآيَاتِنَا وَسُلْطَانٍ مُّبِينٍ ﴿المؤمنون: ٤٥﴾

ترجمو: ”وري پنهنجين نشانين ۽ پڌريءَ حجت سان موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ هارون کي موڪليوسون.“

حضرت موسيٰ عليہ السلام ڪان پوءِ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي دعوت چٽي ٿي:

وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَأُمَّهُ آيَةً ﴿المؤمنون: ٥٠﴾

ترجمو: ”۽ مريم جي پٽ کي ۽ سندس ماءُ کي هڪ نشاني ڪئي سون“

انهن سيني دعوتن ڪان پوءِ حق جو هي آواز اچي ٿو:

يَا أَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوا مِنَ الطَّيِّبَاتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ عَلِيمٌ (٥١) وَإِنَّ هَٰذِهِ أُمَّتُكُمْ أُمَّةً وَاحِدَةً وَأَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُونِ (٥٢) فَتَقَطَّعُوا أَمْرَهُم بَيْنَهُمْ زُبُرًا كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ (٥٣)

﴿المؤمنون﴾

ترجمو: ” (چيوسون تہ) اي پيغمبرؤ سنين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو آءٌ ڄاڻندڙ آهيان. ۽ بيشڪ اوهان جو هيءُ دين هڪ دين آهي ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان تنهنڪري مون ڪان ڊڄو. پوءِ (اُنهن قومن) پنهنجي ڪم کي پاڻ ۾ ذرا ذرا ڪري ڇنون. سيڪنهن ٽوليءَ وٽ جيڪي آهي تنهن سان اُها سرهي (رهندي) آهي. “

يعني سمورن رسولن هڪبئي پنيان اها ئي تعليم ڏني تہ الله تعاليٰ جي ٻانهپ ۽ نيڪ عملي واري واٽ اختيار ڪريو. توهان سيئي الله تعاليٰ جي نظر ۾ هڪ ئي امت آهيو ۽ توهان سيني جو پالڻهار بہ هڪ ئي آهي. توهان مان ڪا بہ جماعت پنهنجو پاڻ کي ٻئي جماعت ڪان جدا نہ سمجهي ۽ نہ ئي ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جماعت ٻئي جماعت جي مخالف بڻجي: "فَتَقَطَّعُوا أَمْرَهُم بَيْنَهُمْ زُبُرًا". پر ماڻهن هن تعليم کي وساري ڇڏيو ۽ پنهنجون جدا جدا جماعتون جوڙي ڇڏيون " كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ". هاڻي هر ٽوليءَ کي جيڪو ڪجهه هٿ لڳو آهي، تنهن ۾ مست آهي.

## بپتسما جي رسم

مذهبي گروهه بندين جي رسمن ۾ هڪڙي رسم اها به آهي جيڪا عيسائي ڪليسا اختيار ڪئي آهي، جنهن کي بپتسما جي رسم سڏن ٿا. اها اصل ۾ هڪ يهودي رسم هئي جيڪا ان وقت ادا ڪئي ويندي هئي، جڏهن ماڻهو گناهن کان توبه ڪندا هئا. انهيءَ ڪري ان جي حيثيت هڪ مقرر ٿيل رسم کان وڌيڪ اهم نه هئي. پر عيسائين انهيءَ کي انساني ڇوٽڪاري ۽ ڪاميابي جو بنياد سمجهي ورتو آهي. جيستائين ڪو ماڻهو عيسيٰ عليه السلام جي نالي تي مٽي تي پاڻي نه ڇٽڪاريندو، هو ڇوٽڪاري وارو انسان نٿي ٿي سگهيو. قرآن چوي ٿو ته اها کهڙي گمراهي آهي ته انساني ڇوٽڪارو ۽ خوشنصيبي، جنهن جو دارومدار عمل ۽ عقيدي تي آهي، رڳو هڪ مقرر ڪيل رسم سان وابسته ٿي وڃي ته هو ڇوٽڪارو ماڻيندڙ ۽ ڪامياب ٿي ويندو؟ اهو رڱجڻ انساني رڱڻ آهي، جڏهن ته الله تعاليٰ جو رڱڻ ته اهو آهي جو توهان جون دليون خدا پرستي جي رنگ ۾ رڱجي وڃن.

صِبْغَةَ اللَّهِ وَمَنْ أَحْسَنُ مِنَ اللَّهِ صِبْغَةً وَنَحْنُ لَهُ عَابِدُونَ ﴿البقرة: ١٣٨﴾

ترجمو: "الله (پنهنجي دين جي رنگ سان) اسان کي رنگيو آهي، ۽ رڱڻ ۾ الله کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ ۽ اسين سندس عبادت ڪندڙ آهيون."

## عمل جو قانون

اهڙي طرح سان سورت البقره ۾ وري وري چوي ٿو ته خدائي دين عمل جو قانون آهي. هر انسان جي لاءِ اهو ئي ڪجهه هوندو آهي، جيڪا ان جي عمل جي ڪمائي آهي. اها ڳالهه ته، هڪ اهڙو ماڻهو جنهن جي جماعت ۾ ڪيترائي نبي سڳورا ۽ نيڪ صالح انسان ٿي گذريا آهن، يا اها جماعت نيڪ انسانن جي نسل مان آهي، يا اهو ماڻهو ڪنهن اڳاتي قوم سان پراڻو ڳانڍاپو رکي ٿو، سندس

چوٽڪاري ۽ ڪاميابي جي لاءِ بلڪل ئي فائديمند نه آهي:

تِلْكَ أُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُم مَّا كَسَبْتُمْ وَلَا تُسْأَلُونَ عَمَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿البقرة: ١٤١﴾

ترجمو: ”اِها ٽولي بيشڪ گذري وئي، جيڪي ڪمايائون سو انهن لاءِ آهي ۽ جيڪي اوهان ڪمايو سو اوهان لاءِ آهي، ۽ جيڪي اُهي ڪندا هُئا تنهن بابت (اوهين) نه پڇيا ويندؤ. “

## قرآن جي دعوت

اهڙيءَ طرح اسان ڏسون ٿا ته قرآن ڪريم جي صفحن تي ور ور ڪري چٽن لفظن ۾ انهيءَ حقيقت جو اعلان ڪيو آهي ته هو ڪنهن نئين مذهبي گروهه بندي جي دعوت ڪڻي نه آيو آهي، پر گهري ٿو ته سمورن مذهبي گروهه بندين جي جنگ ۽ جهيڙي کان دنيا کي ڇوٽڪارو ڏئي، سيني کي انهيءَ هڪ ئي وات تي گڏ ڪري، جيڪا سيني جي ساڳي ۽ گڏيل آهي.

هو ور ور ڪري چئي ٿو ته جنهن وات ڏانهن مان سڏيان ٿو سا ڪا نئين وات نه آهي ۽ نه ئي سچائيءَ جي وات ڪا نئين ٿي سگهي ٿي. هيءَ ته ساڳي ئي وات آهي جيڪا پهرين ڏينهن کان موجود آهي ۽ سمورن مذهبن جي داعين انهيءَ ڏانهن ئي سيني کي سڏيو آهي:

شَرَعَ لَكُم مِّنَ الدِّينِ مَا وَصَّىٰ بِهِ نُوحًا وَالَّذِي أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ وَمَا وَصَّيْنَا بِهِ إِبْرَاهِيمَ وَمُوسَىٰ وَعِيسَىٰ أَنْ أَقِيمُوا الدِّينَ وَلَا تَتَفَرَّقُوا فِيهِ ﴿الشورى: ١٣﴾

ترجمو: ”اوهان لاءِ اهو دين مُقرّر ڪيائين جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو نُوح کي حُڪم ڪيو هوائين ۽ جيڪو توڏانهن به وحي ڪيوسين ۽ اُهو جنهن (جي قائم ڪرڻ) جو ابراهيم ۽ مُوسيٰ ۽ عيسيٰ کي حُڪم ڪيوسون ته دين کي قائم ڪريو ۽ منجهس ڌار ڌار نه ٿيو.“

سورت النساء ۾ آهي:

إِنَّا أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ كَمَا أَوْحَيْنَا إِلَىٰ نُوحٍ وَالنَّبِيِّينَ مِن بَعْدِهِ وَأَوْحَيْنَا إِلَىٰ إِبْرَاهِيمَ وَإِسْمَاعِيلَ وَإِسْحَاقَ وَيَعْقُوبَ وَالْأَسْبَاطِ وَعِيسَىٰ وَأَيُّوبَ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَيُونُسَ وَهَارُونَ وَسُلَيْمَانَ وَآتَيْنَا دَاوُودَ زَبُورًا ﴿١٦٣﴾وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنَاهُمْ عَلَيْكَ مِن قَبْلُ وَرُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ﴿١٦٤﴾
﴿النساء: ١٦٣﴾

ترجمو: ”اسان توڏانهن (اهڙيءَ طرح) وحي ڪيو جهڙي طرح نوح ڏانهن ۽ ڪانئس پوءِ (ٻين) پيغمبرن ڏانهن وحي ڪيوهوسون، ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ يعقوب جي اولاد ۽ عيسيٰ ۽ ايّوب ۽ يُونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن وحي ڪيوسون، ۽ داؤد کي زبور ڏنوسون. ۽ ٻيا (گهڻا) پيغمبر آهن جن جو هن کان اڳ توکي بيان ٻڌايوسون ۽ (ٻيا گهڻا) پيغمبر آهن جن جو بيان توکي نہ ٻڌايوسون“

سورت الانعام ۾ گذريل رسولن جو ذڪر ڪري پيغمبر اسلام سان ڳالهائيندي چيو ويو آهي:

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ ﴿الأنعام: ٩٠﴾

ترجمو: ”اِهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي پوءِ تون بہ سندن طريقي جي پيروي ڪر“

## دعوت جو اصل سيني دينن جي تصديق ۽ ان جي بنيادي تعليم جي پيروي آهي

انهيءَ ڪري ان دعوت جي بنيادي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سمورن مذهبن جي بانين جي تصديق ڪئي وڃي. يعني يقين ڪيو وڃي تہ سيئي حق تي هئا، سيئي خدا جي سچائيءَ جا پيغمبر هئا. سيني هڪ ئي اصل ۽ قانون جي تعليم ڏني ۽ سيني جي انهيءَ بنيادي تعليم تي عمل ڪرڻ ئي هدايت ۽ ڪاميابيءَ جي اڪيلي واٽ آهي:

قُلْ آمَنَّا بِاللَّهِ وَمَا أُنزِلَ عَلَيْنَا وَمَا أُنزِلَ عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ وَإِسْمَاعِيلَ وَإِسْحَاقَ وَيَعْقُوبَ وَالْأَسْبَاطِ وَمَا أُوتِيَ مُوسَىٰ وَعِيسَىٰ وَالنَّبِيُّونَ مِن رَّبِّهِمْ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِّنْهُمْ وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ ﴿آل عمران: ٨٤﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر) چئو تہ اسان الله کي ۽ جيڪي اسان تي لاٿو ويو آهي تنهن کي ۽ جيڪي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ اسحق ۽

يعقوب ۽ (اُن جي) اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪي موسي ۽ عيسي ۽ (ٻين) پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو تنهن کي مڃيون ٿا. اُنهن مان ڪنهن هڪ ۾ فرق نه ٿا پائيون. ۽ اسان اُن (الله) کي مڃيندڙ آهيون.“

## رسولن وچ ۾ فرق

قرآن ڪريم هن آيت ۾ ان سان گڏوگڏ ڪيترن ئي موقعن تي ”رسولن وچ ۾ فرق“ کي هڪ تمام ئي وڏي گمراهي سڏيو آهي. هن سچائيءَ جي واٽ اها ڏسي آهي ته. رسولن وچ ۾ فرق کان پاسو ڪيو وڃي. رسولن وچ ۾ فرق جو مطلب هي آهي ته انهن مان فلاڻو سچو هو فلاڻو سچو نه هو يا ڪنهن هڪ جي تصديق ڪرڻ ۽ باقي ٻين سڀني کي ڪوڙو چوڻ يا ٻين سڀني جي تصديق ڪرڻ پر رڳو هڪڙي جو انڪار ڪرڻ. قران ڪريم چوي ٿو ته هر سچار انسان مٿان، جيڪو خدا تعاليٰ جي سچي دين تي هلڻ گهري ٿو، فرض آهي ته بنا ڪنهن فرق جي سمورن رسولن، سمورن ڪتابن ۽ سمورن مذهبي دعوتن تي ايمان آڻي ۽ ڪنهن هڪ جو به انڪار نه ڪري. سندس گڻ اهو هئڻ گهرجي ته هو چوي ته جتي به ڪا سچائي ظاهر ٿي آهي ۽ جنهن به ٻوليءَ ۾ ظاهر ٿي آهي، سچائي آهي ۽ منهنجو ان تي ايمان آهي:

آمَنَ الرَّسُولُ بِمَا أُنزِلَ إِلَيْهِ مِن رَّبِّهِ وَالْمُؤْمِنُونَ كُلٌّ آمَنَ بِاللَّهِ وَمَلَائِكَتِهِ وَكُتُبِهِ وَرُسُلِهِ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ أَحَدٍ مِّن رُّسُلِهِ وَقَالُوا سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَإِلَيْكَ الْمَصِيرُ ﴿البقرة: ٢٨٥﴾

ترجمو: ”پيغمبر (محمد ﷺ) ڏانهن جيڪي سندس پالڻهار کان لاٿو ويو سو اُن مڃيو آهي ۽ مؤمنن (به). سڀڪنهن الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي مڃيو آهي، (چون ٿا ته) سندس پيغمبرن مان ڪنهن هڪ (جي مڃڻ) ۾ فرق نه ڪندا آهيون، ۽ چيائون ته ٻڌوسون ۽ سندس (حُڪم) مڃيوسون. اي اسان جا پالڻهار تنهنجي بخشش گهرون ٿا ۽ تو ڏانهن موٽڻو آهي.“

هو چوي ٿو ته خدا هڪ آهي ۽ ان جي سچائي به هڪ آهي. پر سچائيءَ جو پيغام ڪيترن ئي ٻولين ۾ پهچايو ويو آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن هڪ پيغمبر جي تصديق ڪريو ٿا ۽ ٻين جو انڪار ڪريو ٿا ته ان جو مطلب هي ٿيو ته هڪ ئي حقيقت کي هڪ جاءِ تي مڃيو ٿا ۽ ٻئي جاءِ تي رد ڪري ڇڏيو ٿا يا هڪ ئي ڳالهه کي مڃيو به ٿا ۽ رد به ڪريو ٿا. ظاهر آهي ته اهڙو مڃڻ، مڃڻ نه آهي پر هڪ تمام ئي وڏيڪ خراب قسم جو انڪار آهي.

## خدا جي سچائي ان جي عالمگير بخشش آهي

هو چوي ٿو ته سچائي ان جي سمورين ڳالهين وانگر عالمگير بخشش آهي. اها نه ته ڪنهن خاص زماني سان وابسته ڪري سگهجي ٿي، نه ڪنهن خاص نسل يا قوم سان ۽ نه ئي ڪنهن خاص مذهبي جماعت سان. توهان پنهنجي لاءِ ڪيترين ئي قوميتون ۽ جاگرافيائي حدبنديون ڪري ڇڏيون آهن، پر توهان خدا جي سچائيءَ جي لاءِ ڪوبه اهڙو فرق نٿا گهڙي سگهو. ان جي نه ته ڪا قوميت آهي، نه نسل آهي، نه جاگرافيائي حد بندي آهي ۽ نه ئي جماعتي دائرو. هو پنهنجي خلقيل سج وانگر هر جاءِ تي پنهنجو جلوو ڏيکاري رهيو آهي ۽ پنهنجي نور سان سموري انسانذات کي روشني بخشي رهيو آهي. جيڪڏهن توهان خدا تعاليٰ جي سچائيءَ کي ڳولڻ گهرو ٿا ته انهيءَ کي ڪنهن هڪ جاءِ تي نه ڳوليو. اها هر جاءِ تي ظاهر ٿي آهي ۽ هر زماني ۾ پنهنجو اظهار ڪري ٿي. توهان کي زمانن جو، قومن جو، ديسن جو، ٻولين جو ۽ ٻين ڪيترن کي گروهه بندين جو پوڄاري نه ٿيڻ گهرجي. رڳو الله تعاليٰ ۽ ان جي عالمگير سچائيءَ جو ئي پوڄيندڙ ٿيڻ گهرجي. سندس سچائي جتي به آئي هجي ۽ جنهن به روپ ۾ آئي هجي، توهان جو وڃايل مال آهي ۽ توهان ئي ان جا وارث آهيو.

## واٽون رڳو ٻه آهن

اهڙيءَ طرح هن جتي ڪٿي رسولن وچ ۾ فرق واري واٽ کي انڪار جي واٽ سڏيو آهي. هن ايمان واري واٽ هيءَ ڏسي آهي ته بنا ڪنهن فرق جي سڀني جي تصديق ڪئي وڃي. هو چوي ٿو ته هتي واٽون رڳو ٻه ئي آهن، هڪ ايمان واري واٽ ۽ ٻي انڪار واري واٽ. ٽئين نٿي ٿي سگهي. ايمان واري واٽ هيءَ آهي ته سڀني کي مڃيو، انڪار جي واٽ هيءَ آهي ته سڀني جو يا ڪنهن هڪ جو انڪار ڪري ڇڏيو. هتي ڪنهن هڪ جو انڪار به اهو ئي حڪم

رکي ٿو جيڪو سيني جي انڪار جو آهي:

إِنَّ الَّذِينَ يَكْفُرُونَ بِاللَّهِ وَرُسُلِهِ وَيُرِيدُونَ أَن يُفَرِّقُوا بَيْنَ اللَّهِ وَرُسُلِهِ وَيَقُولُونَ نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَنَكْفُرُ بِبَعْضٍ وَيُرِيدُونَ أَن يَتَّخِذُوا بَيْنَ ذَٰلِكَ سَبِيلًا (١٥٠) أُولَٰئِكَ هُمُ الْكَافِرُونَ حَقًّا ۚ وَأَعْتَدْنَا لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا مُّهِينًا (١٥١) وَالَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرُسُلِهِ وَلَمْ يُفَرِّقُوا بَيْنَ أَحَدٍ مِّنْهُمْ أُولَٰئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيهِمْ أُجُورَهُمْ ۗ وَكَانَ اللَّهُ غَفُورًا رَّحِيمًا (١٥٢) ﴿النساء﴾

ترجمو: ”بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبرن کي نہ مڃيندا آهن ۽ الله ۽ سندس پيغمبرن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ گھرندا آهن ۽ چوندا آهن تہ ڪن پيغمبرن کي مڃيون ٿا ۽ ڪن (پيغمبرن) کي نہ ٿا مڃيون ۽ اُنهيءَ وچ ۾ ڪا ٻي واٽ وٺڻ گھرندا آهن. اُهي شخص سڀ پڪ ڪافر آهن. ۽ ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون. ۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو ۽ منجهانئن ڪنهن هڪ جي وچ ۾ فرق نہ ڪيو اُنهن کي الله سندن اجر سگهو ڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. “

سورت البقره ۾ جيڪا سورت الفاتحہ کان پوءِ قرآن ڪريم جي پهرين سورت آهي، تنهن ۾ سچي مؤمنن جي واٽ هيءَ ٻڌائي آهي:

وَالَّذِينَ يُؤْمِنُونَ بِمَا أُنزِلَ إِلَيْكَ وَمَا أُنزِلَ مِن قَبْلِكَ وَبِالْآخِرَةِ هُمْ يُوقِنُونَ (٤) أُولَٰئِكَ عَلَىٰ هُدًى مِّن رَّبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ (٥)

﴿البقرة﴾

ترجمو: ”۽ اُهي (اي پيغمبر) جيڪو (قرآن) تو ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (ٻين پيغمبرن تي) لاٿو ويو تنهن کي مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن. اِهي ئي (انهيءَ) سڌي واٽ تي آهن جا سندن پالڻهار کان (ڏسيل) آهي ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن. “

جڏهن سيئي هڪ ئي خدا جا پوڄاري آهن ۽ سيني کي پنهنجي پنهنجي عمل موجب نتيجو ملڻو آهي، تہ پوءِ دين جي ناليءَ تي جهيڙو ڇاجو؟

هو چوي ٿو تہ توهان کي ان ڳالهہ کان انڪار نہ آهي تہ ڪائنات جي سموري ڪارخاني جو خلقيندڙ هڪ ئي آهي ۽ ان جي ئي پرورگاري، هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخلوق جي هڪجهڙو پالنا ڪري رهي آهي تہ پوءِ توهان کي ان ڳالهہ کان ڇو انڪار آهي تہ. سندس روحاني سچائيءَ جو قانون بہ هڪ ئي آهي ۽ سموري انسانذات کي بہ هڪجهڙو ئي ڏنو ويو آهي. هو چوي ٿو تہ توهان سڀني جو پالڻهار هڪ ئي آهي، توهان سڀئي هڪ ئي خدا جو نالو وٺندڙ آهيو. توهان سڀني جي اڳواڻن. توهان کي هڪ ئي واٽ ڏيکاري آهي. پوءِ اها ڪهڙي گمراهيءَ جي انتها ۽ عقل جو موت آهي جو لاڳاپو بہ هڪ ئي آهي، مقصد بہ هڪ ئي آهي، واٽ بہ ساڳي ئي آهي، پر هر جماعت ٻئي جماعت جي دشمن لڳي پئي آهي ۽ هر انسان ٻئي انسان کان نفرت ڪندڙ آهي!؟ آخر اهو سمورو ويڙهہ جهيڙو ڪنهن جي نالي تي ٿي رهيو آهي؟ انهيءَ خدا جي نالي تي ۽ انهيءَ خدا جي دين جي نالي تي، جنهن سڀني کي هڪ ئي در تي جهڪايو هو ۽ سڀني کي هڪ ئي ڀائپي واري رشتي ۾ جوڙيو هو؟

قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ هَلْ تَنقِمُونَ مِنَّا إِلَّا أَنْ آمَنَّا بِاللَّهِ وَمَا أُنزِلَ إِلَيْنَا وَمَا أُنزِلَ مِن قَبْلُ وَأَنَّ أَكْثَرَكُمْ فَاسِقُونَ ﴿المائدة: ٥٩﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر) چئو تہ اي ڪتاب وارؤ هن ڪانسواءِ اسان تي (ٻيو) ڪو عيب رکي سگهو ٿا ڇا؟ تہ الله کي ۽ جيڪي اسان ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي اڳ لاٿو ويو آهي تنهن کي مڃيو اٿئون ۽ بيشڪ اوهان منجهان گهڻا بي دين آهن.“

وَإِنَّ اللَّهَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿مريم: ٣٦﴾

ترجمو: ”۽ الله منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو. اِها سڌي واٽ آهي.“

قُلْ أَتُحَاجُّونَنَا فِي اللَّهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ وَلَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ وَنَحْنُ لَهُ مُخْلِصُونَ ﴿البقرة: ١٣٩﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر ڪين) چئو تہ الله (جي دين) بابت اسان سان تڪرار ڪريو ٿا ڇا؟ ۽ (حقيقت ڪري) اُهو اسانجو پالڻهار ۽ اوهانجو پالڻهار آهي، ۽ اسان لاءِ اسانجا ڪم ۽ اوهان لاءِ اوهان جا ڪرتوت آهن. ۽ سندس نِلا ٻانها آهيون.“

اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن ۾ جتي بہ اهڙي قسم جي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي آهي، جهڙي مٿين آيتن ۾ آهي ”وَإِنَّ اللَّهَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ“ (الله اسان

۽ توهان ٻنهي جو پالڻهار آهي) يا ”اِلٰهُكُمْ واحِدٌ“ (اسان ۽ توهان ٻنهي جو خدا هڪ ئي آهي) يا ” قُلْ أَتُحَاجُّونَنَا فِي اللَّهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ وَلَنَا أَعْمَالُنَا وَلَكُمْ أَعْمَالُكُمْ “ (چا خدا تعاليٰ جي باري ۾ اسان سان جهيڙيو ٿا جڏهن هو اسان ۽ توهان ٻنهي جو پالڻهار آهي ۽ اسان جي لاءِ اسان جا عمل ۽ توهان جي توهان جا.) قرآن پاڪ جي ان طرح سان ڪيل سمورين ڳالهين جو مقصد انهيءَ حقيقت تي زور ڏيڻ آهي، تہ جڏهن سڀني جو پالڻهار هڪ ئي آهي ۽ هر انسان جي لاءِ اهڙو ئي نتيجو آهي، جهڙو سندس عمل آهي تہ پوءِ خدا ۽ مذهب جي نالي تي هيءَ عالمگير ويڙهہ جهيڙو ڇو ڇِڙيل آهي؟ هو ور ڪري چئي ٿو تہ منهنجي تعليم ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي تہ خدا پرستي ۽ نيڪ عملي ڏانهن سڏيان ٿو. مان ڪنهن بہ مذهب کي ڪوڙو نٿو ڪريان. مان ڪنهن بہ مذهبي اڳواڻ جو انڪار نٿو ڪريان ”سڀني جي هڪجهڙي تصديق“ ۽ سڀني جي ”گڏيل ۽ متفق تعليم“ منهنجو عمل دستور آهي. پوءِ منهنجي خلاف سمورن مذهبن جي پيروڪارن ڇا جي لاءِ جنگ جو اعلان ڪيو آهي؟

## قرآن پاڪ جو مذهب جي پيروڪارن کان مطالبو

اهو ئي سبب آهي جو اسان ڏسون ٿا تہ هن ڪنهن بہ مذهب جي پيروڪار کان ان ڳالهہ جو مطالبو نہ ڪيو آهي تہ هو ڪو نئون دين قبولي، پر هر جماعت کان اهو ئي مطالبو ڪيو آهي تہ پنهنجي پنهنجي مذهبن جي حقيقي تعيلم تي، جنهن کي توهان ڪيترن ئي تحريفن ۽ واڌارن سان بگاڙي ڇڏيو آهي. سچائيءَ جا ساٿاري بڻجو وڃي. هو چوي ٿو تہ جيڪڏهن توهان ايئن ڪري ورتو تہ منهنجو ڪم پورو ٿي ويو. ڇو جو جيئن ئي توهان پنهنجي مذهب جي حقيقي تعليم ڏانهن موٽندؤ تہ توهان جي سامهون اها ئي حقيقت اچي سامهون ٿيندي، جنهن ڏانهن مان توهان کي سڏي رهيو آهي. منهنجو پيغام ڪو نئون پيغام نہ آهي، ساڳيو ئي آڳاتو ۽ عالمگير پيغام آهي جيڪو سمورا مذهبن جا باني ڏئي چڪا آهن.

قُلْ يَا أَهْلَ الْكِتَابِ لَسْتُمْ عَلَىٰ شَيْءٍ حَتَّىٰ تُقِيمُوا التَّوْرَاةَ وَالْإِنجِيلَ وَمَا أُنزِلَ إِلَيْكُم مِّن رَّبِّكُمْ وَلَيَزِيدَنَّ كَثِيرًا مِّنْهُم مَّا أُنزِلَ إِلَيْكَ مِن رَّبِّكَ طُغْيَانًا وَكُفْرًا فَلَا تَأْسَ عَلَى الْقَوْمِ الْكَافِرِينَ ﴿٦٨﴾إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ
وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ (٦٩) ﴿المائدة﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر کين) چؤ تہ اي ڪتاب وارؤ اوهين ايستائين ڪنهن وات تي نہ آهيو جيستائين توريت ۽ انجيل ۽ جيڪي پالڻهار کان اوهان ڏانهن لاٿو ويو تنهن (جي حڪمن) تي بيهڪ نہ ڪريو ۽ جيڪي تنهنجي پالڻهار کان توڏانهن لاٿو ويو آهي سو منجهانئن گهڻن (يهودين) جي بي فرمَانيءَ ۽ ڪُفر کي وڌائيندو. تنهنڪري ڪافرن جي قوم تي ارمان نہ ڪر. (جيڪي) مؤمن ۽ يهودي ۽ صابي ۽ نصاريٰ (آهن اُنهن مان) جن الله کي ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ڪو ڀؤ ڪونہ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا. “

جن ماڻهن توتي ايمان آندو آهي، جيڪي يهودي آهن، جيڪي صابي آهن، جيڪي عيسائي آهن (اهي هجن يا ٻئي ڪي هجن) جيڪو بہ الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻي ۽ عمل بہ نيڪ ڪري تہ ان جي لاءِ نہ ڪنهن قسم جو ڪو خوف آهي ۽ نہ ئي ڪا پريشاني.

اهو ئي سبب آهي جو قرآن ڪريم اهڙن سچار انسانن جي ايمان ۽ عمل کي کليل دل سان مڃيو آهي، جيڪي قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ وقت مختلف مذهبن سان تعلق رکندا هئا ۽ جن پنهنجي مذهبن جي حقيقي روح کي وڃايو نہ هو. باقي ايترو سو هو چوي ٿو تہ اهڙن ماڻهن جو ڳاڻيٽو تمام ئي ٿورو آهي. گهڻو تعداد انهن ماڻهن جو آهي، جن خدائي دين جي اعتقادي ۽ عملي حقيقت کي سراسر وڃائي ڇڏيو.

لَيْسُوا سَوَاءً مِّنْ أَهْلِ الْكِتَابِ أُمَّةٌ قَائِمَةٌ يَتْلُونَ آيَاتِ اللَّهِ آنَاءَ اللَّيْلِ
وَهُمْ يَسْجُدُونَ (١١٣) يُؤْمِنُونَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَيَأْمُرُونَ
بِالْمَعْرُوفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنكَرِ وَيُسَارِعُونَ فِي الْخَيْرَاتِ وَأُولَٰئِكَ مِنَ
الصَّالِحِينَ (١١٤) وَمَا يَفْعَلُوا مِنْ خَيْرٍ فَلَن يُكْفَرُوهُ وَاللَّهُ عَلِيمٌ
بِالْمُتَّقِينَ (١١٥) ﴿آل عمران﴾

ترجمو: ”اِهي (سڀ) هڪ جهڙا نہ آهن. ڪتاب وارن مان هڪڙي اهڙي سڌي ٽولي آهي جو الله جون آيتون رات جي وقتن ۾ پڙهندا

آهن ۽ اُهي نماز (بہ) پڙهندا آهن. الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ مَدن ڪمن کان جهليندا آهن ۽ چڱاين (يعني دين مجڻ) ۾ اڳرائي ڪندا آهن. ۽ اِهي ڀلارن مان آهن. ۽ جيڪا ڪا بہ چڱائي ڪندا آهن تنهن جي بي قدري ڀِتيءَ نہ ڪبي، ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي.“

مِّنۡهُمۡ أُمَّةٞ مُّقۡتَصِدَةٞۖ وَكَثِيرٞ مِّنۡهُمۡ سَاءَ مَا يَعۡمَلُونَ ﴿المائدة: ٦٦﴾

ترجمو: ”منجهانئن هڪ ٽولي سئين رستي آهي، ۽ اُنهن مان گهڻا جيڪي ڪندا آهن سو بڇڙو آهي. “

قرآن پاڪ جيڪو جتي ڪٿي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ هو گذريل آسماني ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي، ڪوڙو ڪندڙ نہ آهي ۽ ڪتاب وارن کي بار بار چوي ٿو : ”وَآمِنُوا بِمَا أَنزَلْتُ مُصَدِّقًا لِّمَا مَعَكُمْ “ ﴿البقرة: ٤١﴾ (انهيءَ ڪتاب تي ايمان آڻيو جيڪو توهان جي ڪتاب جي تصديق ڪندي نروار ٿيو آهي) تہ ان جو مقصد بہ انهيءَ حقيقت تي زور ڏيڻ آهي. يعني جڏهن منهنجي تعليم توهان جي پاڪ رشتن جي خلاف ڪو نئون دين نٿي پيش ڪري ۽ نہ انهن کان توهان کي ڦيرائڻ گهري ٿي، پر سراسر پاڪ ۽ تائيد ڪيل آهي تہ پوءِ توهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ جهيڙو ڪهڙي ڳالهہ جو آهي؟ ۽ توهان منهنجي خلاف جنگ جو اعلان ڇو ٿا ڪريو؟

## قرآني اصطلاح ۾ المعروف ۽ المنڪر

اهو ئي سبب آهي جو اسان ڏسون ٿا تہ ان نيڪيءَ جي لاءِ معروف جو ۽ برائيءَ جي لاءِ منڪر جو لفظ اختيار ڪيو ويو آهي: ”وَأْمُرْ بِالْمَعْرُوفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنكَرِ ﴿لقمان: ١٧﴾“. معروف ”عرف“ مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”سڃاڻڻ“. تنهن ڪري معروف هر اها ڳالهہ آهي جيڪا ڄاتل سڃاتل ڳالهہ هجي. منڪر جي معنيٰ انڪار ڪرڻ آهي يعني اهڙي ڳالهہ جنهن کان عام طرح سان انڪار ڪيو ويو هجي. سو قرآن ڪريم نيڪي ۽ برائيءَ جي لاءِ اهي لفظ انهيءَ ڪري استعمال ڪيا آهن جو هو چوي ٿو تہ دنيا ۾ عقيدن ۽ فڪرن جو ڪيتروئي اختلاف ڇو نہ هجي، پر ڪجهہ ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي چڱي هئڻ تي سيني جو اتفاق آهي، جڏهن تہ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن جي بري هئڻ تي سيني جو اتفاق آهي. مثال طور، انهيءَ ڳالهہ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني جو اتفاق آهي تہ سچ ڳالهائڻ چڱي ڳالهہ آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ خراب ڳالهہ آهي. ان ڳالهہ تي بہ سڀني جو اتفاق آهي تہ ديانتداري چڱي ڳالهہ آهي ۽ بدديانتي برائي آهي. انهيءَ مان ڪنهن کي بہ ڪو اختلاف نہ آهي تہ ماءُ پيءُ جي خدمت، پاڙيسريءَ سان سهڻو سلوڪ، مسڪينن جي سار سنڀال، مظلومن جي داد رسي؛ اهي سڀئي انسان جا چڱا عمل آهن. جڏهن تہ ظلم ۽ بد سلوڪي برا عمل آهن. جڻ تہ اِهي اُهي ڳالهيون آهن، جن جي چڱائي عام طور تي ڄاتل سڃاتل آهي. جن جي خلاف وڃڻ عام طور تي انڪار ۽ اعتراض جوڳو عمل آهي. دنيا جا سمورا مذهب، سمورا اخلاق، دنيا جون سموريون حڪمتون، دنيا جون سموريون جماعتون، بين ڳالهين ۾ ڪيترو بہ اختلاف ڇونہ رکنديون هجن، پر جيستائين انهن عملن جو لاڳاپو آهي، سڀئي هڪجهڙائي ۽ ساڳي راءِ رکندڙ آهن.

قرآن چوي ٿو تہ اهي عمل، جن جي چڱائي عام طور تي انسانذات ۾ ڄاتل سڃاتل آهي، خدائي دين جا گهربل عمل آهن. اهڙي طرح اهي عمل جن کان عام طور تي انڪار ڪيو ويو آهي ۽ جن جي برائيءَ تي سمورا مذهب متفق آهن، خدائي دين جا منع ڪيل عمل آهن. اها ڳالهہ جيئن تہ دين جي اصل حقيقت هئي، تنهن ڪري انهيءَ ۾ اختلاف نہ ٿي سگهيو ۽ مذهبي ٽولن جي بيشمار گمراهين ۽ حقيقت جي وسرڻ باوجود سدائين ڄاتل ۽ قائم رهيون. انهن عملن جي چڱائي ۽ برائي تي انسانذات جي سمورن دؤرن، سمورن مذهبن ۽ سمورن قومن جو عالمگير اتفاق، انهن جي فطري اصليت تي هڪ تمام وڏو دليل آهي. سو جيستائين عملن جو تعلق آهي، مان انهن ئي ڳالهين جي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ٿو جن جي چڱائي عام طور ڄاتل سڃاتل آهي ۽ انهن ئي ڳالهين کان روڪيان ٿو جن کان عام طور تي انسانذات انڪار ڪيو آهي. يعني مان معروف جو حڪم ڏيان ٿو ۽ منڪر کان روڪيان ٿو. سو جڏهن منهنجي دعوت جو اهو حال آهي، تہ پوءِ ڪنهن بہ انسان کي، جنهن کي سچائيءَ سان اختلاف نہ آهي، مون سان ڇو اختلاف ٿيندو؟

## ”الدين القيم“ ۽ ”فطرت الله“

هوءِ چوي ٿو تہ عمل جي اها ئي واٽ انسانذات جي لاءِ خدا تعاليٰ جي طرفان مقرر ڪيل فطري دين آهي ۽ فطرت جي قانونن ۾ ڪڏهن بہ تبديلي

نٽي ٿي سگهي. اهو ئي ”دين القيم“ آهي، يعني سڌو ۽ صحيح دين، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ٽيڙائي ۽ ڪوٽ نہ آهي. اهو ئي دين حنيف آهي، جنهن جي دعوت حضرت ابراهيم عليه السلام ڏني هئي. انهيءَ جو ئي نالو منهنجي اصطلاح ۾ ”الاسلام“ آهي. يعني الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل قانونن جي فرمانبرداري:

فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ حَنِيفًا فِطْرَتَ اللَّهِ الَّتِي فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا لَا تَبْدِيلَ لِخَلْقِ اللَّهِ ذَٰلِكَ الدِّينُ الْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ (٣٠) مُنِيبِينَ إِلَيْهِ وَاتَّقُوهُ وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُشْرِكِينَ (٣١) مِنَ الَّذِينَ فَرَّقُوا دِينَهُمْ وَكَانُوا شِيَعًا كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُونَ (٣٢)

﴿الروم﴾

ترجمو: ”پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار، الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي ماڻهن کي پيدا ڪيائين، الله جي خلقڻ کي ڪا مٽ سٽ نہ آهي، اهو سِڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن. ڏانهس موٽندڙ ٿي (عبادت ڪريو) ۽ کانئس ڊڄو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو. اُنهن مان (نہ ٿيو) جن پنهنجي دين کي ڏارو ڏار ڪيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا، سڀڪا ٽولي اُنهيءَ تي خوش آهي جيڪي وٽس آهي. “

## ”الاسلام“

هو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جو مقرر ڪيل دين جيڪو ڪجهہ آهي اهو ئي آهي. ان کانسواءِ ٻيو جيڪو ڪجهہ جوڙيو ويو آهي، سو انساني گروهہ بندين جون گمراهيون آهن. سو جيڪڏهن توهان خدا پرستي ۽ نيڪ عمل جي اصل تي، جيڪو توهان سڀني وٽ اصل دين آهي، گڏ ٿي وڃو ۽ پنهنجي طرفان جوڙيل گمراهين کان مڙي وڃو تہ منهنجو مقصد پورو ٿي ويو. مان ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ٿو گهران:

إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِن بَعْدِ مَا جَاءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ وَمَن يَكْفُرْ بِآيَاتِ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ (١٩) فَإِنْ حَاجُّوكَ فَقُلْ أَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلَّهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ۗ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَقُل لِّلَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَالْأُمِّيِّينَ أَأَسْلَمْتُمْ ۚ فَإِنْ أَسْلَمُوا فَقَدِ اهْتَدَوا ۖ وَّإِن تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلَاغُ ۗ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِالْعِبَادِ (٢٠)

﴿آل عمران﴾

ترجمو: ”بيشڪ وٽندڙ دين الله وٽ اِسلام آهي، ۽ جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن (اڳ) تڪرار نہ ڪيو پر وٽن علم آيو تنهن ڪانپوءِ پاڻ ۾ ضد سببان (تڪرار ڪيائون)، ۽ جيڪو الله جي حڪمن کي نہ مڃيندو تہ بيشڪ الله (بہ) سگهو حساب وٺندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن توسان جهيڙين تہ چؤ پنهنجو مُنهن (يعني سر) مُون ۽ جنهن منهنجي تابعداري ڪئي تنهن الله لاءِ نِوايو آهي، ۽ (اي پيغمبر) جن کي ڪتاب (توريت ۽ انجيل) ڏنو ويو تن کي ۽ اڻ پڙهيلن کي چؤ تہ اسلام آندو اَٿوَ؟ (يا نہ) پوءِ جيڪڏهن اسلام آڻين تہ بيشڪ سِڌيءَ واٽ وارا ٿيا، ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن تہ توتي رڳو پيغام پُهچائڻ آهي، ۽ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي. “

هن دين جي لاءِ لفظ ”اسلام“ انهيءَ ڪري اختيار ڪيو اهي جو اسلام جي معنيٰ ڪنهن ڳالهہ کي مڃڻ ۽ فرمانبرداري ڪرڻ آهي. هو چوي ٿو تہ دين جي حقيقت هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انساني ڪاميابيءَ لاءِ جيڪو قانون مقرر ڪيو آهي، تنهن جي چڱيءَ طرح سان فرمانبرداري ڪئي وڃي. هو چوي ٿو تہ اهو اصول رڳو انسان جي لاءِ ئي نہ، پر ڪائنات جون سموريون مخلوقون انهيءَ ئي اصول تي قائم آهن. سنيي جي بقاء ۽ قائم هجڻ لاءِ الله تعاليٰ ڪونہ ڪو قانون جوڙيو آهي، جنهن جي سيئي فرمانبرداري ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن هڪ ڏينهن جي لاءِ بہ منهن موڙين تہ ڪائنات جو نظام تباهہ ۽ برباد ٿي ويندو.

أَفَغَيْرَ دِينِ اللَّهِ يَبْغُونَ وَلَهُ أَسْلَمَ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ طَوْعًا وَكَرْهًا وَإِلَيْهِ يُرْجَعُونَ ﴿آل عمران: ٨٣﴾

ترجمو: ”الله جي دين کانسواءِ ٻيو (دين) طلبيندا آهن ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن تن سرهو توڙي ارهو ٿي ڪيس مڃيو آهي ۽ ڏانهس موٽايا ويندا.“

هو جڏهن چوي ٿو تہ اسلام کانسواءِ ٻيو ڪوبہ دين الله تعاليٰ وٽ

قبول نہ آهي تہ ان جو مطلب اهو ئي هوندو آهي تہ حقيقي دين ڪانسواءِ، جيڪو هڪ ئي، ۽ سمورن رسولن جي گڏيل تعليم آهي، انسان جي جوڙيل ڪابہ گروهہ بندي الله تعاليٰ وٽ قبوليت واري نہ آهي. سورت آل عمران ۾ جتي اها ڳالهہ بيان ڪئي وئي آهي تہ حقيقي دين واري واٽ سمورن مذهبي رهنمائن جي تصديق ۽ پيروي واري واٽ آهي. اتي ئي هيءَ ڳالهہ بہ چٽي ڇڏي تہ:

وَمَن يَبْتَغِ غَيْرَ الْإِسْلَامِ دِينًا فَلَن يُقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي الْآخِرَةِ مِنَ الْخَاسِرِينَ ﴿آل عمران: ٨٥﴾

ترجمو: ”۽ جيڪو اسلام ڏاران ٻيو دين طلبيندو تنهن کان اُهو ڪڏهن نہ قبول ڪبو ۽ اُهو آخرت ۾ ڇيئي وارن مان آهي.“

انهيءَ ڪري ئي هو دعوت جي سمورن پيروڪارن کي هر هر هوشيار ڪري ٿو تہ اهي دين جي اندر فرقيواريت ۽ گروهہ بندي کان بچن ۽ اهڙي گمراهيءَ ۾ نہ ڦاسن، جنهن کان قرآن ڇوٽڪارو ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ منهنجي دعوت سمورن انسانن کي، جيڪي مذهب جي نالي تي هڪٻئي جا دشمن بڻجي رهيا هئا، خدا پرستيءَ جي واٽ ۾ اهڙي طرح جوڙي ڇڏيو جو هڪٻئي تي ساهہ صدقو ڪندڙ ڀائر بڻجي ويا. هڪ يهودي، جيڪو ڦهريان حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو نالو ٻڌندو هو تہ نفرت ۾ پرجي ويندو هو هڪ عيسائي جيڪو هر يهوديءَ جي رت جو پياسو هوندو هو هڪ مجوسي جنهن جي نظر ۾ سمورا غير مجوسي ناپاڪ هئا، هڪ عرب جيڪو پاڻ ڪانسواءِ ٻين سڀني کي انساني عزت ۽ ڀلائن کان وانجهيل سمجهندو هو هڪ صابي جو يقين هوندو هو تہ دنيا جي اوائلي سچائي صرف سندس ئي حصي پتي ۾ آيل آهي، تن سڀني کي قرآن جي دعوت هڪ ئي قطار ۾ آڻي بيهاريو آهي ۽ هاڻي اهي سڀئي هڪٻئي کان نفرت ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي مذهبي اڳواڻن جي تصديق ڪن ٿا ۽ سڀني جي ٻڌايل متفقہ تعليم تي هلي رهيا آهن.

وَاعْتَصِمُوا بِحَبْلِ اللَّهِ جَمِيعًا وَلَا تَفَرَّقُوا وَاذْكُرُوا نِعْمَتَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ إِذْ كُنتُمْ أَعْدَاءً فَأَلَّفَ بَيْنَ قُلُوبِكُمْ فَأَصْبَحْتُم بِنِعْمَتِهِ إِخْوَانًا وَكُنتُمْ عَلَىٰ شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَأَنقَذَكُم مِّنْهَا كَذَٰلِكَ يُبَيِّنُ اللَّهُ لَكُمْ آيَاتِهِ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُونَ ﴿آل عمران: ١٠٣﴾

ترجمو: ”۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاروڏار نہ ٿيو ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿيؤ ۽ اوهين دوزخ جي کڏ جي ڀَر تي هيؤ پوءِ اوهان کي ڪانئس ڇڏايائين. اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجيون نشانيون بيان ڪندو آهي تہ مانَ اوهين هدايت لهو."

وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ تَفَرَّقُوا وَاخْتَلَفُوا مِن بَعْدِ مَا جَاءَهُمُ الْبَيِّنَاتُ وَأُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿آل عمران: ١٠٥﴾

ترجمو: "۽ اوهين اُنهن جهڙا نہ ٿيو جي فرقو فرقو ٿي ويا ۽ وٽن معجزا آيا اُن ڪانپوءِ بہ تڪرار ڪيائون. ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي."

وَأَنَّ هَٰذَا صِرَاطِي مُسْتَقِيمًا فَاتَّبِعُوهُ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَن سَبِيلِهِ ذَٰلِكُمْ وَصَّاكُم بِهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿الأنعام: ١٥٣﴾

ترجمو: " ۽ هيءَ تہ اِها مُنهنجي سِڌي واٽ آهي تنهنڪري اُن تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اُهي واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون. اهو اوهان کي حُڪم فرمايو اٿس مانَ اوهين پرهيزگاري ڪريو."

## قرآن ۽ ان جي مخالفن جي جهيڙي جو ڪارڻ

هاڻي ٿوري گهڙي جي لاءِ انهيءَ جهيڙي تي غور ڪريو جيڪو قرآن ۽ ان جي مخالفن ۾ پيدا ٿي ويو هو. اها مخالف ڪير هئا؟ گذريل مذهبن جا پيروڪار هئا جن مان ڪن وٽ ڪتاب هو ۽ ڪن وٽ ڪونہ هو.

ڇگو تہ پوءِ جهيڙي جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟

1. ڇا اهو هو تہ قرآن ڪريم انهن جي بانين ۽ اڳواڻن کي ڪوڙو چيو هو؟ يا انهن جي پاڪ ڪتابن جو انڪار ڪيو هو. جنهن ڪري اهي ان جي مخالفت تي سندرو ٻڌي بيٺا هئا؟
2. ڇا اهو هو تہ ان دعويٰ ڪئي هئي تہ خدا تعاليٰ جي سچائي رڳو منهنجي ئي حصي ۾ آئي آهي؟ ۽ سمورن مذهبن جي پيروڪارن لاءِ هڪ بلڪل ئي نئين ڳالهہ هئي؟ ۽ ان ڪري قدرتي طور انهن ان جي مڃڻ ۾ ڍر ڪئي هئي؟
3. يا وري ان دين جي نالي تي ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري ورتي هئي، جيڪا

مذهبن جي پيروڪارن لاءِ بلڪل ئي نئين ڳالهه هئي، جنهن ڪري قدرتي طوران ڪي ميڄڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري رهيا هئا؟

قرآن ڪريم دنيا جي سامهون آهي ۽ ان جي نازل ٿيڻ جي تاريخ به دنيا کان ڳجهي نه آهي. اهي ٻئي حقيقتون اسان کي ٻڌائن ٿيون ته انهن سمورين ڳالهين مان ڪا هڪ ڳالهه به نه هئي ۽ نه ٿي پئي سگهي. ان نه رڳو انهن سمورن اڳواٽن جي تصديق ڪئي جن جو نالو ونندڙ انهن جي سامهون هئا. پر اجا به چٽن لفظن ۾ چئي ڏنو ته مون کان اڳ جيترا به پيغمبر اچي چڪا آهن، سيني جي تصديق ڪريان ٿو ۽ انهن مان ڪنهن هڪ جو به انڪار خدائي سچائيءَ جو انڪار سمجهان ٿو. هن ڪنهن به مذهب جي پوئلڳ کان اهو مطالبو نه ڪيو ته هو پنهنجي مذهب جي دعوت کان انڪار ڪري، پر جڏهن به ڪو مطالبو ڪيو ته اهو ئي ڪيو ته پنهنجي پنهنجي مذهبن جي حقيقي تعليم تي قائم ٿي وڃو، ڇو جو سمورن مذهبن جي اصل تعليم هڪ ئي آهي. هن نه ته ڪو نئون اصول پيش ڪيو، نه ڪو نئون عمل ٻڌايو. هن سدائين انهن ئي ڳالهين تي زور ڏنو جيڪي دنيا جي سمورن مذهبن جون سڀ کان وڏيڪ ڄاتل سڃاتل اصول رهيا آهن. يعني ايمان ۽ نيڪ عمل. هن جڏهن به ماڻهن کي پاڻ ڏانهن سڏيو آهي ته اهو ئي چيو آهي ته پنهنجي پنهنجي مذهبن جي حقيقت کي نئين سر زنده ڪيو، توهان جو ايئن ڪرڻ ئي مون کي قبولڻ آهي.

سوال هي آهي ته جڏهن قرآن جي دعوت جو اهو حال هو، ته پوءِ آخر ان ۾ ۽ ان جي مخالفن ۾ جهيڙي جو ڪارڻ ڪهڙي ڳالهه هئي؟ هڪ ماڻهو جيڪو ڪنهن کي به خراب نٿو سڏي، سيني کي مڃي ٿو ۽ سيني جي عزت ڪري ٿو ۽ سدائين انهن ئي ڳالهين تي زور ڏئي ٿو، جيڪي سيني وٽ مڃيل آهن ته پوءِ ڪير ساڻس وڙهي ته آخر ڇو وڙهي؟ ۽ ڇو ڪنهن کي سندس ساٿ ڏيڻ کان انڪار هجي؟

چئي سگهجي ٿو ته مڪي جي قريشن جي مخالفت ان بنياد تي هئي ته، قرآن ڪريم بت پرستيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، جڏهن ته بت پرستي جي روش انهن جي دل ۾ پياري ٿي چڪي هئي. بنا ڪنهن شڪ جي جهيڙي جو هڪڙو سبب اهو به هو، پر رڳو اهو ئي ڪارڻ نٿو ٿي سگهي. وڏيڪ سوال هي آهي ته يهودين ڇا جي ڪري مخالفت ڪئي؟ جڏهن ته اهي بت پرستي کان بلڪل ئي منهن موڙي چڪا هئا، عيسائي ڇو ويڙهه تي تيار ٿي ويا؟ انهن ته

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن به بت پرستيءَ جي پنيرائيءَ جي دعويٰ نه ڪئي هئي؟

اصل ڳالهه هيءَ آهي ته مذهب جي پيروڪارن جي مخالفت انهيءَ لاءِ نه هئي ته هو انهن کي ڪوڙو ڇو ٿو ڪري، پر انهيءَ لاءِ هئي ته هو ٻين کي ڪوڙو ڇو نٿو ڪري! هر مذهب جو پيروڪار گهري پيو ته اهو رڳو کيس ئي سچو چوي ۽ باقي سڀني کي ڪوڙو ڪري. پوءِ جيئن اسلام هڪ ئي وقت سڀني جي تصديق ڪري پيو، تنهن ڪري ڪوبه ان مان خوش نٿي ٿي سگهيو. يهودي ان ڳالهه ۾ ته ڏاڍو خوش هئا ته قرآن ڪريم حضرت موسيٰ عليه السلام جي تصديق ڪري ٿو، پر اهو رڳو ايترو ئي نٿو ڪري، پر حضرت عيسيٰ عليه السلام جي به تصديق ٿو ڪري. انهيءَ ئي ڳالهه تي يهودين جو جهيڙو شروع ٿي ويو. عيسائين کي ان ڳالهه تي ڇو اعتراض ٿئي ته حضرت عيسيٰ ۽ بي بي مريم جي پاڪائي ۽ سچائيءَ جو اعلان ڪيو وڃي، پر قرآن ته ان کان به اڳتي وڃي ٻڌائي پيو ته ڇوٽڪاري جو دارومدار ايمان ۽ عمل تي آهي، نه ڪفاري ۽ ”اصطباغ[1]“ تي. ڇوٽڪاري واري قانون جي اها عالمگير وسعت عيسائي ڪليسا جي لاءِ سهڻ کان ٻاهر هئي.

اهڙي طرح سان مڪي جي قريشن لاءِ ان کان وڌيڪ دل کي خوش ڪندڙ ٻيو ڪو آواز ٿي نه پئي سگهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي بزرگيءَ جو اظهار ڪيو وڃي، پر جڏهن اهي ڏسن پيا ته قرآن جهڙي طرح سان انهن ٻنهي جي بزرگيءَ جو اعتراف ڪري پيو، اهڙي طرح يهودين جي پيغمبرن ۽ عيسائين جي داعي کي به مڃي پيو. ان طرح سان ته انهن جي نسلي ۽ جماعتي وڏائيءَ کي نقصان ٿي پهتو. اهي چوندا هئا ته اهڙا ماڻهو حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل جا پيروڪار ڪيئن ٿي سگهن ٿا، جيڪي انهن جي بزرگي ۽ سچائيءَ جي قطار ۾ ٻين کي به آڻي بيهارن ٿا؟

## قرآن ۽ ان جي مخالفن طرفان جهيڙي جا ٽي ڪارڻ

مختصر طور ايئن سمجهڻ گهرجي ته قرآن ڪريم جي ٽي اصول اهڙا هئا، جيڪي ان ۾ ۽ ٻين مذهبن جي پيروڪارن ۾ جهيڙي جو سبب بڻيا:

1. اهو مذهبي گروهه بندي جي روح جو مخالف هو ۽ دين جي وحدت يعني هڪ ٿي وڃڻ جو اعلان ڪندو هو. جيڪڏهن مذهبن جا پيروڪار اهو

---

[1] اصطباغ: عيسائي مذهب اختيار ڪرڻ وقت مٿي تي پاڻي ڇنڪارڻ واري رسم.

مجي وٺن ها تہ انهن کي مٺو پوي ها تہ دين جي سچائي ڪنهن هڪ ئي جماعت جي حصي ۾ نہ آئي آهي، پر سيني کي هڪجيترو مليِ آهي. پر اها ڳالهہ مڃڻ انهن جي گروهہ پرستيءَ لاءِ ڏکي ڳالهہ هئي.

2. قرآن چوي ٿو تہ ڇوٽڪاري ۽ ڪاميابي جو دارومدار ايمان ۽ عمل تي آهي؛ نسل، قوم، گروهہ بندي ۽ ظاهري ريتن رسمن تي نہ آهي. جيڪڏهن اهي هن اصول کي مڃي وٺن ها تہ پوءِ ڇوٽڪاري جو دروازو، بنا ڪنهن فرق جي، سموري انسانذات جي لاءِ کُليِ وڃي ها ۽ ڪنهن هڪڙي مذهبي جماعت جي ٺيڪيداري باقي نہ رهي ها. انهيءَ ڳالهہ تي عمل ڪرڻ لاءِ انهن مان ڪوبہ تيار نہ هو.

3. هو چوندو هو تہ اصل دين الله تعاليٰ جي ٻانهپ آهي، الله جي ٻانهپ هيءَ آهي تہ هڪ ئي الله جي سڏيءَ طرح پوڄا ڪئي وڃي. پر مذهبن جا پيروڪار ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ شرڪ ۽ بت پرستي جي طريقن تي عمل ڪندڙ هئا، سو انهن کي ان ڳالهہ کان انڪار ڪونہ هو تہ اصل دين خدا پرستي آهي، پر انهن کي اها ڳالهہ ڏکي لڳندي هئي تہ اهي پنهنجي ابن ڏاڏن کان هلندڙ طريقن کي ڇڏي ڏين.

## بحث جو تت

مٿين وضاحت ڪيل ڳالهين کي مختصر طور هن طرح سان بيان ڪري سگهجي ٿو:

1. قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ وقت دنيا جو مذهبي خاڪو ان کان وڌيڪ پڪيڙ نہ پيو رکي تہ نسلن، خاندانن ۽ قبيلن جي معاشرتي حد بندين وانگر، مذهب جي بہ هڪ خاص گروهہ بندي ڪئي وئي هئي. هر گروهہ بندي جو ماڻهو سمجهندو هو تہ دين جي سچائي رڳو ان جي ئي حصي ۾ آئي آهي. جيڪو ماڻهو سندس مذهبي حدن ۾ داخل آهي، سو ئي ڇوٽڪاري وارو آهي ۽ جيڪو ان ۾ داخل نہ آهي سو ڇوٽڪاري کان محروم آهي.

2. هر گروهہ جي نظر ۾ مذهب جي اصل حقيقت رڳو ان جا ظاهري عمل ۽ رسمون هئا. جيئن ئي هڪ انسان انهن کي اختيار ڪندو هو تہ ويساهہ ڪيو ويندو هو تہ کيس ڇوٽڪارو ۽ ڪاميابي ملي وئي. مثال طور عبادت جي شڪل، قربانين جون رسمون، ڪنهن خاص طعام جو کائڻ يا نہ کائڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن خاص طور طريقن جو اختيار ڪرڻ وغيره.

3. جيئن ته اهي عمل ۽ رسمون هر مذهب ۾ جدا جدا هئا ۽ هر جماعت جون گڏيل گهرجون ساڳيون نه ٿي سگهيون. تنهن ڪري هر مذهب جو پيروڪار ويساهه رکندو هو ته ٻيو مذهب مذهبي سچائيءَ کان خالي آهي. ڇو جو ان جا عمل ۽ رسمون اهڙا نه آهن جهڙا ان پاڻ اختيار ڪري رکيا آهن.

4. هر مذهبي جماعت جي دعويٰ رڳو اها ئي نه هئي ته هو سچو آهي، پر اهو به هو ته ٻيو ڪوڙو آهي. نتيجو اهو ٿيو جو هر جماعت رڳو انهيءَ ڳالهه تي ئي بس نٿي ڪئي ته پنهنجي سچائيءَ جو اعلان ڪري، پر اهو به ضروري سمجهندي هئي ته ٻين جي خلاف تعصب ۽ نفرت پکيڙي. انهيءَ صورتحال انسانذات کي هڪ دائمي ويڙهه جهيڙي جي حالت ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. مذهب ۽ خدا جي نالي تي هر جماعت ٻئي جماعت کان نفرت ڪندي، ان جورت وهائڻ جائز سمجهي پئي.

5. پر قرآن ڪريم انسانذات جي سامهون مذهب جي عالمگير سچائي جو اصول پيش ڪيو:

أ. ان رڳو اهو ئي نه ٻڌايو ته هر مذهب ۾ سچائي آهي، پر صاف صاف چئي ڏنو ته سمورا مذهب سچا آهن. هن چيو ته دين خدا تعاليٰ جي عام بخشش آهي، تنهن ڪري ممڪن ئي نه آهي ته اهو رڳو ڪنهن هڪ ئي جماعت کي ڏنو ويو هجي ۽ ٻين جو ان ۾ ڪو به حصو پتي نه هجي.

ب. ان چيو ته الله تعاليٰ جي سمورن فطري قانونن وانگر، انسان جي روحاني ڀلائي جو قانون به هڪ ئي آهي، جيڪو سڀني جي لاءِ ساڳيو ئي آهي. سو مذهبن جي پيروڪارن جي سڀ کان وڏي ڀل هيءَ آهي ته انهن خدائي دين جي هيڪڙائيءَ کي وساري ، جدا جدا جماعتون ٺاهي ڇڏيون آهن ۽ هر جماعت ٻئي جماعت سان وڙهي رهي آهي.

ت. ان ٻڌايو ته الله تعاليٰ جو دين ان لاءِ هو ته انسانذات جي گروهه بندي ۽ اختلاف ختم ٿين. انهيءَ لاءِ نه هو ته فرقيواريت ۽ جهيڙي جو سبب بڻجي وڃي. سو ان کان وڏيڪ گمراهي ٻئي ڪهڙي ٿي

سگهي ٿي تہ جيڪا شيءِ فرقيواريت کي ختم ڪرڻ آئي، ان کي ئي فرقيواريت جو بنياد بڻايو ويو آهي.

ث. هن ٻڌايو تہ هڪ آهي دين ۽ ٻيو آهي شرع يا طريقو. دين هڪ ئي آهي ۽ هڪجيترو ئي سڀني کي ڏنو ويو آهي. باقي شرع يا طريقي ۾ اختلاف رهيو آهي ۽ اهو اختلاف اٽَر هو. ڇوجو هر دؤر ۽ هر قوم جي حالت ساڳي نہ هئي. ضروري هو تہ جهڙي جنهن جي حالت هجي، اهڙا ئي ان لاءِ حڪم بہ اختيار ڪيا وڃن. سو شرع يا طريقي جي اختلاف سان اصل دين مختلف نٿو ٿي سگهي. توهان دين جي حقيقت کي تہ وساري ڇڏيو آهي، رڳو شرع يا طريقي جي اختلاف جي ڪري هڪ ٻئي کي ڪوڙو ڪري رهيا آهيو.

ج. هن ٻڌايو تہ توهان جي مذهبي گروهہ بندين ۽ انهن جي ظاهري رسمن کي، انسان جي ڇوٽڪاري ۽ ڪاميابيءَ ۾ ڪوبہ دخل نہ آهي. اهي گروهہ بنديون توهان جون جوڙيل آهن. باقي خدا تعاليٰ جو دين تہ هڪ ئي آهي. اهو حقيقي دين ڇا آهي؟ ان لاءِ هو چوي ٿو تہ ايمان ۽ نيڪ عمل جو قانون آهي.

ح. ان ڇٽن لفظن ۾ اعلان ڪري ڇڏيو تہ ڪنهن جي دعوت جو مقصد ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجھہ نہ آهي تہ سمورا مذهب سچا آهن، پر مذهبن جا پيروڪار سچائيءَ کان ڦري ويا آهن. جيڪڏهن اهي پنهنجي وساريل سچائي  کي ٻيهر اختيار ڪن تہ منهنجو ڪم ٿي ويو ۽ انهن مون کي قبولي ورتو. سمورن مذهبن جي اها ئي گڏيل ۽ متفق سچائي آهي، جنهن کي هو ”الدين“ ۽ ”الاسلام“ جي نالي سان سڏي ٿو.

خ. هو چوي ٿو تہ الله تعاليٰ جو دين ان لاءِ نہ آهي تہ هڪ انسان ٻئي انسان سان نفرت ڪري. پر ان لاءِ آهي تہ هر انسان ٻئي انسان سان محبت ڪري ۽ سڀئي هڪ ئي پالڻهار جي ٻانهپ واري رشتي ۾ ٻڌجي هڪ ٿي وڃن. هو چوي ٿو تہ جڏهن سڀني جو پالڻهار هڪ ئي آهي، جڏهن سڀني جو مقصد بہ ان جي ئي ٻانهپ آهي، جڏهن هر انسان جي لاءِ اهو ئي ڪجھہ ٽيڪو آهي جهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس عمل آهي، تہ پوءِ خدا ۽ مذهب جي نالي تي هي سموري ويڙهہ ۽ جهيڙو ڇو آهي؟

6. عام مذهبن جو اختلاف رڳو اختلاف جي حد تائين ئي نہ رهيو پر هڪٻئي سان نفرت ۽ دشمني جو سبب بڻجي ويو آهي. سوال هي آهي تہ اها دشمني ڪهڙي طرح ختم ٿي سگهي ٿي؟ اهو تہ ٿي نٿو سگهي تہ سمورن مذهبن جا پيروڪار پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا مڃيا وڃن. جڏهن تہ هر مذهب جو پيروڪار رڳو ان ڳالهہ جو ئي دعويدار نہ آهي تہ هو سچو آهي، پر ان جي هيءَ بہ دعوىٰ آهي تہ ٻئي ڪوڙا آهن. سو جيڪڏهن انهن جي دعوىٰ کي مڃيو بہ وڃي تہ اها ڳالهہ بہ مڃڻي پوندي تہ هر مذهب ساڳئي وقت سچو بہ آهي تہ ڪوڙو بہ آهي؛ ايئن بہ ٿي نٿو سگهي تہ سڀني کي ڪوڙو سڏيو وڃي؛ ڇو جو جيڪڏهن سمورا مذهب ڪوڙا آهن تہ پوءِ مذهب جي سچائي ڪٿي آهي؟ سو جيڪڏهن ڪا صورت ويڙهہ جهيڙي کي ٽارڻ جي ٿي سگهي ٿي تہ اها هيءَ ئي آهي تہ جنهن جي دعوت ڪٽي قرآن ڪريم ظاهر ٿيو آهي، ان کي تسليم ڪيو وڃي. سمورا مذهب سچا آهن، ڇو جو اصل دين هڪ ئي آهي ۽ سڀني کي ڏنو ويو آهي. پر مذهبن جا سمورا پيروڪار سچائيءَ کان ڦري ويا آهن. ڇو جو دين جي حقيقت ۽ هيڪڙائي وڃائي ڇڏي اٿن ۽ پنهنجي گمراهيءَ جون جدا جدا ٽوليون ٺاهي ورتيون اٿن. جيڪڏهن انهن گمراهين کان ماڻهو مڙي وڃن ۽ پنهنجي پنهنجي مذهب جي حقيقي تعليم تي عمل ڪرڻ لڳن، تہ مذهبن جا سمورا جهيڙا جهٽا ختم ٿي ويندا. هر جماعت ڏسي وٺندي تہ ان جي واٽ بہ بنيادي طور تي اها ئي آهي، جيڪا ٻين جماعتن جي واٽ آهي. قرآن چوي ٿو تہ سمورن مذهبن جي اها ئي گڏيل ۽ متفق ”الدين“ جي حقيقت آهي. يعني انسانذات جي لاءِ حقيقي دين اهو ئي آهي ۽ انهيءَ کي هو ”الاسلام“ جي نالي سان سڏي ٿو.

7. انسانذات جي پاڻ ۾ ٻڌي ۽ ايڪي جا جيترا بہ رشتا ٿي سگهن ٿا، سيئي انسانن جي هٿان ٽٽي ويا آهن. سڀني جو نسل هڪ ئي هو، پر هزارين نسل ٿي ويا. سڀني جي قوميت هڪ ئي هئي، پر اڻڳڻيون قوميتون بڻجي ويون. سڀني جو ديس هڪ ئي هو، پر سوين ديسن ۾ ورهائجي ويا. سڀني جو درجو هڪ ئي هو، پر امير ۽ غريب، شريف ۽ ڪميڻي ۽ ادنيٰ ۽ اعليٰ جا

ڪيترائي درجا ٿي ويا. اهڙين حالتن ۾ ڪهڙو رشتو آهي جيڪو انهن سمورين نفرتن جي سوپارو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ سموري انسانذات کي هڪ ئي قطار ۾ آڻي بيهاري سگهي ٿو؟ قرآن چوي ٿو ته خدا پرستيءَ جو رشتو ئي هڪ اهڙو رشتو آهي، جيڪو انسانيت جي اجڙيل گهر کي وري آباد ڪري سگهي ٿو. اهو عقيدو ته اسان سڀني جو پالڻهار هڪ ئي آهي ۽ اسان سڀني جا متا ان جي ئي در تي جهڪيل آهن. ايڪي ۽ ڀائپي جو اهڙو جذبو پيدا ڪري ڇڏي ٿو جو ممڪن ئي نه آهي ته انسان جا جوڙيل ويڇا ان تي سوپارا ٿي سگهن.

*******

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ٻارهون

# صراط مستقم

## صراط

صراط جي لفظي معنيٰ تہ رستو يا واٽ آهي، پر اهو رومي لفظ صطراطا (Strata) جو عربي اچار آهي. صطراطا سڌيءَ طرح سان روم ڏانهن ويندڙ رستو هو. اها واٽ پڪي ۽ مٿانهين هوندي هئي. ان جا سنڀاليندڙ ۽ حفاظت ڪندڙ سرڪاري ملازم هوندا هئا. انهيءَ شاهہ راهہ تي مسافرخانا ۽ بازاريون هونديون هيون ۽ مسافر کي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ ڊاءُ نہ هوندو. اها شاهہ راهہ سڀ ڪان ننڍي ۽ ٿوري مفاصلي ۾ هوندي هئي. ور وڪڙ ۽ ڏکي نہ هوندي هئي. اهڙي شاهہ راهہ تي پهچڻ ڪان پوءِ مسافر ڀلجي وڃڻ يعني موت ڪان بچي ويندا هئا. مسافر پنهنجي منزل تائين پهچي يا نہ پهچي يعني ڪيس زندگيءَ ۾ پنهنجي مقصد تائين پهچ حاصل ٿئي يا نہ ٿئي، هو ڀلجي وڃڻ ڪان بچي ويندو هو ۽ هيڏي هوڏي ڀٽڪي وڃڻ بدران ڪيس پڪ هوندي هئي تہ انهيءَ ئي سڌي واٽ تي هلڻ ۾ سندس ڀلائي آهي. ڇو جو رستي ۾ نہ اڄ سبب موت اچي پئي سگهيو ۽ نہ ئي ڦورو ڪيس ڦري ٿي سگهيا. اها تمام ئي محفوظ شاهي رستو آهي جنهن کي سفر جو حفاظت سان پورو ٿي وڃڻ پڪي ڳالهہ آهي. صراط جو لفظ مديني ۾ سمجهيو ويندو هو.

## مستقيم

سورت يوسف ۾ صراط مستقيم جي لاءِ "الدين القيم" جو لفظ آيو آهي. الصراط المستقيم اسلام جو ٻيو نالو آهي، جڏهن تہ اسلام ڀالڻهار جي ٻانهپ جو نالو آهي:

إِنَّ اللَّهَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿آل‌عمران: ٥١﴾

ترجمو: ” بيشڪ الله مُنهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو. اها سنئين واٽ آهي.“

سورت ياسين ۾ بہ اها ئي ڳالهہ ڪئي وئي آهي:

أَلَمْ أَعْهَدْ إِلَيْكُمْ يَا بَنِي آدَمَ أَن لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطَانَ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِينٌ (٦٠) وَأَنِ اعْبُدُونِي هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ (٦١) ﴿يس﴾

ترجمو: ”اي آدم جا اولاد اوهان ڏانهن پيغام نہ موڪليو هوم ڇا تہ شيطان کي نہ پوڄجو. جو بيشڪ اوهان جو پڌرو ويري آهي. ۽ تہ منهنجي عبادت ڪجو (جو) اِها سڌي واٽ آهي.“

شيطان ڇا آهي؟ علمي ٻوليءَ ۾ جبلتن جي حيواني گهرجن، جهڙوڪ خود غرضي، لالچ، مال ميڙڻ جي هوس، جنسي ڇڙواڳي، پنهنجي ذاتي فائدن لاءِ خون خرابو، بادشاهت جي حدن ۾ واڌاري، وڏ ڪان وڏ غنيمت جي مال حاصل ڪرڻ، غلام حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهہ جهيڙو، ڪاوڙ، چوري، ڦرمار، نسل پرستي ۽ تنگ نظر قوميت، محنت جي استحصال وغيره جهڙا ناڪاري نفسياتي ۽ اخلاقي لاڙا شيطان آهن. انهن ئي لاڙن ۽ جذبن ,آدم جي جنتي معاشري غير طبقاتي معاشري کي زميني يعني طبقاتي معاشري ۾ بدلائي ڇڏيو.

خدا تعاليٰ جي ٻانهپ ,انهن ناڪاري نفسياتي ۽ اخلاقي رجحانن ۽ جذبن جي برخلاف ,طبقاتي معاشري کي ٻيهر غير طبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ جو عمل آهي. غير طبقاتي معاشري ۾ فرد جون جسماني ضرورتون سهٽي نموني پوريون ٿي وڃن ٿيون. ان جي ڪري ڪيس جيڪو دل جو اطمينان حاصل ٿئي ٿو، سو خدائي عبادت ادا ڪرڻ ۾ تمام گهڻو مددگار ثابت ٿئي ٿو. ڇو جو انهيءَ اطمينان ڪانسواءِ فرد پوري ڏيان سان پنهنجي خالق سان تعلق قائم نٿو ڪري سگهي.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ رب جي ٻانهپ واري رستي کان هٽڻ واريون قومون ۽ فرد، هر قسم جي بداخلاقين، ظلمن ۽ بڇڙائين، جهڙوڪ شراب، زنا وغيره ۾ ٻڏي ويندا آهن، جنهن ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا آهن. انهيءَ ڪري رب تعاليٰ جي ٻانهپ جو رستو ئي اهو شاهي رستو (صراط مستقيم) آهي، جنهن تي هلي انسان حفاظت سان پنهنجي منزل تائين پهچي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن منزل تائين نہ بہ پهتو تہ رستي جي تڪليفن، خطرن ۽ تباهيءَ کان محفوظ رهي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو ۽ خير سلامتيءَ سان پنهنجو سفر جاري رکي سگهي ٿو.

اهڙيءَ طرح سور نحل ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي نسبت سان چيو ويو آهي: ”وَهَدَاهُ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ“ ﴿النحل: ١٢١﴾ (الله تعاليٰ ان کي سڌي واٽ ڏيکاري ڇڏي). سورت زخرف ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام چيو: ”إِنَّ اللَّهَ هُوَ رَبِّي وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ هَٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ“ ﴿الزخرف: ٦٤﴾ (بيشڪ الله ئي منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو. اِها سِڌي واٽ آهي.) سورت الانعام ۾ حضرت نوح عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر آهي. وري انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترن ئي نبين سڀني جو به ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي توريت جون مشهور شخصيتون آهن. ان کان پوءِ فرمايو ويو: ”وَاجْتَبَيْنَاهُمْ وَهَدَيْنَاهُمْ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ“ ﴿الأنعام: ٨٧﴾ (۽ کين چونڊيوسون ۽ کين سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي سون).

عالمگير دين جي حقيقت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ صراط مستقيم کان وڌيڪ معتبر ٻيو ڪو لفظ نه پيو ٿي سگهي. اها سڌي واٽ آهي، جنهن کي مذهبن جي پيروڪارن ترڪ ڪري، گهڻيون ئي ٽيڏيون ڦڏيون واٽون ڪڍي ورتيون ۽ هڪ واٽ تي متفق ٿيڻ بدران جدا جدا مذهبي گروهه بنديون قائم ڪري ڇڏيون. قرآن چوي ٿو:

وَأَنَّ هَٰذَا صِرَاطِي مُسْتَقِيمًا فَاتَّبِعُوهُ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ
عَن سَبِيلِهِ ذَٰلِكُمْ وَصَّاكُم بِهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿الأنعام: ١٥٣﴾

ترجمو: ”۽ هيءَ ته اِها مُنهنجي سِڌي واٽ آهي تنهنڪري اُن تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نه هلو جو اُهي واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون. اهو اوهان کي حُڪم فرمايو اٿس ماڻ اوهين پرهيزگاري ڪريو.“

خدا تعاليٰ جي ٻانهپ جي بدران جيڪا واٽ آهي، سا انساني جماعت کي جدا جدا ڪري ڇڏي ٿي. اڳ ۾ ئي اهو ٻڌايو ويو آهي ته الله تعاليٰ کي اڪيلو مڃڻ ۽ ان جي ٻانهپ اختيار ڪرڻ اهو نه آهي ته رڳو زبان سان الله تعاليٰ کي هڪ مڃيو وڃي، پر هر طرح سان عملي فرمانبرداري تاريخ ٻڌائي ٿي ته الله تعاليٰ کي اڪيلو مڃڻ وارا، ڪڏهن به انسانن ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ وارن جي ظلمن ۽ ٻيڙائين کان بچي نه سگهيا آهن. اصل ۾ الله تعاليٰ کي

اڪيلو مجڻ ۽ ان جي ٻانهپ جو مطلب معاشري ڪي طبقاتي طريقي ڪان هٽائي غير طبقاتي بنائڻ آهي، جنهن ۾ ربوبيت جا وسيلا ڪن ٿورڙن ماڻهن جي قبضي ۾ هئڻ بدران، عوام جي ملڪيت ۾ هوندا آهن ۽ فرد پنهنجي جسماني ضرورتن جي پورائي واري عمل سان، پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي حاصل ڪري وٺندو آهي. دولت جي اڻبرابري واري ورڇ ۽ محنت جي استحصال سان، فرد جون جسماني ضرورتون پوريون نٿيون ٿي سگهن. بي اطميناني جي ڪري هو حضرت امام شاهه ولي الله دهلويؒ چواڻي، آخرت جي اوچن علم ڏانهن ڏيان نٿو ڏئي سگهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي حاصل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندو آهي. تنهن ڪري خدائي هيڪڙائي، ديني هيڪڙائي، انساني هيڪڙائي ۽ توحيدي يعني غير طبقاتي معاشري کي قائم ڪرڻ وارو رستو ئي اصل ۾ ”صراط مستقيم“ آهي. انهيءَ ئي رستي تي هلي اسان ربوبيت، رحمت، عدالت ۽ هدايت جي گهرجن کي پورو ڪري سگهون ٿا. ٻئي پاسي هر اهڙو عمل، جيڪو انهن کان هٽيل آهي، سو ”صراط مستقيم“ جي خلاف آهي.

******

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب تيرهون

# صراط الذين انعمت عليهم

(ياڳو پهريون)

هي انعام ڪيل جماعت ”صراط مستقيم“ تي هلڻ وارن جي آهي. قرآن ڪريم چيو آهي:

وَمَن يُطِعِ اللَّهَ وَالرَّسُولَ فَأُولَٰئِكَ مَعَ الَّذِينَ أَنْعَمَ اللَّهُ عَلَيْهِم مِّنَ النَّبِيِّينَ وَالصِّدِّيقِينَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصَّالِحِينَ وَحَسُنَ أُولَٰئِكَ رَفِيقًا

﴿النساء: ٦٩﴾

ترجمو: ”۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي الله فضل ڪيو آهي (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح. ۽ اُهي چڱا سنگتي آهن.“

## نبي سڀُورا

انهيءَ انعام ڪيل جماعت جا اڳواڻ نبي سڀُورا آهن آهن. اها نبوت تاريخ جي هر دور، هر ملڪ ۽ هر قوم ۾ ظاهر ٿيندي رهي آهي. انهيءَ ۾ قرآن ۽ توريت جا سامي نسل نبي به اچي وڃن ٿا ته اريائي ۽ زرد نسل جا نبي پڻ اچي وڃن ٿا. يعني حضرت ڪرشن، حضرت ٻڌ، حضرت رامچندر، حضرت مهاوير، حضرت زرتشت ۽ حضرت سقراط وغيره آريائي نسلن سان تعلق رکن ٿا. حضرت اخناطون قبطي نسل مان آهي ۽ حضرت ڪنفيوشس زرد نسل جو آهي.

ان هن جي ڪتابن ۽ فلسفياڻن قولن ٽوڙي مثالن ۾ مذهب جي حقيقي تعليم موجود آهي، جيتوڻيڪ مذهبي پيشوائن پنهنجا مفاد ماڻڻ لاءِ انهيءَ تعليم سان گڏ ٻيا قول ۽ مثال به ملائي ڇڏيا آهن، پر جيئن ته قرآن

ڪريم گذريل پاڪ ڪتابن جي لاءِ ”مهيمن“ يعني تنقيدي معيار جو درجو رکي ٿو تنهن ڪري ان جي مدد سان انهن ۾ موجود صحيح تعليم معلوم ڪري سگهجي ٿي. قرآن ڪريم جي مفسرن جو فرض هو تہ دينن جي هيڪڙائيءَ واري نظرياتي بنياد تي، انساني هيڪڙائيءَ جي جوڙجڪ ڪن ها، پر مسلمان عالمن خدائي وحي جي عالمگير ڪردار کي اجاگر ڪرڻ بدران ان کي محدود ڪري ڇڏيو.

## صديق

نبين سڳورن سان گڏ صديق اهي ماڻهو آهن، جن پنهنجي تجربي ۽ وجداني فڪر سان، نبين سڳورن جي تعليم جي سچائيءَ جي تصديق ڪئي آهي. حضرت ابوبڪر پنهنجي تجربي ۽ سوچ سان خدائي توحيد جي تصور ۽ ان جي ضرورت ۽ فائدن تائين پهچي چڪو هو. انهيءَ ڪري ئي هن رسول الله ﷺ جي رسالت واري دعويٰ جي يڪدم تصديق ڪري ورتي ۽ صديق سڏجڻ لڳو. انهيءَ جماعت ۾ حضرت لقمان ۽ اهي فلسفي، صوفي، شاعر ۽ پاڪ انسان اچي وڃن ٿا. جيڪي پنهنجي فڪر، فلسفي ۽ پنهنجي عمل، نبين جي وجداني فڪر ۽ عمل جي اهميت تائين پهچ حاصل ڪري چڪا هئا. يعني خدا پرستي ۽ نيڪ عملي سان انساني هيڪڙائيءَ جي جوڙجڪ، عوامي ڀلائي ۽ دينن جي هيڪڙائيءَ جا قائل ٿي چڪا هئا. اهي ماڻهو هر قوم ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نبيءَ جي پيروڪاري ۾ شامل هوندا آهن ۽ اڄ بہ دنيا ۾ آهن ۽ سدائين هوندا.

## شهيد

شهيد اهي آهن جن نبين ۽ صديقن جي وجداني فڪر جي مضبوطي ۽ نفاذ لاءِ پنهنجي سر گهوريندي شهادت ماڻي. اسان جي دور ۾ آمريڪا جو صدر ابراهيم لنڪن اهڙو ئي شهيد هو جنهن غلاميءَ کي ختم ڪرڻ جي قيمت پنهنجو سرڏيئي ادا ڪئي. اهڙن ئي شهيدن ۾ دارا شڪوه ۽ علي شريعتي آهن، جن دينن جي هيڪڙائي ۽ مزدور عوام ۽ ٻين پٺتي پيل محڪوم عوام جي ڇوٽڪاري ڪي، نبين سڳورن جي موڪلڻ جو مقصد سڏيو آهي. ان سان گڏوگڏ ان ۾ اهي انسان بہ شامل آهن، جن عملي طور

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيداواري وسيلن کي رعايتون ڏنل طبقن جي قبضي مان ڪيڻ لاءِ پنهنجا ڪنڌ ڪپائي ڇڏيا. ان ۾ شڪاگو جا اهي مزدور بہ شامل آهن. جن محنت جي لاءِ ڏينهن ۾ رڳو اٺن ڪلاڪن جو وقت مقرر ڪرائڻ لاءِ پنهنجو رت وهايو. دنيا جي قومن ۾ اهڙن انسانن جي فهرست تمام ئي ڊگهي آهي.[1]

## صالح

صالحن ۾ سمورن مذهبن جا نيڪ دل، نيڪ عمل ۽ انسان دوست ماڻهو شامل اهي. انهن ۾ اهي بہ شامل آهن جن جي مذهبيت تہ ايتري چٽي نہ آهي، پر انهن معاشي مساوات، سياسي ۽ فڪري آزادي، تهذيب ۽ فن جي پاڪيزگي جي لاءِ جاکوڙ ڪئي. انهيءَ ۾ اهي بہ شامل آهن جن خانداني ۽ سماجي زندگي ۾ عورت جي انساني پاسي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ رعايتون ڏنل طبقن جن انساني حقن کي پنهنجي اقتدار ۽ تشدد سان دٻائي رکيو آهي، تن حقن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ جاکوڙ ڪئي.

انساني تاريخ پنهنجي دور ۽ قوم ۾ ظلم ۽ ڏاڍ، سياسي ۽ معاشي محڪومي، محنت جي استحصال ۽ علم ۽ فن جي بحالي جي لاءِ جاکوڙيندڙن ۽ پنهنجو رت وهائيندڙن ۽ انهن لاءِ نظرياتي تعليم جو بندوبست ڪندڙن سان ڀري پئي آهي. جن فردن انساني هيڪڙائي، آزادي، معاشي برابري ۽ علم جي عام پکيڙ لاءِ ڪوشش ڪئي، آزادي ۽ نيڪيءَ کي رواج ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪئي، ۽ غلامي، غربت، جهالت ۽ بي انصافي جي خاتمي لاءِ جيڪا بہ وک وڌائي آهي ۽ انهيءَ رستي ۾ ڪين سر صدقو ڪرڻو پيو آهي، سي سڀ صديق، شهيد ۽ نيڪ عمل انسان جي ٽولي ۾ شامل آهن ۽ قرآن ۽ ٻيا پاڪ ڪتاب انهن جي سچائيءَ جي تصديق ڪن ٿا. ڇو جو اهي ئي نبوت جا مقصد هئا. اصل صالحن جا بہ ڪيترائي درجا آهن. قرآن ڪريم گڏيل طور تي سيني کي صالح سڏيو آهي، ڇو جو نيڪ عمل نفعو ڏيندڙ عمل آهي، جنهن سان عوام کي فائدو پهچندو آهي.

---

[1] شهيدن جي هيءَ تشريح مصنف جي پنهنجي ذاتي راءِ آهي، جنهن سان ڪنهن بہ قاري ڪوڙي سنڌيڪار جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي. (سنڌيڪار)

## امام ولي الله جو ”نظريو مفهمين“

قرآن ڪريم ته نبوت کان پوءِ انسانن جا ٽي درجا ٻڌايا آهن: يعني صديق، شهيد ۽ صالح. پر امام ولي الله محدث دهلويؒ، جيڪو پنهنجي وقت جو امام هو، پنهنجي تمام ئي مشهور ڪتاب ”حجة الله البالغہ“ جي ڇاونجاهين فصل ”حقيقت النبوة و خواصها“ ۾ غير نبي فردن جي انهن جي نفسياتي ڪيفيت سان نشاندهي ڪئي آهي. امام صاحب اهڙن فردن کي ”مفهم“ جو اصطلاح ڏئي ٿو. پاڻ فرمائن ٿا:

سڀ کان اعليٰ انسان (مفهم) اهي آهن، جن ۾ عقل ۽ سمجهہ آهي. اهي مفهم ماڻهو سڌريل هوندا آهن. انهن جا ملڪوتي گڻ تمام ئي اوچا هوندا آهن. اهي ڪنهن مقصد کي خدائي مدد سان حاصل ڪري سگهندا آهن. علم ۽ خدائي ڳالهين جو ”ملاء الاعليٰ“ کان انهن تي نزول ٿيندو آهي. اهڙن ماڻهن جي طبيعت ۽ رهڻي ڪهڻي سدائين وچٿري هوندي آهي (يعني اهي غير معتدل حالت کان بچي سدائين وچٿري واٽ تي رهندا آهن). اهي طبيعتون نہ تہ جزوي ڳالهين سان گهڻو پريشان ٿينديون آهن ۽ نہ ئي ايترو حساس هونديون آهن جو، ننڍڙين حقيقتن مان وڏين حقيقتن کي جاچي نہ سگهن يا ظاهر منجهان ڪو مطلب نہ ڪڍي سگهن. اهي ايترو ابوجهہ بہ نہ هوندا آهن جو جزئي کان ڪلي يا صورت کان معنيٰ تائين نہ وڃي سگهن. اهي تمام ئي ثابت قدميءَ سان هدايت واري طريقي تي عمل ڪندا آهن. اهي عبادتن ۾ بہ برابري رکندا آهن ۽ انساني ڏيتي ليتي ۾ بہ انصاف کان ڪم وٺندا آهن. اهي انتظامي معاملن ۾ ڪلي يا عام طريقو اختيار ڪندا آهن تہ جيئن انسانيت جو عام فائدو ٿي سگهي. (يعني پنهنجا فيصلا عوام جي ڀلائي کي سامهون رکندي ڪندا آهن) اهي ڪنهن کي ڏکائيندا نہ آهن، سواءِ ان جي جو ڪڏهن حادثاتي طور ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچي وڃي، يا وري ان جي ايذائڻ سان سموري انسانذات کي نفعو پهچندو هجي. اهي سدائين عالم غيب ڏانهن مائل رهندا آهن ۽ ان جو اظهار سندس منهن، ڳالهہ ٻولهہ ۽ اٿي ويٺي مان ٿيندو آهي. انهن جي سموري وجود مان خبر پوندي آهي تہ انهن جي غيبيءَ طرح مدد ٿي رهي آهي. اهي پنهنجي ننڍڙي عمل سان الله تعاليٰ جي ويجهڙائي ۽ دلي سڪون حاصل ڪري وٺندا آهن، جيڪو ٻئي انسان حاصل نٿا ڪري سگهن.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي ماڻهو يعني ”مفهمين“ ڪيترن ئي قسمن جا هوندا آهن ۽ انهن ۾ مختلف صلاحيتون هونديون آهن:

1. **الڪامل**: اهو هڪ سمجهه ڀريو (مفهم) هوندو آهي جيڪو گهڻو ڪري الله تعاليٰ وٽان اهڙو علم حاصل ڪندو آهي، جيڪو انسان جي انفرادي دلين کي عبادت جي وسيلي پاڪيزه بڻائي سگهي.
2. **الحڪيم**: اهو هڪ اهڙو مڪمل اخلاقي قانون جوڙيندو آهي جيڪو انسانن جي خانگي ۽ معاشرتي زندگيءَ کي خاص طرح سان ۽ ٻين معاملن ۾ عام طرح سان ترقي ڏيڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.
3. **الخليفه**: هي هڪ اهڙو انسان هوندو آهي جيڪو الله تعاليٰ وٽان اهڙا عمل حاصل ڪندو آهي، جن سان انسانن جي سياسي زندگي منظم ٿي سگهي. وري ان جي الله تعاليٰ اهڙي طرح مدد ڪندو آهي جو هو انسانن ۾ عدل قائم رکي سگهندو آهي ۽ ٻين تي ٿيندڙ ظلمن خلاف جنگ به ڪري سگهندو آهي.
4. **روح القدس مان تائيد ڪيل**: هي اهو انسان هوندو آهي جنهن کي ملاءِ اعليٰ تائين پهچ حاصل هوندي آهي. ملائڪن جي جماعت ان سان ڳالهائيندي آهي، تعليم ڏيندي آهي، پنهنجو پاڻ ان کي ڏيکاريندي آهي ۽ ان جي هٿان ڪيترائي معجزا ظاهر ٿيندا آهن.
5. **الهادي و مزڪي**: اهي اهڙو انسان هوندو آهي جيڪو پنهنجي دل ۽ زبان ۾ ملائڪن کان روشني حاصل ڪندو آهي. ماڻهو ان سان گڏ رهي هدايت حاصل ڪندا آهن. ان جا پيروڪار اطمينان ۽ نور حاصل ڪندا آهن.
6. **الامام**: هي هڪ اهڙو شخص هوندو آهي جنهن جي علم جو گهڻو ڀاڱو ڪنهن قوم جي سڌاري ۽ تجديد سان لاڳاپو رکندو آهي. هو سدائين ملت جي سجاڳي ۽ احياءَ لاءِ جاکوڙيندڙ هوندو آهي.
7. **المنذر**: هي اهو ماڻهو آهي جيڪو هن دنيا ۾ اچڻ وارين مصيبتن کان ڊيڄارڻ لاءِ الله تعالي جي طرف کان مقرر هوندو آهي. يا وري هو اهو ٻڌائيندو آهي ته ڪا خاص قوم الله تعاليٰ جي لعنت جي حقدار بڻجي وئي آهي يا هو اهڙن واقعن جي خبر ڏيندو آهي جيڪي مرڻ کان پوءِ انسان جي اڳيان (قبر ۾) اچڻيون آهن ۽ اسان سان گڏوگڏ ٻيهر جيئرو ٿيڻ کان پوءِ جي واقعن (حشر) بابت ٻڌائيندو آهي. اهي ڳالهيون هو پنهنجي نفس

ڪان جدا ٿي (نفساني خواهشن ڪان پاسيرو ٿيڻ ڪان پوءِ) ڇاڻيندو ۽ ٻڌائيندو آهي.

8. **النبي:** جڏهن الله تعاليٰ جي مصلحت ان ڳالهه جي گهُر ڪندي آهي ته انسانن وٽ هڪ ”مفهم“ (سمجهه ڀريو) انسان موڪلي ته جيئن هو انهن کي اونداهين مان روشني ۾ آڻڻ جو سبب بڻجي ته، هو هڪ قانون جوڙيندو آهي ته ٻئي سمورا انسان انهيءَ نبيءَ (مفهم) جي جسماني ۽ روحاني فرمانبرداري ڪن. هو ملاءِ اعليٰ ۾ فرمان جاري ڪندو آهي ته جيڪي ماڻهو هن (نبي) جي پيروي اختيار نه ڪندا انهن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي. الله تعاليٰ ان (نبي) کي خبر ڏيندو آهي ۽ ان جي فرمانبرداري فرض ٿي ويندي آهي. اهڙي ماڻهو کي نبي سڏيو ويندو آهي. اهي ”مفهمين“ انعام ڪيل جماعت سان تعلق رکندا آهن.

اها ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح آهي ته قرآن سموري انسانذات جي رهنمائيءِ لاءِ نازل ٿيو آهي جنهن جو مقصد مظلوم طبقن کي ظالمن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ، الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي لاءِ جيڪي ربوبيت جا وسيلا پيدا ڪيا آهن تن مٿان مخصوص ٽولي جي قبضي کي ختم ڪري انهن جي فائدن کي عام انسانن تائين پهچائڻ، عورتن ۽ غلامن کي محڪومي ۽ ذلت مان ڪڍي انهن جي انساني درجي کي بحال ڪرڻ، محنت جي پيداوار تي مزدور جي حق کي قائم ڪرڻ ته جيئن محنت جي استحصال جو خاتمو ٿي سگهي ۽ ان سان دولت ڪن ٿورڙن ماڻهن جي هٿن ۾ ٻيهي نه وڃي، سياسي محڪومي جي عمل کي ختم ڪري هر قوم کي آزاد زندگي گذارڻ جو موقعو ڏيڻ، علم ۽ تهذيب جي برڪتن کي عام ڪرڻ لاءِ هر فرد کي مالي خوشحالي جا موقعا مهيا ڪرڻ، غربت، بدحالي، جسماني، ذهني ۽ روحاني غلامي، جهالت ۽ بي انصافي کي ختم ڪري هر انسان کي جسماني، ذهني ۽ روحاني طاقتن جي واڌاري ۾ مدد ڏيڻ، انسانن وچ ۾ سياسي، معاشي، مذهبي ۽ هر قسم جي نفرتن کي ختم ڪري امن، محبت، ڀائپي ۽ بردباريءَ هڪٻئي جو احترام ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ، جنسي جذبن ۽ سگهه کي غير حياتياتي مقصدن جي لاءِ نه وڃائڻ ۽ نفس کي قابو ۾ رکڻ، چوري، قتل ۽ ڦر مار، ڪنهن جي عزت ۾ هٿ وجهڻ، جنگ ۽ جهيڙي ۽ نفساني خواهشن جي پورائي لاءِ خون خرابو نه ڪرڻ، اهڙي طرح سمورن ناڪاري جذبن ۽ لاڙن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ختم ڪرڻو آهي، تہ انهيءَ لاءِ ان ڳالهہ کي ذهن ۾ ويهارڻ بہ ضروري آهي تہ مسلمان امت جي قرآن جي مٿان ڪا ٺيڪيداري نہ آهي. قرآن دنيا جي سمورن قومن جي لاءِ آهي ۽ مسلمان امت جي ذميواري، قرآني مقصدن کي سهڻي نموني واري نصيحت، حڪمت ۽ ضرورت پوڻ تي سياسي طاقت سان هر انسان تائين پهچائڻ آهي تہ جيئن انسانيت امن ۽ خوشحالي سان رهي سگهي.

ان سلسلي ۾ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ”في سبيل الله“ جو اصطلاح اصل ۾ عوام جي مفادن لاءِ جاکوڙڻ جو رستو آهي. ڇو جو الله تعاليٰ انسانن جو پالڻهار انسانن جو مالڪ ۽ انسانن جو معبود آهي. انسان ئي الانام يعني عوام آهي. انهيءَ ڪري جيڪا شيءِ الله تعاليٰ جي نالي سان واڳي وڃي سا عوام جي لاءِ ٿي ويندي آهي. مثال طور مسجد يا ڪوبہ عبادتخانو جتي الله تعاليٰ جو نالو ورتو ويندو وڃي ٿو تنهن تي ڪنهن جي بہ ٺيڪيداري نہ هوندي آهي، پر اها هر انهيءَ ماڻهوءَ جي لاءِ هوندي آهي جيڪو الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ گهري ٿو. پاڻ سڳورن ﷺ جن نجران جي عيسائي وفد کي نہ رڳو مسجد ۾ عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني، پر پنهنجي چادر مبارڪ بہ انهن لاءِ وڇائي. انهيءَ ڪري جهاد في سبيل الله جو مطلب عوام جي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿياربند توڙي بنا هٿيارن جي جاکوڙڻ آهي. رڳو مسلمانن کي ئي نہ، پر حديث ۾ سموري مخلوق کي ”عيال الله“ ڪري سڏيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ مذهب کي خاص طرح سان شامل نہ ڪيو ويو آهي. انهيءَ معنيٰ کي چٽو ڪرڻ لاءِ سورت النساء جون آيتون ڏنيون وڃن ٿيون (ترجمو تفهيم القرآن جو آهي).

”آخر ڪهڙو سبب آهي جو توهان الله جي واٽ ۾ انهن بيوس مردن، زائفن ۽ ٻارن جي لاءِ نٿا وڙهو جن کي ڪمزور سمجهي دٻايو ويو آهي ۽ (اهي) پڪاري رهيا آهن تہ اي الله سائين اسان کي هن وسندي مان (ٻاهر) ڪڍ جنهن جا رهاڪو ظلم ڪندڙ آهن ۽ پاڻ وٽان اسان جي لاءِ ڪو مددگار پيدا ڪري ڏي. جن ماڻهن ايمان جو رستو اختيار ڪيو آهي سي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ وڙهن ٿا ۽ جن ڪفر جي واٽ ورتي سي طاغوت جي لاءِ وڙهن ٿا. سو شيطان جي ساٿارين سان وڙهو ۽ پڪ سمجهو تہ شيطان جون چالون حقيقت ۾

نهايت ئي ڪمزور آهن“. (النساء، آيت: 75_76)

هنن آيتن کي جيڪڏهن سورت القصص جي پنجين آيت سان ملائي پڙهيو وڃي تہ مطلب چٽيءَ طرح سان سمجهہ ۾ اچي وڃي ٿو. ان جو ترجمو هي آهي:

”۽ اسان هي ارادو رکون پيا تہ ٻاجهہ ڪريون انهن ماڻهن تي جيڪي زمين ۾ ذليل ڪري رکيا ويا هئا ۽ انهن ئي اڳواڻ بڻايون ۽ انهن کي وارث بڻايون ۽ زمين ۾ انهن کي اقتدار بخشيون ۽ انهن کان فرعون ۽ هامان ۽ ان جي لشڪر کي اهو ئي ڪجهہ ڏيکاريون جنهن کان هو ڊڄندا هئا (يعني ناڪامي ۽ تباهي)“.

سورت النساء جي آيت ۾ بنا ڪنهن شڪ جي انهن مسلمان مردن، عورتن ۽ ٻارن ڏانهن اشارو آهي، جن کي انهن جي هيٺائپ جي ڪري مڪي جي غلام بڻائيندڙ مالدار سردارن گهيري رکيو هو ۽ انهن تي ظلم ڪري رهيا هئا. انهيءَ ظلم کان بچائڻ لاءِ انهن کي حبشہ ڏانهن موڪليو ويو هو. پر جيئن تہ قرآن ڪريم هڪ دائمي ۽ عالمگير ڪتاب آهي، انهيءَ ڪري ان جي تعليم اها آهي تہ ظالم ۽ استحصال پسندن جي خلاف جڏهن بہ جاکوڙيو وڃي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ اهڙيون حالتون پيدا ٿي پون تہ مسلمانن تي فرض آهي تہ اهي سندن مدد ڪن، نہ ڪي مسلمان پاڻ ئي اسلام جي نالي تي ٻين تي ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڏين.

سورت القصص جي آيتن جو بہ اهو ئي مطلب آهي تہ غلامن، عورتن ۽ ٻين ڪمزور ۽ پٺتي پيل عوام کي سگهارو ڪرڻ ئي جهاد في سبيل الله جو مقصد آهي. اسان جي دؤر ۾ بنا ڪنهن مذهبي فرق جي، پيداواري وسيلن تي قابض طبقن کان، طاقت جي زور تي انهن وسيلن کي عوامي ملڪيت ۾ ڏيارڻ ئي جهاد في سبيل الله آهي، پوءِ ڀلي اهو جهاد اهڙن مسلمانن جي خلاف ئي ڇو نہ هجي، جيڪي عوام جي پيداواري وسيلن تي قبضو ڪري ويٺل، رعايتون ڏنل، ظلم ڪندڙ ۽ محنت جو استحصال ڪندڙ آهن.

طاغوت ۽ شيطان جو مطلب بہ اهڙو ئي فرد، جماعت يا طبقو آهي، جيڪو عوام جي رزق ۽ آزادي جي وسيلن تي قبضو ڪري، انهن کي هيٺو ۽ ڪمزور رکي ٿو تہ جيئن انهن جي محنت جو استحصال ڪري سگهجي. اهڙي قسم جا ماڻهو ئي طاغوت ۽ شيطان آهن. مسلمان قرآن تي پنهنجي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺيڪيداري قائم رکڻ ۽ سمورن غير مسلمانن تي سوڀارو ٿيڻ، اسلام ۽ قرآن جو مقصد ٻڌائن ٿا. جڏهن تہ واڳ ڌڻي ۽ مالدار مسلمان پاڻ ئي مسلمان عوام تي ظلم ڪري ٿو ان جي محنت جو استحصال ڪري ٿو ۽ ان کي قرآن جو مقصد ٻڌائي ٿو. اهڙو خيال نہ رڳو غلط آهي، پر قرآن پاڪ جي مقصد جي بہ خلاف آهي.

قرآن پاڪ سموري انسانيت جي لاءِ آهي. ان جي تعليم پنٽي پيل ۽ مظلوم انسانن جي لاءِ آهي، پوءِ ڀلي اهي ڪهڙي بہ مذهب سان واسطو رکندڙ هجن. هاڻي تہ اها حالت مسلمانن ۾ ئي پيدا ٿي وئي آهي تہ ڏھ سيڪڙو مسلمان پيداواري وسيلن تي قابض ٿي ويا آهن جڏهن تہ نوي سيڪڙو مسلمان پنٽي پيل، محتاج، لاچار ۽ مظلوم آهن. اهي پنهنجي محنت، پنهنجي معاشي خدائن وٽ وڪڻي ئي پنهنجو پيٽ پالي سگهن ٿا. تنهن ڪري مسلمان توڙي غير مسلم ظلم جي ساڳي ئي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا آهن ۽ قرآن انهن مظلوم ۽ استحصال ڪيل انسانن جي ڇوٽڪاري لاءِ نازل ٿيو آهي. اسلام کي انهيءَ معنيٰ ۾ ٻيهر قائم ڪرڻ ۽ ان جو مطلب بيان ڪرڻ ئي اسلام جو زنده ڪرڻ آهي، نہ ڪہ غير مسلمانن جا ڪنڌ ڪپڻ يا وري مسلمان فردن کي، مسلمان عوام جو استحصال ڪرڻ لاءِ اقتدار ۽ دولت جي وسيلن جو مالڪ بڻائڻ آهي. ڇو تہ قرآن ڪريم جو ٻڌايل خدا، پوري دنيا جي قومن جو خدا آهي. قرآن پاڪ جو آڻيندڙ رسول پوري دنيا جي قومن لاءِ رحمت آهي ۽ قرآن پاڻ بہ پوري دنيا جي قومن کي پنهنجا حق ڏيارڻ لاءِ يادگيري (Reminder) آهي. قرآن جو ٻڌايل خدا، رسول توڙي قرآن ڪريم پاڻ بہ رڳو مسلمانن جي ٺيڪيداري قائم ڪرڻ لاءِ نہ آهي. جيستائين مسلمانن جي اها سوچ رهندي، قرآن پاڪ جي تعليم کان انسانيت کي فائدو پهچائڻ جي معاملي ۾ اهي رڪاوٽ ٿي بڻيل رهندا.

قرآن سامي، آريائي، زرد قومن جي نبين ۽ انهن جي تعليم جي نہ رڳو تصديق ڪري ٿو، پر انهن کي پنهنجو پڻ سمجهي ٿو. ڇو جو سمورن مذهبن جي بنيادي تعليم ساڳي ئي آهي ۽ سمورن نبين جي تصديق انساني هيڪڙائي جي قيام لاءِ ضروري آهي. اهو ئي انعام ڪيل جماعت جو ”صراط مستقيم“ آهي.

******

(ياڱويهو)

## سامي نسل جا نبي سڳورا

قرآن ڪريم انعام ڪيل جماعتن ۾ نبين سڳورن ڪي سڀ کان مٿي رکيو آهي ۽ اهو به چٽائيءَ سان ٻڌايو آهي ته ڌرتيءَ جي گولي تي موجود هر وسندي ۾ ڪنهن نه ڪنهن نبي ڪي موڪليو ويو (الا خلاف فيها نذيرا) ۽ محمد عربيﷺ کي سمورن انسانن ڏانهن موڪليو ويو آهي. يعني دنيا جي سمورن قومن جي لاءِ. قرآن ڪريم الله تعاليٰ کي رب العالمين سڏي ٿو. ٻين لفظن ۾ قرآن جو پيغام، انقلاب ۽ هدايت دنيا جي سمورن قومن لاءِ آهي. انهن قومن ۾ جتي سامي نسل سان واسطو رکندڙ قومون شامل آهن، اتي آريائي ۽ زرد نسل جون قومون پڻ شامل آهن. ان کان پوءِ قرآن چوي ٿو:

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّن قَبْلِكَ مِنْهُم مَّن قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُم مَّن لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ﴿غافر: ٧٨﴾

ترجمو: ”۽ بيشڪ توکان اڳ ڪيترائي پيغمبر موڪلياسون منجهائن ڪنهن جو احوال توکي بيان ڪيوسون ۽ منجهائن ڪنهن جو احوال توکي بيان نه ڪيوسون.“

ٻئي جاءِ تي فرمايو ويو: ”وَلِكُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولٌ“ ﴿يونس: ٤٧﴾ (هر امت جي لاءِ هڪ رسول آهي). وري فرمايو: ”وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا مِن قَبْلِكَ فِي شِيَعِ الْأَوَّلِينَ“ ﴿الحجر: ١٠﴾ (اسان توهان کان اڳ ڪيترن ئي گذري ويل قومن ڏانهن رسول موڪلي چڪا آهيون).

ڪٿي ايئن به فرمايوويو: ”وَلَقَدْ بَعَثْنَا فِي كُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولًا“ ﴿النحل: ٣٦﴾ (۽ اسان هر امت جي لاءِ هڪ رسول موڪليو آهي). وري فرمايو ”وَلِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ“ ﴿الرعد: ٧﴾ (هر قوم جي لاءِ هڪ هدايت ڪندڙ آهي).

انهن آيتن مان خبر پئي ٿي ته رسول اللهﷺ جن کان اڳ ڪا به قوم يا ڪا به امت اهڙي نه ٿي گذري آهي جنهن ڏانهن ڪو هدايت ڪندڙ يا رسول نه موڪليو ويو هجي. پر مسلمان عالمن جي تنگ نظري قرآن پاڪ جي پيغام

جي عالمگيريت کي رڳو سامي قومن تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ يورپ، ايشيا، آفريڪا، اجا بہ ان کان اڳتي آمريڪا ۽ آسٽريليا کنڊن ۾ آباد آريائي ۽ زرد قومن ۾ موڪليل نبين سڀني جي حقيقت کي لڪائي ڇڏيو. هن دؤر ۾ جيڪي وڏا مذهب موجود آهن، انهن ۾ اسلام، ٻڌ مت، جين مت، هندو مت، زرتشي مذهب، يوناني تهذيب ۽ چيني مذهب اچي وڃن ٿا جن ۾ مهاتما ٻڌ، مهاوير، ڪرشن چندر، رام چندر، زرتشت، عيسيٰ عليه السلام، موسيٰ عليه السلام ۽ ڪنفيوشس جا ڪروڙين پيروڪار موجود آهن. ٻئي پاسي جيتوڻيڪ سقراط ۽ مصري رهبر آخن آتون جي مڃڻ وارا موجود نہ آهن، پر تاريخ ۾ انهن جون حالتون بيان ڪيل آهن. ياد رهي تہ سامي نسل ۾ جنهن حقيقت کي نبوت سڏيو وڃي ٿو، تنهن حقيقت کي آريائي نسل ۾ حڪمت يا فلسفو سڏيو وڃي ٿو.

ختم نبوت جو مطلب هي هو تہ نوان مذهبي ٽولا پيدا نہ ٿين، جيڪي اسلام کان اڳ ٿي چڪا آهن. انهن کي انهن جي گڏيل تعليمن جي بنياد تي هڪ هيڪڙائيءَ ۾ آندو وڃي. پر مسلمان امت دينن جي هيڪڙائي جي انهيءَ مقصد کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ انسانن جي جدائيءَ جو سبب ٽي ڳالهيون رهيون آهن: پهرين ڳالهہ معاشري جي طبقاتي ورڇ آهي. يعني پيداواري وسيلن جا مالڪ ڪي ٿورڙا ماڻهو آهن ۽ انهن وسيلن مان فائدو ماڻڻ کان محروم ماڻهو گهڻا آهن، جيڪي غلامن، زرعي غلامن ۽ پگهاردار غلامن تي مشتمل آهن. ٻئي ڳالهہ انسانن جي نسل، قوميت ۽ وطن جي بنياد تي ورهاست آهي. انهيءَ ورڇ انسانن کي هڪٻئي سان جهيڙيندڙ گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ٽئين ڳالهہ مذهب جي بنياد تي هڪٻئي سان وڙهندڙ جماعتون آهن، جن مان هر هڪ مذهبي جماعت جي دعويٰ آهي تہ ان جو ٽئي مذهب ٻئي مذهب کان مٿانهون آهي ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري ۽ ڪاميابيءَ لاءِ انهيءَ ۾ شامل ٿيڻ لازمي آهي. هر مذهب جي مذهبي پيشوائيت پنهنجي مفادن جي لاءِ انهيءَ مذهبي فرقيواريت کي هوا ڏني آهي ۽ انهيءَ ڊوڙ ۾ مسلمان مذهبي پيشوائيت بہ شامل آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جن نجران جي عيسائي وفد جي عبادت لاءِ، مسجد نبوي ۾ پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي ڇڏي. تنهن ڪري ختم نبوت جي حڪمت کي سامهون رکندي سامي نسل جي نبين سڀني سان گڏوگڏ آريائي ۽ زرد نسلن جي نبين

سڀني سڀڳورن جي زندگيءَ جي حالتن ۽ تعليم کي مختصر طور تي پيش ڪيو وڃي ٿو ته جيئن انساني وحدت جي جوڙجڪ لاءِ ضمانت ڏئي سگهجي.

## سامي نسل جا نبي سڀڳورا

### آدم صفي الله

مسلمان ۽ عيسائي عالمن آدم جي قصي ۾ آدم کي خدا جو موڪليل ٻڌائي ڇڏيو. خاص طور تي مسلمان عالمن ان سان گڏ ”عليہ السلام“ به لڳائي ڇڏيو. جڏهن ته قرآن ڪريم جو مطالعو پڙهائي ٿو ته هي آدم انساني نسل جو نمائندو هو ۽ آدم جو مطلب آدم ۽ ان جو اولاد هو. آدم جو قصو تمثيلي ۽ علامتي (Symbolic) طور تي خود آدم جو داستان آهي. جنت يا جنتي معاشرو شڪار وارو زمانو آهي، جنهن ۾ پيداواري وسيلا فرد جي ذاتي ملڪيت نه هئا. لاڏائو قبيلا ٻيلن ۽ دريائن وغيره مان ميوا، جانور، پکي ۽ مڇيون وغيره پڪڙي، خوراڪ جي طور تي استعمال ڪندا هئا (رغدا حيث شئتما). پر جڏهن انهن قبيلن کي دجله ۽ فرات جي ماٿري ۾ ۾ ڪڻڪ ۽ پاڻمرادو پيدا ٿيندڙ ڪجھ ٻوٽا مليا ۽ انهن کي خبر پئي ته هي اَنُ ميون ۽ گوشت وانگر ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ڳري سڙي خراب نٿو ٿئي، پر پوري سال تائين محفوظ به رهي سگهي ٿو ته انهن ان جي پوکيءَ جو طريقو به ڄاڻي ورتو. اهڙي طرح لاڏائو قبيلا، هاڻي دريائن جي ڪنارن تي آباد ٿيڻ شروع ٿيا ۽ انهن ڪڻڪ جي پوکي شروع ڪئي. زمين جي جنهن ڀاڱي تي ڪڻڪ پوکي ويندي هئي، سو ڀاڱو توڙي ان جي پيداوار انهيءَ جي آباد ڪندڙ جي ذاتي ملڪيت هوندي هئي، ايتري تائين جو آخرڪار ذاتي ملڪيت جو سلسلو شروع ٿيو. ان سان گڏ ئي قيدين کي هاڻي قتل نه ٿي ڪيو ويو ڇو جو هاڻي خوراڪ جي کوٽ نه رهي هئي، پر انهن کان ڪم ورتو وڃڻ لڳو ۽ اهي پنهنجي مالڪ جي ملڪيت ۾ اچي ويا. اهي غلام پوکي ڪندا هئا، گهر، ماڙيون ۽ محلاتون اڏيندا هئا. مالڪن جي پالتو جانورن جا ڌڻ چاريندا هئا، اجا به ٻين جي زمينن، پوکن ۽ مال دولت تي قبضو ڪرڻ لاءِ جنگين ۾ پڻ ڪم ايندا هئا. اتان کان غلاميءَ (Slavery) جو ادارو قائم ٿي ويو. هن دؤر جي سمورين تهذيبن ۾ غلاميءَ جو ادارو تمام ئي سگهارو ٿيڻ لڳو. اهڙي طرح سان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جو انسان مٿان ظلم وڌندو ويو. انهيءَ محنت جي استحصال ۽ ظلم ۽ ڏاڍ جي نتيجي ۾ اخلاقي بيمارين ڪر ڪڻڻ شروع ڪيو. انساني معاشري ۾ ڏينهون ڏينهن وڌ کان وڌ دولت جو مقدار توڙي غلامن ۽ ٻانهين جي تعداد حاصل ڪرڻ لاءِ قتل، ويڙهه جهيڙو جنسي ڇڙواڳي، عصمت فروشي، چڪلي بازي، چوري ۽ ڦر مار جهڙا ڪڌا عمل زور وٺندا ويا. معاشرو هڪڙي پاسي پيداواري وسيلن تي قابض ٿورڙن ماڻهن تہ ٻئي پاسي انهن وسيلن کان محروم ۽ پنهنجو پيٽ پالڻ لاءِ پنهنجي محنت کي وڪڻڻ تي مجبور گهڻن انسانن تي مشتمل، ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو. اهو زميني معاشرو هو ۽ ان جو سڀ کان زهريلو اثر "خوف" ۽ "حزن" هو يعني ويڙهه جهيڙو ۽ بک بدحالي. (سورت القريش)

قرآن ڪريم ۽ بائبل، آدم جي ٻن پٽن هابيل ۽ قابيل جو قصو بيان ڪيو آهي. اهي ٻئي علامتي شخصيتون آهن. هابيل شڪار واري دؤر جو اهڃاڻ آهي ۽ قابيل زراعت واري دؤر جي علامت آهي. قابيل هابيل کي قتل ڪري ڇڏيو يعني شڪار وارو دؤر ۽ ان جو آڳاٽو اشتراڪي معاشرو بہ ختم ٿي ويو جيڪو غير طبقاتي هو. هاڻي آدم جو نسل قابيلي دؤر ۾ داخل ٿي چڪو هو جنهن جي نمايان گڻن ۾ طبقاتي معاشري جو قائم ٿيڻ آهي. انهيءَ معاشري ۾ نبين سڳورن جي ڏنل هدايت جي مخالفت ڪرڻ ۽ ٻين جي مال ملڪيت کي ڏاڍ سان کسڻ لاءِ قتل ۽ خون خرابي ڪرڻ جهڙيون خرابيون موجود آهن. اهڙي صورتحال جي خاتمي لاءِ نبين سڳورن کي موڪلڻ جو سلسلو شروع ٿيو جن خدائي هيڪڙائي جو تصور ڏنو ۽ انهيءَ تصور جي بنياد تي غير طبقاتي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ جاکوڙڻ جي تاڪيد ڪئي. انهن انساني فطرت ۾ موجود خدائي قوت جي نوراني عنصر جي نشاندهي ڪئي، جنهن جي تربيت ۽ تزڪيو انساني زندگيءَ جو بنيادي مقصد آهي. ڇو جو هي عنصر موت کان پوءِ انسان جي چڱي ۽ بد عمل جو اثر وٺي، ٻئي وقت ۽ جاءِ ۾ نئين سري سان زندگيءَ جي شروعات ڪري ٿو. هيءَ زندگي عملن جي اثرن موجب يا تہ سڪون واري هوندي آهي يا وري تڪليف ڏيندڙ.

قرآن ٻڌايو آهي تہ انساني تاريخ جو پهريون نبي آدم صفي الله آهي (آل عمران: 33). آدم صفي الله جو زمانو پٿر واري جديد زماني جو تمدني دؤر سڏجي ٿو. اهو پنج هزار سال ق.م جو زمانو آهي. اهو معاشري جي طبقاتي

ورچ ۽ ان جي اخلاقي ۽ معاشرتي نتيجن جي ظاهر ٿيڻ جو شروعاتي زمانو هو. ڪيس دجلہ ۽ فرات ماٿري ڏانهن موڪليو ويو. انساني آبادي پڪڙي رهي هئي، غلاميءَ وارو ادارو ۽ ان جو خرابيون بہ ظاهر ٿي رهيون هيون. تاريخ انهيءَ باري ۾ خاموش آهي تہ انهيءَ دؤر جي معاشري ۾ ڪهڙي قسم جون تبديليون عمل ۾ آيون. ڇو جو نوح ﷺ واري طوفان جي ڪري هن دؤر جي سموري تهذيب جا نشان ئي مِٽجي ويا هئا. طوفان کان پوءِ تهذيب جي نئين سر شروعات ٿي. پهرين تهذيب سميري قوم جي هئي.

## حضرت نوح ﷺ جو زمانو

حضرت نوح ﷺ جو زمانو ٻہ هزار سال ق.م هو. ٿي سگهي ٿو تہ آدم صفي الله ۽ حضرت نوح ﷺ جي وچ واري عرصي ۾ ڪيترائي نبي آيا هجن. حضرت نوح عراق جي مٿين حصي ڏانهن موڪليو ويو. سندس دؤر بہ پٿر جي جديد زماني وارو دؤر هو پر اهو دؤر ترقي ڪري چڪو هو. آدم صفي الله کان وٺي حضرت نوح ﷺ تائين طبقاتي ڇڪتاڻ گهٽو وڌي وئي هئي ۽ غلاميءَ جو ادارو گهٽو پڪڙجي چڪو هو. بادشاهن، سلطانن ۽ قبائلي سردارن جو غلامن ۽ پنهنجي پيل طبقن تي ظلم ۽ ڏاڍ گهٽو وڌي چڪو هو. ان سان گڏوگڏ جنسي ڇڙواڳي ۽ ٻئي خرابيون بہ عام ٿي ويون هيون.

"الرحيم" جي باب ۾ "تاريخ تي ڇا وهيو واپريو" جي عنوان هيٺ حضرت نوح ۽ ان جي دؤر تي ڪجهہ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي، هتي ڳالهہ ڏکهي ٿي ويجڻ جي خيال کان وڌيڪ تفصيل نہ ٿي ڏني وڃي.

بائيبل جي ڪتاب پيدائش ۾ لکيل آهي:

"خدا نوح کي چيو تہ سموري انسانيت جو خاتمو منهنجو سامهون اچي ويو آهي، ڇو جو انهن جي ڪري ڌرتي ظلمن سان ڀرجي وئي آهي". (ب 6، آيت 113) ان کان پهريان لکيل آهي:

"ڌرتي خدا تعاليٰ جي اڳيان پليت ٿي وئي هئي ۽ اها ظلم سان ڀريل هئي ۽ خدا ڌرتيءَ ڏانهن ڏيان ڏنو ۽ ڏٺو تہ اها پليت ٿي وئي آهي. ڇو جو هر انسان زمين تي پنهنجو طريقو بگاڙي ڇڏيو هو". (ب 6، آيت 11، 12)

پر ڪتاب پيدائش بہ چٽيءَ طرح سان طبقن جي نشاندهي نہ ڪئي آهي. انهيءَ باري ۾ قرآن چٽائيءَ سان نشاندهي ڪئي آهي:

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فَقَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِ مَا نَرَاكَ إِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا وَمَا نَرَاكَ اتَّبَعَكَ إِلَّا الَّذِينَ هُمْ أَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّأْيِ وَمَا نَرَىٰ لَكُمْ عَلَيْنَا مِن فَضْلٍ بَلْ نَظُنُّكُمْ كَاذِبِينَ ﴿هود: ٢٧﴾

ترجمو: ”پوءِ سندس قوم مان ڪافر ٽوليءَ چيو تہ توکي پاڻ جهڙي ماڻهو کانسواءِ (ٻيو) نٿا ڏسون ۽ اسان مان بي سوچ خسيسن کان سواءِ (ٻيو) تنهنجو تابعدار نہ ٿا ڏسون، ۽ پاڻ کان اوهان جي ڪا زيادتي نہ ٿا ڏسون بلڪ اوهان کي ڪوڙ پائيندا آهيون.“

قرآن ڪريم ۾ ٻڌائي ٿو تہ حضرت نوح عليه السلام کان پوءِ حضرت هود عليه السلام کي عاد قوم ڏانهن، حضرت صالح عليه السلام کي ثمود قوم ڏانهن ۽ حضرت شعيب عليه السلام کي مدائن جي ماڻهن ڏانهن موڪليو ويو. انهن سمورين آيتن ۾ معاشري جي ٻنهي طبقن جي چٽائيءَ سان نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو تہ مالدارن ۽ واڳ ڌڻين غلامن ۽ ٻين پنهنجي پيل ماڻهن تي ڪيترا ظلم ڪيا هئا.

## حضرت هود ۽ عاد جي قوم

وَإِلَىٰ عَادٍ أَخَاهُمْ هُودًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ أَفَلَا تَتَّقُونَ (٦٥) قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِن قَوْمِهِ إِنَّا لَنَرَاكَ فِي سَفَاهَةٍ وَإِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكَاذِبِينَ (٦٦) ﴿الأعراف﴾

ترجمو: ”۽ عاد (قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ هود (پيغمبر ڪري موڪليوسون) چيائين تہ اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو اُن (الله) کانسواءِ ٻيو ڪو اوهان جو خُدا نہ آهي، پوءِ ڇونہ ڊڄندا آهيو؟ سندس قوم مان ڪافرن سردارن چيو تہ اسين بلاشڪ توکي بي سمجهيءَ ۾ ڏسندا آهيون ۽ اسين بلاشڪ توکي ڪوڙن مان ڀائيندا آهيون.“

## حضرت صالح عليه السلام

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِن قَوْمِهِ لِلَّذِينَ اسْتُضْعِفُوا لِمَنْ آمَنَ مِنْهُمْ أَتَعْلَمُونَ أَنَّ صَالِحًا مُّرْسَلٌ مِّن رَّبِّهِ قَالُوا إِنَّا بِمَا أُرْسِلَ بِهِ

مُؤْمِنُونَ ﴿٧٥﴾ قَالَ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا إِنَّا بِالَّذِي آمَنتُم بِهِ كَافِرُونَ ﴿٧٦﴾
﴿الأعراف﴾

ترجمو: ”سندس قوم مان وڏائي ڪندڙ سردارن انهن کي چيو جن منجهائن هيڻن (ماڻهن) ايمان آندو هو تہ اوهين ڄاڻندا آهيو ڇا تہ صالِح پنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان موڪليل آهي، اُنهن چيو تہ جنهن (شريعت) سان اُنکي موڪليو ويو آهي تنهن تي اسين ايمان آڻيندڙ آهيون. وڏائي ڪندڙن چيو تہ جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي تنهن جا اسين مُنڪر آهيون.“

## حضرت شعيب عليہ السلام (مدائن جي ماڻهن ڏانهن)

وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُ قَدْ جَاءَتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ فَأَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ أَشْيَاءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ بَعْدَ إِصْلَاحِهَا ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿الأعراف: ٨٥﴾

ترجمو: ”۽ مَدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون)، چيائين تہ اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو خُدا ڪونہ آهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان (چٽيون) نشانيون آيون آهن تنهنڪري ماپ ۽ تور پوري ڏيو ۽ ماڻهن کي سنديون شيون گهٽ نہ ڏيو ۽ مُلڪ ۾ اُن جي سُڌاري کان پوءِ فساد نہ وجهو. جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو تہ اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.“

حضرت شعيب عليہ السلام جي مٿين واعظ کان پوءِ سندس قوم جو ڪهڙو جواب هو ان لاءِ قرآن ٻڌائي ٿو:

قَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُوا مِن قَوْمِهِ لَنُخْرِجَنَّكَ يَا شُعَيْبُ وَالَّذِينَ آمَنُوا مَعَكَ مِن قَرْيَتِنَا أَوْ لَتَعُودُنَّ فِي مِلَّتِنَا قَالَ أَوَلَوْ كُنَّا كَارِهِينَ
﴿الأعراف: ٨٨﴾

ترجمو: ”سندس قوم مان هٺيلن سردارن چيو تہ اي شعيب توکي ۽ جن توکي مڃيو آهي تن کي پنهنجي شهر مان ضرور لوڏيندا سون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تہ اوهين اسان جي پر ۾ موتي اچو (شعيب) چيو تہ جيتوڻيڪ اسان اوهانجي دين کي ٻُڇان پائيندڙ آهيون (تہ بہ موٽنداسون ڇا؟)“

## حضرت ابراهيم عليه السلام

حضرت ابراهيم عليه السلام جو زمانو بہ جديد پٿر وارو زمانو هو. پر اهو ان جو ٽيون دؤر هو. جيڪو تي هزار کان بہ هزار سال ق.م تي مشتمل آهي. حضرت آدم صفي الله جو زمانو طبقاتي ورڇ ۽ ان جي اخلاقي ۽ معاشرتي نتيجن جي ظاهر ٿيڻ جو شروعاتي زمانو هو. جڏهن تہ حضرت نوح عليه السلام جو دور انهيءَ ورڇ ۽ ان جي نتيجن جي پکيڙ ۽ ارتقا جو زمانو هو. پر حضرت ابراهيم عليه السلام جي دور ۾ اهو سلسلو پنهنجي پڄاڻي کي پهچي چڪو هو.

انهيءَ دؤر ۾ بادشاهت جو ادارو تمام ئي سگهارو ۽ بي لغام بڻجي چڪو هو. بادشاهه مذهبي پيشوا جو درجو ماڻي، عوام جو روحاني اڳواڻ بڻجي ويو هو. انهيءَ ڪري عبادتخانن جا سمورا پوڄاري، جادوگر، پوپا ۽ شاعر وغيره سڀ جو سڀ بادشاهه جي هيٺان ۽ ان جا محتاج ٿي چڪا هئا. غلامي عام ٿي وئي آهي. عراق جو نمرود ۽ مصر جو فرعون پنهنجي رب هئڻ جو اعلان ڪري چڪا هئا. عوام تمام ئي هيٺي حال، بيوس ۽ اڌ اگهاڙي هئي. ماڻهو علم ۽ کان بي خبر هئڻ سبب مذهبي پيشوائن جي پکيڙيل وهمن ۾ ڦاٿل هئا ۽ ظلم سهي رهيا هئا.

تنهن ڪري انهن ئي حالتن جي بنياد تي حضرت ابراهيم عليه السلام جي استحصالي طبقي سان سڌو سنئون ٽڪر بابت تہ بائيبل ۽ قرآن ۾ ڪا بہ آيت نٿي ملي، باقي نمرود بادشاهه ۽ پوڄارين سان ٽڪر کائڻ جو واقعو ضرور ملي ٿو. حضرت ابراهيم عليه السلام کان پوءِ جن نبين سڳورن جو ذڪر تاريخ ۾ ملي ٿو. تن جو مقابلو قبائلي سردارن بدران بادشاهن سان ٿيندي نظر اچي ٿو.

هن دور جي خاص ڳالهه هيءَ نظر اچي ٿي تہ آقا ۽ جاگيردارن جو استحصالي طبقو بادشاهه ۽ مذهبي پيشوائيت جي اوٽ ۾ اچي ويو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو تہ استحصالي نظام جي خلاف بغاوت اصل ۾ بادشاهه جي خلاف بغاوت سمجهي ويندي هئي ۽ ايئن لڳي ٿو تہ استحصالي نظام کي ختم ڪرڻ جي لاءِ سڀ کان پهريان بادشاهه ۽ انهيءَ بادشاهت کي ختم ڪرڻ

ضروري هو. سياسي ۽ معاشرتي حالتن جو منظر نامو حضرت ابراهيمؑ کان وٺي يهودي، عيسائي، مسلم ۽ صنعتي انقلاب تائين قائم رهيو ۽ اڄ تائين قائم آهي. انهيءَ سلسلي ۾ بادشاهت جي شڪل پلي فوجي آمريت رهي هجي توڙي سرمائيداراڻي جمهوريت، انقلاب جو اهو طريقو ساڳي طرح سان قائم رهيو آهي ۽ اڄ به آهي. انهيءَ ڪري اشتراڪي انقلاب جي لاءِ روس، چين، ويٽنام، ڪيوبا، لبيا، ڏکڻ يمن ۽ انڪارا گوا وغيره ۾ به پهريون ٽڪراءُ حڪمران طبقي ۽ ان جي فوجن ڪانسواءِ انهن جي نظرياتي پنيرائي ڪندڙ مذهبي پيشوائن سان ٿيندو رهيو آهي.

اهڙي طرح نمرود جيڪو پنهنجو پاڻ کي ملڪ جي سمورن چراگاهن، باغن، معدني ذخيرن، دريائن ۽ چشمن جو بنا ڪنهن جي ڀائيواري جي مالڪ سمجهندو هو ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجو پاڻ کي نه رڳو انسانن جي جان ۽ مال، موت ۽ حياتي جو مالڪ سمجهندو هو پر انهن جي روحاني چوٽڪاري جو مالڪ به پنهنجو پاڻ کي ئي سڏرائيندو هو. تنهن جي انهيءَ بيهودي دعويٰ جي کوکلائپ کي حضرت ابراهيمؑ ساڻس ڪيل هڪ مباحثي ۾ ظاهر ڪري ڇڏيو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو به ٻين انسانن وانگر بيوس مخلوق آهي. اهو قصو قرآن پاڪ هن طرح سان بيان ڪري ٿو:

أَلَمْ تَرَ إِلَى الَّذِي حَاجَّ إِبْرَاهِيمَ فِي رَبِّهِ أَنْ آتَاهُ اللَّهُ الْمُلْكَ إِذْ قَالَ إِبْرَاهِيمُ رَبِّيَ الَّذِي يُحْيِي وَيُمِيتُ قَالَ أَنَا أُحْيِي وَأُمِيتُ قَالَ إِبْرَاهِيمُ فَإِنَّ اللَّهَ يَأْتِي بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ فَأْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِي كَفَرَ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ ﴿البقرة: ٢٥٨﴾

ترجمو: ”(اي پيغمبر) تو اُنهن ڏانهن نه ڏٺو ڇا؟ جنهن پنهنجي پالڻهار بابت ابراهيم سان (انهيءَ مغروريءَ سبب) تڪرار ڪيو جو الله ڪيس بادشاهي ڏني هئي، جڏهن ابراهيم چيو ته منهنجو پالڻهار اُهو آهي جو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي، (ڪافر) چيو ته آءٌ (به) جياريان ٿو ۽ ماريان ٿو. ابراهيم چيو ته الله سج کي اوڀر کان اڀاريندو آهي تنهنڪري (تون) اُن کي اولهه کان اڀار، پوءِ ڪافر هَڪو ٻَڪو ٿي ويو ۽ الله ظالم ٽوليءَ کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.“

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مباحثي ۾ نمرود جي هار ۽ وڏي بت خاني ۾ بتن کي ڀڃڻ جي سزا ۾، حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهه ۾ ساڙڻ جي سازش ڪئي وئي. پاڻ انهيءَ حادثي کان بچي نڪتا ۽ پنهنجي ڀائٽي حضرت لوط عليه السلام کي ساڻ وٺي فلسطين وڃي ويٺا. اتي پنهنجي وڏي پٽ حضرت اسحاق کي پنهنجو جان نشين مقرر ڪري پاڻ حجاز جي علائقي ڏانهن، پنهنجي زال هاجره کي وٺي هجرت ڪري ويا ۽ اتي خدائي توحيد جو مرڪز قائم ڪيائون. اتي پاڻ هڪ بيت الله اڏيائون تہ جيئن دنيا جي غلامن، بيواهن، يتيمن ۽ پنتي پيل عوام کي آقائن، بادشاهن، شاعرن، جادوگرن ۽ پوڄن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ۽ هڪ الله جي حڪومت قائم ٿي سگهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي باري ۾ هيءَ آيت خدا تعاليٰ جي انقلاب واري تصور جي نوعيت کي مقرر ڪري ٿي ۽ شرڪ جي مطلب کي چٽو ڪري ٿي. يعني اقتدار ۽ ملڪيت جو حق رڳو الله تعاليٰ جي ذات کي ئي حاصل آهي. انهيءَ ۾ ٻئي ڪنهن غير کي ڀائيوار نٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري غلامن، هيٺن ۽ بدحال مزدور انسانن کي هي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ آقائن، قبائلي سردارن، بادشاهن ۽ مالدارن جو اقتدار ۽ ملڪيت تي قبضو هٿ ٺوڪيو آهي جيڪو انهن کان کسڻ گهرجي تہ جيئن انساني معاشري ۾ معاشي برابري، سياسي، ذهني ۽ فڪري آزادي سان گڏوگڏ انساني ڀائپي جا اوچا گڻ واپس اچي سگهن جن کانسواءِ وچايل جنت ڏانهن موٽ ناممڪن آهي. پر مذهبي پيشوائن، مفاد پرست عالمن ۽ دانشورن ڏاڍائي ڪندڙ ۽ استحصالي طبقن جي مفادن جي حق، خدا تعاليٰ جي انهيءَ انقلاب واري تصور جي تعبير ۽ نوعيت جي جاءِ تي قياسي ۽ طبيعيات کان مٿانهين تاويلن جو ڪڏو ڪاروبار  ناهي ڇڏيو جنهن سان هو ظاهري طرح سان حڪم نافذ ڪندڙ مطلق آمر يا پنهنجي ساراهہ ۽ واکاڻ جي ظاهري ادائگي ۽ قرباني جي گوشت ۽ رت سان خوش ٿيندڙ ديوتا بڻجي ويو.

## حضرت يوسف عليه السلام

حضرت يوسف يعقوب عليه السلام ، جنهن جو لقب اسرائيل هو جو پٽ هو. قرآن ڪريم سورت يوسف ۾ ان جي قصي کي احسن القصص سڏيو آهي. حضرت يوسف کي ننڍپڻ ۾ سندس ويڳن ڀائرن کوهہ ۾ اڇلائي ڦٽو ڪيو هو.

جتان ڪيس هڪ سوداگر جي قافلي ڪڍي ورتو ۽ مصر ۾ وڪڻي ڇڏيو. اهڙي طرح وڪرو ٿيندي ٿيندي پاڻ مصر جي بادشاهه تائين پهچي ويو جتي سندس حيثيت هڪ غلام جي هئي. پاڻ تمام گهڻو سهڻا هئا. جنهن ڪري مصر جي راڻي مٿس موهت ٿي پئي ۽ پنهنجي جنسي خواهش جي پورائي لاءِ کين گناهه تي هشائڻ لڳي، پر جڏهن ان ۾ ڪٿي نہ سگهي تہ مٿس الزام هنيو ۽ کيس قيد ڪرائي ڇڏيو.

احسن القصص سڏڻ جا ڪي سبب آهن جن ۾ پهريون سبب هي آهي تہ حضرت يوسفؑ قيد ۾ وڃڻ قبوليو پر گناهه جي حرص جو شڪار نہ ٿيو. ٻيو سبب هي آهي تہ کين خوابن جي صحيح تعبير جو علم ڏنو ويو هو جنهن ڪي قرآن تاويل الاحاديث سڏيو آهي. انهيءَ علم جي ڪري کين قيد کان رهائي ملي ۽ خزاني جو وزيرمقرر ڪيا ويا. ٽيون سبب هي آهي تہ هن خلق خدا کي ڏڪر کان بچائڻ لاءِ اشتراڪي معيشت جي اصول کي پنهنجايو . چوٿون سبب هي تہ بدلو وٺڻ تي وس هئڻ باوجود پاڻ پنهنجي ڀائرن کي معاف ڪري ڇڏيو جن کيس غلام بڻائي وڪرو ڪري ڇڏيو هو. پنجون سبب هي تہ سندن حڪومت تمام ئي عوام پرور حڪومت هئي جنهن ڪري هر شخص خوشحال ۽ مطمئن زندگي گذاري رهيو هو.

سندن وفات کان پوءِ ڪيترن ئي صدين تائين حضرت يعقوبؑ جي اولاد مصر ۾ وڌندي ويجهندي رهي، ايستائين جو مصر جي قبطي قوم کي ان ڳالهہ جو خوف ٿيڻ لڳو تہ اهي سگهارا ٿي سندن بادشاهت تي قبضو نہ ڪري وجن. تنهن ڪري مصري حڪومت اسرائيلين کي غلام بڻائي ورتو ۽ انهن مٿان ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا. آخرڪار ان ۾ حضرت موسيٰؑ کي موڪليو ويو ۽ هُن کين غلاميءَ واري خواريءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريو.

## حضرت موسيٰؑ ۽ بني اسرائيل

حضرت يوسفؑ کان پوءِ جنهن اشتراڪي معيشت وسيلي انسانن کي ڏڪر کان بچايو سو حضرت موسيٰؑ هو. حضرت يعقوبؑ، جنهن جو لقب اسرائيل هو جي اولاد مصر ۾ وڌندي ۽ ترقي ڪندي رهي ايستائين جو قبطي آبادي ۽ انهن جي بادشاهه فرعون ۽ ان جي سردارن انهن اسرائيلن جي وڌندڙ طاقت کان ڊڄڻ شروع ڪيو. انهيءَ خوف جي بنياد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن کي غلام بڻايو ويو ۽ هڪ ڏگهي عرصي کان پوءِ انهن کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ انهن ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام کي موڪليو ويو. مصر مان لڏڻ کان پوءِ فلسطين کي ٻيهر فتح ڪرڻ ۾ چاليهه سال لڳي ويا. انهيءَ عرصي ۾ بني اسرائيل جي قبيلن کي برپٽ بيابانن مان لنگهڻو پيو پر فتح کان پوءِ انهن جو معاشرو امير ۽ غريب طبقن ۾ ورهائجي ويو. انهن جا امير غير انساني عملن ۽ بد اخلاقين ۾ ڦاسي پيا. اهي ريشمي لباس پهريندا، سون ۽ چاندي جي ٿانون ۾ کائيندا، قلعي جهڙين محلاتن ۾ رهندا، اوچن قسمن جا شراب پيئندا ۽ هاٿي جي ڏندن مان جڙيل پلنگن تي آرام ڪندا هئا. دل وندرائڻ لاءِ وري ناچ ۽ راڳ جو محفلون مچائيندا هئا، پر محتاجن ۽ مسڪينن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندا هئا.

انهن جي سڌاري لاءِ هڪ ٻئي پٺيان نبي سڳورا ايندا رهيا جن کي اهي يا تہ قتل ڪري ڇڏيندا هئا يا وري پنهنجي طاقت سان انهن کي چپ ڪرائي ڇڏيندا هئا. انهن کي ور ور ڪري خدائي عذاب کان ڊيڄاريو ويو پر اهي پنهنجي شرارتن ۽ نافرمانين کان نہ مڙيا. اهڙيءَ طرح بائيبل جي عهدنامہ عتيق جو گهڻو ڀاڱو اسرائيلي ۽ يهودي قوم جي لاءِ نيڪ تعليم جي تاڪيد ۽ انهن جي حڪمرانن، سرمائيدارن ۽ مذهبي پيشوائن تي سخت تنقيد سان ڀريو پيو آهي. انهن مان رڳو بہ ٽي مثال پيش ڪيا وڃن ٿا:

”حضرت عاموس فرمايو اشدود جي محلاتن ۾ ۽ ملڪ مصر جي محلاتن ۾ پڙهو ڏياريو تہ سامريہ جي جبل تي گڏ ٿي وڃو ۽ ڏسو تہ هن ملڪ ۾ ڪيڏو نہ هُل ۽ ظلم آهي، ڇو جو اهي نيڪي ڪرڻ نٿا ڄاڻن ۽ جيڪي پنهنجي محلاتن ۾ ظلم ۽ ڦر جو مال گڏ ڪن ٿا. انهي ڪري خداوند ايئن فرمائي ٿو تہ دشمن تنهنجي ملڪ جو گهيراءُ ڪندو ۽ تنهنجي طاقت کي توکان کسيندو ۽ تنهنجا محلات لُٽيا ويندا“. (ڪتاب عاموس، ب 3، 9_11)

”حضرت ميڪاه سڏيو ۽ مون چيو اچي يعقوب جا سردارؤ ۽ نبي اسرائيل جا حڪمرانو! توهان نيڪيءَ سان دشمني ۽ بديءَ سان محبت رکو ٿا ۽ ماڻهن جي کَل لاهيو ۽ انهن جي هڏن تان ماس روڙيو ٿا ۽ منهنجي ماڻهن جو گوشت کائو ۽ انهن جي کَل لاهيو ۽ انهن جي هڏن کي ڀَڃو ۽ انهن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪريو ٿا“. (ب 3، 1_3)

”اي بني يعقوب جا سردارؤ ۽ اي بني اسرائيل جا حڪمرانو! توهان

جيڪو انصاف سان دشمني رکو ٿا ۽ سموري سچائيءَ کي مروڙيو ٿا، ته هن ڳالهه کي ٻڌو! توهان جيڪو ”صيون“ کي خون خرابي سان ۽ ”يرشلم“ کي بي انصافي سان اڏيو ٿا. ان جا سردار رشوت وٺي انصاف ڪن ٿا ۽ ان جا عالم پگهار وٺي تعليم ڏين ٿا ۽ انهن جا نبي پئسا وٺي فال ڪڍن ٿا. ان تي به اهي خدا تي ڳالهيون ڪن ٿا ۽ چون ٿا ته ڇا خدا اسان جي وچ ۾ نه آهي. سو اسان تي ڪابه مصيبت نه ايندي. تنهن ڪري ”صيون“ توهان جي ئي (عملن جي ڪري پوک وانگر پوکيو ويندو ۽ ”يروشلم“ کنڊر ٿي ويندو“.

(ڪتاب ميڪاه، ب 3، آيت 9_12)

”حضرت هوسيع چيو هي ملڪ (فلسطين) سچائي، ٻاجهه ۽ خدا شناسي کان خالي آهي. بد زباني ۽ واعدي خلافي ۽ خون خرابي ۽ چوري ۽ حرام ڪاري ڪانسواءِ هتي ڪجهه به نه رهيو آهي. اهي ظلم ڪن ٿا ۽ قتل مٿان قتل ٿئي ٿو تنهن ڪري ملڪ ماتم ڪندو“. (ب 4، 3_14)

”اي پوپؤ هيءَ ڳالهه ٻڌو! اي بني اسرائيل ڪن ڏيو، اي بادشاهه جا گهر وارؤ ٻڌو، باغي رتو چاڙ ۾ ٻڏل آهن پر انهن سيني کي سڌاريندس، مان افرائيم کي سڃاڻان ٿو ۽ اسرائيل به مون کان ڳجهو ڪونهي ڇو جو اي افرائيم تو بدڪاري ڪئي آهي. اسرائيل ناپاڪ ٿيو سندس عمل کيس خدا ڏانهن موٽڻ نٿا ڏين، ڇو جو بدڪاري جو روح ان ۾ موجود آهي ۽ هو خداوند کي نٿو ڄاڻي“. (ب5، 1_5)

اهڙي طرح بائيبل جي ٻين نبين، جهڙوڪ حضرت حزقيل، يسعياه، يرمياه وغيره جي ڪتابن ۾ اهڙي قسم جي سخت تنقيد موجود آهي ته تباهيءَ جي ڌمڪي به. پر حڪمرانن، دولتمندن، جادوگرن، پوپن ۽ ٻين اثر رسوخ رکندڙ طبقن انهن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ انهيءَ سزا ۾ ور ور ڪري انهن جا شهر، وسنديون ۽ ملڪ ڪڏهن ٻاهرين حملو ڪندڙن ۽ ڪڏهن آسماني آفتن سان تباهه ٿيندا رهيا.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي باري ۾ بائيبل مان اقتباس ته ڏنا ويا آهن، پر هتي قرآن ڪريم مان به هڪ عبارت ڏني وڃي ٿي، جنهن مان خبر پوندي ته حضرت موسيٰ عليه السلام کي به حضرت نوح، حضرت هود، حضرت صالح ۽ حضرت شعيب عليهم السلام وانگر انهيءَ دؤر جي بادشاهن ۽ سردارن ڏانهن موڪليو ويو هو. ڇو جو اصول هي آهي ته نبين سڳورن کي بادشاهن ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪليو پئي ويو آهي، جن پنهنجي دولت ۽ اقتدار جي ذريعہ عوام کي جيڪي مزدور، غلام ۽ پنتي پيل حالت ۾ هئا، محنت جي استحصال ۽ ظلم انهن کي انسان بدران هڪ وکر (Thing) بنائي انهن جي زندگي جانورن کان بہ بدتر بڻائي ڇڏي هئي. علم ۽ تهذيب جي سرچشمن تي بہ انهن ئي بادشاهن ۽ سردارن جو قبضو هو. تنهن ڪري عوام علم جي روشني ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم هئڻ سبب غير انساني زندگي گذاري رهيو هو.

خدا تعاليٰ جو تصور هڪ انقلابي تصور هو. اهو هي تہ هر شيءِ جو مالڪ الله آهي، بادشاهہ ۽ ان جا سردار نہ آهن. دنيا جون سموريون شيون الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي ضرورتن جي پورائي لاءِ پيدا ڪيون آهن. پر بادشاهن، سردارن، اميرن ۽ ٻين طاقتور طبقن انهن تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي.

نبي يا خدائي حڪيم جي ذميواري انسان سازي هوندو آهي، جنهن لاءِ کيس معاشري جي رعايتون ڏنل طبقن سان وڙهڻو پوندو آهي تہ جيئن پيداوار، دولت، اقتدار، علم ۽ تهذيب جي سرچشمن کي، انهن جي چنبي مان آزاد ڪرائي عوام جي حوالي ڪيا وڃن تہ جيئن انهن وسيلن جي مدد سان، اهي (عام ماڻهو) انسان بنجڻ جي لائق ٿي سگهن ۽ پنهنجي نفسيات جي اوچن حصن جي گهرجن کي سمجهندي، پنهنجي ذات جي تڪميل ڪري سگهن. اهڙي طرح سان اهي خدائي نيابت ۽ خلافت جا حقدار بڻجي سگهندا جيڪا ڳالهہ انهن جي ڏنل زندگيءَ جو بنيادي مقصد آهي.

## حضرت عيسيٰ عليه السلام

حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش وقت بيت اللحم رومي بادشاهت جي قبضي ۾ هو ۽ روم تي قيصر آگسٽس جي حڪمراني هئي. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي پيدائش وقت يهودي ٽئن طبقن ۾ ورهايل هئا:

پهرين طبقي کي ”صدوقي“ سڏيو ويندو هو. اهو يهودي رئيسن ۽ اعليٰ مذهبي عالمن تي مشتمل هو. تعليم يافتہ هئڻ ڪري انهن مٿان رومي تهذيب جو گهرو اثر هو. انهيءَ ڪري اهي رومي اقتدار جا حامي هئا ۽ عام يهودين جي رومي غلامي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واري هلچل جا سخت مخالف هئا.

ٻيو طبقو ”فريسيون“ جو هو. اهو وچولو طبقو هو جيڪو موسوي شريعت جي ظاهري عبادتن ۽ رسمن جي پيروي تہ وڏي شد مد سان ڪندو هو.

پر ان جي روح کان بيخبر هو.

ٽيون طبقو "بنائين" جو هو جنهن کي لاطيني ۽ انگريزي ۾ ايسيني (Essene) سڏيو ويندو هو. اهي اشتراڪي معيشت جا حامي هئا ۽ انهيءَ تي سختيءَ سان عمل ڪندڙ هئا. اهڙي طرح اهي بني اسرائيل جي نبين جي شريعت جي روح کي سمجهندڙ ۽ ان تي عمل ڪندڙ هئا.

چوٿون طبقو عام يهودي مزدورن جو هو جنهن ۾ هاري، هنرمند ۽ ننڍن دڪانن جا مالڪ شامل هئا. انهن مٿان هڪ پاسي رومي حڪمران ظلم ڪندا هئا ته ٻئي پاسي صدوقي ۽ فريسي ڦريندا هئا. رومي حڪومت کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ انهيءَ طبقي سان بغاوتون ٿينديون رهنديون هيون ۽ هي طبقو پنهنجي ڇوٽڪاري جي لاءِ ڪنهن رهبر جي راهه تڪيندڙ هو.

حضرت عيسيٰ عليه السلام يهودين جي دولتمند صدوقين، ظاهري عبادتن تي بس ڪري ويهندڙ فريسين، قانون پرست فقيهن، ڏن وٺندڙن ۽ بت پرست ظالم رومين جي سخت خلاف هو. اهڙيءَ طرح پاڻ هڪ دولتمند کي ڏسي ڪري فرمايائون:

"دولتمندن جو خدا جي بادشاهي ۾ داخل ٿيڻ ڪهڙو ڏکيو آهي، ڇو جو اٺ جو سئي جي ناڪي مان نڪري وڃڻ ان کان به سؤلو آهي ته دولتمند خدا جي بادشاهي ۾ داخل ٿئي". (لوقا، ب18، 24_25)

ٻئي جاءِ تي فرمايو:

"اي دولتمندؤ، ٿورو ٻڌو ته توهان پنهنجي مصيبتن تي، جيڪي اچڻ واريون آهن، روئو ۽ هاءِ گهوڙا ڪريو. توهان جو مال خراب ٿيو ۽ توهان جي لباسن کي ڪيڙا کائي ويا. توهان جي سون چاندي کي ڪٽ چڙهي وئي ۽ اها ڪٽ توهان جي مٿان شاهدي ڏيندي ۽ باهه وانگر توهان جي گوشت کي ساڙي. توهان آخري دؤر ۾ خزانو گڏ ڪيو آهي. ڏسو جن مزدورن توهان جا فصل لُڻيا، انهن جي اها مزدوري جيڪا توهان نڳي ڪري رکي ڇڏي، دانهون ڪري ٿي (اهڙي طرح ڪارخانيدار جڏهن مزدور جي اڻ ادا ڪيل مزدوري کي ڦٻائي ٿو ته اها مزدوري به دانهون ڪري ٿي) ۽ فصل لڻڻ وارن جي دانهن، ڪوڪ فوجن جي پالڻهار تائين پهچي وئي آهي. توهان ڌرتيءَ تي عيش عشرت جا مزا ورتا آهن. توهان پنهنجي دلين کي ڪُسڻ واري ڏينهن لاءِ ٿلهو متارو ڪيو. توهان هڪ نيڪ ۽ سچار انسان کي ڏوهاري ڪيو ۽ ان کي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهي ڇڏيو ڇا هو توهان جو مقابلو نٿو ڪري؟“
(يعقوب جو عام خط 5، 1_6)

فقيهن جي باري ۾ فرمايو:

”فقيهن ڪان خبردار رهجو جيڪي ڊگها ڊگها جبا پائي گهمڻ جو شوق رکن ٿا ۽ بازارن ۾ سلامي ۽ عبادتخانن ۾ اوچي درجي جي ڪرسين ۽ مهمانين ۾ مير مجلس هئڻ پسند ڪن ٿا. اهي بيواهن جي گهرن کي هيسائي ويهن ٿا ۽ ڏيکاءَ لاءِ نماز کي ڊگهو ڪن ٿا، انهن کي سڀ کان وڌيڪ سزا ٿيندي“. (لوقا: ب 20، 25_27)

فريسين ۽ فقيهن جي باري ۾ فرمايو:

”اي ڏيکاءُ ڪندڙ فقيهو ۽ فريسيو توهان تي افسوس آهي جو دالين، سونف ۽ جيري (جي فصل) تي تہ عشر ادا ڪندا آهيو پر توهان شريعت جي وڌيڪ ڳرين ڳالهين يعني انصاف ۽ ٻاجهہ ۽ ايمان کي ڇڏي ڏنو آهي“ (متي، ب23، آيت 33)

”اي نانگؤ! اي نانگ جا ٻارؤ! توهان دوزخ جي سزا کان ڪيئن بچي سگهندؤ؟“ (متي ب 23، آيت 33)

پاڻ پنهنجي انقلابي خيالن جي اشاعت، جيڪا خدائي وحي تي آڌاريل هئي، ٽيهن سالن جي عمر ۾ شروع ڪئي ۽ رڳو ٽن سالن کان پوءِ يهودي عالمن ۽ رومي سردارن جي سازش سان صليب تي چاڙهيا ويا. اهڙي طرح خدا جي بادشاهت يعني روحاني اشتراڪي معاشري جي قيام جو خواب اڌورو رهجي ويو.

ٽيون ڀاڱو

## آريائي نسل جا نبي

### حضرت شري ڪرشن

آريائن جي هندستاني شاخ ۾ حضرت ڪرشن تمام ئي نمايان شخصيت آهي. سندن الهامي ڪتاب ڀڳوت گيتا آهي. پاڻ پانڊئن ۽ ڪورئن ٻنهي وٽ عزت جي نگاهہ سان ڏٺا ويندا هئا. ڪورئن جو سردار دريوڌن وڏو آڪڙ وارو ۽ پاڻ پڏائيندڙ ماڻهو هو. ان جي خود غرضي ۽ هوس پرستي جي ڪري ۽

پانڊئن کي سندن حق ڏيارڻ لاءِ حضرت ڪرشن کي هڪ وڏي جنگ وڙهڻي پئي جنهن کي مهاڀارت سڏيو وڃي ٿو. پاڻ بت پرستي، ديو پرستي، دنيا تياڳڻ، ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ خوني قربانين ۽ نذرانن جو سخت مخالف هو. ورن اشرم کي بہ نہ مڃيندو هو. حقيقي توحيد پرست نظرين جو جياپو سندس حياتي جو مقصد هو. پاڻ مالدارن جي رويي، برهمڻ ازم ۽ سانکيہ فلسفي جي دهريت پسندي نظرئي جو سخت مخالف هو جنهن جي پٽيرائي برهمڻ ڪندا هئا. پاڻ ڪشتري هو جيڪو برهمڻ ازم جي خلاف هڪ رد عمل هو. پاڻ دوار ڪاپوري جي هڪ ننڍڙي رياست جو راجا هو.

ڪانئن اڳ هندن ۾ فلسفي جا ڇهہ فڪري اسڪول رائج هئا: جهڙوڪ نيايہ (Nyaya) جيڪو منطق ۽ استدلال تي آڌاريل هو. ان جو باني گوتم هو (گوتم ٻڌ نہ). ٻيو فلسفو ويشيسڪا (Vaishesika) هو جيڪو نيايہ فلسفي کان ٿورڙي اختلاف سان باقي لڳ ڀڳ ساڳي ئي فڪر وارو هو. ان جو باني ڪناڊا (Kanada) هو. ٽيون فلسفو سانکيہ (Sankhia) هو جنهن جو باني ڪپيلا منڪر هو. انهيءَ فلسفي جو بنياد ٻن حقيقتن تي آهي: (1) پروشيہ (Parushia) ۽ (2) پراڪرتي (Parakirti) يعني مادي جسم عنصرن مان ٺهندا آهن ۽ عنصر جوهرن (Atoms) مان ٺهندا آهن. جوهر طاقت سان ۽ طاقت پراڪرتي سان ٺهي ٿي.

روح يا پرش ذات آهي جيڪا حقيقي، ابدي ۽ مادي گدلاڻ کان پاڪ آهي. جڏهن روح ۽ مادو (پراڪرتي) پاڻ ۾ ملندا آهن تہ انهن مان هڪ هاڪاري ۽ ٻيو ناڪاري هوندو آهي. انهن ٻنهي جي جهيڙي سان اعتدال پيدا ٿي نئين تخلق پيدا ٿئي ٿي. اهڙي طرح ”جاتل“ علت مان پيدا ٿي ٻيهر علت ۾ گم ٿي وڃي ٿو. مولانا رومي فرمايو آهي: ”*صورت از بے صورتی آمد بروں، باز شد کانا لیہ راجعوں*“ يعني صورت بي صورت حقيقت مان پيدا ٿي ٻيهر بي صورت حقيقت ڏانهن موٽي وڃي ٿي.

پراڪرتي يا مادي جون ٽي قوتون، جيڪي هر مظهر ۾ ڪم ڪري رهيون آهن، سي پهرين ستوه (Sattva)، ان جو رنگ اڇو آهي، ان جا گڻ روشني، خوشي، پاڪيزگي ۽ تپش ۽ سنائي آهن. ٻيو رجس (Rajas)، آهي، ان جو رنگ ڳاڙهو آهي. ان جا گڻ بي چيني، تبديلي، چرپر ۽ ارتقا، مصيبتن جو اٿڻ، سخت محنت ۽ ڳٽي آهن. ٽيون تمس (Tamsa) آهي، ان جو رنگ ڪارو آهي. ان جا

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ياڳي ياڻيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڻ پَستي، غفلت، پريشاني، آرام طلبي، سستي، لاغرضي وغيره آهن. سڀ کان پهريان رجس جي عمل جي طاقت چرپر ۾ ايندي آهي. ستوه ۽ تمس ان کان پوءِ ايندڙيون آهن. انهن ٽنهي مان هر مظهر ۾ ڪنهن هڪ جو غلبو ٿيندو آهي ۽ ان مطابق ئي نتيجا ظاهر ٿيندا آهن.

چوٿون فلسفو يوگو آهي. ان جو باني پتانجلي آهي. فلسفو سانکيو نظري آهي، پر يوگ فلسفو عملي آهي. يوگ ۾ خدا تعاليٰ جو تصور موجود آهي جڏهن تہ سانکيي ۾ ناهي. يوگ ۽ سانکيي ۾ حقيقي زندگي آهي، جيڪا پاڪ، آزاد ۽ بي عيب آهي. انهيءَ عقل، نفس ۽ حواس وسيلي جسم سان ڳانڍاپو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. عقل پراڪرتي جي پهرين منزل آهي ۽ انهيءَ تي ستوه گهيريندڙ آهي. يوگ جو بنيادي مقصد مرڪزيت ۽ تصور آهي.

پنجون فلسفو ميماسہ (Mimasa) آهي. ان جو باني مني آهي. اصل ۾ اهو علم الڪلام آهي. ميماسہ دنيا ۽ ان جي سمورين شين ۽ مظهرن کي حقيقي مڃي ٿو خدا جي قدرت نہ. ان جي مطابق اهو هڪ ابدي قانون آهي، جيڪو ڪائنات ۾ جاري آهي ۽ سبب ۽ مسبب جي سلسلي کي منظم ڪري ٿو.

ڇهون فلسفو ويدانت (Vadantaa) آهي. هي اصل ۾ ويد فلسفو آهي جيڪو هند جي سمورن فلسفن ۾ شامل آهي ۽ عيسائي ۽ اسلامي فڪر ۽ عقيدي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. هي فلسفو فڪر ۽ ساڃاهه کي اخلاقي ۽ روحاني بڻائي ٿو. انهيءَ ڪري ويد فلسفي کي هندو تصوف بہ چيو ويندو آهي. ان جا بہ پاسا آهن: هڪڙو وحدت الوجود ۽ ٻيو وحدت الشهود. وحدت الوجود جو پيروڪار شنڪر آچاريہ آهي، جڏهن تہ وحدت الشهود جو پيروڪار رامانوج آهي. اهي اپاني شد ويدن جو تفسير ۽ تشريح آهن ۽ اسلامي فڪرن سان ويجهڙائي رکن ٿا. دراشڪوه جي ”سر اڪبر“ ۾ اسلامي فلسفي ۽ عقيدن کي اوپاني شد سان ثابت ڪيو ويو آهي. برهمناس ۾ ويدائي رسمن جي تفصيل موجود آهي. ويد، برهمناس ۽ اپاني شد،ٽئي هند فلاسافي جو بنيادي آهن، جن جو نقشو ڪجهہ هيئن نهي ٿو:

ويدانت

ويد




ڀڳوت گيتا هند جي حڪمت ۽ رياضت جو نچوڙ آهي جيڪو نہ رڳو هندستان، پر سموري دنيا ۾ عزت ۽ قبوليت جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو. گيتا هندستاني مذهبن ۽ فلسفي اسڪولن تي تنقيد آهي ۽ انهن جو هڪ نقصان بہ آهي. خاص طرح سانکيہ، يوگ، مماسہ ۽ اپاني شد جي فڪرن تي آڌاريل آهي. مثال طور سانکيہ فلسفي ۾ پرش (پروشہ) ۽ پراڪرتي (مادو) جدا جدا آهن. انهن جو ڳانڍاپو مادي زندگي آهي ۽ جدائي دائمي زندگي. گيتا جو مؤقف هي آهي تہ روح (پروشہ) ۽ مادو ٻنهي ۾ هڪٻئي سان ڳانڍاپي جو شعور نہ آهي، پر ٽين طاقت، جيڪا سگهاري ۽ هوش حواس رکندڙ آهي، انهن کي جياري ٿي ۽ جدا بہ ڪري ٿي. انهيءَ ڪري انساني روح کي انهيءَ ٽئين سگهہ (خدا) سان ڳنڍيل هئڻ گهرجي ۽ ان کان مدد وٺڻ گهرجي ۽ انهيءَ ئي طاقت ۾ پنهنجو پاڻ کي ملائڻ ۽ جذب ڪرڻ گهرجي. ”انا ﷲ و انا اليہ راجعون“ انهيءَ سان ئي دائمي برڪت، دائميت ۽ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي.

يوگ جي مطابق رياضت ۽ نفس جو تزڪيو ڇوٽڪاري جو وسيلو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. گيتا ان جي تائيد ڪري ٿي. پر ان جو چوڻ آهي تہ نفس جو تزڪيو عبادت، پاڪيزگي ۽ بهشت جي تمنا جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي، پر حقيقي محبوب جي ملڻ لاءِ هئڻ گهرجي. ميماسہ بي غرض عمل (نشڪاما) سان فرض ادا ٿئي ٿو. گيتا چوي ٿو تہ حاڪم خدا آهي، تنهن ڪري سندس هر حڪم کي بنا ڪنهن لالچ جي، فرض سمجهندي مڃڻ گهرجي. اهوئي انسان کي مادي جسم ۾ آڻي ٿو ۽ ان لاءِ ذميواريون مقرر ڪري ٿو. جيڪو ڪجهہ بہ آهي، ان وٽان آهي.

سانکيي پراڪرتي (مادي) جا ٽي جوهر ٻڌايا آهن، يعني ستوه، رجس ۽ تمس. اهي دنيا جي سمورن شين ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. گيتا چوي ٿو تہ نفس جي تزڪيي سان انهن ٽنهي جوهرن يا طاقتن کان مٿانهون ٿيڻ انسان جو گهربل مقصد آهي. اهڙي طرح روح انهن جي فرمان ۾ نہ رهندو پر اهي ان جي فرمان ۾ اچي وينديون.

گيتا جي تعليم انهيءَ ٻڌايل تعليم سان گڏوگڏ طبقاتي نقطي نگاهہ واري پڻ آهي. ان ۾ اڌياءِ 16 جي 7 کان 20 تائين وارين آيتن ۾ شيطاني اوگڻ رکندڙ انسانن جي ڪرتوتن تي روشني وڌي وئي آهي. ان جو مڪمل اقتباس شرڪ واري باب ۾ ڏنو ويو آهي. انهيءَ اقتباس ۾ دهريت پسند، عياش، مالدار ۽ ظالم حڪمرانن سان گڏوگڏ مذهب کي پنهنجي خواهشن ۽ نفساني خواهشن جي لاءِ استعمال ڪندڙ فردن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي. رعايتون ڏنل ۽ استحصال پسندن جو اهوئي طبقو آهي، جن جا فرد سموري انساني تاريخ ۾ نبين سڳورن، انهن جي سچار پيروڪارن ۽ انهن جي پاڪ مقصدن جي مخالفت ڪندا رهيا آهن. انهن کي ستائيندا، اذيتون ڏيندا، قتل ڪندا ۽ جلاوطن ڪندا رهندا آهن. اهوئي طبقو ۽ ان جا رڪن زميني زندگي کي جنت واري زندگي، يعني طبقاتي معاشري کي غير طبقاتي اشتراڪي معاشري ۾ تبديل ڪرڻ واري واٽ ۾ ڏاڍو ڏونگر بڻيا رهيا آهن ۽ اڄ بہ بڻيل آهن.

علامہ اقبال کيس (حضرت ڪرشن کي) هندو معاشري ۾ عمل (نشڪاما ڪرما) جي فلسفي جو جيارڻندڙ مجدد سڏيو آهي.

گيتا جو اهو اقتباس ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ، حضرت ڪرشن واقعي خدا تعاليٰ جو موڪليل هو. ڇو جو نبي يا پيغمبر جي اهائي نشاني آهي تہ هو رعايت ڏنل (آسودن، وڏائي ڪندڙن ۽ وڏيرن) طبقي کي ختم ڪري، غير

طبقاتي معاشرو اڏڻ گهرندو آهي جنهن ۾ پيداواري وسيلا مزدور ۽ محروم انسانن (مستضعفين) جي ملڪيت ۾ هوندا آهن. اها ئي نشاني حضرت رام چندر، مهاتما ٻڌ، مهاوير، زرتشت، سقراط ۽ ڪنفوشس جهڙن مقدس انسانن کي خدا جو موڪليل ٻڌائي ٿي.

## حضرت مهاتما ٻڌ

هيءَ ڳالهه هڪ اصول بڻجي وئي آهي ته آريہ قوم جا پاڪ سڏارڪ گهڻو ڪري واڳ ڏڻي طبقي سان تعلق رکندڙ هئا. حضرت ڪرشن دوارڪا جي هڪ رياست جو راجا هو. جڏهن ته شري رام چندر جِي، اجوڌيا جي رياست جو جانشين هو. شايد ان جو سبب هي هو ته آرين ۾ قبيلي جي سردار کي راجا سڏيو ويندو هو. تحقيق جي سائنسي طريقي کي رواج ۾ آڻڻ ۽ صنعتي انقلاب کان اڳ وارن سمورن دؤرن ۾، علم ۽ تهذيب جيئن ته مٿانهن طبقن جي ٺيڪيداريءَ ۾ هئا. انهيءَ ڪري ڏاها ۽ سڏارڪ انسان بہ انهن ئي طبقن مان پيدا ٿيندا هئا.

انهن ئي حالتن سبب سڏارٿ گوتم بہ ساڪيا خاندان جي شاهي گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو. هن موت، ڪراڙپ، بيماريءَ ۽ ٻين اهنجن جو ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ، جن ۾ غريب ۽ پنتي پيل عوام ئي گهڻو گهيريل هئي، 29 سالن جي عمر ۾ بادشاهي، سک ۽ آرام تياڳي جنگ منهن ڪيو ۽ ڪيترن ئي سالن تائين ساڌن ۽ سنياسين کان علم حاصل ڪندو رهيو. سخت رياضتن ۽ ڏگهن مراقبن ۾ رهي ڪري آخرڪار هڪ رات جڏهن پاڻ هڪ پراڻي ٻڙ يا انجير جي وڻ هيٺان مراقبي جي حالت ۾ هو ته پنهنجي دل ۾ هڪ غير معمولي روشني يا خدائي تجلي محسوس ڪئي، جنهن سان ڪيس سمورن سوالن جا جواب ملي ويا. انهيءَ تجلي جي ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ پاڻ سڏارٿ گوتم بدران ٻڌ بڻجي ويو. اصل ۾ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ "ٻڌ" ۽ عبراني ٻوليءَ جو لفظ "نبي" ساڳي معني رکندڙ آهن. ڇو جو ٻڌ عام معني ۾ رڳو درويش يا صوفي نہ هوندو آهي، پر هڪ اهڙي شخصيت هوندو آهي، جيڪو مطلق حقيقت سان تعلق قائم ڪري، ان مان حاصل ٿيندڙ هدايت جي بنياد تي انساني معاشري کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ ان جي تنظيم هڪ اهڙي طريقي تي ڪئي ويندي آهي جيڪا ڪامل انسان جي تخليق ۾ مددگار بڻجي.

جيتوڻيڪ برهمڻن ۽ استحصالي طبقن مهاتما ٻڌ جي تعليم کي پنهنجي مفاد جي لاءِ خطرو محسوس ڪندي، ٻڌ جي پيروڪارن کي هندستان مان ڪڍي ڇڏيو ، پر انهن جي تعليم جي اثر جو هي حال هو جو نيپال، سري لنڪا، سمورو ڏکڻ اوڀر ايشيا، چين، جپان، تبت، وچ ايشيا، سيائبريا ۽ سويڊن جو ليپ لينڊ انهن جي گهيري ۾ اچي ويو. حضرت ٻڌ جي فلسفي ۽ نظرين تي اڻ ڳڻيو ادب وجود ۾ اچي چڪو آهي، پر انهيءَ سموري ادب ۾ سر ايڊون آرنلڊ جو ڪتاب "لائٽ آف ايشيا" سڀ کان وڌيڪ قابل تعريف آهي. آرنلڊ مهاتما ٻڌ جي تعليم کي هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

1. عالمي اميد جي دائميت (Eternity of Universal Hope)
2. بي ڪنار محبت جي لافانيت
(The Immortality of Boundless Love)
3. مطلق ڀلائيءَ ۾ ناقابل شڪست عقيدو (سقراط ۽ افلاطون جي نظر ۾ مطلق ڀلائي ئي خدا تعاليٰ جو ٻيو نالو آهي)
(An indestructible eliment of Faith in Final Good)
4. انساني آزاديءَ جي تمام ئي فخر لائق دعويٰ جيڪا اڳ ۾ ڪڏهن به نه ڪئي وئي.
(The proudest essertion ever made of human freedom)[1]

## هڪ غلط فهميءَ جو ازالو

حضرت وردمان مهاوير ۽ مهاتما گوتم ٻڌ جي باري ۾ مهايان فرقي جي تحقيق ڪندڙ ڏاهن ٻڌايو آهي ته سندن تعليم ۾ نه خدا جو تصور آهي، نه روح جو ۽ نه ئي موت کان پوءِ عملن جي جزا ۽ سزا جو عقيدو موجود آهي. انهيءَ الزام کي جين مت جي عالمن ۽ ٻڌ مت جي ناگ ارجن ۽ ناگ سين جهڙن مفسرن پنهنجي استدلال سان مضبوط ڪري ڇڏيو آهي.

هيءَ ڳالهه ڌيان طلب آهي ته جيڪڏهن اهي الزام صحيح آهن ته گوتم جون پنهنجي جواني جي شروعات ۾ ئي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ سموريون ڪوششون، سندس سخت رياضت، سندس دل تي تجلي جو ظاهر ٿيڻ جنهن سان کيس سمورين اوچين حقيقتن جو علم حاصل ٿيو، سيئي بي

[1] Light of Asia

ڪار ۽ بي مقصد شيون بنجي وڃن ٿيون. جن سان ڪوبہ روحاني فائدو ۽ سڃاڻ حاصل نٿي ٿي سگهي. جڏهن تہ مهاتما ٻڌ جي دل تي اهڙي قسم جو خدائي نور ظاهر ٿيو، جيڪو تاريخ جي سمورن سڌارڪ انسانن ۽ نبين سڳورن تي ٿيندو رهيو آهي. انهيءَ جي نتيجي ۾ لازمي طور ڪائنس سمورا مادي پردا هٽي ويا هوندا. جنهن ڪان پوءِ گوتم سمورن شڪن شبهن ڪان مٿانهون ٿي ڪري حق اليقين جي منزل تي وڃي پهتو هوندو.

ڏنو وڃي تہ انهيءَ حقيقت جو انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ اخلاقي زندگيءَ جو دارمدار گهٽي پاڳي انهن مٿي ذڪر ڪيل طبيعيات کان مٿانهن حقيقتن جي وضاحت تي آڌاريل آهي. جيڪڏهن حضرت گوتم جي نظر ۾ انسانيت جي تڪميل هڪ حقيقي مقصد هو، جيئن سندس تعليم مان ظاهر آهي، تہ ڇا اها تڪميل ڪائنات جي شروعات ۽ پڇاڙي انساني روح يا خودي جي دائميت ۽ ان جي ڪامل آزادي ڪائنات جي خالق جي وجود کي سمجهڻ واري عرصي ۾ لاڳاپيل ضروري رويو اختيار ڪرڻ بنا ممڪن ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن تہ انهن حقيقتن جي تسلي جوڳي حل کانسواءِ انسان انسان جي حيثيت ۾، اخلاق جي دنيا ۾ هڪ وک بہ صحيح نٿو کڻي سگهي ۽ ڪوبہ اخلاقي نظام، ڪنهن بہ حالت ۾، انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ کانسواءِ هڪ پلڪ لاءِ بہ قائم نٿو رهي سگهي. جيڪڏهن ڪائنات جي خالق، انساني روح جي دائميت ۽ انساني عملن جي جوابداري يا ذميواري جو انڪار ڪيو وڃي تہ اخلاقي فلسفو نج مفاد پرستي ۽ عيش پرستي جي بنياد تي اڏجي ويندو، جنهن جو لازمي نتيجو نااميدي، بي حاصليت، بي مقصديت وارن لاڙن جي پيدا ٿيڻ ۽ انهن سمورن اوچن گڻ تي ويساهه ڪچي وڃڻ جي صورت ۾ نڪرندو، جن جو حاصل ڪرڻ انسان جي تڪميل لاءِ بيحد ضروري آهي.

انهن ٻنهي مذهبن جي مقدس بانين جي باري ۾ حتمي راءِ قائم ڪرڻ لاءِ، انهن سماجي حالتن جو جائزو وٺڻو پوندو، جن ۾ اهي مذهب پيدا ٿيا ۽ وڌيا ويجهيا هئا. انهن مذهبن جي ظاهر ٿيڻ جو زمانو ڇهين صدي ق.م آهي. ان وقت هڪ پاسي هندو معاشري ۾ ورن آشرم يعني ذات پات جا اثر تمام ئي زور پڪڙي ويا هئا. هر پاسي برهمڻن جي ٻڌايل پوڄا جو چرچو ۽ ديوتائن کي خوش ڪرڻ لاءِ خوني قربانين جو زور هو. عوام مورتن جي پوڄا ۾ بيئن دردناڪ وهن ۾ ڦاٿل هو. حضرت ڪرشن ۽ شري رام چندر جي تعليم کي لڳ ڀڳ هڪ هزار سالن جو

عرصو گذري چڪو هو. جنهن ڪري اهو بہ بگڙجي چڪو هو.

ٻئي پاسي مناظري باز سوفسطائي ٽولن جا فرد. جن جو اڳواڻ چارواڪ هو، فساد مچائي رهيا هئا. چارواڪ پنهنجي تقريرن سان ڪارن کي اڇو ۽ اڇن کي ڪارو ثابت ڪري ڇڏيندو هو. ان جو مطلب هي هو تہ اخلاقي قدر پنهنجو ڪو بنياد نہ پيا رکن. حرام ۽ حلال، جائز ۽ ناجائز ۽ سهڻي ۽ ڪوجهي جو معيار رڳو فرد جي پنهنجي مرضي ۽ پسند تي آڌاريل هو. اهڙي طرح موقعي پرست ۽ خوشامدي قوتن کي فردن کي لُٽڻ جا گهڻائي موقعو ملي ويندا آهن.

انهيءَ ذهني ۽ اخلاقي بگاڙ سان گڏ چار واڪ جو ماديت پسند فلسفو اڀري رهيو هو. جنهن جي نظر ۾ ڪنهن اوچي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ دنياوي لذتن کان پاسيرو ٿيڻ وارو عمل هڪ بيوقوفي کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هو. جيڪو ڪجهہ آهي هن دنيا ۾ ئي آهي، تنهن ڪري انهيءَ نانگ وانگر وٽ ڪائيندڙ فرقي جي ڪري معاشري ۾ گوشت خوري، شراب نوشي، زنا ڪاري ۽ نفساني لذتن کي حاصل ڪرڻ جو جنون پيدا ٿي رهيو هو. انهيءَ غير انساني ماحول ۾، انهن پاڪ بزرگن پنهنجي دعوت جي شروعات ڪئي.

انهن ضابطي هدايت سان ماڻهن کي متعارف ڪرايو. تنهن ۾ خوني قربانين، مورتين جي پوڄا، ذات پات جي ورڇ، ڏيکاءَ وارين رسمن ۽ عبادتن جي ادائگي کي ختم ڪيو ويو هو. شودر ۽ عورت کي بہ ڌرم ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ملي وئي هئي، ڇو جو اهي بہ انسان هئا ۽ سڀ انسان برابر آهن. علم ۽ عقل تي ڪنهن بہ برهمڻ يا ٻئي ڪنهن ٽولي جي ٺيڪيداري جو انڪار ڪيو ويو هو. علم جا دروازا سڀني لاءِ کوليا ويا. هر شخص جو اهو حق مڃيو ويو تہ هو پنهنجي عقل سان سوچي سمجهي ۽ تناسخ جي چڪر مان نڪرڻ جو رستو ڳولي تہ جيئن ڪيس روحاني سڪون ۽ ڪامل واندڪائي (نرواڻ) ملي سگهي.

انهيءَ هدايت واري ضابطي ۾ علمي بحثن ۽ طبيعيات کان مٿانهن حجتن بدران، نيڪ عملي تي زور ڏنو ويو هو. انهن بزرگن حق پرستي ۽ محبت کي ئي دين ٻڌايو. انهيءَ کي پنهنجائڻ ئي انساني ڇوٽڪاري جو سبب ٻڌايو. انهن جي نظر ۾ دين يا ڌرم ازلي ۽ ابدي قانون آهي، جنهن سان سموري ڪائنات هلي رهي آهي. اهو ئي شهنشاهہ آهي. اهو ئي عالمگير عدل آهي. اهو ئي روح القدس، حق جو ڪلمو ۽ مطلق خير آهي.

حضرت ٻڌ جو اهو پنهنجو ذاتي تجربو هو . نہ ڪي چار واڪ جي

لذت پرستي واري فلسفي ۽ عيش آرام واري زندگي اختيار ڪرڻ سان روحاني سڪون حاصل ڪرڻ يا وري زاهدن جي سخت رياضتن ۽ نفس مارڻ سان ڇوٽڪاري جي واٽ ڳولڻ. ان جي نظر ۾ حقيقي شريعت ۽ هدايت جو رستو وچٽري واٽ ۽ عدل جو رستو هو. انهيءَ وچٽري واٽ تي هلڻ جي ئي سمورن نبين سڳورن تلقين ڪئي آهي. مهاتما ٻڌ فرمايو ته ڪا به ڳالهه ان لاءِ سچ نه آهي ته اها ٻڌ چئي آهي، پر انهيءَ لاءِ جو اها عقلي طور تي انسان جي لاءِ فائديمند ۽ صحتمند آهي.

انهيءَ دين يا ڌرم ۾ وچٽري واٽ تي عمل ڪرڻ لاءِ اَٺَ اصول مقرر ڪيا ويا ۽ ڀڪشوئن جي هڪ جماعت جوڙي وئي، جيڪا روزي ڪمائڻ جي فڪر کان آزاد ٿي، علم ۽ نيڪي کي عوام ۾ عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. پر افسوس جو دنيا جي تاريخ ۾ جهڙي طرح هر نيڪ ۽ فائديمند تعليم ۽ صحيح رستي کي مٿئين ۽ استحصال پسند طبقن ۽ مذهبي پيشوائن پنهنجي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ بگاڙي ڇڏيو. اهڙي طرح ٻڌ مت ۽ جين مت کي به بگاڙي ڇڏيو.

جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح آهي ته انهن ٻنهي مذهن ۾ خدا، انساني روح ۽ جي سڻن ۽ برن نتيجن ۽ آخرت واري زندگي ۾ انهن نتيجن مان ڇڱي ۽ خراب زندگي جي اڏاوت جو مطلب موجود نه آهي ته انهيءَ ذڪر ڪيل اعليٰ تعليم جو مقصد ڇا آهي؟ سر آرنلڊ ”لائٽ آف ايشيا“ جي پيش لفظ ۾ لکيو آهي:

> And also of a firm couistion that a third of mankind would never have been brought in bland abstractions of in nothingness as to believe issue and crown of being. (Light of Asia p.ix)
>
> ”ان ڪانسواءِ منهنجو هي پڪو ويساهه آهي ته جيڪڏهن ”نرواڻ“ سان گوتم ٻڌ جو مطلب رڳو خيالي تصور يا مڪمل عدم وجود ۽ عدميت وجود ئي سڀ کان اهم مسئلو هجي ها ته، دنيا جو هڪ ٽهائي ياڱواڄ بلڪل ئي ان (ٻڌ مت) جو قائل نه هجي ها“.

ڳالهه رڳو ايتري هئي ته برهمڻن ۽ استحصالي طبقن پنهنجي مفادن لاءِ خدا ۽ مذهن جي نالي کي تمام ئي غلط طريقي تي استعمال ڪيو هو. انهيءَ ڪري انهن مقدس بزرگن مهاوير ۽ گوتم ٻڌ خدا جي وجود جي تشريحن، ان جي نالي کي وري وري پڙهندو رهڻ، ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جون

قربانيون ڏيڻ ۽ سندس ديدار لاءِ معاشرتي ذميوارين کان منهن موڙي اڪيلو ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي رهڻ کان روڪيو هو ۽ معاشرتي ذميوارين کي محبت، ديانت ۽ انصاف سان پورو ڪرڻ تي ئي زور ڏنو هو. اصل ۾ طبيعيات کان مٿانهن مسئلن تي انهن جي خاموشي کي انهن جي پيروڪارن ۽ بين انهن مسئلن کان انڪار سمجهي ورتو.

اسان جي دؤر ۾ انساني خودي (Ego) جي سڀ کان وڏي پارکو علامه اقبال چيو آهي ته "منکر او اگر شدی منکر خویشتن مشو" (جيڪڏهن تون خدا جو انڪاري هجين ها ته تون پنهنجو انڪاري نه هجين ها) ان جو سبب هي آهي ته: "تلاش او کنی جز خود نه یابی۔۔۔ تلاش خود کنی جز او نه یابی" يعني جيڪڏهن تون خدا جي ڳولا ڪرين ٿو ته تون پنهنجي ذات کانسواءِ ٻيو ڪجهه به لهندين.... جيڪڏهن پنهنجي ذات جي حقيقت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندين ته توکي خدا کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ملندو.

تنهن ڪري اهڙو وقت قومن مٿان اچي ويندو آهي جڏهن انسان بدران خدا جي هستي تي زور ڏنو ويندو آهي ۽ ڪڏهن انسان جي پنهنجي ذات تي ڌيان ڏيڻ جي سخت ضرورت جو احساس ڏياريو ويندو آهي.

## مهاتما ٻڌ بابت مولانا ابو الڪلام آزاد جي راءِ

جيئن ته مهاتما کان اڳ هندستان تي جيڪو مذهب ڇانيل هو ان جو نقشو ڊاڪٽر راڌا ڪرشن "انڊين فلاسافي" ڪتاب ۾ هن طرح لکيو آهي:

"ڏيتي ليتي جو هڪ سودو هو جيڪو خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ٿيو هو. جڏهن ته هڪ پاسي اپاني شد جو برهما هو جيڪو ذات الهي جو هڪ اوچو ۽ سهڻو تصور پيش ڪري پيو. ٻئي پاسي اڻ ڳڻين خدائن جو هجوم هو جن لاءِ ڪابه حد مقرر نه ٿي ڪري سگهجي. آسمان جا ستارا، مادي جا عنصر، زمين جا وڻ، ٻيلن جا جانور، جبلن جون چوٽيون، دريائن جون لهرون، مطلب ته ڪائنات ۾ موجود ڪا اهڙي شيءِ نه هئي، جيڪا خدائي حڪومت ۾ شامل نه ڪئي وئي هجي. جڻ ته هڪ بي لغام ۽ ٻاڻ مرادو ڦتندڙ خيال کي هڪ سند ملي وئي هجي ته دنيا جي جيترن به شين کي خدائي تخت تي ويهاري سگهي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ويهاريندو رهي. پوءِ جيڪڏهن خدائن جا اڻ ڳڻيا ميڙ به انهيءَ خداسازي واري ذوق لاءِ پورا نه پون ته پوءِ ڀانت ڀانت جي گندگين ۽

عجيب شڪل جسمن جي خيالي صورتن جو بہ انهن ۾ واڌارو ٿيندو رهيو. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ اوپاني شدن فڪر ۽ نظر جي دنيا ۾ انهن خدائن جي سلطاني، بي ترتيب ڪري ڇڏي هئي، پر عمل جي زندگي ۾ انهن کي ڇيڙيو ئي نہ ويو هو. اهي جيئن جو تيئن خدائي تختن تي ويٺا رهيا.

(انڊين فلاسافي، ڇاپو ٻيو، ص452)

جيڪڏهن انهن سان گڏ گيتا، البيروني، ابوالفضل، داراشڪوه ۽ سر وليم جونز جي راءِ کي مڃيو وڃي تہ هندو مذهب جو هڪ پاسو، جيڪو توحيدي تصور، اجا بہ غير صفاتي تصور وارو هو، رڳو خاص ماڻهن لاءِ هو. ڇو جو اهي ئي انهيءَ درجي لائق هئا. ٻيو پاسو عوام لاءِ هو. اهو بت پرستي بابت هو، ڇو جو انهن جي ٻاراڻن ذهنن جي لاءِ اها ئي واٽ مناسب هئي. پوءِ جيئن تہ خاص ماڻهو بہ عوام کان جدا رهي نٿا سگهن، اهڙي طرح هندو زندگي جي ٻاهرين بناوت، بنا ڪنهن فرق جي شرڪ ۽ بت پرستي ئي رهندي آئي.

گوتم ٻڌ جي وفات کي اجا گهڻو وقت ئي نہ گذريو هو جو ٻڌ مذهب جي پيروڪارن جي گهٽائي، سندس شخصيت کي عام انساني سطح کان مٿانهون ڏسڻ شروع ڪيو هو ۽ سندس آثارن ۽ برڪتن جي پوڄا ڏانهن لاڙو وڌڻ لڳو هو. سندس وفات جي ڪجهہ عرصي کان پوءِ جڏهن ٻڌ مذهب جي پهرين تمام ئي وڏي مجلس راج گيري ۾ ٿي ۽ سندس خاص شاگرد آنند سندس آخري وصيتون بيان ڪيون تہ، بيان ڪيو وڃي ٿو تہ ماڻهو ان جي روايت تي مطمئن نہ ٿيا ۽ ان جا مخالف ٿي پيا. ڇو جو ان جي روايتن ۾ ڪين انسانيت کان مٿي ڪا عظمت نظر نہ آئي، جنهن کي انهن جون طبيعتون ڳولي رهيون هيون.

لڳ ڀڳ سئو سالن کان پوءِ جڏهن ٻئي مجلس ويسالي (موجوده مظفر پور) ۾ ٿي تہ ان وقت مذهب جي بنيادي سادگي ختم ٿي چڪي هئي ۽ ان جي جاءِ نون نون خيالن ۽ گڏيل عقيدن اچي والاري هئي. هاڻي عيسائي مذهب اقانيم ثلاثہ (تثليث) وانگر، جيڪو پنج سئو سالن کان پوءِ ظاهر ٿيڻو هو هڪ ٻڌ اقانيم جو عقيدو، ٻڌ جي شخصيت چوڌاري هڪ پڙَ وانگر چمڪڻ لڳو ۽ عام انساني سطح کان سندس شخصيت کي مٿانهون مڃيو ويو. يعني ٻڌ جي شخصيت جي اندر ٽي شخصيتون ظاهر ٿي پيون: (1) ان جي تعليم جي شخصيت، (2) ان جي دنياوي وجود جي شخصيت ۽ (3) ان جي حقيقي وجود جي شخصيت جيڪا لوڪ (بهشت) ۾ رهي ٿي؛ دنيا ۾ جڏهن بہ ٻڌ ظاهر ٿيندو

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ ان جي حقيقي وجود جي هڪ جهلڪ هوندي آهي. نرواڻ يا ڇوٽڪارو ماڻڻ جو مطلب هي ٿيو تہ ماڻهو حقيقي ٻڌ جي انهيءَ رهڻ واري جهان ڪان مٿي پهچي وڃي.

پهرين صدي عيسوي ۾ راجا ڪوشان جي زماني ۾، جڏهن چوٿين مجلس شاور (موجوده پشاور) ۾ ٿي، تہ هاڻي بنيادي مذهب جي جاءِ تي هڪ قسم جو ڪليسائي مذهب قائم ٿي ويو هو. ٻڌ ڪهشت مارگ (اٺن رستن) جو عملي روح، پانت پانت جي رسمن پرستين ۽ وهمن ۾ گم ٿي ويو هو.

آخرڪار ٻڌ جا پيروڪار ٻن وڏن فرقن”هينيان“ ۽ ”مهايان“ ۾ ورهائجي ويا. هينيان فرقو ٻڌ جي شخصيت ۾ هڪ اڳواڻ ۽ معلم جي انساني شخصيت ڏسڻ گهري پيو. جڏهن تہ مهايان فرقي ڪيس مڪمل طور تي انسانيت جي رباني سطح تي ممڪن ٻڻائي ڇڏيو هو ۽ ٻڌ مذهب جي پيروڪارن جي عام واٽ انهيءَ مهايان فرقي جي عقيدن واري ئي ٿي وئي. ٻئي پاسي هينيان فرقو خدا ۽ ڪائنات جي شين بابت يقين سان ڪجهہ نہ چئي سگهڻ واري نظريي (Agnosticsim) ڪان مهايان جي انڪار تائين پهچي ويو ۽ انهيءَ وڏيل انڪار، مطلق انڪار جي شڪل اختيار ڪري ورتي.

ان ڪانسواءِ هيءَ حقيقت بہ وسارڻ نہ گهرجي تہ ٻڌ جي ظاهر ٿيڻ وقت بت پرستي جون خرابيون پنهنجون پاڙون ڪپائي چڪيون هيون. بت پرستي پاڻ ئي حقيقت واري واٽ تي پهچڻ ۾ وڏي رڪاوٽ ٻڻجي چڪي هئي. مهاتما ٻڌ انهيءَ رڪاوٽ کي رستي مان ختم ڪرڻ گهريو ۽ سمورو ڌيان زندگيءَ جي عملي ڪاميابي جي مسئلي تي ڏريو. انهيءَ صورتحال جو لازمي نتيجو اهو ٿيو تہ برهمڻن جي خدا پرستي واري عقيدي ڪان انڪار ڪيو وڃي ۽ ان ڳالهہ تي زور ڏنو وڃي تہ ڇوٽڪاري جي واٽ انهن معبودن جي پوڄا ۾ نہ، پر حق جي علم ۽ حق تي عمل ڪرڻ ۾ آهي، يعني اشٽانگ مارگ (هشت مارگ) ۾ آهي، جن جو مقصد علم ۽ عمل جي پاڪائي حاصل ڪرڻ آهي. علم حق پاجهہ، قرباني، هوس ڪان آزادي ۽ پنهنجي ذات پرستي کي ختم ڪرڻ آهي. تنهن هوندي بہ هن خدا، روح، عملن جي اثرن وغيره جي باري ۾ چپ اختيار ڪئي هئي، سا اصل ۾ ذات جي انڪار بابت نہ هئي، پر صفتن بابت هئي. جڏهن تہ صفتن جو انڪار هڪ اهڙي جاءِ آهي، جتي انساني فڪر ۽ زبان جون سموريون تعبيرون معطل ٿي وڃن ٿيون ۽ چپ رهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو نٿو رهي.

قرآن ڪريم ۾ ذوالڪفل جي باري ۾ علامہ الوسي، روح المعاني ۾

لکيو آهي تہ اهو ڪپل دستور جو عربي بگاڙ آهي، جنهن جو مطلب مهاتما ٻڌ آهي. ڊاڪٽر محمد حميد الله پيرس واري، جامعہ اسلاميہ بهاولپور ۾ پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ ٻڌايو آهي تہ سندس استاد مناظر احسن گيلاني ڪي هڪ معتبر ٻڌ عالم ٻڌايو آهي تہ مهاتما ٻڌ کي جيڪو گيان (خدائي تجلي) حاصل ٿي هئي، ان وقت ٿي جڏهن پاڻ هڪ پراڻي انجير جي وڻ هيٺان ويٺو هو. عام طور تي انهيءَ کي ٻڙ جو وڻ ٻڌايو ويو آهي. ڪپل دستور ۽ ان جي ماٿري ۽ ان جي اوسي پاسي ۾، جنهن جون حدون صوبي بهار سان ملن ٿيون، انجير جا وڻ جهجهي تعداد ۾ موجود آهن. تنهن ڪري ڊاڪٽر صاحب جو خيال آهي تہ سورت والتين ۾ تين جو جيڪو لفظ استعمال ٿيو آهي، سو اهو ئي وڻ آهي جنهن جي هيٺان مهاتما کي پنهنجي مراقبي دوران خدائي تجلي محسوس ٿي هئي. انهيءَ ڪري والتين جو مطلب مهاتما ٻڌ آهي، جڏهن تہ زيتون جو مطلب حضرت عيسيٰ عليہ السلام آهن جن زيتون جي جبل تي پنهنجو مشهور خطبو ڏنو هو. آيت جو ترجمو هيٺئن ٿيو تہ مهاتما ٻڌ، حضرت عيسيٰ عليہ السلام، حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ محمد عربي صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جون شخصيتون، انهن جو فڪر ۽ ڪردار ان ڳالهہ جو شاهد آهي تہ انسان پنهنجي فطرت ۾ تمام ئي سهڻي بڻاوت آهي. اهو معاشرو (معاشري جي مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي وڃڻ سبب پيدا ٿيندڙ بداخلاقين جي ڪري) اسفل سافلين (تمام ئي هيٺائين) ۾ وڃي ڪريو آهي.

خدا ۽ انسان خود پنهنجي اڻ کٽ امڪانن ۽ تخليقي صلاحيتن جي ڪري هڪ ئي حقيقت جا ٻہ پاسا آهن.

ايران جي زرتشت پيروڪار سائرس (ذوالقرنين) وانگر مهاتما ٻڌ جي پيروڪار اشوڪ اعظم بہ محبت، ڀائپي، برابري، امن ۽ نيڪي سان سينگاريل رياست قائم ڪئي، جنهن سان هندستان جي تاريخ جا پنا اڄ بہ چمڪي رهيا آهن.

## حضرت رام چندر

پاڻ حضرت ڪرشن کان ڪيترين ئي صديون پوءِ، اجوڌيا جي راجا دسرٿ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ عوام دوستي، محبت، امن ۽ انساني برابري جو وڏو حامي هئڻ سبب، جانشين بنجڻ واري رسم وقت درٻارين جي سازشن جو نشانو بڻيو ۽ چوڏهن سالن تائين جلاوطن ڪيو ويو. انهيءَ سازش ۾ سندس

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڳي ماڻ ڪيڪئي کي استعمال ڪيو ويو پر ڪيڪئي جي سڳي پٽ ڀرت، تاج تخت تي پاڻ ويهڻ بدران حضرت رام چندر کي ويهاريو. چوڏهن سالن کان پوءِ پاڻ جڏهن واپس آيو تہ انسان دوستي، امن، انصاف ۽ برابري جي اعليٰ اخلاقي قدرن تي پنهنجي حڪومت جو بنياد رکيو. ايستائين جو رام راڄ جو اصطلاح انهن ئي قدرن واري حڪومت جي لاءِ هڪ پهاڪو بڻجي ويو. خليفي عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ”اسلام کا نظریۂ حیات“ ۾ رام راڄ حڪومت جو مطلب خدائي (مرضي واري) حڪومت سڏيو آهي.

سندس الهامي ڪتاب ”رامائڻ“ اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ هدايت ۽ نصيحت سان ڀريل آهي. افسوس آهي جو پاڪستان ۾ ان جو ڪوبہ نسخو نہ ملي سگهيو، جنهن مان سندس عظيم تعليم جي واقفيت لاءِ ڪي اقتباس ڏنا وڃن ها. دنيا جي ٻين مذهبن وانگر سندس مذهب ۾ بہ ڦير ڦار جي ذريعي اجايا ۽ غلط فڪر ملائي ڇڏيا ويا آهن.

## حضرت مهاوير

پاڻ مڏ ديش (صوبي بهار) جي هڪ کشتري راجا جو پٽ هو. سندس نالو ورڌن مهاوير هو. سندس تعليم جو مقصد هي هو تہ نيڪيءَ پرهيزگاري کي پنهنجائڻ، حرص ۽ نفساني خواهشن کان آزادي، دنيا ۽ ان جي نفساني لذتن سان دل نہ لڳائڻ، گناهن جي خيال ڪرڻ کان بہ بچندو رهڻ، ڪنهن جاندار کي تڪليف نہ پهچائڻ ۽ خيرات، سخاوت ۽ اڻ کٽ ٻاجهہ سان دنياوي ۽ آخرت واري زندگي ۾ ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو آهي. ٻين لفظن ۾ ان جو مقصد پنتي پيل معاشري جي هيٺئين طبقي جي عوام جي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي حالت کي سڌارڻ، انهن کي علم، خوشحالي، فڪر ۽ راءِ جي آزادي جا حق ڏيارڻ جا امڪان پيدا ڪرڻ هو. اهو ئي اهو فرض هو، جنهن کي حڪمت ۽ نبوت ئي پورو ڪندي آهي.

اصل ۾ مذهبن جا اهي مقدس باني، جيڪي آريائي ۽ زرد نسلن سان تعلق رکن ٿا، تن کي جيڪڏهن نبي نہ بہ مڃيو وڃي، تہ بہ قرآن ڪريم اهڙن جي تعليم جو مثال پيش ڪري ٿو، جن مان حضرت لقمان جو مثال پڻ ڏنو آهي. مفسرن جو وڏو تعداد انهن کي نبي يا پيغمبر نہ مڃيو آهي، پر الله تعاليٰ ان جي تعليم کي قرآن ۾ بيان ڪري ڇڏيو. اهو هڪ مثال آهي، جنهن سان اسان

حضرت لقمان جهڙي تعليم رکندڙ کي پنهنجائي سگهون ٿا. اڄ حضرت ڪرشن، حضرت رام چندر، مهاتما ٻڌ، زرتشت، سقراط، ڪنفيوشس جهڙين شخصيتن جي مڃڻ وارا ڪروڙن جي تعداد ۾ آهن. تنهن ڪري انساني ٻڌي جي لاءِ لازمي آهي تہ انهن جي تعليم کي پنهنجايو وڃي ۽ قرآن ڪريم سان ڀيٽيو وڃي. جيستائين معتبر عالمن جي راءِ آهي، تہ اهي سمورا بزرگ نبي هئا، جيڪي پنهنجي پنهنجي امتن جي سڌاري لاءِ موڪليا ويا هئا. انهن جي تعليم اڄ بہ دينا ۾ موجود آهي. رڳو قرآن جي حڪم موجب حڪمت ۽ سهڻي نصيحت جي جذبي سان مطالعي جي ضرورت آهي. اها هڪ حقيقت آهي تہ پاڪ ڪتابن جو هڪ ئي وقت گڏيل مطالعو ڪيو ئي نہ ويو آهي، جنهن ڪري مذهبي پيشوائيت ۾ فرق پيدا ڪرڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي. اڄ جيڪڏهن دنيا عالمي ڳوٺ بڻجي رهي آهي تہ ان قسم جي مطالعي جي بہ سخت ضرورت پيش اچي رهي آهي تہ جيئن دينن جي هيڪڙائي کي هڪ حقيقت بڻائي سگهجي، جيڪو انساني اتحاد ۽ ٻڌي جي لاءِ بنيادي شرط آهي.

## حضرت زرتشت

حضرت زرتشت ايران جي صوبي آذربائيجان جي وسندي اروميہ ۾ ڏيڍ هزار سال ق.م ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش سپي تا آما خاندان ۾ ٿي. ان وقت آريا خاندان ايران ۽ هندستان ۾ پکڙيل هو ۽ فطرت جي مظهرن جي پوڄا ڪندو هو. سندس ابا ڏاڏا آڳاٽي مجوسي مذهب سان تعلق رکندا هئا. سندس والد نبو مندر جو وڏو پوڄاري هو.

پاڻ خدائي توحيد ۽ مرڻ کان پوءِ واري زندگي جي عقيدي جي پرچار ڪيائون ۽ پنتي پيل غريب عوام کي پڪ ڏياريائون تہ آخر ڪار آهور امزد اهرمن تي سوڀارو ٿيندو. سندس تعليم جي مخالفت مجوس جي مذهبي پيشوائن، اميرن ۽ حڪمران طبقي شروع ڪري ڏني ۽ کيس ايذائڻ شروع ڪيو. سالن جا سال پرچار کان پوءِ جڏهن ماڻهن مان بد روحن جي پوڄا، ڦر مار، ويڙهہ جهيڙي ۽ ٻين بد اخلاقين کي نہ ڇڏيو تہ پاڻ مايوس ٿي ڪري چيائون:

”مان ڪهڙي ملڪ هليو وڃان، ڪنهن پاسي وڃان. منهنجي مٽن مائٽن ۽ سردارن منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ بہ پسند نہ ڪئي نہ ئي ماڻهون مون ڏانهن ڌيان ڏين ٿا ۽ نہ ئي ظالم حڪمران اهڙي حالت ۾ آهن. اي اهور امزدا مان

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي رضا کي ڪيئن پورو ڪريان!؟" (يسنا 42: 1_2)
زرتشت خدا کان پڇيو:
"اي اهور امزدا تنهنجي خدائي ڇا آهي؟ تنهنجي رضا ڇا آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ سان تنهنجو قرب ملي ٿو؟ جواب مليو ته تون منهنجي رضا غريبن ۽ پاڪ باز انسانن جي مدد ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهين ٿو." (گاٿا انهود يناي 24_5)
"مان ظالم، ٺڳ ۽ مطلبي ماڻهن جي ڏنل لالچن کي به نه قبوليندس". (آبان يشت)

پاڻ مذهبي پيشوائن کي ڳالهائيندي چون ٿا:

اي شيطانؤ! توهان پليت عقل جي فطرت مان ناهيا ويا آهيو. جيڪو به توهان جي فرمانبرداري ڪري ٿو سو ظلم ۽ جهالت جي پوڄا ڪري ٿو". (گاٿا 3:33)

پاڻ چيائين:

"اهو ماڻهو جيڪو خدائي آيتن جو انڪار ڪري ٿو، جيڪو هي چوي ٿو ته آسمان ۽ زمين کي ڀنهي اکين سان نه ڏسڻ گهرجي، هي اهو ماڻهو آهي، جيڪو شرارتي ماڻهن کي تحفا ڏئي ٿو

.... اهڙي قسم جا ماڻهو زندگيءَ جي نظام کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيندا آهن. اِهي اُهي ئي آهن جيڪي مال ۽ دولت کي گڏ ڪندڙ مردن ۽ عورتن کي عزت ڀريو سمجهندا آهن. اهي ماڻهو اسان جي راهه ۾ رڪاوٽ آهن ۽ نيڪ ماڻهن جي دلين کي چڱائيءَ کان ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن". (گاٿا 11:33)

پاڻ تاڪيد ڪيائون ته:

گمراهيءَ کي جتي به ڏسو هر هٿيار سان ان جو مقابلو ڪريو. (گاٿا 18:31)

سندن تعليم سٺي ڳالهائڻ، سٺي خيال ۽ سٺي ڪردار جي اصولن تي آڌاريل آهي. مزدڪ ۽ دار يوش اول يعني سائرس جنهن کي قرآن ذوالقرنين سڏيو آهي، تنهن دين جا پاڻ مجدد هئا.

چوٿون ڀاڱو

## يونان ۾ الله تعاليٰ طرفان موڪليل سقراط

ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم پنهنجي ڪتاب ”اسلام ڪا نظريہ حيات“ ۾ چيو آهي تہ مختلف تهذيبن پنهنجي مثالي انسان لاءِ مختلف لفظ استعمال ڪيا آهن. هندو انهن کي اوتار يا رشي سڏي ٿو رواقين انهن کي حڪيمن جو نالو ڏين ٿا، اسرائيلي انهن کي نبين جو لقب ڏين ٿا ۽ يونان وارا خاص ڪري سقراط ۽ افلاطون کي فلاسافر طور سڃاڻن ٿا.

تنهن ڪري اقتباس موجب سقراط جي باري ۾ ٻن ڳالهين جي نشاندهي ضروري آهي. پهرين هيءَ تہ سقراط بہ ايران جي زرتشت ۽ هندستان جي شري ڪرشن، رام چندر، مهاوير ۽ ٻڌ وانگر هڪ ديني اڳواڻ ۽ الله تعاليٰ طرفان مقرر ڪيل هو. افلاطون جو ڪتاب ”اپالوجي فيدو“ ۽ ”سمپوزيم“ مان ان جي خدائي الهام ڪيل هئڻ جو ثبوت ملي ٿو. جناب بي اي ڊار پنهنجي ڪتاب ”قديم حڪما ڪا فلسفہ اخلاق“ ۽ منصور الحميد سقراط تي پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ موضوع تي تفصيل سان روشني وڌي آهي.

سقراط جو ذهني سفر بہ حضرت ابراهيمؑ وانگر آفاق کان انفس (ڪائنات جي نظارن کان پنهنجي ذات) ڏانهن موٽي ٿو. ڇو جو يونان جي طبيعياتي فلاسافي جي مادي نظرين ۽ سوفسطائين جي اخلاقي اضافيت اخلاقي قدرن کي کوکلو ڪري ڇڏيو هو. خدا، روح ۽ ان جي بقا، مرڻ کان پوءِ واري زندگي ۽ اخلاقي زندگي جي حقيقت ۽ اهميت آلين کان اوجهل ٿي وئي هئي.

اهو يوناني معاشرو، جنهن ڏانهن سقراط کي موڪليو ويو هو، ان جي بناوت ۾ امير، وچولو طبقو ۽ غلام شامل هئا. ثقافت، تهذيب ۽ علم تي مٿانهين طبقي جي دڪانداري هئي، غلامن جي محنت انهيءَ مٿانهين طبقي کي ادب، فن ۽ علم ۽ تهذيب ۾ حصو ڳنڍڻ لاءِ واندڪائي مهيا ڪندي هئي. انهيءَ معاشري ۾ ڪي ماڻهوماديت ڏانهن لاڙو رکندڙ هئا، ڪي مشرڪاڻن عقيدن ۽ رسمن ۾ ڦاٿل هئا. اهي ماڻهو پنهنجي بداخلاقي لاءِ، ديوتائن جي غير اخلاقي زندگيءَ مان جواز حاصل ڪندا هئا. ڪي اهڙا هئا جن اخلاقي قدرن جي اضافيت سان روحاني زندگي کي برباد ڪري ڇڏيو هو. انهن سمورن عقلي ۽ ذهني ڪڌن ڌنڌن سان گڏوگڏ ايٿنز جي سياسي زندگي بہ تمام ئي زوال جو شڪار ٿي وئي هئي. اهڙي ماحول ۾ الله تعاليٰ جي طرفان سقراط کي انهيءَ

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوناني معاشري جي نئين سر اڏاوت جو ڪم حوالي ڪيو ويو. ان خدمت جي لاءِ سقراط بہ نبين سڳورن وانگر ڪا پڳهار ڪونہ گهرندو هو. اهڙيءَ طرح اپالوچي ۾ لکيل آهي:

"ياد رکو تہ هي خدا آهي جنهن مون کي توهان جي شهر ۾ موڪليو آهي. جيڪڏهن توهان اهو سمجهو ٿا تہ اها ذميواري مون پاڻ پنهنجي سر تي کنئي آهي تہ توهان چڱي طرح سان سمجهي سگهو ٿا تہ ڪوبہ ماڻهو رڳو پنهنجي ذاتي لاڙي جي بنياد تي اهڙي وک وڌائي نٿو سگهي، جنهن سان سندس مفادن کي نقصان پهچندو هجي. مثال طور مون جڏهن کان پنهنجا فرض نڀائڻ جو ڪم شروع ڪيو آهي، ان وقت کان وٺي اج تائين منهنجا سمورا معاملا بگڙي ويا آهن. مون پنهنجي سمورن ذاتي ڪمن کان بي پرواهہ ٿي ڪري، پنهنجو سمورو وقت توهان کي هدايت واري واٽ ڏانهن اچڻ لاءِ ترغيب ڏيڻ تي کپائي ڇڏيو آهي. مون اها ذميواري هڪ وڏي ڀاءُ يا پيءُ جي حيثيت سان پوري ڪئي آهي. ڇا مون کي انهيءَ ڪم مان ڪو فائدو مليو آهي؟ ڇا مان انهيءَ پرچار جي لاءِ توهان کان ڪا پڳهار گهران ٿو؟."

(ص 31، بحوالہ قديم حکماء کا فلسفہ اخلاق)

هئي ڳالهہ جنهن تي روشني وجهڻ ضروري آهي، سا هي تہ سقراط پنهنجي تبليغ جي خاص طريقي ڪار ۽ خاص سوالن وسيلي پنهنجي سامهون، مقابلي ۾ آيل جي ذهن کي بحث مباحثي جي مرڪزي موضوع ڏانهن آڻيندو هو. اها ڳالهہ ٻولهہ زندگي جي سمورن اجتماعي ۽ انفرادي پاسن تي آڌاريل هوندي هئي جنهن ۾ سياست، سائنس، جنگ، واپار، مذهب ۽ خاص ڪري اخلاقيات تي بحث ڪيو ويندو هو. سقراط جي چوگرد نوجوان عورتن ۽ مردن جو ميلو مچي ويندو هو. جيڪي سندس ڳالهہ ٻولهہ کي وڏي ڌيان سان ٻڌندا هئا. سقراط پنهنجي تبليغ جي خاص طريقيڪار سان علم جي دعويٰ ڪندڙ شهر جي علمي ڪوٽ کي واڪو ڪري، ڪيترن ئي حاڪمن، سردارن ۽ اثر رسوخ وارن ماڻهن کي پنهنجو دشمن ڪري ڇڏيو هو. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو انهيءَ استحصال پسند طبقي جي غلام بنائيندڙ رڪنن واري جمهوريت، سندس مٿان الزام لڳائي زهر پيئڻ جي سزا ڏئي مارائي ڇڏيو. سندس مٿان الزام هي هئا:

(1) هو قومي ديوتائن کي نٿو مڃي.

(2) هو پنهنجي هڪ ڌارئي خدا جو تصور پيش ڪري ٿو.
(3) هو نوجوانن کي گمراهه ڪري ٿو.

انهيءَ مٿانهين طبقي جي ناراضپي ۾ سقراط جي سخت مخالفت جو هڪ وڏو سبب هي به هو ته هو ڳالهه ٻولهه دوران عام زندگيءَ جو مثال ڏيندو هو ۽ ڏڪٽن، موچين ۽ قاصائين سان پيٽ ڏيندي به نه مڙندو هو. هڪ مخالف تنگ ٿي کيس طعنو ڏنو هئي ته اوچن عقلي بحثن ۾ به توکي لوهرن ۽ موچين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نٿو پيو سجهي. سقراط پنهنجي خاص طنزيرئي انداز سان جواب ڏئي ٿو ته ادا مون کي ته توتي ريس ٿي ٿئي جو زندگيءَ جي ننڍڙن معاملن مان واقف ٿيڻ کان اڳ ئي تون زندگيءَ جي اوچن ڳالهين کان واقف ٿي ويو آهين. مان ته اجا تائين زندگيءَ جي ننڍڙن حقيقتن کي جاچي رهيو آهيان.
(داستان دانش، ص 75، از خليفو عبدالحڪيم)

انهيءَ عبارت مان، سقراط جي هيٺين طبقن جي زندگيءَ بابت اونهي مطالعي ۽ تمام گهڻي دلچسپي جو اظهار ٿئي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو انهيءَ طبقي جا نوجوان سندس پيروڪار هئا. قرآن ڪريم ۾ ٻڌايو ويو آهي:

إِنَّ اللَّهَ لَا يَسْتَحْيِي أَن يَضْرِبَ مَثَلًا مَّا بَعُوضَةً فَمَا فَوْقَهَا﴿البقرة: ٢٦﴾

ترجمو: ”الله مڇر ۽ اُن کان وڏيڪ جي مثال ڏيڻ کان حياء ئي نه ڪندو آهي.“

سقراط جي مرڻ کان پوءِ يونان پهريان سڪندر اعظم جي غلاميءَ ۾ آيو. ان کانپوءِ رومي بادشاهت جي ڌرتيءَ تي وڏ کان وڏ قبضي جي هوس ان کي هڪ صوبي جي حيثيت سان پنهنجي اندر ملائي ورتو. اهڙي طرح ايٿنز جو فلسفو ۽ حڪمت جيڪا تفريحي فنن (مصوري، موسيقي وغيره) ۾ سونهن جو هندورو هئي، سو ڌرتيءَ جي گولي سان سدائين لاءِ مِٽجي ويو. قرآن ڪريم هي هڪ عالمي اصول بيان ڪري ٿو:

وَمَا أَهْلَكْنَا مِن قَرْيَةٍ إِلَّا لَهَا مُنذِرُونَ (٢٠٨) ذِكْرَىٰ وَمَا كُنَّا ظَالِمِينَ (٢٠٩)
﴿الشعراء﴾

ترجمو: ”۽ اهڙي ڪنهن ڳوٺ کي ناس نه ڪيوسون جنهن لاءِ ڊيڄاريندڙ (نه) هوا. نصيحت ڏيڻ لاءِ ۽ اسين ظالم نه هواسون.“

تا دل صاحبدل نامد بدرد  هيچ قومے را خدا رسوانه کرو

حضرت سقراط جي حالتن، سندس نبي هئڻ جي شاهدي ۾ عدالت


Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پنهنجي مثان لڳندڙ الزامن جي جواب ۾ سندس دليلن سان ڀريل تقرير کي ڄاڻڻ لاءِ جناب منصور الحميد جي ڪتاب ”سقراط“ ۽ جناب پي اي ڊار جي ڪتاب ”حکماء قديم کا فلسفہ اخلاق“ مطالعو ڪرڻ گهرجن. هتي ڊيگهہ جي خيال کان تمام ٿي ٿورڙي بيان تي قناعت ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن موقعو مليو تہ آريائي ۽ زرد قومن جي نبين جي حالتن ۽ تعليم تي تفصيلي ڪتاب لکڻ جي ڪوشش ڪبي.

پنجون حصو

## خدا طرفان مصر ڏانهن موڪليل بادشاهہ آخن اتون

خدا طرفان موڪليل نبين ۽ حڪيمن جي تاريخ ۾ ڪيترائي ڀيرا ائين ٿيو آهي جو موڪليل نبي پاڻ ئي ڪنهن ملڪ يا قبيلي جو حڪمران هو. اهڙن شخصيتن ۾ حضرت سليمان عليہ السلام، ايران جو دارا پهريون، سائرس ۽ هندستان جو اشوڪ اعظم ۽ حضرت رام ڪرشن جهڙا عظيم ۽ پاڪ فرد ملن ٿا.

انهن مان ڏيڍ هزار سال ق.م آمون هوٽپ چوٿون هڪ خدا طرفان موڪليل بادشاهہ ٿي گذريو آهي. جيتوڻيڪ مصر ۾ پنج هزار سال ق.م ۾ خدائي توحيد جا تصور اچي چڪا هئا، جيڪي پڪ سان ڪن نبين سڳورن جي تعليم جو ئي نتيجو هوندا. ان سان گڏوگڏ ملڪ جون معاشي ۽ سياسي حالتون خراب ٿيڻ ڪري هڪ چوٽڪارو ڏياريندڙ جي اچڻ جو تصور بہ موجود هو.

آمون هوٽپ چوٿين، جڏهن خدائي وحي جي روشنيءَ ۾، سڌارن جي شروعات ڪئي تہ سڀ کان پهريان آمون جي شرڪ گاڏڙ نالي بدران خدا جو نئون نالو آتون تجويز ڪيو ويو. جيڪو آڳاٽي ٻولي ۾ روحاني سج لاءِ استعمال ٿيندو هو. انهيءَ نسبت سان هن پنهنجو نالو آخن آتون رکيو. هن حڪم ڏنو تہ عبادتخانن ۾ آمون ۽ ان سان گڏ ٻين ديوتائن جي پوڄا بند ڪئي وڃي. جيئن تہ ٻتن سان گڏ پوڄارين، منظم رسمن ۽ ديوداسين[1] جو وڏو تعداد واڳيل هوندو آهي، تنهن ڪري سمورا مذهبي دڪاندار بادشاهي سرپرستي کان محروم ٿي ويا. ديوداسي جو ادارو، جيڪو هڪ منظم زناڪاري جو اڏو هو ختم ڪيو ويو.

جيئن تہ آخن آتون جي پيءُ آمون هوٽپ ٽئين جي دؤر ۾ مصري

[1] ديوداسي: مندر ۾ رهندڙ ڪنواري ڇوڪري جيڪا رڳو پوڄا پاٺ ڪري.

بادشاهت جون حدون اولهه ايشيا. يونان ۽ اوسي پاسي جي سمورن ساموندي ڪنارن تائين پکڙجي چڪيون هيون. تنهن ڪري انهن سمورن ملڪن جي واپاري سلسلن ۾ پکيڙ سان گڏوگڏ سياسي هيڪڙائي به پيدا ٿي چڪي هئي. ائين مقامي مصري خدا جي تصور ۾ پکيڙ آئي ۽ هو رب العالمين سمجهيو وڃڻ لڳو.

آخن آتون جي مختلف مناجاتن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته، آخن آتون ڪائنات جي هر ذري ۾ اڪيلي الله جو جلوو ڏٺو. ان ڪوشش ڪئي ته اهو علم ۽ يقين سمورن ماڻهن جي سامهون پيش ڪيو وڃي. هي زمين ۽ آسمان، جانور ۽ پکي، انسان ۽ حيوان، وڻ ۽ پاڻي سڀئي جڻ ته ان جي واڪاڻ ۽ ساراهه جا ڏڪ پيري رهيا آهن. هو پنهنجي سموري مخلوق لاءِ ماءُ ۽ پيءُ وانگر آهي. هو ئي انهن کي پيدا ڪري ٿو، انهن کي روزي ڏئي ٿو ۽ انهن کي هدايت ڏئي ٿو. سندس جلوو هر جاءِ تي ظاهر آهي.

(حکماء قدیم کا فلسفہ اخلاق، ص490)

انهيءَ عظيم تبديلي جي اثر هيٺ آخن آتون مصر جي قومي نشان، جيڪو اهرام ۽ باز جي شڪل ۾ هو ۽ انهن جي خدا شمس آمون جي نمائندگي ڪندو هو، تنهن کي تبديل ڪرائي ڇڏيو. ان جي بدران اهڙو نشان تجويز ڪيو جيڪو مصر کان سواءِ ٻين قومن جي به نمائندگي ڪندو هجي. اهڙي طرح ان مقصد جي لاءِ سج کي هڪ ڦڙَ جي شڪل ۾ بنايو، جنهن مان اٽڪيتيان ڪرڻا هيٺين پاسي نڪرن پيا ۽ هر ڪرڻو هڪ انساني هٿ ۾ ختم ٿئي پيو. ان جو مطلب هي هو ته هڪ مرڪزي طاقت مٿين جهان کان زميني جهان تي حڪومت ڪري ٿي ۽ سموري مخلوق ان جي قدرت ۽ ٻاجهه سان پلجي ٿي.

(حکماء قدیم کا فلسفہ اخلاق، ص487)

پر بدقسمتي سان هي انقلاب مصر جي سر زمين ۾ مستقل طور پنهنجا پير ڄمائي نه سگهيو ۽ تمام ئي جلد مختلف پاسن کان سندس خلاف بغاوتون پيدا ٿيڻ شروع ٿيون، جن کي اپارڻ ۾ مذهبي پيشوائن جو وڏو هٿ هو. ڪجهه ئي سالن ۾ رجعت پسند قوتن آخن آتون کي زهر ڏئي ماري ڇڏيو ۽ سندس ساٿين کي به ختم ڪري ڇڏيو ويو. انهيءَ نئين توحيدي دين جي جاءِ تي، ساڳئي قديم آمون ديوتا جي پوڄا ٻيهر ٿيڻ لڳي. شرڪ آميز رسمون واپس اچي ويون ۽ ديوداسين تي آڌاريل منظم زناڪاري جو اڏو ٻيهر قائم ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چھون ڀاڱو

# زرد نسل جا عظيم سڌارڪ

## چين ۾ خدا جو موڪليل ڪنفوشس

ڪنفوشس جو دؤر ڇهين صدي ق.م آهي ۽ اهو ئي دؤر يونان جي سقراط ۽ هندستان جي وردڻ مهاوير ۽ گوتم ٻڌ جو به آهي. انهيءَ ڪري انهن سڀني ۾ هڪ ڳالهه ساڳي ئي آهي جيڪا انهيءَ دؤر جي مذهبي حالتن جي ڪري اڀري هئي، سا هيءَ ته انهن سمورن سڌارڪن خدا، مرڻ ڪان پوءِ واري زندگي، روح جي بقا جهڙن طبيعيات ڪان مٿانهن عقيدن جي باريڪين کي بيان ڪرڻ بدران، انسان جي اخلاقي ۽ معاشرتي زندگي، سلامتي ۽ صحت مندي کي ترجيح ڏني آهي. انهن سڀني تي وردڻ مهاوير ۽ گوتم ٻڌ تي ڏنل وضاحتي نوٽ ۾ وضاحت سان بيان ٿي چڪو آهي.

ڪنفوشس جون حالتون ۽ تعليم جو گهرائيءَ سان مطالعو ان ڳالهه جي چٽائي ڪري ٿو ته، بنا ڪنهن شڪ ۽ گمان جي ان کي به وحي ۽ الهام سان نوازيو ويو هو. وحي جي ئي روشني ۾ هن پنهنجي اخلاقي نظام جا اصول جوڙيا هئا. ائين ڪنفوشس چو آهي ته:

”پندرنهن سالن جي عمر ۾ مون کي علم جو شوق پيدا ٿيو. ويهن سالن جي عمر ۾ پڇي ويو هئس ۽ چاليهن سالن جي عمر ۾ منهنجي دل هر قسم جي شڪن شبهن ڪان پاڪ ٿي وئي. پنجاهين سال مون کي خدا جي حڪم جي خبر پئي. سٺ سالن جي ڄمار ۾ منهنجا ڪن حقيقت ۽ سچائي جي آواز تي لبيڪ چوڻ لاءِ هر گهڙي تيار رهندا هئا. ستر سالن جي عمر ۾ مان پنهنجي دل جي هر خواهش تي، بنا ڪجهه ڪڇڻ جي عمل ڪرڻ تي لاڙو رکان پيون، ڇو جو هاڻي مون ڪان اهڙو ڪوبه عمل ٿي نٿي سگهيو جيڪو اخلاقي قدرن جي منافي هجي. (حکماء قدیم کا فلسفہ اخلاق، ص4)

انهيءَ اقتباس تي ليڪڪ لکيو آهي ته:

”انهيءَ ننڍڙي بيان سان گهٽ ۾ گهٽ ايتري وضاحت ضرور ٿئي ٿي ته ڪنفوشس ٻين آڳاٽن سڌارڪن وانگر الهام ۽ وحي سان نوازيو ويو آهي ۽ ان جي ئي روشني ۾ هن پنهنجا اخلاقي اصول جوڙيا، جيڪي انهيءَ قوم جي

لاءِ واٽ جي لاٽ جو ڪم ڏيندا رهيا آهن.“ (ايضاً)

ڪنفوشس جنهن چيني معاشري ڏانهن موڪليو ويو هو تنهن جي حالت هيءَ هئي تہ جڏهن ڪنفوشس پيدا ٿيو هو ان وقت چين ۾ ’چو‘ خاندان حڪومت ڪندو هو. مرڪزي حڪومت جي ڪمزوريءَ سبب ملڪ مختلف نيم خود مختيار رياستن ۾ ورهايل هو. هر رياست ٻئي سان جنگ ۾ جٽيل هئي ۽ اهڙي طرح عوام جي حالت بہ بلڪل ئي رحم جوڳي هئي. مسلسل ۽ لڳاتار هلندڙ جنگين جي ڪري سڄي ملڪ جي اقتصادي حالت بگڙجي چڪي هئي ۽ قوم جا سردار پنهنجي عياشين ۽ مستين ۾ مست هئا. جاگيرداري نظام، جيڪو ڪڏهن ’چو‘ خاندان جي طاقت جو سبب هو هاڻي سلطنت ۽ عوام کي ظلم ۽ استحصال جي ٻن پڙن ۾ چٽي رهيو هو. قديم روايتون ۽ اخلاقي قدر پنهنجي اهميت وڃائي چڪا هئا. ماڻهن وٽ نہ ڪو زندگيءَ جو نظريو هو ۽ نہ ئي ڪو اصول، جنهن جي روشني ۾ اهي پنهنجي بدحالي کي سنواري سگهن. اهڙين بڇڙين حالتن ۾ ڪنفوشس معاشري جي سڌاري جي لاءِ سندرو ٻڌو.

(حکماء قدیم کا فلسفہ اخلاق، ص7)

استحصالي ۽ مٿانها طبقا مذهبي پيشوائن سان ملي حالتن کي ڪيترو جلد ۽ ڪيتري حد تائين خراب ڪري ڇڏن ٿا ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ الله تعاليٰ طرفان موڪليل انسانن جي تعليم کي مِٽائي ڇڏن ٿا، ان جو اندازو ان ڳالهہ مان ٿئي ٿو تہ ڪنفوشس جي مشهور شاگرد مينشس، جنهن کي چيني ٻوليءَ ۾ حڪيم منگ چون ٿا، جي دؤر جي باري ۾ چيو ويو آهي تہ جڏهن مينشس جوان ٿيو تہ چين جون حالتون تمام گهڻيون بگڙي چڪيون هيون. گهرو ويڙهہ ملڪ ۾ پريشاني ۽ مالي بحران پيدا ڪري ڇڏيو هو. ڪنهن بہ ماڻهو جي زندگي محفوظ نہ هئي. امير غريبن جو رت چوسي عياشين ۾ مست هو ۽ غريب لنگهڻ ڪاٽڻ ڪري بيحال ٿي رهيو هو.

(حکماء قدیم کا فلسفہ اخلاق، ص29)

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوڏهون

# غير المغضوب

اصل ۾ جڏهن انسان انسان مٿان ۽ قومن قومن مٿان ظلم ۽ ڏاڍا جي حد ڪري ڇڏي، غلام جي انساني حيثيت ختم ڪري ڇڏي، گهٽي ڪان گهٽو غنيمت جو مال گڏ ڪرڻ ۽ غلامن جي تعداد ۾ واڌاري لاءِ ٻين قومن ۽ ملڪن تي حملا ڪري، انهن ڪي تباهه ۽ برباد ڪيو وڃڻ لڳو ته خالق حقيقي پنهنجي مخلوق کي بچائڻ لاءِ نبين سڳورن کي موڪلڻ جو سلسلو شروع ڪيو. اهو سلسلو ڌرتي جي گولي تي موجود سمورن علائقن ۽ ملڪن ۾ پکڙبو ويو. ڇو جو انساني معاشرو هر هنڌ هڪجهڙي سان ٽڪر کائيندڙ معاشي طبقن ۾ ورهائجي چڪو هو. پيداواري وسيلن ۽ اقتدار تي قبضو ڪري ويٺل طبقي جي مفادن خلاف محروم، محڪوم ۽ غلام انسانن جا مفاد ٽڪرائجڻ لڳا. نبين سڳورن انهيءَ صورت حال جو اهو حل پيش ڪيو ته:

هن ڪائنات ۽ انسان جو خلقيندڙ هڪ آهي. سموري مخلوق پنهنجو پاڻ پيدا نه ٿي آهي ۽ مادي جو شعوري ارادو ان جي حرڪي قانونن جي پيداوار نه آهي. اهو خالق سمورن انسانن جو مالڪ ۽ پاليندڙ آهي. هن نه رڳو انسانن، پر هر ساهواري شيءِ جي زندگيءَ جي بقا لاءِ سامان پيدا ڪري ڇڏيو آهي. انسان کي جيئن ته خدا تعاليٰ پنهنجو خليفو بڻايو آهي، تنهن ڪري ڪيس پاڻ وانگر خود شعوري جي بنياد تي آزاد ارادي ۽ اختيار جي طاقت سان نوازيو اهي. انهيءَ ڪري انسان پنهنجي انهيءَ آزاديءَ واري طاقت جي غلط استعمال سان، الله تعاليٰ جي جوڙيل ربوبيت واري نظام جي مقابلي ۾ (جنهن ۾ هر فرد پنهنجي محنت ۽ همٿ سان پنهنجي روزي حاصل ڪري ٿو جنهن ۾ ڪوبه ڪنهن جو غلام نه آهي، سموري ڪائنات ۾ هي ربوبيت جو نظام رائج آهي.) پنهنجي ربوبيت جو نظام بڻائي ورتو.

انسان کي جتي ملائڪن سجدو ڪيو اتي اهو ابليس يا شيطان جي طاقت به رکي ٿو. انسان جي بناوت ۾ طين لازب (Mud) به آهي ۽ الله تعاليٰ جو پنهنجو روح به موجود آهي. انهن ٻنهي عنصرن جا گڏ ۾ گهرجون هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ رکندڙ آهن. نبين سڳورن جي تعليم ٻڌايو ته انسان جي زندگي جو مقصد خدا تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ يا خدائي صفتن ۽ اخلاقن جو اظهار آهي. ان لاءِ الله تعاليٰ سندس جسماني گهرجن ۽ ضرورتن جي تڪميل ۽ اطمينان لاءِ سامان يا ربوبيت جا وسيلا پيدا ڪري ڇڏيا ويا آهن. فطرت جي قوتن کي ڪم ۾ آڻي هو پنهنجي جسماني ضرورتن کي پورو ڪري سگهي ٿو.

انسان شيطان جي اثر ۾ اچي مطلب پرستي، هوس پرستي، مال جي محبت يا ٻين لفظن ۾ قابيلي اخلاقن ۽ زندگيءَ جو طريقو پنهنجائي ورتو. پنهنجي جسماني ضرورتن جي پورائي لاءِ وڌ کان وڌ مال دولت ۽ اقتدار تي قبضو حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙڻ شروع ڪيو. الله تعاليٰ انسان جي اندر ’فسک‘ ۽ ’دم‘ يعني پنهنجي مفادن لاءِ ٻين جو رت وهائڻ ۽ قتل ۽ خون خرابي ڪرڻ واري خواهش جي سڌاري لاءِ ”علم الاسماء“ حاصل ڪرڻ جي ذهني صلاحيت به عطا ڪري ڇڏي هئي. پر انسان انهيءَ ذهني صلاحيت مان پيدا ٿيندڙ ”قوت“ کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو جنهن سان خونريزي جي خواهش جو سڌارو ته نه ٿي سگهيو پر سندس سموري تاريخ ان جي پنهنجي ئي هم جنس جي رت ۾ ٻڏي وئي. ان جو سڀ کان چٽو مثال موجوده يورپ جي سائنسي ترقي آهي، جنهن جي مدد سان ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني ملڪن جي ڪمزور ۽ غير ترقي يافته قومن تي نو آبادياتي نظام ٺاڦيو ويو جنهن سان انهن جي قدرتي وسيلن جي ذخيرن ۽ محنت کي لُٽيو ويو آهي.

نبين سڳورن خدا تعاليٰ جو تصور انهيءَ لاءِ ڏنو هو ته خدا تعاليٰ انسان کي آزاد پيدا ڪيو آهي ۽ ان جي جسماني ضرورتن جي پورائي لاءِ جهجهي مقدار ۾ ربوبيت جو سامان پيدا ڪري ڇڏيو آهي (ته جيئن گڏيل طور تي ان مان فائدو ماڻي سگهي ۽ انسان جهڙي طرح سان آزاد پيدا ٿيو آهي، تيئن ئي آزاد رهي ۽ ديني (مذهبي پيشوا) يا سياسي (بادشاهه ۽ مالدار) ٽولو ان جي دماغن ۽ جسمن کي پنهنجو غلام نه بڻائي سگهن.) اهو سڀ ڪجهه تڏهن

ئي ممڪن آهي جڏهن رڳو الله تعاليٰ کي ئي پنهنجو مالڪ مڃيو وڃي ۽ جڏهن بہ ڪو نمرود، فرعون يا قارون يا پيو ڪو مذهبي دڪاندار يعني مذهبي پيشوا ۽ سامري وغيره، پنهنجي خدائي قائم ڪرڻ لڳي تہ ابراهيم ۽ موسيٰؑ وانگر انهن جي خلاف بغاوت ڪئي وڃي، يا وري حضرت يوسفؑ وانگر پنهنجي نيڪي ۽ حڪمت عملي سان اقتدار حاصل ڪري، دولت (مثال طور ڏڪر جي دؤر ۾ اَنَ) جي ورهاست سان هر فرد جي ضرورتن کي پورو ڪيو وڃي. ٻين لفظن ۾ دولت تي عوام جي ملڪيت قائم ڪئي وڃي. حضرت ابراهيمؑ ستارا پرستي جي خلاف بغاوت ڪئي، حضرت موسيٰؑ فرعون جي چنبي مان غلامن کي ڇوٽڪارو ڏياريو ۽ حضرت يوسفؑ اَنَ جي ذخيرن کي عوامي ملڪيت ۾ آڻي انسانن کي ڏڪر واري وقت لنگهڻ ڪاٽڻ کان بچائي ورتو. يعني نبين سڳورن جو مسلڪ هي آهي تہ خدا تعاليٰ تي ڀروسو يا توڪل ڪري، معاشي مساوات ۽ سياسي ۽ ذهني آزادي تي پابندي لڳائڻ وارين طاقتن کي طاقت سان ختم ڪيو وڃي.

## هڪ غلط فهمي جو ازالو

نبي سڳورا ۽ انهن جي نقشي قدم تي هلڻ وارا معلم (رهبر) ارباب من دون الله (الله ڪانسواءِ ٻئي مالڪ بڻجي ويٺلن) جي چنبي مان انسانن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ جاکوڙيندڙ انعام مليل انسان آهن. هتي انهيءَ غلطيءَ جو ازالو ٿيڻ گهرجي تہ نعمت ۽ انعام جو مطلب رڳو مادي دولت ۽ خوشحالي نہ آهي. اسان ڪنهن قارون جهڙي مالدار کي انعام ڪيل نٿا سڏي سگهون، ڇو جو دولت محنت جي استحصال يا وري ٺڳي ۽ ڌوهہ سان ئي گڏ ٿيندي آهي. انهيءَ عمل ۾ دولتمند جي پنهنجي محنت ۽ جاکوڙ شامل ئي نہ هوندي آهي. محنت جي استحصال يا ٺڳي ڌوهہ ۽ غلط وسيلن سان حاصل ڪيل دولت انسان جي دل مان خدا جو خوف ۽ انسانن سان محبت واري گڻ کي فنا ڪري ڇڏيندي آهي.اقبال چيو آهي:

سالها اندر جهاں گردیده ام　　　　نم بچشم منعماں کم دیده ام

انعام ڪيل ٽولو اهو آهي جيڪو معاشي برابري ۽ سياسي ۽ ذهني آزادي کي عام انسانن تائين پهچائڻ لاءِ ، مفاد پرست قوتن جي خلاف هٿيار

بند يا غير دهشيار بند جاکوڙ ڪندو هجي. سموري تاريخ انهن قوتن خلاف جاکوڙڻ وارن جي ڪارنامن سان ڀري پئي آهي ۽ اهڙي قسم جي بغاوتن توڙي جاکوڙ جا باني نبي سڏورا ٿي هئا.

ان جي برخلاف جيڪڏهن دولت ايمانداري ۽ محنت ۽ تڪليف سان حاصل ڪئي وڃي، جيئن عربن ۽ ٻين ملڪن وچ ۾ واپار هلندو هو. اهڙي دولت سان الله تعاليٰ جو خوف ختم نہ ٿيندو آهي، اجا بہ اها محروم ۽ بي پهچن جي مدد جي لاءِ دولتمندن جي دل کي نرم ڪري ڇڏيندي آهي، جيئن حضرت عثمان غني ؓ ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف ؓ جا مثال موجود آهن.

نعمت جو ضد غضب آهي ۽ مغضوب اهي فرد يا ٽولا آهن. جيڪي محنت جي استحصال، وياج خوري، ظلم ۽ ڏاڍ، ٺڳي ۽ ڌوڪي سان دولت گڏ ڪن ٿا ۽ دولت جي جهجهائي سان فرعون ۽ قارون بڻجي وڃن ٿا. اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت مڪي ۽ يثرب جا وياج خور يهودي مغضوب ٽولا هئا. انهيءَ غضب جي نتيجي ۾، اهي يثرب مان رسول الله سان معاهدن جي خلاف ورزيءَ سبب هيڏي هوڏي ٽڙي پکڙي ويا ۽ انهن جي قلعن ۽ گهرن تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو.

اسلام کان اڳ دنيا جي مختلف علائقن ۾ مختلف بادشاهتون قائم ٿي چڪيون هيون ۽ ترقي بہ ڪري چڪيون هيون تہ فنا بہ ٿي چڪيون هيون. مختلف قسم جا قومي ۽ عالمي مذهب بہ پيدا ٿي چڪا هئا. ماڻهن وهمن مان نڪرڻ لاءِ پنهنجو عقل هلائڻ شروع ڪيو هو جنهن جي نتيجي ۾ يونان، هندستان، سڪندريہ ۽ چين جهڙن ملڪن ۾ فلسفي جا ڪيترا ئي مدرسا قائم ٿي چڪا هئا. ايستائين جو فلسفي ۾ طبيعي علم بہ شامل ٿي چڪا هئا.

اسلام کان اڳ جو تاريخي منظر نامو ٻڌائي ٿو تہ هر ملڪ جي سياست تي مذهبي جماعتن پنهنجو اقتدار ڄمائي ورتو هو. يونان، هند، سڪندريہ ۽ چين جهڙن علمي مرڪزن ۾ تجربي ۽ مشاهدي جي بنياد تي علم جي سهيڙ شروع ٿي چڪي هئي. قرآن انهيءَ سائنسي علم کي علم بالقلم چيو آهي، پر انهيءَ سائنسي علم کي مذهبي جماعتن پٺن پويان اڇلائي، عقلي ترقي کي هر هنڌ روڪڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. اهڙي

طرح ترقي ۽ قدامت پسندي ۾ جنگ شروع ٿي چڪي هئي.

اسلام جي تاريخ ۾ فقيهن ۽ بين مذهبي فلسفي کي ترتيب ڏيندڙ رجعت پسند جماعتن, جن ۾ اشعري به اچي وڃن ٿا, بادشاهي نظام جي اثر ۾ اچي, علم بالقلم کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ مسلمانن ۾ تجربي ۽ مشاهدي تي آڌاريل علم بدران قياسي ۽ استخراجي فلسفو رواج ۾ آيندو ويو. بغداد ۽ اندلس جي علمي مرڪزن ۾ مذهبي جماعتن ۽ آزاد فڪر رکندڙ فلسفين ۽ ڏاهن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي چڪي هئي. فقيهن ۽ بين رجعت پسند مذهبي جماعتن, مسلمان سائنسدانن ۽ فلسفين جي ڪتابن کي ساڙڻ شروع ڪيو.

مسلم اندلس جي تباهي کان پوءِ جڏهن يورپ ۾ علمي ترقي ٿي ته, ان کي ڪيٿولڪ ڪليسا جي سخت مخالفت جو مقابلو ڪرڻو پيو. بغداد ۽ اندلس جي زوال کان پوءِ مسلمانن جون علمي ۽ ذهني صلاحيتون رڪجي ۽ انڌي تقليد (پيروي) جو شڪار ٿي ويون. ٻئي پاسي يورپ ۾ فرانس واري انقلاب وسيلي سائنسدانن ۽ روشن خيال مفڪرن ڪليسا جي عمل دخل کي گرجا گهر تائين محدود ڪري ڇڏيو ۽ آزاديءَ سان علمي ترقي جي شاهي رستي تي اڳتي وڌڻ لڳا.

تاريخ جون اهي سموريون طاقتون, جن علمي ترقي, معاشي برابري ۽ سياسي ۽ ذهني آزادي کي قائم رکڻ لاءِ رجعت پسند مذهبي ۽ سياسي طاقتن خلاف جاکوڙ ڪئي آهي, سيئي انعام ڪيل جماعتون ۽ فرد هئا. تاريخ ٻڌائي ٿي ته انهن انعام ڪيل جماعتن جي اڻ ٿڪ جاکوڙ سان جڏهن خوشحالي ايندي آهي ته, دولت جي ورڇ ۾ اڻبرابريءَ جي ڪري, قوم قوم دولتمندن ۽ غريب طبقن ۾ ورهائجي ويندي آهي ۽ دولتمند طبقا وڏيڪ دولت ميڙڻ لاءِ مزدور ۽ غلام عوام تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ شروع ڪندا آهن. ان جو مطلب هي آهي ته اهي نبين واري ٻڌايل مسلڪ کان هٽي ويندا ۽ شيطان ۽ طاغوت جي رستي تي هلي پوندا آهن. ان جو هڪ مثال قرآن پاڪ سبا جي رياست جو ڏنو آهي.

هيءَ رياست ڏکڻ يمن ۾ قائم هئي. قرآن ڪريم انهيءَ رياست جي خوشحالي ۽ سهٽي چال سبب ان کي "بلدة طيبة و رب غفور" جي لقب سان ذڪر ڪيو آهي. يعني انهن جي معيشت محنت جي استحصال, ڏنگي, ڍوهه ۽ ڦر مار کان پاڪ هئي. انهن جي خوشحالي, انهن جي ديانت دار محنت جو

نتيجو هئي. اهي پنهنجي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي بخشيندڙ خدا کي مڃيندا هئا. يعني انهن کي سڳوري روزي بہ حاصل هئي ۽ معافي گهرڻ جي توفيق پڻ هئي.

ان قوم جي روزيءَ جا ٻہ وسيلا هئا: واپار ۽ زراعت. زراعت جي لاءِ انهن جبلن کان ايندڙ ندين نالن تي بند ٻڌي بابل کان پوءِ ٻيو سڀ کان وڏو آبپاشي نظام ٺاهي ورتو هو. سڀ کان وڏو بند مآرب شهر جي ويجهو بلق جي وادي ۾ قائم هو. انهيءَ تلاءَ يا پاڻي جي ذخيري مان مختلف پاسن ڏانهن ويندڙ واهہ ڪوٽي، پوکيءَ لاءِ زمين کي ريج ڏنو ويندو هو.

خوشحالي جي ڪري هڪ طبقو دولت جي جهجهائيءَ سبب عيش پسندي ۾ اچي ويو جڏهن تہ ٻيو دولت کان محرومي ۽ ڏاڍائي ءَ تي آڌاريل محنت جي استحصال سبب مايوس ٿي ويو. اهڙي طرح اها قوم پنهنجي آبپاشي نظام ۽ مآرب بند جي سار سنڀال کان غافل ٿي وئي. ان کان پوءِ الله تعاليٰ جي غضب جي ڪري اهو بند ٽٽي پيو ۽ سمورو ملڪ، جتي هر پاسي ميويدار باغن ۽ پوکن جي ساوڪ پکڙيل هئي، تباهہ ۽ برباد ٿي ويو ۽ باغن جي جاءِ تي لَوَڻ ۽ جانگرن ٻيرن ۽ ڪانڊيرن ڪانسواءِ باقي ڪجهہ بہ نہ رهيو.

ساڳي ئي صورتحال حضرت داؤد ۽ سليمان عليهما السلام جي عظيم الشان سلطنت جي تباهيءَ جي آهي. سلطنت بابل جي اوڄ واري دؤر ۾، جڏهن انهن جو غلامن ۽ ٻين پنتي پيل قومن مٿان ۽ يهودين تي ظلم ۽ ستم عام هو تہ يسعياهہ نبي انهيءَ جي تباهيءَ جي اڳڪٿي ڪئي هئي ۽ فرمايو هو تہ:

”بابل، جيڪو ملڪن جي دٻدٻي ۽ ”ڪسدين“ جي ٻانهپ جي رونق آهي، سدوم ۽ عموره وانگر بي رونق ٿي ويندو جن کي خداوند اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ اهو ڪڏهن بہ آباد نہ ٿيندو ۽ پيڙهين تائين ان ۾ ڪوبہ نہ رهندو. اتي عرب ڪڏهن بہ خيما نہ کوڙيندا ۽ اتي ڌنار ڌڻن کي نہ ويهاريندا، اتي رڻ جا جهنگلي وحشي جانور ويندا ۽ گهرن ۾ چٻرا وسيل هوندا، اتي اڇ پکي رهندا ۽ باندر نچندا ۽ گدڙ انهن جي عاليشان گهرن ۾ ۽ بگهڙ انهن جي دربارن ۾ اونائيندا.“ (ڪتاب ليسعياهہ، باب 19، 13)

ٻئي جاءِ تي حضرت يسعياهہ هيئن چيو تہ:

”اي بابل جي ڪنواري ڌيءَ (تخت تان) لهہ ۽ مٽيءَ تي ويهہ. اي

ڪسدين جي نياڻي  تون بنا تخت زمين تي ويهہ ڇو جو تون هاڻي نازڪ بدن ۽ نازن واري نہ سڏبيئن. جنڊ وٺ ۽ اٽو پيهہ. پنهنجو برقعو لاهہ ۽ پلئہ سوڙهو ڪر. ڇنگهون اگهاڙيون ڪري ندين کي پار ڪر. تنهنجي بدن کي اگهاڙو ڪيو ويندو تنهنجي اگهڙ بہ ڏٺي ويندي. اي ڪسدين جي نياڻي چپ ڪري ويهہ ۽ اونداهيءَ ۾ لڪي وڃ. ڇو جو هاڻي تون ملڪن جي راڻي نہ سڏبيئن.“ (يسعياہ 1:47)

بابل وانگر هن دؤر جون ٻئي تهذيبون ۽ قومون رنگ ۽ نسل تي وڏائيءَ واري تصور تي آڏاريل هيون ۽ اهي قومون جن ٻين قومن کي غلام بڻائي ڏاڍ سان ديوتائين جي پوڄا ڪرائي هئي، (جيئن بابل آشوري، مصري، ڪلداني، ساساني، يوناني ۽ رومي سلطنتون هيون) انهن جي قومي ترقي قدامت پسندي ۽ ٻين قومن ۽ غلامن تي ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري رڪجي وئي. اهي تهذيبون ۽ قومون خدا تعاليٰ جي غضب (ڏمر) سبب تباهہ ۽ برباد ٿي ويون.

هتي روم جي تباهي بابت بريفالٽ جي ڪتاب (Making of Humanity) جو اقتباس ڏنو وڃي ٿو. بريفالٽ لکيو آهي تہ جيتوڻيڪ يونان ۽ روما جي دنيا ڪنهن اهڙي عظيم حادثي جي ڏک سان غرق نہ ٿي هئي، جهڙي حادثي بابل يا سوسہ آشوريا اڪتبانہ کي موت جي ننڊ ڏئي ڇڏي هئي. جتوڻيڪ يونان ۽ روما جو زوال ڪنهن حادثي ۽ تمام ئي وڏي ٻوڏ جي ڪري نہ ٿيو هو پر اهو هڪ تيز رفتار انتشار جي عمل جو نتيجو هو.

تنهن هوندي بہ اها تهذيب ايترو تہ خراب انداز سان متجي وئي جو ان کان اڳ اهڙو ڪو مثال نٿو ملي. انهيءَ تهذيب جو بلڪل ختم ٿي وڃڻ دنيا جي تاريخ جو هڪ تمام ئي ڏکائيندڙ حادثو هو. انهيءَ تهذيب يعني يونان ۽ روما جي تباهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسانيت هن وقت تائين جيڪو ڪجهہ حاصل ڪيو هو سو سڀ متيءَ ۾ ملي ”نسياً منسيا“ (صفا وساري ڇڏيل) ٿي ويو آهي. ايٿنز ۽ روما انسان کي اوپر جي آڳاٽين تهذيبن کان متي کٽي ايترو تہ مٿانهون ڪري ڇڏيو هو جيترو اڳوڻي تاريخ جو غارن ۾ رهندڙ انسان باندرن کان پلو هو. انهن هڪ صحيح، پڪي پختي ۽ سمجهہ پري انساني دنيا ناهي هئي، پر هاڻي انهيءَ سموري ترقي ۽ انهيءَ شاندار ارتقا مان ڪابہ شيءِ باقي نہ رهي هئي. زمانو هڪ دفعو وري اونداهي ۽ وحشت جي اونهائين ۾ ٻڏي ويو.

پنجين صدي کان ڏهين صدي تائين يورپ بربريت واري رات جي هنج ۾ مدهوش هو. اونداڻي جيئن پوءِ تيئن وڌندي ٿي وئي. اها بربريت آڳاٽي زماني جي وحشي جي وحشت جي پيٽ ۾ تمام ئي خوفناڪ ۽ ڏڪائيندڙ هئي. ڇو جو انهيءَ ۾ هڪ تمام ئي وڏي تهذيب جي سڙيل لاش جي ڌپ به هئي. انهيءَ تهذيب جا پورا ڍانچا ۽ نقشا مِٽايا ويا هئا.

اٽلي ۽ گال (فرانس) ۾ انهيءَ تهذيب جي ترقي پنهنجي عروج تي پهچي چڪي هئي، پر هاڻي انهن علائقن ۾ تباهي، غربت ۽ بربادي ڪانسواءِ ڪجهه به نظر نٿي آيو. زمين پوکيءَ کان محروم هئي. پوکيءَ لاءِ زمين جاڳرن وٽن ۽ ٻوڙن جو ٻيلو ٻڌجندي ٿي وئي. درياءَ پنهنجي پڳل ڪنڌين تان اٿلي وهي رهيا هئا. ٻيلا ۽ مليريا پکيڙيندڙ ڍٻڻون، ملڪ جي انهي پکڙيل علائقي تي حاوي ٿي ويون هيون جن ۾ ڪنهن وقت خوشحال هاري ۽ سرسبز پوکون نظر ايندڙيون هيون. شهر عملي طرح سان ختم ٿي چڪا هئا، ڇو جو واپار ئي ختم ٿي ويو هو.

رومين جيترا به خوشحال شهر رهائن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي آباد ڪيا هئا، انهن مان هڪ به نائين صدي تائين باقي نه بچيو هو. ڪندر تي ويل ۽ ٽڙيل پکڙيل وسندين ۾ بگهڙن، مِرُن ۽ رڇن جا به ولر گهمندا وتندا هئا. رومين جي بنگلن جا آڳر جيڪڏهن ڪوٺن ۾ تبديل نه ٿيا هئا ته به سوڙهين ڪوٺڙين ۽ گندگين سان ڀريل هئا ۽ اوسي پاسي جا ڪمرا ڍنل جائن جي ڪن ڪچري لاءِ ڪڏن ۽ مورچن جو ڪم ڏيندا هئا.

جيڪا ٿوري گهٽي آبادي موجود هئي، سا به جهنگ جي وحشي جانورن ۽ ڌاڙيلن جي ڊپ کان پنهنجي حدن کان ٻاهر نڪرڻ جي جرئت نه ڪندي هئي. رڳو ڏهين صديءَ وچ ۾ ئي ڏهه تباهي مچائيندڙ ڏڪر ۽ تيرنهن وبائي بيماريون پکڙيون. آدم خوري به عام ٿي وئي هئي. انسانن جو پيچو ڦر مار لاءِ نه، پر رڳو پنهنجي خوراڪ لاءِ ڪيو ويندو هو. ساؤن درياءَ جي ڪنڌيءَ سان تورنس واري هنڌ انساني گوشت سر عام وڪرو ٿيندو هو.

(تشڪيل انسانيت، ص 249_252)

انهيءَ ڊگهي اقتباس ڏيڻ جو مقصد هي هو ته جڏهن قومون ۽ تهذيبون پنهنجي ظلم ۽ بيچڙائين، جنسي ڇڙواڳي، غلامن ۽ مزدورن جي ڪليل استحصال ۽ دولتمند طبقي جي عيش ۾ ٻڏي وڃڻ ڪري علم ۽ تهذيب جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي کان بيپرواهي اختيار ڪنديون آهن، تہ انهن قومن ۾ تهذيبن جو نالو نشان ئي مٽجي ويندو آهي. قرآن ڪريم ور ور ڪري تاريخي واقعن کي ورجايو آهي، جنهن مطلب اهو ئي آهي تہ انهن عملن کان پاڻ بچايو وڃي، جيڪي تباهي ۽ برباديءَ جو ڪارڻ بڻبا آهن. پڪ سان اسلام کان اڳ جون سموريون حساس (Senset) تهذيبون برباد ٿي چڪيون هيون. روم جي تباهي اسلام جي ظاهر ٿيڻ وقت ٿي.

يورپ جي ڊگهي تباهي ۽ بربادي جي ڪاري رات ۾، جنهن جو ڏڪائيندڙ نقشو بريفالٽ پيش ڪيو آهي، مسلم تهذيب جي ڏيئي روشني مهيا ڪئي. پر افسوس جو بغداد ۽ اندلس ٻئي ترقيءَ جي عروج تي پهچي پنهنجي قدامت پسندي، مذهبي ٺيڪيداري ۽ جماعتن جي پڪيڙيل انڌي تقليد ۽ سخت قسم جي ماضي پرستيءَ جي ڪوهيڙ ۾ انهيءَ عظيم الشان مسلم تهذيب کي برباد ڪري ڇڏيو، اهي ٻئي مرڪز خدا تعاليٰ جي غضب جو نشانو بڻجي ويا، ڪڏهن مرندڙ يورپ کي علم ۽ تهذيب جي روشني ڏني هئي.

اولهہ سجاڳي حاصل ڪري، جنهن کي بريفالٽ يورپ جي نئين جنم جهڙن لفظن سان تعبير ڪري ٿو. تمام وڏي ترقي ڪئي. تحقيق جي استقرائي يا سائنسي طريقي سبب فطرت جي سمورن پاسن کي لوڏي ڏنو. فرانس جي انقلاب ڪيٿولڪ مذهب جي فساد پيدا ڪندڙ مذهبيت کي، زندگيءَ جي ڪارونهوار کان جدا ڪري ڇڏيو. پروٽسٽنٽ مذهب پيدا ٿيو جنهن ويٽيڪن جي مرڪزيت ۽ اقتدار جو خاتمو ڪري ڇڏيو. پر مشين جي ايجاد کان پوءِ، جهجهي مقدار ۾ ٺهندڙ شين يورپ جي قومي سرمائي کي مالياتي سرمائي ۾ بدلائي ڇڏيو. يورپ جون قومون، جيڪي تنگ نظر قوميت جي تصور سان ورهائجي چڪيون هيون، پنهنجي ٺاهيل شين کي آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي پنتي پيل قومن کي وڪڻڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ واري عمل سان، ٻن وڏين جنگين ۾ ڦاسي ويون. نتيجو اهو نڪتو جو ڪمزور قومن جي خام مال جي ذخيرن تي قبضي انهن جي فردن کان سستي محنت حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي فوجي ۽ تهذيبي غلاميءَ ۾ جڪڙڻ لاءِ ڏاڍ، ڊوهہ ۽ ننگي سان محنت جو استحصال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. سرمائيداراڻي نظام جي ارتقا واري ڏکوئيندڙ ۽ رت جا ڳوڙها روئيندڙ تاريخ لاءِ ليوهيو برمن جي ڪتاب “Man’s Worldly Good” جو مطالعو تمام ئي ضروري آهي. ان جو اردو

ترجمو ”ڪاروان معيشت“ جي نالي سان ڇاپجي چڪو آهي. مون پنهنجي ڪتاب ”فلسفہ بيگانگي اور قرآن“ ۾ انهيءَ ڪتاب جو تت ڏئي ڇڏيو آهي.

ٻن عظيم ۽ عالمي جنگين ڪان پوءِ هيءَ تهذيب انسان دوست ۽ عوام پرور ڳڻن ڪان خالي ٿي چڪي آهي. انهيءَ تهذيب ۾ ڪانٽ ۽ هيگل جهڙا فلسفي، ورڊز ورٿ، ٽيني سن، شيڪسپيئر ۽ وليم بليڪ جهڙا انسان دوست شاعر ۽ مفڪر پيدا ٿيڻ ختم ٿي چڪا آهن. ملٽي نيشنل ڪارپوريشنن ۽ ترقي يافتہ ٽيڪنالاجي انسان کي ترقي ڏيڻ بدران ست وڏا ”G-7“ پيدا ڪري ورتا آهن. اها تهذيب سائنسي تحقيق باوجود فڪري لحاظ ڪان سنڌ ٿي وئي آهي. ان جو ادب بي لاپ ۽ بي مقصد بڻجي ويو آهي. هيءَ تهذيب انساني زندگي ۽ ڪائنات جي تخليق کي بي مقصد سڏي ٿي. ڏينهون ڏينهن جنسي لذت حاصل ڪرڻ، تشدد، قتل ۽ خون خرابي ۾ ٻڌندي پئي وڃي. آمريڪي ڏاهپ اوچن فلسفياڻن فڪرن جي تخليق بدران نتائجيت (Pragmatism) جهڙي مفاد پرست فلسفي کي پيدا ڪري ورتو آهي. يورپ جيتوڻيڪ پنهنجي قومن وچ ۾ ٻڏي پيدا ڪري ورتي آهي، پر اها ٻڏي ڪنهن اوچي انسان دوست ۽ عوام پرور مقصد ڪانسواءِ ستو نتيجو ۽ لاپ ڏيندڙ نٿي ٿي سگهي. فطرت پنهنجي مڪافات واري قانون کي ڪنهن بہ قوم لاءِ بدلائي نٿي سگهي. اقبال جي پنهنجي شعر ۾: ”دیکھئے اس بحر کی تہہ سے اچھلتا ہے کیا“ ۾ اقبال هي خيال پيش ڪيو آهي تہ جهڙي طرح وچ اوڀر، ڏور اوڀر، اتر آفريڪا ۽ اسپين وغيره جون تهذيبون اسلام ۾ گم ٿي ان جو حصو بڻجي ويون آهن، اهڙي طرح اهي اولهہ جون تهذيبون بہ هڪ ڏينهن اسلام جي سمنڊ ۾ ٻڏي وينديون. انهيءَ اڳڪٿي جا آثار فرانس، برطانيہ ۽ آمريڪا جهڙن اولهہ جي ملڪن ۾، اسلام جي پکيڙ جي شڪل ۾ سامهون اچي رهيا آهن. ”راز خدائی ہے کہہ نہیں سکتی زبان“ (اقبال)

پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو آهي تہ منهنجي امت جا عالم بني اسرائيل جي نبين وارو درجو رکن ٿا. اسان جي زماني ۾ اقبال هڪ اهڙو عالم آهي، جنهن اولهہ جي تهذيب تي تنقيد ڪئي آهي ۽ اسلام جي روشن صورت تان انڌي تقليد ۽ ماضي پرستي جي ٿلهي تهہ کي هٽائي، اصل اسلام کي چٽو ڪيو آهي. سندس دورانديشي ۽ اسلامي جذبي جي شدت جو اهو حال آهي جو هن هندستان جي سرزمين مان هڪ نئين اسلامي ملڪ جي تخليق کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل جوڳو بڻايو.

يورپ جي ٻيهر ترقي کان پوءِ جنهن سماجي، تعليمي، علمي، تهذيبي، سياسي ۽ معاشي انقلابن جنم ورتو آهي، اقبال انهن سڀني جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ هي واڪو ڪيو آهي ته ”کونسی وادی میں ہے کونسی منزل میں ہے، عشق بلاخیز کا قافلہ سخت جان“ (ڪهڙي واداي ۾ ڪهڙي منزل ۾ آهي، موتمار عشق جو هي طاقتور قافلو). هيءَ اصل ۾ اسلام جي نئين سر زنده ٿيڻ جي اڳڪٿي آهي. ڇو جو مسلم تهذيب پنهنجي تباهي ۽ خدا تعاليٰ جي ڏمر مان نڪري آئي آهي ۽ پنهنجي پختگي لاءِ ڏک ڏوڙ ۾ مصروف آهي. پر انهيءَ جي نئين سر جنم سان جيڪو اسلام اڀرندو سو ملائيت ۾ قاتل اسلام نه هوندو پر پنهنجي نوعيت ۾ روشن فڪر، عالمگير، انصاف ڏيندڙ ۽ عوامي ڀلائي وارو اسلام هوندو.

اها ڳالهه سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته قرآن ڪريم انعام ڪيل هئڻ يا ڏمر هيٺ آيل هئڻ  واري حالت مان نڪتل هئڻ لاءِ نفس ڪي پنهنجي تابع ڪرڻ لازمي شرط ٻڌائي ٿو.  يعني هڪ انعام ڪيل قوم پنهنجي فڪر ۽ عمل ۾ تبديلي سان، ڏمر ۽ گمراهي ۾ ڦاسي وڃي ٿي جنهن جو مثال سبا قوم ۽ ٻين قومن جي ذڪر وسيلي بيان ڪيو ويو آهي. سبا قوم جو ملڪ ”بلد طيبه“ هو جيڪو اڳتي هلي هن قوم جي ڪردار ۾ تبديلي اچڻ سبب تباهه ٿي ويو. اتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اها تبديلي ڇوٿي اچي؟

ان جو جواب ڇتو آهي ته، طبقاتي معاشري ۾ مزدور عوام جي محنت جي استحصال سان جڏهن پيداواري وسيلن (زمين، ٻيلن، ڪاٽين ۽ مشينن وغيره) جا مالڪ دولت جي جهجهائي سان خوشحال ٿي ويندا آهن ته، دولت جياها جهجهائي انهن ۾ سندن فطرت جي ننڍين پاڳن وارن جذبن کي اڀاريندي آهي ۽ اهي جبلتن جي حيواني گهرجن جي پورائي جي چڪر ۾ ڦاسي ويندا آهن ۽ پنهنجي عيش ۽ آرام کي قائم رکڻ لاءِ مزدورن، غلامن ۽ ٻين پنتي پيل ڪمزور ماڻهن کان سخت پورهيو وٺندا آهن. اهڙي طرح ظلم، ڏاڍ ۽ غير انساني رويو انهن جو وطيرو بڻجي ويندو آهي.

ٻئي پاسي پيدواري وسيلن کان محروم طبقن ۾ پنهنجي غربت، بدحالي جي ڪري بيچيني پکڙجي ويندي آهي. اهي پنهنجي غربت ۽ بي وسي کي ختم ڪرڻ لاءِ يا ته انقلاب آڻي وٺندا آهن، جيئن حضرت

مسيح عليه السلام جي بعثت کان اڳ روم جي ٻارنهن هزار غلامن سپارٽاڪن جي اڳواڻي ۾ بغاوت ڪري ورتي هئي، جنهن کي روم جي فوجين بري طرح سان چٿي ڇڏيو. يا وري اهي شودرن وانگر، پنهنجي مٿان ٿيندڙ ظلمن کي قسمت جو لکيو سمجهي، صدين تائين، غير انساني ڏاڍ کي صبر ۽ سڪون سان برداشت ڪندا رهيا آهن. اهڙي طرح اهي نه ته زندگيءَ جي اوچن گڻن کي پنهنجائي سگهن ٿا ۽ نه ئي ڪي انقلابي قدم کڻي سگهن ٿا. انسان جي سموري تاريخ غلامن، زرعي غلامن ۽ پگهاردار غلامن جي بغاوتن، ظلم ۽ ڏاڍ سهڻ ۽ بيوسي ۽ مسڪين حالي تي صبر ڪرڻ سان ڀري پئي آهي.

جيستائين طبقاتي معاشرو قائم آهي، اها صورتحال قائم رهندي. نبي سڳورا به انهيءَ ئي مقصد سان موڪليا ويا هئا ته طبقاتي معاشري کي، خدائي هيڪڙائي واري نظريي جي بنياد تي، غير طبقاتي بڻايو وڃي ۽ فردن کي انهن جي زندگيءَ جو مقصد سمجهايو وڃي ته جيئن اهي هن دنيا توڙي آخرت واري زندگي، ٻنهي ۾ ڪامياب ٿي سگهن. سمورن نبين ۽ ٻين نيڪ ۽ صالح مفڪرن ۽ فلسفين، انساني زندگيءَ جو بنيادي مقصد خدائي قرب حاصل ڪرڻ ٻڌايو آهي. انسان جو جوهر خدائي نور آهي ۽ اهو ئي پنهنجي تزڪيي ۽ عبادت جي عمل سان، پنهنجي اندر موجود امڪانن ۽ موضوعن ۾ تمام وڏي وسعت ۽ اونهائي پيدا ڪري حق تعاليٰ ڏانهن موٽي وڃي ٿو.

طبقاتي معاشري ۾ هڪ پاسي دولت جي جهجهائي ۽ ٻئي پاسي تمام گهٽي کوٽ، ٻنهي قسم جي انسانن کان، انهن جي زندگيءَ جي مقصد کي اوجهل ڪري ڇڏيندي آهي. امام ولي الله دهلوي رحمة الله عليه حجة الله البالغہ ۾ انهيءَ تي تمام سٺي وضاحت ڪئي آهي. هن ٻڌايو آهي ته تاريخ ۾ جڏهن اهڙي حالت پيدا ٿيندي آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ حالت يا نظام کي بدلائڻ لاءِ نبي کي موڪليندو آهي يا وري ڪنهن ڏاهي انسان کي پيدا ڪندو آهي جيڪو موجوده نظام کي ختم ڪندو آهي.

اسان جي دؤر ۾ ڪارل مارڪس جيتوڻيڪ طبقاتي نظام جي حمايت ڪرڻ واري مذهب کي رد ڪري ڇڏيو پر هن محنت جي استحصال سان پيدا ٿيندڙ دولت جي جهجهائيءَ جو سائنسي تجزيو ڪيو ۽ ان بابت وضاحت ڪئي، جنهن سان طبقاتي نظام کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ ۾ آساني ٿي پئي آهي. مفاد پرست مذهبي پيشوا، مارڪس کي انهيءَ لاءِ بدنام ڪن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هن مذهب کي رد ڪريماديت جي فلسفي کي پنهنجايو. دنيا جي مذهبن جا اهي مذهبي اڳواڻ ۽ استاد. جن ۾ مذهب اسلام جا عالم ۽ پيشوا بہ اچي وڃن ٿا، پنهنجي اندر جهاتي پائي نٿا ڏسن تہ انهن سدائين واڳ ڏڻين ۽ مالدار طبقي جي مفادن جي ئي پٺڀرائي ڪئي آهي ۽ رعايتون ڏنل توڙي محروم طبقي جي مزدورن کي ٻڌايو تہ انهن جي اها حالت الله تعاليٰ جي لکيل تقدير آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ يا بدلائڻ انسان جي وس کان ٻاهر آهي. ٻين پاڪ ڪتابن وانگر قرآن پاڪ جي تفسير ۽ تشريح بہ انهيءَ انداز سان ڪئي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ مزدور ۽ ٻي پهچ طبقن، مٿين طبقن خلاف بغاوت ڪئي، تہ مذهب کان ٻاهر ٿي ڪري ڪئي آهي؛ مذهب جي نالي تي اڄ تائين معاشي اڻ برابري ۽ استحصال جي خلاف ڪا بہ بغاوت نہ ٿي سگهي آهي. مسلم معاشري ۾ انهيءَ ڪري ئي اڄ تائين فرانس يا روس جي طرز تي انقلاب نہ اچي سگهيو.

جيڪڏهن اولهہ وارن اهي انقلاب آندا آهن تہ مذهب کي ڇڏي، يا والٽير وانگر مذهب تي سخت تنقيد ڪري آندا آهن. جيڪڏهن اهي انقلاب نہ اچن ها تہ يورپ بہ ٽئين دنيا جي مذهبي معاشرن وانگر، پٺتي پيل ۽ غير ترقي يافتہ ٿيل هجي ها. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ، يورپ مذهب کي رد ڪرڻ ۽ اخلاقي ۽ روحاني ڳڻن کي ڇڏڻ سبب پنهنجي نفسياتي ۽ روحاني ترقي کان محروم ٿي ويو. پر ٽئين دنيا جا پٺتي پيل معاشرا جتي پنهنجي پَستي جي ڪري، جنهن کي اهي پنهنجي تقدير جو لکيو سمجهندا رهيا آهن، ذهني، نفسياتي ۽ روحاني ترقي کان محروم رهيا آهن، اتي اهي مادي ترقي بہ نہ ڪري سگهيا. جڏهن تہ سمورن نبين جي تعليم، پوءِ ڀلي اهي سامي نسل مان هجن يا آريائي يا زرد نسلن سان تعلق رکندا هجن، انهيءَ طبقاتي ورڇ جي سخت مخالف رهي آهي. اهي سڀئي خالق حقيقي جي پيدا ڪيل ربوبيت جي وسيلن تي سمورن انسانن جو هڪجيترو حق مڃن ٿا.

قرآن ڪريم جتي معاشي هيٺ مٿانهين کي مڃي ٿو اتي ذهني ۽ جسماني طاقت جي فرق کي بہ انهيءَ اڻبرابري جو سبب ٻڌايو آهي، اهو محنت جي استحصال کي هرگز جائز نٿو چوي. سائنسي تحقيق جي طريقي هيءَ ڳالهہ ثابت ڪري ڇڏي آهي تہ دولت جي جهجهائي، مزدور جي مزدوريءَ جو اهو حصو آهي، جيڪو ڪيس ادا نہ ڪيو ويو آهي ۽ اها ئي نہ ادا ڪيل

مزدوري (Unpaid Labour) نفعي جي شڪل ۾ گڏ ٿي، دولت جي جهجهائيءَ جو سبب بڻجي ٿو. اسان جي دؤر ۾ واپار بہ اسٽاڪ ايڪسچئنج جي جوئا بازي ٿي ويو آهي. انهيءَ مسئلي کي مون پنهنجي ڪتاب ”فلسفہ بيگانگي اور قرآن“ ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

تنهن ڪري طبقاتي معاشري ۾ جيئن تہ هر قوم بڻ مخالف معاشي طبقن تي آڌاريل هوندي آهي، انهيءَ ڪري هيءَ قوم پنهنجي شروع ۾ جيڪڏهن انعام ڪيل هوندي آهي تہ طبقاتي ڇڪتاڻ جي منطقي گهرجن مطابق اها ئي قوم وري ”مغضوب“ (ڏمر هيٺ آيل) ۽ ”ضال“ (پليل) بڻجي ويندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ يا تہ اها ڏرتيءَ تان ئي مِٽجي ويندي آهي، جيئن بابل، آشور، ڪلداني، سميري، مصري ۽ رومي وغيره قومون ۽ تهذيبون پنهنجي ظلم ۽ آرام پسندي سبب مٽجي ويون يا يهودي، هندو عيسائي ۽ اسلامي تهذيبن وانگر سڪرات جو شڪار ٿي ويون يا ڪڏهن ڪڏهن اولهہ جي تهذيب  وانگر پنهنجي مذهب کان لاتعلق ٿي، مادي زندگي ۾ ڪجهہ ترقي ڪري ويون. صراط مستقيم جو مطلب نبين سڀني جي تعليم کي پنهنجائڻو آهي، جنهن سان قومون وري پٽڪي وڃڻ واري حالت ۾ قاسي پوڻ کان محفوظ رهي سگهن ٿيون ۽ اهڙي طرح الله تعاليٰ جي ڏمر کان بچي وڃن ٿيون.

تاريخ ٻڌائي تہ سمورن نبين جون امتون، معيشت جي طبقاتي نظام ۾ گهيرجي، اخلاقي تباهي جي ڪري يا تہ مٽجي ويون يا وري مرٽينگ واري حالت ۾ پهچي ويون. مسلمان امت غضب ۽ ضال جي ڪيفيتن ۾ مبتلا آهي. ڇو جو اها بہ معيشت جي طبقاتي نظام واري اخلاقي ڏيوالپڻي جي ڪن ۾ ڦاسي چڪي آهي. مسلمان مذهبي پيشوائيت اسلام جي روشن ۽ ترقي پسند منهن تي، انڌي تقليد ۽ ماضي پرستي جو برقعو اوڍائي ڇڏيو آهي. جيستائين اهو برقعو نہ لهندو مسلمان امت انعام ڪيل امت جو مرتبو حاصل نہ ڪري سگهندي.

باب پندرهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ولا الضالين

غضب (ڏمر) نعمت جو ضد ۽ معاشي نظام جو غلط ۽ اڻبرابري واري حالت ۾ هئڻ آهي. اڳي ئي ٻڌايو ويو آهي ته اسلام کان اڳ سموريون قومون ۽ تهذيبون، استحصالي ۽ طبقاتي معاشي نظام جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي چڪيون آهن. انهن تهذيبن ۾ ڪي ته وڏي شان ۽ دٻدٻي واريون هيون، جن غلامن کان ڏندي جي زور تي محنت وٺڻ لاءِ انهن مٿان ظلمن جي حد ڪري ڇڏي. ان ڪانسواءِ اهو استحصالي معاشي نظام سمورين اخلاقي برائين جي پاڙ آهي. قتل ۽ ڦر مار، ويڙهه ۽ جهيڙو، جنسي ڇڙواڳي ۽ جسم فروشي ۽ چڪلي بازي ۽ ڪمزورن ۽ يتيمن جا مال ڦٻائڻ وغيره جهڙا سمورا بڇڙا عمل انهيءَ معاشي نظام جي پيداوار آهن. سورت بني اسرائيل ۾ آسودن ماڻهن جي بداعمالين ڪي قومن جي تباهي جو سبب ٻڌايو ويو آهي. (آيت 16)

ضلالت گمراهيءَ جو ضد آهي. بيابان ۾ سڌو وڃڻ واري واٽ جيڪڏهن پلجي وڃي، ته قافلا تباهه ۽ برباد ٿي ويندا آهن. قرآن ڪريم ضالين جا ٻه قسم ٻڌايا آهن. هڪ قسم هي آهي ته هڪ ماڻهو يا جماعت انسانيت جي ڀلائي لاءِ ڪو ڪم ڪرڻ گهري ٿي، پر ان کي اها خبر نه پئجي سگهندي هجي ته هي ڪم ڪيئن ڪجي. انهيءَ جو مثال پاڻ ڪريمﷺ جي باري ۾ قرآن جي هيءَ آيت آهي: "وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدَىٰ" ﴿الضحی: ٧﴾ رسول اللهﷺ انسانيت جي ڀلائي ۽ سڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ گهرن پيا، پر اهو فيصلو نٿي ڪري سگهيا ته ان لاءِ پاڻ ڪهڙي واٽ وٺن.

هڪ رستو ته حلف الفضول جو هو جيڪو غير سياسي هو. انهيءَ کي سگهاريون ۽ چالاڪ قوتون جلدي ختم ڪري سگهن پيون، يعني اهو جٽادار رستو نه هو. ٻيو رستو حضرت موسيؑ وارو هو جنهن غلامن کي ڇوٽڪارو ڏياريو. ٽيون رستو حضرت يوسفؑ وارو هو جنهن معيشت جي اشتراڪي طريقي سان خلق خدا کي ڏڪر کان بچايو هو. هڪ رستو حضرت ابراهيمؑ وارو هو جنهن پنهنجي شهر ۽ پنهنجي خاندان وارن

کان جدا ٿي هجرت ڪئي هئي. سمجهه ۾ اچي ٿو ته پاڻ سڳورا ﷺ شروع کان ئي ان ڳالهه جا قائل هئا ته جيستائين سياسي سگهه هٿ ۾ نٿي اچي، عالمگير انسانيت جو سڌارو ناممڪن آهي. سيرت پاڪ جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته مڪي پاڪ ۾ عدم تشدد واري اصول تي عمل ڪندي، هڪ سهڻن اخلاقن وارن ۽ سر گهوريندڙ ساٿين جي جماعت جوڙي وئي. هيءَ جماعت هر قسم جي تشدد واري رستي کي پار ڪري سنوارجي چڪي هئي، جنهن جو سڀ کان وڏو مظاهرو صلح حديبيه جي وقت بيعت رضوان جي شڪل ۾ ٿيو.

ضلالت جو ٻيو قسم انهن فردن جو آهي، جيڪي پنهنجي سوچ ويچار ۽ تلاش ۽ جستجو سان پنهنجي واٽ اختيار ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪن ۽ ان وقت ۾ رائج نظرين ۽ مسلڪن کي پنهنجائي، انهيءَ ئي رستي تي هلندا رهن ٿا. ان جو بنيادي ڪارڻ هي هوندو آهي جو انقلابي رستي تي هلڻ سان انهن کي پنهنجي خواهشن ۽ ننڍين مقصدن کي ڇڏڻو پوندو آهي. تڪليفون ۽ جيل ڪاٽڻا پوندا آهن. اهي جانورن وانگر هڪ ئي رستي تي هلندا رهندا آهن. اهي پنهنجي سوچ سمجهه، پنهنجي اکين ۽ ڪنن کان ڪم نه وٺندا آهن. نئين (New) کي پنهنجائڻ ۾ ڊپ محسوس ڪندا آهن ۽ قديم (Old) کي سيني سان لڳائي رکندا آهن. قرآن ڪريم انهن کي جانور اجا انهن کان به بدتر ڪري سڏيو آهي.

انهن سيني جو وڏو عيب يا غلطي هيءَ هوندي آهي ته اهي پنهنجي لاءِ ڪو مقصد مقرر ڪري، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندا نه آهن ۽ انهيءَ رستي ۾ ايندڙ تڪليفن کي برداشت ڪرڻ کان نتائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهيءَ لاءِ سورت جاثيه جي آيت 23 جو مطالعو ڪريو سورت اعراف جي آيت 179 کي پڙهو ۽ گڏوگڏ سورت يسن جي آيت 47 کي ڏسو. انهن ماڻهن کي جڏهن چيو ويندو آهي ته پنهنجي واڌو رزق سان محروم ماڻهن کي ڏيو ته اهي چوندا آهن ته جيڪڏهن انهن کي رزق ڏيڻو هجي ها ته الله تعاليٰ پاڻ ئي ڏئي ڇڏي ها (اسان انهن سڃن جي مدد جو ٺيڪو ڪونه کنيو آهي). هيءُ اهو نظريو آهي جنهن جي ذريعي زراعت واري دؤر جي شروع کان، جڏهن معاشرو ٻن مخالف معاشي طبقن ۾ ورهائجي ويو هو پيداوار وسيلن تي قبضو ڪري وينل طبقي جي فردن غلامن ۽ محروم مسڪين ماڻهن کان سخت پورهئي لاءِ غير انساني ظلم ڪرڻ شروع ڪيو. طاقتور قبيلن ڪمزور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبيلن تي حملو ڪري، انهن جي مال ملڪيت تي قبضو ڪري ورتو ۽ انهن جي مردن کي غلام ۽ عورتن کي ٻانهيون بنائڻ شروع ڪيو. انهيءَ صورتحال جي سڌاري لاءِ نبي سڳورا اچڻ شروع ٿيا ۽ خدائي هيڪڙائي جي تصور تي طبقاتي معاشري کي غير طبقاتي معاشري ۾ بدلائڻ جي تاڪيد ڪئي وئي. اڳتي هلي هر مذهب جي مذهبي پيشوائيت مٿين ۽ رعايتون ڏنل طبقن جي ملي ڀڳت سان، پاڪ ڪتابن مان انهن جي مفاد جي تحفظ لاءِ سند مهيا ڪري ڏني. اهو عوام ۾ خيال پکيڙيو ويو تہ رزق جي ورڇ خدا تعاليٰ پاڻ ڪري ٿو. هن ئي امير ۽ غريب بڻايا آهن. قرآن ڪريم انهيءَ آيت پاڪ ۾ انهن ٽولن ۽ مذهبي اڳواڻن جي غلط پروپيگندا کي کليل گمراهي سڏيو آهي.

موجوده دؤر ۾ اسلام ۽ ٻين مذهبن جي مذهبي پيشوائيت جاگيرداري، صنعتي سرمائيداري ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج جي جوئا بازي مان نفعو ڪمائيندڙ وڏن واپارين جي واپار کي اقبال جي چواڻي:

ظاہر میں تجارت ہے حقیقت میں جواء ہے　　سود ایک کا لاکھوں کے لئے مرگ مفاجات ہے

قرآن حڪيم جي تفسير ۽ تشريح توڙي پنهنجي واعظن ۽ تقريرن ذريعي تحفظ بخشي ٿي. ساڳيو ئي حال سمورن مذهبن جو بہ آهي. اصل ۾ اهو سڀ ڪجهہ مذهبن جي مقدس بانين جي انقلابي تعليم ۽ ان ٽڪ جاڪوڙ جي بگاڙيل (Distorted) شڪل آهي. شهيد محترم علي شريعتي انهيءَ موضوع جي ڀرپور وضاحت ڪئي آهي.

ان جو مطلب هي آهي تہ پيداواري وسيلن تي ڪن ٿورڙن فردن جو ذاتي قبضو گمراهي آهي. هي جاگيردار، صنعتي سرمائيدار ۽ وڏا واپاري (اسمگلر، ڊرگ مافيا)، سيئي ”الضالين“ جي ٽولي سان تعلق رکن ٿا. انهن قرآن ڪريم ۽ ٻين پاڪ ڪتابن جي عوامي ڀلائيءَ واري معاشي تعليم کي پنهنجائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. انهن جي گمراهي هيءَ آهي تہ پاڻ کان مٿانهن ۽ رعايت ڏنل طبقي جي خوشحالي کي سموري قوم جي خوشحالي سڏن ٿا. اهڙي طرح سان اهي عوام کي ٺڳن ٿا.

ضلالت ۽ ضال جو سڀ کان چٽو مثال مسلم امت پاڻ ئي آهي. پنهنجي پهرين مرحلي ۾ خلافت واري اداري کي مديني مان ڪڍي دمشق ۾ آندو ويو ۽ انهيءَ کي بادشاهت ۾ بدلايو ويو. ڊاڪٽر خليفي عبدالحڪيم مديني جي رياست (خلافت) کي اشتراڪي جمهوريت سڏيو آهي. انهيءَ اشتراڪي

جمهوريت کي مورثي بادشاهت ۾ تبديل ڪرڻ سان حڪومت، قانون سازي ۽ بيت المال (خزاني) مان عوام ۽ ان جي مفادن کي ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو ويو.

بغداد ۾ هيءَ سلطنت چٽي پٽي بادشاهت ۾ بدلجي وئي، جنهن قيصر ۽ خسرو جي پيروي شروع ڪري ڏني. ان جو نتيجو اهو ٿيو جو مسلمانن جي سياست بادشاهت ٻڌجي وئي . جاگيرداري معيشت ٻڌجي وئي ۽ علم بالقلم ذريعي تحقيق جي استقرائي طريقي جي جاءِ تي يونان جي قياسي ۽ استخراجي طريقي واري تحقيق کي پنهنجايو ويو جنهن جو تجربي ۽ مشاهدي سان ڪوبه تعلق نه هو. انهيءَ سياست، معيشت ۽ فڪر جي طريقي سبب، مسلمانن جو سلطنتون هڪٻئي پنيان ڪِرڻ شروع ٿي ويون. انڌي تقليد پير ڄمائڻ شروع ڪيا ۽ اهو سمجهيو وڃڻ لڳو ته جيڪو ڪجهه سوچيو وڃڻ گهربو هو سو سوچيو ويو آهي، تنهن ڪري هاڻي اجتهاد جو دروازو بلڪل ئي بند ڪيو ويو آهي. مون پنهنجي ڪتاب ”اسلام مين حرڪت و ارتقا ڪا تصور“ ۾ قاري طيب مرحوم جي ڪتاب ”الاجتهاد والتقليد“ جا انهيءَ بابت اقتباس ڏنا آهن.

اندلس جي زوال کان پوءِ يورپ ڏانهن علم واري لاٽ جي هليو وڃڻ کان پوءِ اتي تحقيق جا ڏيئا ٻرڻ لڳا. حضرت جمال الدين افغانيؒ فرمايو هو ته حڪومت علم ڪندو آهي، تنهن ڪري يورپ جي علمي ترقيءَ سبب انڌي تقليد ۽ سخت ماضي پرستي ۾ بي هوش مسلم امت جي هر علائقي جي قوم اولهه جي غلاميءَ ۾ رهي . مسلمان امت جي لاءِ هيءُ دؤر خدائي غضب جو هو. جو جو انهيءَ دؤر ۾ مسلمانن مٿان ڌارين جي غلامي، ذلت ۽ خواري مسلط ٿي وئي هئي. انهيءَ غلاميءَ جي دؤر ۾ حضرت موسيٰؑ جي قوم وانگر، اولهه جي علمي ترقي ۽ نون فڪرن جي روشنيءَ ۾ مسلمان قومن جي نئين نسل اک کولي، ته انهن پنهنجي ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد واري لاڙي کان بغاوت ڪرڻ شروع ڪري ڏني. ننڍي کنڊ ۾ انهيءَ بغاوت جي شروعات سر سيد احمد کان ٿي ۽ ان جي پڄاڻي اقبال جي اولهه وارن جي تهذيب تي سخت تنقيد جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. ساڳيو ئي حال مصر ۽ ترڪي ۾ ٿيو. تيونس، مراڪش، الجزائر وغيره ۾ مسلم مجاهدن اولهه واري غلاميءَ جي طوق کي لاهڻ لاءِ سخت جاکوڙ شروع ڪري ڏني.

ٻئين عالمي جنگ کان پوءِ رت وهائيندڙ جاکوڙ سان مسلمان قومن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزادي حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. انهيءَ آزاديءَ کان پوءِ تعمير جو مرحلو سامهون آيو. جيئن تہ ان وقت جي عالمن اسلام جي آڳاٽي ادب ۽ ان جي نظرين سان ئي پاڻ کي واڳي رکيو هو ۽ اهو ادب توڙي نظريا نون مسئلن جو ڪو بہ حل پيش نٿي ڪري سگهيا، جنهن ڪري هر مسلمان قوم، ڪنهن چٽائيءَ سان مقرر ڪيل ۽ نواڻ رکندڙ اسلامي نظريي يا اسلام جي نئين تعبير کي نہ ڏسي سگهي. اها ڪڏهن اولهہ جي بگڙيل ۽ سرمائيداراڻي جمهوريت ۽ ان جي تهذيب کي پنهنجائڻ لڳي ۽ ڪڏهن بي دين اشتراڪيت جي اونداهيءَ ۾ هٿوراڙيون هڻندي رهي، جنهن جي سموري ذميواري عالمن تي آهي.

ديني مدرسن جي شديد قدامت پسند فضا ۾ پلجندڙ عقليت، مسئلن کي حل ڪرڻ کان خالي رهي. مزيدار ڳالهہ هيءَ تہ انهيءَ عقليت روشن فڪر مسلمان دانشورن جي فڪري ڪوشش کي بہ وڌڻ نہ ڏنو. اقبال، ڊاڪٽر فضل الرحمان، ڊاڪٽر يوسف گواريہ، ڊاڪٽر علي شريعتي، ڊاڪٽر خليفو عبدالحڪيم، ڊاڪٽر رفيع الدين جهڙن ذهين ماڻهن جي فڪرن کي بہ ديني مدرسن ۾ تہ پري جي ڳالهہ ٿي، پر يونيورسٽين ۾ بہ داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو. رجعت پسند ۽ رعايتون ڏنل طبقن جي مفادن جي حق ۾ سڀ کان طاقتور فڪري ڪوشش مولانا ابوالاعليٰ مودوديءَ ڪئي، جيڪا پيداواري وسيلن تي فردن جي ذاتي ملڪيت کي تسليم ڪري ٿي. نتيجو اهو نڪتو جو مسلمان قومون پنهنجي نئين سر تعمير جي لاءِ ڪو رستو نٿيون لهن. هڪ پاسي قدامت پسند اسلام جي تعبير آهي تہ ٻئي پاسي اولهہ جي سرمائي پرست بگڙيل تهذيب آهي. يا وري بي دين اشتراڪيت آهي. انهن ٻنهي جي وچ ۾ اقبال جو هيءُ قول پورو بيهي ٿو:

*مسکین دلکم ماندہ دریں کشمکش اندر*

انهيءَ ضلالت (گمراهي) مان نڪرڻ جو هڪڙو ئي رستو آهي، جيڪو اقبال جي چواڻي هي آهي تہ، اجتهاد جي بند ٿيل دروازي کي کوليو وڃي ۽ قرآن موجب پنهنجي دل جي اکين ۽ پنهنجي ڪنن کي بند ڪرڻ بدران، پوري طرح کولي، حالتن جو جائزو ورتو وڃي ۽ نون گهرجن جي منطق کي سمجهڻ جي سچائيءَ سان ڪوشش ڪئي وڃي. ان ڪانسواءِ روشن فڪر مسلمان دانشورن جي فڪرن مان ڀرپور فائدو ورتو وڃي ۽ اهو سمجهيو وڃي

تہ قرآن جو خدا ”الان كما كان“ نہ پر ”كل يوم هو في شان“ آهي. بقول امام ولي الله، ان جون نيون حالتون نوان فڪر، نوان تاريخي دؤر پيدا ڪري رهيون آهن. وجود جو هر مظهر بدلجندڙ ۽ چرپر ڪندڙ آهي ۽ نون گهرجن کي پيدا ڪري رهيو آهي.

اولهہ تہ اجا تائين خدا جي غضب (ڏمر) هيٺ آهي ۽ ان جي خبر رکندڙ مفڪر ۽ دانشور انهيءَ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. تمام ٿي جلد هيٺي آواز ۾ اهي چئي رهيا آهن تہ مسئلن جو حل انهيءَ اخلاقن کان ڪريل سرمائي پرست تهذيب وٽ نہ آهي. ان جو حل محمد (ﷺ)، عيسيٰ (عليه السلام) ۽ ڪرشن جهڙن جليل القدر نبين وٽ آهي يا گهٽ ۾ گهٽ ان لاءِ صلاح الدين شيرازي ، فارابي، ابن رشد ۽ ابن عربي جهڙن دانشورن جي ويجهو اچڻ گهرجي.

اولهہ پنهنجي بگڙيل تهذيب جي ڪري ڪانٽ ۽ هيگل جهڙا فلسفي ۽ شيڪسپيئر، ورڊز ورٿ، ٽيني سن ۽ وليم بليڪ جهڙا اخلاق پسند، صوفي ۽ شاعرپيهر پيدا ڪري نہ سگهيو. جيستائين اولهہ پيهر ٽالسٽاءِ جيتعليم تي ڪن نہ ڏيندو، تيستائين اهو جنسي لذت پسندي، قتل ۽ ڦر مار ۽ سرمائي پرستي جي ڏٻڻ مان نڪري نٿو سگهي، جنهن چيو آهي:

1. زندگي ئي سڀ ڪجهہ آهي (Life is every thing)

قرآن چيو آهي تہ ڪائنات جي هر شيءِ الله تعاليٰ جي تسبيح ڪري رهي آهي: ”يُسَبِّحُ لَهُ مَا فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ“

2. زندگي ئي خدا آهي (Life is God).

خدا هميشہ زنده ۽ هميشہ قائم آهي. اقبال چيو آهي، خدا زندگيءَ جو روحاني بنياد آهي.

3. هر شيءِ بدلبي آهي ۽ چرپر ڪندي آهي ۽ چرپر ئي خدا آهي. (Every thing chanes and moves and movement is God).

قرآن ڪريم ۾ آهي ”كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِي شَأْنٍ“ خدا هر گهڙي نئين شان سان ظاهر ٿيندو آهي، انهيءَ ان تفسير موجب چرپر ئي خدا آهي (يا خدا جو ظاهر ٿيڻ آهي).

4. And while there is joy in consciousness of the divine

ان جو مطلب هي آهي تہ جتي زندگيءَ جو احترام ڪيو ويندو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي خدا تعاليٰ جون رحمتون نازل ٿينديون آهن ۽ جتي زندگي کي قتل ۽ ڦر مار، ڌاڙ ۽ تشدد ۽ ظلم ۽ استحصال سان برباد ڪيو ويندو آهي، اتي خدا ناراض ٿيندو آهي ۽ ان جو عذاب يا غضب نازل ٿيندو آهي.

5. زندگي سان محبت ڪرڻ خدا سان محبت ڪرڻ آهي (To love life is to love the God).

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته خدا ۽ انسان سان محبت هڪ ٻئي سان لازم ملزوم آهن.

6. هر شيءِ کان تمام ئي ڏکي ۽ ٻاجهه ڀري ڳالهه، ڪنهن ماڻهو جو پنهنجي مصيبتن وقت، بنا ڪنهن ڏوهه جي مليل مصيبتن وقت به زندگيءَ سان محبت ڪرڻ آهي (Harder and more blessed than all else is to love this life in one's suffering, in innocent suffering).

قرآن پاڪ ۾ آهي: "وَالصَّابِرِينَ فِي الْبَأْسَاءِ وَالضَّرَّاءِ وَحِينَ الْبَأْسِ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ صَدَقُوا وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُتَّقُونَ" ﴿البقرة: ١٧٧﴾

ترجمو: "۽ سچائيءَ ۽ اوکائيءَ ۾ ۽ جنگ مهل صبر ڪرڻ وارا آهن، اِهي سچا آهن، ۽ اِهي ئي پرهيزگار آهن". (يعني هر حالت ۾ زندگيءَ سان محبت ڪن ٿا".

ليو ٽالسٽاءِ، War and Peace, Book XIV, Chapter XV, Page 330.

ٽالسٽاءِ جا هي لفظ دنيا جي سمورن مذهبن جي تعليم جو تت آهن.

## سورت الفاتحه جو تعليمي ۽ انقلابي روح

سورت الفاتحه هڪ دعائيه سورت آهي، پر هيءَ دعا ايترو ته جامع آهي جو هن ۾ زندگي ۽ فڪر جا سمورا پاسا اچي ويا آهن. انهيءَ ۾ سڀ کان اهم ڳالهه جيڪا چٽي وئي آهي سا هيءَ آهي ته:

1. هن ڪائنات ۽ انسان کي پيدا ڪندڙ ۽ وجود بخشيندڙ هڪ خالق آهي جيڪو سمورن هاڪاري قدرن يا گڻن جو سرچشمو آهي. اهو مادي جي تخليق ۽ ان جي حرڪي قانونن (Dynamic Laws) جو نتيجو نه آهي. ڇو جو مادي ۾ نه زندگي آهي، نه شعور ۽ نه ئي ڪو ارادو يا مقصد آهي. جڏهن ته ان جي حقيقي خلقيندڙ ۾ زندگيءَ جو شعور به آهي ته هو ارادو ۽ مقصد به

رکي ٿو. جنهن جو ثبوت هيءَ سموري ڪائنات ۽ پڻ انسان جو پنهنجو ئي وجود آهي. ڇو جو انهن قدرن ۽ گڻن ڪانسواءِ تخليق ممڪن ئي نہ آهي. اهو خالق زنده آهي، هميشہ زنده ۽ هميشہ قائم رهندڙ آهي. سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي. وجود جو هر مظهر سندس ئي وجود سان آهي، پر هو پاڻ انهن سمورن وجودن کان مٿانهون آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ، خالق پنهنجي ذات ۾ اڪيلو آهي، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ خالق نہ آهي. سندس تخليق ۽ ٻين ڪمن ۾ ٻئي ڪا هستي ڀائيوار نہ آهي.

2. اهو خالق ڪنهن خاص قوم يا ٽوليءَ جو خالق نہ آهي، پر هو سمورن انسانن جو خلقڻهار آهي. ان سان گڏوگڏ هو سموري ڪائنات جو خالق پڻ آهي. ڪائنات جي تخليق ۽ ان جي ارتقا جو مقصد هڪ اهڙي حيواني دماغ جي تڪميل هو. جيڪو خدا جو نائب ۽ ان جو خليفو (Vicegerent) ٿي سگهي، جنهن جو مطلب هي آهي تہ هو پاڻ ڪي سمجهندڙ (Self consciousness) هجي ۽ آزاد ارادي ۽ چونڊ جو اختيار رکندو هجي تہ جيئن هو ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ وارن واٽن مان پنهنجي مرضيءَ ۽ پنهنجي ارادي سان ڪنهن هڪ واٽ جي چونڊ ڪري سگهي. قرآن ڪريم انهيءَ آزاد ارادي ۽ آزاد چونڊ جي اختيار ڪي امانت سان تعبير ڪيو آهي. خدا تعاليٰ جو خليفو هئڻ جي ڪري سندس زندگيءَ جو مقصد خدائي خلافت ۽ نائبي جو مٿانهون درجو حاصل ڪرڻ آهي. يعني خدا تعاليٰ جي ربوبيت، ٻاجهہ، عدالت ۽ هدايت وارن گڻن جو نفسياتي ۽ معاشرتي سطح تي مظاهرو ڪرڻ آهي.

3. انهيءَ خالق انسان جي زندگي جي بقاء، فائدي ۽ تڪميل جي لاءِ ربوبيت جو سامان مهيا ڪري ڇڏيو آهي. ڇو جو سمورن انسانن جو مالڪ ۽ پالڻهار هئڻ سبب هو جسماني، ذهني ۽ روحاني پالنا جو ذميوار ۽ سمورن قومن جو مالڪ ۽ پالڻهار آهي، تنهن ڪري هو رب العالمين آهي. انهيءَ حقيقت جي بنياد تي شڪرگذاري ۽ ساراهہ جي سمورن لفظن ۽ جذبن جي لائق، سندس ڪان سواءِ ٻئي ڪا ذات نہ آهي.

4. ان جي ربوبيت واري گڻ ڪان سواءِ ٻاجهہ جي گڻ يعني فائدو پهچائڻ، سونهن ۽ سهڻائي، توازن ۽ موزونيت واري پڻ سندس ئي ذات آهي. انساني وجود جي هر مظهر ۾، تخليق سان گڏ ڪيس نيڪ طرح سان جوڙڻ، ان جي

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقدير ۽ هدايت پڻ سندس طرفان ٺاهي رکي وئي آهي.
5. هر مظهر ۽ انسان جي تڪميل لاءِ سندس عدالت وارو رول هر عمل ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. اهو عمل سونهن ۽ سهڻائي ۽ توازن ۽ موزونيت لاءِ هوندو. جيڪو عمل عوامي ڀلائي ۽ انسان دوستي تي آڌاريل هوندو سو صالح عمل آهي ۽ جيڪو عمل انهن جي خلاف هوندو سو ٺهي غير صالح عمل آهي. اهي ٻنهي قسمن جا عمل پنهنجا پنهنجا نتيجا رکن ٿا. اهي نتيجا فطري آهن. انهن نتيجن کي مرتب ڪرڻ ۾ ڪنهن جي به مرضي جي دخل نه آهي. اهي پنهنجي اندر جزا ۽ سزا جو لازمي نتيجو رکن ٿا.

جيڪڏهن عدالت واري صفت جون گهرجون ۽ نتيجا هن دنيا ۾ پورا نٿا ٿي سگهن، ته پوءِ اهي موت واري زندگيءَ ۾ پورا ٿيندا ۽ فرد جي لاءِ جزا ۽ سزا جو سبب بڻبا. يعني فرد ڪنهن به صورت ۾ پنهنجي عملن جي نتيجن کان بچي نٿو سگهي.

ربوبيت، ٻاجهه ۽ عدالت جون اهي صفتون، عالمگير نوعيت رکن ٿيون. اهي ڪنهن قوم يا مذهبي جماعت جو پاسو ڪڻندڙ نه، پر بلڪل ئي غير جانبدار آهن. ڪابه قوم يا فرد انهن صفتن جي اڳيان لاڏلو يا پسند ڪيل نه آهي. جهڙي طرح باهه ساڙيندي ۽ پاڻي ٿڌاڻ ڏيندو آهي ۽ انهن جو اهو عمل ڪنهن قوم، برادري يا ذات ۽ مذهب لاءِ تبديل نٿو ٿئي، اهڙي طرح انهن صفتن کي پنهنجائڻ جا نتيجا به ڪنهن قوم يا فرد لاءِ لا تعلق ۽ فطري آهن ۽ پنهنجي نتيجي ۾ اٽل آهن.

6. هن ڪائنات جي خالق جو اسم ذات ڪو هڪ نه آهي. هر قوم، هر تهذيب ۽ هر مذهب ڪيس پنهنجو هڪ نالو ڏنو آهي، جنهن جو ترجمو ٻئي ٻوليءَ ۾ نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته خالق جي ذات اڪيلي ۽ عالمگير آهي. اهو ڪنهن هڪ تهذيب يا مذهب جو معبود نه آهي جو رڳو انهيءَ ئي تهذيب يا مذهب جي ڏنل نالي سان ڪيس سڏيو وڃي. ان جي برخلاف هو سمورين قومن، تهذيبن ۽ مذهبن جو معبود آهي، تنهن ڪري هر قوم، هر تهذيب ۽ هر مذهب جيڪو به ڪيس اسم ذات ڏنو آهي، ته اهي سيئي سندس نالا ۽ قرآن ڪريم جي نظر ۾ اسماءِ حسنيٰ (پاڪ نالا) آهن.
7. تاريخ ٻڌائي ٿي ته انسان پنهنجي ربوبيت جو نظام ٺاهي ورتو ۽ انهيءَ نظام ۾ خدا تعاليٰ جي پيدا ڪيل ربوبيت جي وسيلن تي ڪجهه طاقتور ۽

چالاڪ ماڻهن قبضو ڪري، باقي سمورن انسانن کي محروم ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو. انهن غلامن کان محنت جو سمورو ڪم ورتو ويڃڻ لڳو. وڏين وڏين محلاتن، مقبرن (جهڙوڪ مصر جي اهرامن)، عبادتخانن ۽ چين جي ديوار جهڙي اڏاوت لاءِ تمام ٿي ڳرن پٿرن ڍوئڻ تي انهن کي لڳائي ڇڏيو ويو. مان هزارين غلام پٿرن هيٺان اچي چيپاٽجي مري ويندا هئا تہ انهن جي جاءِ تي ٻين غلامن کي آندو ويندو هو. انهن غلامن کي رياست جي واڌاري، غنيمت جو گهڻو مال هٿ ڪرڻ ۽ وڌيڪ غلام حاصل ڪرڻ لاءِ جنگن ۾ موڪلڻ شروع ڪيو ويو.

معاشرتي ترقيءَ سبب جڏهن معاشرو غلامي جي سماج کان نڪري زرعي معاشري ۾ داخل ٿيو ۽ زرعي معاشرو مشين جي ايجاد کان پوءِ صنعتي معاشري ۾ بدلجي ويو تہ اهي غلام، زرعي غلام بڻجي ويا ۽ اڳتي هلي پگهاردار غلام جي حيثيت ۾ بدلجي ويا. انهيءَ ڪري سموري انساني تاريخ مالڪ ۽ غلام، جاگيردار ۽ هاري (زرعي غلام)، ڪارخانيدار ۽ مزدور (پگهاردار غلام) جي هڪٻئي سان ٽڪر ڪائيندڙ مفادن جي ڇڪتاڻ جي تاريخ آهي. مفادن جي هيءَ جنگ ڪڏهن ظاهر ۽ سڌي طرح وڙهي ويندي هئي ۽ ڪڏهن وري قوميت ۽ وطنيت يا مذهب وغيره جي اوٽ ۾ وڙهي ويندي هئي.

8. هتان کان سورت سڳوري پاڪ دعا وارو رنگ اختيار ڪري وٺي ٿي (هاڻي مومن ٻانهو پنهنجي خالق سان واعدو ڪري ٿو تہ) اي خدا! اسان واعدو ڪريون ٿا تہ تنهنجي ربوبيت ۽ ٻاجهہ وارن وسيلن (جهڙوڪ زمين، ٻيلن، ڪارخانن، خام مال جا ذخيرن، قيمتي ڌاتن ۽ پٿرن ۽ ڪوئلي وغيره جي کاڻين ۽ تيل جي چشمن) تي ذاتي قبضو ڪري، نوي سيڪڙو انسانن کي انهن وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم ڪندڙ واڳ ڌڻين ۽ دولتمند طبقي ۽ ان جي جوڙيل معاشي نظام، سياست ۽ تهذيب کي رد ڪريون ٿا ۽ اهڙي نظام ۽ انهيءَ طبقي جي خلاف بغاوت ڪريون ٿا. اسان رڳو تنهنجي ئي ربوبيت واري نظام کي پنهنجايون ٿا، جنهن ۾ ربوبيت (يا پيداوار) جا وسيلا عوام جي فائدي لاءِ وقف هوندا آهن، جنهن ڪري فرد انهن مان فائدو ماڻي سگهندا آهن ۽ پنهنجي محنت جا پاڻ ئي مالڪ هوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان مفاد پرست ۽ استحصال پسند معاشي، سياسي ۽ تهذيبي نظامن ۽ هر قسم جي

بت پرستي، شيءِ پرستي، شخصيت پرستي، مادي پرستي ۽ نفساني خواهشن کان منهن موڙي، تنهنجي ۽ رڳو تنهنجي ئي ٻانهپ ۽ فرمانبرداري جو واعدو ڪريون ٿا.

9. اي خدا! اسان واعدو ڪريون ٿا تہ تنهنجي پيدا ڪيل ربوبيت وارن وسيلن تي ذاتي ملڪيت قائم ڪرڻ واري نظام ۽ طبقي خلاف، جنهن ۾ اسان رڳو پنهنجي محنت وڪڻي، پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ مجبور ڪيا ويا آهيون، اسان جي مزدوري (ڏهاڙي) جو تعين بہ اسان جا اهي رزق تي قبضو ڪري ويٺل ڪندا آهن ۽ رڳو ايترو ڏين ٿا جنهن سان اسان جيئرا رهي پنهنجن انهن ڪوڙن خدائن جي دولت جي ذخيرن ۾ پنهنجي محنت سان واڌارو ڪرڻ جي لائق ٿي سگهون ۽ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ جاکوڙيندي صبر ۽ صلواة (ثابت قدمي ۽ فرض جي ادائگي) جي وسيلي سان تنهنجي ۽ رڳو تنهنجي ئي مدد ۽ رهبري جا طلبگار آهيون.

اسان بابل جي بادشاهہ حمورابي کان وٺي اڄ تائين جي جوڙيل قانونن ۽ دستورن جي مجموعن کي رد ڪريون ٿا، ڇو جو اهي رڳو رعايتون ڏنل طبقن جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ٺاهيا آهن. اسان ان ڪري بہ انهن قانونن کي رد ڪريون ٿا جو اهي قانون ۽ آئين غلاميءَ جي ڪنهن بہ قديم توڙي جديد شڪل کي ختم نہ ڪري سگهيا آهن ۽ نہ ئي ربوبيت ۽ ٻاجهہ جي وسيلن ۽ انهن جي فائدن کي عام ماڻهوءَ تائين پهچڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهيا آهن.

تنهنجي ربوبيت جي مقابلي ۾، انسان جي پنهنجي جوڙيل ربوبيت واري نظام ۾ اها خرابي آهي تہ انهيءَ ۾ عام ماڻهو پنهنجي جسماني، گهريلو ۽ مادي ضرورتن کي پورو نٿو ڪري سگهي، جنهن ڪري ڪيس دلي سڪون حاصل نٿو ٿي سگهي. بي سڪونيءَ جي ڪري هو دلجمعي سان تنهنجي عبادت نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي جبلتن جي حيواني گهرجن کي پنهنجي وس ۾ رکڻ لاءِ، عبادت ۽ رياضت کان مدد وٺي سگهي ٿو. اهڙي طرح ان جي فطرت ۾، تنهنجي روح ڦوڪڻ سان جيڪا خدائي طاقت (Divine Energy) پيدا ٿي آهي، تنهن جي نور سان نفس تي ضابطي جي معاملي ۾ ترقي نٿو ڪري سگهي، جڏهن تہ انسان کي طين لازب (Mud) ۽ پنهنجي ڦوڪيل روح جي نور مان ٺاهيو آهي. تنهن ڪري هي ظاهر آهي تہ جيستائين طين لازم (جسم) جون گهرجون پوريون نٿيون ٿين، جيڪي زندگيءَ جي بقا جي لاءِ ضروري آهن،

تيستائين تنهنجي خدائي سگهہ جي گهرجن ڏانهن ڌيان نٿو ڏئي سگهي.

10. اي خدا، تون اسان کي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ، ڇو جو تنهنجي توحيد دينن جي هيڪڙائي، عوامي معيشت ۽ مزدورن تي آڌاريل شورائي جمهوريت واري نظام ۽ انساني هيڪڙائي، ٻڌي ۽ نفس جي تزڪيي ۽ تڪميل ڏانهن وٺي وڃي ٿي.

11. اي خدا اسان کي صراط مستقم تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ، جيڪا انهن نيڪ ۽ هدايت تي هلندڙ ٻانهن جي واٽ آهي، جن ۾ نبي آهن، جن نفس تي ضابطي، ذات جي تزڪيي ۽ تڪميل ۽ توحيدي معاشري جي تشڪيل جي نصب العين جي لاءِ تعليم ڏني ۽ عملي جاکوڙ جو رستو ڏيکاريو. جن ۾ صديق آهن، جن نبي جي ڏنل بنيادي مقصدن ۽ تعليم جي تصديق ڪئي ۽ انهيءَ مقصد ۽ تعليم جي علمي ۽ فلسفياڻي تشريح ڪئي ۽ انهيءَ لاءِ حڪمت عملي جوڙي; ان ۾ شهيد بہ آهن جن نبي جي پيش ڪيل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري ڇڏيو ۽ نيڪ صالح انسان بہ آهن جن پنهنجي ذات، خاندان، معاشرتي ڪاروبار ۽ رياست جي باري ۾ نبين سڳورن ۽ صديقن جي ترتيب ڏنل قانونن ۽ هدايتن تي عمل ڪيو. پڪ سان اهي نيڪ ۽ هدايت وارا ماڻهو. تاريخ جي هر دؤر، هر ملڪ، هر قوم ۽ ڌرتي تي موجود هر علائقي ۾ ٿيندا رهيا آهن ۽ اڄ بہ آهن. پڪ سان اهي ئي تنهنجا انعام ڪيل ٻانها آهن.

12. اي خدا! اسان کي انهن ماڻهن واري واٽ تي هلڻ جي توفيق نہ ڏي جن تنهنجي ربوبيت، رحمت، عدالت ۽ هدايت واري نظام کي رد ڪري، پنهنجي ذاتي ۽ قومي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو مفاد پرست استحصالي نظام جوڙيو ۽ ديني هيڪڙائي، انساني هيڪڙائي ۽ توحيدي معاشري بدران قوم، وطن، رنگ، نسل، ٻولي ۽ مذهب جي نالي تي ٽولا ٽولا ٿي، فرقيواريت ۽ شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويا. جن وياج خوري تي آڌاريل بئنڪن، اسٽاڪ ايڪسچينج جي ڪاروباري نظام ۽ محنت جي استحصال تي قائم ٿيل معيشت جوڙي ۽ پيداواري وسيلن تي ذاتي ملڪيت رکندڙ اسمگلرن ۽ ڊرگ مافيا تي آڌاريل نلهو نالي ۾ جمهوري نظام جوڙيو. جيڪي انهن غلط انسانيت دشمن طريقن سان حاصل ڪيل دولت کي، پنهنجي خسيس فطرت جي حيواني گهرجن ۽ نفساني خواهشن

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پورائي لاءِ خرچ ڪندا رهيا. جن اهڙي اخلاق ڪان ڪريل تهذيب کي پيدا ڪيو جنهن کي پنهنجائڻ سان نوجوان نسل ذهني، سماجي، اخلاقي ۽ روحاني لحاظ کان تباهه ۽ برباد ٿي ويا ۽ انهن سبب ڪري تنهنجي غضب نازل ٿيڻ ڪري مغضوب ٿي ويا.

اي خدا! تو پنهنجي ربوبيت ۽ ٻاجهه جي گهرجن کان عوام کي واقف ڪرڻ لاءِ توحيدي معاشري (غير طبقاتي معاشري) جي جوڙجڪ لاءِ پنهنجي چونڊيل ٻانهن وسيلي جيڪي هدايتون نازل ڪيون آهن، مذهبي پيشوائيت انهن کي رعايتون ڏنل طبقن جي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ، وحي جي عالمگيريت جو انڪار ڪري يا ان کي محدود ڪري، انهن هدايتن جي پيروڪارن کي هڪٻئي سان وڙهندڙ گروهه بندين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اسان تنهنجي پيغام، تنهنجي پاڪ وحي جي پڪيڙ ۽ عالمگيريت ۽ تنهنجي سمورن پيغمبرن، جيڪي سامي، آريائي ۽ زرد نسلن ۾ ايندا رهيا آهن، تي ايمان آڻيون ٿا ۽ انهن جي پاڪ ڪتابن ۾ موجود گڏيل اخلاقي ۽ روحاني قدرن ۽ ڪائنات توڙي انساني فطرت جي روحاني تصور جي بنياد تي، اهڙي انساني ۽ عالمگير روحاني اشتراڪي معاشري جي جوڙجڪ لاءِ جاکوڙيون ٿا. جنهن کي هر نبي ۽ مفڪر جدا جدا نالا ڏنا آهن، جهڙوڪ غير طبقاتي معاشرو، خدا جي بادشاهت، ڪامل آزادي، روحاني جمهوريت وغيره. قرآن ڪريم انهيءَ کي جنتي معاشرو سڏي ٿو جيڪو خوف و حزن يعني محنت جي ڏاڍائيءَ سان استحصال، جنگ ۽ فساد، انسانن جي محڪومي ۽ بيوسي، جنسي ڇڙواڳي، مال جي محبت ۽ خود غرضي جهڙن بگاڙيندڙ اخلاقن کان پاڪ هوندو ۽ اهو ئي معاشرو خدائي خلافت ۽ نائبي جي اوچي درجي تائين، انساني پهچ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو ۽ آخرت واري زندگي ۾ ڇوٽڪاري جي ضمانت ڏئي ٿو.

13. اي خدا! نه ئي اسان کي انهن ماڻهن جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ، جيڪي اڃا تائين سنئين واٽ جي ڳولا ۾ ڀٽڪي رهيا آهن ۽ ڪڏهن ان جي برخلاف ٻئي ڪنهن زندگيءَ جي نظريي ۽ طريقي ڪار کي پنهنجائي وٺندا آهن. ڪڏهن عوامي معيشت ۽ عوامي جمهوريت ۽ دينن جي هيڪڙائيءَ ڏانهن موٽي ايندا آهن ته وري ڪڏهن ذاتي مفادن لاءِ سرمائيداراڻي معيشت ۽ سرمائيداراڻي جمهوريت کي پنهنجائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڪڏهن وري ٻين مذهبن کي گهٽ نظر سان ڏسندي،

آخرت ۾ ڪاميابيءَ لاءِ رڳو پنهنجي مذهبي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ واري ڳالهه جو نعرو هڻي، دينن ۽ انسانن ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ جا ڏوهاري ٿيندا آهن ۽ اهڙي طرح سان ضالين جي ٽولي ۾ شامل ٿيندا آهن.

نوٽ: ضال هئڻ جو سب کان چٽو مثال مسلمان امت پاڻ ئي آهي. ڇو جو اها اسلام جي ڪنهن متعين ۽ متفق تعبير تي، جيڪا موجوده دؤر جي گهرجن جي حل تي آڌاريل هجي، عمل نٿي ڪري. انهيءَ ڪري امت جي هر قوم پنهنجي پنهنجي واٽ وٺي هلي رهي آهي. نوجوان نسل ڪڏهن اولهه جي تهذيب جي مذهب دشمن سيڪيولرازم، جنسي ڇڙواڳي، شراب نوشي، جوئا بازي، تشدد پسندي ۽ سرمائي پرستي جي لاڙن ته ڪڏهن دهريت ۽ ماديت پسند سوشلزم کي پنهنجائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي.

سنڌيڪا: سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار
Free Download Books @ www.sindhica.org, email: sindhicaacademy@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**